# قديم سنڌ

از

پيرومل مهرچند آڏواڻي



سنڌي ادبي بورڊ

# قديم سنڌ

ڀيرومل مهرچند آڏواڻي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو سنڌ
2004ع

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | سال 1957ع | تعداد 2000 |
| ڇاپو ٻيو | سال 1980ع | تعداد 2000 |
| ڇاپو ٽيون | سال 1992ع | تعداد 2000 |
| ڇاپو چوٿون | آگسٽ 2004ع | تعداد 1000 |

[هن ڪتاب جا جملي حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

قيمت: هڪ سؤ پنجيتاليهه روپيا
[Price: Rs. 145-00]

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر،
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد
(فون نمبر 633679)
Email Address: sindhiab@yahoo.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ جناب انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، اُن کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# فهرست


| مضمون | صفحو |
|---|---|
| ناشر طرفان ﭕ اکر ــ محبوب سروري | (ک) |
| ديباچو ــ پيرومل مهرچند | (م) |
| قديم هندستان جي تاريخ ڪيئن جڙي | ١ |
| پولين جون کوجنائون | ١ |
| تاريخ جون کوجنائون | ٢ |
| ڏند ڪٿائن جون کوجنائون | ٣ |
| آرين جو اصلوڪو ماڳ | ٨ |
| مصر ملڪ ۽ الهندي ايشيا ۾ آرين جون بيٺڪون | ١١ |
| ويدڪ زماني جي شروعات | ١٧ |
| تاريخ جو جڙڻ | ٢٥ |
| سنڌ جي تاريخ لاءِ ذخيرو | ٢٩ |
| "هند" ۽ "سنڌ" نالن بابت غلط فهميون | ٣٢ |
| "سنڌو" نالو ۽ ان جي معني | ٣٦ |
| "هندو" ۽ "هندستان" جي معني | ٣٦ |
| سڀيتا جا اوائلي ماڳ | ٣٨ |
| باب پهريون: تاريخ کان اڳ جو زمانو | ٤١ |
| سنڌ جو جنم | ٤١ |
| قديم سنڌ جا اصل رهاڪو | ٤٣ |
| ڪول ۽ سنٿال ڪٿان آيا؟ | ٤٣ |
| قديم سڀيتا جي شروعات | ٤٤ |
| قديم سڀيتا جو مرڪز | ٤٦ |
| ڪولن جو وڏيڪ ذڪر | ٤٨ |
| باب ٻيو: دراوڙن وارو زمانو | ٥٤ |
| سنڌ ۾ دراوڙ | ٥٤ |
| دراوڙ ڪٿان آيا؟ | ٥٦ |

لَنِي ۽ روهڙي طرف جي سپيتا ٥٧
سپيتا جا ساک ٦٠
دڙن ۾ دبيل سپيتا ٦١
باب ٽيون: مهن جو دڙو ۽ ان جي کوٽائي ٦٣
سر زمين جو ذکر ٦٣
تباهيءَ جا سبب ٦٥
استاني ڏند ڪٿا ٦٥
دڙي جي کوٽائي ٦٦
چئن زمانن جون عمارتون ۽ لڌل شيون ٦٨
باب چوٿون: مهن جي دڙي واري عاليشان سپيتا ٧٢
سنڌو ماٿر جي قديم سپيتا شهر مٿان شهر ٧٢
شهر جو ڊؤل ٧٢
عمارتون ٧٢
گهر ٧٣
پنچائتي هال ٧٤
مندر ٧٤
دڪان ٧٤
وڏو تلاءُ ٧٤
کوه ٧٥
کسيون يا موريون ٧٥
حفظ صحت ٧٥
شڪل ۽ شبيهه ، پوشاڪ ۽ زيور ٧٦
پوشاڪ ٧٧
زيور ٧٧
قيمتي پٿر ٧٧
کيتي ۽ ٻيا هنر ٧٨
ڪاڏو ٧٨

| | |
|---|---|
| ڪتڻ ۽ اُڻڻ جو هنر | ٧٨ |
| ڏاتو | ٧٩ |
| هتيار | ٧٩ |
| وٿ ۽ ماپا | ٧٩ |
| ڪنيارڪو هنر ۽ ڪاشيءَ جو ڪم | ٧٩ |
| سنگتراشي ۽ اُڪر جو ڪم | ٨٠ |
| مهرون | ٨٠ |
| لکڻ جو هُنر | ٨١ |
| رانديون ۽ رانديڪا | ٨١ |
| طبابت ۽ دوائون | ٨٢ |
| گهرو جيوت | ٨٢ |
| قديم سنڌين جو ڌرم | ٨٢ |
| ديوي پوڄا | ٨٢ |
| شوجي پوڄا | ٨٣ |
| وڻن جي پوڄا | ٨٣ |
| جانورن جي پوڄا | ٨٣ |
| پاڻيءَ جي پوڄا | ٨٣ |
| ساڳيءَ تهذيب وارا هنڌ | ٨۴ |
| تهذيب جي قدامت | ٨۴ |
| قديم سنڌين جي لهه وچڙهه | ٨۵ |
| سپيتا جا بانيڪار | ٨٨ |
| کوجنائن جو حاصل مطلب | ٨٩ |
| مهن جي دڙي جي اهميت | ٩٠ |
| مصنف جو شخصي رايو | ٩١ |
| باب پنجون: آرين جو آڳاٽو احوال | ٩٢ |
| آريہ لوڪ ڪٿان آيا؟ | ٩٢ |
| آرڪٽڪ ريجن يا اتر قطب جو ذڪر | ٩٣ |

| | |
|---|---|
| ڏرمي پستڪن مان حوالا | ٩٥ |
| ٻوليءَ جي ثابتي | ٩٨ |
| ميرو پربت جو ذڪر | ١٠١ |
| اُتر قطب طرف هندن جي حڪومت | ١٠٧ |
| آرين جي ڌار ٿيڻ جو سبب | ١١٠ |
| آرين جو تڙي پکڙي وڃڻ | ١١٣ |
| هندن ۽ پارسين جو ويڇو ناتو | ١١٦ |
| بزرگن جا نالا | ١١٨ |
| ديوتائن جا نالا | ١٢٠ |
| پارسين جي مذهب جو بنياد | ١٢١ |
| هندن ۽ پارسين جي وچ ۾ ونجوڳ | ١٢٣ |
| اندر ديوتا جي پوڄا تان تڪرار | ١٢٦ |
| پارسي موٽي هندستان ۾ ڪيئن آيا؟ | ١٢٩ |
| آرين جون سنڌو ماتر جي اصلوڪن رهاڪن سان چڪريون | ١٣٠ |
| آرين جي سڀيتا جو ڦهلاءُ | ١٣٢ |
| هندن جي ڳاڍڙ سڀيتا | ١٣٢ |
| دراوڙن بابت غلط فهميون | ١٣٣ |
| باب ڇهون: رگ ويد وارو زمانو | ١٣٨ |
| سنڌو نديءَ جو ذڪر سنڌ ۽ سنڌوءَ جون ساکون | ١٣٨ |
| زنداوستا ۾ سنڌوءَ جو ذڪر | ١٤١ |
| باب ستون: آرين جا خاندان ۽ بيٺڪون | ١٤٣ |
| رگ ويد وارو هندستان | ١٤٣ |
| سنڌ ۾ سورج ونسي | ١٤٥ |
| چندرونسي آرين جا ڪل يا خاندان | ١٤٨ |
| سنڌ ۾ جادوُ ونسي | ١٤٩ |
| ٻين آرين جون بيٺڪون | ١٥١ |
| آرين جي ٻوليءَ ۾ ڦير | ١٥١ |

| | |
|---|---|
| ڌرم ڪرم ۽ ڦير | ١٥٢ |
| لنگ جي پوڄا | ١٥٣ |
| باب اٺون: آرين جي سڀيتا جو اوائلي احوال | ١٥٥ |
| سڀيتا جا ٽي زمانا | ١٥٥ |
| ذات ۽ شڪار | ١٥٥ |
| هٿيار ۽ پنوهار | ١٥٧ |
| ڌڻ ڌارڻ جو رواج | ١٦١ |
| قديم سنڌين جي دولت (چوپايو مال) | ١٦٥ |
| ڳوٺ ۽ چراگاهه | ١٦٧ |
| مال جي چوري | ١٦٩ |
| هڪ هنڌ يا گڏيل ڪٽنب جي رواج جو بنياد | ١٦٩ |
| ڪوٽر ۽ نڪون | ١٧١ |
| سگوتر ۽ سپنڊ | ١٧٢ |
| کيتي | ١٧٣ |
| باب نائون: راڄنيتي جوڙجڪ ۽ بادشاهتون | ١٨٣ |
| ڳوناٽيون پنچاتيون | ١٨٣ |
| راڄوٽي فيصلا | ١٨٥ |
| پرڳڻن جون پنچاتون | ١٨٧ |
| مڪاني سرڪاريون | ١٨٨ |
| راڄنيتي جوڙجڪ | ١٨٨ |
| راڄائيءَ جو بنياد | ١٩٠ |
| راڄا جا فرض ۽ سندس خودمختياريءَ ۾ اٽڪون | ١٩٢ |
| براهمڻن جو زور | ١٩٣ |
| راڄائن جي چونڊ | ١٩٦ |
| راڄا جي تاجپوشي | ١٩٨ |
| سڀا ۽ سمتي | ١٩٩ |
| شهر ۽ عالم پناهون | ٢٠٢ |

راجائن جا محلات ۲۰۵
سلطنت شاهي ۲۰٦
دش راجن ۲۰۷
سنڌ ۾ پنچالن جي حڪومت ۲۱۳
باب ڏهون: آرين جي گهرو جيوت ۽ عقيدا ۲۱۸
گهر جو بنياد ۲۱۸
رواجي ماڻهن جا گهر ۲۱۹
گهرو انتظام ۲۲۲
مائٽ ۽ اولاد ۲۲۳
نياڻين جو اونو ۽ اُڪلاءُ ۲۲۷
مائٽي ۽ وهان ۲۲۹
وهانءَ جي رسم ۲۳۲
ساهري گهر پرورش ۲۳۷
پرڻان آهوتي يا وڏو هوم ۲۳۸
ٽي راتيون برهمچريه ۲۴۰
زالن جو مرتبو ۲۴۲
گهرو جيوت ۲۴۳
گهر جو سامان ۽ ٿانءُ ٿپا ۲۴۷
ڌرتيءَ ۾ دفن ڪرڻ جو رواج ۲۴۸
ڪاڏو پيتو ۲۴۹
باهه ٻارڻ جو هنر ۲۵۲
نشيدار شيون ۲۵۵
پوشاڪ ۲۵۸
زيور ۲٦۵
وارن جي ٺاهه ٺوهه ۲٦٦
راڳ ۽ وڄائڻ جا ساز ۲٦۷
ناچ ۲۷۰

| | |
|---|---|
| پينگهه | ٢٧١ |
| ميلا ۽ جلسا | ٢٧١ |
| گهوڙي سواري ۽ گهوڙن جون شرطون | ٢٧٢ |
| ڏاري راند | ٢٧٣ |
| جواريءَ جو ارمان | ٢٧٥ |
| جيئري تي جيئري پرڻجڻ جو رواج | ٢٧٧ |
| اولاد جو ماءُ جي نالي پٺيان سڏجڻ | ٢٧٨ |
| مردن جو وري پرڻجڻ | ٢٨٠ |
| وڏوا وواهه | ٢٨١ |
| نيوڳ | ٢٨٢ |
| ستي | ٢٨٥ |
| مردن جو نيڪال | ٢٨٦ |
| جم ۽ جم پُري | ٢٨٨ |
| جوٽيون ۽ ڪرم | ٢٩٠ |
| باب يارهون: مکيه ڌنڌا هنر ۽ ڪاريگريون | ٢٩١ |
| مکيه ڌنڌا | ٢٩١ |
| طبابت ۽ جراحت | ٢٩٣ |
| جهاڙون جهون ۽ ٽوٽا ٽيٽا | ٢٩٨ |
| جنگي سپاهه | ٢٩٩ |
| جنگين لاءِ سبب ۽ سپاهين جا ساج | ٣٠٠ |
| باب ٻارهون: وڻج واپار ۽ ڏيساورن ۾ بيڙون | ٣٠٢ |
| قديم سنڌ جا واپاري | ٣٠٢ |
| بحري يا سامونڊي واپار | ٣٠٥ |
| چئن سمنڊن جو ذڪر | ٣٠٨ |
| بنگال ۽ چين سان واپار | ٣٠٩ |
| ڏکڻ هندستان ۽ سلون سان لهه وچڙهه | ٣١٠ |
| ملبار سان واپار ۽ ان جو ٻوليءَ تي اثر | ٣١٣ |

| | |
|---|---|
| ايراني نان اُلهندي ايشيا ۽ مصر سان واپار | ٣١٥ |
| ميسوپوٽيميا طرف ٻيڙيون | ٣١٧ |
| سنڌ جي مغربي ملڪن ۾ مشهوري | ٣٢٠ |
| سنڌ جو نالو ايرانين ۽ يهودين وٽان يونانين به ٻڌو | ٣٢٢ |
| قرض ۽ وياج | ٣٢٧ |
| سڪا | ٣٢٨ |
| باب تيرهون: ٻولي، آئيو ٽنا ۽ ساهت | ٣٢٩ |
| تهذيب جو وسيلو ٻولي | ٣٢٩ |
| سنسڪرت ۽ ان جا قسم يا درجا | ٣٣٠ |
| "سنسڪرت" لفظ جي معنيٰ | ٣٣٢ |
| "سنسڪرت" ۽ "ديوناگري" نالن تي ويچار | ٣٣٣ |
| سڀ رشي امر آهن | ٣٣٤ |
| لکڻ جو هنر | ٣٣٥ |
| لکڻ جا آڳاٽا دستور يا نمونا | ٣٣٧ |
| ديوناگريءَ جو ڦهلا | ٣٤١ |
| هاڻيڪون ڏيهي آئيوٽائون | ٣٤٥ |
| ويدڪ ساهت | ٣٤٦ |
| ويدڪ ساهت جا ٻه ڀاڱا | ٣٤٦ |
| ويدن جي منترن جي ورچ | ٣٤٨ |
| ويدن جا ڀاڱا سنهتا ۽ براهمڻ | ٣٤٩ |
| ويدن جو مضمون | ٣٥٢ |
| رگ ويد | ٣٥٢ |
| يجر ويد | ٣٥٢ |
| سام ويد | ٣٥٣ |
| اٿرو ويد | ٣٥٤ |
| منترن اُچارڻ جي مراد | ٣٥٤ |
| ويدن جا براهمڻ | ٣٥٥ |
| آرڻيڪ ۽ اُپنشد | ٣٥٦ |

| | |
|---|---|
| مکيہ براهمڻ گرنٿ ۽ مکيہ اُپنشد | ٣٥٦ |
| اُپو يد | ٣٥٨ |
| پنجون ويد ـ اتهاس ۽ پراڻ | ٣٦٠ |
| اتهاس | ٣٦٠ |
| باب چوڏهون: علم ۽ تعليم جو انتظام | ٣٦٢ |
| چار پرشارٿ | ٣٦٢ |
| تعليم جو سرشتو | ٣٦٣ |
| زناني تعليم | ٣٦٥ |
| گروڪل ۽ آشرم | ٣٦٦ |
| مني ۽ وراتيہ | ٣٦٨ |
| ڪگول وديا ۽ جوتش جو اڀياس ـ وقت جي ماپ | ٣٦٩ |
| باب پندرهون: نيتي يا اخلاق | ٣٧١ |
| دان پنج | ٣٧١ |
| مهمان نوازي | ٣٧٢ |
| اخلاق جو انگ | ٣٧٣ |
| ڏوهہ ۽ سزائون | ٣٧٤ |
| اڪثر جهڙو ڏوهہ تهڙي سزا | ٣٧٦ |
| ت جي مهما | ٣٧٨ |
| باب سورهون: سناتن ڌرم | ٣٧٩ |
| "ڌرم" لفظ جي معنيٰ | ٣٧٩ |
| ڌرم جو خيال ڪيئن پيدا ٿيو؟ | ٣٧٩ |
| هندو ڌرم ۽ ان جا اوائلي ماڳ | ٣٨٠ |
| هندن جا ديوتائون | ٣٨١ |
| آڪاش ۽ پرٿوي ابو امان | ٣٨١ |
| آدتيہ ۽ دئت | ٣٨٣ |
| ورڻ ديوتا | ٣٨٤ |
| اندر ديوتا ۽ ورتر دئت | ٣٨٥ |

| | |
|---|---|
| اندر وڏو يا ورڻ | ٣٨٧ |
| وايو مروت ۽ ردر | ٣٨٨ |
| اگني ديوتا | ٣٨٩ |
| سورج ديوتا | ٣٩١ |
| اُشا ديوي | ٣٩٣ |
| ٻيا مکيہ ديوتائون | ٣٩٥ |
| ديوتائن جو تعداد | ٣٩٦ |
| ڪثرت ۾ وحدت | ٣٩٧ |
| ويدڪ ڌرم ڪهڙي دفعي ۾ ليکجي | ٣٩٧ |
| ٺاڪرن جي مورتي | ٣٩٨ |
| يگيہ ، پوڄا ۽ ڏکڻا | ٣٩٩ |
| پرش ميڌ يا نَر ٻلي | ٤٠٣ |
| ٻَليون چاڙهڻ | ٤٠٦ |
| هندو سڀيتا جا بانيڪار | ٤٠٧ |
| ماڻهن ڪي ڌرم ۽ نيتيء جون واٽون بہ سيکاريائون | ٤٠٨ |
| آڳاٽي ۽ هاڻوڪي سڀيتا جي ڀيٽ | ٤١٠ |

# ڇپائيندڙ پاران

اڻ ڪُٽ محنت، بيمثال تخليقي جوهر ۽ مطالعي توڙي مُشاهدي جي اٿاڻ سبب سنڌ جي ادبي ۽ علمي کيتر ۾ شاندار پيشقدميون ختم ته نه پر رُڪجي ضرور ويون آهن. تاريخ، فن، موسيقي ۽ ٻين رُخن ۾ جيڪا اڄ کان اڌ صدي اڳ عرق ريزي ڏسڻ ۾ آئي، سا اڄ تمام گهٽي گهٽجي چُڪي آهي. هاڻي ورلي ئي ڪا اهڙي تحقيقي (پر تفصيلي) تحرير پڙهڻ لاءِ ملي ٿي، جيڪا پڙهندڙ جي ڄاڻ توڙي فهم ۾ قدر جوڳو اضافو ڪري سگهي. سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سيني چاهيندڙن لاءِ اها صورتحال نهايت ڏکوئيندڙ ۽ پريشان ڪندڙ آهي ۽ انهيءَ حالت منجهان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي.

ظاهر آهي ته نئين راهه ۽ سنئين رُخ تي هلڻ لاءِ پاڻ کي ڪجهه اهڙن ليکڪن، ڪتابن ۽ راهبرن جي ضرر... آهي، جيڪي سنڌ واسين جو زندگيءَ مان وڃايل ويساهه بحال ڪرڻ جو هُنر ڄاڻندا هُجن. ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏوڻيءَ جو هيءُ ڪتاب "قديم سنڌ" هڪ اهڙي ئي ڪاوش آهي، جيڪا سنڌ واسين کي يقين ڏياري سگهي ٿي ته سنڌن تاريخ ۽ تهذيب دنيا جي گولي تي خاص قسم جي اهميت رکي ٿي. مان سمجهان ٿو ته انهيءَ يقين جي آڌار تي سخت پورهيو ڪندي سنڌ ۾ فڪري ۽ علمي جاڳرتا جو علم بلند ڪرڻ ممڪن ئي نه پر آسان به ٿي سگهي ٿو.

هن ڪتاب ۾ قديم سنڌ جا رڳو سماجياتي مُهاندا يا جاگرافيائي ۽ تهذيبي حالتون ئي نه چٽيل آهن، پر سنڌوماتر جي اصلوڪن رهاڪن، هجرتن، روايتن، ريتن، رسمن، هُنرن، ڪاڻن، فنن، عقيدن، سماجي سرشتن، سياسي معاملن، ڏڻن ۽ وهنوارن سميت ذري ذري جو تفصيل

ڏيئي، ماضيءَ جي جيئري جاڳندڙ سنڌ کي جڻ تہ اکين آڏو بيهاريو ويو آهي. انهيءَ سنڌ تي نگاهہ وجهندي هر سنڌيءَ جو ڪنڌ فخر سان بلند ٿي سگهي ٿو ۽ منجهس اڳتي وڌڻ جو ساهس پيدا ٿيڻ لڳي ٿو.

ليکڪ جي محنت ۽ ڪتاب جي اهميت کي نظر ۾ رکندي سنڌي ادبي بورڊ اڄ کان 47 سال اڳ 1957ع ۾ ڪتاب جو پهريون ڇاپو آٽي سنڌ جي، سنڌ سان سُڃاڻپ ڪرائي. هن ڪتاب علمي ۽ ادبي حلقن ۾ وڏو چوٻول پيدا ڪندي فخرمند مڃتا ماڻي ۽ ڪاڪي ڀيرومل کي سنڌي ساهتڪارن جي پهرين صف ۾ اچي بيهاريو. ٿورڙي عرصي کان پوءِ "قديم سنڌ" محققن ۽ عالمن ۾ ماخذ جو درجو حاصل ڪيو ۽ سنڌ بابت ڪنهن بہ تحقيقي ڪم ۾ بنيادي پٿر جي حيثيت ماڻي ورتي.

"قديم سنڌ" جو آخري ڇاپو 1992ع ۾ پڌرو ٿيو ۽ فورن هٿو هٿ وڪامي ويو. گذريل ڪيتري وقت کان "ڪتاب گهر" جي مئنيجر جي سفارش هئي تہ ڪتاب جو نئون ڇاپو جلد از جلد پڌرو ڪيو وڃي. بحيثيت سيڪريٽري جيئن ئي منهنجي سامهون "قديم سنڌ" کي چوٿون دفعو ڇاپڻ جي گذارش پهتي تہ مون انتهائي ڪٺن مالي حالتن ۾ بہ ترجيحي طور تي انهيءَ حوالي سان اُپاءُ ورتا ۽ اڳڀرائي ڪئي. اڄ خدا جو شڪر آهي تہ هي پلو ڪم منهنجي هٿان ٿي رهيو آهي. اُميد آهي تہ لائق پڙهندڙ پڻ ساڳي پاٻوهہ سان هن ڇاپي جي آجيان ڪندا.

انعام الله شيخ

سيڪريٽري

سنڌي ادبي بورڊ

10- آگسٽ 2004ع

بمطابق

23 جمادي الثاني 1425 هجري

# ديباچو

سنڌ جو ٻرڳٿو جهڙو آهي ڀاڻ قديم، تهڙو ئي آهي سندس نالو قديم. رگ ويد جهڙي جهوني پستڪ ۾ به اهو ئي نالو ڄاڻايل اٿس، جنهنڪري چئبو ته سڄيءَ دنيا جي ساهت ۾ انهيءَ کان آڳاٽو نالو ٻيو آهي ئي ڪونه. اها اسان جي سنڌ آهي، جنهن ۾ سڀيتا جو سج به اُڀريو هو. جنهن سمي ۾ دنيا جون ڪيتريون قومون اڃا سياري جي سوڙ تاڻي سمهيون پيون هيون، ۽ پوءِ سجاڳ ٿيون، ته به ڪيترو وقت سنڌ جي سنگين ململ سان پنهنجو بت ڍڪينديون هيون. اهو رواج الهندي ايشيا، مصر ملڪ، يونوچ سمنڊ وارن ڪنارن، بلڪ يورپ ۾ ڪيترن هنڌ هو. انهن سڀني هنڌ هندو سڀيتا جو ڦهلاءُ به ڪيتري قدر اسان جي سنڌو ماتر جي رهاڪن ڪيو، جي ڳالهيون ثابتين ۽ سَنَدَن ساڻ هن ڪتاب ۾ ڄاڻايون ويئيون آهن. اهي پراڻهان پاسا ته ڇڏيو، پرخود سڄي ڀارت کنڊ ۾ پکريائين پهريائين سنڌو ماتر هني، جنهن رگ ويد واري قديم زماني ۾ ئي پنهنجيءَ اعلي درجي جي سڀيتا ۽ شاهوڪاريءَ جي ڪري اهڙو ته نالو ڪڍيو، جو پوءِ سڄو هندو جاتي ۽ سڄي هندستان سندس نالي پٺيان سڏجڻ ۾ آيا. اهو نُبو سڄي هندستان تي اهڙو ته هٽي ڇڏيو اٿس، جو ڪڏهن به ڪنهن جي ميٽڻ جو ڪونهي.

کنيِ نه ڪاري تنهن ڪيِ، جو هالاري هوءِ،
توڙي ڌوپي ڌوءِ، ته به لعلي اُن جي نه لهي.
- شاهه

ويدن ۾ آڳاٽو رگ ويد آهي، جنهن جي منڊل ڌهين جي سُوڪت پنجهتر ۾ انهيءَ قديم زماني جي هڪ رشيءَ ان وقت ئي سنڌ جي سڀيتا ۽ شاهوڪاريءَ جي واکاڻ جا ڍڪ ڀريا آهن! ويدن کان پوءِ هندن جا اتهاس

۽ پراڻ آهن. ۽ انهن کان پوءِ ٻڌڌرم ۽ جين ڌرم وارن جا ڌرمي پستڪ آهن. انهن سڀني ڌرمي پستڪن ۾ ساندھ ڏسبو تہ سنڌ جي هڪڙي نہ ٻي ساک لکي پيئي آهي. گوتم ٻڌ کان گهڻو پوءِ، ۽ سڪندر اعظم کان تورو ئي وقت اڳ جا احوال ڏسو تہ انهن منجهان بہ ائين ئي معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جي پرڳڻي ڏيسان ڏيس پنهنجو ڏاڪو اهڙو تہ وجهي ڇڏيو هو، جو ايران، اسيريا، بابل (بئبلونيا) بلڪ يورپ جي ڪن قومن کي انهيءَ وقت بہ سڌ هئي، تہ سنڌ نهايت پريو پاڳيو پرڳڻو آهي، ۽ انهيءَ ڪري ايرانين ۽ يونانين جو وات پاڻي پئي ٿيو، تہ ڪيئن بہ ڪري اهو ڌن ڀڪليو (ڌن سان ڀريل) پرڳڻو پنهنجي قبضي ۾ ڪجي. اهو ئي هڪ مکيہ سبب هو، جنهنڪري وقت بوقت ڌاريون قومون سنڌ تي ائين پئي پييون، جيئن مُلان مِڙن پَٽ تي!

اڳيون ڳالهيون ڇڏي، ويجهڙائيءَ جي ڳالھ ويچاريو: سنہ 1922 ع ۾ آرڪيالاجيڪل کاتي وارن جي ڪوڙر جو هڪڙو ئي لپو مهن جي دڙي ۾ لڳو، تہ اهڙيون تہ حيرت جهڙيون حقيقتون زمين جي پيٽ مان نڪري پڌريون ٿيون، جن دنيا جي وڏن وڏن عالمن جون اکيون کوليون آهن، ۽ هاڻ ڪيترا ماڻهو ڪتان ڪهي، مهن جي دڙي جيءَ درشن لاءِ اچن ٿا.

اهي سڀ ڳالهيون اسان سنڌي ماڻهن لاءِ فخر جو باعث آهن. پنهن جي ديس لاءِ فخر وطني حب جو هڪ مکيہ لڇڻ آهي. اهو لڇڻ اسان ۾ وڌي، اسان کي سچو وطن دوست تڏهن بنائيندو جڏهن اسين پنهنجي پرڳڻي جي آڳاٽي اوج جو دل ۾ دور ڪري، ۽ وڌيڪ ترقيءَ لاءِ حال جو خيال ڪري، پنهنجو ارواح مستقبل سان ملائي ڇڏينداسين. پوءِ آڳاٽي اوج جو فخر ۽ آئيندي جا آسرا اسان ۾ نئين جيوت ڦوڪيندا، ۽ عجيب اُتساھ پيدا ڪندا. هنوقت اسانجيءَ سڀوريءَ سنڌ ۾ حالت هيءَ آهي تہ تاريخ توڙي ٻين ڳالهين جي کوجنائن جو چاھ اسانجن ماڻهن ۾ گهڻو گهٽ آهي، جنهنڪري اهو لڇڻ اسان ۾ اجا اهڙو زور نہ آهي.

ڪڙيا ورهيہ ٿيا، تہ مان پنهنجي هر تاريخ جو ايترقدر اپياسي نہ هوس

جيتريقدر ٻوليءَ جو، پر تاريخي ڳالهين جي کوجنائن جو خيال بہ ٻوليءَ جي اڀياس ڪندي آيم. سنہ 1937 ع ۾ دل ۾ آيم تہ "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" جوڙيان، جنهن ۾ قديم سنڌ ۽ ان جو جيڪو اثر سنڌي ٻوليءَ تي ٿيو آهي، سو بہ ڄاڻايان. مون کي اهڙي هڪڙي تاريخ بہ ڏسڻ ۾ ڪانہ آئي، جا مونکي انهيءَ ڪم لاءِ ڪارائتي ٿئي! هيءَ ڏک جهڙي حالت ڏسي، ٿي ورهيہ ساندهہ محنت ڪري، ڏيڍ سؤ کن ڪتابن مان قديم سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جا احوال ويهي ڪڍيم. ڪنهن ڪتاب مان فقط هڪ ٻہ فقرو تہ ڪنهن مان رڳو ٻہ ٽي سٽون مليم؛ پر اهي ذرا پرزا بہ ويهي ڳنڍيم، تہ چڱي خاصي تاريخ تيار ٿي پيئي. انئين خاص پنهنجي لاءِ قديم سنڌ جي تاريخ جوڙي، پنهنجو ڪم شروع ڪيم. فيبروري 1941 ع ۾ "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ڇپائي پڌري ڪيم، تہ ڪيترن اُها چاهہ سان پڙهي. خاص هن ڪري جو قديم سنڌ جي تاريخ، سنڌ جي جنم ۽ ويدن واري زماني کان وٺي عربن جي ڪاهن تائين ان ۾ ڏني هيم، ۽ اهڙي تاريخ ٻئي ڪنهن بہ ان وقت تائين ڇپائي پڌري نہ ڪئي هئي. ٻوليءَ جي تاريخ بہ اڳي ٻئي ڪنهن بہ ڪانہ لکي هئي. مون پوءِ تاريخ جي وڌيڪ احوال ڪٺي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اپريل 1936 ع کان وٺي سنڌ جو صوبو بمبئي ڪاتي کان ڇڄي ڌار ٿيو آهي، تہ ضروري سمجهيم تہ سنڌ جي تاريخ بہ ڌار هئڻ گهرجي. اها ضرورت سنڌ سرڪار بہ محسوس ڪئي.

آگسٽ 1940 ع ۾ سنڌ سرڪار سنڌي ادب (ساهت) لاءِ هڪ مرڪزي صلاحڪار بورڊ ڪراچيءَ ۾ برپا ڪيو، جنهن تي ٻين ڪمن سان گڏ هيءَ ڪم بہ رکيائين تہ سنڌ جي ملڪي ۽ پنگتي احوالن جي تاريخ بہ تيار ڪرائي وڃي. انهيءَ بورڊ، جو هڪ ميمبر مان بہ آهيان. هن ڪم لاءِ سنڌ سرڪار ڪو انعام ڏيڻو ڪونہ ڪيو هو، تہ بہ بورڊ جي منظوريءَ سان اهو ڪم مون پاڻ تي کنيو، تہ پنهنجي اڀياس جو فائدو پنهنجي ديس ڀاين کي بہ ڏيان. مون پوءِ ٻيا بہ ورهيہ محنت ڪري، قديم سنڌ جي تاريخ لاءِ وڌيڪ ذخيرو ڪٺو ڪيو، جو سمجهان ٿو تہ ٽن جلدن ۾ ورهائڻو پوندم. هن وقت تائين پنهنجيءَ رٿيل تاريخ جو رڳو هيءَ پهريون جلد پورو ڪري

سگھيو آهيان.

هن جلد ۾ سنڌ جي جنم، مهن جي دڙي ۽ رگ ويدڪ زماني جي سڀيتا جو ذڪر آهي. سنڌ جي جنم ۽ ٻين آڳاٽين جاگرافيءَ جي ڳالهين جو مضمون جيالاجيڪل ڪاتي وارن جي کوجنائن جي احوالن مان ڪڍيو اٿم. مهن جي دڙي بابت حقيقتون، آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن جي ساليانين رپورٽن، سرجان مارشل، ڊاڪٽر ارنيسٽ منڪي، مسٽر رکلداس بئنرجي، رائ بهادر راما پرساد چند ۽ ٻين عالمن جي لکيل ڪتابن مان مختصر طرح ڏنيون اٿم. رگ ويدڪ زماني جي سڀيتا جون ڳالهيون ڊاڪٽر ابناش چندرداس جي جوڙيل ڪتاب "رگ ويدڪ ڪلچر" مسٽر پي. ٽي. سرينواس آينگر جي ڪتاب "منترن جي زماني ۾ قديم هندستان جي جيوت" ڊاڪٽر راجيندرلال متر جي ڪتاب "انڊو آوينس". ڊاڪٽر جي. ميوئر جي اصلوڪن سنسڪرت مضمونن، لوڪمانيه تلڪ جي ڪتابن "اورين" ۽ "آرڪٽڪ هوم"، پروفيسر مئڪس ملر بابو روشين چندردت ۽ ٻين ڪيترن يوروپي توڙي ڏيهي عالمن جي جوڙيل ڪتابن مان ڪڍي، پوءِ هڪ ٻئي سان ڀيٽيون اٿم. انهيءَ ڀيٽ ڪرڻ لاءِ سبب هيءُ هو، جو شروع ۾ پروفيسر مئڪڊونيل ۽ ٻين ڪن يوروپي عالمن رگ ويد ۽ هندن جي ٻين ڌرمي پستڪن مان ڪي اهڙا انومان ڪڍيا هئا، جو حقيقتن جي برخلاف هئا، ۽ مفت ڪي غلط فهميون ڦهلايون هئائون. جن کي پوءِ اسان جي ڏيهي عالمن رد ڏنو هو. اهڙيءَ حالت ۾ آڳاٽن توڙي هاڻوڪن کوجنائن ڪندڙن جون ڪئيون ڪيل سڀيئي ڳالهيون تنقيد جي تارازيءَ ۾ توري، پنهنجو هيءُ ڪتاب بنهه تازين کوجنائن پٽاندر جوڙيو اٿم. هرهڪ ڳالهه جي چنڊڇاڻ ڪرڻ جو اهو ساڳيو نمونو اختيار ڪري، ٻئي جلد ۾ باقي رهيل ويدڪ ساهت، ۽ اتهاسن ۽ پراڻن مان سنڌ جا احوال ڏنا اٿم. ۽ ڪجهه ذڪر مديه ديش وارن آرين جو به ڪرڻو اٿم، جو سنڌ سميت سڄي هندستان جي ڪيترين ريتن رسمن ۽ ٻين ڳالهين جو بنياد انهن وڌو هو. ٻيءَ طرح به قديم سنڌ جي تاريخ ڪجهه قدر مديه ديش جي تاريخ سان ڳنڍي ڳتي پيئي آهي. ٽئين جلد ۾ ڪلجڳ جي شروعات

کان وٺي، عربن جي ڪاھن تائين احوال ڏيئا اٿم. انھيءَ ريت قديم سنڌ جي ھندن جي صاحبيءَ جي تاريخ انھن ٽنھي جلدن ۾ اچي وينديءَ.

ڪنھن به تاريخ ۾ جيڪڏھن رڳو سنبت ۽ سن ڄاڻائي، اڳاڻن حاڪمن جا پيڙھي به پيڙھيءَ احوال ڏبا، ۽ سنڌين جنگين جو ذڪر ڪبو ته اھا ڪا تاريخ نہ چئبي. اھڙيون حقيقتون تاريخ جو رڳو بوتو بنائين ٿيون. انھيءَ بوتي ۾ روح تڏھن پوي ٿو، جڏھن ان وقت جي ماڻھن جي روزمرہ جي جيوت جو ذڪر ڪجي ٿو. سچي پچي، تاريخ آھي ئي اھا، جنھن مان اڳاڻن ماڻھن جي رھڻيءَ ڪھڻيءَ خيالن ۽ جذبن، ريتن رسمن، ڌرم ڪرم ۽ ساھت جي سڌ پوي ٿي. انھيءَ منجھان ئي پوريءَ ريت پتو پوي ٿو تہ تھذيب يا سڀيتا جي شروعات ڪيئن ٿي، وقت بوقت ان جي ترقي ڪيئن ٿي، ۽ ھن وقت جيڪي ريتون رسمون ۽ ڌرمي ڳالھيون آھن، تن جو بنياد ڪيئن پيو. ھڪواريءَ اھا سربستي سڌ پوندي، تہ پوءِ اھو سمجھڻ سولو ٿيندو تہ اڳاڻن ماڻھن ۾ ڪھڙيون ڪھڙيون خوبيون ھيون. جي اسان کي بہ گرھڻ ڪرڻ گھرجن، ۽ ڪھڙيون ڪھڙيون منجھن خاميون ھيون، جن کان اسان کي پاسو ڪرڻ گھرجي. قديم زماني جي تاريخ پڙھڻ جي ھڪ مکيہ مراد آھي ئي اھا تہ اڳاڻن ماڻھن جي آزمودي جو فائدو وٺي، اسين پنھنجي لاءِ اھڙي وات گھڙيون، جو اڳين کان اڳرا ٿيون ۽ پنھنجن پوين لاءِ بہ مثال ٿيون. اھڙين حقيقتن ڏيڻ ڪري، نہ رڳو تاريخ جو مضمون باڻمرادو سلوڻو ۽ سوادي ٿئي ٿو پر نھايت نصيحت آميز ۽ ڪارائتو بہ ٿئي ٿو. انھيءَ سبب ھن تاريخ جوڙڻ ۾ مون مدد رڳو انھن ڪتابن تان ورتي آھي، جي بنھہ پروسي جھڙا آھن، ۽ سَند ڪري ليکجن ٿا. ضروري ھندن تي اھي سَندون بہ ڄاڻايون اٿم تہ پڙھندڙن کي سڌ پوي تہ اھي ڳالھيون مون ڪھڙن ڪتابن ۽ مخزنن مان ڪڍيون آھن؛ ۽ جي مرضي پوين تہ پلي اھي مخزنون ۽ اصلوڪا ڪتاب پاڻ بہ پڙھن، جو مون ڪيترن ڪتابن جو رڳو تتُ ھن تاريخ ۾ ڏنو آھي - گويا درياھ ليٽائي لوٽيءَ ۾ وڌو اٿم.

قديم ھندستان جون ڪوجنائون اول ڪن يوروپي عالمن ڪيون ھيون، جن مان سنڌ جو بہ ٿورو احوال مليو ٿو. سنڌين ڪوجنائن جو مختصر ذڪر

ھتي منڍ ۾ ني ڪيو اٿم تہ پڙهندڙن کي سڌ پوي تہ خود مون اهي احوال ڪتان آندا. هندستان جون تاريخون جي هن وقت اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پاڙهڻ ۾ اچن ٿيون، سي سڀ انهن ڪوجنائن کان پوءِ جون لکيل آهن. اهي اڪثر رڳو شاگردن لاءِ آهن، تنهنڪري ڪي ڳالهيون منجهن ڇاٽايون ني ڪين اٿن، ۽ ڪن جو رڳو ٿورن لفظن ۾ ذڪر ڪيو اٿن. مون هڪ هڪ مکيہ ڳالهہ گهڻي قدر کولي آهي، جو سڄي هندستان جي تاريخ سنڌو ماتر جي سڀيتا سان شروع ٿئي ٿي، ۽ ضرور آهي تہ قديم سنڌ جي تاريخ ۾ اهي احوال سربستا هئڻ گهرجن. سنڌ جون ڪي ڳالهيون تہ عيسائين جي انجيل، تہ ڪي پارسين جي "زنداوستا" ۾ آهن، ۽ ڪي ڳالهيون مون پنهنجي سر ڇاڇيون آهن، جن جي ڪوجنا اڄ تائين ڪنهن بہ ڪانہ ڪئي آهي. اهي ڳالهيون مناسب هنڌن تي ڇاٽايون اٿم، جي ڪيترن پڙهندڙن کي نيون لڳنديون. هن وقت جيڪي قديم سنڌ جون تاريخون آهن، سي اڪثر ڪن پارسي ڪتابن مان ترجمو ٿيل آهن ۽ ڪن ۾ ڪي غلط ڳالهيون لکيل آهن، جن جو ذڪر بہ منڍ ۾ ڪيو اٿم، تہ غلط فهميون دور ٿين. پراچين سنڌ جي هڪ ٻن تازين ڇپيل تاريخن ۾ ويدن ۽ اتهاسن وارن زمانن جو ٿورو ٿورو ذڪر آهي؛ پر انهن زمانن جي ماڻهن جي جيوت جو سلسليوار احوال آهي ئي ڪونہ. تنهنڪري هن پهرئين ني جلد ۾ ڪيترو ني مضمون نئون ڏنو اٿم، جو اڳي سنڌي خواهہ انگريزي ۾ لکيل تاريخن ۾ ڪونهي.

تاريخ جو هڪ مکيہ پاڳو جاگرافي آهي. هر ڪنهن پرڳڻي جي طبعي صورت، آب هوا ۽ ٻين ڳالهين جو پرڳڻي جي تاريخ ۽ ماڻهن جي سڀاءَ، ٻت جي ورڻ (رنگ)، ٻوليءَ جي اچارن، رهڻي ڪهڻيءَ وغيره تي ايتريقدر اثر ٿئي ٿو، جو جيڪر هيئن چئجي تہ تاريخ نهي ئي جاگرافيءَ تان ٿي. انهيءَ سبب هن ڪتاب جي پهرئين ني باب ۾ قديم سنڌ جي طبعي صورت جو ذڪر ڪريان ها، ۽ قديم سنڌ جون حدون ٻڌائي، انهن حدن جو جيڪو اثر اسان جي پرڳڻي تي ٿيو آهي، سو ڇاٽايان ها؛ پر رگ ويد کان اڳ جي زماني جا احوال آهن ئي ڪين، جنهنڪري سنڌ جي جنم

جي ڪهاڻي ۾ هين اهڙين آڳاٽين ڳالهين لاءِ گهڻو مدار پونءِ وگيان (Geology) تي رکڻو پيو اٿم. خود پونءِ وگيانين ڪي اجا گهٽيون ڪوجنائون ڪرڻيون پيون آهن، جو اهڙين ڪوجنائن جي شروعات ئي اجا هاڻ ٿي آهي. رگ ويد ۾ جيڪو "سپت سندو" (سندو ماتر جي ستن دريائن واري ملڪ) جو ذڪر آهي، تنهن مان بہ سنڌ جو نقشو جوڙڻ ڏکيو آهي، جو ان ۾ سنڌ جي حدن جو ذڪر آهي ئي ڪونہ. وڌيڪ ڳالهہ تہ خود رگ ويد جي منڊل ۲، سوڪت ۱۷ ۾ خوفناڪ زلزلن جو ذڪر آهي، جن انهيءَ وقت ۾ ئي ملڪ جي طبعي صورت ۾ ڦيرو پئي آندو. رگ ويد ڪان پوءِ جي احوالن مان بہ ائين ظاهر آهي تہ وقت بوقت خوفناڪ زلزلن ۽ سنڌونديءَ جي ڦيرين گهيرين ڪيئن ساوا پاسا سُڃا، ۽ سُڃا پاسا ساوا ڪيا آهن. سنہ 962ع ۾ اهڙو خوفناڪ زلزلو ٿيو، جنهن بکر وارا ٽڪر بہ ٽوڙي ڇڏيا، ۽ الور ۽ ٻيا ڪيترا آباد شهر ويران ٿي ويا. سنڌوندي، جا الور واري ٽڪريءَ جي ٻنهہ هيٺان وهندي هئي، تنهن پنهنجو رخ ئي ڦيرائي ڇڏيو. ٻيجاڙيءَ وارو خوفناڪ زلزلو 1819ع ۾ ٿيو، جنهن سنڌ جي سڄي لاڙ واري پاڱي جي طبعي صورت ڦيرائي ڇڏي، ۽ ڪڇ جو رڻ، جنهن مان اڳي درياهہ وهندو هو، ۽ راحموڪي بازار، سنڌڙي ۽ ٻيا بندر بہ اُتي هئا، تن بہ پنهنجي سهڻي صورت ڦيرائي، ۽ برپٽ ٿي پيو. سنڌ جي هاڻوڪي طبعي صورت انهيءَ وقت ڪان وٺي ٿي. اهڙيءَ حالت ۾ سنڌ جي طبعي صورت وغيرهہ جو ذڪر جيڪڏهن وچولي زماني يا هاڻوڪي زماني جي سنڌ جي تاريخ ۾ ڪجي تہ ٺهي؛ پر هن قديم سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙي ڪوشش ڪرڻ عبث آهي. انهيءَ هوندي بہ قديم جاگرافيءَ جون ٿوريون ٿوريون ڳالهيون هن ڪتاب ۾ مناسب هنڌن تي ڄاڻايون اٿم، تہ تاريخ سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي.

هن تاريخ جوڙڻ ۾ مون جن ڪتابن مان مدد ورتي آهي، تن مان ڪيترا قيمتي ڪتاب ڊي. جي. سنڌ ڪاليج لئبرري مان، ٿورا خالقڏنہ هال ۽ فريئر هال لئبررين مان ۽ ڪي ڪن سنگتين ساٿين ڪان ورتا هئم. جنهنڪري ڪتابن خريد ڪرڻ جي خرچ ڪان بورڊ ڪيتريقدر بچي پيو. ممڪن آهي تہ اجان بہ ڪي ڪتاب هجن، جن جي مون کي سڌ نہ هجي.

هيئن به آهي ته هن وقت آرڪيالاجيڪل کاتي وارا ۽ جيالاجيڪل کاتي وارا پنهنجي پنهنجي روءِ سوءِ وڏيڪ کوجنائون ڪن پيا، ۽ ڪي يوروپي توڙي ڏيهي عالم به قديم هندستان جي وڌيڪ احوالن هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪن پيا. تنهنڪري هن کان پوءِ سنڌ جي تاريخ لاءِ ڪو نئون ذخيرو ملي پوي ته عجب ڪونهي. هيءَ ڪتاب لکي مون گويا بنياد ٻڌو آهي، ته جيئن جيئن وڌيڪ احوال ملن، تيئن تيئن هن ڪتاب کي وڌيڪ مڪمل ڪرڻ سولو ٿئي.

77، مڊل ڪلاس ڪالوني، پيرومل مهرچند
اجمل خان روڊ، بندر روڊ ايڪسٽينشن،
ڪراچي. آگسٽ 1944ع

# قدیم سنڌ

# مـنـڊ

قديم هندستان جي تاريخ ڪين جڙي: هي، ڳالهہ عالم آشڪار آهي ـ 711 ع ۾ عربن جنهن وقت سنڌ فتح ڪئي، تنهن وقت تائين قديم هندستان جي ڪابہ تاريخ اهڙي، ريت جڙيل ڪانہ هئي، جهڙي، ريت اڄ ڪلهہ تاريخون جوڙجن ٿيون. ان وقت عربن کي سنڌ جي راءِ گهراڻي - برهمڻ گهراڻي جي راجائن ـ راءِ ساهسي، چچ، چندر ۽ ڏاهر ـ بابت جيڪي احوال ماڻهن جي واتان مليا، سي قلمبند ڪيائون جي چچ نامي ۽ ٻين پارسي ڪتابن ۾ لکيل آهن. انهن احوالن تي ڪيتريقدر ڀروسو ڪرڻ گهرجي. تنهن ڳالهہ تي پوءِ ايندا سين ـ ايترو چئبو تہ تڪليف وٺي ڪيترو مصالحو ڪٺو ڪيائون، جو هن وقت اسان کي جيڪر ملي ڪين سگهي ها. ڪن مسلمان عالمن پو جا تاريخي احوال بہ لکيا: ـ آڳاٽن احوالن جي ڪابہ کوجنا نڪي هندن نڪي مسلمانن ڪئي: انگريزن جي صاحبيءَ جي اوائل تائين بہ" اهائي حالت هئي. هينئر جو رکي رکي، هيترين صدين کان پوءِ قديم هندستان جون تاريخون جوڙيون اٿن، جن ۾ نہ رڳو آڳاٽن آرين، پر اڻ آريہ قومن جا احوال بہ ڏنا اٿن، سو اهي ڪسابن جون ڳالهيون آيون ڪٿان؟ حقيقتاً اها ڪهاڻي هڪ عبرت جهڙي آکاڻي آهي، جا اڳيئي پنهنجي جوڙيل ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" جي منڊ ۾ ڏني اٿم. ساڳيءَ ڳالهہ دهرائڻ جي ضرورت ڪانهي، تنهنڪري ٻولين جي کوجنائن بابت بہ اکر چئي، تاريخ جي کوجنائن جو ذڪر ڪبو، تہ سڄي ڳالهہ ڳنڍيل نظر اچي.

ٻولين جون کوجنائون: عيسوي پندرهين، ۽ سورهين، صدي، ۾ پورچوگيزن، ڊچن، فرينچن ۽ انگريزن، هڪ ٻئي جي ڏٺيان، واپار سانگي هندستان ۾ اچي ڪوٺيون وڌيون، تہ منجهائن ڪن سنسڪرت تي ڌيان

ڏنو. هنن ڏنو ته سنسڪرت ۾ گهڻيئي اهڙا لفظ آهن. جي ساڳيا ڪيترين يوروپي ٻولين ۽ پارسيءَ ۾ آهن. مثلاً سنسڪرت "ماتر" (ماتا, ماءُ) ۽ "پراتر" (ڀاءُ) جا اچار پارسيءَ ۾ "مادر" ۽ "برادر" ۽ انگريزيءَ ۾ "مدر" (Mother) ۽ "بردر" (Brother) آهن. اهڙا ٻيا ڪئين ساڳيا لفظ ڏسي حيران ٿيا: پر سمجهي نٿي سگهيا, ته اهي لفظ يورپ, ايران ۽ هندستان ۾ ڪيئن عام ٿيا.

سنه 1783 ع ۾ سر وليم جونس (1746-1794 ع) بنگال جو چيف جسٽس مقرر ٿي آيو. تنهن سنسڪرت جو اونهو اڀياس ڪري ظاهر ڪيو, ته سنسڪرت, ايراني ۽ ڪيترين يوروپي ٻولين ساڳئي بنياد مان آهن. تنهنڪري ڪيترا لفظ ساڳيا اٿن ۽ نحوي بناوت به ڪيتري قدر هڪجهڙي اٿن. سنه 1816 ع ۾ جرمنيءَ جي نامور عالم فرنسس باپ (Francis Bopp) هڪ گرامر ڇپائي پڌرو ڪيو. جنهن ۾ سنسڪرت, گريڪ (يوناني) لئٽن, جرمن ۽ پارسي ٻولين جي گردانن يا ڦيرن جي هڪجهڙي ترتيب ڄاڻائي, وڳيانڪ ريت ثابت ڪيائين, ته سر وليم جونس جو قياس سچو هو. ۽ اهي ٻوليون برابر اهڙيءَ ڪنهن قديم ٻوليءَ مان پيدا ٿيون آهن. جا هن وقت دنيا جي ڪنهن به ڀاڱي ۾ ڳالهائڻ ۾ نٿي اچي. يوروپي عالمن ڪي علم لغات (Comparative Philology) جو پتو انهن ٻولين جي پيٽ ڪرڻ سان پيو. انهن سيني هندن جي ٻولين جو هڪ يڪو خاندان "انڊو - يورپين" نالي سان ڪوٺڻ لڳا, ته سمجهڻ ۾ اچي ته هندستان ۽ يورپ جون ٻوليون انهيءَ ساڳئي خاندان مان آهن.

تاريخ جون ڪوجنائون: يوروپي لوڪن لاءِ هاڻ هڪ وڏو مسئلو پيدا ٿيو. هو جوڙ لڳا ته هندستان ۽ ايران, جي يورپ کان گهٽ ۾ گهٽ ٽي هزار ڪن ڪوهه پري آهن, تن جي ٻولين جو پاڙ ۾ هڪڙو جڳري ناتو ٿيو ڪيئن ۽ ٻولي سلي ڪيئن؟ سگهو ئي هندن جي رگ ويد مان پتو پين ته اهي آريه لوڪ هئا, جي پنهنجي نشاني اهي ويد ڇڏي ويا آهن. پارسين جي زنداوستا مان سڌ پين, ته خود "ايران" لفظ اصل ۾ آهي "آئرين" يعني "آرين جو ملڪ." ايران طرف دارا بادشاهه جا اُڪرايل ڪي ڪتبا ما

Iran, Eran, Airan, the Airyana of the Avesta, is the land of the Aryans." Edward G. Browne: A Literary History of Persia, Page 4.

اُڪربل نوشتا لڌانون. جن ۾ سندس خاندان جو شجرو ڏنل آهي، ۽ منديءَ ۾ لکيل آهي تہ "آنون آريہ آهيان ۽ آريہ جو پٽ آهيان". هن مان ظاهر ٿيو تہ ايراني اصل آريہ هئا ۽ پنهنجي آريہ نسل جو جڳهو فخر ڪندا هئا.* خود انهن يورپ ڏي "آئرلينڊ" آهي، جو اصل ۾ آهي "آريہ لينڊ" يعني آرين يا شريفن جو ملڪ. آئرلينڊ جو قومي نالو "ايرين" (Eren) آهي ۽ اهو لفظ بہ اصل ۾ آهي "آرين".** رڳو انهن نالن منجهان ئي جيڪر هرڪو سمجهي، تہ اڳي هندستان ۽ ايران کان وٺي آئرلينڊ تائين سمورو ملڪ آرين جو هو. هنن حقيقتن يورپي عالمن کي هيڪاري حيرت ۾ وڌو. تنهنڪري انهي سموري ايراضيءَ جي مکيہ ٻولين جي پاڙ ۾ پيٽ ڪيائون، ۽ ساڳئي وقت تاريخ جي کوجنائن ۾ پيا، تہ من ڪو وڌيڪ پتو پوي.

ڏند ڪٿائن جون کوجنائون: تاريخ جي کوجنا لاءِ هي، رستو اختيار ڪيائون، جو هندن، ايرانين، اڳاٽن يونانين، رومن ۽ ٻين يورپي قومن جا ڪيترا ڌرمي پستڪ هڪ ٻئي سان ڀيٽيائون. هندن جي پراڻن ۽ اتهاسن ۾ ڏنائون تہ اڳاٽن راجائن ۽ رشين جا پيڙهي بہ پيڙهي احوال ڏنل آهن. انهن مان يقين ٿين تہ اهي سچاپچا تاريخي احوال آهن. پر اتي ئي ڪي ڳالهيون اهڙي نموني لکيل آهن، جي ڏند ڪٿائون پيون پاڻان سگهو ئي معلوم ٿين تہ ٻين ملڪن ۾ بہ تاريخ جي شروعات انهي ريت ٿي هئي. پروفيسر منڪڊونيل پنهنجيءَ جوڙيل سنسڪرت ساهت جي تاريخ ۾ ۽ ٻين ڪن يورپي عالمن بہ پنهنجي ليکن ۾ ڀريانئين انهن ٻنهي ڳالهين تہ اڳاٽن آرين کي "تاريخ" جوڙڻ جو هنر هنوني ڪونہ. پر ٻيو جيڪي حقيقتون مليون، تن مان ظاهر ٿيو، تہ اڳي هندستان، ايران، يونان ۽ ٻين هنڌ تاريخ، جاگرافي، کگول وديا، جوتش وغيره جون ڳالهيون، ٻئي ٿين جي نموني لکندا هئا، تہ ماڻهن کي ياد ڪرڻ سوليون ٿين، هيئنر

* "At the time at which we begin to know them, 'Arya' meant noble, 'exalted', 'venerable: the name had become something almost sacred, it embodied the Aryan Peoples' national pride,-or a feeling deeper still more intense enduring, and inspiring, their pride of race, and that down to a very late period; for was not Dareios, the great Persian King, careful to preface his family geneology in his famous inscriptions by the statement: 'I am an Aryan, the son of an Arya'?" L.A. Ragozin, vedic India, Page 62.

** "Eran, Eranian is only a slightly altered form of Aryan: so is Erin, the national name of Ireland." L.A. Ragozine: Vedic India, Page 62, footnote.

اهو سڄو نمونو خود ڪي يوروپي عالم اختيار ڪيا ڪن ۽ تاريخ، جاگرافي وغيره ڳالهين جي صورت ۾ بيا لکن. ۽ اهو ئي نمونو عمدو سمجهيو وڃي ٿو.

ڏرمي ستڪن ۾ لکيل ڏند ڪٿائن جي اڀياس مان يوروپي عالمن کي سگهوني انين وسهڻ لاءِ سبب ٿيو ته اهي ڏند ڪٿائون ڪن حقيقتن تان نهيل آهن، ۽ بي بنياد ڪينهن. انهن حقيقتن سمجهڻ لاءِ ضرور جاڻائون ته اول اهي ڏند ڪٿائون سيني ڏرمي ستڪن مان ڪڍي ڪنيون ڪجن، ته پوءِ پوري، ريت پيٽ ڪرڻ ۽ انهن جو سچو پچو مطلب سمجهڻ سولو ٿئي. بس، پوءِ ته ڳهتايائون ئي ڪين. هن وقت تائين هندن جي ويدن، اتهاسن ۽ پراڻن مان، ايران، بئبلونيا، اسيريا، مصر ۽ يورپ جي يوناني، رومن، ڪيلٽڪ ۽ بين قومن جي ڌرمي ستڪن مان ڏند ڪٿائون ڪڍي، ڇاپائي پڌريون ڪيون اٿن. انهن مان ڪيترا تاريخي احوال ڪڍي، جدا جدا ملڪن جون تاريخون جوڙيون اٿن. بلڪ دنيا جي تاريخ به لکي اٿن. اهي سڀ تاريخون ويجهڙائيءَ ۾ هنن کوجنائن ڪان پوءِ ڇاپيون اٿن، نه ته اڳي ڪين هيون.

انهن کوجنائن مان هڪ مکيه ڳالهه هيءَ ظاهر ٿي ته ڪيتريون ڏند ڪٿائون بلڪ ديوتائن جا نالا جهڙا هندن جي ڌرمي ستڪن ۾ تهڙا پارسين جي "زنداوستا" ۽ رومن ۽ يوناني لوڪن جي ڏند ڪٿائن ۾! مثلا رگ ويد مان معلوم ٿئي ٿو ته آڳاٽا آريه لوڪ آڪاس يا آسمان کي "پتا" (پيءُ) ۽ پرٿويءَ يا ڌرتيءَ کي "ماتا" (ماءُ) ڪوٺيندا هئا. آڪاس کي سڏيندا هئا "ڌيوس پتر[redacted] جنهن جو اچار لئٽن ٻوليءَ ۾ آهي "جوپيٽر[redacted] هينئر معني اٿس مشتري يا ورهسپت ديوتا. "جوپيٽر" جو منڍ وارو "جو" جو اچار يوروپي لوڪن ٿيراني "ٽيو[redacted] به ڪيو. جنهن مان انگريزي لفظ "ٽيوزڊي[redacted] نهيو. سنسڪرت "ڌيوس" جو اچار يونانين ٿيري "زيئوس[redacted] ڪيو ۽ اهو هڪ وڏو ديوتا ڪري ليکيندا هئا.

*[1] "Dyus-pitra. 'Heaven, the Father', is no other than Greek Zeus. Zeus-Pater, Latin Dies-Piter. Jupiter." L.A. Ragozin: Vedic India. Page 137.

[2] "The cognate dyaus. 'heaven', is extant in the Greek Zeus gen Dios. and the name of an ancient Teutonic god Tius. preserved in the word 'Tuesday'. "Dr Martin Haug: Essays on Religion of the Parsis. Page 287 footnote.

رگ ويد ۾ آڪاس جي هڪ مکيه ديوتا جو نالو "ورڻ" ڄاڻايل آهي، جنهن جي بنيادي معنيٰ آهي "ڍڪيندڙ" ("ورِ" Vri معنيٰ ڍڪڻ). سموري ڌرتي ۽ جبلن، ندين، ساگرن (سمنڊن) ۽ مهاساگرن (وڏن سمنڊن Oceans) کي آڪاس مٿان ڍڪي بيٺو آهي. تنهنڪري آڪاس جي ديوتا تي اهو "ورڻ" (ڍڪيندڙ) نالو رکيائون.

هن وقت هندو ماڻهو ورڻ ديوتا کي پاڻيءَ جو ديوتا ڪري ليکين ٿا، پر رگ ويد واري زماني ۾ ورڻ ديوتا جو وڏو واسطو تارن ڀريل رات سان هو ۽ ڏينهن جو ديوتا "متر" (سورج) سڏبو هو. تنهنڪري رگ ويد ۾ "ورڻ" ۽ "متر" نالا گهڻن هنڌن گڏ ڪم آيل آهن. "ورڻ" جو اچار پارسين جي ژنداوستا ۾ "ورين" (Varena) ۽ يوناني ٻوليءَ ۾ "آرينس" يا "يورينس" (Ouranos or Uranos)[1] آهي. "متر" جو اچار ژنداوستا ۾ "متر" آهي ۽ هاڻوڪي پارسيءَ ۾ ان جو اچار بگڙجي "مهر" ٿيو آهي: پر اڄ به معنيٰ اُهي "سج" (سورج ديوتا). سنسڪرت لفظ "متر" جو اچار قديم ايرانين وانگر قديم رومن لوڪن به ڪيو "متر" (Mithra) انهيءَ سبب متر ديوتا جا پوڄاري متريست (Mithraist) سڏجن ۾ آيا ۽ متر ديوتا جي پوڄا تي "متر سيزم" (Mithraism, Mithraicism) نالو پيو.

اڳاتن آرين آڪاس يا آسمان کي "ديوس پتر" (ابو آڪاس) ۽ آڪاس جي مکيه ديوتا (ورڻ ديوتا) کي ساري جهان جو "پيءُ" ۽ پرٿويءَ يا ڌرتي کي "ماءُ" تي سڏيو. سو اڳي شعرائي خيال ڀڄن. اها ڳالهه پاڻ کولي پڌائي اٿن: افق وٽ آسمان ۽ ڌرتي هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي گڏبا بڻيا آهن، گويا ٻنهي جي ميلاپ سان هيءُ سارو جهان پيدا ٿيو آهي، ۽ ديوتائون، انسان ۽ ٻيا ساهوارا جن ته ٻنهي تي ڄڻيل آهن. آسمان مان برسات جون بوندون وسن ٿيون ۽ اهي ڌرتي جهڙي تي، ۽ سج جي اُس به

---

[1] "'Varuna' is identical with the god Uranos of the Greeks." Dr. Martin Haug: Essays on the sacred language, writings and Religion of the Parsis, Page 273. See also Prof. Max Muller's Chips from a German workshop, ii. 65.

واهر ڪريس تي ۽ ابهي، ريت ني اُتيتي تني تي. هي ڳالهيون اترووید
جي منڊل ٻارهين سوڪت پهرين ۽ ۴۲ ۾ ڄاڻايل آهن. رگ وید جي پنيان
ڏنل ائتريه براهمڻ گرنٿ ۾ آڪاس ۽ پرٿوي، جي وهاڻ، جو ذڪر آهي.

ويدڪ آرين جي هي، نسوري شاعراڻي پلٽ اڪر به اڪر يوناني لوڪن
جي ڏندڪٿائن ۾ آهي. جنهنڪري انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا ۾ "يورينس"
(ورڻ ديوتا) جي ذڪر ڪندي هي لفظ لکيا اٿن:

[redacted] other deities. As such he represents the generative power of the sky, which fructifies the earth with the warmth of the Sun and [redacted]."

ناميارري يوناني شاعر هومر انهن ساڳين خيالن جو ترجمو ڪري،
پنهنجي هڪ شعر ۾ پرٿوي، يا ڌرتي، کي "جڳت جنني" يعني جهان جي
ماءُ (Universal Mother) ڪوٺيو آهي.* انهي، ساڳي شعر جي ٻورهين،
مصرع ۾ ڌرتي، کي "پوڄا جوڳ ديوي" (Venerable goddess) سڏيو
اٿس. سترهين، مصرع ۾ ڌرتي کي "ديو ماتا" (Mother of the Gods) ۽
"تارن ڀريل ورڻ ديوتا جي استري" (Spouse of the Starry Uranos)
ڪوٺيو اٿس. هي خيال ساڳيا ني ساڳيا اهي آهن، جي رگ وید ۽ ائتريه
براهمڻ ۾ آهن. ويجهڙائي، ۾ پوڪوڪ صاحب ۽ ٻين ڪن عالمن وڏيڪ
کوجنائون ڪري ائين ڄاڻايو آهي ته گريس يا يونان اصل وسايو ني هندن
هو؛ جنهنڪري آڳاٽن هندن جون ڏند ڪٿائون توڙي ٻيون ڪيتريون
ڳالهيون يونان ۾ عام ٿيون.**

سر وليم جونس جنهن پهريائين پهريائين سنسڪرت جو جڳري ناتو
ايراني ۽ يوروپي ٻولين سان ڄاڻايو هو، تنهن ڏند ڪٿائن جي کوجنائن ۾
به ڀرو ورتو. پاڻ ڄاڻايائين ته هندو ماڻهو ڀاڳ جي ديوي (Goddess of
Fortune) کي "لڪشمي" (لڇمي) سڏيندا آهن، ۽ اُن جو ٻيو نالو "شري"
آهي، جنهن جو اچار رومن ۽ يوناني ڏند ڪٿائن ۾ "سيريز" (Ceres) آهي.
لڇمي اَن ۽ ڌن ڏيڻ واري ديوي آهي. ۽ رومن لوڪ به ان کي "اَن جي

*"I will sing of the earth, the Universal Mother, the firmly based, the most venerable, who feeds all creatures that are on the ground." Homer.

Pocoke: India in Greece.

ديوي" ڪري سڏيندا هئا. انهيءَ "سيريز" (Ceres) لفظ مان انگريزي لفظ "سيريلس" (Cereals) ٺهيو آهي، جنهن ۾ سيڪنهن قسم جو اَن اچي وڃي ٿو.

[redacted] مهيني کان وٺي ليکيندا هئا، جنهنڪري "جنوري" يارهون مهينو هو. ته ٻه ورهيه جي ٻارهن مهنن ۾ اهو مڪيه ليکيو هو. هينئر ته انگريزي سال شروع ٿي جنوري مهيني کان وٺي ٿئي ٿو. انهيءَ جنوري مهيني تي "جنوريس" [redacted] ديوتا جو نالو پيل آهي، جنهن کي رومن لوڪ "جنوس" [redacted] به سڏيندا هئا. جنوري مهيني ۾ سنديس پوڄا وڏي ڌام ڌوم سان ڪندا هئا، ته سڄو ورهيه سڀاڳو سدورو لڳيئون. (اڄ به نئين سال جون واڌايون جنوريءَ جي شروعات ۾ ڏيندا آهن.) رومن لوڪ ڪا به پوڄا ڪندا هئا، ته ٻين ديوتائن کي پوڄڻ کان اڳ "جنوس" جو نالو ڳنهندا هئا. سر وليم جونس چاٽايو آهي "جنوس" ديوتا اهو ساڳيو آهي: جنهن کي هندو "گڻيش" سڏين ٿا. لفظ ٿي ساڳيو آهي، پر رڳو اچار ٿورو قريل اٿس. هندو ماڻهو به سيڪنهن شڀ ڪارج مهل پهريائين پهريائين گڻيش جي پوڄا ڪندا آهن. اهو "وگهنيشور" به سڏبو آهي، جو سڀ وگهن (اٽڪون يا مشڪلاتون) اهو دور ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح يوناني ڏندڪٿائن ۽ يوناني شاعر هومر جي شعر ۾ چاٽايل ديوتائن جي نالن جي ڀيٽ سنسڪرت نالن سان ڪري، هڪ ڪتاب لکيائين، جو هن وقت [redacted]

سر وليم جونس 1794 ع ۾ گذاري ويو. ڪائنس پوءِ جيڪي کوجنائون ٿيون، تن منجهان به ائين معلوم ٿيو ته جرمن، يوناني، رومن ۽ ٻين ڪيترين يوروپي قومن ڌرمي ۽ فيلسوفيءَ جون تورڙي ٻيون ڪيتريون ڳالهيون هندستان جي ماڻهن وٽان پرايون هيون. ڪن ديوتائن جا نالا به ساڳيا ئي ساڳيا آهن، ۽ ڪن جا جيڪڏهن قريل آهن، ته به انهن بابت جيڪي ڏند ڪٿائون آهن، سي هندن ڪٿائن سان ملي ٿيون اچن. مثلاً ٻڌر جي ڏينهن کي انگريزيءَ ۾ چنبو آهي "وينزڊي" (Wednesday) جو اصل ۾ آهي

⁽¹⁾ Sir William Jones: The Gods of Greece, Italy and India. PP. 4,6.
⁽²⁾ Ibid.

"وودنس ڊي" (Wodensday) يعني وودن (Woden) ديوتا جو ڏينهن. اهو جرمن، ڊچن، اسڪنڊينيويا (سئيڊن، ناروي، آئيس لئنڊ ۽ ڊينمارڪ)، اينگلو سيڪسن ۽ ٽيوٽاني قومن جو هڪ وڏو ديوتا هو. اڄ به جرمنيءَ جا هاري ناري جڏهن لابارو وجهندا آهن، تڏهن پڇاڙيءَ جا ٻه چار سنگ وودن ديوتا نمت ڇڏي ڏيندا آهن. [redacted]

حاصل مطلب ته ٻولين جي ڀيٽ ڪرڻ سان علم لغات جو پتو پيو ۽ هنن ڏند ڪٿائن جي ڀيٽ (Comparative Mythology) مان هيڪاري يقين ٿيو ته هندستان، ايران ۽ يورپ جي آڳاٽن آرين جي نه رڳو ٻولي ساڳي هئي، پر ڌرم ڪرم به ساڳيو هون، بلڪ حسب نسب به هڪڙو ني هون.** جرمني جا رهاڪو اڄ تائين فخر سان پاڻ کي "آريه" سڏائين ٿا. [redacted]

<u>آرين جو اصلوڪو ماڳ:</u> آڳاٽن آرين جي نه رڳو ٻولي ساڳي هئي، پر ڌرم ڪرم به ساڳيو هون، بلڪ ائين سمجهڻ ۾ آيو ته حسب نسب به هڪڙو ني هون، تنهڪري سڀاويڪ طرح سوال اٿيو ته هندن، ايرانين ۽ يوروپي

---

• Professor Kuhn writes: "Both in our ancient and modern popular traditions, there is universally spoken of Wild Hunter, who sometimes appears under the name of Wodan and Goden, and was, in heathenish times, the supreme god of the ancient German nations. This god cincides, both in character and shape with the ancient Rudra of the Vedas." (Vide page 99). Quoted by R.L. Mitra: Indo Aryans; Vol. ii, page 30.

•• "There is not an English Jury nowadays, which, after examining the hoary documents of language, would reject the claim of a common descent and a legitimater elationship between Hindus, Greek and Tuton." Prof. Max Muller: Chips from a German workshop, Volo. I, pp. 63–64.

لوڪن جا ابا ڏاڏا اصل ڪهڙي هنڌ گڏ رهنداهئا. جتان هڪ ٻني جي ٻولي سکيا ۽ ساڳيا ڌرمي خيال به پرايائون. جنهنڪري ڌند ڪتانون به ساڳيون اٿن؟ هن بابت ڪنين رايا ظاهر ڪيائون. جن جا وڏا بيان رايل ايشياٽڪ سوسائٽيءَ جي جرنل ۽ ٻين ڪتابن ۾ ڏنل آهن: پر ڪن صاحبن پنهنجي ڪتابن ۾ انهن سڀني کوجنائن جو اختصار به ڏنو آهي.° هتي ٻن اکرن ۾ ٻڌائجي ٿو ته علم لغات جي اُصولن ڳولي لهڻ ۾ جن صاحبن منڍ ۾ ني چڱو ڀرو ورتو هو. تن مان مکيه ائڊيلنگ صاحب هو. جو سنه 1806ع ۾ گذاري ويو. هن صاحب اهو رايو ظاهر ڪيو ته انسان ذات ڀريائين ني پيدا ئي مشرق (پورب) ۾ ٿي هئي ۽ ڪشمير واري ماڳ "باغ عدن" هئي. جا اڄ به بهشت جون سڪون پيئي لاهي.°° پارسين جي زنداوستا ۾. خاص ڪري ونديداد جي ڀرئين فرگرد ۾. ڪن مڪانن جا نالا ڄاڻايل آهن. تن مان جي. جي رهوڊ (J.G Rhode) صاحب ڪي ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿيو ته ايرانين جو اصلوڪو ماڳ باختر (بختر Bactria) هو. اها ڳالهه 1820 ع ۾ ظاهر ڪيائين. پاٽ صاحب (Pott) جي راءِ موجب آڪسس يا آمو درياءُ (Oxus) ۽ جنڪسارٽس (Jaxartes) نديون جتي ساوڪ سبزي لائي، باغ عدن بنائي بيٺيون آهن. سو آرين جو اصلوڪو ماڳ هو. سندس اهو رايو سنه 1847 ع ۾ لسن صاحب (Lassen) ۽ 1848ع

°Thus Adelung regarded Kashmir as the cradle of mankind. He was followed by J.G.Rhode who looked upon Bactria as the original home of the human race and later on. Pott, Lassen, and Grimm. all expressed their adherence to the Central Asian theory. It was popularised by Max Mulier, Pietect, and Schleicher (1847 to 1862).
The earliest to raise their voice against this Central Asian hypothesis were Latham (1851). Fick (1868). Benfey. Geiger (1871), and Cuno (1871). Cuno attempted moreover to demolish the assumption that Aryan blood was co-extensive with Aryan speech. He was followed by Schmidt whose new explanation as to the origin of the different languages, dealt a mortal blow to the old Migration theory. In 1880. Delbruck denied altogether the existence of a uniform Aryan Speech. Though for sometime. the older hypothesis retained many adherents, yet scholars more and more came to favour the European origin of the Aryans. Prominent among these were F. Muller (1873). Posche (1878). Lindenschmit (1880). Schrader and Penka." Narayan Chandra Bandyopadhaya, Lecturer in the Departments of History and Anthropology, Calcutta University: Development of Hindu polity and Political Theories. P 19 footnote.

°° Dr. Isaac Taylor: Origin of the Aryans. P.12.

۾ جيڪب گرم (Jacob Grimm) قبول ڪيو. اهو وچ ايشيا وارو نظريو بين جن عالمن قبول ڪيو ۽ عام خلق ۾ گهڻو ڦهلايو، تن مان مکيه پروفيسر مئڪس ملر هو. هو صاحب پورو هند پاڻ به جاڻائي ڪونه سگهيو، تنهنڪري رڳو ايترو چيائين ته آريه لوڪ "ايشيا ۾ ڪنهن هنڌ" گذ رهندا هئا.* انين به جاڻايائين ته انهن ئي آرين يورپ جا بيٺ ۽ ڪنارا، ايشيا کان اچي والاريا هئا.**

پروفيسر مئڪس ملر ۽ بين جي انهيءَ راءِ هوندي به سنه 1851ع ۾ لئٿم صاحب، سنه 1868ع ۾ فڪ صاحب، سنه 1871ع ۾ بينفي، ڪيونو ۽ بين صاحبن وچ ايشيا واري نظريي جي برخلاف پنهنجو آواز کڙو ڪيو. پوءِ ته کوجنا جي دوربيني ايشيا کان ڦيرائي يورپ ڏي ڪيائون ۽ ڪجهه وقت هنگاري، آسٽريا ۽ بوهيما کي آرين جو اصلوڪو ماڳ سمجهڻ لڳا. جيئن ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا جي جلد پهرئين، صفحي 169 ۾ جاڻايل آهي. وڌيڪ کوجنائن ڪرڻ کان پوءِ انين وسهڻ لاءِ سبب ڏٺو ته آرين جو اصلوڪو ماڳ رشيا اسڪنڊينيويا ۽ بالٽڪ طرف هو.***

هن باري ۾ ايترو چئبو، ته يوروپي عالمن ڏڪا ڪونه پئي هڻيا. علم لغات، ڏند ڪٿائن جي پيٽ، جهوني - وٿ - وگيان (Archaeology) منکدويا يا پرش وگيان (Anthropology) ۽ بين وگيانن (Sciences) جي وسيلي جيئن جيئن وين پيون ثابتيون ملنديون، تيئن تيئن ويا رايا ڦيرائيندا. اسان جا ڪي ڏيهي عالم پنهنجي راءِ تي کپ کوڙ تي بيٺا ته آريه لوڪ اصل سپت سنڌو جا رهاڪو هئا ۽ ڪٿان ٻاهران ڪونه آيا، پر پوءِ وڻج واپار ۽ بين سببن ڪري ايران، وچ ايشيا ۽ يوروپ ڏي ويا.

هن وقت تائين جيڪي کوجنائون ٿيون آهن، تن موجب گهڻن عالمن

* "If an answer must be given as to the place where our Aryan ancestors dwelt before their separation, I should still say, as I said forty years ago, somewhere in Asia, and no more." Prof. Max Muller: Good words, August 1887, reprinted in "Biographies of Words".

** Prof. Max Muller: History of ancient Sanskrit Literature.

*** "The evidence is now all tending to show that the districts in the neighbourhood of the Baltic, from there to the northern coast of the Caspian Sea, were those from which the Aryan languages first radiated and where the race or races who first spoke them originally dwelt." Charles E. Beale: History of the World's Progress, page 70.

جو چوڻ آهي، تہ آڳاٽا آريہ لوڪ اصل اتر قطب جي ھاٽوڪن برفاني ميدانن ۾ رهندا هئا، جتي ان وقت برف گهٽي ڪانہ هئي ۽ ماڻهو بافرحت رهي سگهيا ٿي. جن عالمن اهو رايو ظاهر ڪيو، تن مان مکيہ پروفيسر پينڪا هو، جنهن وچ ايشيا وارو نظريو بنهہ غلط ٺهرايو، ۽ ڪيترين ثابتين ڏيئي آرين جو ماڳ اتر قطب ڄاڻايائين ۽ انين بہ چيائين تہ اهي اصل اسڪنڊينيويا ۾ رهندا هئا* ان وقت ڏاري بوسٽن يونيورسٽيءَ جي پريزيڊنٽ (Dr. warren) ڊاڪٽر وارن هڪ ڪتاب لکيو، جنهن جو نالو رکيائين "بهشت لڌو"
(Paradise Found or the Cradle of the Human Race at the North Pole).

انهيءَ ڪتاب ۾ ڄاڻايائين تہ سڄيءَ انسان ذات جو پهريون ماڳ اتر قطب هو. قديم ڪيلٽڪ قومن جي ڏند ڪٿائن مان پروفيسر راهز (Professor Rhys) کي بہ انين سمجهڻ ۾ آيو تہ انهن قومن جا ابا ڏاڏا اصل اتر قطب طرف رهندا هئا. اها ڳالهہ پنهنجن "هبرٽ ليڪچرس" ۾ ڄاڻايائين** جنهنڪري وچ ايشيا وارو نظريو هيڪاري گهٽي قدر ڪاٽا ٿي ويو.***

وچ ايشيا واري نظريي کي پڇاڙيءَ وارو ڏڪ لوڪمانيہ بال گنگاڌر تلڪ هنيو. اسان جي هن ڏيهي عالم ڪيترين جيالاجيڪل ۽ آرڪيالاجيڪل ثابتين، ۽ هندن جي ويدن، اتهاسن ۽ پراڻن مان، بلڪ پارسين جي زنداوستا مان ڪيترا حوالا ڏيئي، پنهنجي ڪتاب (Arctic Home in the Vedas) "آرڪٽڪ هوم" ۾ لکيو تہ پراڻن پٽاندر آڳاٽا لوڪ ميرو پربت تي رهندا هئا، جو اتر قطب ڏي هو. اسان بہ اهائي راءِ قبول ڪئي آهي. جنهن لاءِ سبب ڄاڻائينداسين.

<u>مصر ملڪ ۽ الهندي ايشيا ۾ آرين جون بيٺڪون:</u> تاريخ جون کوجنائون اڄان هليون پئي، تہ مصر ملڪ ۽ ڪريٽ (Crete) ۾ ويجهڙائيءَ ۾ الهندي

* "Penka considers the starting point of Aryan emigration to have been Scandinavia. "History of the World's Progress, page 70.

** Rhys: Hibbert Lecturers, p. 673.

*** "Even on strict philological grounds the theory of the primitive Aryan home in Central Asia has been now almost abandoned in favour of North Germany or Scandinavia." Sjt. B.G. Tilak The Arctic Home in the Vedas, preface, p. viii.

ايشيا ۾، کوجنائون ڪري، آرڪيالاجيڪل کاتي وارن تاريخ کان اڳ جي زماني تي هڪ نئين روشني وڌي. مصر طرف نيل نديءَ جي نزديڪ تل ال امرنہ (Tel-el-Amarna) مان ڪي ڪاغذ پٽ 1880 ع ۾ لڌا. انهيءَ جهوني دفتر مان معلوم ٿيو تہ مصر جا فرعون ۽ مٽني (الهندي ايشيا طرف) جا راجائون هڪ ٻئي ڪي سڱ ڏيندا هئا. مٽنيءَ جي ڪن راجائن جا نالا ئي ساڳيا اهي هئا، جي قديم آرين جا هئا: مثلاً مٽنيءَ جي هڪ راجا جو نالو "دشرت" (Dusratha) هو، ۽ اهو ساڳيو نالو سري رامچندرجي پتا راجا دسرت جو هو. انهيءَ راجا دشرت پنهنجي هڪ نياڻي مصر ملڪ جي بادشاهہ امينوفس چوٿين (Amenophis IV) سان پرڻائي، جنهن کي مٽنيءَ جي انهيءَ راجڪماريءَ مان "گلو ڪپ" (Gilukhip) نالي پٽ ڄائو، جو پوءِ وڏي هوندي مصر ملڪ جون جهونيون ريتون رسمون ڇڏي، سورج ديوتا جو پوڄاري ٿيو.

ٻيءَ هڪ لکت ۾ 512 سٽون آهن، جن مان فقط ست سٽون سمجهي سگهيا آهن. جي ٻئبلونيا جي جهونيءَ صورتخطيءَ ۾ لکيل آهن. انهن ستن سٽن مان معلوم ٿيو تہ مٽنيءَ جي هڪ راجا تشرت (Tushrutha) کي سندس پٽن مان هڪ قتل ڪري ڇڏيو، ۽ انهيءَ کان پوءِ مٽنيءَ جي حڪومت جو زور ٽٽي پيو انهيءَ راجا جي هڪ ٻئي پٽ ميٽيوزہ (Mat-tiuaza) هٽي لوڪن* (Hitties) جي راجا شبيليمہ (Shubbillma) جي مدد گهري، جنهن اباڻو راڄ وٺي ڏنس ۽ پنهنجي نياڻي بہ پرڻايائينس. انهيءَ وهانءَ مهل گهوٽ ۽ ڪنوار کي جيڪا آسيس ڪئي اٿن، تنهن ۾ ورڻ ديوتا ۽ ناستيہ (اشوني ڪمار) ديوتائن جا نالا ڄاڻايل آهن. انهيءَ وهانءَ مهل هٽي لوڪن جي راجا پنهنجي نائيءَ کي چيو هو تہ "توکي جيتريون بہ شاديون ڪرڻيون هجن، تيترين پلي ڪج؛ پر شرط هيءَ آهي تہ منهنجي نياڻي پٽ راڻي ٿيندي ۽ توکان پوءِ سندس ئي اولاد راڄ گديءَ جو مالڪ ٿيندو."

---

* هٽي لوڪن بابت بہ ثابت ٿيو آهي تہ اهي اصل آريہ هئا. ڏسو ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد پهريون.

متنيءَ وارن جو ويجهو ناتو "هري" (Harri) لوڪن سان هو. هري لوڪن جي راجائن جا نالا به ساڳيا آڳاٽن آرين وارا آهن. تنهنڪري سمجهيائون ته اهي هري لوڪ به آريه هئا. سندن راجائن ارتتم ۽ شترن (Artatama and Shutarna) جي متنيءَ وارن سان اٽبٽت هئي، سا ڳالهه به ڄاڻايل آهي.

تازو 1906 ع ۾ جرمنيءَ جي آرڪيالاجيڪل کاتي جي عملدار مسٽر هيوگو ونڪلر (Mr. Hugo Winckler) ايشيا مائنر جي ڪئدوشيا طرف، بوگهز ڪئي (Boghez keui) مان هڪ ٺڪر جي ڦرهي لڌي، جنهن تي متنيءَ جي هڪ راجا جي عهدنامي جا شرط لکيل آهن، جي عيسوي سنه کان پندرهن صديون کن اڳ جا آهن. انهيءَ عهدنامي جي شرطن ۾ سنهن قسم/ڪٺڻ لاءِ اندر ديوتا، ورڻ ديوتا، متر (سورج ديوتا)، ۽ ناستيه (اشوني ڪمار) ديوتائن جا نالا ڪتب آندا اٿس. اهي ساڳيا نالا رگ ويد ۾ به آهن.

بوگهز ڪئي هن وقت هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي: پر اصل هتي (Hittie) لوڪن جي سيتا جو مرڪز هو. هتي ڪي آڳاٽا يادگار ۽ ويرانا آهن. هڪ قديم ويراني جي ڪوٺائي ڪندي نارمن قوم (اسڪئنڊينيويا طرف) بابت هڪ ڪتاب به هٿ آيو. هڪ ڪتبي ۾ "انڪ" (ايڪ، هڪ) تريي (Tryi ٽي)، پنز (Panza پنج)، ۽ ست (Satta) انگ ڄاڻايل آهن، جي اصل آرين جا جوڙيل آهن، ۽ اسين اهي اڄ تائين ڪم پيا آڻيون. جنهن ڪتبي ۾ اهي انگ ڄاڻايل آهن، تنهن ۾ انهن انگن سان گڏ "ورتن" (Vartana) لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي معني آهي "ڪرت، ڪرت ڪار"، وغيره. هن لڌل ڪتبي مان معلوم ٿئي ٿو ته پورب طرف (سنڌو ماٿر) جا گهوڙن جا واپاري هتي گهوڙن جو واپار ڪندا هئا، ۽ هتي جي ماڻهن جي مصر ملڪ سان لهه وچڙ هوندي هئي. عجب ته ڏسو ته مصر ملڪ، جنهن جا منار دنيا جي عجائبات ۾ ليکجن ٿا، تنهن جي رهاڪن کي ڪجھ وقت تائين اها به سڌ ڪانه هئي ته گهوڙو ڪهڙي ڪم ايندو آهي! اها سڌ تڏهن پين جڏهن "هڪسوسن" يا ريڍار بادشاهن (Hyksos the Shepherd Kings) جا گهوڙا عيسوي سن کان به هزار کن ورهيه اڳي مٿان چڙهي آين! ان وقت تائين شايد لڙائي ڪرڻ جو فن به ڪونه هون، جنهنڪري

هڪسوسن ڪي هڪڙو ڏڪ بہ هٿو ڪونہ پيو ۽ رڳو مصرين کي هيسائي، تي صديون کن سانده مصر ملڪ جي ڏاکڻي ڀاڱي تي حڪومت پئي ڪيائون.

قديم بابل (بئبلونيا) جي سيميٽڪ قومن ڪي بہ گهوڙن جي سڌ ڪانہ هئي؛ رڳو گڏهن جي سڌ هين. گهوڙي لاءِ سندين ٻوليءَ ۾ ڪوبہ لفظ ڪونہ هو، تنهنڪري گهوڙي کي سڏڻ لڳا "پوربي گڏهہ" (Ass of the East) ! رگ ويد توڙي مهاڀارت ۾ سنڌ جي گهوڙن جي ساک لکيل آهي، تنهنڪري ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو تہ اول سنڌ جا گهوڙا ايڏاهين وڪامندا هئا ۽ پوءِ عراق ۽ نجد جا گهوڙا مشهور ٿيا.*

سنہ 1911-1912 ع ۾ مسٽر هيوگو ونڪلر (وفات 19 اپريل 1913 ع) وري هيو پيرو ايشيا مائنر جي اڀرندي طرف بوگهز ڪئي وارا دڙا کوٽايا. هن وقت تائين جيڪي ڪوجنائون آرڪيالاجيڪل کاتي وارن ايڏهين ڪيون آهن، تن جو تورن لفظن ۾ مطلب هيءَ آهي تہ انهيءَ طرف جيڪي ڪتبا يا اُڪريل نوشتا هٿ آيا آهن، تن مان ڪي عيسوي سن کان ٻي هزار کن ورهيہ اڳ جا آهن، جن ۾ آرين جو ذڪر آهي؛ قديم آريہ لوڪ اصل ڪٿان آيا، سا ڳالهہ انهن ۾ ڄاڻايل ڪانهي؛ باقي ايترو معلوم ٿيو آهي تہ انهيءَ آڳاٽي وقت ۾ اهي آريہ لوڪ هاڻوڪي پرشيا (ايران) جي الهندي طرف ميڊيا (Media)** ۽ ان جي آسپاس هئا، جتي نهايت زور هئا. کيتيءَ جو هنر ۽ ٻيا هنر هنن ۽ ڏاتن ڪم آڻڻ جي بہ سڌ هين، جنهنڪري چنبو تہ ڪيترا هزار ورهيہ اڳي ئي چڱي ترقي ڪئي هنائون ۽ پوءِ اهڙو

* Renowned as it has become in Moslem literature, the horse was nevertheless a late importation into Ancient Arabia. This animal, for which Najid is now famous, is probably of Aryan origin---- The Hyksos passed the horse on from Syria into Egypt and the Lydians from Asia Minor into Greece." Phillip K. Hitti: History of the Arabs, page 20.

** سنڌ ۾ مير لوڪ اصل انهيءَ ميڊيا کان آيا هئا؛ اهي اصل سٿين يا ساڪ لوڪن مان هئا. جنن انٿڪن صاحب واري سنڌ گزيٽير جي جلد پهرين صفحي 187 جي هيٺان ڄاڻايل آهي. "ميد" ۽ "مير" ساڳيائي لفظ آهن، جو "د" ۽ "ڌ" بعضي متجي "ر" ٿي پوندا آهن. مثلاً سنسڪرت لفظ "اديتہ وار" جو اُچار سنڌيءَ ۾ ول ٿيو "آڌتوار" ۽ هاڻ چئون "آرتوار". (منصف)

زور ورتو هئائون جو ميديا ۽ ان جي آس پاس پنهنجون بادشاهتون برپا ڪري ويٺا هئا. سندن الهندي ڏي شام ملڪ (Syria) طرف ٻين آرين جون بيٺڪون بابل (بئبلان - بئبلونيا) ۾ هيون. ڪاشيءَ جا پنڊت جي اڄ تائين مشهور آهن، تن جا ابا ڏاڏا ڪاشي آريہ لوڪ هئا، جي عيسوي سن کان 1746 ورهيہ اڳي ميسوپوٽيميا جي ڏاکڻي ڀاڱي ۾ پنهنجو دڳو ڄمائي ويٺا هئا ۽ عيسوي سن کان 1180 ورهيہ اڳ تائين يعني 566 ورهيہ سانده سندين اتي حڪومت هئي. اهي سورج ديوتا ۽ مروت (طوفان جي ديوتا) کي پوڄيندا هئا. انيسپريا ۾ بہ سندن ديوتائن جا مندر هئا. سندن وٽج واپار ايرندي آفريڪا وارن شهرن سان هلندو هو. هنن ڪوچنائن جا وڏا بيان رايل ايشياٽڪ سوسائٽيءَ جي جرنل ۾ ڏنل آهن، جي ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا جي جلد پهرئين ۾ بہ مختصر طرح ڄاڻايل آهن. ڪلڪتي يونورسٽيءَ جي هسٽري (تاريخ) ۽ منک وديا يا پرش وگيان (Anthropology) جي پروفيسر نارائڻ چندر بنديہ اُپاڌيا بہ انهن ڪوچنائن جو مختصر ذڪر ڪيو آهي.*

هنن ڪوچنائن مان هڪ اونڌو انومان ڪڍي ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا ۾ ڄاڻايو اٿن تہ هتان آريہ لوڪ هڪ ٻئي کان ڌار ٿيا ۽ هندستان وارا آريہ لوڪ هتان يورب ڏي ايران واري واٽ وٺي ويا.** حقيقتاً هيءُ رايو سراسر غلط آهي: هيءُ ڪوچنائون خود ڏيکارين ٿيون، تہ آريہ لوڪ اڳي ئي سنڌو ماٿر ۾ هئا ۽ اتان گهوڙا (يورب جا گڏهہ!) آڻي هتي نيڪال ڪندا هئا. انهن ڪوچنائن پٽاندر عيسوي سن کان ٽي هزار کن ورهيہ اڳي آرين جون بيٺڪون پرشيا جي الهندي طرف "ميڊيا" کان وٺي بابل (بئبلونيا) تائين هيون ۽ مصر ملڪ سان لهہ وچڙ هين. انهيءَ ايراضيءَ جي وچ ۾ عرب لوڪ رهن ٿا، جن جي عربي ٻولي تي اڄ تائين ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو آهي ۽ نڪو عربيءَ جو سنسڪرت توڙي يورپي ٻولين تي ٿيو آهي. عربي سيميٽڪ خاندان جي ٻولي آهي ۽ سنسڪرت ۽ يوروپي ٻوليون "آريہ"

* Narayan Chandra Bandyopadhaya: Development of Hindu Polity and Political Theories, pages 20-23

** "The most feasible explanation of those discoveries seems to be that here, far to the west we have stumbled upon the Aryans on the move towards the East" Cambridge History of India Vol. 1 page 72.

ٻوليون آهن. جيڪڏهن سيني آرين جو اصلوڪو ماڳ هتي هجي ها تہ جيئن سنسڪرت، ايراني ۽ يورپي ٻولين جو هڪ ٻئي سان جڳري ناتو آهي، تيئن عربيءَ سان بہ هجي ها. پر ائين آهي ئي ڪين. اهو سچ آهي تہ عربيءَ ۾ ڪي سنسڪرت لفظ آهن. مثلاً سنسڪرت لفظ "چندن" ۽ "ڪپور" جا اچار عربيءَ ۾ "صندل" ۽ "ڪافور" آهن. اهڙا لفظ رڳو وڻج واپار سبب عربيءَ ۾ اچي ويا آهن. عرب لوڪ مصالحن وغيره جو واپار هندستان، سومالي لنڊ ۾ ڪندا هئا. جنهنڪري يونانين انهيءَ ڳالهہ جو ذڪر ڪيو آهي. اهي لفظ گهڻو پوءِ عربيءَ ۾ مروج ٿيا. انهيءَ هوندي بہ اپترو چنبو تہ آرين سڀيتا جا ڪي ڪي اثر انهيءَ طرف ٿيا هئا.

اڳاٽن آرين وانگر قديم مصر جا رهاڪو ۽ قديم يهودي سورج ديوتا پوڄيندا هئا. قرآن شريف ۾ ٽن بتن "منات"، "عزيٰ" ۽ "لات" جا نالا جاڻايل آهن. اهي ٽيئي ديوين ڪري ليکيندا هئا. "منات" معني آهي "تقدير" يا "قسمت". جنهن کي هندو ماڻهو عام طرح "وِڌاتا" (ورڌاتا) يعني ڀاڳ يا نصيب جي ديوي سڏيندا آهن. هندن ۽ مسلمانن جو اڄ تائين تقدير يا قسمت ۾ اعتماد آهي. "عزيٰ" معني "اعليٰ يا مٿاهون". هتي صاحب جي جوڙيل عربستان جي تاريخ موجب هيءَ زهره يا شڪر ديوتا (Venus) آهي ۽ "لات" سج جي ديوي (ساوتري يا گايتري) آهي. هنن ٽنهي ديوين جا مندر عربستان ۾ هئا. جن هتي صاحب واري تاريخ ۾ ڄاڻايل آهي (صفحہ 98 ۽ 99) . انين حضرت محمد صلي الله عليه وسلم کان اڳي عربستان ۾ بت پرستي هئي. جا شايد انهيءَ وقت جاري ٿي هئي جنهن وقت آرين جون ٻينڪرن ميديا کان وٺي ميسوپوٽيميا تائين هيون. مصر جي ماڻهن سان بہ آرين جي لهہ وچڙ هئي، تنهنڪري مصري لوڪ بہ **سورج** ديوتا کي پوڄڻ لڳا هئا. بني اسرائيلن يا يهودين ۾ بہ شايد انهيءَ **وقت انهيءَ** پوڄا جو رواج پيو، جيئن بائبل ۾ ڄاڻايل آهي.*

* "The religious custom alluded to in Esekiel undoubtedly refers to the religion of the Magi. The Prophet complains that some of the Jews worship the Sun, holding towards their face certain twigs. Exactly the same custom of holding a bundle of twigs in the hands is reported by Strabo (XV. 314). Dr. Martin Haug Essays on the Religion of the Parsis page. 4. footnote.

آرين جي انهيءَ طرف حڪومت جو ٻيو هڪ وڏو اثر عربن تي هيءَ ٿيو، جو ڪجهه وقت ڪيترن عربن تصوف يا صوفي مت اختيار ڪيو. تصوف ۽ ويدانت بنياد ڪري ساڳيائي آهن. هندو آرين جا ابا ڏاڏا ۽ ايران وارن آرين جا ابا ڏاڏا جنهن وقت ميديا ڪان وٺي ميسوپوٽيميا تائين راڄ ڪندا هئا، تنهن ڪان پوءِ تصوف ايران ۾ هيڪاري گهڻو قوي قليو. منصور بايزيد بسطامي، شيخ فريدالدين عطار ۽ ٻين "انا الحق" جو نعرو هنيو، ته ان وقت جا ملا ۽ مولوي سندن برخلاف ٿيا، جنهنڪري منصور کي سوريءَ سوار ٿيڻو پيو، پر پوءِ ته ملڪ ئي منصور تي ويو!

سيئ پچار پرينءَ جي، سيئ هوت حضور
ملڪ مڙيوئي منصور، ڪهي ڪهندين ڪيترا؟
(شاهه)

ويدانيت جي وڏڪار وري هندستان ۾ قلين چانيون ڪيون، ان جون پاڙون هينئر اهڙيون ته پختيون آهن، جو جيستائين هندو جاتي جيئري آهي، تيستائين وڃڻ جون نه آهن. صوفي مت سنڌ ۾ به اهڙو وسيع ميدان پيدا ڪيو آهي، جو اڄ تائين هندو توڙي مسلمان سڳن ڀائرن وانگر هڪ ٻئي سان رلمل ڪن ٿا ۽ گڏجي "حق موجود" جو نعرو هڻن ٿا. هندو مسلم اتحاد لاءِ اهوئي مت هڪ اڻ گس علاج آهي. صوفين ۽ ويدانتين جو ڪلام سنڌي ساهت جو به روح آهي. سنڌيءَ مان جيڪڏهن اهو ڪلام سمورو ڪڍي ڇڏجي، ته پوءِ سنڌي ساهت بجنسي مردي مثل ٿي پوي. هي حقيقتون ڄاڻائين ٿيون، ته جيڪڏهن آرين جو اصلوڪو ماڳ الهندي ايشيا ڏي هجي ها، ته جيئن ڏرمي ڳالهين جو اثر عربن وغيره تي ٿيو، تيئن عربي ٻولي به سنسڪرت جي رنگ ۾ رتي پيئي هجي ها؛ پر ائين نه آهي. هن مان هيڪاري ظاهر آهي ته سنڌو ماٿر جي پٽي لوڪن جي هيڏانهن اچڻ کان ئي اڳي عربي ٻولي پنهنجي روءِ سوءِ ترقي ڪري، اهڙي پختي پائي تي بيٺي هئي، جو اڄ تائين ان جو ناتو سنسڪرت توڙي يوروپي ٻولين سان ڪنهن کي نظر آيو نه آهي.

ويدڪ زماني جي شروعات: يوروپي لوڪن کي پنهنجن ابن ڏاڏن جي اڳاٽن احوالن جي اڳيان ڪابه سڌ ڪانه هئي. پوءِ جو ٻولين جي کوجنائن

۽ ويدن مان تاريخ روپي ترورا جهلڪا ڏيندا نظر آين، ۽ ويدن ۾ گهوڙهي فيلسوفي بہ ڏنائون. تہ انهن جو اڀياس ڪرڻ هڪ ضروري ۽ اهم ڳالهہ ڪري سمجهيائون. ساڳئي وقت هيءَ سوال بہ سپاويڪ طرح اٿيو تہ ويدڪ زمانو ڪڏهن شروع ٿيو؟ هاڻ ڏسو تہ ڪوجنا ڪيئن ٿا ڪن.

هندن جي ويدن ۾ "منتر" ۽ "چند" آهن ۽ انهن کان پوءِ "براهمڻ" (گرنٿ) ۽ "سوٽر" آهن. انهن چئني جي ٻوليءَ ۾ قيرو ڏسي، پروفيسر مئڪس ملر چيو تہ اهي هڪ ٻئي کان ٻہ ٻہ سؤ ورهيہ پوءِ جا لکيل ڀانئجن ٿا. ائين ٿيا جملي اَٺ سؤ ورهيہ سوٽرن واري زماني کان پوءِ ٻڌ ڌرم ۽ جين ڌرم وارن جا ڌرمي پستڪ آهن، جنهنڪري چئبو تہ انهن ڌرمن جاري ٿيڻ کان ڪجهہ عرصو اڳي ويدڪ زمانو پورو ٿيو هو. گوتم ٻڌ ۽ مهابير سوامي، جن ٻڌ ڌرم ۽ جين ڌرم جو بنياد وڌو هو، سي عيسوي سن کان ڇهہ صديون کن اڳي ٿي گذريا آهن؛ پر پروفيسر مئڪس ملر ان وقت اٽڪل روءِ چار صديون اهي ليکيون. ائين حساب ٻڌي چيائين تہ ويدڪ زمانو عيسوي سن کان هڪ هزار يا ٻارهن سؤ ورهيہ اڳي شروع ٿيو هو. پروفيسر مئڪس ملر رگ ويد جو ترجمو پاڻ ڪيو هو. تنهن جي ٻهرئين ڇاپي جي جلد چوٿين جي منڍ واري صفحي 5 ۽ 7 ۾ اها ڳالهہ پاڻ ڪئي اٿس؛ پر پڌرو پيو آهي تہ اهو رڳو ڏڪي جو حساب آهي.

پروفيسر مئڪس ملر جي وقت ۾ ٻيو هڪ نامور عالم ڊاڪٽر مارٽن هاگ هو. ويدڪ ساهت جي منترن، چندن، براهمڻن ۽ سوٽرن جي ٻوليءَ ۾ هن صاحب ڪي بہ فرق ڏسڻ ۾ آيو؛ پر چيائين تہ اهي هڪ ٻئي کان پنج پنج سؤ ورهيہ پوءِ جا لکيل ڀانئجن ٿا، ائين ٿيا جملي ٻہ هزار ورهيہ. هن صاحب جي ليکي بہ گوتم ٻڌ عيسوي سن کان چار صديون اڳي ٿي گذريو هو، تنهنڪري اهي چار صديون بہ گڏي چيائين تہ ويدڪ زمانو عيسوي سن کان چويهہ سؤ ورهيہ اڳي شروع ٿيو هو. رگ ويد جي ٻنيان جيڪو ائتريہ براهمڻ گرنٿ آهي، تنهن جو ترجمو انهيءَ ڊاڪٽر مارٽن هاگ ڪيو هو ۽ پنهنجي انهيءَ ڪتاب جي منڍ واري صفحي 48 ۾ اها

ڳالهہ پاڻ ڄاڻائي اٿس. پر اهو بہ ڏکي جو حسابُ آهي ۽ کوبہ پختو پايو ڪونہ اٿس.

پروفيسر ڪيٿ، پروفيسر منڪڊونيل، پروفيسر وٽني، ڊاڪٽر اولڊ نبرگ ۽ ڪي ٻيا جي پڻ وڏا ويدڪ عالم هئا، تن بہ ائين چيو تہ ويدن جا منتر عيسوي سن کان فقط هزار يا ٻارهن ٻارهن سؤ ورهيہ اڳ جا آهن؛ پر ڪي پختي ثابتي ڪنهن بہ ڪانہ ڏني ههڙن عالمن جا اهڙا رايا ظاهر ٿيا تہ جن قديم هندستان جون تاريخون جوڙيون، تن ائين ئي ڄاڻايو تہ ويدڪ زمانو عيسوي سن کان هزار ڏيڍ يا بہ اڍائي هزار ورهيہ اڳي شروع ٿيو هو ۽ انهيءَ وقت آريہ لوڪ هندستان ۾ آيا هئا! مطلب تہ ڪن پروفيسر مئڪس ملر پروفيسر ڪيٿ ۽ ٻين وارو رايو ڄاڻايو، تہ ڪن ڊاڪٽر مارٽن هاگ وارو رايو ڄاڻايو؛ پر پنهنجو هوش ڪونہ هلايائون پوءِ تہ ٻين تاريخ نويسن بہ ڪنهن بہ ڳڻ ڳوت کان سواءِ اهو ئي سُر الاپيو ۽ اڄ تائين تاريخن ۾ اهو ئي سُر الاپيندا پيا اچن! انهن تاريخ نويسن جي اکين کولڻ لاءِ ڄاڻائجي ٿو، تہ ڪنهن بہ يورپي عالم ويدڪ زماني جي شروعات 2400 ق. م کان وڌيڪ نٿي ڄاڻائي، تنهن لاءِ بہ مکيہ سبب هئا:

(۱) سن 1859ع کان اڳي سڄيءَ دنيا جا عيسائي لوڪ ائين وسهندا هئا، تہ جنهن سال ڌرتيءَ آسمان، زمين وغيره خلقي حضرت آدم ۽ بيبي حوا پيدا ڪيا، سو سن 4004 ق. م هو! اهو سن سندن بائبل يا انجيل ۾، پيدائش جي ڪتاب (Genesis) جي پهرئين ئي پهرئين صفحي ۾ حاشئي تي لکيل آهي. يلي تہ ڪو اڄ بہ بائبل ڏسي خاطري ڪري.* اڄ اهي ساڳيائي يوروپي ۽ ٻيا عيسائي لوڪ هن ڳالهہ تان ڪلن پيا ۽ کليو کلايو چون پيا تہ بائبل جي جدا جدا صفحن ۾، حاشين تي، جيڪي بہ سنبت ۽ سن ڄاڻايل آهن، سي سڀ سراسر غلط آهن، ۽ انهن تي ڪوبہ ڀروسو ڪرڻ نہ گهرجي. بائبل جهڙي ديني ۽ پاڪ ڪتاب ۾ اهي غلط سن ڪنهن لکيا؟ اها حقيقت بہ ملي سگهي ٿي.

* "Prior to 1859 A.D. the people of Christendom rested secure in the supposition that the chronology of man's history was fully known, from the very year of his creation. One has but to turn to the first chapter of Genesis to find in the margin the date 4004 B.C. recorded in all confidence as the year of man's first appearance on the globe. "Historians History of the World, Vol. 1, page 23 Edited by Henry Smith William L.L.D. (London 1908).

يهودين جي ديني ڪتابن ۾ ڪي ڳالهيون ڄاڻايل آهن، تن پٽاندر آرچ بشپ اُشر پنهنجي نموني حساب ڪيو: ڇي فلاڻي ڳالهه هيتري عرصي کان پوءِ ٿي هوندي ۽ هيترو عرصو پوءِ فلاڻي ڳالهه ٿي هوندي. ائين پنهنجيءَ نموني حساب ڪري، هن ڳالهه تي اچي بيٺو ته جهان جي پيدائش 4004 ق. م ٿي هئي! سيني عيسائن سندس اهو لکيو ان وقت صحيح ڪري سمجهيو هو، پر ڀاڻ ڀاڻ پيا قبول ڪن، ته آرچ بشپ اُشر اهي سن ڄاڻائي ڀاڻ کي ڪلڻ هاب ڪيو آهي * هاڻ چڱيءَ ريت سمجهڻ ۾ ايندو ته سڄي جهان جي پيدائش بابت ئي جن جو اهڙو اونڌو عقيدو هو، سي ويدڪ زماني جي شروعات بہ ضرور انهيءَ مغز ۾ ويٺل خيال پٽاندر ڄاڻائيندا. حقيقت بہ هن طرح آهي تہ ٻولين ۽ تاريخ جي کوجنائن ڪندي، جيئن جيئن آرڪيالاجي ۽ جيولاجيءَ ۾ ترقي ڪيائون، تيئن تيئن سندن دماغ بہ ويو کلندو. پوءِ پروڙ پين تہ هن جهان کي پيدا ٿئي بي شمار ورهيہ ٿي ويا آهن، ۽ آرچ بشپ اُشر بنهہ غلط ليکو ڏنو هو: انهيءَ سبب ڇئبو تہ ان وقت جي يورپي لوڪن کان اسانجن آريہ سماج وارن جو دماغ وڌيڪ کليل هو، جن جوتش جي حساب موجب ليکو ڏئي ڪيترن ورهين کان هيئن ظاهر ڪيو آهي، تہ هن جهان کي پيدا ٿئي هڪ ارب، ستانوي ڪروڙ ۽ ڪيترا هزار ورهيہ ٿيا آهن.

جهان جي پيدائش بابت يورپي عالمن جو اڳوڻو خام خيال جيتوڻيڪ ڪيترن ورهين کان صفا متجي ويو آهي، تہ بہ ويدڪ زماني جي شروعات بابت پوءِ بہ ائين پئي ڄاڻايائون ۽ اجان بہ پيا ڄاڻائين، تہ ويدڪ زمانو عيسوي سن کان هزار ڏيڍ يا ٻہ اڍائي هزار ورهيہ اڳ شروع ٿيو هوا انهيءَ لاءِ وري پيو سبب آهي.

رگ ويد جي ٻولي ۽ پارسين جي زنداوستا جي ٻولي هڪ ٻئي کي بلڪل ويجهيون آهن. زنداوستا گهڻو پوءِ جو لکيل آهي، ۽ ان جي ٻولي ڪيتريقدر قديم پارسيءَ جهڙي آهي، تنهنڪري اينئن پئي سمجهيائون تہ

*"Sinologists, Assyriologists, Egyptologists have not been able to agree on results sought by this method, and, though Archbishop Usher's attempt to discover in this way, from the Hebrew records, the correct date of the creation was long accepted, it is now more matter for derision." Cambridge History of India, Vol. 1, Page 171.

رگ ويد به ڪو گهڻو قديم ڪونهي؛ پر اهو رڳو انومان چئبو، جو نڪو ليکي نڪو چوکي. هن لاءِ سنڌيءَ جو مثال وٺو. سنڌ ۾ اسلام کي جاري ٿئي سوا ٻارهن سؤ ورهيه ٿي ويا آهن، ته به عربيءَ ۽ پارسيءَ جو سنڌيءَ تي ڪو بنيادي اثر ڪونه ٿيو آهي. انهيءَ سبب ائين چئبو ڇا ته اسلام کي جاري ٿئي سوا ٻارهن سؤ ورهيه ڪونه ٿيا آهن؟ انگريزن کي آئي فقط هڪ سؤ ورهيه ٿيا آهن، ته به ڪيئي انگريزي لفظ سنڌيءَ ۾ عام ٿي ويا آهن، بلڪ ڪي جوان اڻ سڌيءَ صورت (Indirect form) وارا جملا سنڌيءَ ۾ ڪم پيا آڻين! انهيءَ سبب ائين چئبو ڇا ته انگريزن کي آئي هڪ صدي نه، پر گهڻيون صديون ٿيون آهن. ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻوليءَ جي جملن تي هيءَ هڪ تمام وڏو اثر ٿيو آهي جو مسلمانن جي صاحبيءَ ۾ به ڪونه ٿيو؟ هڪڙي ٻوليءَ جو ٻيءَ ٻوليءَ تي اثر ڪڏهن تمام تڪڙو ۽ ڪڏهن تمام ڍرو ڪن حالتن ڪري ٿئي ٿو. تنهنڪري ههڙن عرصن معلوم ڪرڻ لاءِ ٻوليءَ کي ڪسوٽي ڪري ڪم آڻڻ بنهه فضول آهي. مطلب ته تاريخن ۾ ڇاڻايل اهي سن ڪنهن به بنياد تي ٻڌل ڪينهن. تنهنڪري اهي سراسر غلط سمجهڻ گهرجن.

هندن جو عام طرح عقيدو هيءَ آهي ته ويد آنادي (اَزلي) آهن. اها ڳالهه هاٺوڪن هندن پنهنجي دليان ڪانه ٺاهي آهي، پر اتهاسن ۽ پراڻن ۾ ائين لکيل آهي. شاين آچاريه جنهن ويدن جي ٽيڪا لکي آهي، تنهن به ائين ئي چيو آهي ته ويد "اپؤرشيه" آهن يعني ڪنهن به پرش يا ماڻهوءَ جا جوڙيل نه آهن؛ پر ايشور جا وچن آهن، "انادي" آهن يعني انهن جي آد يا شروعات آهي ئي ڪانه، ۽ "نتيه" يعني نت يا سدائين آهن (Existing in all eternity) هيئنر جو تاريخن جي وسيلي بنهه غلط ۽ بي بنياد ڳالهيون ڦهليون، ته اهو ٿيو گويا هندن جي عقيدي تي ٺٺولي ڪرڻ ته ويد "انادي" نه آهن؛ پر عيسوي سن کان رڳو هزار ڏيڍ يا ٻه اڍائي هزار ورهيه اڳ جا آهن! ڪيترن غيرت مند هندن کي اها ڳالهه نه وڻي، پر پروفيسر منڪس ملر ۽ ڊاڪٽر مارٽن هاگ جهڙن ويدڪ عالمن کي رد ڏئي ڪير؟

سڄي هندستان ۾ ڦريون ٻي ڦريون ڏيهي عالم لوڪمانيه بال گنگاڌر تلڪ هو، جنهن پنهنجي سنسڪرت علم ۽ جوتش وديا جي

وسيلي انهن يورپي عالمن کي سندين غلطي محسوس ڪرائي، جا ڳالھ هتي ٻن اکرن ۾ ٻڌائجي ٿي.

ويد ساهت ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون ڳالهيون آهن، جن جو جوتش سان واسطو آهي. مثلاً هن وقت مڪر سنڪرانت يا "اُترائڻ" گهٽو ڪري سدائين هرڪنهن سال 14 جنوريءَ جي ٿيندو آهي. اهو سنڌي مهينو پوھ آهي، جنهن ۾ سورج سنڪرانت ڪري يعني ڪِجي، يا ڦيرو ڪري، "اُترائڻ" يعني اتر ڏسا ڏي وڃڻ شروع ڪندو آهي. رگ ويد واري زماني ۾، "اُترائڻ" واري وقت (Summer solistice) ۾، سورج "مرگھ شيرش" يعني منگهر يا ناهري نکتر ۾ هوندو هو. "مرگھ شيرش" جي اکري معنيٰ آهي "مرگھ يا هرڻ جي سسي" (Antelope's head) ۽ عام طرح اهو "اورين" (Orion) سڏبو آهي. انهيءَ نکتر جا تارا اهڙي ريت بيٺل آهن، جو ڄڻ تہ آسمان ۾ هرڻ جي سسي بيٺي آهي. انهن مان ٽي تارا سنئين ليڪ ۾ بيٺل هوندا آهن، جن کي اسين سنڌيءَ ۾ "ٽيڙو" چوندا آهيون.

ڪتين ڪر موڙيا، ٽيڙو اُڀا ٿيني،
راڻو رات نہ آيو، ويل ٽري ويني.
(شاھ)

رگ ويد واري زماني ۾ سورج اترائڻ وقت انهيءَ مرگھ شيرش نکتر ۾ هوندو هو. پر ويدن جي براهمڻ گرنٿن واري زماني ۾ "ڪرتڪا" (ڪتي Pleiades) نکتر ۾ هوندو هو. هن وقت نکتر چيٽ کان وٺي ليکجن ٿا، تنهنڪري سنڌي سال جو پهريون مهينو "چيٽ" آهي. ايترو ڦير ڪيتري عرصي ۾ پئجي سگهجي ٿو، تنهن جو جوتش جي حساب موجب ليکو ڪري سنہ 1893ع ۾ لوڪمانيہ تلڪ "اورين" (Orion or Researches into the Antiquity of the Vedas) نالي هڪ ڪتاب لکيو جنهن ۾ ڪيتريون ئي ثابتيون ڏيئي، ظاهر ڪيائين تہ رگ ويد جي جن منترن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اترائڻ (Summer solistice) وقت سورج مرگھ شيرش (منگهر يا ناهري) نکتر ۾ هوندو هو، سي عيسوي سن کان سادا چار هزار کن ورهيہ اڳ جا آهن. انهن منترن کان ڪي اڳاٽا منتر عيسوي سن کان ڇھ هزار کن ورهيہ اڳ جا آهن. هن باري ۾ ودِيڪ کوجنائون ڪري

پنھنجي جوڙيل ھني ڪتاب "آرڪٽڪ ھوم" ۾ ڄاڻايائين تہ خود رگ ويد مان معلوم ٿئي ٿو تہ رگ ويد جي ھاٿوڪن منترن کان بہ ڪي آڳاٽا منتر ھئا، جي "نود" ۽ "نگد" سڏبا ھئا. جن مان ڪيترا عيسوي سن کان اٺ ڏھ ھزار ورھيہ اڳي مھا پرليءِ جي وقت گم ٿي ويا. جيئن مھا ڀارت جي شانتي پرو مان معلوم ٿئي ٿو. انھيءَ سبب چئبو تہ ويد انھيءَ وقت کان بہ گھڻو آڳاٽا آھن. جنھنڪري ھندو حق تي چون ٿا تہ ويد انادي آھن.

ويدن جي پٺيان جيڪي براھمڻ گرنٿ (فقہ جا ڪتاب) آھن. تن مان حوالا ڏيئي جوتش جي حساب موجب ڄاڻايائين تہ براھمڻ واري زماني ۾، عيسوي سن کان اڍائي ھزار کن ورھيہ اڳي سورج "ڪرتڪا" (ڪتي) نکتر ۾ ھوندو ھو، ۽ اھو زمانو 1400 ق. م تائين ھلندو پئي آيو. جيئن ويد انگ جوتش ۾ ڄاڻايل آھي. (ڏسو "اورين"، باب ائون، صفحي 198 کان 207).

لوڪمانيہ تلڪ جو اھو "اورين" ڪتاب سن 1893ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. پروفيسر مئڪس ملر ۽ ٻيا يوروپي عالم، جن ويدن جي شروعات بابت اونڌو ليکو ٻڌو ھو، تن مان گھڻا اجا حيات ھئا. ان وقت ڪي يوروپي عالم بہ جوتش جا ڄاڻو ھئا. ڊاڪٽر جيڪبي (Dr. Jacobi, of Boren) پنھنجي روءِ سوءِ لوڪمانيہ تلڪ جو ڪيل حساب چڪاسي، پڌري پٽ ظاھر ڪيو تہ لوڪمانيہ جو حساب بلڪل صحيح آھي. ڊاڪٽر وٽني، جنھن ويدڪ سنسڪرت جو گرامر لکيو آھي، تنھن ڪي، توڙي ٻين ڪن يوروپي عالمن کي بہ اھو ليکو دل سان لڳو، تہ بہ چيائون تہ اجان انين ڪين چئبو، تہ ھن ڳالھ جو ڪو قطعي فيصلو ٿيو آھي. ٻين يوروپي عالمن سندن اھو رايو نہ قبوليو. پروفيسر بلومفيلڊ (Professor Bloomfield) ، ايم. بارٿ (M. Barth) ، ڊاڪٽر بلھر (Dr. Bulher) کليو کلايو ظاھر ڪيو، تہ لوڪمانيہ جا دليل بلڪل وزندار آھن.

لوڪمانيہ کان پوءِ اسان جا ٻيا عالم بہ اٿيا. مسٽر ايس. بي. ڊڪشت (Mr.S.B. Dixit) ۽ ناامياري جوتشيءَ مسٽر ڪيتڪر (Mr. V. B. Ketkar) ويدن جي براھمڻ، خاص ڪري شتپٿ براھمڻ (شڪل يجر ويد) ۽ تئترييہ براھمڻ (ڪرشڻ يجر ويد) مان وچان ئي ٻيون ثابتيون ڏيئي ظاھر ڪيو، تہ لوڪمانيہ جو حساب بڪل پورو آھي. ائين يوروپي لوڪن جا ڪپات

ڪليا ۽ اڳوڻا خيال ڪيتري قدر ڪافور ٿي وين، سگهوئي پوءِ جان هاپڪن جي يونيورسٽيءَ جي ارڙهين ساليانيءَ ميڙ ۾ لوڪمانيہ تلڪ جي ڪتاب "اورين" جي تقريظ (سمالوچنا) ڪندي پروفيسر بلومفيلڊ هي لفظ چيا:-

"The language and literature of the Vedas is, by no means, so primitive as to place with it, the real beginnings of Aryan life.... These in all probability and in all due moderation reach back several thousands of years more."

پروفيسر بلومفيلڊ جا هي لفظ لوڪمانيہ تلڪ پنهنجي ڪتاب "آرڪٽڪ هوم" جي ديباچي جي صفحي 2 ۾ ڄاڻايا آهن. هندن جي سڀيتا بابت هيڏا رايا ظاهر ٿيا، تہ اها هزارها ورهيہ اڳاٽي آهي، تہ ٻيا عالم وڌيڪ کوجنا ڪرڻ لڳا.

ڊاڪٽر اَبناش چندر داس رگ ويد مان ڪي حوالا ۽ انهن بنسبت جيولاجيءَ جون ۽ ٻيون ثابتيون ڏيئي پنهنجي ڪتاب "رگ ويدڪ انڊيا" ۾ ڄاڻايو آهي تہ رگ ويدڪ سڀيتا عيسوي سن کان پنجويهہ هزار ورهيہ اڳي شروع ٿي، ۽ عيسوي سن کان ست هزار کن ورهيہ اڳي وڏي پد ڪي وڃي پهتي.* ڊاڪٽر ونٽرنز ۽ ٻين ڪن عالمن اها ڳالهہ اعتبار ۾ نہ آندي، تہ بہ ڪيترا عالم هاڻ ائين ٻيا چون، تہ هندن جي جهڙي سڀيتا اڳاٽي تهڙوئي آهي ڌرم آڳاٽو، ۽ انهيءَ ڳالهہ ۾ سڄيءَ دنيا مان ٻي ڪا بہ قوم هندن سان ڪلهو هٽي ڪين سگهندي.**

هن باري ۾ اسان جو چوڻ فقط هيءُ آهي تہ انسان ذات ڪي پيدا ٿئي، ڪنين جگ ٿي ويا آهن. قديم آريہ لوڪ بہ ڪي اڄڪلهہ ڪونہ پيدا ٿيا هئا. سندن سڀيتا جي شروعات ڪڏهن ٿي ويدڪ زمانو ڪڏهن شروع ٿيو، تنهن بابت جيتوڻيڪ ڪٿ ڪرڻ ڏکي آهي، تہ بہ ايترو چئبو تہ هينئر جو خود يورپي عالمن مان ڪي قبول ڪن ٿا تہ هندن جي جهڙي آهي

* "The Rg Vedic civilization had its beginnings in Sapta Sindhu about 25000 years ago, and was at its height probably in the seventh Millennium B.C." Dr. A.C. Das: Rg Vedic India, preface to the second edition and p.p. 590–591.

** No nation on earth can rise with the Hindus in respect of the antiquity of their civilization and antiquity of their religion." Count Bjornstjerna: Theogony of the Hindus. page 250.

سپيتا آڳاتي، تهڙوئي آهي ڏرم آڳاتو. تنهن ڳالهہ کي ڪوبہ رد ڏيئي ڪونہ سگهندو.

بي ڳالهہ تہ هن وقت جو ڪيترا تاريخ نويس لکن پيا تہ ويدڪ زمانو عيسوي سن کان هزار ڏيڍ يا ٻہ اڍائي هزار ورهيہ اڳي شروع ٿيو ۽ آريہ لوڪ تڏهن هندستان ۾ آيا. سي ٻئي غلط ڳالهيون آهن. ويدڪ زمانو نهايت قديم آهي ۽ آريہ لوڪ گهڻو پوءِ ميرو پربت کان هندستان ۾ آيا. تنهنڪري اهي ٻہ جدا زمانا آهن ۽ اهو تفاوت تاريخن ۾ ضرور ڄاڻائڻ گهرجي.

تاريخ جو جڙڻ: يوروپي عالمن انئين هرهڪ ڳالهہ تي گهڻا بحث مباحثا هلائي، هندن جي ويدڪ ساهت مان ڪيترا تاريخي احوال هٿ ڪيا. حقيقتاً ويدڪ ساهت ۾ ڏرمي ڳالهيون آهن: پر انهن ۾ ڪيترين ئي ننڍڙين توڙي ٻين ڳالهين بابت حوالا آهن، جنهن ڪري هندن جي جيوت جو نقشو انهن مان چڱيءَ ريت چٽي سگهجي ٿو. اتهاسن ۽ پراڻن ۾ تہ ڪيترن ئي آڳاٽن راجائن ۽ رشين جا شجرا ۽ سندن چرتر ڏنل آهن. پر اهي سڀ ڏرمي ڳالهين ۾ ڏند ڪٿائن سان ڳنڍيا ڳتيا پيا آهن. يوروپي عالمن جڄهو هوش هلائي، انهن ڏرمي ڳالهين ۽ ڏند ڪٿائن مان تاريخي احوال ائين ويهي ڪڍيا. جيئن ڪو ماڻهو عيسائن جي انجيل يا مسلمانن جي قرآن شريف مان تاريخ لاءِ مصالحو ويهي ڪڍي. هيءَ هڪ نئون نمونو اختيار ڪيائون، جنهن ۾ گڻ توڙي اوگڻ ٻئي آهن. ان ۾ گڻ هيءَ آهي تہ انهيءَ ريت ڏرمي پستڪن مان اندروني ثابتيون ڏيئي، ان وقت جا احوال ظاهر ڪجن ٿا، جنهنڪري اهي احوال نهايت پروسي جهڙا ٿين ٿا. هِنن بہ آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن لفظ يا محاوري جي هڪڙو هڪڙي معنيٰ ۽ ٻيو ٻي معنيٰ ڪندو تہ پوءِ ڳالهہ ئي ڦري ويندي، جنهنڪري پوءِ اهڙي احوال تي پروسو ڪري ڪين سگهبو. انهيءَ سبب اهو ڪم نهايت سنڀالي ڪرڻو آهي. يوروپي عالمن جيتوڻيڪ وس پڄندي گهڻي ئي سنڀال ڪئي، تہ بہ ڪي ڪي غلطيون ڪيائون. انهيءَ هوندي بہ ايترو چئبو تہ پنهنجي ڪم ۾ گهڻي قدر سوڀارا ٿيا، جنهنڪري آفرين اٿن.

اتهاسن ۽ پراڻن مان تاريخي احوال ڪڍڻ ۾ هڪ ٻي تڪليف ٻه ٿين. هندن جي پراڻن ۾ جيڪي راجائن، رشين ۽ ٻين ماڻهن جا احوال آهن، تن جو ڦهلاءُ اڳي پيڙهيءَ ٻه پيڙهيءَ حافظي جي وسيلي ٿيندو هو. هندن اهي گهڻو پوءِ قلمبند ڪيا. ان جو هڪ نتيجو هيءُ ٿيو آهي ته ڪي ڳالهيون ڪنهن پراڻ ۾ هڪڙيءَ طرح ته ڪنهن ۾ ٿورو ٻيءَ طرح لکيل آهن. ڪن پراڻن ۾ ڏنل راجائن جي شجرن ۾ ڪي اهڙا نالا آهن، جي ٻين پراڻن ۾ ڪينهن. ڪن پراڻن ۾ ڪو اهڙو به احوال آهي، جو ٻين پراڻن ۾ ڪونهي. ڪن ڪن هنڌ ڪي اختلاف به آهن: انهن سنهن ٿلهن تفاوتن هوندي به سيني پراڻن ۽ اتهاسن جو مضمون ڪيتري قدر هڪ ٻئي سان ملي اچي ٿو. انهيءَ حالت ۾ سيني پراڻن جي پاڻ ۾ اول ڀيٽ ڪري، پوءِ صحيح ڳالهه ڳولي لهڻي آهي، جو نهايت ڪشالي جو ڪم آهي. مسٽر ايف. جي. پارجيٽر جو اڳي ڪلڪتي هاءِ ڪورٽ جو جج هو، تنهن اهو ڪشالو قبوليو. هن صاحب سيني پراڻن ۽ اتهاسن جي هڪ ٻئي سان ڀيٽ ڪري، ۽ هرهڪ ڳالهه تنقيد جي تارازيءَ ۾ توري، انهن مان نج تاريخي احوال ڪڍي، هڪ نهايت ڪارائتو ڪتاب (Ancient Indian Historical Tradition) لکيو، جو 1922 ع ۾ لنڊن جي آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس مان ڇپائي پڌرو ڪيائين. اهڙو ٻيو ڪتاب (Chronology of Ancient India) ڊاڪٽر ستيا ناٿ پرڌان سلهٽ ڪاليج جي اڳوڻي پروفيسر لکيو، جو 1927 ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. انهيءَ ڪتاب تي به چڱي محنت ٿيل آهي. هن ڪتاب ۾ انهن ۽ ٻين بنهه تازين کوجنائن موجب احوال ڏنا ويا آهن: پر قديم هندستان جون تاريخون جيڪي اڳي ئي ڇپجي پڌريون ٿيون آهن: تن ۾ ڪيترا احوال آهن ئي ڪين. مهن جو دڙو به انگريزن ويجهڙائيءَ ۾ کوٽايو. جنهنڪري اڳ جڙيل تاريخن ۾ انهيءَ جو ڪو به ذڪر ڪونهي. انهيءَ هوندي به ايترو چئبو ته گذريل اڻويهين صديءَ ۾ ڪيترن يوروپي عالمن اڻ ٿڪ ۽ اورچ ٿي، نج تاريخي احوال هندن جي ويدن، اتهاسن (رامائڻ ۽ مهاڀارت) ۽ پراڻن بلڪ ويدن جي براهمڻ گرنٿن ۽ اُپنشدن مان، جين ڌرم ۽ ٻڌ ڌرم وارن جي ڌرمي پستڪن ۽ جاتڪ ڪتائن (گوتم ٻڌ جي جنم ڪتائن) مان، ڪن يوناني، لئٽن ۽ چيني

مسافرن جي سفرنامن مان، مهاراجا اشوڪ جي اڪرايل نوشتن ۽ ڪن قديم سڪن مان، ڪنو ڪري، اسان کي قديم هندستان جي تاريخ جوڙي ڏني. ان ۾ جيتوڻيڪ کي ڳالهيون لکيون ئي ڪين اتن ۽ ڪي غلطيون ڪيون اتن جن جو پتو پوءِ پيو، ته به شاباس اٿن، جو هڪواريءَ آڏاٿو آڏي چڙيائون. ڪن عرصن جا احوال اڄ تائين ملي ڪين سگهيا اٿن، ته تاريخن ۾ خال اجا تائين رهيا پيا آهن. جنهنڪري چئبو ته قديم هندستان جون تاريخون جي هن وقت اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پاڙهڻ ۾ اچن ٿيون، سي سڀ اجا اڻپوريون آهن. هن کان پوءِ آرڪيالاجيڪل کاتي وارا وڏيڪ کوجنائون ڪري، اهي رهيل خال پرين ته اها ہي ڳالهه آهي. ايترو چئبو ته "ناست کان آست چڱي" يعني "اڻ هوند کان هوند ڀلي"، جو اڳي آسروئي ڪونه هو، ته هندستان جي تاريخ جڙي سگهندي.

يوروپي عالمن کي هڙي اتساهه ڀان ڪم ڪندو ڏسي، اسانجن ڪن ڏيهي عالمن کي به رشڪ آيو. هنن پنهنجي روءِ سوءِ کوجنائون ڪري يوروپي عالمن جون ڪيل ڪي غلطيون سڌاريون آهن ۽ قديم هندستان جا وڌيڪ احوال به ڇپائي پڌرا ڪيا اٿن. هن وقت تائين هندن جا، بلڪ سڄي يورپ جا، سڀ ڌرمي پستڪ انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿي چڪا آهن، جن مان ڪي ڪن يوروپي ته ڪي ڪن ڏيهي عالمن ترجمو ڪيا آهن. ويدن جي منترن واري زماني ۾ قديم هندستان جي ماڻهن پنهنجي جيوت ڪيئن ٿي ڪاٽي، سي دل وڻندڙ بيان مسٽر پي. ٽي. شرينواس آينگر لکيا آهن.* بابو روميش چندردت آرين جي سيتا جي تاريخ لکي آهي. ڊاڪٽر راجيندر لال متر "انڊو آرينس (هندستان جي آرين) بابت لکيو آهي، جنهن ۾ آڳاٽن آرين جي عمارت سازي ۽ ٻين ڳالهين جو ذڪر آهي: ڪن عالمن آرين جي هٿيارن پنوهارن ته ڪن ريتن رسمن بابت ڪتاب لکيا آهن. لوڪمانيه بال گنگا ڌر تلڪ پنهنجي روءِ سوءِ کوجنائون ڪري "اورين" ۽ "آرڪٽڪ هوم" نالي ڪتاب لکيا آهن، جن جي ڪري سڄي هندستان ۾، بلڪ هندستان کان ٻاهر مشهور ٿي ويو آهي: ڊاڪٽر انباش چندرداس گهڻي محنت ڪري "رگ ويد انڊيا" ۽

* Mr. P.T. Sirinivas Iyenger: Life in Ancient India in the Age of the Mantras.

"رگ ويدڪ ڪلچر" نالي ڪارائتا ڪتاب لکيا آهن. ڪي قديم ڪتاب بہ ڳولي هٿ ڪيا اٿن. مثلاً سنہ 1875 ع ۾ ڊاڪٽر راجيندر لال متر "شڪر نيتي" ڳولي لڌي. اٽڪل چاليھ ورهيہ ٿيا تہ مسٽر شام شاستريءَ کي نروندرم (مدراس ڪاتي) مان ڪوٽليہ جو "ارٿ شاستر" هٿ آيو. جو عيسوي سن کان سوا ٽي سؤ کن ورهيہ اڳ جو آهي. انهن ڪتابن مان سڌ پوي ٿي تہ آڳاٽي زماني ۾ هندن جي حڪومت جو چرخو ڪيئنَ هلندو هو. انهن بانا ڀٽ جو "سري هرش چرتر"، ڪلهڻ جي "راجترنگڻي" (ڪشمير جي راجائن جي تاريخ سنہ 1148 ع جي لکيل) ۽ ٻيا ڪيترا ڪتاب هن وقت تائين ڇپجي پڌرا ٿيا آهن. "انڊين انٽيڪئري" (Indian Antiquary) ۽ هسٽاريڪل سوسائٽين وارا بہ پليءَ پٽ پاڻ ٻيا موڪين. جنهنڪري قديم هندستان جي تاريخ تيار ڪرڻ لاءِ ذخيرو ڏينهون ڏينهن پوءِ وڌندو پيو وڃي. ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا جي جلد پهرئين جي ديباچي ۾ ڄاڻايل آهي تہ اڳي انين ٻئي پانيون تہ قديم هندستان جي تاريخ وجڻ کي ويئي پيئي آهي ۽ ان جي جڙڻ جو آسروئي ڪونہ هو؛ پر هن وقت تائين ايترو ذخيرو ڪٺو ٿيو آهي، جو ڪنهن بہ هڪ ڇٽي جي جاءِ نہ آهي، جو قديم هندستان جي مڪمل تاريخ تيار ڪري سگهي. هينئر تہ جڏهن ڪي گهڻا ڇٽا انهيءَ ڪم کي جنبي وڃن، تڏهن اهو ڪم راس ٿئي. انهيءَ هوندي بہ ايترو چنبو تہ هن ڪان پوءِ بہ تاريخ لاءِ ڪٽي ڪيترو بہ مصالحو ملي، تہ بہ آڳاٽن هندن جي جيوت ۽ ريتن رسمن جو جهڙو پورو پورو پتو گريھ سوترن مان پوي ٿو، تهڙو ٻئي ڪنهن بہ پستڪ مان پوٽو ڪونهي. سڄيءَ دنيا ۾ جيڪڏهن سماج شاستر (Sociology) بنسبت ڪو جهونو پستڪ آهي تہ اهي گريھ سوتر آهن. نہ فقط سنڌ، پر سڄي هندستان جا هندو انهن سوترن پٽاندر اڄ تائين پيا هلن. انهن سوترن ۾ ڄاڻايل ريتن رسمن جي ڀيٽ قديم يورپ جي ريتن رسمن سان ڪئي اٿن، تہ معلوم ٿيو آهي تہ هندن جي ريتن رسمن جو يورپ، خاص ڪري يونان ۽ روم تي وڏوئي اثر ٿيو آهي. انهيءَ سبب ڪيترن يوروپي عالمن گريھ سوترن جي اهميت هاڻ

گهٽي قدر محسوس ڪئي آهي * ۽ انهن جي مدد سان وديڪ کوجنائون ڪن پيا. هندن جي سڀيتا جو اثر الهندي ايشيا، مصر ملڪ، يونان ۽ يورپ جي ٻين ڪن ڀاڱن تي ڪيئن ٿيو ۽ ڪيتري قدر ٿيو، تنهن بابت پوڪوڪ صاحب ۽ ٻين ڪن عالمن ڪتاب لکيا آهن. هندن جي سڀيتا جو ڦهلاءُ آمريڪا ۾ ٿيو تنهن بابت مسٽر چمن لال "هندو آميريڪا" نالي ڪتاب لکيو آهي، جو پڙهڻ وٽان آهي.

سنڌ جي تاريخ لاءِ ذخيرو: قديم سنڌ جي تاريخ، سنڌ جي سلسليوار تاريخ، سنڌ جي جنم کان وٺي، لکڻ ۾ اول وڏي سنهوليت جيولاجيڪل کاتي وارن ۽ آرڪيالاجيڪل کاتي وارن اسان کي ڪري ڏني آهي. اهو تاريخ کان اڳ جو زمانو (Pre-historic period) آهي يعني ان وقت جا لکيل ڪي به ڪتاب ڪينهن، تنهنڪري اسانجو سمورو مدار انهن کاتن جي ڪيل کوجنائن تي آهي. سنڌ جي جيولاجيءَ جون ڳالهيون اول مسٽر بلئنفورڊ (Mr. W.T. Blanford) ڄاڻايون، جي جيولاجيڪل کاتي وارن جي دفتر مان ڪڍي، ڏار ڪتاب جي صورت ۾ ڇاپايون اٿن. مسٽر واڙيا ۽ ٻين عالمن هندستان جي جيولاجيءَ جو ذڪر ڪندي سنڌ بابت به ٿورو احوال ڏنو آهي، پر پروفيسر پٽاوالا پنهنجي ڪتاب Marvels of Earth ۾ هڪ ڏار باب سنڌ بابت لکيو آهي.

انگريزن جي صاحبيءَ جي اوائل واري وقت کان وٺي آرڪيالاجيڪل کاتي وارن جيڪي کوجنائون، مهن جي دڙي کوٽائڻ کان اڳ ڪيون هيون، تن جو مختصر ذڪر مسٽر هينري ڪزنس پنهنجي ڪتاب The Antiquities of Sindh ۾ ڪيو آهي جنهن جي قيمت پنجيتاليهه رپيا آهي. انهيءَ کان سواءِ مسٽر اي - ايف بلاسس Mr. A.F. Bellasis برهمڻ آباد

* The Grih-Sutras, insignificant though they may be as literary works, afford us a deep insight into the life of ancient Indians. They are in truth a real treasure for the ethnologist.... The numerous parallels in the manners and customs of the Indo- European peoples, which have been discovered long ago, with the usages described in the Grih Sutras make these documents all the more important. In particular, the comparison of the Greek, Roman, Teutonic and Slavonic marriage customs with the rules contained in the Grih-Sutras has shown that the relationship of the Indo-European peoples, is not limited to language, but that these peoples, related in language, have also preserved common features from prehistoric times in their manners and customs." Dr. Wintermitz; History of Indian Literature, Vol. 1, p.274.

طرف کوجنائون ڪري انهن بابت ڏار احوال An Account of the Ancient and Ruined city of Brahmanabad لکيو هو. ساڳيءَ طرح برهمڻ آباد ۽ منصوره بابت ميجر جنرل هيگ ۽ گريٽ برٽن ۽ آئرلينڊ جي رايل ايشياٽڪ سوسائٽي جي جرنل (جلد 16 ؛ ڀاڱو 2) ۾ چڱو احوال ڏنو هو. ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ضلعن ۾ جيڪي کوجنائون انگريزن جي صاحبيءَ جي اوائل ۾ ٿيون، سي احوال بمبئيءَ جي گورنمينٽ سينٽرل پريس 1879ع ۾ ڌار ڇپايا هئا. ويجهڙائيءَ ۾ مهن جو دڙو سرڪار ڪوتايو ته ان بابت گهڻي ئي ڪتاب ڇپيا آهن. جن مان سڀني کان عمدو ڪتاب Mohen Jo Daro And Indus Civilization سر جان مارشل ٽن سهڻن جلدن ۾ ڇپايو آهي، جنهن جي قيمت ڏهه گنيون (ڏيڍ سؤ روپيا، بلڪ وڌيڪ) آهي.

آڳاٽن لکيل ڪتابن مان سنڌو ماٿر جو احوال پهريائين پهريائين هندن جي رگ ويد ۽ ٻين ويدن، براهمڻ گرنٿن، اتهاسن، پراڻن ۽ ڌرم ۽ جين ڌرم وارن جي ڌرمي پستڪن مان ملي ٿو، جنهنڪري چئبو ته ان وقت جي تاريخي روايتن يا ڏند ڪٿائن (Traditions) تي ٻڌل آهي. اهو به تاريخ کان اڳ جو زمانو آهي؛ پر ان بابت ايترو چئبو ته يورپي ۽ ڏيهي عالمن تمام گهڻي محنت ڪري، ڪيترا ان وقت جا تاريخي احوال ڌرمي پستڪن مان چڱيءَ طرح سوڌي ڪڍيا آهن، جنهنڪري اهي به هاڻ تاريخ جي زماني وارن احوالن جهڙا مستند ليکيا وڃن ٿا، بلڪ وڌيڪ.*

عيسوي سن کان 515 کن ورهيه اڳي قديم ايرانين، پنجاب ۽ سنڌ تي ڪاهه ڪئي هئي، سي ڳالهيون ايران طرف اڄ تائين کن ڪتبن تي اُڪريل آهن، انهن ۾ اڻپڇيو وزن لهٽو، جيتوڻيڪ اهي به تاريخ جي زماني کان اڳ جون ڳالهيون آهن. سچو پچو تاريخي زمانو هيرو ڊوٽس جي وقت کان وٺي ليکجي ٿو. هو صاحب عيسوي سن کان ساڍا چار سؤ ورهيه اڳي ٿي گذريو آهي ۽ يورپي لوڪ کيس "تاريخ جو ابو" (The Father of History) ڪري سڏين ٿا. عيسوي سن کان سوا ٿي سؤ

* "The old traditions of the Hindus are not simply traditions, but being corroborated by inscriptions and literary evidences, are of great importance even from the historical point of view" Mr. D.S. Trivada. Itihasa-Shiromani, Sadholal Scholar: Journal of Indian History, December, 1937, p.239.

کن ورهيہ اڳي سڪندر اعظم پنجاب ۽ سنڌ تي ڪاهہ ڪئي هئي. ان وقت جي سنڌ جا احوال يوناني تاريخ ۽ جاگرافي نويسن جهڙوڪ ٽالمي، ائرين ۽ ٻين، يوناني ٻوليءَ ۾ لکيا هئا، جن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو مسٽر مئڪ ڪرنڊل ۽ ٻين عالمن ڪيو آهي. انهيءَ کان پوءِ ڪي يوناني ۽ چيني مسافر هوان شيانگ سنڌ ۾ آيا، جن بہ سنڌ جو ٿورو ٿورو احوال ڏنو آهي. سن 711ع ۾ عربن سنڌ فتح ڪئي، تہ ان وقت سنڌ جي آڳاٽن هندو حاڪمن جا احوال هٿ ڪيائون ۽ سنڌ فتح ڪرڻ جا بيان لکيائون، جي چچ نامي ۽ ٻين ڪتابن ۾ ڏنل آهن. ڪن سنڌي ماڻهن جا ٿورا ٿورا احوال ڪن عربي ڪتابن مان بہ ملن ٿا. ڪڇ ڀڄ جا جيڪي جاڙيجا حاڪم آهن، سي جاڙي ولد لاکي جو اولاد آهن، جو ننگر ٺٽي جي سمن راجپوتن مان هو. گرنارڪوٽ جو حاڪم راءِ ڏياچ سنڌ جي چوڙا سما راجپوتن مان هو. ڪيترو وقت اهي پاسا راجپوتانا سميت سنڌ سان لاڳو هئا. انهن سببن ڪري سنڌ جو ڪجهہ ڪجهہ احوال ڪڇ ڀڄ ۽ ڪاٺياواڙ جي تاريخن ۽ ڪرنل ٽاڊ جي "راجستان"، ۽ فاربس صاحب جي "راس مالا" مان ملي ٿو.

چچ نامي جي وقت کان پوءِ بہ ڪن مسلمانن سنڌ جون تاريخون لکيون. مثلاً مير معصوم شاهہ بکري، جنهنجو منارو سکر شهر ۾ ٽڪريءَ تي اڄ تائين بيٺو آهي، تنهن سنڌ جي تاريخ پارسي ۾ لکي، جا "تاريخ معصومي" سڏجي ٿي. ان جو سنڌيءَ ۾ ترجمو سرگواسي ديوان ننديرام ميراڻيءَ سيوهڻ واري ڪيو هو. اهو ڪتاب اڄ تائين آهي. ارغونن ۽ ترخانن جي زماني جو احوال "بيگلر نامہ" ۾ لکيل آهي. سيد طاهر نسياني بن سيد حسن ٺٽي واري سن 1030 هجري (سن 1621) ۾ "تاريخ طاهري" لکي آهي. وري سن 1187 هجري (1772ع) ۾ سيد علي شير "قانع" ٺٽي واري "تحفتہ الڪرام" لکيو، جنهن جي ٽئين ڀاڱي ۾ سنڌ جي ڪيترن عالمن ۽ فاضلن، شاعرن ۽ مصنفن، درويشن ۽ اوليائن ۽ سنڌين ڪرامتن جو ذڪر آهي، ۽ سنڌ جي حاڪمن جو احوال آهي. ڪلهوڙن ۽ ميرن جي صاحبين جو احوال ٺٽي واري محمد عظيم جي ڪتاب "فتح سنڌ" ۽ مير يار محمد خان جي ڪتاب "فريد نامہ" ۾ آهي. مسلمانن جي

صاحبيءِ جي پڇاڙيءَ واري وقت ۾ ڪي يورپي عالم سنڌ ۾ آيا هئا، جن سنڌ جا ڪي ڪي احوال اهڙا ڏنا آهن، جي آڳاٽن عرصن جي تاريخ تي روشني وجهن ٿا. مثلاً سن 1744 ع ۾ ڪئپٽن اليگزانڊر هئملٽن "ايسٽ انڊيز جو نئون احوال" (A New Account of the East Indies) لکيو؛ سن 1816 ع ۾ سر هينري پاٽنجر بلوچستان ۽ سنڌ جو سير ڪري پنهنجو سفرنامو (Travels in Baluchistan and Sindh) لکيو. ائين برنس (1831 ع)، آئوٽرام (1840 ع)، ڪينيڊي (1840 ع)، سر رچرڊ برٽن، سرچارلس نيپئر جا لکيل ڪتاب، ميجر جنرل هيگ جو "انڊس ڊيلٽا ڪنٽري"، ائبٽ صاحب جو سنڌ جو احوال ۽ ٻين جا لکيل جملي منو سؤ کن ڪتاب مصنف ڪي سجهن ٿا. بمبئي سرڪار جي دفتر تي ڪي آڳاٽا احوال ڪلهوڙن ۽ ميرن جي صاحبين جا هئا، تن مان ڪي متفرق مضمون چونڊي ٻه وڏا جلد ڇپايا اٿن، جن مان هڪ ۾ گهڻو ذڪر سنڌونديءَ جو ۽ ٻئي ۾ گهڻو ذڪر شڪارپور ۽ چانڊڪا پرڳڻن جو آهي. اهڙو ٽيون جلد ٻه آهي جنهن ۾ جيتوڻيڪ ڪڇ ڀڄ جو احوال گهڻو آهي، تہ بہ ان ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي، ديوان گدومل ۽ ٻين جو ڪيترو ذڪر آهي. سنڌ جي مهراڻ بابت ميجر رئورٽي هڪ نهايت ڪارائتو ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافي بہ مختصر طرح ڏني اٿس. مطلب تہ سنڌ جي تاريخ توڙي جاگرافي جوڙڻ لاءِ ذخيرو گهڻو ئي موجود آهي؛ پر ڪي هڏ ڏوکي هجن جي گوڏو ٻڌي، اهو سمورو مال سوڌي، سنڌ جي مڪمل تاريخ تيار ڪن. هن وقت تائين اهڙين ڪوجنائن جو چاهه اسانجن ماڻهن ۾ گهڻو پيدا نہ ٿيو آهي، جنهنڪري سنڌ جي هڪڙي بہ مڪمل تاريخ ڪانهي. جيڪي پارسي تاريخون موجود آهن، تن ۾ بہ ڏسو تہ مسلمانن جي صاحبيءَ جو سربستو احوال ڪونهي. رڳو سومرن جي صاحبيءِ جا احوال ڏسو تہ ڪن تاريخ نويسن ڪيئن تہ ڪن ڪيئن لکيا آهن. ڪن تہ ائين بہ لکيو آهي تہ سومرا "سامرهہ" کان آيا! اهڙيون غلط ڳالهيون سنڌ ۾ هيون بہ ڪي ڦهليل آهن، جن جا ٿورا مثال ڏار ڏجن ٿا.

"هنڌ" ۽ "سنڌ" نالن بابت غلط فهميون. سنہ 1786 ع ۾ سر وليم جونس سنسڪرت جو ناتو ايراني ۽ يورپي ٻولين سان ڄاڻايو. تنهن کان پوءِ

ٻولين ۽ تاريخ جون ڪوجنائون نهايت وگيانڪ ريت ٿيون. ڪائنس اڳي ٻه ڪي صاحب يورپ ۾ ٻولين جون ڪوجنائون ڪندا هئا: پر اڪثر يوروپي ٻولين جي پيٽ هيبرو يا يهودين جي ٻوليءَ، عربيءَ ۽ ٻين سيمينٽڪ خاندان جي ٻولين سان ڪندا هئا. جن سان يوروپي ٻولين جو ڪوبه ناتو اڄ تائين ثابت نه ٿيو آهي. علم لغات جي اُصولن جي ٻه ڪابه سڌ ڪانه هين، تنهنڪري ٻولين جي پيٽ مان نتيجا به انڌا ۽ اونڌ ڪڍندا هئا. سندن انڌن اونڌن نتيجن جو هڪ مزيدار مثال يول ۽ برنيل صاحبن پنهنجي ڪتاب "هابسن جابسن" ۾ ڏنو آهي. ان جو هتي ذڪر ڪجي ٿو. جو اسانجو انهيءَ ڳالهه سان وڏو ني واسطو آهي.

عيسائن جو بائبل يا انجيل "پيدائش جي ڪتاب" (Genesis) سان شروع ٿئي ٿو. پيدائش جي ڪتاب جي چوٿين باب ۾ ڄاڻايل آهي ته "بيبي حوا کي حضرت آدم مان ٻه پٽ قابيل ۽ هابيل (Cain and Abel) ڄاوا. وڏي هوندي قابيل پنهنجي ڀاءُ هابيل جو خون ڪيو. ته ڏٽي تعالى متس ڪوپ ٿيو ۽ کيس ڏيس وتو (ديس نيڪالي) ڏنائين. هو پوءِ باغ عدن جي اڀرندي طرف "ناڊ" (Nod) ڏي لڏي وڃي رهيو (آيت 1 کان 16 تائين).

"ناڊ" (Nod) لفظ ۾ حرف صحيح فقط ٻه آهن: ن ۽ ڊ (N, D). "انڊيا" (India) نالي ۾ به اهي ٻي ساڳيا ٻه حرف صحيح آهن. ۽ ٻيا سڀ حرف علت آهن. جن يوروپين ٻولين جي پيٽ پٺي ڪئي، تن پانيو ته ڏاڍي ڪا وڏي کوجنا ڪئي اٿئون. سو هڪدم ڪٿي هلايائون ته باغ عدن ڇڏڻ کان پوءِ قابيل "انڊيا" (هندستان) ۾ وڃي رهيو هو! پانئجي ٿو ته انهيءَ هل پوڻ کان پوءِ ماٺهن وري انهيءَ ڳالهه کي پنهنجو رنگ ڏيئي ڪن ڪتابن ۾ لکيو ته پورب جون ڪي قومون قابيل جو اولاد آهن.*

آڳاٽن يوروپي لوڪن کي ٻولين ۽ تاريخ جي ڪوجنائن ڪرڻ جو عقل

*"Some have imagined that the name of the land of Nod ('wandering') to which Cain is said to have migrated, and which has the same consonants, is but a form of this (India) which is worth nothing, as this idea may have had to do with the curious statement in some medieval writers (e.g.John Marignolli) that certain eastern races were "the descendants of Cain." Yulc and Burnell's" "Hobson. Jobson" i.e. Glossary of Anglo Indian Colloquil words and Phrases (London 1886) article India.

اجهو اهو هوا ونو بيو مثال "پيدائش جي ڪتاب" (Genesis) جي باب ڏهين آيت پهرين، ۾ جاثايل آهي تہ حضرت نوح کي شيم (Shem) هنمر (حامر Ham) ۽ جثفيت (Japheth) نالي پٽ جاوا: ۽ دنيا ۾ جڏهن مها پرلئي ٿي هئي، تنهن کان پوءِ انهن بہ پٽ ڇٽيا.

انهن شيم ۽ هنمر نالن مان "سيميٽڪ" ۽ "هنميٽڪ" لفظ جڙيل آهن. يهودين جي ٻولي، عربي، ڪلدي وغيره سيميٽڪ خاندان جون ٻوليون آهن ۽ توراني توڙي آفريڪا طرف واريون ٻوليون هنميٽڪ خاندان جون ٻوليون سڏجن ٿيون. (ڏسو اينسائيڪلوپيڊيا) "شيم" (سيم) ۽ "هنمر" نالن سان "سند" ۽ "هند" نالن جو ڪوبہ لاڳاپو آهي ني ڪونہ، تہ بہ اهو هل بيو تہ اهي حضرت نوح جي پٽن جا نالا آهن! اهي هل عربستان تانين پهچي ويا؛ مصنف کي انين سمجهڻ ۾ اچي ٿو، تہ سيد علي شير قانع ٺٽي وارو ڪنهن وقت حج ڪرڻ ويو يا بيو ڪو حج ڪري موٽيو. ۽ اهو هل اتان پڌي آيو. تنهن کان پوءِ اها ڳالهہ سيد علي شير پنهنجي ڪتاب "تحفتہ الڪرام" ۾ لکي، جو هجري سن 1187 مطابق سن 1772 ع ۾ يعني سر وليم جونس جي 1786 ع واري نامياري تقديد کان بہ چوڏهن ورهيہ اڳ جو لکيل آهي. اهوني وقت هو، جنهن وقت يورپي لوڪن ٻولين ۽ تاريخ جون کوجنائون اونڌي: ريت پني ڪيون.* سن 1925 ع ۾ مرحوم شمس العلماء مرزا قليچ بيگ "قديم سنڌ" نالي ڪتاب لکيو، جو گهڻو ڪري سمورو "تحفتہ الڪرام" تان ترجمو ٿيل آهي. اهو ڪتاب شروع ئي هنن لفظن سان ڪيو اٿس. ـ

"سنڌ ملڪ تي نالو "سند" تان پيو، جنن هندستان يا هند تي نالو "هند" تان پيو. سند ۽ هند پني پائر هنا ۽ حامر بن نوح جا پٽ هنا ۽ حضرت نوح مشهور وڏو نبي هو جنهن طوفان کان پوءِ دنيا کي آباد ڪيو." ڏسو تہ ڪتي جي ڳالهہ ڪٿي اچي پهتي آهي! هي آسريوتاٿيون ڳالهيون هن وقت جا يورپي عالم سچيون ڪري نٿا سمجهن، جيئن هتي صاحب

---

* The term Semite comes from Shem in the old Testament (Genesis 10: 1) through the Latin of the Vulgate. The traditional explanation that the so-called Semites are descended from the eldest son of Noah, and therefore racially homogeneous, is no longer accepted. philip k. Hitti, History of the Arabs, P.9

بنهنجي جوڙيل عربستان جي تاريخ ۾ جاڻايو آهي.* حقيقت ۾ هن طرح آهي ته آڳاٽن يورويي لوڪن کي ان وقت نڪا علم لغات جي اُصولن جي، نڪا دنيا جي تاريخ جي سڌ هئي، تنهنڪري هيڙيون بيهوديون ڳالهيون پئي ڦهلائيون. "فلالاجي" جي ذڪر ڪندي، اينسنڪلوپيڊيا برٽينيڪا ۾ به آڳاٽن يوروپين جي اهڙن غلط نتيجن ڪڍڻ جو ذڪر ڪولي ڪيو اٿن.**

هڪ ڪري انهن اڳوڻن يوروپي لوڪن کي ڪُهڙو ڏوهه نه ڏيو، جو اڳي رُڻ جنسي اونده هئي. هن وقت اها اڳيين اونده ڪاهي، ته به بنهنجي سنڌ ۾ ڏسو ته سنڌيءَ ۾ جيڪي هندستان جون تاريخون اسڪولن ۾ پڙهين، تن ۾ ڇا لکيو پيو آهي. اول سندن ڪتاب جو نالو ڏسو. ڪتاب کي سڏيو اٿن. "هندستان جي تواريخ"! نالو ئي غلط. ڪتاب ۾ اندر ڏسو ته منڍ ۾ لکيل آهي ته "هندستان لفظ جي معنيٰ آهي ڪارن ماڻهن جي رهڻ جو هنڌ (هندو = ڪارو + آستان = جاءِ")؛ ساڳين تاريخ نويسن هيٺين به لکيو آهي ته "آريه لوڪ شڪل جا سهڻا ۽ قد جا ڊگها ۽ مضبوط هئا ("مضبوط" بدران "مظبوط" لکيو اٿن!)". جڏهن ٻاڻ لکيو اٿن ته آريه شڪل جا سهڻا هئا تڏهن "هندستان" ڪارن ماڻهن جو ملڪ ٿيو ڪيئن؟ مطلب ته جن کي نه ٻوليءَ جي سڌ، نه تاريخ جي خبر، بلڪ جنهن ملڪ ۾ پاڻ رهن ٿا، تنهن جي نالي جي معنيٰ جي سڌ ڪانه اٿن. ته چئبو ته هيڙا ڪتاب رڳو شاگردن تي مڙهڻ واسطي لکن ٿا، ۽ اها نهايت ارمان جي

---

* "It is astonishing what an amount of real learning and ingenuity was wasted on this question during the 17th and 18th Century." Prof. Max Muller: Lectures on the Science of Language P. 140.
"The first essays in comparison were made upon the classical tongues (Hebrew etc) and were as erroneous in method and fertile in false conclusions as was to be expected." Encyclo: Brittanica. "Philology".

** سڀ ڪي هندو پاڙ انين سمجهن ٿا ته "تاريخ" لفظ جي معنيٰ آهي "تاريخ" (Date) ۽ "تواريخ" معنيٰ "بيان يا احوال" (History) ، هيءَ غلط ڳالهه آهي. "تاريخ" لفظ جون اهي ٻئي معنائون آهن ۽ ان جو جمع آهي "تواريخ". ڪتاب ۾ احوال جڏهن رڳو هندستان جو آهي، تڏهن لکڻ گهرجي "هندستان جي تاريخ". هن حالت ۾ جمع لفظ "تواريخ" ڪم آڻڻ ئي غلط آهي. (مصنف)

ڳالھ آهي. "سنڌو" ۽ "هندو" لفظن جي معنيٰ هتي کولي بڌائجي ٿي ته پڙهندڙن کي انهن لفظن جي صحيح معنيٰ جي سڌ پوي.

سنڌو نالو ۽ اُن جي معنيٰ: سنڌ تي سنڌوندي؛ تان نالو پيو آهي. سنسڪرت ۾ "سنڌو" معنيٰ سمنڊ يا وڏو درياءُ اڳي ڪابل ندي، گومتي (گومال) وغيره سنڌو ندي؛ جون پرتي ڪندڙ شاخون (Tributaries) هونديون هيون. تنهنڪري سنڌو رواجي ندين کان تمام گهڻو وڏي هوندي هئي ۽ سمنڊ سان ڪلهو پئي هٽندي هئي. انهيء سبب آڳاٽن آرين اهو نالو رکيس.* اڄ به سنڌوندي؛ جو پيٽ ديري اسماعيل کان وٺي ڪالا باغ تائين ايڏو وڏو آهي، جو ڪا پيڙي وچ سير ۾ هوندي، ته نڪي اورين؛ پر نڪي پرين؛ پر ڪان ڏسڻ ۾ ايندي.**

هندستان جي امپريل گزيٽيئر بينفي صاحب واري سنسڪرت ڊڪشنري، پروفيسر آپٽي واري سنسڪرت ڊڪشنري ۽ ٻين ڪيترن ڪتابن موجب "سنڌو" جو ڌاتو يا بنياد آهي سنسڪرت لفظ "سيند" (Syand) معنيٰ وهڻ*** انهيء سبب "سنڌو" جي بنيادي معنيٰ آهي "اها ندي جا سدائين پيئي وهي"! پروفيسر منڪس ملر جي خيال موجب "سنڌو" جو ڌاتو آهي "سڌ" معنيٰ رکي وٺڻ يا بچاءُ ڪرڻ. سنڌوندي جن هنڌان وهي ٿي تن هنڌن جي رهاڪن جو ڌارين جي ڪاهن ۽ جهنگلي مرن جي حملن کان بچاءُ ڪري ٿي. پني ڌاتو نهي اچن ٿا. پر پهرين معنيٰ وڌيڪ عام آهي.****

"هندو" ۽ "هندستان" جي معنيٰ. رگ ويد واري زماني ۾ آڳاٽا آريه لوڪ سنڌوندي ۽ اِن جي پرتي ڪندڙ شاخن جا ڪنارا پاڻيء جي سهنج ڪري

---

* Cambridge History of india. Vol. 1 p. 80

** "These are places where people could swim across the Indus, there are others where no eye could tell whether the boundless expanse of water should be called river or sea. The two run into each other, as every sailor knows, and naturally the meaning of Sindhu, river runs into the meaning of Sindhu, 'Sea'." "Prof. Max Muller's: India: What Can it Teach Us? P. 171.

*** "Sindhu from the root Syand-to flow." Imperial Gazetteer of India, V.I, p.2.

**** "Sindhu probably meant originally the divider, keeper, and defender, from Sidh "to keep of" ...... No more telling name could have been given to a broad river, which guarded peaceful settlers both against the inroads of hostile tribes and the attacks of wild animals." Prof. Max Muller's India what can it teach us ? P. 170.

والاري وينا هئا. تنهنڪري آڳاٽن ايرانين سيني هندن جي رهاڪن کي گڏي "سنڌو" سڏيو، پر اُچار ڦيرائي ڪيائون "هندو". جو ايراني لوڪ عام طرح "س" کي ڦيرائي "هه" ڪندا آهن: انهيءَ ريت "هندو" لفظ جي معنيٰ ٿي "سنڌو نديءَ جي ڪناري تي رهندڙ".*

قديم ايراني لوڪ سنڌو ماٿر (پنجاب ۽ سنڌ) ڪان پري ڪونه وياءِ تنهنڪري جيڪو ملڪ ڏٺائون، تہ آريہ لوڪ والاري وينا هئا. تنهن کي هندوستان - هندستان (هندو + آستان) سڏيائون. مطلب تہ "هندستان" لفظ جي اصل معنيٰ هئي "سنڌو نديءَ وارو ملڪ".** قديم ايرانين وٽان قديم يونانين کي هندستان جي سڌ پيئي. سڪندراعظم سان جيڪي تاريخ نويس آيا، تن بہ سنڌوماٿر ۾ رهندڙن کي سڏيو "سنڌو" (هندو)، پر اُچار ڦيرائي [redacted](Indoi)[redacted]، نديءَ کي سڏيائون "انڊوس" (Indos)[redacted](Indica)[redacted]۽ "انڊيڪوس" پوءِ لٽن [redacted](Indos)[redacted]جو اُچار ڦيرائي ڪيو "انڊس" (Indus)[redacted](India)[redacted]سڏيائون. انين هڪڙي ني سنسڪرت لفظ "سنڌو" جا اچار لٽن ٻوليءَ ۾ ڦري "انڊس" ۽ "انڊيا" ٿيا آهن:*** ٻورن لفظن ۾ چنبو تہ "سنڌ" لفظ جي اصل معنيٰ هئي "سنڌو نديءَ جي ماٿر"،**** جنهن ۾ سڄو پنجاب بہ اچي ٿي ويو. "سنڌو" (هندو) لفظ

* "The word 'Hindu' is in medieval Persian 'Hindo' representing the ancient Avesta hendava (Sanskrit Saindhava), a dweller on the Sindhu or Indus ....... 'Hindi' means 'of or belonging to India' while 'Hindu' now means 'a person of Hindu religion" Encyclo. Brit: foot-note, under "Hindostani".

** "They (the early Indians) called the Indus river in Sanskrit by the word which they gave to the ocean itself ---- Sindhu (from the root Syand "to flow"), a name afterwards applied to the ocean--god (Varuna). The term extended itself to the country around the river, and in its plural form, Sindhavas, to the inhabitants thereof. The ancient Persians softening the initial sibilant to an aspirate, called it Hindu in the Zend language: the Greeks, again softening the initial by omitting the aspirate altogether, derived from it their Indikos, and Indos" Imperial Gazetteer of India, Vol. VI, P.2.

"The name for India in the Avesta is Hindu, which like the Old Persian Hi(n)du, is derived from the river Indus Sanskrit Sindhu," Cambridge History of India. Vol 1, P. 324

"Sanskrit 'Sindhu' -- the sea became (eventually) in Persian Hindu, and so passed on to the Greeks and Latins: viz: Indoi for the people, Indos for the river, Indica and India for the country on its banks......... India itself is Latin form." Yule and Burnell's Hobson- Jobson or Glossary of Anglo-Indian colloquial words and phrases, article "India"

*** "Sindh anciently meant the valley of the Sindhu." Sindh Gaze

جي اصل معني هئي: "سنڌونديءَ جي ڪناري تي رهندڙ"، ۽ نه "ڪارو" يا "چور". جينن کي غلط طرح سمجهن ٿا؛ ۽ "هندستان" لفظ جي اصل معني هئي "سنڌونديءَ وارو ملڪ". خود سنسڪرت ساهت ۾ "سنڌو" لفظ جي ڪيترن هنڌ معني آهي "سنڌونديءَ وارو ملڪ". ۽ "سنڌو" يا "سننڌو" جي معني آهي، "سنڌو ماتر جا رهاڪو". آڳاٽا آريه لوڪ پوءِ اتر هندستان کان وڌي ڏکڻ هندستان ڏي ويا، ۽ اتي به وڃي ويٺڪون وڌائون. ته اهو سڄو ملڪ ڪشمير جي مٿين ڀاڱي کان وٺي ڪيپ ڪامورن تائين "هندستان" سڏجڻ ۾ آيو. پوءِ مسلمانن جي صاحبي ٿي، ته "هندو" لفظ جي معني ٿي "برهمڻي ڌرم کي مڃيندڙ".

آڳاٽن عربن کي "هند" (هندستان) جي سڌ قديم ايرانين وٽان پيئي هئي. سن 711-712 ع ۾ عربن سنڌ ۽ ملتان پنهنجي قبضي ڪيا، ته معلوم ٿين ته "سنڌ" جو علائقو ڌار آهي ۽ "هند" سڄي هندستان جو نالو آهي. انهيءَ وقت کان وٺي "سنڌ" ۽ "هند" جي فرق جو پتو پين، پر ڪن پارسي تاريخ نويسن پوءِ به "سنڌ ۽ هند" نالا گڏي پئي ڄاڻايا.* عيسوي سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ۾ ڪن يورپي لوڪن پولين ۽ تاريخ جون کوجنائون، بنهه اونڌي نموني پئي ڪيون ۽ بيهودا هل پئي اُٿاريائون، ته ڪن پارسي تاريخ نويسن به اُهي هل سچا سمجهي، پنهنجن ڪتابن ۾ ڄاڻايو ته سنڌ ۽ هند حضرت نوح جي اولاد جا نالا آهن. پوءِ وڌيڪ کوجنائن سان ثابت ٿيو ته اهي واحياتي ڳالهيون هيون. سيپتا جو سچ پين گهڻن هنڌن کان اڳ، سنڌو ماتر ۾ اُڀريو هو. سا ڳالهه به هتي منڊ ۾ نى ڄاڻانجي ٿي، ته سنڌ جي اهميت سمجهڻ سولي ٿئي.

<u>سيپتا جا اوائلي ماڳ.</u> سيڪنهن ملڪ جي تهذيب يا سيپتا جو سلو اول انهيءَ هنڌ اسري نسري اوج کي رسي ٿو، جنهن هنڌ نديون ۽ نارا آهن. قديم زماني ۾ ماڻهن وٽ نڪي ڪاٺين ڪٺڻ، نڪي کوهن کوٽڻ لاءِ ڪي <u>ڪارائتا اوزار هئا</u>، تنهنڪري ويٺڪون نى اتي ڪندا هئا، جتي قدرتي

*"The aspirated and persianised form Hind (Sanskrit "Sindhu") as applied to the great country beyond the Indus, passed on to the Arabs. But when they invaded the valley of the Indus and found it called Sindhu, they adopted that name in the form Sind, and thence forward "Hind and Sind" were habitually distinguished, though generally coupled and conceived as two parts of a great whole". Yule Burnell: Hobson-Jobson under article "India"

طرح پاڻيءَ جو سهنج هوندو هو، جتي درياهہ پيو وهندو هو، تتي اَن، ڀاڄيون، ميوا، ڪپهہ ۽ ٻيون پيدائشون تہ آسانيءَ سان ٿي سگهنديون، پر هنر ۽ ڪاريگريون بہ اتي زور وٺنديون، بلڪ علم جي نهر اول اُتي جاري ٿيندي، جنهنڪري اهو هنڌ عالمن ۽ فاضلن جو ماڳ ٿي پوندو. اهي ڳالهيون ڏيان ۾ رکي، پنهنجي برڳٽي جون حالتون ٻين هنڌن جي حالتن سان ڀيٽيو، جو انهيءَ ريت ني قديم سنڌ جو پوريءَ ريت قدر ڪري سگهبو.

عالمن کي کوجنائن ڪرڻ سان معلوم ٿيو آهي، تہ ڪئين هزار ورهيہ اڳي، اهڙا سٺاوا هنڌ ايشيا ۽ آفريقا ۾ فقط بہ چار هئا، جتي تهذيب يا سيپتا جا سلا اول اُپريا، جي پوءِ وڏي وڻ ٿيا. هڪڙو مصر ملڪ ۾ نيل نديءَ واري ماٿر ٻيو ميسوپوٽيميا ڏي فرات (يوفريٽس) ۽ دجلہ (ٽائگرس) ندين جي ماٿر، ٽيون چين ولايت ۾ هوئنگ هو ۽ يانگٽسيڪانگ واري ماٿر ۽ چوٿون پنجاب ۽ سنڌ ۾ سنڌونديءَ واري ماٿر. مطلب تہ دنيا ۾ چار بختاور قومون آهن، جن کي اوائل ۾ پاڻيءَ جو سهنج هو، جنهنڪري ٻين قومن کان اڳ ترقي ڪيائون. انهن مان هڪڙي آريہ قوم هئي، جنهنجو اولاد اڄ تائين هندستان، ايران، وچ ايشيا ۽ يورپ جو گهڻو ڀاڱو والاري ويٺو آهي. ٻي توراني قوم هئي، جنهن جو اولاد چين، جپان ۽ تبيت ۾ آهي. ٽين سيميٽڪ قوم هئي، جنهنجي هٽ ۾ عربستان ۽ ايشيا جو الهندو طرف بہ هو. چوٿين هيميٽڪ قوم هئي، انهن چئن بختاور قومن مان اسان جو وڏو واسطو آريہ قوم سان آهي، جنهن رگ ويد واري قديم زماني ۾ سنڌوماٿر وسائي، ۽ انهيءَ قوم جو اولاد هندستان جا ڪيترا هندو آهن ۽ آڳاٽن هندن مان هن وقت ڪيترا مسلمان آهن. هاڻ چڱيءَ طرح سمجهڻ ۾ ايندو تہ قديم دنيا ۾ سيپتا جا جيڪي اوائلي ماڳ هئا، تن مان هڪ سنڌوماٽر هئي، جنهن جهڙي وسيع ۽ پري پاڳي ماٿر سڄي ايشيا کنڊ جي ڏاکڻي پاڱي ۾ ٻي ڪانهي.*

عالمن کي کوجنائن مان اهو بہ معلوم ٿيو آهي، تہ سنڌو ماٿر جي رهاڪن ٻين جي سيپتا تان نقل ڪونہ ڪيو، پر پاڻ ٻين ڪيترين قومن

* Sir John Marshall: Mohen Jo Daro and Indus civilization. Vol. 1. P. 94.

وٽائن پرايو. جنھنڪري سنڌ جي اوائلي تاريخ ڪيتري قدر دنيا جي تھذيب جي شروعات جي تاريخ ڪري سمجھڻ گھرجي. ھن وقت تائين ڪيترن ملڪن، بلڪ سڄيءَ دنيا جون تاريخون ڇپجي پڌريون ٿيون آھن. انھن تاريخن جو ٿورو ئي اڀياس ڪندؤ تہ يقين ٿيندو تہ، سنڌو ماٿر وارن آرين جي سڀيتا ڪيترن ھنڌن جي رھاڪن تي حيرت جھڙو اثر ڪيو آھي، جنھنڪري چنبو تہ پروفيسر منڪس ملر سنڌو ماٿر (ھندستان) جون حق تي ساڪون پريون آھن. *

• "If I were to look over the whole world to find out the country most richly endowed with all the wealth, power, and beauty that nature can bestow-- in some parts a very paradise or earth--1 should point to India. If I were asked under what sky the human mind has most fully developed some of its choicest gifts, has most deeply pondered on the greatest problems of life, and has found solutions of some of them which well deserve the attention even of those who have studied Plato and Kant-- I should point to India. And if I were to ask myself from what literature we, here in Europe, we who have been nurtured almost exclusively on the thoughts of Greeks and Romans, and of one Semitic race, the Jewish, may draw that corrective which is most wanted in order to make our inner life more perfect, more comprehensive, more universal, in fact more truly human, a life, not for this life only, but a transfigured and eternal life-- again I should point to India."
Prof. Max Mulier: India: What Can It Teach Us ? P.6.

# باب پهريون

## تاريخ کان اڳ جو زمانو

سنڌ جو جنم. قديم سنڌ جي تاريخ منڊ کان وٺي پوري ريت سمجهڻ لاءِ هاڻوڪي سنڌ ۾ هاڻوڪو زمانو وساري، اُهو آڳاٽو وقت اکين اڳيان آڻيون، جنهن وقت سنڌ جي الهندي ڏي جبل چوٽيون ڪڍيو بيٺا هئا ۽ ٻيا پاسا، گهڻو ڪري سمورا، سمنڊ جي پاڻيءَ هيٺ هئا.

سنڌ کي پاڻيءَ مان پرگهٽ ٿئي ڪئين جڳ ٿي ويا آهن. انهيءَ قديم زماني جا ڪي ڪتاب موجود ڪينهن، تہ بہ جيڪي صاحب "پوِنءَ وگيان" (ڌرتيءَ جي علم Geology) ۾ پڙ آهن، سي اِهي جڳن جونہ ڳالهيون بہ پرجهي پروڙي سگهن ٿا.انهن عالمن ڌرتيءَ جي بنهہ تر واريءَ زمين کان وٺي ڌرتيءَ جو هڪ هڪ طبق يا تهہ (Stratum) جاچي معلوم ڪيو آهي تہ هرهڪ تهہ ٺهڻ ۾ ڪيترو عرصو لڳو هوندو. انهيءَ هرهڪ زماني تي علحدا علحدا نالا (.Cambrian, Cretaceous etc) رکيا اٿن.

پوِنءِ وگياني (Geologists) چون ٿا، تہ "جيالاجيءَ" جي ٽئين زماني (Tertiary Age) ۾ سنڌ سميت سڄي اتر هندستان جو گهڻو ڀاڱو "ٽيٿيا" نالي سمنڊ (Tethya Sea) هيٺ هو. جنهنجي چولين هماليہ جبل کان وٺي ونڌيا جبل تائين ڇلڪا پئي ڏنا. ڪنهن وقت هماليہ جبل طرف اهڙا خوفناڪ زلزلا ٿيا، جو ڌرتي مٿي چڙهي آئي ۽ سمنڊ هٽي، ڏيهان ڏور ٿي ويو! ائين زمين ظاهر ٿي*، تہ قدرت وري ٻيا ڪم ڪيا. وقت بوقت جيڪي چوها ۽ طوفان پئي لڳا، تن سبب واري وئي پکڙندي، برساتين سبب زمين وئي وهندي ۽ گرميءَ سبب ناڪ ٿيندي. هڪڙي پلر (برسات

* "Sindh is mainly a sea-born land." Prof. M.B. Pithawalla; Marvels of the Earth P. 51. Wadia: Geology of India P. 5 et sep.

جي پاڻيءَ) جي پالوٽ تي، ھيو ندين جو رُءُ ڌرتيءَ مٿان وقت بوقت چڙھيو، تہ زمين وٺي مٽي ٿيندي. انھيءَ ريت سڄي اتر ھندستان جي رونق ئي ھي ٿي پيئي. اڄ ھندستان ۾ جدا جدا ھنڌن تي طرح طرح جا نرمل نظارا نظر اچن ٿا. ھماليہ جبل جي برف سان ڇانيل چوٽين جو نظارو پنھنجو، تہ ڪشمير طرف جي گلڪاري گلزار جو نمونو پنھنجو. اھڙيءَ ريت اتر ھندستان کان وٺي ڏکڻ ھندستان تائين ساوڪ سبزي چڱو ڇھڇٽو لائي بيٺي آھي. ھندستان جي زرخيز زمين مان پيدائشون بہ ايترين ٿيون ٿين جو ھيو ڪوبہ ملڪ ساڻس مشڪل مٽ پنجي سگھندو* ڪن تاريخ نويسن تہ ھندستان کي بھشت جي برابر ڪري ليکيو آھي.**

ھندستان کي ھھڙو رونقدار ۽ پريو پاڳيو سندس ندين ڪيو آھي، جن مان سنڌو نھايت قديم آھي. عالمن ڄاڻايو آھي تہ سنڌ جو پرڳٽو سمنڊ مان پيدا ٿيو، تنھن کان ئي اڳي سنڌو ندي ھئي! مطلب تہ جيئن ھار جمڻ کان اڳي ئي ڏٽي سندس لاءِ قوت تيار رکي ٿو، جو ماءُ جي ٿڻن ۾ ٿڄ اچي ٿي، تيئن سنڌ جي صوبي کي ڏاتي نپائي وڏي ڪرڻ لاءِ سير سنڌو اڳي ئي ھتي حاضر ھئي.*** اڄ بہ اسانجيءَ جيوت جو گھڻو مدار انھيءَ سونھاري سنڌوءَ تي آھي، جنھن بنا اسانجو پرڳٽو جيڪر جنسي بربٽ تي پوي.

---

* "It (India) has always appeared to the imagination of the Western World adorned with whatever is most splendid and gorgeous: glittering, so it were, with gold and gems and redolent of fragrant and delicious odours. Though there be in these magnificent conceptions something romantic and illusory, still India forms unquestionably one of the most remarkable regions that exist on the surface of the globe. The varied grandeur of its scenery and the rich productions of its soil are scarcely equalled in any other country."
Murray's History of India, P.1.

** The historian Abdûllah Wassaf writing in the 14th century A.D. says of India in his history, Taziyat-ul-Amsar'. "India according to the concurrent opinion of all writers, is the most agreeable abode on the earth and the most pleasant quarter of the world. Its dust is purer than air and its air purer than purity itself. Its delightful plains resemble the garden of paradise. If it is asserted that paradise is in India, be not surprised, "because Paradise itself is not comparable to it".
Elliot's history of India, Vol. III, PP. 28--29.

*** "It (the Indus) is an example of an antecedent drainage, having existed even before the great Himalyan up-heavals."
Prof. Pithawala: Marvels of the Earth PP 56-57.

سانيمر! سدائين ڪرين، متي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين!
(شاهه)

قديم سنڌ جا اصل رهاڪو: سنڌ مان سمنڊ هٽي پري ٿيو ته اول ڪهڙين قومن اهي واريا سا پٽ اچي وسايا، سا سنڌ يئجي نتي سگهي. جنهن زماني (Tertiary Age) ۾ سنڌ جي زمين ظاهر ٿي هئي، تنهن زماني جي ماڻهن جا پنڊ (جسم) هن وقت تائين ڦري، پهڻ ٿي ويا آهن. ان وقت جي وڻن ٽڻن جو به اهو حال ٿيو آهي. اهي ٿنين جڳ وارا پنڊ پهڻ (Tertiary fossils) سنڌ ۾ زمين جي اندرين تهن مان ڪئين لڌا آهن. قديم سنڌ جا اصل رهاڪو اهي چنبا. پر هن حالت ۾ ڪين ڪو سچائي به ڪونه سگهندو. عالمن کي کوجنائن ڪرڻ سان ايترو معلوم ٿيو آهي، ته موجوده قومن مان قديم ۾ قديم لوڪ، جن اتر هندستان وسايو، سي هاٽوڪن سنتالن، پيلن ۽ منڊلوڪن جا ابا ڏاڏا هئا. اهي سنڌ ۾ به هئا يا نه. تنهن بابت اسان کي پهريائين پڪ ڪانه هئي؛ پر پوءِ ڪن جون ڪوپڙيون سيوهڻ جي برپان لڌيون هيون.* 1922-1923ع ۾ ڪن ڪولن ۽ سنتالن جون کوپڙيون مهن جي دڙي مان به لڌيون، جا ڳالهه آرڪيالاجيڪل کاتي جي ڊئريڪٽر جنرل سرجان مارشل ڄاڻائي آهي. ائين هاڻ خاطري ٿي آهي ته اهي قديم لوڪ سنڌ ۾ به هئا، تنهنڪري قديم سنڌ جا اصل رهاڪو هاڻ اُهي ليکڻ گهرجن.

ڪول ۽ سنتال ڪتان آيا. جيالاجيڪل کاتي وارن کي کوجنا ڪرڻ مان معلوم ٿيو آهي ته قديم زماني ۾ جڏهن اتر هندستان گهڻو ڪري سمورو سمنڊ جي پاڻيءَ هيٺ هو، تڏهن ڏکڻ هندستان وارو پاسو آفريقا، سلون (لنڪا) ۽ آسٽريليا سان خشڪيءَ رستي ڳنڍيل هو. ۽ اُهو گهڻو اڳي پيدا ٿيو هو. هن وقت دور پورب ڏي اندمان ٻيٽ ۽ ٻيا ننڍا ننڍا ٻيٽ آهن؛ پر انهيءَ پاسي هڪ وڏو پڪو کنڊ هو، جو هينئر پئسفڪ وڏي سمنڊ جي ٻيٽ ۾ سمايل آهي. انهيءَ غرق ٿيل کنڊ کي "ليموريا" (Lemuria) نالو ڏنو اٿن. ڇاڪاڻ ته ليمور (Lemur) نالي هڪ جانور جا هڏا انهيءَ سڄي

* W. T. Blanford. Geology of Western Sind. (Memoirs of Geological survey. Vol. XVII. part 1.)

ايراضيءَ مان (آفريقا کان وٺي آسٽريليا تائين) ججهي تعداد ۾ لڌا آهن. انهيءَ ڪنڊ جي کوجنا ويجهڙائي ۾ به ٿي ڪيائون: پر هن وقت جرمنيءَ ۽ جاپان جي جنگين سبب بند ڪئي اٿن. انهيءَ کوجنا جا جيستائين نتيجا ڇپجي پڌرا نه ٿيا آهن، تيستائين اُن بابت ڪجهه به وڌيڪ چئي نٿو سگهجي.

ٻولين جي کوجنائن مان عالمن کي ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿيو آهي، ته اهي قديم لوڪ اصل خشڪيءَ جي رستي آسٽريليا کان چين ولايت واري واٽ وٺي، آسام ۽ بينگال ڏي آيا، ۽ پوءِ اتر هندستان ڏي وڌيا. هن وقت سندن اولاد وچ هندستان ڏي سنٿال پرڳڻن چوٽا ناگپور طرف رهي ٿو. هاٽوڪا ڪول ۽ سنٿال جيڪي ٻوليون ڳالهائين ٿا، تن جي نحوي بناوت اُنهن ٻولين جهڙي آهي، جي انڊو چِئنا ۽ ملايا اُپپيٽ کان وٺي آسٽريليا ۽ پالينيشا تائين ڳالهائڻ ۾ اچن ٿيون. انهن سيني هنڌن جي ٻولين جو پاڻ ۾ جڳري ناتو آهي، تنهنڪري ڪولن، سنٿالن وغيره جون ٻوليون آسٽريليا جي ٻولين جي خاندان (Austric family) جي هڪ شاخ ليکجن ٿيون. اهي حقيقتون سر گريئرسن پنهنجي نامياري ڪتاب "لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا" (Linguistic Survey of India) جي جلد پهرئين، ڀاڱي پهرئين ۾ ڄاڻايون آهن.

<u>قديم سڀيتا جي شروعات.</u> سنڌ جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ به ڪيچ جو رڻ ۽ ٿر ڏي ڪي صديون ساندهه سمنڊ هو. ڪراچي ضلعي ۽ حيدرآباد ضلعي واري لاڙ جا به ڪيترا ٽڪر ڪي سمنڊ جي پاڻيءَ، ته ڪي سنڌوندي‌ءَ جي پاڻيءَ هيٺ هئا. جن مان شاهه بندر، سجاول ۽ جهرڪن وارو ٽورو پاسو بنهه ويجهڙائيءَ ۾ پاڻيءَ مان نڪري پڌرو ٿيو آهي.* تاريخ کان اڳ جي زماني جون جيڪي کوجنائون ٿيون آهن، تن مان ائين سمجهڻ ۾ پيو اچي، ته شاهه بندر، ٺٽي ۽ جهرڪن واريون ٽڪريون، ڪوٽڙيءَ طرف وارو سوڙجاٽو جبل، حيدرآباد وارو گنجو ٽڪر ۽ رنيڪوٽ واريون ٽڪريون، يا ته اُن وقت هيون ئي ڪين، يا جي هيون ته آسپاس پاڻيءَ هئڻ سبب، ٻيٽن وانگر بيٺيون هيون. جنهنڪري سنڌ جي رڳو الهندي طرف وارو جابلو

* Major H.G. Raverty: The Mihran of Sind and its Tributaries PP.317 & 468-69.

پاڳو اول وسيو هو. اهو "قديم حجري زمانو" يعني "جهوني پٿر وارو زمانو" (Paleolithic or Old Stone Age) هو، جنهن ۾ زمين ڪيتري قدر برف سان ڇانيل هئي ۽ رڳو ڪي ڪي هنڌ ڇٽل هئا، جتي ماڻهو رهي سگهندا هئا. ان وقت ماڻهن کي اجان گهر جوڙڻ جو هنر ڪونه هو. تنهنڪري گرمي، سردي، توڙي برسات کان پاڻ بچائڻ لاءِ الهندي طرف وارن جبلن ۾ ٽڪرن جي غارن ۾ رهندا هئا. اڄ به اکين سان ڏسجي ٿو، ته ڪوهستان ۾ جن واندين کي گهر نڪو گهاٽ آهي، سي غارن ۾ آڏن ۾ رهن ٿا. ان وقت ماڻهن کي کيتيءَ ڪرڻ جو هنر به ڪونه هو. جنهنڪري "ڏٿ" (جهنگلي اَن ۽ جهنگلي ميون وغيره) تي گذاريندا هئا. ڇاپرو ٻير، ليارُ ڳانگيون، گولاڙا، منگها ۽ ٻيون اهڙيون جهنگلي پيدائشون اڄ به ڪوهستان توڙي ٿر جي ماڻهن لاءِ وڏي وٿ آهن. انهن هنڌن جي ماڻهن اڄ تائين گهٽي ترقي ڪانه ڪئي آهي. جنهنڪري اهي آڳاٽي ۾ آڳاٽا دستور اڄ تائين هلائيندا پيا اچن.

ماڻهن جا ڏند ۽ ٻيون ڳالهيون جاچي، ڪيترن عالمن هيءَ راءِ ظاهر ڪئي آهي ته انسان پنهنجي ذاتي سڀاءُ ڪري سانتيڪو پرساد کائيندڙ يا ڀاڄي خور (Vegetarian) آهي، پر اهڙيون حالتون به ڏيان ۾ رکڻ گهرجن. ڪنهن وقت گهڻي برف پوڻ ڪري، يا برسات اصل نه پوڻ ڪري، وڻ ٽڻ سڙي ويندا، ته ڪابه پيدائش ٿي ڪانه سگهندي. اڄ به ٿر ۾ ڏسو ته جيڪڏهن ٻه ٽي مندون ساندهه مينهن جو ڦڙو به ڪونه وسندو آهي، ته وڻ ٽڻ سڀ سڙي سڪي ويندا آهن. چوپايو مال مڪين وانگر مري ويندو آهي. بک وچان ماڻهن جا پيٽ پٺيءَ سان وڃي لڳندا آهن ۽ ٿر مان جنسي رت جي بانس ٻيڻي ايندي آهي! اهڙين حالتن ڪري ماڻهن مڇيءَ ماس کائڻ جي عادت پرائي.* پکين جو شڪار ڪرڻو هوندو هون، ته پٽ مان پٿر ڪٽي هڻندا هئن. منجهائن ڪو مرندو هو، ته سندس لاش جي مٿان پٿر وجهي ان کي ڍڪي ڇڏيندا هئا. مطلب ته اڻ گهڙيل پٿر ڪم آڻڻ جو واهپو گهڻو هو. تنهنڪري اهو قديم هجري زمانو سڏجي ٿو، جو عيسوي سن کان ڪئين هزار ورهيه اڳي شروع ٿيو هو.

---

* Rev. E.O. James: Introduction to Anthropology, PP. 65--66

قديم سيپتا جو مرڪز سنڌ ۾ هن وقت تائين آرڪيالاجيڪل کاتي وارن کُهُون ڪوجنائون ڪونہ ڪيون آهن، تہ بہ جيڪي ٿوريون گهڻيون ڪيون اٿن، تن مان انين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو تہ انهيءَ قديم سيپتا جو مرڪز سيوهڻ وارو پاسو هو. ميجر جنرل ڪننگهام ڄاڻايو آهي تہ "سيوهڻ نهايت سٺاڻي هنڌ، هڪ ڊار اُتاهين ٽڪري تي آهي؛ ۽ منڇر ڍنڍ بغل ۾ بيٺي اٿس، جنهنجو پاڻي اڳي سيوهڻ جي پيرين تائين اچي پهچندو هو، جنهنڪري پاڻيءَ ۽ ڪاڏي پيتي جي سهنج، سنڌ جي ٻهرين رهاڪن جو ڌيان ضرور اول انهيءَ طرف ڏي ڇڪيو هوندو.* مصنف جو بہ اهو ئي رايو آهي، تہ سڄيءَ سنڌ مان اول سيوهڻ وارو پاسو وسيو هو. ان لاءِ سبب اهن:

مهن جي ڏڙي جي کوٽائي تيڻ کان گهڻو اڳي، انهيءَ قديم زماني جي ماڻهن جون ڪوڙيون، سيوهڻ جي پريان، شاهہ بلاول واريءَ واٽ تان لڌيون هيون. هيءَ حقيقت جيالاجيڪل کاتي وارن جي دفتر ۾ ڄاڻايل آهي.** خود "سيوهڻ " نالو نهايت ئي آڳاٽو آهي ۽ انهيءَ جهڙو جهونو نالو ٻني ڪنهن بہ شهر جو ڪونهي. اهو نالو يجرويد واري زماني ۾ مليس، تنهنڪري انهيءَ ڳالهہ جو وڌيڪ ذڪر پوءِ ڪبو. هن وقت اسين انهيءَ کان گهڻو آڳاٽي وقت جي ڳالهہ ڪري رهيا آهيون، تنهنڪري انهيءَ نهايت قديم وقت جا جيڪي احوال ملي سگهيا آهن، سي هتي ڄاڻائجن ٿا:

لکيءَ جي جبلن مان ڪوسي پاڻيءَ جي ڪشتين جي پريان، ڪي غار لڌا اٿن، جي ٽڪرن مان تاڪيل آهن. انهن بابت رايو ظاهر ڪيو اٿن، تہ اڳي انهن ۾ ماڻهو رهندا هئا. هن وقت انهن غارن مان ڪي وهٽن لاءِ وٿاڻ ٿي ڪم اچن ٿا. هاٿوڪي سيوهڻ اسٽيشن جي پريان ٽڪريءَ تي، انهيءَ قديم زماني جو هڪ غار آهي، جو "ايڪ ٽنيو" يا "هڪ ٽنيو" سڏجي ٿو. ان جو ذڪر ڊاڪٽر ولسن ڪيو آهي. اهو بہ نهايت قديم زماني جو غار آهي، جنهن ۾ ماڻهو پناهہ وٺندا هئا.

* Major General Cunnigham Geography of Ancient India. PP. 264--266

** T. Blanford: Geology of western Sind. (Memoirs of Geological Survey Vol XVII. Part 1).

Mr. Henry Cousens. The Antiquities of Sind. Page 6.

لڪيءَ جي جبلن مان ڪوسي پاڻيءَ جي ڪشتين جي نزديڪ، ڪيتريون قبرون لڌيون اٿن، جن بابت انهيءَ طرف جا مسلمان رهاڪو چون ٿا تہ اهي آڳاٽن "ڪافرن جون قبرون" آهن. اهي قديم ماڻهن جون قبرون پندرهن ويهہ فوٽ ڊگهيون، اٺ نو فوٽ ويڪريون ۽ اٽڪل ٻہ فوٽ اوچيون آهن. اهڙيون قديم زماني جون اڻ گهڙيل پٿر جون قبرون منگهي پير جي پريان شاهہ بلاول* واريءَ واٽ تان، توڙي ڪراچيءَ کان جيڪو رستو ڪوٽڙيءَ ۽ سيوهڻ ڏي وڃي ٿو، تنهن شاهي سڙڪ تي آهن. انهن هنڌن جا مسلمان رهاڪو انهن کي بہ "ڪافرن جون قبرون" ڪوٺين ٿا. هندن ۾ بہ اڳي مُردن پورڻ جو رواج هو. مُردن ساڙڻ جو رواج گهڻو پوءِ پيو. جو باهہ ٻارڻ جو هنر ماڻهو پوءِ سکيا. هنن حقيقتن مان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو، تہ هاٿوڪي حب ندي انهيءَ آڳاٽي وقت ۾ بہ هئي، ۽ چوماسي ۾ برسات جو پاڻي جبلن تان لهي منجهس اچي پوندو هو. جُهنڪري هن پاسي بہ پاڻيءَ جي سهنج ڪري ماڻهو رهي سگهيا ٿي: پر اها وري بہ بلوچستان جي حد ليکبي، تنهنڪري سنڌ جو وسيل پاسو رڳو سيوهڻ وارو طرف چئبو.

سر بارٽل فريئر جنهن جي نالي پٺيان ڪراچيءَ جو "فريئر هال" سڏجي ٿو، تنهن سن 1851 ع ۾ تاريخ کان اڳ واري زماني جي قبرن جو بيان رايل ايشياٽڪ سوسائٽيءَ جي جرنل ۾ لکيو هو. مسٽر هينري ڪزنس، جو اڳي آرڪيالاجيڪل کاتي جو سپرنٽنڊنٽ هو ۽ سن 1910 ع ۾ سنڌ ۾ اچي، ميربورخاص طرف "ڪاهوءَ جو دڙو" کوٽايو هئائين، تنهن پنهنجي ڪتاب "انٽيڪئٽيز آف سنڌ" ۾ انهن قديم غارن ۽ قبرن جو احوال، سر بارٽل فريئر ۽ ٻين عالمن جي رپورٽن مان ڏنو آهي، جنهنجو مختصر مطلب اهو آهي، جو مٿي ڏنو ويو آهي.

هنن حقيقتن مان چڱيءَ پر سمجهڻ ۾ ايندو تہ قديم ۾ قديم سنڌين

---

* شاهہ بلاول بہ آهن: هڪڙو سيوهڻ ـ دادو، طرف ۽ ٻيو ڪراچيءَ کان اٽڪل چتيهہ ڪوهہ ٻري لاهوت لامڪان کان ڏيڍ ڪوهہ کن جي مفاصلي ... شاهہ بلاول جي درگاهہ ٻہ جبل جي وچ ۾ آهي، تنهنڪري عام طرح ... بهلوان" سڏيندا اٿس. (مصنف)

جا ماڳ جيڪڏهن ڪنهن کي ڳولڻا هجن، ته سنڌ جي الهندي طرف وارن جبلن جي قطارن ۾ سيوهڻ ۾ لاڙڪاڻي طرف جا اهي هنڌ جي سنڌوندي، ۾ الهندي ناري کي ويجها آهن، سي خاص ڪري سيوهڻ ۾ لڪيءَ وارو پاسو ڳولي، جو سنڌ جي قديم سڀيتا جو پتو اُتان ئي پوڻو آهي. آڳاٽن ماڻهن کي هن پاسي پاڻي آسانيءَ سان ملي سگهيو ٿي ۽ غارن ۾ رهڻ جو سهنج به هون، تنهنڪري اهو سيوهڻ ۾ لاڙڪاڻي وارو پاسو سياويڪ طرح سنڌ جي سڀيتا جو پهريون گهر ٿيو.

<u>ڪولن جو وڌيڪ ذڪر</u>. ڪولن ۾ سنٿالن جي ٻوليءَ ۾ "ڪول" لفظ جي معنيٰ آهي "ڄڻو" يا "ماڻهو" جيئن ويجهڙائيءَ ۾ مهاتما گانڌيءَ اڇوتن کي نالو ڏنو "هريجن" يعني هريءَ يا ڀڳوان جو جيو (People of God) تيئن ڪول لوڪ به سڏبا هئا. سندن اولاد ڪئين صديون سانده سڄي اتر هندستان ۾ هو؛ تنهنڪري هو آرين سان لهه وچڙ ۾ آيا هئا. ۽ انهيءَ سبب سنسڪرت ۾ به "ڪول" لفظ چالو ٿيو، پر معنيٰ ٿيس "جهنگلي يا اڻ سڌريل. هن مان ظاهر آهي ته آڳاٽن آرين ڪولن کي اڻ سڌريل حالت ۾، يا پاڻ کان گهڻو گهٽ ڏٺو هو، تنهنڪري "ڪول" لفظ جي اها معنيٰ ٿي.

ڪولن ۾ سنٿالن ۾ ڪي "منڊ" لوڪ به هئا، جن جو ذڪر مهاڀارت (پرو 6-2410) ۾ وايُو پراڻ (14-123) ۾ آهي. انهيءَ سبب ڪولن، سنٿالن، منڊ لوڪن وغيره جون ٻوليون سندن نالن پٺيان "ڪوليرين" يا "منڊا" ٻوليون (Kolarian or Munda Languages) سڏجن ٿيون. سنسڪرت ۾ "منڊ" لفظ جي هڪڙي معنيٰ آهي "گهٽ ذات وارو يا نيچ" ۽ ٻي معنيٰ اٿس "مڏو جڏو يا ڪند فهم"; هن مان به ظاهر آهي، ته آڳاٽن آرين هنن؛ قديم ڪولن کي پاڻ کان گهڻو گهٽ ٿي ڄاتو ۽ پنهنجي اصل نسل تي فخر هُئن، جنهنڪري "ڪول" ۾ "منڊ" لفظن کي اهي اگريون معنائون ڏنائون. اهي لوڪ آرين جي نسل مان نه هئا، تنهنڪري "اڻ آريه" سڏجڻ ۾ آيا. رفتي رفتي "اڻ آريه" لفظ جو اُچار بگڙجي ٿيو "اناڙي" ۾ هينئر معنيٰ اٿس "جهنگلي يا اڻ سڌريل". انهن قديم لوڪن کي "مليڇ" به سڏيندا هئا، جنهن جي اصل معنيٰ هئي "جنهن کي ٻولي (سنسڪرت)

پوري ريت ڳالهائڻ نہ اچي." انهن ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي بہ آرين جهڙي نہ هئي، تنهنڪري "مليڇ" جي پوءِ معنيٰ ٿي "پليد". وغيره هنن حقيقتن مان بہ ڳالهيون ثابت ٿين ٿيون: (۱) آرين کي پنهنجي ٻولي تي گهڻو فخر هو؛* (۲) ڪولن، سنٿالن ۽ منڊ لوڪن، آرين جي وقت تائين بہ ڪا گهڻي ترقي ڪانہ ڪئي هئي. انهيءَ سبب سندن سڀيتا جا اهڃاڻ بہ هن وقت اهڙائي ملن ٿا، جن جا ٿورا مثال هي آهن:

(۱) آڳاٽن ڪولن وغيره ۾ ڪي اهي بہ هئا، جي "ڀيل" سڏجن ٿا. اهي اڄ تائين سنڌ ۾، خاص ڪري ٿر ۾، گهڻا آهن. هاٺوڪا ڀيل ڪٿي راجپوتانا مان يا ٻين هنڌان ويجهڙائي ۾ آيا هجن؛ پر اصل انهن آڳاٽن لوڪن مان آهن. ڀيلن مان ڪيترا اڄ تائين شڪار ڪري قوت گذران ڪندا آهن، تنهنڪري "پاراڌي" (شڪاري) سڏجن ٿا. ڍاٽڪي ٻوليءَ يعني ڍٽ يا ٿر جي ٻوليءَ ۾ ڀيلن کي "توري" بہ چوندا آهن.

تون لنگهائين لطيف چئي، ٿرن جا توري
آهيان اجوري، تنهنجي جوريءَ، جبل جهاڳيان.
(شاهہ)

هتي سسئي پنهنجي مسڪينيءَ ۽ نئڙت ظاهر ڪرڻ لاءِ پاڻ کي ٿر جي تورين سان ڀيٽي، جاٺائي ٿي تہ مان نيچن ۾ نيچ آهيان. ٿر جا سوڍا راجپوت، ڪرار (واپاري) ۽ ٻيا هندو ڀيلن کي اڇوتن جي دفعي ۾ ليکين ٿا.

(۲) ڪولن جي ٻوليءَ جو هن وقت سنڌ ۾ نالو بہ ڪونهي، پر نيشان آهن. مثلاً اسانجا ڪيترا هاري ناري ۽ ٻيا اڻ پڙهيل اڪثر ويهہ ويهہ ڪري ڳڻيندا آهن. اهي "پنجاهہ" بدران چون "اڍائي ڪوڙيون" ۽ "سٺ" بدران چون "ٽي ڪوڙيون يا ٽي ويهون". انهيءَ سبب چوڻي آهي تہ "جهڙي سٺ تهڙيون ٽي ويهون". آڳاٽن آرين جي انگن ڳڻڻ جو دستور "ڏهائيءَ" يعني ڏهاڪن جي ترتيب (Decimal system) تي ٻڌل هو، جنهنڪري

* اهو فخر سڀاويڪ آهي. عربن کي بہ پنهنجيءَ فصيح زبان جو فخر هوندو هو. ايراني لوڪ وغيره سندن تابعي ٿيا، پر عربي پوريءَ طرح ڳالهائڻ نہ ايندي هين. تہ عربن کين سڏيو "عجم" يعني گنگا. (مصنف)

انگن، تي نالا ئي اهڙيءَ طرح رکيائون ۽ اسين اهي ساڳيا انگ، توري قريل اُچار سان اج تائين ڪم پيا آڻيون. مثلاً ٻارهن (اصل ـ ٻاڏهن) معنيٰ ٻه ۽ ڏهه (١٢)، تيرهن (تيڏهن) معني ٽي ۽ ڏهه، ۽ چوڏهن معنيٰ چار ۽ ڏهه. اهو ڏهه ڏهه ڪري ڳڻڻ جو دستور اول آڳاٽن آرين وڏو جو يورپ ۽ ايران وارن به اختيار ڪيو.* آڳرين تي ڳڻڻ جو رواج بلڪل سياويڪ ۽ نهايت سولو سهنجو آهي، تنهنڪري اج به اسين آڱرين تي ڳڻيون ٿا. پائنجي تو ته آڳاٽن آرين کي ڏهه ڏهه ڪري ڳڻڻ جو خيال هٿن جي ڏهن آڱرين مان آيو. ڪولن ۽ سنتالن شايد پيرن جون آڱريون به ٿي ڳڻيون، جنهنڪري ويهه ويهه ڪري ڳڻڻ جي ترتيب (Vigesimal System) چالو ڪيائون ۽ اها هن وقت اسان کي ڪل جهڙي پيئي لڳي، جنهنڪري اهو اڻ سڌريل ماڻهن جو رواج ڪري ليکيون ٿا. سر گريئرسن ڄاڻايو آهي ته اهو ويهه ويهه ڪري ڳڻڻ جو دستور ڪولن ۽ سنتالن جو آهي، جو اتر هندستان جا اڻ پڙهيل ماڻهو اج تائين هلائيندا پيا اچن، ۽ خود "ڪوڙي" (Score) منڊا ٻولين جو لفظ آهي.**

(٣) سنڌيءَ ۾ آوازن مان نهيل لفظ گهڻا آهن ـ مثلاً ڪتي جو آواز "ڀنءُ ڀنءُ" ٻليءَ جو آواز "مياڻو مياڻو" انهن کان سواءِ گهٽگهڻ، جهٽجهڻ، ٺاٺا، ٺڪ ٺڪ، ٺڪاٺوڪي ۽ ٻيا ڪيترا آوازن مان نهيل لفظ آهن. وچ هندستان جا هاڻوڪا ڪول ۽ سنتال به انين آوازن مان نهيل لفظ گهڻا ڪم آڻين ٿا. سنڌن ابن ڏاڏن جي ٻوليءَ جو اهو اثر آرين جي سنسڪرت تي ٿيو هجي ته عجب ڪونهي.

سنڌين ٻولين جو ٻيو ڪهڙو ڪهڙو اثر ٿيو آهي، سا کوجنا ڪي عالم ڪن پيا. پر ايترو اڳي ئي ڄاڻايو اٿن، ته ڪول ۽ سنتال گهڻو سڌريل ڪونه هئا.

(٤) سنڌ ۾ هاري ناري ۽ ٻيا ڪيترا اڪثر رڳو پوتڙو هيٺان ڪري پنهنجي ڪرت ڪار ڪن ٿا. اهو اصل سنتالن ۽ ڪولن جو جاري ڪيل

* Prof. Max Muller: India: What can it Teach us?
** Sir Grierson: Linguistic Survey of India, Vol. 1, Part 1, pp. 35 & 132.

رواج چوڻ ۾ اچي ٿو، جو وچ هندستان طرف سندن اولاد اڄ تائين هلائيندو پيو اچي. پائنجي ٿو ته جڏهن ڪپڙن اُٺڻ جو رواج پيو، تڏهن انهن قديم لوڪن لانگوٽي پڌڻ ۽ پوتڙي ڍڪڻ جو رواج وڌو جو پوءِ فقيرن ۽ سادن به اختيار ڪيو.

(۵) منڇر ڍنڍ جا مهاڻا جنهن نموني جيئرا پکي جهليندا آهن، سو نمونو نهايت جهونو آهي. اُهي مهاڻا جڏهن ڍنڍ جا پکي جهلڻ ويندا آهن، تڏهن ڪي ترهي تي ترندا ويندا آهن. ترهي جي اڳيان پابوڙا (پبڻ جا پن) وغيره اڳيان ٽنبي ڇڏيندا آهن، جنهنڪري پريان ائين پيو ڀائبو آهي، ڄڻ ته پاڻيءَ ۾ پن ترندا پيا اچن. ڪي مهاڻا پبڻ جي پنن مان ٽوپ ٺاهي، انهن سان مٿو ۽ منهن ڍڪيندا آهن. مهاڻا پاڻ پاڻيءَ اندر هوندا آهن، باقي رڳو پابوڙي سان ڍڪيل مٿو ٻاهر ڪڍندا آهن. انهن پنن مان ٺهيل ٽوپن ۾ به ننڍڙا ٽنگ ڪندا آهن، ۽ انهن اکياڙين مان پکين ڏي پيا نهاريندا آهن. پکين جي ليکي ڪو پابوڙو لڙهندو پيو اچي، سو بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي پاڻيءَ تي ترندا آهن. وقتي ته پکي انهن پابوڙن جي آسپاس اچي ڪٺا ٿيندا آهن. اهو وجهه وٺي مهاڻا، پاڻيءَ مان هيٺان ٽي هيٺان هٿ وجهي، پکين کي ڄنگهن کان جهلي، بلائتو ڪندا آهن. جيئرن پکين ڦاسائڻ جو اهو عجيب نمونو هيوز صاحب جي سنڌ گزيٽيئر موجب به نهايت قديم زماني جو آهي. جنهن صورت ۾ ڪولن جي سيپيتا جو مرڪز سيوهڻ وارو پاسو هو ۽ اهو جيئرن پکين جهلڻ جو نمونو رڳو منڇر طرف آهي، تنهن صورت ۾ ائين پيو سمجهجي، ته اهو آڳاٽو ڪولن وارو دستور آهي، جو منڇر جا مهاڻا اڄ تائين هلائيندا پيا اچن.

(٦) ڪي مهاڻا آڙي ۽ ٻيا پکي (ٻدڪون وغيره) مڏن ٿيرن سان ڇتيندا آهن، ته اهي پکي ساٿا تي ڪرندا آهن، جنهنڪري انهن کي آسانيءَ سان جهليندا آهن. مڇين ڦاسائڻ لاءِ ڪيترا مهاڻا هيٺن ڪندا آهن، جو پاڻيءَ ۾ چار پکيڙي پوءِ تاڙيون وڄائيندا آهن، ته انهيءَ آواز تي مڇيون ڊڄي ڀڄڻ لڳنديون آهن، ۽ ڪيتريون وڃي چار ۾ ڦاسنديون آهن. هيءَ رواج خود پيا چاٿائين، ته ڏاڏي آدم جي ڏينهن جا آهن، جي منڇر ڪينجهر ۽

ٻين هنڌن جا مهاڻا اڄ ڏينهن تائين هلائيندا پيا اچن؛ پر پاڻ ٻڌڻ سان منهن ڏيکڻ جو رواج رڳو منڇر جي مهاڻن ۾ آهي. انهن مهاڻن جي ٻولي به اهڙي علحدي آهي، جو ٻيو ڪو سنڌي سمجهي به ڪين سگهندو. جيئن انگريزن وٽ خلاصين جي ٻولي - ٿي پنهنجي آهي، تيئن سنڌ ۾ به ڪيترن ڪاسبين جي پنهنجي ٻولي آهي؛ پر منڇر جي مهاڻن جي ٻوليءَ جو نمونو ئي نرالو آهي. ڪراچي ضلعي جي مهاڻن ۽ ميربحرن جي ٻي هڪ نرالي ڳالهه آهي، جنهن پڻ چوکو ڏيان لهڻو.

(٧) ڪراچي ضلعي ۾ شاهه بندر طرف "ستاهه" نالي واهه آهي، اُن جي ٻريان سنڌونديءَ جو هڪ ڀاڱو "مگدو" سڏبو هو. چاڪاڻ ته انهيءَ پاسي درياهه جو ڪنئو اصل "مگدو" ذات جي ٻروچن وسايو هو. انهيءَ مگدي جي ٻريان سنڌونديءَ جو ٻيو ٿورو ڀاڱو "پوپٽ ڪوٺبو هو. "پوپٽ" معنيٰ "طوطو" يا "چتون". اسانجي درياهه تي اهو نالو ٻيو ڪيئن؟ سنڌ بابت متفرقه احوال بمبئي سرڪار جي دفتر مان چونڊي، ٻن ڀاڱن ۾ ڇپايا اٿن، جن مان ٻئي ڀاڱي ۾ گهڻو ذڪر سنڌونديءَ ۽ ان جي ڦيرين گيرين جو آهي. سنڌونديءَ جي جدا جدا ڀاڱي تي اڳي جيڪي نالا رکيل هئا، تن جو ذڪر ڪندي ڄاڻايو اٿن، ته سنڌونديءَ جي انهيءَ ڀاڱي تي "پوپٽ" نالو هن ڪري پيو، جو قديم زماني ۾ انهيءَ طرف جا ميربحر درياهه ۾ گهڙڻ مهل پنهنجي پير لاءِ هڪ پوپٽ (چتون) قرباني طور ڏيندا هئا.

سنڌ ۾ طوطن يا چتن جي قربانيءَ جو رواج نڪي هندن نڪي مسلمانن ۾ آهي، ڪولن ۽ سنتالن بابت چون ٿا ته اهي آسٽريليا طرفان چين ولايت واري واٽ وٽي آيا هئا. آسٽريليا ۾ بڪ ڪڏڻ ۽ ٻلين چاڙهڻ جو رواج نڪو اڳي هو، نڪو هاڻي آهي. انهيءَ ساڳئي ڪتاب (بمبئي سرڪار واري دفتر) ۾ ڄاڻايل آهي، ته اهو رواج چين ولايت ۾ آهي.*
جنهن صورت ۾ ڪولن ۽ سنتالن بابت عالم چون ٿا ته اهي چين ولايت واري واٽ وٽي، هندستان آيا هئا، تنهن صورت ۾ ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو ته اهو چتن جي قربانيءَ جو رواج انهن لوڪن چين ولايت کان

*Ponat is derived from a tradition that in ancient times a parrot used to be sacrificed ..... For a similar custom among the Chinese see 'Barrow's Travels'. Selections from the Racords of the Bombay Government' Part II, p. 428

ايندي ڏنو هو، جو سنڌ ۾ چالو ڪيائون ۽ سندن اولاد پوءِ بہ هلائيندو پئي آيو. هن وقت اهو رواج ڪونهي. هنن ڳالهين جي کوجنا اڄ تائين ڪنهن بہ عالم ڪانہ ڪئي آهي. حال اسان ائين فرض ڪيو آهي، تہ اهي رواج ڪولن ۽ سنٿالن واري زماني جا آهن، جو آرين وٽ اهڙا رواج هئائي ڪين.

●

# باب ٻيو.

## دراوڙن وارو زمانو

سنڌ ۾ دراوڙ. عالم چون ٿا تہ قديم هجري (پٿر واري) زماني کان پوءِ برف گهٽ ٿيڻ لڳي ۽ ڌرتيءَ جون حالتون قريبن ماڻهو ڌڻ ڌارڻ، کيتي ڪرڻ، باهہ ٻارڻ، ۽ ٿانءُ ٿپا جوڙڻ سکيا. ڌاتن مان سون ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن بہ ڌاتوءَ جي اڃان سڌ ڪانہ هين. اڳي اڻ گهڙيل پٿر ڪم آڻيندا هئا، پر هن زماني ۾ پٿر گهڙڻ سکيا، تہ ڪپ، ڏاٽا ۽ ٻيا اوزار پٿر جا ٺاهي سگهيا ٿي. اهو "نئين پٿر وارو زمانو" (Neolithic or New Stone Age) سڏجي ٿو، جو اج کان اٽڪل پندرهن هزار کن ورهيہ اڳي شروع ٿيو هو. ڪيترا عالم ائين وسهن ٿا، تہ جانورن جي هڏن جي لساڻ يا لسائيءَ مان ان وقت جي ماڻهن کي پٿرن گهڙڻ جو خيال آيو، جنهنڪري اڻ گهڙيل پٿرن بدران گهڙيل پٿر ڪم آڻڻ لڳا. حقيقت ڪيئن بہ هجي، پر ايترو چئبو، تہ آڳاٽن ڪولن ۽ سنٿالن کان هن زماني جا ماڻهو وڌيڪ سڌريل هئا، جنهنڪري هيءَ تهذيب جي ترقيءَ جو ٻيو ڏؤر ليکجي ٿو.

نئين پٿر واري زماني جي سڀيتا جو بنياد وجهندڙ دراوڙ لوڪ چوڻ ۾ اچن ٿا. هنن بابت عالمن کوجنائون ڪري ڄاڻايو آهي، تہ ڪولن ۽ سنتالن جہ متان اهي لوڪ ڪاهي آيا ۽ منجهائن ڪيترن کي وچ هندستان ڏي هڪالي ڪڍيائون ۽ پاڻ اتر هندستان جا والي ٿي ويٺا. تازو مهن جي دڙي مان ڪن ڪولن ۽ سنتالن جي کوپڙين سان گڏ ڪن دراوڙن جون بہ کوپڙيون لڌيون آهن. هن مان سمجهجي ٿو تہ دراوڙن جي اچڻ کان پوءِ بہ

ڪي ڪول ۽ سنتال ساڻن گڏ رهيا پيا هئا.* اهي پوءِ آرين سان بہ لهہ وچڙ ۾ آيا هئا. تنهنڪري سنسڪرت ساهت ۾ انهن ٻنهي قومن جو ذڪر آهي.

سنڌ ۾ هن وقت جيڪي "اوڏ" آهن، سي اصل دراوڙن جي ڪُل مان آهن. اهي اصل ڏکڻ هندستان ۾ هئا. اتر هندستان ڏي اچڻ کان اڳ وات تي جيڪو هنڌ اول وسائي ويٺا، سو هنڌ سندن نالي پٺيان "اوڏر ديش" سڏجڻ ۾ آيو. جنهن جو اُچار پوءِ ڦري "اوڙيسا" (Orissa) ٿيو. بمبئيءَ ڪاتي جي ذاتين جو ذڪر ڪندي، هيءَ حقيقت اينٿوون صاحب ڄاڻائي آهي. انهن اوڏن مان پوءِ ڪي مارواڙ ويا، جتان پوءِ سنڌ ۾ آيا: پر ٻولي اڄ تائين مارواڙين جهڙي ڳالهائيندا آهن. اهي اصل هندو آهن، پر اڪثر مسلمانن جهڙي شڪل اٿن، ۽ ڪپڙا بہ اهڙا ڍڪيندا آهن. سندن پير رامڏيو آهي. جنهن جو ميلو سال بسال لڳندو آهي. "اوڏ" لفظ جي بنيادي معنيٰ آهي "اڏيندڙ": اهي اڄ تائين پٽين جون اوساريون ڪٽندا آهن.

سنڌ ۾ هن وقت پيا "ماڱر" (ماڇر) ذات جا مهاڻا آهن. اُهي سنڌ جي آڳاٽن دراوڙن جو اولاد آهن، يا پوءِ ڏکڻ هندستان کان آيا، سا پڪ ڪانهي - ايترو معلوم ٿئي ٿو، تہ ڪيترين صدين کان سنڌ، ڪڇ ۽ گجرات جا وڻجارا ملبار طرف وڻج واپار لاءِ ويندا هئا. اڄ بہ مغليين تعلقي جاتيءَ، ڪڇ پڄ ۽ گجرات طرف جا ميربحر دنگيون هاڪاري، ملبار طرف پيا وڃن. ماڱر ذات جا مهاڻا ملبار ۾ بہ گهڻا آهن. جنهنڪري چئبو تہ ملبار ڪناري وارن سان لهہ وچڙ هئڻ ڪري اهي سنڌ ۾ آيا هجن تہ عجب ڪونهي.

تون سمون، آءُ گندري، مون ۾ عيبن جوءِ،
پسي راڻين روءِ، مـتـان مـاڱر متيين.
(شاهہ)

* "It may be that the two races (Kolarians and Dravidians) dwelt side by side, and this is the theory now generally accepted. Or it may be that the Kolarians first inhabited the country and that the Dravidinrs came later either from the North-West or from the South, at a time when the land now submerged beneath the sea, is supposed to have stretched from India in the direction of Australia." E. Marsden and sir Henry sharp: A History of India, P.13.

سنڌ جو حاڪم ڄام تماچي، جو سمي گهراڻي مان هو، سو نوري نالي هڪ مهاڻي، ذات جي گندري، پرڻيو هو. مٿئين بيت ۾ شاهه صاحب نوري مهاڻيءَ کي "ماڱر" سڏيو آهي. نوري مهاڻي ڪينجهر ڍنڍ ڏي رهندي هئي. اها ڍنڍ هيلايا، تعلقي ٺٽي ۾ آهي. هن وقت ڪينجهر ڏي ماڱر ذات وارا ڪينهن. باقي سجاول ڏي گهڻا آهن. اهو سجاول وارو پاسو اڄ تائين "ماڇر" سڏجي ٿو. اڳي ٺٽي ۽ سجاول جو ڪجھ پاسو پاڻيءَ هيٺ هو. ان وقت سنڌوندي نصرپور وٽان وهندي هئي. سن 1758ع ۾ سنڌوندي نصرپور وٽان رخ ڦيرائي، هاٿوڪي وات ورتي، ته قليليءَ جو وهڻ بند ٿي ويو.* ان وقت درياهه هتان به رخ ڦيريو. جنهنڪري اهي پٽ پڌرا ٿيا. سجاول وارو پاسو انهيءَ ڪان پوءِ وسيو. نه ته اتي اصل ماڇر ذات جا مهاڻا رهندا هئا، جي مڇيون ماريندا هئا، ۽ مسافرن کي پتڻ به اُڪاريندا هئا. سجاول طرف "ماڱر" بدران "ماڇر" چون ـ يعني "گ" کي مٿي "ڇ" ڪيو اٿن، نه ته لفظ ساڳيو ئي آهي. اهو اصل دراوڙي لفظ آهي ۽ بنيادي معنيٰ اٿس "ڄار رکندڙ يعني مهاڻو" سجاول ڏي "ماڇر" نالي ڍنڍ به آهي، جنهن تي پڻ انهن مهاڻن جو نالو پيل آهي.

سجاول ۾ واهه گهوٽارو وهي وڃان بازار،
ماڇر ۾ ٿا مڇر پون مانيءَ منجهه هزار.
(غريب)

دراوڙ ڪٿان آيا؟ دراوڙ لوڪ اصل ڪٿان آيا، تنهن بابت عالمن جا جدا جدا رايا آهن. جن مان ٻه رايا مکيه آهن: هڪڙا چون ته دراوڙ لوڪ اصل ڏکڻ هندستان جا رهاڪو هئا ۽ اتان اتر هندستان ۾ ٽڙهن آيا. جڏهن اهو پاسو خشڪيءَ جي رستي آسٽريليا سان ڳنڍيل هو. ويجهڙائيءَ ۾ جيڪي کوجنائون ٿيون آهي، تن پٽاندر ڪن جو چوڻ آهي ته دراوڙ يونوچ سمنڊ طرف رهندڙ قومن مان هئا. اهي پهريائين ڪجهه وقت ميسوپوٽيميا طرف رهيا، پر پوءِ عربن ۽ ٻين سيميٽڪ قوم وارن اُتان کين تڙي ڪڍيو، جنهنڪري بلوچستان واري وات وٺي، هندستان ڏي آيا. منجهائن ڪي ڳنگانديءَ واري ماٿر، ته ڪي سنڌوندي واري ماٿر والاري اچي ويٺا.

* Mr: Henry Cousens: The Antiquities of Sindh, Page 6.

بلوچستان ۾ هن وقت جيڪي بروهي آهن، تن جا ابا ڏاڏا به قديم زماني ۾ شايد ميسوپوٽيميا طرف رهندا هئا ۽ اتي اها ساڳي ٻولي ڳالهائيندا هئا. انهيءَ سبب بروهيءَ جي نحوي بناوت دراوڙي ٻولين جهڙي آهي باقي ٻيءَ طرح بروهي لوڪن جي مدراس ڪاتي وارن سان ڪا به مٽي مائٽي ڪانهي. بروهي ٻوليءَ جي انهيءَ جڳري ناتي سبب ڪن عالمن ائين پئي سمجهيو ته بروهي ۽ دراوڙ ٻئي وچ ايشيا طرفان آيا هئا، جن مان بروهي بلوچستان ۾ هميشه لاءِ رهيا ۽ دين اسلام اختيار ڪيائون، ۽ دراوڙ اول اتر هندستان ۾ آيا، جتان پوءِ ڏکڻ ڏي ويا. ڪن جو چوڻ آهي ته دراوڙ اصل يونوچ سمنڊ طرف رهندڙ قومن مان نه هئا، اهي اصل هندستان جا رهاڪو هئا، جتان يونوچ سمنڊ طرف ۽ ٻين پاسي ويا هئا. تازو مهن جي دڙي ۽ هڙپا مان جيڪي مهرون لڌيون آهن، تن تي لکيل اکر پڙهي ۽ ٻيون ثابتيون ڏيئي، فادر هيرس به هي رايو ظاهر ڪيو آهي ته دراوڙ لوڪ هندستان مان يونوچ سمنڊ وارن ملڪن ڏي ويا هئا ۽ پنهنجي سڀيتا جو ڦهلاءُ يورپ تائين ڪيو هئائون.*

<u>ٽئي ۽ روهڙي طرف جي سڀيتا.</u> قديم زماني جي اوائل ۾ سنڌ جو رڳو الهندي طرف وارو جابلو ڀاڱو وسيل هو ۽ ان وقت جي ماڻهن (ڪولن

---

"After the study of above one thousand eight hundred inscriptions which upto now have been deciphered by the present writer, it is easy to realize that the wave of migration of the Mediterranean race which was supposed to have been from West to East, must now be finally settled as having taken place in the opposite direction, i,e, from East to West. The development of the script of Mohen-jo-Daro in relation with the Sumerian script, the relion of these two countries and that of Egypt, the titles of kings, the number of Zodiacal Constellations among the proto-Indian people and the relative positions of these constellations, the changing of the pro-o-Indian constellation of the Harp (val) for taurus (the bull) which must have taken place in Sumer, the tradition of the ancient people of Mesopotamia recorded by Berousus, the parralel biblical account in Genesis II, 1-5-all point to the same concusion that the migration of the Mediterranean race commenced from India and extended through Southern Mesopotamia and Northern Africa, spread through Crete, Cyprus, Greece, Italy and Spain, and crossing the Pyrenes reached Central Europe and the British Isles. This route starting from Ceylon up to Ireland is marked by an interrupted chain of dolmens and other megaliths, that seem to be relics of this enterprising and highly civilized race which is termed mediterranean by the anthropologists and which in India has been quite unreasonably despised under the name Dravidian." Rev H. Heras, S.J. Journal of Indian History, Vol. XVI. Part 1, April 1937. Serial No.46.

وغيره) جي سيپتا جو مرڪز سيوهڻ ۽ لاڙڪاڻي وارو پاسو هو. نئين هجري زماني جي سيپتا جا اهڃاڻ ٿٽي ۽ ڪوٽڙيءَ ڪان وٺي روهڙيءَ تائين مليا آهن. پائنجي ٿو تہ ٿٽي وٽان سمنڊ هٽڻ ڪري اهي پٽ پڌرا ٿيا هئا. جنهنڪري نئين هجري زماني ۾ ماڻهو انهيءَ پاسي بہ رهي سگهيا ٿي.

نئين هجري زماني جا بانيڪار دراوڙ لوڪ چوڻ ۾ اچن ٿا. انهيءَ زماني جي نشانن ڳولي لهڻ جو ڪم سنڌ ۾ پهريائين پهريائين مسٽر ڪارٽر آءِ. سي. ايس. ڪيو هو. سن 11-1919 ع ڌاري هو صاحب سنڌ ۾ آيو ۽ ڪجھ وقت ٺٽي ڊويزن جو اسسٽنٽ ڪليڪٽر هو. سن 1917 ع ڌاري حيدرآباد سنڌ جي ميونسپالٽي سسپينڊ ٿي، تہ هو ميونسپل ڪمشنر مقرر ٿيو هو؛ پر هن قسم جي کوجنائن جو خفت گهڻو هوندو هوس. جيڪي کوجنائون ڪندو هو، تن جا نتيجا ڪراچي ۽ بمبئي جي انگريزي اخبارن ۾ لکندو هو. سندس ليک مصنف پاڻ پڙهيا هئا. ويجهڙائيءَ ۾ معلوم ٿيو تہ هو صاحب پنهنجين کوجنائن جون رپورٽون آرڪيالاجيڪل کاتي وارن کي بہ موڪليندو هو. انهن رپورٽن وارو احوال مسٽر هينري ڪزنس پنهنجي ڪتاب "انٽيڪئٽيز آف سنڌ" (The Antiquities of Sind) ۾ ڏنو آهي جنهن جو مختصر مطلب هتي ڏجي ٿو.

ڪراچيءَ ڪان ويھ ميل پري "مول" نالي ماڳ ۾ مسٽر ڪارٽر ڏٺو تہ هڪ هنڌ پٿرن مٿان پٽر سٽي ٿيا پيا هئا. انهن پٿرن تي ڪي چڪرا ۽ اُٺ ۽ گهوڙي جون شڪليون اُڪريل هيون. انهيءَ هنڌ کي پاڻ "ٺل" ڪوٺيو اٿس. مسٽر ڪارٽر جي خيال موجب اهو ٺل عيسوي سن کان فقط ڏيڍ سؤ کن ورهيہ اڳ جو آهي؛ پر انهي ساڳيءَ ماڳ ۾ نئين پٿر واري زماني جي ماڻهن جي بيٺڪ جا نشان بہ ڏنائين. انهيءَ زماني جا پٿر جا ٺهيل ڪيترا اوزار بہ لڌائين. انين هو صاحب کوجنائون ڪندو ويو، تہ نئين پٿر واري زماني جون بيٺڪون ڪراچيءَ ڪان وٺي اُنڙپور تائين ڏٺائين. هيڏانهن وري ننگرٺٽي جي پريان، ڳوٺ گجي واريءَ وات تي ٽرڙيءَ وٽ، نئين پٿر واري زماني جو عجيب طرح ٺهيل هڪ شهر نظر آيس، جنهن جي چوڌاري پٿيون ڏنل هيون. انهيءَ هنڌان توڙي جهرڪن طرف پڌڪن

ٽڪرن مان، انهيءَ زماني جا پٿر مان ٺهيل اوزار وغيره به هٿ آيس.

ويجهڙائيءَ ۾ آرڪيالاجيڪل کاتي وارن به اهي پاسا جاچيا، تنهنڪري نئين پٿر واري زماني جي بيٺڪن جو ذڪر سر جان مارشل به پنهنجي جوڙيل ڪتاب مهن جي دڙي ۽ سنڌو سڀيتا جي جلد پهرئين صفحي 92 ۾ ڪيو آهي. ان صاحب جو چوڻ آهي ته نئين پٿر واري زماني جا نشان سنڌ ۾ لڪيءَ جي جبلن، کيرٿر جبل جي قطارن ۽ روهڙيءَ وارين ٽڪرين ۾ به اڪيچار آهن. مطلب ته هن زماني ۾ نه رڳو سيوهڻ وارو پاسو وسيل هو؛ پر سنڌ جي اُبرندي طرف وارين ٽڪرين يعني لڪي ۽ جهرڪن وارن ڀڏڪن ٽڪرن ۽ اُنڙپور کان وٺي روهڙيءَ وارين ٽڪرين وارو پاسو به وسيل هو.*

●

---

* جيڪڏهن هن کان پوءِ ڪي وڏيڪ بيٺڪون نه لڌيون، ته انين. فرض ڪرڻو پوندو ته باقي رهيل سنڌ جو ڀاڱو اڃا به ڪي سمنڊ جي پاڻيءَ هيٺ. ته ڪي سنڌونديءَ جي پاڻيءَ هيٺ هو. سنڌ جا ڪي ڪي ٽڪر جدا جدا وقتن تي پاڻيءَ مان نڪري پڌرا ٿيا آهن. جو سنڌونديءَ ۾ اڳي پاڻي هاڻوڪي کان هيٺو ٽيٺو هو، جنهنڪري ڪي پاسا ٻڏا پيا هوندا هئا. عربن جي وقت کان وٺي هن وقت تائين سمنڊ به اٽڪل چاليهه ميل هٽي پري ٿيو آهي. (ڏسو ميجر رئورٽيءَ جو "سنڌ جو مهراڻ")

سپيتا جا ساڪ (Epochs of Civilization) انسان ذات کي پيدا ٿئي ڪئين جڳ ٿي ويا آهن. پر سڄيءَ دنيا ۾ ڪنهن بہ ملڪ جي اهڙي قديم تاريخ ڪانهي، جنهن مان پتو پئجي سگهي تہ هڪ هڪ جڳ ۾ انهيءَ ملڪ جي تهذيب يا سڀيتا ڪهڙي هئي ۽ ان جو وقت بوقت واڌارو ڪيئن ٿيو ـ انهي هوندي بہ سيڪنهن ملڪ ۾ آڳاٽن ماڻهن پنهنجون ٿوريون گهڻيون نشانيون ڇڏيون آهن. جن جي اڀياس ڪرڻ سان آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارا تهذيب جي وڌاري جون منزلون يا سپيتا جا ساڪ (Epochs of Civilization) پرجهي پروڙي سگهن ٿا. انهن منزلن جي گهڻي قدر پروڙ پٿرن ۽ ڌاتن مان ٺهيل اوزارن ۽ ٻين شين مان پوي ٿي، جي جدا جدا زمانن ۾ ماڻهو ڪم آڻيندا هئا. انهيءَ سبب انهن زمانن تي نالا ئي اهڙا رکيا اٿن. انهن مان پهريون آهي "قديم هجري زمانو" ۽ ٻيو "نئون هجري زمانو" (نئين پٿر وارو) زمانو. جن جو ذڪر مٿي اڳي ئي ڪري آيا آهيون. انهن کان پوءِ اهو زمانو ليکجي ٿو، جنهن ۾ ماڻهو ٽامو ڪم آڻڻ لڳا هئا. جنهنڪري اهو "ٽامي واري زمانو" (Copper Age) سڏجي ٿو. ماڻهن پوءِ وڌيڪ ترقي ڪئي. ٽامو ۽ قلعي ملائي هڪ گاڏڙ ڌاتو "برانز" (Bronze) جوڙيندا هئا ۽ انهيءَ مان اوزار باسڻ برتن وغيره ٺاهيندا هئا. تنهنڪري اهو "برانز" يعني "ٽامي ۽ قلعي ميل وارو زمانو، (Bronze Age) سڏجي ٿو. انهيءَ کان پوءِ ماڻهو لوهہ مارڻ سکيا، تہ ڪڙا ڪنڊا، ڪپ، ڪاتيون، ڪهاڙا، ڪوڏريون، ڪرپان ۽ تلواريون وغيره جوڙڻ لڳا. اهو "لوهہ وارو زمانو" (Iron Age) سڏجي ٿو. هن وقت اسين، "ڪلن جي زماني" (Machine Age) ۾ آهيون. آڳ گاڏيون ۽ آگبوٽ، ڪپڙن اڻڻ ۽ سبڻ جون ڪلون، تيل پيڙڻ ۽ ڪپهہ ٽاڻڻ جون ڪلون بلڪ وارن ڪترڻ جون مشينون بہ عام ٿي ويون آهن. هوائي جهاز زيرآبيون وغيره بہ هاڻوڪي زماني جون پيدائشون آهن ۽ ڄاڻائين ٿيون تہ انسان ڪيئن ترقي ڪندو وڃي ٿو.

هنن ڳالهين جو ذڪر هن ڪري ڪيو اٿئون، جو جيڪو ٿورو گهڻو احوال جهوني پٿر توڙي نئين پٿر وارن زمانن جو ڏنو اٿئون، اوترو ٽامي ۽ برانز وارن زمانن جو ڏئي نٿا سگهون يورپ مان انهن ٻنهي زمانن جون

شيون چڱي تعداد ۾ لڌيون اٿن. هندستان مان ٽامي جون ٺوريون شيون لڌيون اٿن، باقي برانز وارو زمانو جڏهن ته هندستان ۾ ٿيو ئي ڪونه هو. ٽامي کان پوءِ جڏهن ته لوهه وارو زمانو شروع ٿيو هو. جنهنڪري يورپي عالمن انين پئي سمجهيو ته هندستان جي ماڻهن گهٽ ترقي ڪئي آهي. هن قسم جي غلط فهميءَ لاءِ هڪڙو ئي سبب هيءَ آهي، ته هندستان ۾ هن قسم جي کوجنائن ڪئي ڪين ڪو گهڻو عرصو ڪونه ٿيو آهي. سنڌ ۾ اهڙيون کوجنائون خرچ به هيڪاري گهڻو ٿيون پڇن، جو سنڌونديءَ جي ڦيرين گيرين، وقت بوقت گهڻي ئي سجا پاسا ساوا، ۽ ساوا پاسا سجا پئي ڪيا آهن، ۽ آڳاٽي سڀيتا جا ڪيترا نشان ڪن اهڙن دڙن ۾ دٻيا پيا آهن، جن جي مٿان وري ٻيا دڙا ٺهي ويا آهن. هاڻ جڏهن اهي سڀ دڙا کوٽائي، پاتال ۾ پهچي، تڏهن پتو پوندو. سن 1922 ع ۾ اوچتو مهن جي دڙي ۾ شڪ پين. اهو دڙو کوٽايائون، ته ٽامي ۽ برانز جون نهايل شيون ته لڌيون، بلڪ هڪ وچولي منزل جي تهذيب جون اهڙيون ته ثابتيون مليون، جو خود آرڪيالاجيڪل کاتي وارن جا ڏند چپن سان لڳي ويا. هيءَ وچولي منزل اها آهي جنهن ۾ ماڻهو اڃان لوهه مارڻ ڪونه سکيا هئا؛ پر نئين پٿر واري زماني جي ماڻهن وانگر گهڙيل پٿرن مان اوزار ۽ ٻيون شيون ٺاهيندا هئا، ۽ ساڳئي وقت ٽامو گهڻو ڪم آڻيندا هئا. جنهنڪر اها ڪئلڪولٿڪ سڀيتا (Chalcolithic Culture) سڏجي ٿي يعني اها سڀيتا جنهن ۾ ٽامو ۽ پٿر ٻئي ڪم ايندا هئا. سڄي هندستان جي پرڳڻن مان پهريون پرڳڻو سنڌ آهي، جنهن مان هن اُچيءَ سڀيتا جي اوچتو ئي اوچتو ثابتي ملي، ته منهنجيون ۽ تنهنجيون اکيون وڃي مهن جي دڙي ۾ کتيون.

دڙن ۾ دٻيل سڀيتا. آرڪيالاجيڪل کاتي وارن کي جنهن وقت هن سڀيتا جو پتو پيو، تنهن وقت سڄيءَ سنڌ ۾ وڙول وڌائون. سگهوئي معلوم ٿين ته مهن جي دڙي کان سواءِ سنڌ ۾ ٻيا به ڪيترا هنڌ آهن، جتي اها ساڳي سڀيتا هئي. مثلاً ننگر ٺٽي کان ڇهه ڪوهه پري ڳوٺ گجي طرف ٺرڙيءَ ۾، ڪوٽڙيءَ، جي اُتر ڏي ڪارڙيءَ ۾، آمري اسٽيشن کان ڪوهه ڪن پري آمريءَ جي ڳوٺ ۾، لاڙڪاڻي ضلعي ۾ باڊهه طرف لوهم جي دڙي ۾، لاڙڪاڻي شهر جي نزديڪ جهوڪڙ جي دڙي ۾، ۽ روهڙيءَ جي ٻرپان

ريتي اسٽيشن کان اڍائي ڪوهه پري ونجهوٽ جي شهر ۾. سن 962 ع ۾ هڪ خوفناڪ زلزلو ٿيو هو، جنهن ۾ سکر ۽ بکر وارا ٽڪر به ٽڪر ٿي ويا هئا. ان وقت الور وٽان درياهه رخ ڦيريو، ته پاڻيءَ جي تڪليف ٿيڻ سبب ماڻهو لڏي روهڙيءَ ويا. ونجهوٽ به درياهه جي رخ ڦيرائڻ سبب ڦٽي ويو.* نه ته اهو به هڪ عاليشان شهر هو. سرحد سنڌ ۾ کوٽائي ڪرايائون، ته پتو پين ته "ليمو جوٽيجو" به مهن جي دڙي واري زماني ۾ وسيل هو. انهن سيني هنڌن جي سڀيتا ساڳي هئي.** اهي سڀ پاسا درياهه شاهه ور ور ڏيئي پاتا آهن، تنهنڪري انهن هنڌن جي آڳاٽي سڀيتا اُتي جي دڙن ۾ دٻيل آهي.

سن 1928 ع ۾ مسٽر ايم. جي مجمدار (مجموعدار) هڪ ٻيو هنڌ ڳولي لڌو. نواب شاهه ضلعي ۾ سڪرنڊ کان اڌائي ڪن ڪوهه پري، اُتر اُيرندي طرف، "چانهوءَ جو دڙو" آهي، جو "ڳوٺ جمال ڪيريو" جي نزديڪ آهي. ايڏهين وڃڻ لاءِ "نواز ڏاهري" اسٽيشن تي لهبو آهي، جتان "چانهوءَ جو دڙو" چار ڪوهه ڪن ٿيندو. اتي فقط ٽي دڙا آهن. مسٽر مجمدار اهي ٽيئي دڙا مٿاڇرا کوٽايا، ته اتان به اهڙيون شيون لڌيون جهڙيون مهن جي دڙي مان لڌيون آهن. هيءَ ڳالهه اخبارن ۾ ڇپجي پڌري ٿي، ته ڪن يورپي عالمن کي چانهوءَ جي دڙي جي وڌيڪ کوٽائي ڪرڻ جو خيال ٿيو. سن 35-1936 ع ۾ ٻن سوسائٽين ('American Society of Indian and Iranian Studies' and 'Boston Museum of Foreign Arts') وارن پاڻ ۾ گڏجي، آرڪيالاجيڪل کاتي جي سپرنٽينڊنٽ مسٽر مئڪيءَ کي پنهنجو اڳواڻ ڪري، چانهوءَ جي ٽن دڙن مان ٻن جي وڌيڪ کوٽائي ڪرائي. انهيءَ کوٽائي جي نتيجن جي رپوٽ اڃ تائين ڇپجي پڌري نه ٿي آهي، تنهنڪري ان بابت ڪجهه نٿو چئي سگهجي. هن وقت تائين جيڪي احوال مخزنن ۽ اخبارن ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا آهن، تن ۾ ايترو ڄاڻايو اٿن ته مهن جي دڙي واري سڀيتا تي هتان ڪجهه وڌيڪ روشني پوي ته

---

* Mr. Henry Cousens: The Antiquities of Sind. pp. 5, 6-149.
Sir John Marshall: Mohan Jo Daro and Indus Civilization p. 92

عجب ڪونهي. جنهن صورت ۾ هن وقت تائين مهن جي دڙي بابت ڪهڙا ڪتاب ڇپيا آهن.* تنهن صورت ۾ انهيءَ قديم سڀيتا جو مختصر طرح ذڪر ڪجي ٿو، تہ پڙهندڙن کي سنڌ جي آڳاٽي اوج جي پروڙ پوي.

* See Annual Bibliography of Indian Archeology, from 1928 to 1934, Vol 1 to IX. Published by the Kern Institute, Leyden Holland.

# باب ٽيون

## مهن جو دڙو ۽ ان جي کوٽائي

سر زمين جو ذڪر. لاڙڪاڻي ضلعي جي لبدريا تعلقي ۾، لاڙڪاڻي جي شهر کان پنجويهه ميل پري، ۽ ڏوڪري اسٽيشن کان فقط ساڍن ٽن ميلن جي مفاصلي تي، هڪ ويرانو آهي، جو عام طرح "مهن جو دڙو" سڏجي ٿو. آرڪيالاجيڪل کاتي وارن انهيءَ نالي جي معنيٰ ڄاڻائي آهي 'Mound of the Dead' هن مان ظاهر آهي ته هو سمجهن ٿا ته اهو نالو اصل ۾ آهي "مئن جو دڙو"، ۽ رکو چُڪ کان "مئن بدران "موهن" لکيو اٿن. سرزمين تي وڃي کو پڇا ڪندو ته پڪ ٻڌندس ته صحيح اُچار آهي "مُهن جو دڙو" ۽ ڪي "مهين جو دڙو" به چون ٿا. ٻنهي جي معنيٰ آهي "مات ٿيلن جو دڙو".※

قديم زماني ۾ سنڌونديءَ مُهن جي دڙي وٽان وهندي هئي، اتي جو اصلوڪو شهر سنڌونديءَ ۽ الهندي ناري جي وچ ۾ هڪ ٻيٽ هو. سرزمين جانچڻ سان ائين سمجهڻ ۾ پيو اچي، ته اتي اصل پنج ٻيٽ هئا، جي پوءِ نديءَ جي اتان رخ ڦيرائڻ ۽ مٽان واريءَ وري وڃڻ سبب گڏجي

※ سنڌيءَ ۾ "ماهو" معنيٰ خون يا ڪوس. ڪٿي لٽ لڳندي آهي ۽ ڪي ماڻهو اُڦٽ مري ويندا آهن، ته چئبو آهي ته "ماهو" ٿيو. ساڳيءَ طرح جنگين ۽ زلزلن سبب به ماهو ٿئي ٿو. "ماهو" جو ڌاتو يا بنياد آهي سنسڪرت لفظ "مش" معنيٰ کهڻ يا ناس ڪرڻ. پراڪرت ۾ ان جو اُچار آهي "مهه" سنڌيءَ ۾ چئون "مهو - ماهو" اُن جو ڦيرو ڪبو ته عام صورت واحد ۾ چئبو "مهي - ماهي" جمع "مهن - ماهن". پر "مهين" به چئبو آهي: انهيءَ سبب "مهن جو دڙو" معنيٰ "مات يا خون ٿيلن جو دڙو" (Mound of the Killed)

ويا ۽ هاٽي پيٽن جو گويا هڪ ڇڳو تي پيا آهن. هينئر اتي دڙا ئي دڙا لڳا پيا آهن. جي اٽڪل اڍائي سؤ ايڪڙ زمين جا والاري بيٺا آهن. ڪي دڙا ويھ ته ڪي ٽيھ فوٽ اوچا آهن. انهن جي وچ ۾ هڪ وڏو دڙو اٽڪل ستر فوٽ اوچو آهي، تنهن تي هڪ مندر اڏيل هو. جو ڪيترن ورهين کان ڊنو پيو هو پر هاڻ چڱي مشهوري ملي اٿس.

تباهيءَ جا سبب. مهن جي دڙي واري زمين تي اصل هڪ عاليشان شهر بڏل هو، جنهن جي نالي جي ڪنهن کي بہ سڌ ڪانهي. اهو شهر پوءِ ڍهي دڙو ٿي پيو، ۽ اتي جا رهاڪو منجهس دٻجي مري ويا. تنهنڪري "مهن جو دڙو" سڏجڻ ۾ آيو. اهو شهر ڪيئن تباھ ٿيو، تنهن بابت ڪن جو چوڻ آهي تہ سنڌونديءَ جي سيلاب يا ٻوڏن سبب ۽ پر وارن جبلن تان برسات جي پاڻيءَ جي چرن لهڻ سبب زمين دوز ٿيو. دڙي جي اندران جيڪي جايون هينئر لڌيون آهن، تن ۾ ڪن هنڌ باھ لڳڻ جا آثار بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر هن طرف جا رهاڪو هن وسيل شهر جي ويران ٿيڻ بابت عام طرح هيئين ڳالھ ڪن ٿا.

استاني ڏند ڪٿا (Local Tradition) . سومرن جي صاحبيءَ ۾ دلوراءِ نالي هڪ راجا ٿي گذريو آهي، جنهن ڪيترائي ڪلور ڪيا هنا. هن کي هيءَ وٺ هئي، تہ سندس صاحبيءَ ۾ جيڪا بہ جوان ڇوڪري پرڻبي هئي، سا پهرينءَ رات پاڻ وٽ گهرائي وٺندو هو. هن قهر جي ڪم ڪري رعيتي ماڻهن جي رڳ رڳ ڪيس پئي پٽيو. ڪنهن وقت خود سندس سڳي ڀاڻيجي ٿي پرڻي، تہ هن لاءِ بہ حڪم ٿيو تہ پهرينءَ رات سندس محلات ۾ موڪلي وڃي. انهيءَ تي پيٽس ڳچيءَ ۾ ڪپڙو پائي، وڃي پيرن تي ڪريس ۽ هٿ ٻڌي، ليلائي چيائينس تہ "منهنجي آنڌي ڄائي، ڪي پنهنجي نياڻي سمجهي سندس ست نہ بگاڙيو!" پر هي مادنمهرو ڪين مڙيو. هو پنهنجيءَ ڳالھ تي هوڏ ٻڌي بيٺو تہ هي ماءُ ڌيءَ ٻئي لوساٽجي وييون ۽ اوچنگارون ڏيئي زار و زار روئڻ لڳيون. سچ چيو اٿن تہ "آھ غريبان قهر خدائي!" هنن اٻلائن جي آه عرش تائين پهتي، تہ ڏسو قادر جي قدرت جو دلوراءِ جي بچڙي مراد پوري ٿيڻ کان اڳ ئي اهڙو سخت طوفان لڳو، جنهن ڌرتي ۽ آسمان گڏي هڪ ڪري ڇڏيا. اوڏي مهل

اوڙڪون بہ اهڙيون وسيون، جي نہ ڪنهن ڏٺيون نہ ٻڌيون. اوچتو شهر جي مٿان وڄ ڪري ڌرتي ٻہ ڏڦي، جنهنڪري دلوراءِ جي نگري (برهمڻ آباد) ناس ٿي ويئي ۽ ٻيا ڪيترا وسيل شهر جي سندس صاحبيءَ ۾ ٻلي ٻلي هئا، سي سڀ ويران ٿي ويا.* انهيءَ الاهي آفت وقت لاڙڪاڻي طرف هن وسيع شهر جون جايون زمين دوز ٿيون ۽ ڪئين ماڻهو دٻجي مري ويا. اِهو ماهو ٿيو، تنهنڪري اهو "موهن جو دڙو" يعني مات ٿيلن جو دڙو سڏجڻ ۾ آيو. هن نالي ۾ "مهن" لفظ عام صورت جمع ۾ ڪم آيل آهي، تنهن مان اَئين سمجهجي ٿو، تہ هتي گهڻ ۾ گهڻ ٻہ ٻيرا ماڻهن جو ماهو ٿيو هو. "دڙو" لفظ مان ظاهر آهي تہ هيءُ شهر ڊهي، واريءَ ۽ مٽيءَ جو دڙو ٿيو، تنهن ڪان پوءِ مٿس اهو نالو پيو.

دڙي جي کوٽائي. انگريزن جي صاحبيءَ جي اوائل ۾ هن قسم جون کوجنائون رڳو الور، برهمڻ آباد ۽ ٻين ٿورن هنڌ ٿيون هيون، جو تن ڏينهن ۾ اهي هنڌ نهايت آڳاٽا ليکبا هئا. سن 1910 ع ۾ ميرپورخاص جي نزديڪ ڪاهوءَ جي دڙي جي کوٽائي، مسٽر هينري ڪزنس آرڪيالاجيڪل کاتي جي سپرنٽينڊنٽ ڪرائي، تہ اتان ٻڌ ڌرم واري زماني جون ڪي حقيقتون معلوم ٿيون. مهن جي دڙي جي سڌ جيتوڻيڪ آرڪيالاجيڪل کاتي وارن، توڙي لاڙڪاڻي ضلع جي روينيو عملدارن کي اڳي ئي هئي، پر ڪنهن نهاريس بہ ڪونہ ٿي. هتي پوءِ سن 1922 ع ۾ کوٽائي ٿي ۽ ان لاءِ هڪ اتفاقي سبب اچي ٺهيو.

سن 1918 ع کان وٺي مسٽر رکلداس بنرجي. ايم. اي. آرڪيالاجيڪل کاتي جي سپرنٽنڊنٽ، پنجاب طرف، بياس نديءَ جا سڪل پيٽ پئي جاچيا. سندس مکيہ مراد هيءَ هئي، تہ عيسوي سن کان سوا ٽي سو کن ورهيہ اڳي. بياس نديءَ جي ڪناري وٽ، سڪندر اعظم جيڪي ٻارهن ٿل نهرائي، مٿن يوناني ۽ هندستاني ٻولين ۾ نوشتا اُڪرايا هئا، تن جو پتو ڳولي ڪڍجي. اٽڪل چار ورهيہ پنجاب جي ڏاڪٽي ياگي، بيڪانير ۽ بهاولپور رياست جا گشت ڪندو مهراڻ يا هاڪڙي جا سڪل

* "تحفة الڪرام" موجب برهمڻ آباد، ٻنبور ۽ اهڙا ٻيا شهر عيسوي ائين صدي جي وچ ڌاري ويران ٿيا هئا.

پيٽ جاچيندو سنڌ ۾ آيو. واٽ تي بهاولپور رياست ۾ لاڙڪاڻي جي وچ ۾ سنڌو نديءَ جا ارڙهن سڪل پيٽ نظر آيس! انهن ڪان سواءِ ٻڌ ڌرم واري زماني جي ستاويهن وڏن ۾ ٿبونجاڏ ننڍن شهرن جا ويرانا سرحد سنڌ. سکر ۾ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ ڏنائين.* اهي سڀ هنڌ اڪ مانڙ ڪيندو سن 1922ع ۾ لاڙڪاڻي طرف مهن جي دڙي وٽ اچي بيٺو. ان وقت هڪ اوچي دڙي تي ڊنل ٺل ۾ ٻڌ ڌرم وارن جو هڪ مٺ (مندر) هو. جنهن جون پتيون سنڌو نديءَ جي سپاٽ (سطح) کان چاٿيتاليهه فوٽ اتاهيون هيون. مندر جي چوڌاري پيڪشن (ٻڌ ڌرم جي ساڌن) جي رهڻ جي لاءِ ڪوٺيون هيون ۽ انهن ڪوٺين جي وچ ۾ مندر واري عمارت هئي. اتان مٿي چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻ هئي ۽ ٻنيان ٻني طرف کان هيٺ لهڻ لاءِ ٻه ڏاڪڻ هئي، اتي هڪ وڏو تَلهو هو. جنهن تي ٺل بيٺل هو. ان جي پاسي وارين پتين جي مٿان ٻه سوڙهيون ڏاڪڻيون هيون. جن مان هڪڙي اُتر ته ٻي ڏکڻ طرف تي وينئي. اتي هڪ ننڍڙيءَ ڪوٺيءَ ۾ گوتم ٻڌ جو پتلو رکيل هو. چون ٿا ته انهيءَ پتلي تي اڳي سوني ٻني چڙهيل هئي، پر وارا ڳوناٽا پاڻنيندا هئا ته هتي ڪو ڏن پوريل آهي، سي هتي اچي، وقت بوقت زمين کوٽيندا هئا. سرون کڻنديون هين، ته اهي هتان ڪڍي ڪٽي ويندا هئا.

مسٽر بنرجيءَ هتي اچي، پير سان ڀهر اٿلايو. ته ٺڪر جي ٿانون ٿين جا ٺڪر ٽوٽا ڏنائين. جن تي نهايت عمدو ۽ عجيب ڪم ٿيل هو. ڪي پٿر جون ٺهيل چريون ٻه هٿ آيس، جي نئين پٿر واري زماني جون هيون. هن سڄاڻ انهن ٿورين شين لهڻ شرط سمجهيو ته هي هنڌ کوٽائڻ جي لائق آهي. خود کيس اوڏيءَ مهل اها ڳالهه من نڪا چٽ هئي. ته هتان اهڙي سڀيتا جو پتو پوندو جا اڳ ڪنهن ٻه ڳولي نه لڌي آهي، پر هتي جي زمين، جا پنج هزارن ورهين جي جهوني سڀيتا پنهنجي پيٽ ۾ پائي وينئي هئي، سا ڪوڏر جي پهرئين ٺي لپي سان پڌري ڪرڻ لڳي، جنهنڪري مسٽر بنرجيءَ جي هيڪاري دل وڌي** ارڪيالاجيڪل کاتي وارا

---

* Dr. Suniti Kumar Chatterji: Modern Review. December 1924.

** "Mr. Banerji, one of the greatest scholars that India has ever produced, at once realized the great importance of that discovery (at Mohan Jo Daro). The civilization, the relics of which so accidently came into his hands, was a totally unknown civilization, not only in India, but all over the world. That was the beginning of the discovery of a new period in the history of man." Rev. H. Heras: Journal of Indian History. April 1937. p 1

ڪوٽائيءَ جو ڪم ڪرائيندا ٿي سياري ۾ آهن. مسٽر بئنرجيءَ سن 22-1923ع وارو سيارو اتي ڪوٽائي ڪرائي، پر ٻئي سياري ۾ به اتي اچي، زمين وڏيڪ ڪوٽايائين ۽ سندس لايا سجايا ٿيا.

چئن زمانن جون عمارتون ۽ لڌل شيون. مسٽر بئنرجيءَ مهن جي دڙي بابت جيڪي رپورٽون ٻنهي سالن ۾ سرڪار کي موڪليون، سي آرڪيالاجيڪل کاتي جي ساليانين رپورٽن ۾ ڇپيل آهن. انهن ۾ ڄاڻايو اٿس، ته دڙي کوٽيندي معلوم ٿيو، ته ان ۾ چئن جدا جدا زمانن جون عمارتون آهن. انهن عمارتن اندران جدا جدا زمانن جا سڪا، چقمق جا ٽڪر، ڪچ جون ڪنگڻيون، رانڌ ڪرڻ لاءِ ڍارا، اڇي سنگ مرمر ڏوپ چٽيون ۽ ٻتلا لڌا آهن. هڪ چنسالي ٿيل مورتي لڌي آهي، جا ڪنهن ڏاڙهيءَ سان مڙس جي سسي آهي ۽ مٿي تي ڪوٻڙيءَ جي شڪل جهڙي ٽوپي اٿس. دڙي جي اندر مردا به پوريل هئا، ۽ مردن دفن ڪرڻ جا نمونا به نرالا هئا. مسٽر بئنرجيءَ هٿي جي عمارتن مان جيڪي شيون لڌيون، تن ۾ ٽنت مال پٿر عاج ۽ ڄؤ جون ٺهيل مهرون آهن، جن تي قسمين قسمين جانورن جون شڪليون اُڪريل آهن. انهن تي ڪي اکر به اڪريل آهن، جي هاٿوڪيءَ ڪنهن به ٻوليءَ جي صورتخطيءَ سان ملي نٿا اچن. اهي اکر اڄ تائين ڪو پوريءَ ريت پڙهي ڪونه سگهيو آهي؛ پر انهن اُکرن سمجهڻ جي ڪوشش گهٽي ني عالم ڪن پيا.* مسٽر بئنرجي اهي مهرون ڏسي گد گد ٿيو، جو سمجهيائين ته ڪا شيءِ لڌي اٿم ائين سمجهڻ لاءِ سبب هئس.

پنجاب جي ڏکڻ ڏي، منٽگمري ضلعي ۾، لاهور ۽ ملتان جي اڌ واٽ تي، راوي نديءَ جي هڪ سڪل پيٽ وٽ، هڪ قديم ويرانو آهي. انهيءَ قتل شهر جو نالو آهي "هرپا"، جو لفظ اصل ۾ آهي. "هرپد" يعني هريءَ (شو ڀڳوان) جو پير انهيءَ ويراني ڏي پهريائين پهريائين مسٽر منسن (Mr.Masson) جو ڌيان سن 1826ع ۾ ڇڪيو. پنجن ورهين کان پوءِ

* فادر هنرس جو چوڻ آهي ته پاڻ اهي لکيتون سمجهي سگهيو آهي، پر جيڪي سمجهيو اٿس سو برابر آهي يا نه- تنهن ڳالهه جي تصديق اڄ تائين ڪنهن ڪانه ڪئي آهي. ڏسو صفحو هيٺان انگريزي نوٽ.

مسٽر برنيس (Mr.Burness) کي اتان ڪي اهڙيون مهرون هٿ آيون.
ميجر جنرل ڪننگهام بہ سن 1853 ع، 1856 ع ۽ 1872 - 1873 ع ۾ اهڙيون مهرون اتان لڌيون. انهن تي ديوناگري اکرن جي نموني ماترائون (لاڪنائن يا اعرابن) سان ڪي اکر اڪريل هئا. سن 1921 ع ۾ راءِ بهادر ديارام سهني ايم.اي. آرڪيالاجيڪل کاتي واري پڻ اهڙيون مهرون لڌيون. مهرن تي اُڪريل اکرن بابت ان وقت ائين تي سمجهيائون، تہ قديم زماني ۾ اها لپي يا آئيوينا رڳو پنجاب طرف چالو هئي. هينئر هڙپا جي ويراني کان چار سو ميل پري، مهن جي دڙي مان، مسٽر بئنرجيءَ اهڙن اکرن سان مهرون لڌيون، تہ انهيءَ مان ايترو ثابت ٿيو، تہ جنهن زماني ۾ پنجاب ۾ اها آئيوينا چالو هئي، تنهن ساڳئي زماني ۾ سنڌ ۾ بہ چالو هئي. هڙپا ملن بہ مهن جي دڙي جهڙيون عمارتون ۽ پيون شيون لڌيون آهن، تہ اڻ پڇو چئبو تہ پنجاب کان وٺي سنڌ تائين تهذيب ئي ساڳي هئي. هن نئين کوجنا مسٽر بئنرجيءَ جو چاهہ وڌايو. هو صاحب هن ڪم کي هيڪاري جنبي ويو پر گهٽي جاکوڙ ڪري پنهنجو بت ڪيري وڌائين، جنهنڪري هي کوجنا جو ڪم ڪجهہ وقت روڪجي پيو.

ان وقت هندستان جي آرڪيالاجيڪل کاتي جو ڊئريڪٽر جنرل سر جان مارشل هو. هڙپا ۽ مهن جي دڙي مان لڌل سڀ شيون گهرائي، پاڻ تپاسيائين. هو صاحب يڪدم سمجهي ويو، تہ هڙي کوجنا پنجاب ۽ سنڌ ۾ اڳي ڪنهن بہ ڪانہ ڪئي آهي. مهرن تي جيڪي اکر اڪريل هئا، سي جيتوڻيڪ پاڻ بہ پڙهي ڪونہ ٿي سگهيو، تہ بہ ايترو سمجهيائين تہ انهن مهرن تي جيڪي اکر اُڪريل آهن ۽ شڪليون نڪتل آهن، سي پونوچ سمنڊ وارن ملڪن جي قديم سڀيتا سان ڪجهہ قدر ملي ٿيون اچن، پوءِ تہ چا ڪيائين جو مهن جي دڙي مان لڌل عمارتن ۽ شين، ۽ سيني مهرن جا فوٽا، "السٽريٽيڊ لنڊن نيوز" ۾ ڇپائي پڌرا ڪيائين، تہ من ڪو عالم هنن نين شين تي ڪا روشني وجهي سگهي. سندس اهو ليک فوٽن (تصويرن) سميت "السٽريٽيڊ نيوز" جي 20 سيپٽمبر 1924 ع واري پرچي ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو، تہ ٺڪ ٻئي هفتي ساڳي مخزن ۾ پروفيسر اي. ايچ. سئس ظاهر ڪيو تہ انهيءَ ساڳي سڀيتا جا اهڃاڻ ميسوپوٽيميا طرف بہ

مليا آهن. مهرون بہ ساڳيون تہ عمارتن جي اڌاوت جو نمونو بہ ساڳيو! سگهوني پوءِ ايران طرف بہ انهيءَ ساڳيءَ سيپتا جون ثابتيون مليون، جنهنڪري آرڪيالاجيڪل کاتي وارن کي ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿيو تہ پنجاب ۽ سنڌ کان وٺي، عراق ۽ ميسوپوٽيميا تائين ڪنهن قديم زماني ۾ هڪڙي ئي تهذيب هئي. هن نئين، کوجنا ڪيترن ئي هنڌن جي عالمن جو گهڻو ڌيان ڇڪيو. هندستان، يورپ ۽ آمريڪا ۾ جيڪي بہ اخبارون ۽ مخزنون ڇپجن ٿيون، تن سڀني ۾ مهن جي دڙي بابت ليکن پئيان ليک پيا، جنهنڪري مهن جو دڙو سڄيءَ دنيا ۾ مشهور ٿي ويو!

هينئر هيڪاري ضرور ٿيو تہ مهن جو دڙو اڃان وڌيڪ کوٽائجي تہ من ڪو وڌيڪ پتو پوي؛ پر هن ڪم لاءِ ججهو ناڻو گهرجي. سگهوني هند ليجسليٽو اسيمبليءَ جي بجيٽ جي ميٽنگ ۾ رٽ پيش ٿي، تہ هندستان جي آرڪيالاجيڪل کاتي کي هند سرڪار هڪ فنڊ پنجاهہ لک رپين جو منظور ڪري ڏئي، جنهن مان آئيندي اهڙا دڙا کوٽائجن. انهيءَ رٽ پيش ڪندي سيڪريٽريءَ هن ڳالهہ تي زور ڏنو تہ پنجاب ۽ سنڌ مان هينئر جنهن سيپتا جو پتو پيو آهي، تنهن تي سڄي هندستان کي فخر ڪرڻ لاءِ سبب آهي، ۽ اهو فنڊ ضرور قبول ٿيڻ گهرجي. اسيمبليءَ ايترو پئسو ڏيڻ نہ قبوليو، تہ هندستان ۾ ناراضپو پيدا ٿيو. انهيءَ هوندي بہ اسيمبليءَ کي جس آهي، جو اڍائي لک روپيا ساليانو قبوليائين.*

سر جان مارشل پوءِ سنڌ ۾ آيو ۽ مهن جي دڙي جي وڌيڪ کوٽائي ڪرائڻ لاءِ ڪجهہ وقت پاڻ اُتي وڃي رهيو. ڏوڪري اسٽيشن کان وٺي مهن جي دڙي تائين رستو ٺهرايائين. عمليءَ لاءِ ڇاپون جوڙايائين ۽ اٽڪل هڪ هزار مزدور دڙي کوٽائڻ لاءِ رکيائين، جن مان ڪيترا بروهي هئا، جي پنهنجيون پونگيون اُڏي اتي رهيا: مهن جي دڙي وٽ هڪ ڳوٺ ٻڌجي ويو. سرجان مارشل پنهنجي سر مزدورن کي سمجهائيندو هو تہ کوٽائي ڪيئن ڪجي. مزدورن جي لاءِ هيءُ نئون ڪم هو، پر اهڙو تہ هري ويا جو اُن جو ڏاٽو بہ لهندا هئا، تہ اهو بہ آڻي ڏيندا هئس. ائين دڙي مان گهڻي ئي شيون لڌيون.

---

* Journal of Indian History, Vol V. 1926, pp. 101–106.

جينن جيئن نيون شيون پني لڌيون تيئن تيئن انهن جو مختصر ذڪر اخبارن ۾ پني ڇپيو. آمريڪا ۽ يورپ جي ڪيترن عالمن پچ پچ لاتي تہ اسان ڪي ڇتيءَ ريت کولي ٻڌايو. تہ اتان ڇا ڇا لڌو اٿو! سر جان مارشل سندين اُٹ تڻ لاهڻ لاءِ پنهنجيءَ صحيح سان "السٽريٽيڊ لنڊن نيوز" ۽ ٻين مخزنن ۾ ليک لکيا. آخر هڪ سهڻو ڪتاب، ٻن جلدن ۾، باتصوير مهن جي دڙي ۽ سنڌو سڀيتا بابت ڇپايائين جنهن جي قيمت ڏهہ گنيون (ڏيڍ سوَ روپيا، اجان بہ وڌيڪ) آهي. سن 1922ع کان وٺي 1927ع تائين جيڪا کوٽائي ٿي تنهن جو سربستو ذڪر ان ۾ ڪيو اٿس. انهيءَ کان پوءِ بہ دڙو کوٽايو اٿن. مسٽر بئنرجي جنهن پهريائين اهو دڙو کوٽايو هو، تنهن مهن جي دڙي بابت ڏار ڪتاب لکيو. مسٽر دڪشٽ ۽ مسٽر منڪي بہ ڪيترو وقت پنهنجي نظرداري هيٺ دڙو کوٽايو هو. مسٽر منڪي بہ ڏار ڪتاب لکيو آهي. انهيءَ ريت مهن جي دڙي بابت ٻين بہ ڪتاب لکيا آهن. هن وقت تائين قديم سنڌ جي تاريخ جوڙڻ لاءِ جيڪي مصالحو مليو آهي، سو ڏار باب ۾ ڄاڻائجي ٿو: اهو سمورو سر جان مارشل جي ڪتاب ۽ سندس ليکن مان ڪڍيو ويو آهي. مسٽر بئنرجيءَ ۽ ٻين عالمن ڪا خاص ڳالهہ ڪئي آهي، تہ اها بہ پڙهندڙن جي معلومات لاءِ ڄاڻائي ويئي آهي.

●

# باب چوٿون

## مهن جي دڙي واري عاليشان سڀيتا

سنڌو ماٿر جي قديم سڀيتا: شهر مٿان شهر: مهن جي دڙي جي اٽڪل ٽيرهن ايڪڙ زمين هيلتائين کوٽائي اٿن. هتان ست شهر هڪ ٻئي جي مٿان لڌا آهن. آبڪلانيءَ ۾ سنڌونديءَ جي اُٿل ۽ چوماسي ۾ جبلن تان پاڻيءَ جي چڙن لهڻ سبب هيءُ شهر هڪ ڀيرو ڙبون ٿيو ٿي، تہ پاڻيءَ جي ڇينهري ٿيڻ کان پوءِ ماڻهن وري انهيءَ ويراني مٿان ٻيو نئون شهر ٻڌو ٿي. انين شهر مٿان شهر ٿي ٻڌائون، جن مان ستن شهرن جو پتو پيو آهي. پاڻنجي ٿو تہ هيءُ شهر واپار يا ٻين سببن ڪري مکيہ هو، جنهنڪري ماڻهن وري وري اهو ساڳيو شهر وسايو ٿي انين ست گهمرا ساڳيو هنڌ وسايائون انهن ويرانن جي هيٺان پاڻي نڪتو آهي، جنهنڪري ڇنبو تہ انون شهر ڪونہ هو.

شهر جو ڏؤل: مهن جي دڙي مان جيڪي شهر هينئر ظاهر ٿيا آهن تن مان آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ پنج هزار کن ورهيہ اڳي بہ ماڻهو انين محلا ۽ پاڙا جوڙي رهندا هئا، جيئن اڄ اسين رهون ٿا. مطلب تہ شهر ٻڌڻ جو ڏؤل جيڪو هينئر آهي سو جهڳن جو آهي. هتي جا رستا ڪشادا ۽ سنوان آهن، جي سڌا اُتر کان ڏکڻ ڏي وڃن ٿا. انهن رستن مان گهٽيون هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ڦٽن ٿيون، جنهنڪري هڪ هڪ محلو ڌار بيٺو آهي.

عمارتون: هرهڪ شهر ۾ جيڪي عمارتون آهن. تن مان ڪنهن بہ عمارت کي ڇت ڪانهي. پاڻنجي ٿو تہ ڇتين جون ڪامون ۽ لڙهيون يا پٽيون جڃهي عرصي گذرڻ ڪري سڙي پچي پري ويون آهن، يا باهہ لڳڻ

ڪري جلي پسر تي ويبون آهن. سڀ عمارتون پڪسريون آهن ۽ ڏسڻ ۾ اهڙيون تازيون پيون اچن، جو ڄڻ تہ ڪلهہ ڪلهوڙيءَ هي شهر بڌا هنا. سرون نهايت عمديءَ ريت گهڙيل آهن ۽ تاريخ واري زماني ۾ هندستان ۾ جيڪي سرون اينديون هيون، تن ڪان بنهہ علحدي نموني آهن.*

(١) گهر: جيڪي عمارتون لڌيون آهن، تن مان ڪيتريون ماڻهن جي رهڻ جون جايون آهن. سڀ جايون ڪشاديون ۽ هوادار آهن. ڪن گهرن جي اڱڻ ۾ ڏاڪڻ آهي، جنهن مان سمجهجي ٿو تہ جاين جي مٿان ماڙيون بہ اڏيل هيون. هر هڪ گهر کي پنهنجو پنهنجو کوهہ ۽ سنان جي کوٺي آهي. سنان جي کوٺين کي سرن جو فرش بڌل آهي! کوٺيءَ کوٺيءَ جي هڪ ڪنڊ وٽان پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ موري آهي. جنهن مان پاڻي وهي، گهٽين جي ڪسين ۾ وڃي پوندو هو. گهٽين جون ڪسيون ڍڪيل آهن، جن مان اندران ئي اندران پاڻيءَ جو نيڪال ٿيندو هو! ڪن سنانن جي جاين ۾ سرون ڪٽي، اهو ڪٽو چن سان ملائي تنهن سان نهانيءَ (سنان جي کوٺي) جو تر لتو اٿن، تہ ذرتي پاڻي ڇهي نہ وڃي! پٽين تي پلستر ٿي انچ ٿلهو چڙهيل آهي. سرن جي جيڪا چوڙائي ٿيل آهي، تنهن ۾ ڪيترن هنڌ گارو ڪتب آيل آهي، پر ڪن هنڌ چيرولي (Gypsum) ڪم آيل آهي، جا ننن گاج ۾ اڄ بہ ججهي انداز ۾، پيدا ٿئي ٿي.** عمارتن تي نقش جو ڪم ڪونہ ٿيل آهي، تہ بہ سرجان مارشل چوي ٿو تہ هندستان ۾ ههڙي عمدي آڏپ مهن جي دڙي واري زماني کان پوءِ بہ ڪٿي ڪانہ ٿيندي هئي.*** ههڙيون عمديون پڪسريون جايون گهڻو خرچ ٿيون پيون، تنهنڪري مسٽر منڪي جو اهو قياس پورو آهي تہ هتي جا ماڻهو وڏيءَ هوند وارا هنا.****

* "These well-chiselled brick, however, differ conspicously from any used during the historic period in India.' Sir John Marshall.

** "In the Gaj beds of the Khirthar Range, near the top of the group, gypsum of tolerable purity is abundant and is not unfrequently found in beds three to four feet thick." Mr. W.T. Blanford: Geology of Western Sind P. 195.

The construction of these buildings is far superior to anything of the kind in later India. "Sir John marshall: The illustrated London News, February 27. 1926.

The fact that the city was built of burnt brick, an expensive commodity, argues that those who lived whithin it were a prosperous people." Mr. Ernest Mackay: Mohan-jo-Daro and the i.c.

(٢) پنچائتي هال: ڪي عمارتون ٽنهي سان آهن، جن مان هڪ هال اتڪل اسي فوٽ آهي، اتي شايد پنچائتون ڪٺيون ٿينديون هيون، يا ڪن موقعن تي ماڻهو اچي مڙندا هئا.

(٣) مندر: ڪي عمارتون شايد مُٺ يا مندر ٿي ڪم ايندڙيون هيون. اهڙين جاين جي بنا (Plinth) ٻين جاين کان مٿي آهي. انهن ۾ ڪوٺيون ننڍيون آهن، پر ڀتيون بلڪل مائيدار آهن. ڪن ڀتين جي ٿولهه ڏهه فوٽ بہ آهي! انهيءَ مان سر جان مارشل اهو انومان ڪيو آهي تہ انهن جي مٿان شايد گهڻيون ماڙيون جڙيل هيون، جنهنڪري هيٺيون ڀتيون اهڙيون ٿلهيون رکيون اٿن.

(٤) دڪان: ڪن عمارتن مان ظاهر آهي تہ اهي دڪان ٿي ڪم ايندڙيون هيون. اهڙيءَ هڪ عمارت مان نيروٽيءَ جي ڪن لڏي آهي، ۽ نير جا چٽا بہ ڏسڻ ۾ آيا آهن.

(٥) وڏو تلاءُ: سڀني عمارتن ۾ هڪ اڏاوت، جا گهڻو ڌيان ڇڪي ٿي، سا اُها آهي، جنهن مان هڪ وڏو تلاءُ لڌو آهي. ان جون ڀتيون ٿولهہ ۾ ست اَٺ فوٽ آهن. تلاءَ جي ٻن پاسن کان ڀوڙيون ٺهيل آهن، جنهنڪري پلي تہ ڪو هڪڙي پاسي کان ڀوڙين تان لهي هيٺ وڃي، ۽ ٻئي پاسي وارين ڀوڙين تان چڙهي مٿي اچي. اهو تلاءُ اٺيتاليهہ فوٽ ڊگهو، ٽيويهہ فوٽ ويڪرو ۽ اَٺ فوٽ اونهو آهي! تلاءَ جي ٻاهرين پاسي، پر وارين ڪوٺين مان هڪ ۾ هڪ اونهو کوهہ آهي، جنهن جو پاڻي اڄ ڏينهن تائين ڪم آڻڻ جهڙو آهي. شايد انهي کوهہ جي پاڻيءَ سان تلاءَ ڀريندا هئا. انهيءَ تلاءَ جي هڪ چيري وٽ هڪ شاهي ڪسي آهي، جنهن مان شايد پاڻيءَ جو نيڪال ٿيندو هو. اها ڪسي نهايت عمديءَ ريت جڙيل آهي ۽ ايترو اونهي آهي، جو پلي تہ ڇهہ فوٽ-لنبو مڙس منجهس بيٺو هجي! سڄي ڪسي ڍڪيل آهي: پر مٿان ڇت وٽان ٿورو ٿورو تڪر ڪليل (Man-hole) اٿس، جنهن مان پلي تہ ڪو ماڻهو اندر لنگهي وڃي، سڄي ڪسي صفا ڪري. پاڻيءَ جي سيمي کي روڪڻ لاءِ رومي ڏامر (Bitu-men or Asphalt) دوراانديشي ڪري هٽي چڙيو اٿن. هن مان ظاهر آهي تہ وادي (ماٿر) سنڌ جا رهاڪو پنج هزار ورهيہ اڳي نہ فقط قابل معمار هئا،

۾ هاڻوڪي زماني جي سرويرن ۽ انجنيئرن وانگر پوري ڳڻ ڳوت به ڪري سگهندا هئا.

کوهه: مُهن جي دڙي جي هر هڪ گهر کي پنهنجو پنهنجو کوهه آهي. ڪي کوهيون آهن. ڪيترين گهٽين مان ۽ رستن تان وڏا کوهه لڌا آهن، جي ڪسرا ۽ گولائي، تي آهن - هڪ به کوهه بيضوي شڪل جو به آهي. پر کوهن وٽ پڪسرون پتنج نهيل آهي - اهو شايد انهي، لاءِ هو ته جيستائين ڪنهن کي پاڻي، پرڻ جو وارو ملي، تيستائين انهي، پتنج تي رهي.

ڪسيون يا موريون: سڄي شهر جي گندي پاڻي، جي نيڪال جي ترتيب نهايت سهڻي نموني جي آهي. مسٽر بريلسفورڊ چوي ٿو ته يورپ ۾ اهڙي عمدي ترتيب عيسوي اٺويهين صدي، تائين به ڪانه هئي.* مسٽر اينگر چوي ٿو ته مٿي ۽ مورين جو بندوبست جيتوڻيڪ منجهيل گنديل آهي. ته به اهڙو پورڻ ۽ مڪمل آهي، جو ڪوبه هاڻوڪو شهر سچ پچ جيڪر فخر سان اهو اختيار ڪري.** پاڻي، جي نيڪال لاءِ ڪسين جي هيٺري ساک سيني عالمن حق تي ڪئي آهي. سرجان مارشل پاڻ به لکيو آهي ته پاڻي، جي نيڪال جو طريقو غير معمولي طرح سڌريل نموني جو آهي. هرهڪ رستي، گهٽي ۽ لنگهه کي پنهنجي پنهنجي ڍڪيل نالي يا ڪسي آهي، ۽ انهن جون سرون اهڙي عمدي، طرح گهڙيل ۽ هڪ ٻئي سان جڙيل آهن، جو انهي، ڪان وڌيڪ عمدي، ريت ڪم ڪرڻ جي وات ڪو ڏسي ڪونه سگهندو.***

حفظ صحت: شهر جي رونق منجهان ئي ائين پيو سمجهڻ ۾ اچي ته هن شهر جي ميونسپالٽي ڪا سچاڻ هئي. جنهن کي شهر جي حفظ صحت جوگهڻو اونو هو. شهر ڪِهڙي ٻوُل تي ٻڌجي، ۽ صفائي سنائي ڪيئن

* Mr. Brailsford: The Manchester Guardian, January 1932.

** "Sewage and arrangement of drains are comyplicated and yet so perfect that any modern town will really be proud of having." Mr. A. S. Iyenger: The Hindustan, Times, 21st February, 1932.

*** "The drainage system in particular is extraordinarily well developed. Every street and alley--way and passage-- seems to have had its own covered conduit of finely chiselled brick, land with a precision which could hardly be improved upon." Sir John Marshall: The illustrated London News, Feb. 27, 1926.

رکجي، تن ڳالهين جي جيتري ان وقت جي ماڻهن کي سڌ هئي، تيتري اسان جن چئن پنجن پيڙهين وارن ابن ڏاڏن کي به ڪانه هئي. هرهڪ گهر هڪ ٻئي کان ايتري قدر پري آهي، جو ڪنهن به گهر کي هوا ۽ روشني ملڻ ۾ ڪنهن به اٽڪ ٿيڻ جو امڪان ڪونهي. ماڻهن کي انجنيري ڪم جي به ڄاڻ هئي، جو درياهه جي اٿل کان شهر جي بچاءُ جو خاطر خواهه بندوبست ڪري سگهيا ٿي، ۽ گندي پاڻيءَ توڙي برسات جي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ نالين ۽ ڪسين نهايت عمديءَ ريت جوڙي سگهيا ٿي. ڪسين ۽ مورين جي وقت بوقت صفائي ڪرڻ لاءِ منجهن "مئن هول" (Man-hole) به رکيائون ٿي، جيئن اڄ ڪالهه ميونسپالٽيون ڪن ٿيون. گهر جي گند ڪچري جي نيڪال لاءِ پٽين ۾ سوراخ ڪري ڇڏيندا هئا، ته ڪچرو اتان وهي وڃي گهٽيءَ ۾ ٻري. گهٽين ۾ ڪچري ڪٺي ٿيڻ لاءِ ڪنڊون هيون، جي پوءِ پنگي صفا ڪندا هئا. آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن جون ڄاڻايل هي سڀ ڳالهيون ڏيکارين ٿيون ته پنج هزار کن ورهيه اڳي جڏهن ٻين ڪيترين قومن کي اڃا پنهنجي ٻت ڍڪڻ جي به سڌ ڪانه هئي، تڏهن اسان جا سنڌي نهايت سڌريل ماڻهن وانگر پنهنجو جيوت ڪاٽيندا هئا.

<u>شڪل شبيهه، پوشاڪ ۽ زيور:</u> مهن جي دڙي مان جيڪي پتلا هٿ آيا آهن، تن مان قديم سنڌين جي شڪل ۽ مهانڊن جو انداز ڪري سگهجي ٿو. هو قد جا بندرا ۽ بت ۾ سڙونڙا هئا. چپ پريل ۽ اکيون سوڙهيون هيون. اهي مهانڊا فقط مهن جي دڙي جي رهاڪن جا هئا، يا عام طرح سيني سنڌين جا هئا، تنهن بابت ڪابه ڪافي ثابتي ڪانهي.

سيني پتلن ۾ ڏسجي ٿو ته ماڻهن جو ڪنڌ ٿلهو ۽ پرپريو آهي، ۽ ڳٽن جا هڏا چپٽڙا اٿن. پتلن مان هيءَ ڳالهه به ظاهر آهي ته مرد ننڍيون ڏاڙهيون رکائيندا هئا. مڇون ڪن جون ڪوڙيل ته ڪن جون رکيل هونديون هيون. مٿي جا وار پيشاني وٽان ورائي، ٻنيان ويڙهي، منجهن ڪنگو اٽڪائي ڇڏيندا هئا. جنهن ڪري انهن کي ويڙهڻ جو ضرور ڪونه ٿيندو هو.

زناني شڪل وارن پتلن مان ڏسجي ٿو ته ڪي زالون پنهنجا وار ڳچيءَ وٽان ورائي، پونتان ڪليل ڇڏينديون هيون. ۽ ڪي چوٽي ويڙهي سڳ

وانگر چهنبدار ڪنديون هيون.

پوشاڪ: مردن جي پوشاڪ ڏوتي ۽ چادر هني، جنهن جو پلئه ساڄي بغل هيٺان لنگهائي، ڏاٻي ڪلهي تي اچلي وجهندا هئا. ڪن پتلن مان انين سمجهڻ ۾ پيو اچي تہ ڌوتيءَ بدران هڪ اهڙي گهگهري پيل اٿن، جهڙي هن وقت لنگها (دهلاري) پهرين ٿا. ڪي مورتون بنهہ اگهاڙيون آهن، ۽ ڪن ۾ ماڻهن کي لنگوٽ چڙهيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

زيور: مهن جي دڙي واري زماني ۾ زالون توڙي مرد زيور عام طرح پائيندا هئا: ڪنٺي يا هسي، ٽانٽ ۽ منڊيون، مرد بہ پائيندا هئا. انهن کان سواءِ زالون ڳن يا پنڙا، داڻن جا هار چانديءَ يا سون جون ڪنگڻيون ۽ نورا پائينديون هيون. ڪن پتلن ۾ زالن کي ٻڪ تي ٻانهين ڪلهي تائين پيل ڏسجي ٿي، جنهن مان ظاهر آهي، تہ انهيءَ زماني ۾ چوڙيگر بہ هوندا هئا. ڪن زيورن تي جڙت جڙيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن ڪري چنبو تہ جڙوٿا بہ هئا. ڪن گهرن مان، زمين جي هيٺان پوريل، ڪي ٿامي جا ٻاسڻ برتڻ آرڪيالاجيڪل کاتي جي سپرنٽينڊنٽ مسٽر دڪشت لڌا، جن سان گڏ هڪ مڙيل ڪاراڻي بہ هني. هڪ ٿانءَ ۾ قيمتي زيور پيل هئا. جن تي جڙت جڙيل هئي. سر جان مارشل انهن زيورن ليڻ کان سگهوئي پوءِ "السٽريٽيڊ لنڊن نيوز" ۾ لکيو تہ "سونا زيور اهڙيءَ عمديءَ ريت گهڙيل آهن ۽ اوجر (پالش) اهڙي اچي اٿن، جو چئو تہ لنڊن جي بانڊ اسٽريٽ (سونارن جي گهٽي) مان هينئر گهڙجي آيا آهن ۽ پنجن هزارن ورهين جا جهونا پائنجن ئي ڪين ٿا.*

قيمتي پٿر: مهن جي دڙي مان جيڪا زيورات هٿ آئي آهي، تنهن مان پتو پوي ٿو، تہ قديم سنڌ جا رهاڪو عقيق يا سنگ سليماني (Agate). نيلم، پيروز ۽ ٻيا قيمتي پٿر هار جي داڻن توڙي زيورن لاءِ جڙت طور ڪم آڻيندا هئا. هرپا توڙي مهن جي دڙي مان شيشو ڪونہ لڌو آهي، پر انهيءَ زماني ۾ ڪاريگر هڪ اهڙو ليپ ٺاهيندا هئا. جو سڪڻ کان پوءِ شيشي وانگر بڪندو هو. انهيءَ مان داڻا ٺاهيندا هئا. جي قيمتي پٿرن

---

* The gold ornaments are so well finished and so highly polished that they might have come out of a Bond Street Jeweller rather than from a prehistoric house of 5,000 years ago," Sir John Marshall: The Illustrated London News, Feb 27,1926.

بدران ڪم آڻيندا هئا. سن 24-1925 ع ۾ هڪ سھڻو هار لڌو جو خود ساڪ پيو پري تہ ڪنھن قابل ڪاريگر جو جوڙيل آهي.

مسٽر رکلداس بنرجي، جنھن مھن جو دڙو ھريائين ھريائين ڪوٽايو هو، سو تہ وينجھارن جي ساراھ مان ڍاپي ئي نٿو، چي رگ ويد ۾ جن آرين جو ذڪر آهي، تن کي بہ اهڙو هنر ڪونہ هو جھڙو مھن جي دڙي جي ڪاريگرن کي هو.* سر جان مارشل بہ انھيءَ هار جي گھڻي ساک ڪئي آهي.**

**کيتيءَ ۾ پيا هنر. پوک:** قديم سنڌ جي پوکي راهيءَ بابت گھڻو پتو ڪونہ پيو آهي؛ باقي مھن جي دڙي مان ڪڻڪ ۽ جوَ لڌا آهن. جيتوڻيڪ ترن جو هڪ داڻو بہ ڪونہ لڌو آهي، تہ بہ انئين وسھڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو، تہ ترن جي پوک بہ ٿيندي هئي، ڇاڪاڻ تہ رگ ويد مان معلوم ٿئي ٿو تہ انھيءَ آڳاٽي وقت ۾ پنجاب ۽ سنڌ ۾ ترن ۽ جوَن جا فصل پلا ٿيندا هئا. هن وقت اُن پيھڻ لاءِ جيڪي جنڊ ڪم اچن ٿا، سي عيسوي سن کان بہ صديون ڪن اڳي چالو ٿيا هئا. اڳي جنڊن جو نمونو ئي پيو هوندو هو. اهي اوڙ نموني جا جنڊ مھن جي دڙي مان تمام گھڻا لڌا آهن. انھيءَ مان مسٽر منکي اهو انومان ڪڍيو آهي تہ اَن جي پوک گھڻي ٿيندي هئي، جنھنڪري ماڻھن وٽ جنڊ بہ گھڻا هوندا هئا.

**کاڌو:** ڪڻڪ ۽ جوَن کان سواءِ ماڻھو ڪجور بہ کائيندا هئا. ڪارڪن جون ڪکڙيون ڪوٽائيءَ ڪندي هٿ آيون آهن. ان وقت ماڻھو مڇي ماس، بلڪ ڳانو گوشت بہ کائيندا هئا. درياھ جي مڇيءَ جا تہ خوراڪي هئا؛ ٻر ڪڇنون ۽ ڪميون بہ ڪين ڇڏيندا هئا!

**ڪتڻ ۽ اُڻڻ جو هنر:** ڪيترا انٽ ۽ تڪ لڌا آهن: ڪي سادا تہ ڪي اُچا. انھيءَ مان سمجھجي ٿو تہ غريبن توڙي شاهوڪارن جي گھرن ۾ چرخي چورڻ جو رواج هو. دڙي منجھان هڪ چانديءَ جو ٿانءُ، جواهرات ۽ مٽين سان ڀريل لڌو جو اچيءَ طرح اُٽيل ڪپڙي سان ويڙهيل هو. ان ۾ ديسي ڪپھ ڪم آيل آهي. هن مان ظاهر آهي تہ پنج هزار ورهيہ اڳي سنڌ ۾

* the modern Review, November 1927, P.559.
Mohen-jo-Daro and the I.C vol: I.P.34

وٺن جي سوک ٽيندي هئي، ۽ انهيءَ قديم زماني ۾ ئي سنڌي ماڻهن وٽ ڪڙي اٽڻ لاءِ اڏاڻا به هئا.

ڌاتو: قديم زماني جي ماڻهن وانگر، مهن جي دڙي جا رهاڪو، پٿر جا اوزار ۽ ٽانءَ ٿيا ڪم آڻيندا هئا. پر ٽامي جي به سڌ هين، جنهن مان ٺن باسڻ، برتن، اوزار بلڪ ڪي گهڻا به جوڙيندا هئا ۽ لوهه جو ذرو به ڪونه لڌو آهي، پر هيءَ زمانو ئي اهڙو هو، جنهن ۾ ماڻهن کي لوهه مارڻ جو عقل اجا آيو ئي ڪونه هو. قلعي به ڏار ڪانه لڌي آهي، باقي رڳو ٽامي سان گڏيل هٿ آني آهي. مهن جي دڙي وارا ٽامو ۽ قلعي گڏي "برانز" (Bronze) ٺاهيندا هئا، جنهن مان به ٽانءَ ٿپا ۽ اوزار جوڙيندا هئا. مسٽر محمد ثناءُ الله، هند سرڪار جو آرڪيالاجيڪل ڪيمسٽ چوي ٿو ته ٽامي ۽ قلعي مان "برانز" جوڙڻ جي سڌ سنڌو ماٿر جي ماڻهن کي عيسوي سن کان ٽي هزار ورهيه اڳ بلڪ انهيءَ کان به اڳي هئي.

هٿيار: مهن جي دڙي مان ٽوريون پٿر ۽ ٽامي جون ٺهيل گدائون (Maces) ۽ ٽوڙا پالا، ڪتاريون، تير ۽ ڪمانيون هٿ آيون آهن؛ ترار جوڙڻ جو ـ رواج ئي گهٽو ٻو، پيو. تنهنڪري ترار ڪانه لڌي آهي. شهر کي عالم ٺاهه ڪانهي. ڪا زره به ڪانه لڌي آهي. جنهنڪري پانجي ٿو ته ملڪ ۾ لڙائي اڪثر ڪانه لڳندي هئي ۽ ماڻهو صلح سانت ۾ گذاريندا هئا.

وٽ ۽ مايا: وٽ ۽ مايا قسمين قسمين لڌا آهن. اهي اڪثر نازڪ ۽ ننڍڙا آهن. ڪي مخروطي شڪل جا وڏا پٿر لڌا آهن، جن ۾ مٿان سوراخ آهي. انهن سوراخن مان ڌور لنگهائي سگهجي ٿي. اهي پٿر تور مهل وٽ ڪري ڪم آڻيندا هئا. ڪي ننڍا وٽ خاڪي رنگ جي سليٽ جا، ٻيـ جي شڪل جهڙا آهن. جي ايلم ۽ ميسوپوٽيميا جي وٽن سان مشابهت رکن ٿا. مسٽر اي. ايس. مئڪي چوي ٿو ته "مهن جي دڙي جا اهي ـ ۽ ميسوپوٽيميا جي قديم وٽن کان وڏيڪ سوڌا ۽ پورا آهن."*

ڪنڀارڪو هنر ۽ ڪاشيءَ جو ڪم: مهن جي دڙي جي ماڻهن رڱ چانديءَ ۽ ٽامي جا ٽانءَ ۽ چمڪيدار ليپ جون ٺهيل گلاباشيون وغيره هونديون هيون، پر رواجي ٽانءَ ٿپا اڪثر ڪر جا هوندا هئن. ـ

* Mackay: Mohan-jo-Daro and Indus Civilization Vol. I, PP. 36-37.

ـن جوڙڻ جو هنر جڳن کان عام هو، پر مهن جي دڙي واري زماني ۾ سنڌي ماڻهو ڪنيارڪي هنر ۾ اهڙا تہ پڙ تي ويا هئا، جو چٽساليءَ سان ـان، ٿپا جوڙيندا هئا؛ ڪي ٿانءَ اهڙا تہ نفيس جوڙيندا هئا، جو اُهي عام طرح "ڪاغذي" سڏجن ٿا. ڪاشيءَ جي ڪم جا آڳاٽا نمونا بہ رڳو مهن جي دڙي مان مليا آهن. مسٽر ارنيسٽ منڪي چوي ٿو تہ "رومن جي وقت کان اڳ مصر ملڪ ۾ انهيءَ هنر جي مصري ماڻهن کي ڪل بہ ڪانہ هئي". ڪن ٺڪر جي ٿانون تي جانورن جون شڪليون اهڙيون ڪتل آهن، جهڙيون لڌل مهرن تي آهن.

سنگتراشي ۽ اُکر جو ڪم: سنگتراشيءَ ۽ اُکر جي ڪم ۾ مهن جي دڙي جي رهاڪن پنهنجيءَ قابليت جو چڱو ثبوت ڏنو آهي. ڍڳن، گينڊي ۽ ٻين جانورن جون شڪليون نهايت عمديءَ ريت مهرن تي ڪڍيون اٿن. ڪي شڪليون نوريئڙن جون آهن، جن ۾ نوريئڙا پچ مٽي ڪيو بيٺا آهن ۽ اڳين چنبن سان ڪا شيءِ وات ڏي ڪيو، چپو چورو پيا ڪن! انهن جي ديکھ بہ انچ مس آهي. هڪ ڏاڻي تي ٽن باندرن جي شڪل آهي، جن جي منهن مان سندن شوخي پيني ظاهر ٿئي، پر ٻانهون وراڻي هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي بيٺا آهن! اهو ڏاڻو ايڏو آهي، جو اکروٽ جي کل ۾ جيڪر سمائجي وڃي. "منچيسٽر گارڊين" ۾ مسٽر بريلسفورڊ لکيو آهي تہ هتان جيڪي ماڻهن ۽ ٻين ساهوارن جون شڪليون لڌيون آهن، سي ان وقت جي ميسوپوٽيميا طرف جي ڪاريگريءَ کي شهہ ڏيئي بيٺيون آهن.

مهرون: مهن جي دڙي مان جملي 558 مهرون علحدن علحدن ڊولن ۽ قدن جون لڌيون آهن ـ ڪي ويلڻ جي شڪل جهڙيون تہ ڪي چورس، ڪي ٻيڙي وانگر تہ ڪي گونيءَ ڪنڊ واريون. ڪي ننڍڙيون ۽ نفيس تہ ڪي وڏيون ۽ وڏيڪ چٽيون. ڪي عاج جون ٺهيل تہ ڪي صابوني پٿر جون. گهڻيون مهرون ٺڪر جون آهن. ڪن مهرن کي سوراخ آهي جنهن مان ڌاڳو لنگهائي سگهجي ٿو. ٻانهي ٿو تہ مهن جي دڙي جا ماڻهو اهي مهرون ڳچيءَ ۾ ٻانڌيندا هئا يا ڪرائيءَ ۽ ٻانهن تي تانٽ وانگر ٻڌندا هئا. انهن مهرن تي شڪليون نڪتل آهن، جن مان ڪاريگرن جي

ڪاريگريءَ جو ثبوت ملي ٿو. انهن مهرن تي اُٺيل چٽ آهن، تن مان سمجهجي ٿو ته سيل مهر ڪرڻ مهل به اهي مهرون ڪم اٿيندا هئا. قديم زماني ۾ دستور هو، ته ماڻهو ڪيڏانهن ٻاهر ويندا هئا، ته دروازن جي ٻاهران مهرون هڻندا هئا. هرهڪ مهر تي ديوتا جي شڪل نڪتل هوندي هني. اهو ديوتا ڄڻ ته گهر جي نگاهه ڪندو هو. ۽ سندين ملڪيت کي ڪوبه هٿ ڪونه لائيندو هو. مهن جي دڙي جي ماڻهن وٽ به شايد اهوئي دستور هو.

لکڻ جو هنر: مهن جي دڙي مان لڌل مهرن تي جانورن جي شڪلين کان سواءِ هڪ ٻه سٽ به لکيل آهي، پر اکر تصويرن جي صورت ۾ آهن. سڄيءَ دنيا ۾ جيڪي آئيوٽائون چالو آهن، تن جا اکر اڪثر اهڙين تصويري لکيتن مان نهيل آهن. اڳي اکرن بدران جانورن وغيره جون شڪليون ڪيندا هئا. اهي شڪليون پوءِ پنهنجي صورت مٽائي هاٽوڪا اکر ٿيون آهن. مهرن ۾ اهڙن اکرن جي وچ ۾ ڪٿي ڪٿي، ديوناگريءَ جي نموني ماترائون يا لاڪنائون (اعرابون) آهن، جن مان سمجهجي ٿو ته هتي لکڻ جي هنر جي ترقي چڱي قدر ٿي هئي. اهڙي قسم جون مهرون ميسوپوٽيميا طرفان به لڌيون آهن، جي عيسوي سن کان ٽي هزار کن ورهيه اڳ جون آهن. انهيءَ مان سر جان مارشل انومان ڪڍيو آهي، ته مهن جي دڙي جي سڀيتا به انهيءَ قديم زماني جي آهي.

رانديون ۽ رانديڪا: مهن جي دڙي مان سنگ سليماني ۽ ٻين پٿرن جون نهيل گوليون، شطرنج ۽ ڏارا لڌا آهن. اهي هاٽوڪن ڏارن وانگر ڏگها نه، پر ڪعب شڪل جا آهن. هن مان ظاهر آهي ته ماڻهن جي واندڪائيءَ جي وندر اهي رانديون هيون. ان وقت جي ماڻهن کي پنهنجي ٻارن جي وندر جو به جڳهو اونو هوندو هو. جو ڪيترن قسمن جا رانديڪا به لڌا آهن، جي ماڻهن، ڍڳن ۽ گهوڙن جون شڪليون آهن. هڪ ڍڳي جو پڇ ڇڪجي ٿو ته ڪنڌ پيو لوڏي! هڪ هاٿي آهي، جو جهنجهٽو ٿي ڪم اچي ٿو. مهن جي دڙي مان هڪ ٺڪر جي نهيل گاڏي ڇيڪلن سان لڌي آهي. انهي قسم جون گاڏيون عيسوي سن کان ٽيهه سو ورهيه اڳي ميسوپوٽيميا طرف چالو هيون، جنهنڪري ڇئبو ته گاڏين جو هي جهوني

۾ جهونو نمونو آهي.*

طبابت ۽ دوائون: مهن جي دڙي مان تورو سلاجيت لڌو آهي. سلاجيت ٻن قسمن جو ٿئي ٿو: هڪڙو اڇو ۽ ٻيو ڪارو. هتان ڪارو سلاجيت لڌو آهي، جو بدهاضمي، ادراڻ جيري ۽ هيانچي جي بيمارين لاءِ مفيد آهي. هرڻ جا سڱ هتان لڌا آهن، جي پڻ شايد دوائن ۾ ڪم ايندا هئا. هندن جي ڌرمي پستڪن مان بہ معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جا ماڻهو قديم زماني کان طب مان واقف هئا ۽ ڪيترين ڪارائيتين ٻوٽين جي سڌ هين.

گهرو جيوت: دڙي جي کوٽائيءَ مان جيڪي شيون ماڻهن جي گهرن مان لڌيون آهن، تن مان سنڌن گهرو جيوت تي چڱي روشني پوي ٿي. سرجان مارشل چوي ٿو تہ مهن جي دڙي جي سڀيتا اُن وقت جي مصر مُلڪ ۽ ايشيا جي الهندي طرف جي سڀيتا جهڙي آهي: پر ڪن ڳالهين ۾ اتي جي سڀيتا کان بہ سرس آهي. انهن هنڌان ڪي اهڙيون عمديءَ طرح جڙيل سنان جون جايون ۽ اهڙا ڪشادا گهر ڪين لڌا آهن، جن جي مهن جي دڙي جي عمارتن سان ڀيٽ ڪري سگهجي. انهن ملڪن ۾ ماڻهن پنهنجو تن، من، ڌن رڳو ديوتائن لاءِ مندرن، ۽ راجائن لاءِ عمدن محلاتن، ۽ مخروطي منارن جوڙڻ تي تي لڳايو: باقي رواجي ماڻهو مٽيءَ جي جڙيل جاين ۾ رهندا هئا. هرپا ۽ مهن جي دڙي ۾ قصوئي ٻيءَ طرح آهي. اتي بہ ماڻهن پنهنجي حاڪمن لاءِ عاليشان عمارتون جوڙيون هونديون، جي اڃان ڪين لڌيون آهن، پر پنهنجي رهڻ لاءِ ڪشاديون ۽ هوادار جايون جوڙيندا هئا. اهي هوادار جايون، سنان لاءِ تلاءَ، ڊڪيل موريون وغيرہ اهو اهڃاڻ ڏين ٿيون تہ هتي جي ماڻهن پنهنجو گهرو جيوت جهڙي فرحت ۾ تي گذاري، تهڙي اُن وقت دنيا ۾ ٻين هنڌ ڪنهن بہ ڪونہ تي گذاري.**

قديم سنڌين جو ڌرم. (١) ديوي پوڄا: مهن جي دڙي جي کوٽائي ڪندي ديويءَ جا پتلا لڌا آهن، جن مان سمجهجي ٿو تہ پنج هزار ورهيہ اڳي سنڌي ماڻهو ديويءَ جي پوڄا ڪندا هئا. هن وقت ديويءَ کي امبا، درگا ۽ ٻين نالن سان سڏين ٿا، پر حقيقت ۾ اها بنيادي طاقت يا شڪتي آهي.

---

Sir Jhon Marshall: Mohan-jo-Daro and I.C. Vol 1, P. 395.

** سر جان مارشل: موهن جو دڙو ديباچو، صفحو 6

ڏٺي آهي "پرش" ۽ ھيءَ آهي "پرڪرتي". ڏٺي آهي "قادر" ۽ ھيءَ آهي "قدرت" يا شڪتي، جنھن کي مجسم ڪري قديم سنڌي پوڄيندا ھئا. قدرت تي ويچار ڪرڻ سان ئي دل اڏامي قادر ڏي وڃي ٿي ۽ روحاني معرفت حاصل ٿئي ٿي، تنھنڪري ھن قسم جي پوڄا مان قديم سنڌين جي ڌرمي خيالن ۽ عقيدن جو پوريءَ ريت پتو پوي ٿو.

(٢) شو جي پوڄا: ماتا جي مورتيءَ کان سواءِ ھڪ مرد ديوتا جي بہ شڪل لڌي آهي. سرجان مارشل جي راءِ موجب اھا مورتي شو ڀڳوان جي آهي، جو يوگ آسڻ ۾ ويٺو آهي. ھتان شو جا لنگ بہ لڌا آهن، جنھنڪري ھيڪاري يقين ٿئي ٿو تہ سنڌ ۾ شو ۽ شڪتيءَ جي پوڄا جو رواج نھايت قديم آهي.

(٣) وڻن جي پوڄا: ڪيترين مھرن تي جيڪي شڪليون نڪتل آهن، تن مان ظاهر آهي تہ قديم سنڌي ماڻھو پپر ۽ ٻين وڻن جي بہ پوڄا ڪندا ھئا. اھا پوڄا ٻن قسمن جي ھوندي ھئي. ھڪ قسم ھيءَ ھو تہ خود وڻ کي پوڄيندا ھئا، ٻيو قسم ھيءَ ھو تہ وڻن ٽڻن جي ديوتا کي مجسم ڪري اُن جي پوڄا ڪندا ھئا.

(٤) جانورن جي پوڄا: مھن جي دڙي مان ڪيترن جانورن ڇھڙوڪ ھڪ سڱي جانور ۽ ٻوھي سان ڏڳي جون تصويرون بہ ھٿ آيون آهن. قديم زماني ۾ مصر ملڪ ۾ ھڪ سڱي جانور (Unicorn) پوڄڻ جو رواج ھو ۽ اھو ھندستان جو جانور ليکيو ويندو ھو. وشنو ڀڳوان کي "ايڪ شرنگ" يعني ھڪ سڱ وارو سڏيندا آهن. ٿوھي واري ڏڳي جي پوڄا جو شو ڀڳوان جي پوڄا سان واسطو سمجھڻ ۾ اچي ٿو. شو ڀڳوان جي سواري ڏڳي تي ٿيندي آهي، تنھنڪري شو جا پوڄاري اڄ تائين ڏڳي جي پوڄا ڪندا آهن.

(٥) پاڻيءَ جي پوڄا: مھن جي دڙي ۾ کوٽو ڪري سڀ ڪنھن گھر مان کوھ لڌو آهي. انھن کوھن کان سواءِ عام خلق لاءِ ڌار کوھ ھئا. سنان جي ڪوٺي بہ ھرھڪ گھر ۾ آهي، ۽ ھڪ وڏو تلاءُ بہ لڌو ھن مان سمجھجي ٿو تہ قديم سنڌين کي جڳت مڳت جو خيال ھو ۽ سنان پاڻي ڪرڻ ھڪ ڌرمي ڳالھ ڪري ليکيندا ھئا. اڄ بہ ھندو سنان پاڻي ڪري

پوءِ روتي کائيندا آهن. اڳاٽي زماني کان وٺي هندن جو اهو نيم هليو اچي، درياهہ جي پوڄا بہ شايد ڪن ڪسابن جي آهي.

ساڳيءَ تهذيب وارا هنڌ: متي اڳي ئي ڄاڻايو ويو آهي تہ سنڌ ۾ چانهوءَ جو دڙو جهڪڙ جو دڙو ليمو جوڻيجو ۽ ٻيا ڪي هنڌ آهن، جي مهن جي دڙي سان گڏ وسيل هئا. ۽ انهن هنڌ بہ اها ساڳي تهذيب يا سڀيتا هئي. پنجاب ڏي هڙپا مان بہ انهيءَ تهذيب جو پتو لڳو آهي. هوڏانهن* ايران ۽ ميسوپوٽيميا طرفان بہ ڪيتريون مهرون ۽ ٻيون اهڙيون شيون لڌيون آهن، جهڙيون مهن جي دڙي مان لڌيون آهن. انهيءَ مان سمجهي سگهجي ٿو تہ پنجاب ۽ سنڌ کان وٺي ايران ۽ ميسوپوٽيميا طرف تائين تهذيب ساڳي هئي. انهيءَ تهذيب جو اوائلي گهر سنڌونديءَ جي ماٿر ڪٿي نہ بہ هجي، تہ بہ سر جان مارشل جي راءِ موجب قديم سنڌ جا رهاڪو پنهنجن همعصر عراقين ۽ مصرين کان وڌيڪ فرحتي جيوت گذاريندا هئا. ۽ مهن جي دڙي جي سڀيتا مصر ۽ ميسوپوٽيميا جي تهذيب کي ڪيترن ڳالهين ۾ شهہ ڏيئي بيٺي آهي*

تهذيب جي قدامت. سر جان مارشل ظاهر ڪيو آهي تہ مهن جي دڙي مان جيڪي مهرون هٿ آيون آهن، تن مان ڪي عيسوي سن کان 2750 ورهيہ، تہ ڪي 3250 ورهيہ اڳ جون آهن، يعني انهيءَ تهذيب جي ڄمار اٽڪل پنج هزار ورهيہ آهي. ڪي چون تہ پنج هزار ورهيہ اڳي اها تهذيب ههڙي اعليٰ درجي کي رسيل هئي، تنهن مان ئي ظاهر آهي تہ اٽڪل ڇہ هزار ورهيہ اڳي انهيءَ تهذيب جو پايو هوندو. جنهنڪري چئبو تہ اها تهذيب اڄ کان ست هزار کن ورهيہ اڳي شروع ٿي هوندي. تازو آڪٽوبر 1937ع ۾ نامور عالم ريورنڊ فادر ايچ. هيرس مدراس يونيورسٽيءَ جي سهاري هيٺ هن مضمون تي تقرير ڪندي جيڪي چيو آهي، تنهن مان ظاهر آهي تہ مهن جي دڙي مان جيڪي مهرون لڌيون آهن، تن جو لکيتون هو ڪجهہ قدر سمجهي سگهيو آهي. هو صاحب چوي ٿو تہ ڪيترن مهرن ۾ سورج منڊل تي راسين ۽ لڪشترن جو سڌيءَ توڙي اڻ سڌيءَ طرح اشارو آهي، ۽ هڪ مهر تي مکيہ راس بابت لکيل آهي تہ

---

* "A marvellous culture, surpassing in many respects the splendour of Egypt and Mesopotamia." Sir John Marshall.

"اُن جي رفتار تيز آهي". پوءِ جوتش جي حساب موجب ڄاڻايو اٿس تہ مهرن مان سمجهي سگهجي ٿو تہ قديم سنڌ جي ماڻهن کي جوتش وڌيا جي سڌ عيسوي سن کان 5610 ورهيہ اڳي هئي، ۽ ميسوپوٽيميا طرف جا ماڻهو اها وديا پوءِ سکيا ۽ لکڻ جو هنر بہ هنن هندستان جي ماڻهن وٽان پوءِ پرايو. ميسوپوٽيميا جي ماڻهن پوءِ اهو هنر يورپ طرف ڦهلايو. مطلب تہ فادر هيرس جي چوڻ موجب يورپ جي ماڻهن تي هندستان جي سڀيتا جو آڳاٽي زماني ۾ گهڻو اثر ٿيو هو.*

قديم سنڌين جي لهہ وچڙهہ. مهن جي دڙي مان جيڪي شيون لڌيون آهن، تن مان رڳو ٿورين شين تي ويچار ڪرڻ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ پنج هزار ورهيہ اڳي قديم سنڌين جي لهہ وچڙهہ ڪهڙن ڪهڙن هنڌن جي ماڻهن سان هئي.

مهن جي دڙي مان ڪي ٽامي جا باسڻ ۽ اوزار لڌا آهن. سنڌ ۾ لڪيءَ جي جبلن مان ڪنهن ڪنهن هنڌان ٽامو ٿورڙي انداز ۾ لڀي ٿو، پر اها ڪچي ڌاتو ايتري ڪانهي، جنهن مان عام طرح باسڻ ٺاهي ڪم آڻجن. مطلب تہ ٽامي جون کاڻيون سنڌ ۾ ڪينهن، تنهنڪري اهو ڌاتو قديم سنڌين ضرور ٻاهران آندو هوندو. هندستان ۽ اُن جي پر وارن ملڪن جي جاگرافيءَ جي جنهن کي سڌ هوندي، سو جهٽ سمجهي سگهندو تہ قديم سنڌين پنهنجي روزمرهہ جي کپ لاءِ ٽامو ضرور مدراس، راجپوتانا يا ڪشمير مان آندو هوندو يا تہ ايران ۽ ڏکڻ افغانستان مان آندو هونداٿون. سو اُتي بہ ٽامي جون کاڻيون آهن. اهڙيءَ طرح رڳو ٽامي جي باسڻ ۽ اوزارن تي ويچار ڪرڻ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ قديم سنڌ جا رهاڪو مدراس، راجپوتانا، ڪشمير، ايران ۽ ڏکڻ هندستان يا انهن ڪن هنڌن جي ماڻهن سان لهہ وچڙ ۾ هئا. جنهنڪري ٽامو ملي سگهندو هون. جنهن مان پنهنجي گهرج جون شيون جوڙيندا هئا. هن مان هيءَ ڳالهہ ثابت آهي تہ پنج هزار ورهيہ اڳ سنڌ ۾ قابل ٺاٺارا هوندا هئا. جي هھڙا عمدا باسڻ جوڙي سگهندا هئا.

مهن جي دڙي مان ڪي سونا زيور بہ لڌا آهن. سون جو ذڪر

* Sind Observer Karachi, Wednesday, 27 October' 1937, p.7.

رگ وید ۾ گهڻن ئي هنڌ آهي. آڳاٽن رشين سنڌونديءَ کي ”سوني“ ڪوئيو آهي. هن جو سبب هيءُ آهي تہ سنڌونديءَ جي واريءَ مان اڄ تائين سون جا ذرا لڀن ٿا. حقيقتاً سيني وڏين ندين جي واريءَ مان سون جا ذرا لڀن ٿا. آڳاٽي زماني ۾ ڪيترن ماڻهن جو ڌنڌو ئي اهو هوندو هو، جو درياهہ جي واريءَ مان سون جا ذرڙا هٿ ڪري، اهي وڪڻي، پنهنجو قوت گذران ڪندا هئا. اڄ تائين سنڌ ۾ ڪي ڪاسبي آهن، جن کي سڏبو آهي ”ڌوڙ ڌنا“ يعني ڌوڙ ڌنندڙ، پر اڄ ڪالهہ انهن مان ڪيترا سونارن جي ڪورن جي رک ٿوري ناڻي ۾ خريد ڪري، اها رک ڌوئي، انهيءَ مان سون جا ذرڙا هٿ ڪندا آهن. مطلب تہ سنڌي ماڻهن کي سنڌونديءَ منجهان ئي سون ملندو هو، پر اهو ڪيتري قدر ملندو هون، سو چئي نٿو سگهجي. سون هٿ ڪرڻ لاءِ قديم سنڌين کي ٻي وات بہ هئي.

عيسوي سن کان 510 ورهيہ اڳي دارا بادشاهہ پنجاب ۽ سنڌ تي ڪاهي، اُهي ملڪ پنهنجا ڏن ڀرو ڪيا هئا. اهي دارا بادشاهہ کي 360 ٽئلينٽ سون جي خاڪي جا يعني اٽڪل 260 مڻ سون جا هر سال ڏن طور ڏيندا هئا. اهو سون ڪشمير طرفان داروستان جي سون جي کاڻين مان ملندو هُئن. ڪشمير ڏي نامي جون بہ کاڻيون آهن. سنڌي ماڻهن جي ڪشمير جي ماڻهن سان گهڻي لهہ وچڙهہ هئي، تنهن جي ثابتي خود سنڌي ٻولي ڀري ٿي، جو ان ۾ ڪشمير ۽ داروستان طرف جي ٻولين جا ڪيترا اهڃاڻ آهن.* اهو ٻولين جو هڪ ٻئي تي اثر هيڪاري ثابت ڪري ٿو تہ سنڌ جي ماڻهن جي ڪشمير جي ماڻهن سان گهڻي لهہ وچڙهہ هئي. پر انهيءَ قديم لهہ وچڙهہ جي ٻي کهڙي وڏيڪ ثابتي کپي، جو ”چچ نامي“ ۾ ڄاڻايل آهي تہ عيسوي ستين صديءَ ڌاري سنڌ جي حڪومت ڪشمير تائين هئي. اسان جا سنڌي ماڻهو اوڏهين حڪومت ڪندا هئا. تنهنڪري سنڌ ۽ ڪشمير طرف جي ٻولين جو هڪ ٻئي تي سياويڪ طرح اثر ٿيو. يوناني تاريخ نويسن ڄاڻايو آهي تہ سڪندراعظم جي ڪاهہ

* مثلاً ڪشمير ۽ پنجاب جي الهندي ڀاڱي کان وٺي سنڌ تائين ”اسين“ ۽ ”تسين“ (توهين) ضميرن ڪم آڻڻ جو رواج آهي، مگر اُتر هندستان ۾ ٻين هنڌن ”هم“ ۽ ”تم“، چون ٿا. هيءَ هڪ تمام مکيہ ڳالهہ آهي. (مصنف)

وقت الور (روهڙي طرف) ۾ سون ۽ چانديءِ جون کاڻيون هيون. "چچ نامو" ته شروع ئي الور جي شاهوڪاريءَ ۽ بستيءَ جي ساک سان ٽئي ٿو. جيڪڏهن پر وارن ملڪن ڏي نظر ڪبي، ته معلوم ٿيندو ته قندار کان رڳو ڏيد ڪوهه پري سون جون کاڻيون آهن، ۽ ايران ۾ ڪيترائي اهڙا هنڌ آهن، جن مان سون ججهي انداز ۾ ملي سگهي ٿو. هن وقت سڄي هندستان ۾ جيڪو سون ڪم اچي ٿو، تنهن مان اٽڪل نوي سيڪڙو ڪولار جي سون جي کاڻين مان اچي ٿو. حيدرآباد دکن، ميسور ۽ مدراس ۾ ڪيترا اهڙا هنڌ آهن، جن مان عالمن کي اهي اُهڃاڻ ڏسڻ ۾ آيا آهن، ته قديم زماني ۾ ماڻهو انهن مان ججهي انداز ۾ سون ڪيندا هئا. قديم سنڌين جي ڏکڻ هندستان جي ماڻهن سان لهه وچڙهه هئي، تنهن ڳالهه جي هڪ پڪي ثابتي هيءَ آهي ته مهن جي دڙي مان هڪ سهڻو سائو پٿر هٿ آيو آهي، جنهن بابت سر جان مارشل چوي ٿو ته نيلگري ٽڪرين کان سواءِ ٻيو ڪٿان به ملڻ جو نه آهي.

مهن جي دڙي مان هڪ پٿلو لڌو آهي، جنهن تي گيڙوءَ يا داءُ سان چٽسالي نڪتل آهي. سنڌ ۾ گيڙو يا داءُ ٿئي ئي ڪونه. سنڌ کي ويجهي ۾ ويجهو هنڌ، جتان گيڙو ججهي انداز ۾ ملي سگهي ٿو، سو لکپت جو شهر آهي. وچ هندستان مان به ڪيترن هنڌان گيڙو ملي سگهي ٿو، پر اڳاٽي وقت کان وٺي ايراني نار طرفان سنڌ ۽ ٻين پاسن ڏي گيڙو ججهي انداز ۾ پئي آيو آهي، جو انهيءَ پاسي جو گيڙو، رنگ جو وڌيڪ تکو آهي. قديم سنڌ جو واپار مغربي ملڪن سان گهڻو هلندو ئي ايراني نار جي رستي هو. حاصل مطلب ته مهن جي دڙي مان لڌل شين مان رڳو انهن ٿورڙين شين تي ويچار ڪجي ٿو ته ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو ته اڳاٽي زماني ۾ جيتوڻيڪ آگ ڳاڏيون ڪين هيون، ته به سنڌ جو وٽج واپار هيڏانهن ڪشمير ۽ قندار هوڏانهن وچ هندستان توڙي ڏکڻ هندستان طرف هلندو هو. اسان جي پرڳڻي کي قادر پنهنجي قدرت سان سمنڊ توڙي خشڪيءَ جي رستي ايران سان ڳنڍي ڇڏيو آهي، ۽ انهيءَ طرف وارن سان اڳاٽن سنڌين جي لهه وچڙهه انهن ئي واٽن کان ٿيندي هئي.

سيپيتا جا بانيڪار. مهن جي دڙي جي کوٽائي ڪندي اندران ڪي کوپڙيون به لڌيون آهن، جن جي چڪَيءَ ريت ڇڪاس ڪري ڪرنل آر. بي. سيويل هندستان جي زولاجيڪل سروي جي ڊئريڪٽر ۽ سندس همڪار ڊاڪٽر بي. ايس. گوها ظاهر ڪيو آهي ته مهن جي دڙي ۾ گهڻ ۾ گهڻ ته چئن قومن جا ماڻهو رهندا هئا. جن مان هڪڙا ڪول ۽ سنتال ٻيا دراوڙ، ٽيان آلپائين، ۽ چوٿان منگول قوم جا هئا. انهن جدا جدا قومن جي ماڻهن مان مهن جي دڙي واري تهذيب يا سيپيتا جو پايو ڪهڙيءَ قوم جي ماڻهن وڌو تنهن بابت عالمن جا جدا جدا رايا آهن. پر وڏيڪ وزن آرڪيالاجيڪل کاتي وارن جي راءِ لهڻو.

مسٽر رکلداس بئنرجي، آرڪيالاجيڪل کاتي جو سپرنٽينڊنٽ. جنهن پهريائين پهريائين مهن جي دڙي جي کوٽائي ڪرائي هئي، تنهن جو توڙي آرڪيالاجيڪل کاتي جي ڊئريڪٽر جنرل سرجان مارشل جو چوڻ آهي ته مهن جي دڙي واري سيپيتا دراوڙ لوڪن جي آهي، ۽ اهي ئي انهيءَ سيپيتا جا بانيڪار آهن.

راءِ بهادر راما پرساد چند. سپرنٽينڊنٽ. آرڪيالاجيڪل سيڪشن، انڊين ميوزم. ڪلڪتي وارو چوي ٿو ته "هيستائين جيڪي شيون لڌيون آهن. تن مان اهڙي ڪا ثابتي ملي نه ڪانه ٿي، جنهن مان سمجهي سگهجي ته هڙپا ۽ مهن جي دڙي وارا شهر جن اڏيا. تن جي سيپيتا رگ ويد وارن آرين جهڙي هئي. ابتدو هيءَ ثابتي ملي آهي ته انهيءَ آڳاٽي سيپيتا جا بانيڪار ويدن جا مڃيندڙ نه هئا. وڏيڪ هيئن به چيو اٿس ته "اهي پڻي" يعني واپاري لوڪ هئا. جن هڙپا ۽ مهن جي دڙي وارا شهر بڌا. رگ ويد ۾ "پڻي" لوڪن جو ذڪر آهي. راءِ بهادر جي چوڻ موجب اهي پڻي لوڪ دراوڙ هئا. ۽ سندن قلعا آريه لوڪن اڇي ڍاٺا. جيئن رگ ويد ۾ ڄاڻايل آهي.* مطلب ته هيستائين جيڪي ثابتيون مليون آهن. تن مان آرڪيالاجيڪل کاتي وارن کي ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته مهن جي دڙي جي سيپيتا ويدن جي مڃيندڙ آرين کان اڳ جي آهي، ۽ ان جو شرف دراوڙ لوڪن کي ڏين ٿا. فادر هيرس جو به اهوئي چوڻ آهي

* Memoir of the Archaeological Survey of India No. 31 P.5.

تہ هيءَ قديم درواڙن جي سيپتا آهي، جنهن جو پتو اسان کي اجا هاڻ پيو آهي.*

<u>کوجنائن جو حاصل مطلب.</u> متي ذڪر ڪيل مضمون مان معلوم ٿيندو تہ عيسوي سن کان ٽي هزار کن ورهيہ اڳي سنڌو واديءَ ۾ هڪ مهذب قوم وڏن ۽ چڱيءَ ريت رٿيل شهرن ۾ رهندي هئي. ماڻهن جون جايون ڪشاديون، هوادار ۽ پڪسريون هيون جن کي فرش پڌل هئا. ڪي جايون ٻماڙ ۽ ٽماڙ بہ هيون. هرهڪ جاءِ ۾ سنان جي ڪوٺي هئي، جنهن جو تر لتل هو. پاڻيءَ جي نيڪال جو پورو انتظام هو. شهر جا رستا ڪشادا ۽ سڌا ٺهيل هئا. تلاءَ ۽ کوهہ بہ هئا، ۽ ماڻهو پنهنجن همعصرن عراقين ۽ مصر ملڪ جي ماڻهن کان تمام اوچي زندگي بسر ڪندا هئا. مهن جي دڙي مان لڌل لاشن مان پتو پوي ٿو تہ اتي جدا جدا قومون رهنديون هيون. جن جي پوشاڪ ۾ ايترو تفاوت هو، جيترو سندين شڪلين ۾. هيءَ اهو زمانو هو، جنهن ۾ ماڻهو اجا لوهہ مارڻ نہ سکيا هئا. جنهنڪري روزمرهہ جي ڪم لاءِ پٿر جي ٺهيل ڇرين ۽ ٻين اوزارن مان ڪم ٽپائيندا هئا. جو اهڙيون ڇريون ۽ ٻيا اوزار گهڻا هٿ آيا آهن. سون ۽ ٽامي مارڻ جو هنر هئن. انهيءَ کان سواءِ ٽين (Tin) مان ٿورو ڪم وٺندا هئا. جنهنڪري اهو ٽامي ۾ ملائي پنهنجا ڪي اوزار ٺاهيندا هئا. گُن ڪات، ڀالا ۽ ڪهاڙيون بہ ٺاهي ڄاڻندا هئا. ترار جوڙڻ جو هنر اجا ڪونہ سکيا هئا. باقي اُٽڻ ۽ ڪتڻ ۾ نهايت پڙ هئا. هيرن، جواهرن، منڊين، ڪنگڻين ۽ زيورن جو شوق گهڻو هوندو هُئن. هُو نڪر جا عمدا ٺهيل چٽساليءَ سان ٿانءَ ڪم آڻيندا هئا، ڪن وٽ ٽامي ۽ چانديءَ جا ٿانءَ بہ هوندا هئا. اتان لڌل مهرن تي ڪن جانورن جون شڪليون آهن، جن مان سمجهجي ٿو تہ ڳئون، گهوڙا، رڍون، ٻڪريون، ڪتا وغيرهہ پاليندا هئا. انهيءَ زماني ۾ چيتو، مانگر مڇ، گينڊو ۽ هاٿي بہ سنڌ ۾ هئا. اهي جانور اڪثر ٻيلن ۾ رهڻ پسند ڪن ٿا. انهيءَ ڪري ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو تہ اڳي سنڌ ۾ چوماسو چڱو ٿيندو هو. ٻيلا گهڻا ۽ گهاٽا هوندا هئا. مهرن تي جيڪي ننڊن سڱن وارن ڍڳن ۽ ٻين

* "The consequence deduced by Sir John Marshall after the study of the Mohan Jo Daro remains that this civilization probably is Dravidian is now fully confirmed by the decipherment by the present writer of about 1800 inscriptions found in all these sites. "Rev. H. Heras: Journal of Indian History. April 1937, p.1.

جانورن جون شڪليون نڪتل آهن، تن مان ڪاريگرن جي نہ رڳو ڪاريگريءَ جو ثبوت ملي ٿو، پر خاص ڪري ڏجي جو ناتو شو پڳوان جي پوڄا سان سمجهڻ ۾ اچي ٿو، جو شو جا لنگ بہ هتان لڌا آهن. وڻن ۽ پاڻيءَ جي پوڄا جا اهڃاڻ بہ هتان ملن ٿا. ماڻهن کي لکڻ پڙهڻ جو هنر هو. سندن ڪمائيءَ جو مکيہ رستو پوک ۽ ڌنڌو ڌاڙي هو. ڦيٿن سان گاڏيون بہ شايد هين جو اهڙا رانديڪا هٿ آيا آهن. انهيءَ ساڳيءَ سڀيتا جا اهڃاڻ ايران ۽ ميسوپوٽيميا مان مليا آهن، تنهن مان ظاهر آهي تہ انهن پاسن سان خشڪيءَ توڙي سمنڊ جي رستي وڻج واپار سانگي لهہ وچڙهہ ۾ گهڻو ايندا هئا.

مهن جي دڙي جي اهميت. سنڌ ۾ مهن جي دڙي، ۽ پنجاب ۾ هرپا، جي کوٽائي ٿيڻ کان اڳ آرڪيالاجيڪل کاتي وارن مصر ملڪ ۽ وچ ايشيا طرفان اعليٰ درجي جي تهذيب جا اهڃاڻ معلوم ڪيا هئا، ۽ اهڙو ڪو اهڃاڻ هندستان مان اڃان معلوم ڪونہ ٿيو هُئن؛ انهيءَ سبب اهوئي اثر دلين تي ويٺل هُئن تہ قديم مصر ملڪ ۽ وچ ايشيا طرف جي رهاڪن جڏهن اعليٰ درجي جي ترقي ڪئي هئي، تڏهن هندستان جي ماڻهن جي حالت جهنگلين يا اڻ سڌريلن کان گهڻو بهتر نہ هئي. هيئنر مهن جي دڙي مان جيڪي حقيقتون معلوم ٿيون آهن، تن دنيا جي وڏن وڏن عالمن جا ڪيات کوليا آهن، ۽ اهڙي غلط فهمي هيئنر دور ٿي ويئي آهي. ڪيترا عالم هيئنر قبول ڪرڻ لڳا آهن تہ اهو زمانو گذري ويو، جو قديم مصر ۽ قديم يونان جي سڀيتا سڀني کان اڳاٽي ليکي ويندي هئي، اهو وقت ويو، جو فرات ۽ نيل ندين جي ڪنڌي وٽ جيڪي ڪم ٿي گذريا، سي سڄيءَ دنيا ۾ اڳاٽا ليکبا هئا. هيئنر پهريون نمبر اسان جي سنڌو ماتر سمجهڻ ۾ اچي ٿي، جنهن جي قديم سڀيتا انهن سڀني هنڌن جي قديم سڀيتا کي شهہ ڏيئي بيٺي آهي. هن مان هيڪاري ظاهر آهي تہ قديم سنڌ جي ماڻهن پنهنجي سڀيتا جو پايو پاڙيهي وڌو هو ۽ هين تان نقل ڪونہ ڪيو هئائون. هن وقت جيڪڏهن ڪو دنيا جي تاريخ لکندو، تہ کيس ضرور پنهنجي تاريخ سنڌ جي قديم سڀيتا جي ساک سان شروع ڪرڻي پوندي. تازو مسٽر ڊبليو. ايچ. موئر لنڊ ۽ بابو اتلچندر چٽرجي قديم هندستان جي

تاريخ ڇپائي پڌري ڪئي آهي، ته شروع ئي سنڌو ماٿر جي قديم سڀيتا ثابت ڪئي اٿن. ٻين ڪن يورپي ۽ ڏيهي عالمن به انين ڪيو آهي. هينئر ڪرٿو ئي ائين پونده جو مشرق جي سڀني ملڪن ۾ اچ مهن جو دڙو وڏيءَ اهميت وارو هنڌ آهي.

منصف جو شخصي رايو: مهن جي دڙي ۽ هرپا مان جهڙيون مهرون هٿ آيون آهن، تهڙيون ساڳيون ميسوپوٽيميا طرفان به هٿ آيون آهن. ۽ انهن مان ڪي عيسوي سن کان 3250 ورهيه اڳ جون آهن. انهيءَ سبب سرجان مارشل جو چوڻ آهي ته مهن جي دڙي جي تهذيب جي ڄمار پنج هزار ورهيه آهي. جيڪڏهن ميسوپوٽيميا طرفان اٺ ڏهه هزار ورهيه اڳ جون مهرون هٿ اچن ها، اهي مهن جي دڙي وارين مهرن سان ملي اچن ها، ته پوءِ خود سر جان مارشل چوي ها ته مهن جي دڙي جي سڀيتا به اٺ ڏهه هزار ورهيه اڳ جي آهي. مطلب ته تهذيب جي ڄمار جو تخمينو لڏل مهرن تي بڌل آهي، جنهنڪري مصنف جي خيال موجب اهو تخمينو اجا پورو نه سمجهڻ گهرجي. هن لاءِ ٻيو به سبب آهي.

سر جان مارشل ۽ ٻين آرڪيالاجيڪل کاتي وارن جو چوڻ آهي ته مهن جي دڙي واري سڀيتا دراوڙ لوڪن جي آهي، جي آرين جي اچڻ کان اڳ هندستان ۾ هئا. اتهاسن (تاريخي) زماني جي احوالن ڏيندي، اسين ڪيترا حوالا ۽ سندون ڏيئي ڄاڻائينداسون ته مهاڀارت واريءَ لڙائيءَ کي اج پنج هزار کن ورهيه ٿيا آهن. جيڪڏهن مهن جي دڙي واري سڀيتا جي ڄمار به پنج هزار ورهيه آهي، ته چئبو ته اها مهاڀارت واري زماني جي سڀيتا آهي. جنهن صورت ۾ آرين جي هندستان ۾ حڪومت مهاڀارت واري زماني کان گهڻو گهڻو اڳي هئي، تنهن صورت ۾ چئبو ته هن سڀيتا جا بانيڪار آريه لوڪ هئا. جيڪڏهن سچ پچ اها دراوڙن جي سڀيتا آهي، ته پوءِ چئبو ته انهيءَ سڀيتا جي ڄمار پنج هزار ورهيه نه، پر ان کان ٻيٽي ٽيٽي آهي، انهيءَ سبب مصنف جو شخصي رايو آهي ته جيستائين ڪي پڪيون پختيون ثابتيون نه مليون آهن، تيستائين سڀيتا جي ڄمار ۽ بانيڪارن جي حال لبيءَ ۾ رهڻ گهرجي.

# باب پنجون

## آرين جو آڳاٽو احوال

آريہ لوڪ ڪٿان آيا؟ رگ ويد ۾ آرين ۽ اڻ آرين جي وچ ۾ جنگين لڳڻ جو گهڻو ئي ذڪر آهي. انهيءَ مان يوروپي عالمن اهو انومان ڪيو تہ آريہ لوڪ ڪٿان ٻاهران آيا هئا، جنهنڪري ملڪ هٿ ڪرڻ لاءِ ڪين اڻ آرين سان جنگيون جوٽيون پيون هيون. اهي ڪٿان آيا، سو پتو هندن جي ڪنهن بہ ڌرمي پستڪ مان ڪونہ ٿي پئين. پوءِ پولين جون ڪوجنائون ۽ پيون ڪوجنائون ڪري علحدا علحدا رايا ظاهر ڪيائون، جن مان مکيہ هيءَ هو تہ آريہ اصل وچ ايشيا کان آيا هئا، مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي تہ اهو وچ ايشيا وارو نظريو پوءِ جرمنيءَ جي پروفيسر پينڪا ۽ پين غلط ٺهرايو ۽ آرين جو اصلوڪو ماڳ اُتر قطب ڄاڻايائين.* پروفيسر راهز بہ پنهنجن "هبرٽ ليڪچرس" ۾ قديم ڪليٽڪ قومن جي ڏند ڪٿائن مان ثابتيون ڏيئي، انين ئي ڄاڻايو. وچ ايشيا واري نظرئي کي پچاڙيءَ وارو ڌڪ لوڪمانيہ بال گنگا ڌر تلڪ هنيو، جنهن هندن جي ويدن، اٿاسن ۽ پرائڻ مان، بلڪ پارسين جي "زنداوستا" مان ڪيترائي حوالا ڏيئي، پنهنجي ڪتاب "آرڪٽڪ هوم" ۾ ڄاڻايو تہ آڳاٽا آريہ لوڪ "ميرو پربت" تي رهندا هئا، جو سنبيريا جي اُتر قطب طرف هو (صفحو ١٧).

لوڪمانيہ تلڪ پنهنجي ڪتاب "آرڪٽڪ هوم" ۾ ويدڪ ساهت مان جيڪي حوالا ڏنا آهن، تن سان گڏ ڪي ڏند ڪٿائون بہ ويدڪ ساهت مان ڪڍي، پنهنجي ٽيڪاٽپڻيءَ (تشريح) سان ڏنيون اٿس. انهن ڏند

* "The works of German scholars like Posche and Penka freely challenged the Asiatic theory regarding the original home of the Aryan race and it is now generally recognised that we must now give up that theory, and seek for the original home of the Aryans somewhere in the further north." Sjt. B.G.Tilak: The Arctic Home in the Vedas, p 4.

ڪتائن مان هڪڙا شايد هڪڙو ۽ ٻيا ٻيو مطلب ڪڍن. جنهنڪري سنڌس لکيل سيني ڳالهين سان شايد ڪي شامل راءِ نہ بہ ٿين. انهيءَ سبب ڏند ڪٿائن ۾ انهن جي سمجھاڻين جون ڳالهيون ڇڏي، اسان ڪي رڳو هيءَ ڳالهہ ڳڻڻي آهي تہ هن هيڏي ساري ڪتاب لکڻ ۾ سنڌس مکيہ مراد ڪهڙي هئي؟ سنڌس ڪتاب منجهان ئي ظاهر آهي تہ ڪيس رڳو ايترو ثابت ڪرڻو هو تہ "آڳاٽن آرين جو اصلوڪو ماڳ ميرو پربت تي هو، جو اتر قطب ڏي هو، ۽ اها ڳالهہ جا ويدڪ ساهت، اتهاسن ۽ پراڻن مان ظاهر آهي سا سچي آهي".

ويجهڙائيءَ ۾ مسٽر پارجيٽر، ڪلڪتي هاءِ ڪورٽ جي جج پنهنجي روءِ سوءِ هندن جي پراڻن مان تاريخي احوال سوڌي ڪڍيا آهن. هن صاحب بہ ائين ئي ڄاڻايو آهي تہ قديم آريہ لوڪ اصل هندستان جا رهاڪو ڪونہ هئا، پر وچ هماليہ وارن ڏيهن جي واٽ وٺي هندستان ۾ آيا هئا.*

هن وقت اسان جن ڪيترن ڏيهي عالمن جو بہ اهو ئي رايو آهي تہ سڀ قديم آريہ لوڪ جيڪڏهن ميرو پربت تي نہ رهندا هئا، تہ بہ منجهائن گهڻا اتي جا رهاڪو هئا. لوڪمانيہ تلڪ رگ ويد مان جيڪي حوالا ڏنا آهن، تن تي بہ ويچار ڪري، اسان جن ڪيترن ويدڪ عالمن ظاهر ڪيو آهي تہ رگ ويد جون ڪي ڪي رچنائون برابر انهيءَ وقت جون آهن، جنهن وقت سڀ قديم آريہ لوڪ يا منجهائن گهڻا اتر قطب طرف ميرو پربت تي رهندا هئا. اهڙيءَ حالت ۾ ضرور آهي تہ هتي اول اتر قطب ۽ ميرو پربت جو مختصر ذڪر ڪجي، تہ پڙهندڙن کي سچي ڳالهہ سولي ٿئي.

<u>آرڪٽڪ ريجن يا اتر قطب جو ذڪر.</u> هن وقت اتر قطب ۾ گهڻي برف هئڻ سبب ڪو بہ ساهوارو اتي رهي نہ ٿو سگهي، پر جيالاجيڪل کاتي وارن کي کوجنائن ڪرڻ سان يقين ٿيو آهي تہ برف پوندي بہ ڪو اهڙو وچولو زمانو (Inter-glacial Period) هو، جنهن ۾ اتي ڪن هنڌ ماڻهو بافرحت رهي سگهيا ٿي.**

---

• F.E Pargiter: Ancient Indian Historical Tradition. p. 297.

The geological evidence is complete as to the existence of a genial climate in Tertiary times as far north as present land extends, and of a climate, less severe than that of today in the Quarternary period Encycl: Britt: article "Polar Regions."

هن قسم جون ثابتيون پروفيسر گيڪي (Prof. Geikie) ۽ ٻين يون- وگيان جي ڪتابن مان ڏيئي، پوءِ آرڪٽڪ ريجن جو جيڪو احوال لوڪمانيہ ڏنو آهي، سو مختصر طرح هن ريت آهي:

اتر قطب ڏي وڃبو، تہ ڀرين هيءَ ڳالهہ ڏيان ڇڪائيندي تہ سج ۽ ٻيا گرهہ نڪي ايرندي ڪان ايرن ٿا، نڪي الهندي ڏي لهن ٿا؛ پر سڄو آڪاش منڊل انين پيو گولائيءَ ۾ ڦري، جيئن ڪو ماڻهو ڪليل ڏوپ ڇتي پنهنجي مٿان پيو ڦيرائي. اهو ڦيرو الهندي ڪان شروع ٿئي ٿو ۽ ايرندي ڏي پورو ٿئي ٿو. هرهڪ ڦيرو چوويهہ ڪلاڪن ۾ پورو ٿئي ٿو. ائين هڪ سؤ اسي ڦيرا پورا ٿين يعني ڇهہ مهينا گذرن، تہ پوءِ سج ائين ايرندو نظر ايندو آهي، جو ڄڻ تہ ڏکڻ طرف کان ايري ٿو* ۽ اتر ڏي چڙهندو وڃي ٿو. وري جڏهن سورج ڏکڻائڻ ٿيندو آهي يعني ڏکڻ طرف ڏي ويندو، تڏهن تارا ٽمڪندا نظر ايندا آهن. انهيءَ ريت اتي ڇهہ مهينا ڏينهن تہ ڇهہ مهينا رات! مطلب تہ ٿلهي ليکي سڄي سال ۾ ڏينهن رڳو هڪڙو ٿيندو آهي، جو ڇهہ مهينا ساندهہ هلندو آهي، ۽ رات بہ ڇهن مهينن جي ڀڪي ٿيندي آهي. ايترو آهي تہ اها يڪي ڇهہ مهينن جي رات سمورو وقت ڪاري ٻاٽ لائي ڪانہ بيٺي هوندي آهي. صبح ۽ سانجهيءَ جي شفق جو بہ سوجهرو ٿئي ٿو. اها شفق بہ ڪنير جي چڪ وانگر ڦرندي وتي، ۽ هرهڪ ڦيرو چوويهن ڪلاڪن ۾ پورو ڪندي وتي. ڇهن مهينن جي رات کان پوءِ پرڀات ٿيڻ شروع ٿيندي آهي، تہ اول ٿورڙي روشني ٿيندي آهي، ۽ ٽمڪندڙ تارن مان ٿورا ٿورا غائب ٿيڻ لڳندا آهن. پوءِ لعلاڻ وڌندي ويندي آهي، تہ رفتہ رفتہ سڀ تارا گم ٿي ويندا آهن، ۽ پوءِ پرهہ ڀاڪون ڪيندي آهي.

ڊاڪٽر وارن ۽ ٻين عالمن جي ڪتابن مان حوالا ڏيئي، لوڪمانيہ ٽلڪ ڄاڻايو آهي، تہ هر ڪنهن سال، ٢٩ جنوريءَ جي، پرڀات ٿيڻ شروع ٿيندي آهي، ۽ سٽيتاليهہ ڏينهن ساندهہ پرڀات جي لعلاڻ ڏسڻ ۾ ايندي آهي:

To such a man (stationed at the North Pole) the sun going into the northern hemisphere in his annual course will appear as coming up from the South, and he will express the idea by saying that 'the sun has risen in the south,' however strange the expression may seem to us," B: G: Tilak: The Arctic Home in the vedas p. 46:

تنهن کان پوءِ سج اڀرندو (ڦرندو) نظر ايندو آهي. سج هڪ واريءَ نڪرندو آهي، ته هڪ سؤ چورانوي ڏينهن ساندهه بيٺو هوندو آهي. هر ڪنهن سال ٢٥ سيپٽمبر جي سج لهندو آهي، ته ٻه نماشام واري شفق اٺيتاليهه ڏينهن ساندهه لڦاءُ لڳائي بيٺي هوندي آهي، يعني ١٣ نومبر کان وٺي رات ٿيندي آهي. مطلب ته ورهيه جي 365 ڏينهن مان ستيتاليهه ڏينهن برابر هڪ سؤ چورانوي ڏينهن سج جو سوجهرو، اٺيتاليهه ڏينهن نماشام جي شفق جا هتر ڏينهن رات ٿيندي آهي. وقتي رات جي اونده جا هتر بدران فقط ستٽ ڏينهن هلندي آهي. اهو تفاوت اتي جي وايو منڊل ۾ ٻين سببن ڪري ٿيندو آهي. اهي ڪن يوروپين جا اکين ڏٺا احوال آهن، جي لوڪمانيه سندن لکيل ڪتابن مان ڪڍي، پنهنجي ڪتاب "آرڪٽڪ هوم" ۾ ڄاڻايا آهن.

ڏرمي پستڪن مان حوالا. آڳاٽا آريا لوڪ اصل آرڪٽڪ ريجن ۾ رهندا هئا، تنهن بابت لوڪمانيه تلڪ جيڪو "آرڪٽڪ هوم" لکيو آهي، تنهن ۾ پنج سو صفحا (ڊيمي سائز) آهن. سڄوئي ڪتاب ثابتين، ڏند ڪٿائن ۽ انهن جي سمجهاڻين سان ڀريل آهي؛ پر هتي رڳو ڪي ٿورا مکيه ٽڪر ڏجن ٿا:

يجر ويد جي ٻنيادي جيڪو تئترييه براهمڻ گرنٿ ڏنل آهي، تنهن ۾ ڄاڻايل آهي ته "رواجي انسانن جو هڪ ورهيه ديوتائن جي هڪ ڏينهن جي برابر آهي" (تئترييه براهمڻ 1,22,9,3 *) اهي ساڳيا لفظ منو سمرتي جي اڌ ياءُ پهرئين، شلوڪ 67 ۾ به لکيل آهن.

مهاڀارت جي ون پرو (اڌياءُ 163 ۽ 164) ۾ لکيل آهي ته پانڊون جو وچون ڀاءُ ارجن ميرو پربت ڏي ويو هو. اُتي جا جيڪي اکين ڏٺا احوال ڏنا اٿس، تن ۾ چيو اٿس ته "ميرو پربت ڏي سج ۽ چنڊ الهندي کان اڀرندي ڏي پرڪشنا ڪندا آهن يعني ڦرندا وتندا آهن." انهيءَ کان پوءِ چيو اٿس ته "ميرو پربت جو تجلو رات جي اونده تي ايترو غالب پوندو آهي، جو رات به ڏينهن جهڙي بيٺي لڳندي آهي". وڌيڪ هيئن به چيو اٿس ته "اُتي

* پهريون انگ ڪانڊ، ٻيو پر پاٺڪ. ٽيون انو واڪ ۽ چوٿون ورگ لاءِ ڪم آندو ويو آهي. (مصنف)

ڏينهن ۽ رات اُتي جي رهاڪن لاءِ هڪ ورهيه جي برابر آهن". هي ساڳيون ڳالهيون هندن جي پراڻن ۾ به لکيل آهن.

ڀاسڪر آچاريه جي "سؤريه سڌانت" (67, 12) ۾ به لکيل آهي ته "ميرو پربت ڏي ديوتائن کي سج رڳو هڪ ڀيرو اڀرندو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جڏهن سج پنهنجو اڌ ڦيرو مکيه راس کان وٺي شروع ڪندو آهي."

پارسين جي ديني ڪتاب ۾ به اهڙيون ڳالهيون لکيل آهن. مثلاً ونديداد جي فرگرد ٻئي ۾ پارسين جو اصلوڪي بهشت جهڙي ماڳ "ائرين وينجو" يعني اهو هنڌ جتي آرين جو ٻج يا بنياد پيدا ٿيو (The nursery or place of origin of the Aryans) بابت لکيل آهي ته "اُتي تارا، چنڊ ۽ سج ورهيه ۾ هڪ ڀيرو اُڀرن ۽ لهن ٿا، ۽ جيڪو ورهيه آهي، سو اُتي هڪ ڏينهن رات ڪري ليکين ٿا". هندن ۽ پارسين جي ڌرمي پستڪن ۾ لکيل اهي سڀ ڳالهيون آرڪٽڪ ريجن کان سواءِ ٻئي ڪنهن به هنڌ سان لاڳو ٿي نٿيون سگهن، تنهنڪري هتي وڌيڪ حوالن ڏيڻ جي ضرورت نٿي ڪانهي.

هندستان جي تاريخ ڀرپائين ڀرپائين آنربل مائونٽ سٽيوئرٽ ايلفنسٽن تيار ڪئي هئي، جا ڀريون گهمرو 1841ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي هئي. ان وقت ٿي ڪن يوروپي عالمن ائين پئي سمجهيو ته پراڻن ۾ جنهن کي ميرو پربت سڏيو اٿن، سو اتر قطب آهي؛* ته به عام رايو اهو هو، ته پراڻن جي رچيندڙن کي دنيا جي جاگرافيءَ جي سڌ هئي ڪانه، ۽ نه رڳو پنهنجي خيال جي گهوڙي کي ڊوڙايو هئائون. ايلفنسٽن صاحب ۽ ٻين اهائي راءِ ظاهر ڪئي ته خود ڪيترن هندن جي دلين تي به اهو اثر ويهي ويو ته "ميرو" هڪ خيالي پربت آهي. پروفيسر آپٽي واري سنسڪرت ڊڪشنري ڏ... ته ان ۾ به ائين لکيل آهي. ڀريون ٿي عالم لوڪمانيه تلڪ هو، جنهن اها غلط فهمي دور ڪئي. هاڻ اسان جا ڪيترا ڏيهي عالم ائين وسهن ٿا ته رگ ويد جون ڪي رچنائون برابر انهيءَ وقت جون آهن، جنهن وقت سڀ آريه لوڪ، يا منجهائن گهڻا، ميرو پربت ڏي رهندا هئا.

* Some consider Mount Meru as the 'North Pole.' 'Elphinstone's History of India (1841) Vol, 1, p 252.

هڪ مکيہ ڳالھہ جا لوڪمانيہ تلڪ جي ڪتاب ۾ لکيل ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي، سا هيءَ آهي تہ ميرو پربت جو نالو نہ رڳو هندن جي ڌرمي پستڪن ۾ پر يونانين جي ڏند ڪٿائن ۾ بہ ڄاڻايل آهي. يوناني لوڪ ائين وسهندا آهن تہ سندن ديوتا "ڊئونيسوس"، جو ونسپتي يا نباتات جو ديوتا آهي، سو ڄائو ئي ميرو پربت تي هو. هيءَ ڳالھہ 1784 ع ۾ سر وليم جونس ڄاڻائي هئي.* انهيءَ وقت، بلڪہ اِنهيءَ کان سو کن ورهيہ پوءِ بہ ڪيترن عالمن ائين پئي سمجهيو تہ "ميرو" هڪ خيالي پربت جو نالو آهي، تنهنڪري شايد سر وليم جونس جي ڄاڻايل هن ڳالھہ جي ڪنهن بہ عالم وري اُپٽار نہ ڪئي آهي؛ پر مصنف جي خيال موجب هيءَ هڪ تمام مکيہ ڳالھہ آهي، جا ڄاڻائي ٿي تہ آڳاٽن هندن جي ابن ڏاڏن سان قديم يوناني لوڪن جا ابا ڏاڏا بہ ميرو پربت تي رهندا هئا. يوناني لوڪ پاڻ چوندا آهن تہ اسين "ڊئونيسوس ۽ ٻين ديوتائن جو اولاد آهيون. جنهن صورت ۾ سندن ڊئونيسوس ديوتا ڄائو ئي ميرو پربت تي هو، تنهن صورت ۾ اِٽ پڇيو ائين چئبو تہ قديم يونانين جو بہ اصلوڪو ماڳ ميرو پربت هو. ڊئونيسوس ديوتا بابت يوناني لوڪ ائين بہ چوندا آهن تہ هو "زيئوس" (Zeus) "ديوس پتر" (The Sky - Father) جو پٽ هو ۽ پرٿوي سندس ماتا (ماءُ) هئي. رگ ويد ۾ بہ آڳاٽن آرين آڪاس ۽ ڌرتيءَ کي ابو امان سڏيو آهي (ڏسو صفحو ۴)

هينئر جڏهن لکيل ثابتيون کلي ظاهر ٿيون آهن، ۽ پروفيسر پنيڪا، ڊاڪٽر وارن ۽ پروفيسر راهز پنهنجي پنهنجي روءِ سوءِ کوجنائون ڪري، هڪڙو ئي رايو ظاهر ڪيو آهي تہ آڳاٽن آرين جو اصلوڪو ماڳ اتر قطب طرف هو، ۽ لوڪمانيہ تلڪ بہ هندن ۽ پارسين جي ڌرمي پستڪن مان حوالا ڏيئي، اتر قطب وارو نظريو سچو ثابت ڪيو آهي، ۽ ميرو پربت جو نالو هندن جي ڌرمي پستڪن ۽ يونانين جي ڏند ڪٿائن ۾ لکيل بہ آهي؛ تڏهن وچ ايشيا وارو نظريو، جو رڳو ٻولين مان ڪڍيل انومان تي ٻڌل هو، سو سورهن ئي آنا غلط ليکبو. لکيل ثابتين هوندي انومانن تي

* "Meros is said by the Greeks to have been a mountain of India on which their Diomysos was born, and that Mero generally means the north pole in Indian geography." Sir William Jones: The Gods of Greece, Italy and India, P. 28 (Written in 1784 and since revised).

لڳڻ ئي عبث آهي، تنهنڪري اسان پنهنجي سر اتر قطب وارو نظريو قبول ڪيو آهي. انهيءَ لاءِ مکيہ سبب هيءُ بہ آهي، تہ خود اسان جي ٻوليءَ ۾ هڪ اهڙي ڳالهہ آهي، جا اسان کي اتر قطب واري نظريي قبول ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي. اها ڳالهہ هني ڪولي ٻڌائجي ٿي.

ٻوليءَ جي ثابتي. چئني ڏسين تي جيڪي نالا رکيل آهن، سي "نظام شمسي" (Solar System) جا لفظ آهن، جن جا "اتر" ۽ "ڏکڻ" ڪنهن نهايت قديم زماني جا لفظ آهن، جن خاص طرح ڌيان لهڻو.

"اُتر" معنيٰ مٿيون پاسو شمال (North) ; پر اصل ۾ هيءُ لفظ صفت آهي ۽ معنيٰ اتس "مٿيون، مٿاهون يا ٻين کان مٿي". سنسڪرت ۾ "اُد" معنيٰ "مٿي" (High) ، "اُتر" (اُد + تر) معنيٰ "ٻين کان مٿي" 'Higher' ۽ "اُتم" (اُد + تم) معنيٰ سڀني کان مٿي 'Highest'. اڄ بہ سنڌيءَ ۾ اهو لفظ صفت ڪري ٻيا ڪم آڻيون ـ جهڙوڪ چئون تہ "هو ٻئي ڄڻا بيوقوف آهن ـ هڪ ٻئي کان اُتر": هتي "اُتر" معنيٰ "وڌيڪ" (مٿي).

"اُتر" لفظ جڏهن اسم ڪري ڪم آڻجي ٿو، تڏهن بہ پنهنجي بنيادي معنيٰ "مٿ" جي ظاهر ڪري ٿو. مثلاً "پرشن ۽ اُتر" معنيٰ "سوال ۽ جواب". هتي "اُتر" جي اکري معنيٰ آهي "جيڪي مٿان ڏجي" (سوال جي جواب ۾). هڪڙي شي مٿائي ٻي شي ونبي آهي تہ وقتي ڪجهہ رقم مٿان ڏيٺي پوندي آهي، جنهن کي بہ "اُتر" چئبو آهي. هتي بہ "اُتر" معنيٰ "جيڪي مٿان ڏجي" (مٿ سٺ ۾). هاڻ سوال آهي تہ "اُتر" لفظ، جو اصل ۾ صفت آهي، ۽ معنيٰ اتس "مٿاهون يا ٻين کان مٿي"، تنهن جي معنيٰ "شمال" (North) ڪهڙي حساب ٿي؟ هن باري ۾ هيءَ ڳالهہ بہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ هن وقت "اُتر" جو ضد چئون "ڏکڻ" (South) ; پر اصل ۾ ائين آهي ئي ڪين. سنسڪرت ۾ "اُتر" معنيٰ مٿيون يا مٿاهون"، ۽ ان جو ضد آهي "آڌر" معنيٰ هيٺيون يا هيٺاهون".: سنسڪرت ۾ "اُتر" جو ضد "پورب" بہ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "اڳيون"، مثلاً ڪنهن عملدار جي جاءِ تي ٻيو ڪو عملدار مقرر ٿي ايندو تہ اهو سڏبو "اُتر اڌڪاري" (Successor) يعني جو مٿان اچي ٿو، ۽ اڳيون عملدار سڏبو "پورب" اڌڪاري" (Predecessor). هن

حالت ۾ "اُتر" جو ضد آهي "پورب". هاڻ تہ هيڪاري ظاهر آهي تہ اصل ۾ "اُتر" جو ضد "ڏکڻ" آهي نہ ڪونہ. پوءِ تڏهن هاٺوڪو رواج ڪيئن پيو؟ وري ڏسو تہ خود "ڏکڻ" لفظ پاڻ بابت ڇا ٿو چوي؟

سنڌي لفظ "ڏکڻ" اصل ۾ سنسڪرت لفظ "دڪشڻ"، ۽ معنيٰ اتس "ساڄو" (Right) . سنسڪرت ۾ ان جو ضد آهي "وام"، جنهن جو اچار هنديءَ ۽ هندستانيءَ ۾ آهي "بام، باوان، بانوان" معنيٰ "کبو يا ڏائو" (Left) ، "بائين هات" معنيٰ "کبي هٿ ڏي يا ڏائي پاسي". سنسڪرت ۾ "دڪشڻ" (ڏکڻ) جي ٻي معنيٰ "ڦڙت" (Dexterous) بہ آهي. هاڻ هيءَ ڳالهہ ڪو سمجهائي تہ "ڏکڻ" جي معنيٰ "جنوب" (South) پوءِ ڪيئن ٿي، ۽ هن لفظ جي معنيٰ ۾ ايترو ڦيرو پيو ڪيئن؟ هن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ "اُتر" ۽ "ڏکڻ" لفظ جي ظاهري سولا پيا پائنجن، سي سچ پچ تہ سمجهڻ ئي ڏکيا آهن.

چئني ڏسين جي نالن جون اڳيون توڙي هاٺوڪيون معنائون سمجهڻ رڳو تڏهن سوليون ٿينديون، جڏهن فرض ڪبو تہ آڳاٽن هندن ۽ يوناني لوڪن جا ابا ڏاڏا اصل ۾ ميرو پربت ڏي رهندا هئا. جيئن سندن ڌرمي پستڪن ۾ لکيل آهي. ميرو پربت اتر قطب ۾ هو، جتي اڄ تائين نئين ورهيہ جي شروعات ۾ سج ايرڻ مهل ائين ڏسڻ ۾ ايندو آهي تہ ڏکڻ کان ايري ٿو؛ جنهنڪري ڏکڻ لفظ جي اصل معنيٰ ئي هئي "اُيرندو". سنسڪرت ۾ "دڪشڻ" (ڏکڻ) جو ڌاتو يا بنياد آهي "دڪشڻ"، جنهن جي هڪڙي معنيٰ آهي "اُيرڻ". سڄيءَ دنيا ۾ رڳو اتر قطب طرف سج ڏکڻ کان ايرندو آهي، تنهنڪري ڇنبو تہ "ڏکڻ" لفظ جڙيل ئي اُن وقت جو آهي جنهن وقت آڳاٽا آريا لوڪ اُتر ڏي رهندا هئا. ۽ جنهن پاسي کان اُتي سج ايرندو ڏٺائون، تنهن کي ڏکڻ چوندا هئا. اتر قطب ۾ سج ڏکڻ طرفان ڪنير جي چڪ وانگر ڦرندو ڦرندو مٿي چڙهندو وڃي ٿو، تنهنڪري "اُتر" معنيٰ ٿي "مٿيون پاسو" (North) آڳاٽا لوڪ پوءِ اتر قطب ڇڏي هيٺ ڏکڻ (وچ ايشيا، ايران، هندستان) ڏي آيا، ۽ اتي سج سڌو ايرندي کان ايرندو ڏٺائون، تہ انهيءَ طرف کي سڏيائون "پورب". يعني "اڳيون پاسو". يا اهو پاسو جتان سج ايري ٿو، ۽ ان جو ضد ٿيو "پڇم" يعني "پٺيون پاسو". يا

اهو پاسو جنهن ڏي سج لهي ٿو؛ اپرندي ڏي منهن ڪري بيهبو تہ سڄي هٿ وارو پاسو "ڏکڻ" ٿيندو ۽ انهيءَ سبب "ڏکڻ" جي پوءِ معنيٰ ٿي "ساڄو" يا "ساڄي هٿ وارو پاسو". ڪي ماڻهو ڏائي هٿ سان ڪم ڪن ٿا، پر عام طرح سيڪو ڪانڌ پيڻ جو توڙي پيو ڪم ساڄي هٿ سان ڪري ٿو، ۽ ائين قدرتائيءَ سان ڪم ڪري سگهي ٿو. پانجي ٿو تہ انهيءَ سبب "ڏکڻ" جي معنيٰ "قدرت" بہ ٿي. پوليءَ مان ائين بہ سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ ميرو پربت ڇڏڻ کان پوءِ بہ يوروپي لوڪن جا ابا ڏاڏا ايشيا وارن آرين سان ڪجھہ وقت لهہ وچڙ ۾ هئا، ۽ انهيءَ وقت "ڏکڻ" لفظ جون اهي معنائون وٽن عام ٿي ويون هيون. اهو انومان هن ڳالهہ مان ڪڍجي ٿو، جو لئٽن ۽ انگريزيءَ ۾ "ڊيڪسٽر" (Dexter) معنيٰ آهي "ساڄو يا ساڄي هٿ وارو" ۽ "ڊيڪسٽرٽي" (Dexterity) جي بہ معنيٰ آهي "ساڄو يا ساڄي هٿ وارو" ۽ "ڊيڪسرٽي" (Dexterity) جي بہ هڪڙي معنيٰ آهي "ساڄڙائي" (Right handedness) ۽ ٻيءَ معنيٰ "قدرتائي". انهن لفظن جي منڍ ۾ جيڪو "ڊيڪس" (Dex) آهي، سو ساڳيو سنسڪرت لفظ "دڪش" آهي، ۽ اهي ٻئي معنائون اٿس.

"ڏکڻ" لفظ جي اصل معنيٰ هئي "اُپرندو". تنهن ڳالهہ جو عام طرح گهڻن کي پتو ڪونہ هو. لوڪمانيہ تلڪ پنهنجي ڪتاب "آرڪٽڪ هوم" ۾ ڄاڻايو تہ آڳاٽا لوڪ اصل ميرو پربت ڏي رهندا هئا، جو اتر قطب ڏي هو ۽ اتي سج ڏکڻ کان اُپرندو آهي، تنهن تان آگسٽ ۽ آڪٽوبر 1912ع واري "ماڊرن رويو" مخزن ۾ ليک پيا هئا، جن مان تورو تڪرو پڙهندڙن جي معلومات لاءِ هتي جنسي ڏجي ٿو.* مطلب تہ پوليءَ مان بہ اهائي

* "If we agree with the view of Mr. B. G. Tilak expressed in his "Orion," and place the ancient home of the Aryan races in the circumpolar regions (which were habitable in 8000-1000 B. C.), the significance of the names of the cardinal points becomes easy of understanding, There, the sun would rise into view (at the beginning of each new year) after a dawn lasting for several days. The orb would not be seen to rise in east, but a little to the south i.e. South-West. The autumnal sun would set in the South-West, after which the long night would follow. Originally دڪش (ڏکڻ) must have signified the direction in which the sun rose (and set also), but in course of time when the four cardinal points were definitely defined, the south got the name دڪش (ڏکڻ) in rememberance of the fact that the sun moved from the front to the right in his circular motion along the horizon in the Arctic regions." Modern Review, August 1912.

ثابتي ملي ٿي تہ چئني ڏسين جا نالا، خاص ڪري "اتر" ۽ "ڏکڻ" لفظ ٺهيل ئي ان وقت جا آهن، جنهن وقت آريہ لوڪ "آرڪٽڪ ريجن" ۾ (اتر قطب طرف) رهندا هئا. آرڪٽڪ ريجن ۾ ميرو پربت کهڙي هنڌ هو، ان بابت هندن جي پراڻن ۾ جيڪي لکيل آهي، سو هتي مختصر طرح ڄاڻائجي ٿو.

ميرو پربت جو ذڪر هندن جي پراڻن پٽاندر "سڄي دنيا ستن دوپن (ٻيٽن يا کنڊن) ۾ ورهايل آهي. انهن دوپن جا نالا: ڄمون دويپ، پلڪش دويپ، شالملي، ڪش، ڪرونچ، شاڪ ۽ پشڪر آهن. هر هڪ دويپ جي چوڌاري سمنڊ آهي، ۽ انهن ستن سمنڊن جي ڪري اهي ست دويپ هڪ ٻئي کان ڌار بيٺا آهن" (وشنو پراڻ) مسٽر هربلاس سردا پنهنجي انگريزيءَ ۾ جوڙيل ڪتاب "هندو سپيريئرٽي" جي صفحي 160 ۾ انهن دوپن جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ: (١) ڄمون دويپ ـ ايشيا (٢) پلڪش ـ ڏکڻ آمريڪا (٣) پشڪر ـ اتر آمريڪا (۴) ڪرونچ ـ آفريڪا (۵) شاڪ ـ يورپ (٦) شالملي ـ آسٽريليا (٧) ڪش ـ اوشينيا.

سچ پچ تہ پراڻن ۾ ڄاڻايل اهي دويپ هن وقت سڃاڻڻ ئي مشڪل آهن، جا ڳالهہ خود مسٽر هربلاس سردا قبول ڪئي آهي، جنهنڪري چئبو تہ مٿيان سڀ انومان آهن. انهيءَ ريت هيءَ بہ انومان ڪڍي سگهجي ٿو تہ ايشيا، يورپ آمريڪا ۽ گرينسلئنڊ جا اتر وارا پاسا، جي آرڪٽڪ سرڪل يا پولر ريجن ڏي آهن، تن جا، يا انهيءَ طرف جي ٻيٽن جا، اصل اهي نالا هئا. اهي سڀ سنسڪرت لفظ آهن، تنهن مان هيءَ ڳالهہ بہ ظاهر آهي، تہ اهي نالا رکيائي آريا لوڪن هئا، ۽ ڪين دنيا جي جاگرافيءَ جي قديم زماني ۾ ئي سڏ هئي.

پراڻن پٽاندر مٿين ستن دوپن جو مرڪز ڄمون دويپ هو، جنهن جي وچ ۾ "ميرو" نالي هڪ نهايت اوچو پربت يا پهاڙ هو، ۽ اهو "مها ميرو" بہ سڏبو هو. اُن بابت هيئن بہ چيل آهي تہ "ميرو پربت سڄو سونو آهي ۽ پاسا هيرن ۽ جواهرن جا اٿس. ان جو تجلو اهڙو ٿئي ٿو، جو رات بہ ڏينهن وانگر روشن پيئي لڳندي آهي" (وشنو پراڻ).

يوروپي عالمن پهريائين ائين پئي سمجهيو تہ هيءَ هڪ خيالي پربت جو ذڪر آهي، پر هاڻ اُهي بہ قبول ڪن ٿا تہ پراڻن ۾ تاريخي حقيقتون آهن.*

لوڪمانيہ تلڪ جي خيال موجب اهو "ائروورابورئيلس" جي تجلي جو ذڪر آهي جو اُتر قطب ڏي ڏسڻ ۾ ايندو آهي.** پر ڊاڪٽر انباش چندرداس جو چوڻ آهي تہ اهو تجلو اتر قطب ڏي فقط ٿوري وقت لاءِ ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ سانده ڪونہ هوندو آهي.*** اهڙيءَ حالت ۾ يڪ سان چئي نٿو سگهجي تہ ميرو پربت ۾ سچ پچ سون ۽ هيرن جواهرن جون ڪاٽيون هيون، يا ڪو اتي تجلو ٿيندو هو جو اونده ڪي ڦيري روشنائي ڪندو هو. ممڪن آهي تہ اهو "سورج پٿر" بابت اشارو آهي.

آگري جي قلعي ۾ مصنف هڪ خانو يت ۾ ٺهيل ڏٺو، جنهن جو منهن ٽپال جي دٻي وانگر هو. ٽپال جي دٻي ۾ خط پٽ وجهجن ٿا تہ وجي هيٺ پون ٿا، ۽ ٻاهران ڏسڻ ۾ نٿا اچن؛ پر آگري جي قلعي ۾ انهيءَ خاني ۾ اندر نهارجي ٿو تہ تر ۾ جيڪا متي يا دز پيل آهي، سا بہ چٽيءَ ريت ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ۽ خاني جو ترو ٿوڙي اندريان پاسا بکن پيا! انهيءَ خاني ۾ اندر "سورج پٿر" لڳل آهي، جنهن جي روشنائي ڪري خاني ۾ اندر اونده نٿي ٿئي. سورج پٿر جي رڳو ٿورڙي ٽڪري مان هيتري روشنائي ٿئي ٿي تہ سڄو ميرو پربت يا ان جو ڳچ ڀاڱو جيڪڏهن سورج پٿر جو هو تہ اهو ڪيتري روشنائي ڪندو هو، تنهن جو تصور هرڪو ڪري سگهي ٿو. پراڻن جي رچيندڙن انهيءَ سبب "ميرو پربت" کي "سمير پربت" يعني چڱو يا سهڻو پربت سڏيو آهي ۽ ان جي تجليءَ جو اهو ذڪر ڪيو اٿن.

وشنو پراڻ ۾ لکيل آهي تہ "جمون دويپ جي وچ ۾ ميرو پربت جي چوٽيءَ تي، هڪ شهر ٻڌل آهي، جو پرٿويءَ تي سرگ يا بهشت آهي ۽ اهو

• "These uniquely precious historical documents (the Puranas) extending to many hundreds of pages of manuscripts, have been down through to centuries neglected, and wholly appreciated as to their historical significance," Dr. L. A. Waddell; The Makers of Civilization in Race and History, preface VIII.

•• The reference to the lustre of the mountain is specially interesting, in as much as in all probability, it is a description of the splendour of the Aurora Borealis visible at the North Pole." B. G. Tilak: The Arctic Home in the Vedas, pp. 69–70.

••• Dr. A. C. Das: Rag Vedic India, p. 395.

برهما جو لوڪ آهي. ڇمون دويپ خود نون ورشن ۾ ورهايل آهي، جن مان هڪڙو ڀارت ورش آهي، جو هماليہ جبل جي ڏکڻ ڏي آهي ۽ خود هماليہ جبل ميرو پربت جي ڏکڻ ڏي آهي. ڇمون دويپ جي ٻين حدن تي بہ جبل آهن."*

هي جاگرافيءَ جون ڳالهيون، جي وشنو پراڻ ۾ ڄاڻايل آهن، ۽ ٻين پراڻن توڙي مهاڀارت ۾ بہ انهن جو ذڪر آهي، تن سان گڏ هيءَ ڳالهہ بہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي، تہ سڄي هندستان جا هندو اڄ تائين ائين چوندا آهن تہ سندن ديوتائون اتر ڏي آهن. هندستان جي اتر ڏي هماليہ جبل آهي؛ ۽ پراڻن پٽاندر هماليہ جبل خود ڇمون دويپ جي ڏکڻ ڏي آهي. ائين پراڻن مان ايترو پتو پوي ٿو تہ ميرو پربت، جو ڇمون دويپ جي وچ ۾ هو، سو هماليہ جبل جي پرئين طرف وارن ڏيهن (Trans-Himalayan Regions) ڏي هو، جنهن ۾ هندوڪش وارو پاسو بہ اچي وڃي ٿو.

پارسين جي "زنداوستا" موجب ڌٽيءَ پهريائين پهريائين جيڪو ملڪ خلقيو، سو "ائرين ويئجو" (Airyana Vaejo) هو، جنهن جي اکري معنيٰ آهي اهو هنڌ جتي آرين (ايران وارن آرين) جو ٻج (اصل نسل) پيدا ٿيو، ۽ اهو سرڳ يا بهشت سڏيو ويو آهي. پروفيسر سپيگل جنهن "زنداوستا" جو ترجمو ڪيو آهي، تنهن جي خيال موجب اهو ملڪ ايران جي مٿاهين پٽ جي بنهہ اوير طرف هو جتان آڪسس (آمو درياءُ) ۽ جئڪسارٽس نديون نڪرن ٿيون** پر ٻيا عالم سندس اها راءِ قبول نٿا ڪن. هن لاءِ هي سبب آهي تہ پارسين جي وينديداد جي فرگرد (اڌياءَ) پهرئين ۾ ايرانين جي بهشت ("ائرين ويئجو") بابت چيل آهي تہ اُتي ڏهہ مهينا سيارو ٿئي ٿو ۽ ٻيا ٻہ مهينا اونهارو. اونهاري ۾ بہ تڏ ايتري پوي ٿي، جو پاڻي بہ پارو ٿيو وڃي، ڌرتي ٺريو وڃي، وڻ ٺريو وڃن ۽ پوءِ چوطرف برف پوندي آهي تہ مها ڀيانڪ مصيبت پيدا ٿيندي آهي.***

جئڪسارٽس ۽ آڪسس نديون جتان نڪرن ٿيون تتي ايتري ٿڌ ٿيندي

* Vishnu puran, Wilson's Translation, Vol. II, pp. 101-118.

** Special places Aisyana Vaejo "in the farthest east of the Iranian plateau in the region where the Oxus and Jaxartes take their rise".

*** Dr. Martin Haug: Essays on the Sacred Language. Writings and Religion of the Parsis, p. 292.

ڪانهي، تنهنڪري ڊاڪٽر مارٽن هاگ ۽ ٻين عالمن جي راءِ آهي ته آڳاٽا آريه لوڪ انهيءَ ڪان به پريرو اتر ڏي رهندا هئا. لوڪمانيه تلڪ جيتوڻيڪ ميرو پربت بابت ٻڌائي ڪونه سگهيو آهي ته اهو ڪهڙي هنڌ هو، ته به ايترو چيو اٿس، ته آڳاٽا آريه لوڪ رشيا يا اسڪنڊينيويا اتر ڏي نه، پر سئبيريا جي اتر ڏي هئا.* مطلب ته لوڪمانيه تلڪ ۽ ڪيترا يوروپي عالم ايتري قدر متفق راءِ آهن، ته آڳاٽن آرين جو اصلوڪو ماڳ آرڪٽڪ سرڪل يا پولر ريجن ۾ هو، باقي رڳو هيءُ تفاوت آهي ته پروفيسر پينڪا ۽ ڊاڪٽر واڊل پارا چون ٿا ته يورپ جي اتر وارو پاسو جو اتر قطب ڏي آهي، سو آرين جو اصلوڪو ماڳ هو، ۽ اتان پڇم جي سڀيتا پورب ڏي ڦهلي. لوڪمانيه جي راءِ موجب ايشيا کنڊ جو اتر وارو (سئبيريا جو مٿيون پاسو) جو اتر قطب ڏي آهي، سو آرين جو اصلوڪو ماڳ هو. ٻنهي مان ڪنهن جي راءِ وڌيڪ وزن لهڻو تنهن باري ۾ هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته اهڙي ڪا ثابتي هيستائين ملي ڪانهي، جنهن مان ائين سمجهڻ ۾ اچي، ته يورپ جي سڀيتا جو ڦهلاءُ پورب تائين ٿيو. ابتلدو هيئن ثابت ٿيو آهي ته يورپ جي سڀيتا جو بنياد ايشيا وارن وڌو ۽ پوءِ به يورپ جي ماڻهن ايشيا، خاص ڪري هندستان مان گهڻوئي پئي پرايو.**

هن باري ۾ هيءَ مکيه ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته ترتيب ڪنهن ملڪ جي سڀيتا اول ٻولي سان شروع ٿيني ٿي؟ يورپ کي ٻولي ڪٿان ملي؟ جيڪڏهن سنسڪرت ٻولي يورپي ٻولين جي ماءُ ٿي ته اوڏي يين ته بيشڪ ٿي، ۽ سنسڪرت هندستان جي ٻولي آهي جنهنڪري جيئن ته يورپ کي ٻولي ۽ ٻولي جو بنياد واري ملڪ آهي خود انگريزي آئيو ته به

---

* "But considering the fact that the traditions of the original Polar home are better preserved in the sacred books of the Brahmans and Parsis, it is not unlikely that the primaeval home was located to the north of Siberia rather than to the north of Russia and Scandinavia," Sjt. B. G. Tilak: The Arctic Home in the Vedas. p. 418.

** "If the evidences of Saxon colonization in this island (Great Britain) are strong both from language, and political institutions, the evidences are still more decisive in the parallel case of an Indian colonization of Greece–not only her language but her philosophy, her religion, her rivers, her mountains and her tribes, her subtle turn of intellect, her political institutes, and above all, the mysteries of that noble land, irresistably prove her colonization from India," Pococke: India in Greece.

ديوناگريءَ اکرن تان ٺهيل آهي. جا ڳالهه سر مونيئر وليمس پنهنجي جوڙيل سنسڪرت ڊڪشنريءَ جي ديباچي ۾ ڄاڻائي آهي. قديم ديوناگري اکر هاڻوڪن کان گهڻو ڦريل هئا. انهن ڦري ڪين هاڻوڪي انگريزي الفابيٽا جي صورت ورتي آهي. سا ڳالهه به اکرن جون تصويرون ڏيئي سمجهائي اٿس. هيءَ ڳالهه به عالم آشڪار آهي ته مغرب (يورپ) ڏي ڪو به اوتار پيدا نه ٿيو آهي. ڪوبه حضرت عيسيٰ، حضرت موسيٰ، حضرت محمد ﷺ، زردشت (زورسٽر)، شري رامچندر، شري ڪرشن، ڪانفيوشس ۽ ٻيا اوتار ۽ پيغمبر سڀ اوڀر ۾ ٿي گذريا آهن. يورپ وارن لوڪن کي بائبل يا انجيل به ايشيا مان مليو، ته مذهب به ايشيا مان مليو. سر مونيئر وليمس اهي ڳالهيون ڄاڻائي، ائين به چيو آهي ته انگن جا ڳاڻاٽا ڏهائي جي ترتيب به هنن هندستان مان پرايا.

پاٽ صاحب چيو آهي ته جيئن سج اڀرندو ئي اڀرندي کان آهي تيئن سڀيتا جو سج به اول اوڀر (ايشيا) ۾ اڀريو جنهن مان پوءِ پڇم يعني مغرب (يورپ) کي روشنائي ملي. بلڪ سڀني انسان ذات اوڀر منجهان ئي پرايو.

سن 1882ع ۾ پروفيسر ميڪس ملر چٽو ڪلاڻو قبول ڪيو ته اسين يورپ وارا لوڪ اوڀر کان آيا آهيون ۽ سڀ جيڪي قيمتي سمجهون ٿا، سو اوڀر مان پرايو اٿون.

گرم صاحب جنهن علم لغات جا اصول يا ترتيب ٻڌايا آهن، جنهن ڪري اهي اڄ تائين سنڌ ٻولي پٽيان گرم جا قاعدا (Grimm's Laws) سڏجن ٿا، تنهن جو به اهو چوڻ هو ته يورپ جون سڀ قومون اصل

° "Europe has learnt to perceive that in imparting some of the benefits of her modern civilization to Eastern races, she is only making a just return for the lessons imparted to her by Asiatic wisdom in past ages. For did she not receive her Bible and her religion from an Eastern people? Did not her system of counting by twelves and sixties come to her from Babylonia, and her invaluable numerical symbols and decimal notation from India through the Arabs? Did not even her languages have their origin in a common Eastern parent?" Sir Moniar-william's Sanskrit-English Dictionary, Preface PP. XXII-XXIII.

°° "The path of the sun must be the path of culture. In Asia, Pott declares, or nowhere was the school-house where the families of mankind were trained." Quoted by Dr A. C. Das: Reg Vedic India, p. 357.

°°° "We all come from the East-all that we value most has come to us from the East," Prof. Max Muller: what can India teach us? pp. 31-32.

### آيون آريه ايشيا کان آهن*

لوڪمانيہ تلڪ کان اڳ جرمنيءَ جي عالم پروفيسر پينڪا ڄاڻايو هو تہ اڳاٽا آريہ لوڪ اصل اتر ڏي رهندا هئا ۽ سندن اصلوڪو ماڳ يورپ جي اتر قطب ڏي اسڪنڊينيويا ڏي هو. هاڻ معلوم ٿيو آهي تہ اسڪنڊينيويا جا رهاڪو آڳاٽن هندو ڪترين جو اولاد آهن. خود "اسڪنڊينيويا" (Scandinavia) لفظ اصل ۾ سنسڪرت لفظ "سڪنڌ نابي" (سڪنڌ ناوي) آهي، ۽ معنيٰ اٿس "مکيہ يا جنگي سردار" (Scand Chiefs or Warrior Chiefs)** سڪنڊينيويا جي آڳاٽن ماڻهن جا ڌرمي پستڪ "ايڊ" (Edda) سڏجن ٿا. اهو "ايڊ" اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "ويد" ۽ ويد هندن جا ڌرمي پستڪ آهن.***

سئبريا ۽ فنلنڊ ۾ هن وقت جيڪي "سموئيڊس" (Samoyedes) آهن، سي اصل ۾ سمايدو" آهن، يعني اهي سما راجپوت آهن، جي اصل "يادو ونسي" (جادو ونسي) ڪل مان هئا، جن مان سري ڪرشن پيدا ٿيو هو. سنڌ ۾ سومرن کان پوءِ جن سمن حاڪمن راڄ ڪيو، سي بہ سما راجپوت هئا، ۽ انهيءَ ساڳني جادو ونسي ڪل مان هئا. سئبيريا ۽ فنلنڊ ۾ "شوڊ" (Tchoudes) بہ آهن، ۽ اهي بہ "جود" يعني راجا يدو (جدو) جو اولاد آهن، تنهنڪري اهي بہ جادو ونسي ڪل جا آهن". انهن ٻنهي قومن جي ٻولين جي بہ هڪ ٻئي سان گهڻي نسبت آهي. هي حقيقتون ڪرنل ٽاڊ پنهنجي جوڙيل "راجستان جي احوال" ۾ ڄاڻايون آهن.**** انهن حقيقتن مان ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو تہ لوڪمانيہ تلڪ جو قياس سچو هو تہ آڳاٽن آرين جو اصلوڪو ماڳ (ميرو پربت وارو پاسو) سئبيريا جي اُتر ڏي آرڪٽڪ ريجن ۾ هو، جتان پوءِ ڪي آريا لوڪ يورپ جي اتر ڏي فنلنڊ ۽

---

* "All the nations of Europe migrated anciently from Asia." Jacob Grimm.

** The Scandinavians are the descendants of Hindu Kshatriyas. The term Scandinavian and the Hindu "Kshatria" or the warrior caste, are identical, 'the former being a Sanskrit equivalent for the latter:' "Scanda Nabhi" (Scanda Navi) signifies Scanda Chiefs (Warrior Chiefs). Har Bilas Sarda: Hindu Superiority, p. 134.

*** We can scarcely question derivation of the Edda (the religious books of Ancient Scandinavia) from the Vedas." Count Bjornst Jerna: Theogony of the Hindus, p. 108.

**** "The Samoyedes and Tchoudes of Siberia and Finland are really Samayadus and Joudes of India. The languages of the two former races are said to have a strong affinity and are classed as Hindu-Germanic by Klaproth, the author of "Asia Polyglotta," Tod's Rajasthana: Vol. I. p. 68.

اسڪنڊينيويا ڏي ٽڙي پکڙي ويا. اهو پاسو هندو ڪترين وسايو، ۽ برهمڻ وري جرمنيءِ وارو پاسو وسايو. جنهنڪري اهي "جرمن" يعني "شرمن" (شرما) سڏجڻ ۾ آيا. وقتي براهمڻ ۽ ڪتري انهن پاسن ڏي پوءِ ويا هجن، پر پراڻن مان ايترو ظاهر آهي تہ قديم زماني ۾ ئي هندستان جي ماڻهن ۽ ميرو پربت طرف جي رهاڪن جي هڪ ٻئي سان لهہ وچڙ هئي، جنهنڪري وشوامتر ميرو پربت کان آيو هو، ۽ اتهاس (تاريخ) واري زماني ۾ پانڊون جو ڀاءُ ارجن ميرو پربت ڏي ويو هو.

اُتر قطب طرف هندن جي حڪومت. آرين جي سڀيتا جي شروعات بابت ڪيترا اُهڃاڻ رگ ويد مان ملن ٿا؛ پر پراڻن ۾ اهڙي ڪا ڳالهہ آهي ئي ڪانہ، جنهن مان ائين سمجهڻ ۾ اچي تہ سندين سڀيتا جي شروعات انهيءَ وقت ٿي هئي، جنهن وقت هو ميرو پربت تي رهندا هئا. اڳاٽن آرين جا جيڪي احوال جيڪي پراڻن ۾ ڏنل آهن، تن مان پڌرو آهي تہ جنهن وقت هو ميرو (سمير) پربت تي رهندا هئا، تنهن وقت ئي نهايت ڪليل دماغ وارا هئا. ۽ اهڙا تہ زور هئا، جو اتي پنهنجي بادشاهي ڪري ويٺا هئا. سندن بادشاهت جي حدن مان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ ان وقت بہ هو سلطنت شاهي (Imperialism) جا ڪوڏيا هئا. ۽ ٻين کي پنهنجي تابعي ڪري پاڻ سڀنيٰ جي مٿان حاڪم ٿي ويٺا هئا.

مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي تہ پراڻن پٽاندر سڄي دنيا ستن دوپن (ٻيٽن يا کنڊن) ۾ ورهايل آهي ۽ انهن جو مرڪز جمون دويپ هو، جنهن جي وچ ۾ ميرو پربت هو. انهيءَ جمون دويپ بابت پراڻن مان هيءَ حقيقت ملي ٿي تہ ڪنهن قديم زماني ۾ اُتي راجا پريہ ورت راج ڪندو هو. ڪائنس پوءِ سندس پٽ راجا اگني ڌر جمون دويپ کي نون ورشن يا ڀاڱن ۾ ورهائي، اهي ورشن پنهنجن نون پٽن کي ڏنا. ائين سندس هرهڪ پٽ کي هڪ ورش مليو، جن مان هڪڙو ڀارت ورش (هندستان) هو، جو هماليہ جبل جي ڏکڻ ۾ آهي، ۽ سڀني ۾ ڏاکڻو ورش اهو آهي. "ڀارت ورش، اُتر ڪرو، ڀدراشو ۽ ڪيتومال — اهي چارئي ورش جبلن جي قطارن جي ٻاهرئين پاسي آهن" (وشنو پراڻ).*

* Wilson's Translation of the Vishnu Puran, Vol. II, pp. 101, 110, 114, 116--123.

هي حقيقتون، جي وشنو پراڻ مان ڏنيون ويون آهن، سي صفا ئي صفا تاريخ ۽ جاگرافيءَ جون ڳالهيون آهن. انهن ۾ نڪا ڪا تمثيل رکيل آهي، نڪا ڪا ڏند ڪٿا گڏيل مسيل آهي. هنن حقيقتن تي ٿوروئي ويچار ڪجي ٿو تہ انهن مان هيٺيون ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون:

(1) پراڻن پٽاندر سيني آڳاٽن راجائن جو اصل نسل منو ڀڳوان سان وڃي لڳي ٿو، جنهن بابت چيل آهي تہ ڪيس نو پٽ هئا. تاريخ جي خيال وچان انهن نون پٽن مان هڪڙو مکيہ پٽ راجا پريہ ورت هو، جو سڄي جمون دويپ جو حاڪم هو، ۽ ڀارت ورش (هندستان) بہ سندس حڪومت هيٺ هو.

رگ ويد ۾ ڪيترن هنڌ آرين ۽ اڻ آرين جي وچ ۾ جنگين لڳڻ جو ذڪر آهي. اهو جنگين جو احوال شايد انهيءَ قديم زماني جو آهي، جنهن زماني ۾ راجا پريہ ورت ڀارت ورش (هندستان) پنهنجي قبضي ڪرڻ ٿي چاهيو؛ پر اڻ آريہ قومن ڪيس پنهنجو ملڪ سترو هٿ ڪرڻ نٿي ڏنو. آرين جو هندستان ۾ ڦهلائين ڦهلائين اچڻ انهن جنگين وقت ٿيو هوندو.

(2) راجا پريہ ورت کان پوءِ سندس پٽ راجا اگني ڌر سڄي جمون دويپ ڪي نون ورشن ۾ ورهائي، هرهڪ ورش پنهنجي پٽ کي ڏنو، تہ پٽن سان گڏ ضرور ٻيا بہ آريہ لوڪ ميرو پربت يا جمون دويپ جي ٻئي ڪنهن ڀاڱي کان ڀارت ورش ۾ آيا هوندا، ۽ رکو ڀاڻ هڪ جٿو ڪونہ آيو هوندو. انهيءَ سبب چئبو تہ آرين جي ٻي وڏي ٽولي راجا اگني ڌر جي پٽ جي وقت ۾ هندستان ۾ آئي هوندي.

(3) منو ڀڳوان جو ٻيو مکيہ پٽ راجا اڪشواڪو هو، جنهن بابت اتهاسن ۽ پراڻن ۾ ڄاڻايل آهي تہ هن ايوڌيا (هاڻوڪي اوڌ) ۾ اچي راڄ ڪيو، ۽ سورجونسي گهراڻي جو بنياد وڌائين، جنهن مان پوءِ سري رامچندر پيدا ٿيو.

جنهن صورت ۾ سڄو ڀارت ورش اڳي ئي راجا پريہ ورت ۽ ڪانئس پوءِ سندس پٽ راجا اگني ڌر جي تابعي هو، تنهن صورت ۾ چئبو تہ انهن آرين راجا اڪشواڪوءَ کي ايوڌيا ۾ سترو پير کوڙڻ ڪونہ ڏنو هوندو. رگ ويد ۾ نہ رکو آرين ۽ اڻ آرين جي وچ ۾، پر هڪڙن آرين ۽ ٻين آرين

جي وچ ۾ بہ، جنگين لڳڻ جو ذڪر آهي. هن منجهان اهوئي انومان ڪڍبو تہ آرين جو هي تيون ڪٽڪ راجا اڪشواڪوءَ جي وقت ۾ هندستان ۾ آيو هو، ۽ ان وقت بہ شايد جنگيون لڳيون هيون.

(4) منو ڀڳوان جي ٽئين مکيہ پٽ جو نالو "اِلا" (Illa) هو، جنهن بابت چيل آهي تہ هو پوءِ مرد مان قري زال ٿيو هو. اِلا جو ناميارو پٽ راجا پروروس هو، جنهن پرتيستان (هاٿوڪي اللهآباد) ۾ اچي راڄ ڪيو، ۽ چندرونسي گهراڻي جو بنياد وڌائين. انهيءَ گهراڻي وارا "اِلا" جو اولاد هئا، تنهنڪري "اَئل" (اِلا جو اولاد) سڏبا هئا. اهي ئي "اَئل" آريہ لوڪ هئا، جن سنڌو ماٿر اچي وسائي. اهي "ائل" ڪٿان آيا؟ پراڻن مان پڌرو آهي تہ اهي نڪي اصل هندستان جا رهاڪو هئا، نڪي وچ ايشيا جا ويٺل هئا؛ پر سندن گهراڻي جو بنياد وجهندڙ راجا پروروس ميرو پربت کان هماليہ جبل وارا لڪ لتاڙي هندستان ۾ آيو هو. مسٽر پارجيٽر ڪلڪتي هاءِ ڪورٽ جي جج، هندن جي پراڻن مان جيڪي تاريخي احوال سوڌي ڪڍيا آهن، تن ۾ ائين ئي ڄاڻايو اٿس.*

حاصل مطلب تہ انهيءَ ڳالهہ ۾ مين ميک آهي ئي ڪونہ تہ سڀ قديم آريہ لوڪ نہ، تہ بہ منجهائن گهڻا اتر قطب طرف رهندا هئا، جتي جي سخت ٿڌ جو ذڪر هندن، پارسين ۽ ڪيلٽڪ قومن جي ڌرمي پستڪن ۽ ڏند ڪٿائن ۾ آهي. اسان جي سنڌي ٻوليءَ مان بہ اهائي ثابتي ملي ٿي تہ "اُتر" ۽ "ڏکڻ" لفظ ٺهيل ئي ان وقت جا آهن، جنهن وقت آريہ لوڪ اتر قطب طرف ميرو پربت تي رهندا هئا (صفحو 92 کان 96). "سنسڪرت" ۽ "ديوناگري" لفظن بابت ويچار جي هن ڪتاب ۾ ٻئي هنڌ ڄاڻايا ويا آهن، تن مان بہ پڙهندڙ سمجهي سگهندا تہ سنسڪرت ٻولي ڳالهائڻ جو رواج اصل اُتر قطب طرف هو، ۽ ديوناگري ائيويتا، جا اڳي "براهمي" لپي سڏبي هئي، سا اصل جڙي ئي ميرو پربت تي هئي. ايترو چئبو تہ ممڪن آهي تہ اتر قطب کان وني، ڏاکڻي طرف، هماليہ جبل جي ترائن، بلڪ هاٿوڪي

* "What does tradition say about the origin of the 'Ailas' or Aryans? It makes the Aila power begin at Allahabad, and yet distinctly suggests that they came from outside India. The legends and fables about the progenitor pruravas Aila all connect him with the middle Himalayan region." F.E. Pargiter: Ancient Indian Historical Tradition. p. 297.

هندستان جي حدن تائين، ڪيترا آريہ لوڪ ٽڙيل پکڙيل هئا، ۽ اهو سمورو ملڪ پراڻن پٽاندر "جمون دويپ" سڏبو هو. انهيءَ هيڏي ساري ايراضيءَ ۾ ٻوليءَ ۾ ضرور ڪجهہ نہ ڪجهہ تفاوت ٿيندو. رگ ويد ۾ ڄاڻايل آهي تہ آڳاٽن آرين جي ٻوليءَ بلڪ ڌرم ڪرم ۽ ريتن رسمن ۾ بہ ڦيرو هو. اهي سڀ ڳالهيون ڳڻي چئبو تہ ڊاڪٽر انباش چندرداس پارا، جي چون ٿا تہ آريہ اصل "سپت سنڌوءَ" (سنڌو ماٿر جي ستن دريائن وارن ڪنارن) جا رهاڪو هئا، يا جيڪي چون ٿا تہ قديم آريا لوڪ اصل ٿبيٽ يا ڪشمير جا رهاڪو هئا. تن جي ڳالهہ نسوري غلط نہ چئبي. قديم آرين مان ڪي جمون دويپ ۾ انهن حدن تائين ٽڙيل پکڙيل هئا تہ انهيءَ ۾ عجب ڪونهي؛ پر سندن "اصلوڪو ماڳ" (Original Home) جنهن کي چئجي، سو جمون دويپ جو اتر قطب وارو پاسو هو. جتان جدا جدا وقتن تي ٽوليون ٽوليون ٿي هندستان ۾ آيا هئا.

ٻولين جي کوجنائن مان بہ يوروپي عالمن کي ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿيو آهي تہ سڀ آريا لوڪ گڏ ڪونہ آيا هئا، پر جدا جدا وقتن تي ٽوليون ٽوليون ٿي آيا هئا، جنهنڪري سندن ٻوليءَ ۾ ڪي تفاوت هئا. هيءَ حقيقت جيمس صاحب پنهنجي جوڙيل ڏيهي آريہ ٻولين جي گرامر جي جلد پهرئين ۾، ۽ سر گريئرسن پنهنجي جوڙيل "لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا" جي جلد پهرئين ۾ ڄاڻائي آهي.

آرين جي ڏار ٿيڻ جو سبب. قديم هندن، ايرانين، يونانين وغيره جا ابا ڏاڏا ميرو پربت طرف گڏ يا هڪ ٻئي جي ويجهو رهندا هئا، تہ پوءِ هڪ ٻئي کان ڏار ڇو ٿيا. سا ڳالهہ ڪنهن بہ ڪتاب ۾ لکيل ڪانهي. ڪرستانن ۽ مسلمانن جي ديني ڪتابن ۾ ايترو لکيل آهي تہ ڪنهن قديم زماني ۾ سخت طوفان لڳا هئا ۽ ٻوڏون ٿيون هيون، ۽ پوءِ حضرت نوح رح وري دنيا کي آباد ڪيو هو. اها اوڳاهہ يا مها پرلہ جي ڳالهہ مها ڀارت ۽ پراڻن ۾ ، توڙي يجر ويد جي پنيان جيڪو شتپٿ براهمڻ گرنٿ آهي، تنهن ۾ لکيل آهي، ۽ ائين چيل آهي تہ "منو ڀڳوان وري دنيا کي آباد ڪيو هو." ڪيترن عالمن هيءَ رايو ظاهر ڪيو آهي تہ اها مها پرلہ جي ڳالهہ هڪ ٻئي جي ڌرمي پستڪن تان نقل ڪري نہ لکي اٿن؛ پر سيني قديم قومن کي

انهيءَ مها پاري ٻوڏ جي سڌ هئي. اها الاهي آفت دنيا جي مٿان ڪڏهن ڪڙڪي، تنهن جو سنبت يا سن ڪنهن به ڌرمي پستڪ ۾ ڄاڻايل ڪونهي.

رگ ويد ۾ هن ٻوڏ جو ذرو به ذڪر ڪونهي: پر يجر ويد جي پنيان ڏنل شتپٿ براهمڻ گرنٿ ۾ توڙي مها ڀارت ۾ پراڻن ۾ آهي. اهي جيتوڻيڪ رگ ويد کان پوءِ جا لکيل آهن، تہ بہ نهايت قديم پستڪ آهن. جيالاجيڪل ڪاتي وارن کي کوجنائن ڪرڻ سان معلوم ٿيو آهي تہ عيسوي سن کان اٽڪل اٺ - ڏهہ هزار ورهيہ اڳي، برفاني ڇپن نهڻ واري زماني ۾ (Glacial Period) نهايت گهڻي برف پيئي هئي، جنهن جي رجڻ ڪري نهايت گهڻي ٻوڙ ٻوڙان ٿي هئي. هندن جي ڌرمي پستڪن ۾ برف رجڻ جي ڳالهہ آهي ئي ڪانہ. انهن ۾ ائين ڄاڻايل آهي تہ سمنڊ جي مهاپاري اٿل سبب اهڙي ٻوڙ ٻوڙان ٿي هئي، جو جنسي پرلئہ ٿي ويئي هئي. عيسائين جو انجيل، جو گهڻو پوءِ جو لکيل آهي، تنهن جي پيدائش جي ڪتاب جي باب ستين آيت 11 ۽ 12 (Cenesis, VII, 11-12) ۾ لکيل آهي تہ حضرت نوح رحہ جڏهن ڇهہ سو ورهين جي ڄمار جو هو، تڏهن چاليهہ ڏينهن ۽ چاليهہ راتيون ساندهہ اجهل برسات پيئي هئي، جنهنڪري پرلئہ ٿي هئي. بئبلونيا ۽ مصر ملڪ جي اتهاسن موجب بہ برسات سبب مها پرلئہ ٿي هئي ۽ اها برسات فقط ٿي ڏينهن هلي هئي. انهن اختلافن مان ائين سمجهڻ ۾ پيو اچي تہ مها پرلئہ هڪڙو پيرو نہ، پر گهڻا گهمرا ٿي هئي، جنهنڪري ڌرمي پستڪن ۾ هڪڙيءَ طرح تہ ٻين ۾ ٻيءَ طرح ڄاڻايل آهي. بهرحال ائين پيو ڀانئجي تہ اهڙيءَ هڪ نہ ٻيءَ ٻوڏ سبب ڪيترين قومن کي پنهنجو اصلوڪو ماڳ ڇڏڻو پيو هو ۽ ماڻهو دربدر ٿيا هئا. ممڪن آهي تہ اِنهيءَ الاهي آفت جي وقت اتر قطب طرف رهندڙ آريہ لوڪ بہ هڪ ٻئي کان ڌار ٿيا. منجهائن ڪي يورپ تہ ڪي ايران ۽ هندستان ڏي ويا ۽ جدا جدا هنڌن ۾ پنهنجا ماڳ جوڙي ويٺا، تہ انهن هنڌ سندين ٻوليءَ پنهنجي نموني واڌارو ڪيو، جنهنڪري سنسڪرت، ايراني ۽ يوروپي ٻوليون هينئر هڪ ٻئي کان گهڻو علحديون نظر اچن ٿيون، نہ تہ اصل بڻ بنياد هڪڙو اٿن.

مهاڀارت جي شانتي پرو ۾ ٻين ڏرمي پستڪن مان حوالا ڏيئي، لوڪمانيہ تلڪ ڄاڻايو آهي تہ انهيءَ مها پرلئہ ٽيڻ وقت هندن جا ويد ۽ اتهاس گم ٿي ويا. پوءِ رشين کي جيتري قدر ويدن ۽ اتهاسن وارو مضمون تپسيا جي ٻل تي ياد پيو، تيتري قدر وري لکيائون.* پروفيسر رئپسن پروفيسر مئڪس ملر ۽ ٻين ڪيترن يوروپي عالمن ڄاڻايو آهي تہ قديم آرين جو حافظو حيرت جهڙو هو، ۽ اڄ بہ هزارين اهڙا پنڊت آهن، جو جيڪڏهن سڀ ويد ۽ اتهاس گم ٿي وڃن، تہ جيڪر وري اکر بہ اکر اهي سڀ لکي وڃن.** انهيءَ هوندي بہ چئبو تہ هن وقت سڀ آڳاٽا منتر اسان وٽ ڪينهن.

ڀريون عالم ڊاڪٽر مارٽن هاگ هو، جنهن ڄاڻايو تہ رگ ويد جي هاڻوڪن منترن کان بہ ڪي آڳاٽا منتر هئا، جي "نود" (Nivid) "نگد" (Nigada) سڏبا هئا. اها ڳالهہ لوڪمانيہ تلڪ، ڊاڪٽر اناش چندرداس ۽ ٻين ڏيهي عالمن قبولي آهي.

خود رگ ويد ۾ "نود" لفظ ڪيترن هنڌ ڪم آيل آهي، ۽ نودن بابت چيل آهي تہ آڳاٽا منتر اهي هئا (رگ ويد منڊل پهريون، سوڪت 89 منتر 3 ، ۽ منڊل ڇهون 6،36) . رگ ويد جي پٺيان جيڪو ائتريہ براهمڻ گرنٿ آهي، تنهن ۾ بہ نودن جو ذڪر آهي (ائتريہ براهمڻ ڪانڊ ڇهون، پرپاٺڪ 33-34) . اهي آڳاٽا نود ۽ نگد هاڻ گهڻو ڪري سڀ گم آهن، پر انهن مان ڪي اڃا تائين يجر ويد، براهمڻ گرنٿن ۽ سوترن ۾ آهن ۽ انهن جي ٻولي رگ ويد جي ٻوليءَ کان گهڻو آڳاٽي آهي.*** اهي نود ۽ نگد مها پرلئہ جي وقت گم ٿيل چوڻ ۾ اچن ٿا، تنهن مان ظاهر آهي تہ جڏهن اتر قطب وارو

* "The great Rishis, empowered by Swayanbhu (the self-born), formerly obtained, through tapas (religious austerity) the Vedas and the itihasa, which had disappeared at the end of the (preceding) Yuga," Mahabharata, Shanti Parvan, Chapter 210, Vol. 19.

"There are thousands of Brahmans even now, who know the whole of the Rig Veda by heart and can repeat it, and what applies to the Rig Vedas applies to many other books" Prof, Max Muller: what Can India Teach Us? p. 81.

"The Reg Vedic hymns are not the oldest, but there were still older Verses called Nivids and Nigadas: the proto-type of the Reg Vedic hymns, whose language was more archaic than that of the hymns themselves. Though most of the Nivids are now lost, having been either amplified or absorbed in the Reg Vedic hymns, even those that remain and are found in the Brahmanas and Sutras bear in them the unmistakable impress of vast antiquity," Dr. A.C. Das: Reg Vedic Culture, P. 42.

پاسو وسيل هو تڏهن به هندن وٽ ويد هئا، جنهنڪري هندو حق تي چون ٿا ته ويد انادي آهن.

آرين جو ٽڙي پکڙي وڃڻ. جيالاجيڪل ڪاتي وارن جي چوڻ موجب عيسوي سن کان اٽ ڏهه هزار ورهيه اڳي اتر قطب طرف ججهي برف پوڻ سبب مها پرلئه ٿي هئي. انهيءَ قديم زماني جا ڪي ڪتاب موجود ڪينهن، تنهنڪري پڪ سان چئي نٿو سگهجي ته ميرو پربت (سئبيريا جي اتر طرف) وارن آرين لاءِ جڏهن اتي رهڻ ناممڪن ٿي پيو، تڏهن ڪهڙن ڪهڙن پاسن ڏي ٽڙي پکڙي ويا. انهيءَ هوندي به جيڪي حقيقتون هن وقت تائين معلوم ٿيون آهن، تن جي وسيلي هن ڳالهه تي گهٽي روشني وجهي سگهجي ٿي.

هندن جي پراڻن مان ايترو ظاهر آهي ته ڪي آريا لوڪ ميرو پربت کان هماليه جبل وارا لڪ لتاڙي هندستان ۾ آيا هئا.* رگ ويد مان معلوم ٿئي ٿو ته يدو (جادوُ ونسي) ۽ تروسو آريه لوڪ سمنڊ جي رستي آيا هئا (رگ ويد منڊل ڇهون، سوڪت ٢٠، رچنا ١٢) يدو ۽ تروسو آرين بابت ڪيترن يوروپي عالمن ڄاڻايو آهي ته اهي بئبلونيا (بابل) کان آيا هئا. رنگوزن پنهنجي جوڙيل ڪتاب "ويدڪ انڊيا" ۾ ڄاڻايو آهي ته تروسو آرين مان ڪي بئبلونيا طرف هميشه لاءِ رهي پيا، ۽ اهي پوءِ توراني لوڪ سڏجڻ ۾ آيا. پراڻن ۾ اهي پرشت ٽيل ليکيا ويا آهن. يدو ۽ تروسو آريه لوڪ ميرو پربت کان سڌو بئبلونيا ڏي ويا، يا هندستان ۾ اچڻ کان پوءِ اوڏاهين ويا، تنهن لاءِ ڪابه ثابتي ڪانهي.

سئبيريا جي اتر کان ميرو پربت وٽان، يورپ ڏي وڃڻ لاءِ سولي واٽ اسڪنڊينيويا کان آهي، تنهنڪري ائين سمجهجي ٿو ته ڪي آريه لوڪ اها واٽ وٺي، يورپ جي جدا جدا ڀاڱن ڏي ٽڙي پکڙي ويا؛ پر منجهائن ڪي هيٺ لهي، وچ ايشيا ۽ الهندي ايشيا ڏي ميسوپوٽيميا ۽ بئبلونيا ڏي به ويا. اهو انومان هن ڳالهه مان ڪيجي ٿو، جو سن 1905 - 1906ع ۾ ايشيا مائنر جي ڪئپڊوشيا طرف بوگهزڪئي سان، ٻين شين مان گڏ، نارس قوم بابت هڪ ڪتاب آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن کي هٿ آيو هو.

---

F.E. Pargiter: Ancient Indian Historical Tradition, P. 297.

اسڪنڊينيويا جا آڳاٽا رهاڪو "نارس" (Norse race) يعني اُترادي يا اتر طرف جا رهاڪو سڏبا هئا، جاڪاڻ تہ اسڪنڊينيويا يورپ جي بنهہ اتر ڏي الهندي طرف آهي. اُتي جي رهاڪن جو ڪتاب هيڏانهن الهندي ايشيا طرف ڪئپڊوشيا مان لڏي تنهن مان اٿين پيو پائنجي تہ ميرو پربت چڙهي ڪان جيڪي اسڪنڊينيويا ڏي ويا تن مان ڪي پين آرين سان گڏ ڪئپڊوشيا ڏي بہ آيا ۽ اهو ڪتاب انهن آندو هوندو. انهيءَ طرف سنڌو ماتر جا آريہ لوڪ پوءِ بہ پني ويا، جنهن ڳالهہ جو ذڪر "وڻج واپاري" جي احوال ڏيندي ڪبو. هتي رگو ايترو ڄاڻائجي ٿو تہ سنڌو ماتر جا ڪي پڻي لوڪ (واپاري) الهندي ايشيا ۾ بيٺڪون وجهي وڃي رهيا هئا، ۽ پوءِ سيميٽڪ قومن سان سنگ ڳنڍڻ ڪري "فنيشن" (Phoenicions) سڏجڻ ۾ آيا هئا. اهي فنيشن لوڪ اسڪنڊينيويا ڏي بہ وڻج واپار لاءِ ويندا هئا، ۽ انهن اهو ڪتاب اتان الهندي ايشيا ڏي آندو هوندو تہ بہ عجب ڪونهي.

گذريل اڻويهين صديءَ ۾ آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن ايران جي الهندي طرف "ميديا" مان آرين جي بيٺڪن جا اُهڃاڻ لڌا، ۽ اهو بہ پتو پين تہ آرين جون بيٺڪون ميديا ڪان وٺي ميسوپوٽيميا ۽ بئبلونيا تائين هيون، ۽ اُتر آفريڪا وارن سان بہ مٽيون مائٽيون هيون، مطلب تہ آريا لوڪ رگو هندستان ۾ ڪين هئا، پر ٽڙيل پکڙيل هئا. جيڪي آريہ لوڪ پوءِ هميشہ لاءِ ايران ۾ رهيا، تن مان ڪيترا ڪجھ وقت آرمينيا ۽ ميديا ۾ رهيا هئا، ۽ ڪن پنهنجون بيٺڪون ترڪستان جي ايرندي طرف وڌيون هيون، جينئن لئسن صاحب ڄاڻايو آهي.*

بولين جي کوجنائن مان معلوم ٿيو آهي تہ وچ ايشيا مان آرمينيا ڪان جينئن يورپ ڏي وڃجي ٿو، تئن انهي واٽ تي جيڪي بوليون هن وقت چالو آهن، تن جو ناتو يوروپي بولين سان وڌيڪ ۽ ايراني بوليءَ ۽ سنسڪرت سان گهٽ آهي. وري جيئن آرمينيا ڪان ايران ۽ هندستان ڏي

* "It appears very probable that at the dawn of history, East Turkestan was inhabited by an Aryan population, the ancestors of the present Slavonic and Teutonic races, and a civilization, not inferior to that of Bactrians, had already developed at that time in the region of the Tarim." Lassen's Indische alterthums-Kunda, quoted by Dr.A.C. Das: Reg Vedic India p. 31.

وججي ٿو، تيئن انهيءَ وات تي جيڪي ٻوليون چالو آهن، تن جو ناتو ايراني ٻولين ۽ سنسڪرت سان وڌيڪ، ۽ يوروپي ٻولين سان گهٽ آهي، ائين چئي ته انهيءَ طرف جون ٻوليون اهو اُهڃاڻ ڏين ٿيون ته ڪجهه وقت ڪيترن آرين جي سيپتا جو مرڪز آرمينيا وارو پاسو هو، جتان هڪڙا آريه لوڪ يورپ ڏي ته ٻيا ايران ۽ هندستان ڏي ويا. آرمينيا طرف ڪاٽيون آهن، تنهنڪري انومان ڪيائون، ته شايد ڏاتن مان باسٽڻ ۽ هٿيارن ٺنوهارن جوڙڻ جو هنر آريه لوڪ اتي سکيا. اتي ڪجھ وقت گذ رهڻ کان پوءِ ڪيترا آريه لوڪ بختر ۽ ايران جي جدا جدا پاسن ڏي ٽڙي پکڙي ويا. هن لاءِ هڪ لکيل ثابتي به آهي، جنهن چوکو ڏيان لهڻو.

سر وليم جونس جنهن سنسڪرت ٻوليءَ جو ناتو يوروپي ۽ قديم پارسي ٻوليءَ سان جاڻايو هو، تنهن کي "دابستان" نالي هڪ ڪتاب ڪشمير مان هٿ آيو هو، جو پوءِ پاڻ سان يورپ ڏي کڻي ويو هو. انهيءَ ۾ بختر جي بادشاهن جو پيڙهيءَ به پيڙهيءَ احوال ڏنل آهي. "دابستان" موجب راجا مهابدرنس جي ڪل جي پهرينءَ شاخ وارن سڪندراعظم جي ڪاهه کان پنج هزار ڇهه سؤ ورهيه اڳي بختر (باختر Bactria) ۾ راڄ ڪيو.* سڪندر اعظم عيسوي سن کان سوا ٽي سو ورهيه اڳي هندستان تي ڪاهيو هو، تنهنڪري چئبو ته عيسوي سن کان ڇهه هزار کن ورهيه اڳي بختر ۾ آرين پنهنجيءَ حڪومت جو بنياد وڌو هو. انهيءَ قديم زماني ۾ اڃا ڪيترين قومن کي پنهنجي بت ڍڪڻ جو به هوش ڪونه هو، ته هنن آرين هتي بادشاهي پئي ڪمائي! دابستان ۾ ڄاڻايل بختر جي راجائن بابت هيئنر هر ڪو عالم قبول ڪري ٿو ته اهي هندو هئا، جئن "مل" صاحب جي جوڙيل هندستان جي تاريخ ۾ ڄاڻايل آهي.**
هڙيون لکيل ثابتيون ڏسي يوروپي لوڪ قبول ڪرڻ لڳا آهن ته هندن جي جهڙي آهي سيپتا آڳاتي، تهڙو ئي آهي ڏرم آڳاتو ۽ انهيءَ ڳالهه ۾ دنيا جي ڪابه قوم هندن سان ڪلهو هڻي ڪين سگهندي. هنن حقيقتن

* "The Bactrian document, called Dabistan (found in Kashmir and brought to Europe by Sir W. Jones) gives an entire register of kings, namely, of the Mahabadernes whose first link reigned in Bactria, 5,600 years before Alexander's expedition to India" Count Bjornst Jerna: Theogony of the Hindus, p. 134

** Mill's History of India. Voll. II pp. 237-238.

مان ائين بہ سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ دابستان ۾ ڄاڻايل هندو راجائن جنهن وقت بختر ۾ راڄ پئي ڪيو، تنهن وقت تائين ايران وارا پارسي ۽ هندستان" وارا آريا اڃا هڪ يڪي هندو قوم جا هئا. ايران وارن آرين بابت ڪي حقيقتون سندن ڌرمي پستڪن مان ملن ٿيون.

ڊاڪٽر مارٽن هاگ پارسين جي زنداوستا جو اونهو اڀياس ڪري، انهيءَ مان ڪي اندروني ثابتيون ڏنيون آهن. انهن اندروني ثابتين مان ظاهر آهي تہ پارسين جا ابا ڏاڏا اصل ٿڌي ملڪ جا رهاڪو هئا ۽ اُتي اڪثر چوپائي مال تي گذران ڪندا هئا. جڏهن آڪسس يا آمو درياءَ ۽ جنڪسٽارٽس ندين جي وچ واري ملڪ ۽ بختر (باختر) جي مٿاهن پٽن ڏي آيا، تڏهن ٻني ٻارو ڪيائون، ۽ هڪ هنڌ ٽڪاڻو ڪري وينا. منجهائن جيڪي اڃا مال تي گذران ڪندا هئا، تن کان سندن گذران جو نمونو ائين نرالو ٿيو.* هن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ اصلوڪي ٿڌي ملڪ (ميرو پربت) ڇڏڻ کان پوءِ جڏهن ڪي آريہ لوڪ هن ايران واري پاسي آيا، تڏهن انهيءَ طرف جي ٻين ٻين قومن سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ سبب سندن رهڻي ڪهڻيءَ ۽ ڌرمي خيالن ۾ ڦيرو پيو. جنهن ڪري هندو قوم کان پارسي قوم علحدي ٿي، نہ تہ انهن ٻنهي قومن وارا اصل آريہ لوڪ ۽ هندو براهمڻ هئا. هن ڳالهہ جو وڌيڪ ذڪر ڏار ڪجي ٿو تہ هندن جو پارسين سان ويجهو ناتو سمجهڻ سولو ٿئي.

هندن ۽ پارسين جو ويجهو ناتو. پارسين جو ڌرمي پستڪ يا ديني ڪتاب "زنداوستا"** آهي، جو پهلوي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. اها ايران جي "پهلو" (پرٿين Parthians) لوڪن جي ٻولي هئي. رگ ويد جي منڊل ڇهين، سوڪت ٢٧، رچنا ٨ ۾ "پارٿو" (Parthava) نالو ڪم آيل آهي. اهي شايد

* Dr. Martin Haug: Essays on the Sacred language, Writings and Religion of the Parsis, pp 292-293.

** "اوستا" جي معنيٰ آهي "مول" (Text)، ۽ "زند" ان جي شرح يا ٽيڪا (Commentary) آهي. انهيءَ سبب پارسي لوڪ اصل چوندا هئا "اوستا وزند". جن يوروپي عالمن اول انهيءَ ڌرمي پستڪن جو اڀياس ڪيو، تن نالو ڦيرائي ڪيو "زنداوستا". هاڻ خود پارسي بہ ائين پيا چون، تنهنڪري اسان بہ اهو ئي نالو ڪتب آندو آهي. (مصنف)

"پرٿين" هئا، ۽ "پرتين" نالي جو اُچار پوءِ ڦري "پهلو" (Pahlava) ٿيو.

رگ ويد جي منڊل ڏهين، سوڪت ٣٣، رچنا ٢ ۾ "پرشو" (Parciava) نالو به ڪم آيل آهي. اهي شايد "پرشن"، (Persians) هئا، جن جو نالو "پرشيا" (ايران) تي پيل آهي. ڪي چون ٿا ته "پرشرام" جنهن ايڪيهه گهرا کترين جو ونش ناس ڪيو هو، تنهن جو نالو "پرشيا" تي پيل آهي؛ پر اها ڳالهه وسهڻ جهڙي ڪينهي. پرشرام گهڻو گهڻو پوءِ پيدا ٿيو هو.

مٿين حقيقتن مان ظاهر آهي ته رگ ويد واري زماني ۾ نه هندستان وارن آرين کي انهن ايراني قومن جي نالن جي سڌ هئي. انهيءَ سان گڏ هيءَ ڳالهه به ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي ته هندن جي رگ ويد جي ٻولي پارسين جي زنداوستا جي ٻوليءَ سان نهايت گهڻي مشابهت رکي ٿي. ٻنهي ڌرمي پستڪن ۾ ڪيترن ديوتائن جا نالا به ساڳيا نه ساڳيا آهن. ڪيتريون ڏند ڪٿائون ۽ ٻيا ڌرمي خيال به جهڙا رگ ويد ۾ تهڙا پارسين جي زنداوستا ۾، تنهنڪري ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو ته يورپ وارن آرين کان ڌار ٿيڻ کان پوءِ ايران ۽ هندستان وارا آريه لوڪ ڪنهن هڪ هنڌ گهڻو وقت گڏ رهيا هئا. جنهنڪري هڪ ٻئي وٽان ساڳيا ڌرمي خيال پرايائون. سنسڪرت ۽ ايراني ٻولين ۾ ڪي اهڙا لفظ به عام آهن، جي يوروپي ٻولين ۾ ڪينهن. مثلاً سنسڪرت ۾ "باهو" (ٻانهن) ۽ "اشتر" (اُٺ) اهي ساڳيا لفظ آهن، جن جا اُچار پارسيءَ ۾ "بازو" (ٻانهن) ۽ "شتر" (اُٺ) آهن. هي ڳالهيون ڄاڻائين ٿيون ته هندستان ۽ ايران وارن آرين جو هڪ ٻئي سان ويجهو ناتو هو. آرڪيالاجيڪل کاتي وارن جي کوجنائن مان ظاهر ٿيو آهي ته ايران ۽ هندستان وارن آرين جون ٻينڪون "ميڊيا" کان وٺي "بئبلونيا" تائين هيون. جيتوڻيڪ اهي ٻينڪون رگ ويد واري زماني کان گهڻو گهڻو پوءِ جون ڀائنجن ٿيون، ته به هيٺ ڄاڻايل حقيقتن مان ظاهر آهي ته انهن ٻينڪن وجهڻ کان نه اڳي هو هڪ ٻئي سان گهڻي رلمل ڪندا هئا، ۽ سندن پروهت يا گر براهمڻ به ساڳيائي هئا.

بزرگن جا نالا. هاڻوڪي سنسڪرت ۾ "ڪوي" معنيٰ شاعر تنهنڪري اڄ ڪلهه جيڪو به ماڻهو شعر چوي ٿو، سو "ڪوي" ڪوٺجي ٿو. سچ پچ ته شاعر اهو آهي، جنهن جو انيو ڪليل آهي ۽ اندرين درشتيءَ جو ورثو عطا ٿيل اٿس. قديم سنسڪرت واري زماني ۾ "ڪوي" اهو مها پرش سڏبو هو، جنهن کي ڌڏهن سرسوتي پولائيندي هئي يا الهام ٿيندو هو. تڏهن عجيب غريب ڳالهيون ۽ گيان جا گفتا بي اختيار سندس مک مان نڪرندا هئا. جن جو ٻڌندڙن تي جادوءَ جهڙو اثر ٿيندو هو. اهڙن ڪوين کي آڳاٽن آرين "رشي" سڏيو. رشين جي نالن اڳيان "مهراج" وغيره بدران "ڪوي" لفظ ڪم آڻيندا هئا. پارسين ۾ به اهوئي دستور هو. اهي به پنهنجن پروهتن (ڪل جي براهمڻن يا پنڊتن) کي "ڪوي" ۽ "ڪرپن" ڪلپ ڪرائيندڙ يا سنڪلپ وٺائيندڙ سڏيندا هئا. زنداوستا جا گاٿا ڳاهون (Songs) انهن جا ئي چيل آهن. وڌي ڳالهه ته انهن ڪوين جا نالائي ساڳيا آهن. مثلاً ڪوي هسرو (Kavi Husrava) اهو ساڳيو نالو آهي جنهن جو اُچار ايرانين ڦيرائي ڪيو آهي "ڪيخسرو"، "ڪوي ڪوات" بدران ايراني چون "ڪيڪباد"؛ "ڪوي اُش" بدران "ڪيڪائوس" ۽ "ڪوي وشتاسپ" (Kavi Vishtaspa) بدران چون "ڪي گشتاسپ" (Kai Gushtasp : اهي ئي نالا "شاهنامي" ۾ ڄاڻايل آهن. ايران جي تاريخ موجب دارا بادشاهه جي پيءُ جو نالو "هنسٽپس" (Hystaspas) هو: اهو يوناني اچار آهي، نه ته صحيح اُچار آهي "وشتاسپ" (Vishtaspa). تاريخ موجب قديم بختر (Bactria) جا حاڪم "ڪياني" بادشاهه سڏيا ويا آهن، جن کي انگريزيءَ ۾ لکيل تاريخن ۾ "اڪيمينين" (Achaemenian Kings) ڪوٺيو اٿن. حقيقتاً اهو انگريزي لفظ اصل ۾ ايراني لفظ "هنمامنش" (Achaemenians) آهي؛ ۽ "ڪياني" لفظ "ڪوي" مان نڪيل آهي. ايران جا بادشاهه آڳاٽن ڪوين (رشين) جو اولاد آهن، تنهنڪري اهو نالو پيو اٿن.* ريتن رسمن وغيره جي هڪجهڙائي. اترون رشي ۽ انگيرس رشي آڳاٽن هندن کي اگني ۽ سوم جون پوڄائون ڪرائيندا هئا. زنداوستا ۾ به انهن ساڳين پوڄائن بلڪ انهن ساڳين رشين جا نالا آهن.

* Dr. Martin haug: Essays on the Sacred Language. Writings and Religion of the Parsis, pp 289-90.

هندن ۾ جيڪو رشي رگ ويد جا منتر اچاريندو هو، سو "هوتر" سڏبو هو. "هوتر" جو اچار سنڌيءَ ۾ آهي "هوت" جنهن مان "هوتچند ۽ هوت پنهون" نالا نِڪتا آهن. زنداوستا ۾ "هوت" جو اچار "زئوت" (Zaot) آهي ۽ معنيٰ اتس پروهت يا پنڊت. جيئن هندن ۾ براهمڻ، کتري ۽ وئش آهن، تيئن پارسين ۾ بہ اترون، رٿيشت (Rathaesthas) ۽ واشتريہ فشيوشن (Vastrya Fshuyans) هئا - جا ڳالهہ ڊاڪٽر مارٽن هاگ ڄاڻائي آهي. اڄ بہ جيئن براهمڻن کان سواءِ ٻين کي ڪريا ڪرم ڪرائڻ جو حق ڪونهي، تيئن پارسين ۾ موبيدن (پروهتن) کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ اهو حق ڪونهي.

ڪو بہ هندو جيستائين جڻيو نتو پائي تيستائين شودرن جي دفعي ۾ ليکجي تو. تنهنڪري اڳي هندو پنهنجن ٻارن کي ننڍڙي ئي جڻيو پائيندا هئا. ساڳيءَ ريت پارسين ۾ جيستائين سندن ڪو ٻار جڻيو نتو پائي تيستائين پڪو پارسي ڪري نتو ليکجي. انهيءَ سبب پارسي اڪثر ستن ورهين جي ڄمار ۾ "ڪستي" (Kusti - جڻيو) پائيندا آهن.

هندو ماڻهو ڪن ڪارجن مهل ڳئونت ڪم آڻيندا آهن. اهو "ڳئونت" اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "گوموتر" يعني ڳانءِ جو مٽ. جنهن جي بدران پارسي چون "گومز" (Gomez) ۽ اهو ڪن پارسين جو نالو بہ آهي. آڳاٽن آرين ڳانءِ جي ڇيڻي ۽ ڳئونت ۾ ڪيتريون خاصيتون ڏٺيون، تنهنڪري انهن جي ڪم آڻڻ جو رواج وڌائون. ڊاڪٽر مارٽن هاگ چوي ٿو تہ يورپ ۾ هارين نارين جا ويچ ڳئونت ۽ ڇيڻو عام طرح دوا طور ڪم آڻيندا آهن.*

هندن ۾ ڪو مرندو آهي تہ ٻارهين ڏينهن هن جو "اوتارو" ڪندا آهن. اهو دستور پارسين ۾ بہ آهي. پارسي لوڪ "اوتارو" بدران چون "اُتمان" (Day of resurrection) هي ٻئي لفظ "اُٿڻ" مان نِڪتا آهن. ٻارن ٻچن، گهر ۽ ڌن دولت وغيره ۾ موهہ هئڻ سبب پڙهيائين تورا ڏينهن پراڻيءَ جو واسو دنيوي شين ۾ رهي ٿو ۽ اوتاري ڏينهن هو اُٿي. جم جاترا تي نڪري ٿو. اهي آهن هندن ۽ پارسين جا عقيدا. هندن وانگر پارسي بہ ڏهاڪي جو ڪرم ڪندا آهن، ۽ چانورن جي اٽي جو پيڙو ناهي ڪانون کي ڏيندا آهن. هنن ۽ ٻين اهڙين ڳالهين مان ڪيترن يوروپي عالمن کي ائين وسهڻ لاءِ

* Dr. Martin Haug's Essays on the Religion of the Parsis, p. 286

سبب ٿيو آهي ته هندو ۽ پارسي هڪ ٻئي جا ويجها سؤٽ آهن، ۽ ڌرم ڪرم بنهه هڪڙو ئي هئن. اهي ساڳين ديوتائن کي ساڳين هندڪن نالن سان سڏيندا هئا. سا ڳالهه هيٺين حقيقتن مان هيڪاري وڌيڪ روشن ٿيندي.

ديوتائن جا نالا. هندن ۽ پارسين جو هڪ مکيه ديوتا "سورج"، (سج) آهي، جو اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "سؤريه"؛ پر هنديءَ ۾ "سؤر" به چون. انهيءَ "سؤر" لفظ جو اچار ايرانيءَ ۾ ڦيري ڪيائون "خور"، جنهن جي پٺيان "شيد" لفظ گڏي چون "خورشيد" معنيٰ "سج".*

رگ ويد ۾ سورج ديوتا جو ٻيو نالو آهي "متر" (Mitra)، جنهن جو اچار زنداوستا ۾ "متر" ۽ هاڻوڪي پارسيءَ ۾ آهي "مهر" معنيٰ "سج".+ هيءَ نهايت آڳاٽو نالو آهي. قديم رومن لوڪ به سورج ديوتا کي پوڄيندا هئا، ۽ "مترس" (Mithras) ڪوٺيندا هئس. انگريزي لفظ (Mithraic, Mithrai-cism) وغيره انهيءَ ساڳئي سنسڪرت لفظ "متر" (ايراني "متر") مان نڪتا آهن. هن مان ائين سمجهجي ٿو ته متر ديوتا (سورج) جي پوڄا جو رواج انهيءَ قديم زماني ۾ پيو، جنهن زماني ۾ سڀ آريه لوڪ ميرو پربت طرف گڏ رهندا هئا، ۽ ڇهن مهنن جي رات گذرڻ کان پوءِ سج ڏسڻ ۾ ايندو هون ته اُن کي ديوتا ڪري پوڄيندا هئا.

هندو ماڻهو برسات جي ديوتا کي "اندر" سڏيندا آهن. اندر ديوتا جي پوڄا ٿيڻ کان اڳ، آڳاٽا آريه لوڪ "ترت" (Trita) يا "ترئتن" (Traitana) کي برسات جو ديوتا ڪري پوڄيندا هئا. زنداوستا ۾ "ترئتن" جو اچار "ترئيتون"

---

* اکرن کي ڦيرائي ڪنٺ پانڙيءَ جي اُچار وارو ڪرڻ (Gulturalisation) جي عادت ايراني لوڪن ۾ گهڻي آهي. "سؤريه – سور" کي اول ڦيري "هور" ۽ پوءِ "خور" ڪيو اٿن. ساڳئيءَ ريت سنسڪرت ۾ "سوسري" – "سوسر" معنيٰ ڀيڻ. لئٽن ۾ چون "سورر" (Soror) : ايراني ٻوليءَ ۾ "سوسر" جو اُچار ڦيرائي ڪيائون "هھر" ۽ هاڻ پارسيءَ ۾ چون "خواهر" معنيٰ ڀيڻ. اهڙا ٻيا به گهڻائي مثال آهن. (مصنف)

+ زنداوستا جي ٻوليءَ، توڙي قديم پارسيءَ ۾ "ت" "د" ۽ ٻيا اهڙا وسرگ اکر (Aspi-rates) هئا. جي هاڻوڪيءَ پارسيءَ ۾ ڪينهن؛ جهڙيءَ ريت سنڌيءَ ۾ "ڪٿڻ" مان "ڪهڻ"، ليڻ مان "لهڻ" ۽ "ڏيڻ" مان "ڏهڻ" لفظ نڪتا آهن. تهڙيءَ ريت "متر" جو اُچار هاڻوڪيءَ پارسيءَ ۾ ڦري "مهر" ٿيو آهي. (مصنف)

(Thraetona) آهي، جنهن جو اچار وڏيڪ بگڙجي "فريدون" ٿيو آهي. مثلاً "فريدون بيگ" (نالو). رگ ويد ۾ چيل آهي ته "ورتر" (Vritra) نالي هڪ دئت برسات کي بني روڪيو، ته هن برسات جي ديوتا کيس ماري مينهن وسايا هئا، جنهن ڪري متس "ورتر گهن" يعني "ورتر دئت" کي ماريندڙ" نالو پيو. انهي "ورتر گهن" جو اُچار زنداوستا ۾ "ورتريگهن" (Ver-threghana) آهي. جيئن هندن جي پراڻن ۾ لکيل آهي ته وشنو ڀڳوان ڏهه اوتار ڌاريا هئا، تيئن زنداوستا ۾ ورتريگهن بابت چيل آهي ته هن ڏهه اوتار ڌاريا هئا. انهن ڏهن اوتارن مان ڪلڪي، وراهه، وامن ۽ رام اوتار جهڙا هندن جي ڌرمي پستڪن ۾ تهڙا پارسين جي زنداوستا ۾ آهن (ڏسو يشت ١۴).*

هندو ماڻهو موت جي ديوتا کي چون "يم" جنهن جو اچار زنداوستا ۾ "ييم" (Yima) آهي. سنڌيء ۾ "يم" بدران عام طرح "جم" چئبو آهي. پارسيء ۾ به ائين چون ٿا انهيء "جم" لفظ" پارسي نالو "جمشيد" ٺهيو آهي، يعني "شيد" لفظ پٺيان گڏيو اٿن، جيئن "خورشيد" نالي ۾ به گڏيو اٿن.

آڳاٽا آريه لوڪ "سوم" نالي هڪ سفيد رس کي ديوتا ڪري پوڄيندا هئا. زنداوستا ۾ "سوم" جو اچار "هوم ـ هئوم" (Haom) آهي. هتي به "س" کي ڦيرائي "هه" ڪيو اٿن. اهڙيء ريت ٻين ڪن ديوتائن جا نالا جهڙا رگ ويد ۾ تهڙا پارسين جي زنداوستا ۾ آهن. انهن ديوتائن بابت ڏند ڪٿائون به ٻنهي ڌرمي پستڪن ۾ ساڳيون آهن. جيئن متي اڳي ئي چيو ويو آهي.

پارسين جي مذهب جو بنياد. هندن ۽ پارسين جا جيڪي ديوتائون آهن، تن مان مکيه سورج ۽ اگني آهن. انهن ۽ ٻين ديوتائن کي آڳاٽا آريه لوڪ "اسر" سڏيندا هئا، جنهن جي معني هاڻوڪيء سنسڪرت ۾ آهي "دئت" پر قديم سنسڪرت ۾ معني هيس "ديوتا، امر ديوتا". انهيء "آسر" لفظ جو

* "The ten incarnations in the Avesta (Yasht, XIV) are wind, a bull, a horse, a camel, a boar; a youth, a raven, a ram, a buck, and a man; and four seem to correspond with Kalki, Varaha, Vaman and Rama amongst the ten Avatars mentioned in the Puranic literature." Sjt. B.G. Tilak: The Arctic Home in the Vedas, p.350.

اچار پارسين جي زنداوستا ۾ "اهر" آهي يعني "س" کي مٽي "هه" ڪيو اٿن*، نہ تہ لفظ ساڳيوئي آهي. پارسين جو مذهب "اهر مذهب" يعني "ديوتائن جو مذهب" يا ديوتائن جو جاري ڪيل مذهب" سڏجي ٿو. اهو مذهب ڪهڙن ديوتائن جو جاري ڪيل آهي؟

هندستان جا قديم آريہ لوڪ سورج، اندر ۽ ٻين ڪيترن ديوتائن کي عام طرح، پر اندر ديوتا کي خاص طرح، "مگهوا" (Maghava) ۽ "مگهون" (Maghavan) سڏيندا هئا. پارسي لوڪن جا ابا ڏاڏا خاص طرح سورج ديوتا کي "اسر مگهوا" (مگهوءِ ديوتا) ڪوٺيندا هئا. جنهن جو اچار پوءِ ڦري "اهر مزد" (Ahura Mazda) ۽ "هور مزد" ٿيو. پارسي لوڪ ڀڳوان کي "آهر مزد" سڏيندا آهن. جيئن هندو پنهنجن ٻارن تي ڀڳوان، ايسر (ايشور) وغيره نالا رکندا آهن، تيئن پارسي پنهنجن ٻارن تي "هور مزد" ۽ "هورمسجي" نالا رکندا آهن.

پارسي لوڪ ڪهڙي خيال تي ڀڳوان کي "هورمزد" سڏڻ لڳا، سو خيال تحسين جوڳو آهي. ڀڳوان جوتي سروپ آهي، ۽ سنديس جوت جو روپ سورج ديوتا آهي، پرٿوي تي سورج جو روپ "اگني" (باهہ) آهي، تنهنڪري هندو ۽ پارسي قديم زماني کان وٺي سورج ۽ اگنيءَ کي ڀڳوان جي جوت جو روپ ڄاڻي، انهن جي پوڄا اڄ تائين ڪندا آهن.

ڊاڪٽر مارٽن هاگ ۽ ٻين عالمن جي راءِ موجب سنسڪرت لفظ "مگهوا" جو اچار ڦري "ماجي" (Magi) ٿيو. قديم ايرانين جا موبيد يا پروهت (Priests) انهيءَ نالي سان سڏبا هئا، جو اهي اگني پوڄا ڪرائيندا هئا. ايرانين کي عربن "مجوسي" يعني آتش پرست سڏيو، سو نالو بہ انهيءَ ساڳي بنياد "مگهوا" (Magi) مان آهي.

اگن ديوتا کي هندن ۽ پارسين ڀڳوان جو روپ ڪري ٿي ڄاتو، سو بہ رڳو هن ڪري جو اگني جوتي سروپ آهي؛ پر خود خالق يا خلقيندڙ وانگر روپ يا صورتن پيدا ڪرڻ جي طاقت بہ اٿس. انهيءَ سبب آڳاٽن آرين

* اهڙا عادت اسان سنڌي ماڻهن ۾ بہ گهٽي آهي، جنهن ڪري "قاسي بدران "قاهي، "ساس" بدران "ساهہ" ۽ پارسين وانگر "ماس" بدران "ماهہ" (چنڊ، مهنو) چئون ٿا. (مصنف)

اگنيءَ کي سڏيو "توشتر"، جنهن جي معنيٰ آهي "ڪاريگر". ٻار ماءُ جي پيٽ ۾ سنجري وڌو تئي ٿو، سو انهيءَ آتش جي زور تي (رگ ويد. منڊل پهريون ١٨٨. ٩ ۽ منڊل ڏهون ١٠. ٥). سيني ساهوارن جون علحديون علحديون صورتون بہ انهيءَ آتش جي زور تي ٿيون آهن. ڌرتي، آڪاش ۽ ٻيءَ هرڪنهن شيءِ کي صورت بہ اهائي اگني يا آتش ڏئي ٿي، جنهنڪري اگني گويا برهما يا خلقيندڙ آهي. جنهن ديوتا کي علحدن علحدن مهاندن جوڙڻ جو ڏنگ آهي، سو اڻ ٻڇيو قابل ڪاريگر چئبو. تنهنڪري آڳاٽن آرين ائين ٻئي چيو تہ "توشتر" جهڙو قابل ڪاريگر ٻيو آهي ئي ڪونہ. هي ڳالهيون رگ ويد، سشڪل يجر ويد (واجنيئي سنهتا) ۽ شتپٿ براهمڻ ۾ ڇاٽايل آهن. مارڪنڊيہ پراڻ جي ادياءَ ٧٧ ۾ توشتر ديوتا کي "وشوڪرما" ۽ "پرجاپتي" (برهما) سڏيو اٿن انهيءَ سـ ڳني ديوتا کي قديم يوناني ۽ رومن لوڪ "هيفسٽوس" (Hephaistos) ۽ "ولڪن" (Vul- can) سڏيندا هئا، ۽ ان کي هڪ وڏو ديوتا ڪري پوڄيندا هئا.

ايران وارن آرين وٽ اهو ساڳيوئي رگ ويد وارو نالو عام هو. "توشتر" بدران اڪثر چوندا هئا "جرت توشتر" (Jarat Tuashtri) يعني جهونو اگن ديوتا. جو سندن ديوتائن ۾ گهڻو جهونو يا آڳاٽو ديوتا اهو ئي هو. انهيءَ "جرت توشتر" جو اچار پوءِ پارسين ڦيرائي "زورنسٽر" (Zoraster) ڪيو، ۽ اُن جي بدران هاڻ عام طرح "زردشت" چون ٿا. جيئن هندو وسهن ٿا تہ اگني ديوتا برهم روپ ڌاري ويد پرڪاشت ڪيا، تيئن پارسين جي زنداوستا موجب پارسي مذهب اول "جرت توشتر" (جهوني اگن ديوتا) پرڪاشت ڪيو. پارسي لوڪن جو نبي زردشت آهي، پر اهو گهڻو گهڻو پوءِ پيدا ٿيو. عام طرح ائين چوندا آهن تہ زردشت گهٽ ۾ گهٽ تہ عيسوي سن کان ڇهہ سو سٺ ورهيہ اڳي ٿي گذريو آهي، پر ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا موجب انهيءَ کان بہ اڳ ٿي گذريو هجي تہ عجب ڪونهي. اهو زردشت يا زورنسٽر آڳاٽي زورنسٽر "جرت توشتر" يعني (جهوني اگن ديوتا) جو اوتار ليکجڻ ۾ آيو، تنهنڪري مِٿس ساڳيو نالو پيو. انهيءَ نبيءَ پارسي مذهب کي نئين جوڙي علحدو ڪيو، تنهنڪري هاڻ اهو پارسين جي مذهب جو بنياد وجهندڙ سڏجي ٿو. مطلب تہ هندن ۽ پارسين

جي اصل هڪ يڪي برادري هئي؛ ۽ پوءِ ٻہ علحديون قومون ٿيون. سنڌن وچ ۾ ڪي متڀيد پيدا ٿيا، جن جو مختصر طرح ذڪر ڏار ڪبو. هتي ايترو ڄاڻائجي ٿو تہ پروفيسر مئڪس ملر ڪي ويدن ۽ پارسين جي زنداوستا جي اڀياس مان ائين سمجهڻ ۾ آيو تہ پارسين جا ابا ڏاڏا ڀهريائين. هندستان وارن آرين سان ڪيترو وقت هندستان ۾ گڏ رهيا، ۽ پوءِ پاڻ ۾ ناسازي ٿين، تہ پارسين جا ابا ڏاڏا اتر هندستان مان لڏي ارڪوشيا (قنڌار) ۽ ايران ۾ ٻينڪون وڃهي وڃي رهيا* مصنف کي بہ رگ ويد ۽ زنداوستا جي اڀياس مان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ پروفيسر مئڪس ملر جو قياس سچو آهي. ڀانئجي ٿو تہ جيڪي آريہ لوڪ هماليہ جبل وارا لڪ لتاڙي هندستان ڏي آيا، تن مان ڪي هاٺوڪن پارسين جا ابا ڏاڏا هئا، ۽ پوءِ سنڌن وچ ۾ ڪي مت ڀيد پيدا ٿيا، جنهنڪري ايران وارو پاسو وڃي وسايائون، ۽ هندن کان هميشہ لاءِ ڌار ٿي ويا. ڊاڪٽر انباش چندرداس بہ اهوئي رايو ظاهر ڪيو آهي تہ پارسين جا ابا ڏاڏا اصل سنڌو ماتر ۾ رهندا هئا.**

<u>هندن ۽ پارسين جي وچ ۾ ونجوڳ.</u> هندن ۽ پارسين جون مٿي ذڪر ڪيل ڳالهيون (ديوتائن ۽ بزرگن جا نالا، ريتون رسمون وغيره) سنڌن سنجوڳ (اتفاق يا ميلاپ) ظاهر ڪن ٿيون؛ پر ڪي اهڙيون بہ ڳالهيون آهن جي سنڌن ونجوڳ (نفاق) جا اهڃاڻ ڏين ٿيون. اهڙا اهڃاڻ خود ڪي لفظ اڄ تائين ظاهر ڪن ٿا. مثلاً سنسڪرت ۾ "ديوي" معنيٰ "ديوتا"، پر پارسيءَ ۾ "ديو" معنيٰ "جن يا ڀوت"! معنيٰ ئي اُلٽي. هاڻوڪي سنسڪرت ۾ "سر" معنيٰ "ديوتا" ۽ "اَسر" معنيٰ "دئت"؛ پر زنداوستا ۾ "اَسر" جو اچار "اهر" آهي. پارسي لوڪ ڀڳوان کي "اهر مزد" يا وڏو ديوتا سڏيندا آهن، جيئن مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي.

* "The Zorastrians were a colony from Northern India. They had been together for a time with the people whose sacred songs have been preserved to us in the Vedas. A schism took place and the Zorastrians migrated west ward to Arachosia and Persia." Prof. Max Muller: Science of Language, Vol. II, P. 170, (5th Edition). Sea also Prof. Max Muller's Chips from a German Workshop. Vol. I, P. 83.

** The Iranians the ancestors of the Parsis, were pure Aryans and originally inhabited Sapta Sindhu." Dr. A.C. Das: Reg Vedic India, P. 588.

قديم سنسڪرت ۾ "اَسر" لفظ جي اصل چڱي معنيٰ هئي؛ ۽ بنيادي معنيٰ به نهايت عمدي اٿس. ڪيترن يوروپي عالمن جو چوڻ آهي ته "اَسر" لفظ جو ڌاتو يا بنياد آهي "اَس" معنيٰ "ٿيڻ يا هئڻ"، يعني اهو لفظ هستيءَ يا جيئري رهڻ جي معنيٰ ڏيکاري ٿو؛ تنهنڪري "اَسر" لفظ جي اصل معنيٰ هئي "ديوتا". ديوتائون ڪڏهن به مرڻ جا ناهن. تنهنڪري اَسر لفظ امر ديوتائن لاءِ ڪم آڻيندا هئا. انهيءَ لاءِ ثابتي هيءَ آهي ته رگ ويد جي منڊل ٻهرئين، چوٿين، پنجين ۽ ستين ۾ اندر ديوتا، ورڻ ديوتا، متر، سوتر ( Savit - سورج)، مروت، ردر (شو ڀڳوان)، اگن ديوتا ۽ ٻيا ديوتائون "اَسر" ڪوٺيا ويا آهن.

رگ ويد جي منترن ۾ "اَسر" لفظ امر ديوتائن لاءِ ڪم آيل آهي؛ سي ڪنهن نهايت قديم زماني جا ياٺنجن تا. انهي "اسر" لفظ جي پوءِ معنيٰ ٿي "دئت". اها اُلٽي معنيٰ ڪيئن ٿيس؟ هندن جي ڌرمي پستڪن ۽ پارسين جي زنداوستا ۾ ڪي ڳالهيون اهڙيون لکيل آهن، جن مان چٽيءَ ريت سمجهي سگهجي ٿو ته اندر ديوتا جي پوڄا جنهن وقت آڳاٽن آرين جاري ڪئي، تنهن وقت مت ڀيد پيدا ٿيو، ۽ هاٺوڪن پارسين جا ابا ڏاڏا انهي مت ڀيد سبب ڪائن ٽٽي ڌار ٿيا هئا. انهيءَ ونجوڳ پيدا ٿيڻ کان پوءِ "آسر" لفظ کي خراب معنيٰ ملي.

هندن ۽ پارسين جي وچ ۾ مت ڀيد ڪري ونجوڳ پيدا ٿيو تنهن کان پوءِ به پارسي لوڪ ڀڳوان تي پنهنجي آڳاٽي دستور موجب "آسر" (اهر) ڪي سڏيندا هئا. جنهنڪري اڄ تائين پارسين جو مذهب "اَهر مذهب" سڏجي ٿو. مت ڀيد پيدا ٿيڻ کان پوءِ هندن کي پارسي ڏٺا به ڪين وڻندا هئا، ۽ سندن اهر مذهب کي ڌڪاريندا هئا. ياٺنجي ٿو ته انهيءَ ڌڪار ظاهر ڪرڻ جي خيال وچان خود "اَسر" (اهر) لاءِ نفرت پيدا ٿين. هندن پوءِ "اَسر" لفظ مان نئون لفظ "سر" ناهيو جنهن جي معنيٰ رکيائون ديوتا ۽ "اسر" جي معنيٰ ڪيائون "دئت". ائين لفظ جو بنياد ئي ڦري ويو، جنهنڪري هاڻ "سر" (ديوتا) جو ضد "اسر" (دئت) آهي. "اسر" لفظ کي ائين خراب معنيٰ ملي، ته هندو "ديو" (ديوتا) لفظ گهڻو ڪم آڻڻ لڳا. پارسين به هندن ۽ سندن ڌرم، خاص، ڪري ديو پوڄا يعني اندر ديوتا جي پوڄا لاءِ نفرت يا

ڏڪار ظاهر ڪرڻ خاطر "ديو" (ديوتا) لفظ جي معنيٰ ڦيري ڪئي "جن يا ڀوت"! نہ تہ حقيقتاً "ديو" لفظ جو ڌاتو يا بنياد آهي "دو ـ div" معنيٰ چمڪڻ، جنهنڪري ديوتا جي بنيادي معنيٰ آهي چمڪندڙ ۽ ڀڪندڙ جيو (A shinig being) . 'اگني" ديوتا آهي ۽ سدائين ٻيئي ڀڪي. سورج ۽ ٻيا گرهہ جن کي هندو ديوتائون ڪري ڪوٺين ٿا، سي بہ سدائين ٻيا ڀڪن. مطلب تہ "اَسر" ۽ "ديو" لفظن جون اصل معنائون نهايت سٺيون هيون، پر پوءِ هندن ۽ پارسين جي وچ ۾ اٽبٽت ٿيڻ سبب انهن لفظن جون معانائون بہ ڦريون، ۽ پارسين جو مذهب هندو ڌرم کان علحدو ٿيو.*

اندر ديوتا جي پوڄا تان تڪرار. قديم هندو ۽ پارسي ساڳين ديوتائن کي پوڄيندا هئا، ۽ سندن ديوتائن جا نالا بہ ساڳيا هئا. تنهن ڳالهہ جي ذڪر ڪندي مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي تہ اندر ديوتا جي پوڄا جاري ٿيڻ کان اڳ "ترت" يا "ترئتن" برسات جو ديوتا ليکبو هو. ۽ پارسي لوڪن جا ابا ڏاڏا "ترئتن" کي "ترئيتون" سڏيندا هئا، جنهن جو بگڙيل اچار هن وقت "فريدون" آهي. انهيءَ اڳئين ديوتا بدران ڪن رشين اندر مهراج جي پوڄا جو رواج جاري ڪيو، ۽ اندر کي ٻين ديوتائن کان مٿي ڪري ليکڻ لڳا، تہ ٻين ڪن رشين اعتراض اٿاريو. پوءِ تہ اهو تڪرار ايتري قدر وڌيو، جو آرين جون بہ ڌريون ٿيون: هڪڙا جرت توشتر (زورئستر) يعني جهوني اگن ديوتا کي اڳي وانگر پوڄيندا رهيا، ۽ ٻيا اندر ديوتا جي پوڄا ڪرڻ لڳا. پارسين جي مذهب جو بنياد وجهندڙ زورئستر (زردشت) پيدا ٿيو. تنهن کان اڳ اهي مت ڀيد پيدا ٿيا هئا. جو خود رگ ويد ۾ توشتر (جرت توشتر يا زورئستر ـ جهوني اگن ديوتا) ۽ اندر ديوتا جي وچ ۾ اٽبٽت ٿيڻ جو ذڪر آهي.** انهيءَ اٽبٽت سبب هندن ۽ پارسين جي يڪي برادري ٽٽي پئي. خود هندن مان ڪي اندر ديوتا جي پوڄا ڪرڻ بدران پارسين سان شامل ٿيا، ۽ اگن ديوتا جا پوڄاري ٿيا. اها ڳالهہ زنداوستا ۾ کليءَ ريت لکيل آهي: "مان ديو پوڄا ڪرڻ بند ڪريان ٿو ۽ زورئستر (زردشت) مزديسنين (اهر

---

* In the Vedas as well as in the older portion of the Zand-Avesta (sea the Gathas), there are sufficient traces to be discovered that the Zorastrian religion arose out of a vital struggle against a form which the Brahmanical religion had assumed at a certain early period." Dr. Martin Haug: Essays on the Parsis, p.287.

** Dr. J. Muir: Original Sanskrit Texts, Vol. V, pp. 229-30.

مزد ديوتا) جو دين اختيار ڪريان ٿو ۽ ان جو پوڄاري ٿيان ٿو، جو ديون جو دشمن آهي".+

زنداوستا ۾ ڄاڻايل هن حقيقت مان ظاهر آهي ته ڪن هندن وچي پارسين جو مذهب اختيار ڪيو هو. جيئن هن وقت ڪو هندو پنهنجو ڌرم مٽائي ٿو ته ٻين هندن کي باهه وٺي وڃي ٿي، تيئن ان وقت جي هندن ۾ به گهڻو جوش پيدا ٿيو، ۽ هو پارسين جا جاني دشمن ٿي بيٺا. جو اهي اندر ديوتا جي پوڄا جي برخلاف هئا؛ جنهنڪري هي اتفاق پيدا ٿيو هو. اها حقيقت وري رگ ويد مان معلوم ٿئي ٿي، جنهن ۾ هڪ رشي چوي ٿو ته:

"جيڪي لوڪ اندر کي وڏو ديوتا ڪري نٿا مڃين، ۽ اندر ديوتا جي پوڄا جي برخلاف آهن، تن کي مان جلائي ڀورو ڪندس. اسان جا شترو (دشمن) جتي اچي ڪٺا ٿيا هئا، تتي کين اُڦٽ ماري وڌو اٿئون. هو بنهه چٽ ٿي ويا آهن ۽ سندن لاشا شمشان (مساڻ) يعني جنگ جي ميدان ۾ پيا آهن رگ ويد، منڊل پهريون ١٣٣، ١)."** هن مان ظاهر آهي ته انهيءَ مت پيد جي ڪري گهڻي خونريزي ٿي هئي.

هندن ۽ پارسين جي وچ ۾ اهو نفاق گهڻي وقت تائين هليو. هندو اندر ديوتا جا پوڄاري هئا، سي ويدن جا منتر اُچاري اگنيءَ جي پوڄارين (پارسين) جي پنيان پوندا هئا، ته اگني پوڄاري (پارسي) چوندا هئا ته هي جادوگر ۽ ڪامڻگور آهن، ۽ ڏانهن نفرت جي نگاهه سان نهاريندا هئا. انهيءَ نفرت سببان هيڪاري زنگ وڌيو ۽ پارسين سان هندن گهڻيون جنيون ڪيون؛ هندو سندن ڳوٺن مٿان ڪاهي پوندا هئا، سندين ڍنيون ٻارا چٽ ڪندا هئا، ۽ سندن ڏن مال لٽيندا هئا. اڳيان پارسي به پنهنجي ناليِ سان هئا، ڪجهه وقت هنن به هندن جي چڱي سيج پڇائي؛ جنهنڪري

+ "I cease to be a Deva (worshipper). I profess to be a Zorastrian Mazda-Yasnin (worshipper of Ahurmazda) an enemy of the Devas and a devotee of Ahura."! Dr. Martin Haug: Essays on the Sacred Language. Writings and Religion of the Parsis, pp. 173 and 292-93.

** "I burn down the world that does not acknowledge the supremacy of Indra, and revolts against Indra-worship. The enemies have been killed in the place where they were assembled. They have been completely destroyed and are lying on the Samasana (lit. cremation ground) i.e. the battle-field." (Reg Veda I, 133.1) Quoted by Dr. A.C. Das: Reg Vedic India, P. 158.

هندستان جي آرين (هندن) قبول ڪيو آهي تہ اهي "اسر" يعني اهر مزد جا پوڄاري (پارسي) اسان ڪان زور آهن ۽ جتي ڪٿي اسان کي شڪست• ڏين ٿا. رگ ويد جي پئيان جيڪو ائتريہ براهمڻ ڏنل آهي، تنهن ۾ چيل آهي تہ "ديوتائن" يعني ديوتائن جي پوڄارين (هندن) ۽ "اَسرن" يعني اهر مزد جي پوڄارين (پارسين) جي وچ ۾ پهريائين ايرندي، الهندي، ڏکڻ ۽ اتر طرف (مطلب تہ چئني ڏسين ۾) لڙايون لڳيون، جن سڀني ۾ ديوتائن (ديوتائن جي پوڄارين يعني هندن) کي اسرن (اهر مزد جي پوڄارين يعني پارسين) شڪست ڏني، پر پوءِ جڏهن اتر اُيرندي طرف (شايد ڪشمير واري پاسي) لڙائي لڳي، تڏهن ديوتائون (ديوتائن جا پوڄاري يعني هندو) سوڀارا ٿيا، ۽ انهيءَ وقت کان وٺي اهو طرف "اجيت" (Invincible) ليکجڻ ۾ آيو.

اندر ديوتا جا پوڄاري (هندو) جنگ جي ميدان ۾ گهڙڻ کان اڳ سوم رس جو چڪو چاڙهيندا هئا تہ خنڪي ٿيندي هين ۽ نهايت همت سان لڙندا هئا. اتر ايرندي طرف واريءَ لڙائيءَ ۾ سوڀارا ٿيا تہ انهيءَ وقت کان وٺي هيءُ دستور بيو تہ جڏهن يگيہ لاءِ سوم ٻوٽي گاڏين ۾ گهرائيندا هئا، تڏهن گاڏين جي اتر اُيرندي طرف ٻهي، سوم ٻوٽي گاڏين مان لاهيندا هئا.

ائتريہ براهمڻ ۾ ائين بہ لکيل آهي تہ ديون (ديوتائن جي پوڄارين يعني هندن) ائين ئي پئي سمجهيو، تہ هيترو وقت اسان جو هارايو پئي، سو هن ڪري جو اسان کي ڪو راجا ڪونہ هو، تنهنڪري سوم کي پنهنجو راجا ڪيائون. سوم ديوتا جي پوڄا ڪري ۽ سوم ٻوٽيءَ جو چڪو چاڙهي، وڙهڻ لڳا، تہ سڀين ٻارين سندين جنہ ٿي. پارسين پوءِ سوم ٻوٽيءَ لاءِ بہ نفرت ظاهر ڪئي ۽ ان وقت کان وٺي پوڄا ۾ بي ٻوٽي ڪم آڻڻ لڳا.

پارسين جي ديني پستڪن ۾ جيڪي "گاٿا" (ڳاهون) آهن، تن مان بہ ظاهر آهي تہ هندو جڏهن پارسين تي گهڻو غالب پيا، تڏهن خود سندن اڳواڻ يا مهندار هن ريت ٻاڏائڻ لڳو هو:

"ڪهڙي ملڪ ڏي وڃان؟ ڪٿي وڃي پناهہ وٺان؟ منهنجي خاوند (زورنسٽر) ۽ سندس ساٿين کي ڪهڙي ملڪ ۾ اجهو مليو آهي؟ نوڪرن

• Aitreya Brahmana, I, 3, 3.

چاڪرن مان ڪوبہ مون کي عزت نٿو ڏئي، نڪي ملڪ جي بدڪار حڪومت ڪندڙن مان مون کي ڪو عزت ڏئي ٿو."

"مان ڄاڻان ٿو تہ مان بيوس آهيان. مون ڏي نهار جو ٿورن ماڻهن ۾ اچي بچيو آهيان، جو مون وٽ ٿورا ماڻهو آهن. اي جيءَ - قائم ڀڳوان، مان روئي، تو (اهرمزد) کي وينتي ڪريان ٿو."*

گاٿا ۾ لکيل مٿيان لفظ تہ "ملڪ جي بدڪار حڪومت ڪندڙن مان مون کي ڪو عزت نٿو ڏئي". سڀ ڄاڻائين ٿا تہ ملڪ جا والي اندر ديوتا جا پوڄاري هئا، ۽ پارسين جي مهندار انهيءَ سبب ڪين "بدڪار حڪومت ڪندڙ" سڏيو آهي. هن مان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ پروفيسر مئڪس ملر جو قياس سچو هو تہ پارسي اصل اتر هندستان ۾ هئا، جتان پوءِ ايران ۽ ارڪوشيا (قندار) ۾ بينڪون وجهي وڃي رهيا.

**پارسي موٽي هندستان ۾ ڪيئن آيا؟** پارسي لوڪ ايران ڇڏي، موٽي هندستان وارن آرين وٽ ڪيئن آيا، سا تاريخي ڳالهہ ويجهڙائيءَ جي آهي. سن 634 - 635 ع ۾ عربن ايران پنهنجي تابع ڪيو، تہ اتي ڀڄ ڀاڄڙ پيئي. ان وقت کي آريہ لوڪ هراس وچان اتان ڀڳا؛ پر ڪي اتي ئي رهيا. جيڪي آريہ لوڪ هميشہ لاءِ ايران ۾ رهيا، تن پوءِ دين اسلام اختيار ڪيو. منجهائن ڪي مغل، پٺاڻ يا افغان، بلوچ ۽ ٻين نالن سان سڏجن ٿا. ان وقت ايران جي پارسي (فارس) پرڳڻي جا رهاڪو، اُتان لڏي ڀلاڻي هندستان ۾ آيا، ۽ اول ڪنيات جي نار طرف "سنجاڻ" نالي شهر ۾ اچي رهيا. اتي هندن جو راڄ هو، ۽ اهي "مهاديو" (شو ڀڳوان) جا پوڄاري هئا. پر هنن ڌارين کي پنهنجي ملڪ ۾ رهڻ ڏنائون. هي ايران جي "پارسي" پرڳڻي کان آيا هئا، تنهنڪري پاڻ کي "پارسي" سڏائڻ لڳا. اتي اچڻ کان پوءِ اهڙو زور ورتائون، جو هندن کان اهو ڪنيات وارو پاسو ڦري؛ پاڻ اتي جا والي ٿي ويٺا. هيءُ قصو اهڙو ٿيو، جهڙي چوٽي آهي تہ "آئي ٽاندو

* "To what country shall I go? Where shall I take my refuge? What country is sheltering the master (Zorathustra) and his companions? None of the servants pay reverance to me. nor the wicked rulers of the country [Gatha ustanvaiti 4 (46)1]. "I know that I am helpless. Look at me, being amongst few men. For I have few men. I implore thee (Ahur Mazd, the wise) weeping, thou living God. [Gatha Ustanvaiti 4 (46) II]. Dr. Martin Haug: Religion of the Parsis, pp. 152, 155 and 166-Ed. 1862.

ڪٽڻ بورچياٽي تي ويني". هندن پوءِ همت ڪري، ڪانئن اهو ملڪ ڪسيو، ۽ ڪين هڪالي ڪڍيائون. پارسي پوءِ دربدر ٿيا. منجهائنن ڪي سورت، ڀروچ، احمدآباد ۽ گجرات جي ٻين شهرن ڏي ٽڙي پکڙي ويا. انهن سڀني هنڌ گجراتي ٻولي چالو هئي. پارسين جا پويان پوءِ اتي جاوا نپنا. ته سندين مادري زبان به گجراتي ٻولي ٿي. عيسوي ستين صديءَ ۾ عربن جي ڪاهه وقت اهي پارسي لوڪ "پرٿيا" (Parthia) جي "پرٿو" (Parthians) آرين مان هئا. "پرٿو" جو بگڙيل اچار "پهلو" آهي، تنهنڪري سندين ٻولي "پهلوي" سڏبي هئي. انهيءَ تي عربيءَ جو ايترو اثر ٿيو، جو اها سموري ڦري، هاڻوڪي عربي آميز پارسي (فارسي) ٻولي ٿي پيئي. محمود غزنوي ۽ ڪانئس پوءِ پندرهين سورهين صديءَ تائين جيڪي ايران جا حاڪم ٿيا، سي گهڻو ڪري سڀ ترڪ هئا، ته به پارسي ٻوليءَ کي اهڙو زور وٺايائون، جو اها پوءِ سڄي پرشيا (ايران) ۾ ڦهلي؛ پر اڄ تائين نالو پارسي (فارسي) هليو اچيس، جو اها ايران جي پارسي (فارسي) پرڳڻي جي ٻولي آهي.

هاڻ رڳو انهن آرين جو ذڪر ڪجي ٿو، جي هميشه جي لاءِ هندستان ۾ رهيا، ۽ جن جو اولاد هاڻوڪا هندو آهن. جن مان هن وقت ڪي مسلمان آهن.

آرين جون سنڌو ماٿر جي اصلوڪن رهاڪن سان چڪريون. قديم آريه لوڪ هندستان ۾ ڪڏهن آيا، سو سنبت يا سن هندن توڙي پارسين جي ڌرمي پستڪن ۾ ڄاڻايل ڪونهي. تلڪ، جوتش جي حساب موجب ايترو ڄاڻايو آهي ته رگ ويد جون ڪي جهونيون رچائون عيسوي سن کان ڇهه هزار کن ورهيه اڳ جون آهن. جنهن صورت ۾ ويدڪ زماني جي شروعات جي ڪنهن ڪي به ڪل ڪانهي، تنهن صورت ۾ سنبت ۽ سن نٿا ڄاڻائجن؛ باقي رڳو ڪٿي ڪٿي تخميني طور سن ڄاڻايا، ته سمجهڻ ۾ اچي ته ڪهڙي ڳالهه اڳي ۽ ڪهڙي پوءِ ٿي. ايترو چئبو ته ويدڪ زمانو اجهان هليو پئي، تڏهن هو هندستان ۾ آيا هئا. قديم هندستان جون تاريخون جي يورپي عالمن کوجنائون ڪري تيار ڪيون آهن، تن ۾ ڄاڻايو اٿن ته آرين جي اچڻ کان اڳ اتر هندستان ۾ دراوڙ ۽ ٻيا اڻ آريه لوڪ هئا، جن سان جنگيون جوٽي آرين ملڪ فتح ڪيو. حقيقتاً هندستان

جي اصلوڪن رهاڪن يعني قديم اڻ آريہ قومن جي ڪا ڏار تاريخ آهي ئي ڪانہ. انهن بابت جيڪو پتو پوي ٿو، سو اول رگ ويد مان، جو تاريخي ڪتاب ڪونهي. رگ ويد ۾ رڳو ڀڳين جون ڳالهيون، ايشور جي اُپاسنا ۽ اُن جي پراپتيءَ جا ساڌن آهن. ڪيترن ديوتائن جهڙوڪ ورڻ ديوتا، اندر ديوتا، اگن ديوتا ۽ ڪن راجائن ۽ رشين جو بہ ان ۾ ذڪر آهي. انهن ڏرمي ڳالهين سان گڏ آرين ۽ اڻ آرين جي وچ ۾ جنگين لڳڻ ۽ آرين جي سوڀ ڪٽڻ جو احوال ان ۾ آهي. اهو هن ڪري ڏنل آهي، جو آڳاٽن آرين سوڀ ڪٽڻ ڪري اندر ديوتا ۽ ٻين ديوتائن جا ٿورا مڃيا آهن، جن پنهنجيءَ ٻاجھ سان کين سوڀارو ڪيو هو. انهن ٿورن مڃيندي جيڪي چيو اٿن، تنهن مان پتو پوي ٿو تہ سنڌو ماٿر جي قديم رهاڪن آرين کي پنهنجي ملڪ ۾ پير کوڙڻ نٿي ڏنو ۽ ساڻن سخت چڪريون ڪاڏيون هئائون. انهن چڪرين ڪائيندي هزارين اڻ آريہ لوڪ مارجي ويا، ڪن اڻ آرين ٻيلن ۽ جبلن ۾ وڃي پناهہ ورتي، جتان پوءِ بہ وجھہ وٺي آرين تي ڪاهي ايندا هئا. سندن چوپايو مال ڪاهي ويندا هئا. سندن پوڄائن ۾ ڀنگ وجهندا هئا ۽ ٻيءَ طرح بہ کين گهڻو ستائيندا هئا. سندن ٻوليون، رهڻي ڪهڻي ۽ ريتون رسمون آرين کان علحديون هيون. ويتر آرين کي گهٽي قدر ڀانئي ڪنيائون. تنهنڪري آرين نفرت وچان کين اسر، دئت، دانو، راڪاس ۽ ٻيا اهڙا اگرا نالا ڏنا. نہ تہ اهي اڻ آريہ لوڪ بہ رواجي انسان هئا. منجهن قربانيءَ جو انگ ججهو هو، ۽ ديس ڀڳتي هين. پنهنجي ديس جي بچاءَ خاطر پنهنجو سر تريءَ تي رکي انت گهڙيءَ تائين آرين سان لڙيا. پر تاريخ وقت بوقت ثابت ڪيو آهي تہ جڏهن بہ ڌاريون قومون سنڌ خواهہ سڄي اتر هندستان تي ڪاهي آيون آهن، تڏهن اسان جا ماڻهو ڌارين سان مٺ پنجي نہ سگهيا آهن. آرين ڪي سندن ملڪ کينن بہ ڪري پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻو هو، ۽ کين ماري مچائڻو هئن. تنهنڪري آرين سندن قلعا ۽ شهر باهيون ڏيئي جلايا، سندن فوجون ناس ڪيائون، ۽ ڪن کي پنهنجو داس يا غلام بنايائون، جن مان پوءِ ڪي شودرن جي دفعي ۾ ليکجڻ ۾ آيا. منجهانئن جيڪي وڏ گهراڻا هئا، تن مان ڪن سان سڱ ڳنڍي، کين پنهنجو ڪيائون، ۽ پوءِ صلح سانت ۾ پنهنجيءَ سيپتا

جو ڦهلاءُ ڪيائون.

آرين جي سڀيتا جو ڦهلاءُ. آڳاٽا آريہ لوڪ اصل ٿڌي ملڪ جا رهاڪو هئا، تنهنڪري شڪل جا گورا هئا، اوائل ۾ منجهن ذات پات جو ڀيد ڪونہ هو، تنهنڪري ورڻ هڪڙو ئي هون يعني تہ سڀ آريہ برهمڻ هئا. برهمڻ تي بہ اهي مڇي ماس کائيندا هئا. هندستان ۾ اچڻ کان گهڻو پوءِ ويشنو ٿيا، نہ تہ اصل ٿڌي ملڪ ۾ رهڻ ڪري گوشت کائڻ جي ضرورت ايتري سمجهيائون ٿي، جو گهوڙي جي گوشت مان بہ ڪين ترندا هئا. بلڪ ڳائو ۽ ماهيو گوشت بہ حلال ڪري چاٽندا هئا! پنهنجي اصلوڪي ماڳ ڇڏڻ کان پوءِ هو گهڻو ڀٽڪيا هئا، تنهنڪري بت ڪشيل هين ۽ ٿڌيءَ ڪوسيءَ سهڻ تي هريل هئا. هو وڏي دماغ وارا ۽ دل جا دلير هئا؛ تير ڪمان ۽ ٻيا هٿيار سدائين ساڻ هوندا هئن، ۽ وڙهڻ لاءِ هردم تيار هوندا هئا. سنڌو ماتر جي ماڻهن کي جيتي، ڪين پنهنجو تابع ڪيائون، تنهن کان پوءِ بہ هو مٿن ايتري قدر حشمت ڇمائي ويٺا هئا، جو عام طرح ماڻهو ڪين مان ڏيندا هئا. جيئن حڪومت ڪندڙ قوم کي رعيتي ماڻهو مان ڏين ٿا. اهو سياويڪ آهي تہ جڏهن ڪا ڌاري قوم ڪنهن ملڪ تي غالب پونديٰ آهي، تڏهن انهيءَ ملڪ جا رعيتي ماڻهو فتح ڪندڙ حاڪمن جي عام طرح پيروي ڪندا آهن. اول انهيءَ ڌاريءَ قوم جا لفظ روزمره جي محاوري ۾ اچي ويندا آهن، ۽ پوءِ پاڻ بہ سندين ٻولي سکي ساڻن ڳالهائڻ ٻولهائڻ جهڙا ٿيندا آهن. رفتي رفتي رعيتي ماڻهو سندين پوشاڪ، کائڻ پيئڻ جا نمونا، اُٿ ويھ جا قاعدا، ريتون رسمون ۽ ٻيون ڳالهيون اختيار ڪندا آهن، بلڪ سندن ڌرم بہ قبوليندا آهن. هن حالت ۾ بہ ائين ٿيو. قديم دراوڙن مان کي ذڪڻ هندستان ڏي هليا ويا، ۽ جيڪي آرين سان گڏ رهيا، تن تي آرين جي سنسڪرت ٻوليءَ ۽ سڀيتا جو اثر ٿيو. پر ٻولين جو توڙي ٻيو اثر هڪ طرفو نہ ٿيندو آهي، قديم دراوڙن جي سڀيتا بہ ان وقت جي ڪري اعليٰ درجي جي هئي، ۽ ان جو اثر خود آرين تي بہ ٿيو، اهو اثر ڪيتري قدر ٿيو، تنهن جو اندازو هيٺين ٿورين حقيقتن منجهان ئي لڳائي سگهجي ٿو. .

هندن جي گاڏڙ سڀيتا. رگ ويد واري زماني ۾ آريہ لوڪ دراوڙن سان لهہ

وچڙھ ۾ آيا، ۽ منجهانئن ڪن سان سگ بہ ڳنڍيائون، تہ اول ڪيترا دراوڙي لفظ سنسڪرت ۾ چالو ٿيا. اهڙن لفظن جي هڪ وڏي ياداشت بشپ ڪالڊويل پنهنجي ناهيل دراوڙي ٻولين جي گرامر (صفحي ٥٦٧ کان ٥٧٩ تائين) ۾ ڏني آهي، جنهن مان ٿورا مثال هي آهن: مڪت (موتي)، ڪٽيا (جهوپڙي)، ڪوٽ (قلعو)، پشپ (گل) ۽ نير معنيٰ پاڻي.

ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجيءَ بہ پنهنجي بنگالي ٻوليءَ جي تاريخ جي جلد پهرئين ۾ اهڙا مثال ڏنا آهن، ۽ چيو اٿس تہ ويدن جي براهمڻن ۾ بہ ڪيترا وڏيڪ دراوڙي لفظ اچي ويا آهن. ائين بہ چيو اٿس تہ دراوڙ جي ڪن ڌرمي ڳالهين جو بہ آڳاٽن آرين تي اثر ٿيو، جنهنڪري هندن جي هاڻوڪي سڀيتا ’هڪ گاڏڙ سڀيتا آهي، جنهن جا بانيڪار نہ فقط آريہ لوڪ، پر قديم دراوڙ لوڪ بہ هئا. ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجيءَ جو اهو بہ چوڻ آهي تہ هندو مجين تا تہ ماڻهو مرڻ کان پوءِ ٻيون ٻيون جوڻيون وٺي ٿو. اهو عقيدو آڳاٽن آرين قديم دراوڙن وٽان پرايو. ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ رگ ويد ۾ اڻ سڌيءَ طرح ڪي اهڙا اهڃاڻ آهن، جن مان سمجهجي ٿو تہ انهيءَ قديم زماني ۾ نہ آرين جو جوڻين ۾ اعتقاد هو، باقي ڪيترا پرمر ۽ سنسا، جنن پوتن بابت خيال، ۽ ٽوٽن ڦيٽن جا رواج دراوڙن وٽان پرايائون. ڪمار سواميءَ بہ اهائي ڳالهہ ڪئي آهي، ۽ چيو اٿس تہ هندستان جي هندن تي بہ دراوڙن جو اثر ٿيو آهي. * مطلب تہ جنگين ۾ دراوڙن کي آرين شڪ ڏني، تہ هنرن، ڪاريگرن وغيره ۾ دراوڙ کين شڪ ڏيني ويا. دراوڙن کي جيتي، آرين ڪتي ڪتي پنهنجون بيٺڪون وڌيون، ۽ پنهنجيءَ سڀيتا جو واڌارو ڪيئن ڪيائون، سو ذڪر ڏار ڪبو. هتي اول دراوڙن بابت ڦهليل غلط فهميءَ جو ذڪر ڪجي ٿو.

دراوڙن بابت غلط فهمي. قديم هندستان جي تاريخ پهريون گهمرو اٺوهين صديءَ ۾ يوروپي لوڪن ناهي، جيئن منڊ ۾ چاڻايو ويو آهي. جيڪو مضمون يوروپي لوڪن انگريزيءَ ۾ لکيو، سوئي ساڳيو سنڌيءَ

* The historian of Indian and Indonesian Art, A. Koomar Swamy says. "Indian art and culture, in any case, are joint creation of the Dravidian and Aryan genius, or welding together of symbolic and representative, abstract and explicit, language and thought".

۾ لکيل تاريخن ۾ آهي. هن وقت هندستان جي جيڪا به تاريخ پڙهجي ٿي، تنهن ۾ ائين ئي لکيل آهي ته آڳاٽا اڻ آريہ لوڪ اڻ سڌريل ۽ شڪل جا ڪارا هئا، ۽ آريہ لوڪ ڪائنن وڌيڪ سڌريل هئا ۽ شڪل ۾ نهايت سهڻا هئا. اهڙيون ڳالهيون قديم ڪولن ۽ سنتالن بنسبت ڪو چوي ته ٻي ڳالهه، باقي دراوڙن بابت ائين سنپالي چوڻ گهرجي، جيڪڏهن هي ڳالهه قبول ڪجي ته مهن جي دڙي واري سڀيتا دراوڙن جي آهي، ته پوءِ هنن بابت جيڪي تاريخن ۾ پڙهيو اٿئون، سو سڀ وسارڻو پوندو ۽ قديم هندستان جي تاريخ وري نئين سر تيار ڪرڻي پوندي. يورپي لوڪن اهڙيون غلطيون ڪيئن ڪيون، سا ڳالهه کولي ٻڌائجي ٿي، جو قديم هندستان جي تاريخ شروع ئي سنڌو ماٿر جي تاريخ سان ٿني ٿي، تنهنڪري اسان جو انهيءَ ڳالهه سان وڌو ئي واسطو آهي.

رگ ويد ۾ آرين ڏڪار وچان اڻ آرين کي گهٽ وڌ ڳالهيو آهي، مثلاً اڻ آرين بابت چيو اٿن ته "ڪتن وانگر ڀيانڪ ڀونڪار ڪري اسان کي ناس ڪرڻ لاءِ آيا آهن!" (منڊل پهريون ١٨٢، ٣). ڪين "ڪرشڻ" (سانورو يا ڪارو) "داس" (ٻانهو يا غلام) "دسيو" (چور يا رهزن) ۽ "اناس" (اٽاسو يا بي شرم) سڏيو اٿن.* اهو سياويڪ آهي ته ٻه ڏريون پاڻ ۾ وڙهنديون ته هڪ ٻني کي گهٽ وڌ ڳالهائينديون. پر ڪن يورپي عالمن رگ ويد ۾ "اناس" لفظ ڪم آيل ڏٺو ته اهو انومان ڪيائون ته اهو اشارو دراوڙن ڏي آهي، جن جا نڪ اڪثر ويڪرا آهن، چڻ ته منهن سان گڏيا پيا اٿن، جنهنڪري ڀانءِ ته نڪ اٿن ئي ڪونہ. رگ ويد ۾ "ڪرشڻ" لفظ به ڪم آيل ڏٺائون، ته هيڪاري ائين سمجهيائون ته دراوڙ لوڪ، جي هن وقت

---

* رگ ويد ۾ "اناس" لفظ رڳو هڪ ڀيرو (منڊل ٥، ٢٩، ١٠ ۾) ڪم آيل آهي، ۽ رڳو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. شايد آچاريہ جي چوڻ موجب "اناس" لفظ اصل ۾ آهي "عان" معنيٰ "نہ" ۽ "آس" معنيٰ "وات"، جنهنڪري اناس معنيٰ جنهن کي وات نہ هجي (Mouthless) معنيٰ جنهن کي ٻولي (سنسڪرت) پوريءَ ريت ڳالهائڻ نہ اچي. سنڌيءَ ۾ "اناس" جو اُچار آهي "اٽاسو" يعني جنهن کي نڪ ناس نہ هجي (نرجو يا بي شرم) يورپي عالمن به "اناس" جي معنيٰ ڪئي آهي جنهن کي نڪ ناس نہ هجي (Noseless).

مدراس ڪاتي ۾ رهن ٿا، ۽ شڪل جا اڪثر ڪارا آهن. تن لاءِ اهي لفظ ڪم آيل آهن. ائين رڳو دل جا انومان ڪڍي تاريخن ۾ ڄاڻايائون ته اڻ آريه لوڪ "ڪرشڻ" (سانورا يا ڪارا) هئا. آڳاٽن آرين بابت هيئن به سمجهيائون ته اهي نهايت سڌريل هئا ۽ اڻ آريه لوڪ ڪانئن گهٽو گهٽ هئا. تنهنڪري اهي "داس" ۽ "دسيو" سڏيا ويا آهن. ائين رڳو انومان تي مانداڻ منڊيائون ۽ ڪابه پڪي پختي ثابتي ڪانه هين.

رگ ويد ۾ چٽيءَ ريت ڄاڻايل آهي ته اڻ آريه لوڪ پاڳيا ماڻهو هئا ۽ منجهانئن جيڪي "پڻي" (وڻجارا يا واپاري) هئا، سي هيڪاري زور هئا. گايون، مينهون ۽ ٻيو چوپايو مال ججهو هنن ۽ وڙهڻ ۾ به پختا هئا. رگ ويد ۾ "پر" (شهر) ۽ "درگا" (قلعو) لفظ ڪم آيل آهن. اڻ آريه لوڪن جا شهر ۽ قلعا آريه لوڪن باهيون ڏيئي جلايا ۽ اندر ديوتا کي "پريندڙ" يعني قلعن جو ناس ڪندڙ ڪوٺيو اٿن. جو ڄاڻائون ٿي ته اندر ديوتا جي ڀاڄه سان ئي اڻ آريه لوڪن جي قلعن نابود ڪرڻ ۾ پاڻ سوڀارا ٿيا هئا. پر رگ ويد واري زماني ۾ آريه لوڪ پاڻ ڳوٺن ۾ رهندا هئا، جيئن اڄ به ڀهراڙين ۾ ماڻهو وسين ۽ واهڻن ۾ رهن ٿا. انهيءَ سبب عالمن سمجهيو ته اڻ آريه لوڪ، جي آرين کان گهٽ هئا، سي وري شهرن ۽ قلعن ۾ ڪيئن رهندا هوندا؟ رگ ويد ۾ "پر" ۽ "درگا" لفظ ڪم آيل به ڏٺائون، ته به عالمن ائين پئي ڀانيو ته اُهي شايد مٽيءَ يا پٿرن جا ٿُهيل اَجها هئا، جن ۾ اڻ آريه لوڪ وقت سر پناهه وٺندا هئا. مطلب ته ڏرمي، ٻنگتي ۽ ٻين سيني ڳالهين ۾ هندستان جي آڳاٽن رهاڪن جو مان مرتبو آريه لوڪن کان گهٽ ٿي ليکيائون. هندستان جا هندو به يورپي عالمن سان انهيءَ ڳالهه ۾ شامل راءِ هئا، جو هندو آڳاٽن آرين جي نسل مان آهن ۽ سپاويڪ طرح پنهنجي اصل نسل جو فخر اٿن. دراوڙ لوڪ آرين جي نسل مان نه آهن، تنهنڪري اهي "اڻ آريه" (Non Aryans) سڏجڻ ۾ آيا. انهيءَ "اڻ آريه" لفظ جو اُچار پوءِ ڦري ٿيو "اناڙي" ۽ هاڻ معني اٿس "اڻ سڌريل يا جهنگلي". ائين رڳو غلط فهميءَ سبب عام ماڻهن جي دلين تي اثر ويٺل هو، ته آريه لوڪ سڌريل ۽ اڻ آريه لوڪ اڻ سڌريل هئا. نه ته حقيقتاً دراوڙ لوڪ انهيءَ آڳاٽي زماني ۾ ئي نهايت سڌريل هئا. هاڻ اينسائڪلوپيڊيا برٽنيڪا جي

تازي (چوڏهين) ڇاپي ۾ مهن جي دڙي ۽ سنڌو ماتر جي سڀيتا جو ذڪر ڪندي ڄاڻايو اٿن، ته آرين لوڪن کي شايد لوهه جا هٿيار هئا. جنهنڪري هو اڻ آريه قومن کان ڪٽي ويا، نه ته اڻ آريه لوڪ ٻيءَ طرح ڪانئن گهٽ ڪين هئا. سر جان مارشل به پنهنجي ڪتاب "مهن جي دڙي" ۾ مٿي ذڪر ڪيل غلط فهميءَ جي ڳالهه ڪندي ڄاڻايو آهي ته اها ڳالهه ڪنهن کي خواب خيال ۾ به ڪانه هئي ته ڪو پنج هزار ورهيه اڳي اڻ آرين جي سڀيتا اهڙي هئي، جهڙي هينئر مهن جي دڙي مان ظاهر ٿي آهي. اها سڀيتا ان وقت جي مصر ۽ ايشيا جي الهندي طرف جي سڀيتا جهڙي آهي ۽ ڪن ڳالهين ۾ اتي جي سڀيتا کي به شهه ڏيئي بيٺي آهي.*
مثلاً ڪپهه مان ڪپڙي جوڙڻ جو هنر انهيءَ قديم زماني ۾ رڳو پنجاب ۽ سنڌ ۾ هو ۽ مصر ملڪ ۽ الهندي ايشيا ۾ به ٽي هزار ورهيه پوءِ جاري ٿيو هو.+ رگ ويد مان انين سمجهڻ ۾ پيو اچي ته آرين هندستان ۾ اچڻ سان سنڌو ماتر ۾ اعليٰ درجي جي سڀيتا ڏٺي هئي، جنهنڪري رگ ويد جي منڊل ڏهين جي سوڪت پنجهتر ۾ سنڌونديءَ جي گهڻي اُستتي ڪئي اٿن. پائنجي ٿو ته ميرو پربت ڇڏڻ کان پوءِ ڪيترا آريه لوڪ آرمينيا طرف هئا ۽ لوهه مارڻ جو هنر اتي سکيا، جو آرمينيا اڄ تائين ڌاتن جي ڪاٽين ڪري مشهور آهي. دراوڙ لوڪ اڃا لوهه مارڻ نه سکيا هئا، تنهنڪري آرين ڪين پنهنجي لوهي هٿيارن جي وسيلي آسانيءَ سان جيتي، سنڌو ماتر پنهنجي قبضي ۾ ڪئي هئي، نه ته ٻيءَ طرح دراوڙ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. اڄ به مدراس ڪاتي جي اڻ آينگر نندو ۽ ٻين آکهين وارا اعليٰ درجي جا انسان آهن، ۽ راجگو پال آچاريه ۽ ستيه مورتيءَ جهڙا مڙس هند جا ستارا سڏجن ٿا. سندن ابن ڏاڏن بابت يورپي لوڪن جون غلط فهميون

---

* Many fanciful theories started over a hundred years ago have with slight alterations to suit later so called ethnological conclusions, been accepted and repeated by later writers; and they are now put down in ordinary text books as if they are all proved history! The fact, however, is that no European has yet correctly understood Indian Vedic Literature, nor the true origin and principles of the caste system which has played such a great part in the building of Indian civilisation..." M. Krishnamacharya, see "Pre-Mussalman India" by M.S., Nateson, Introduction, p. 17.

+ "A marvellous culture surpassing in many respects the splendour of Egypt and Mosopotamia" Sir John Marshall.

تاريخن جي وسيلي ڦهلائڻ بلڪل نامناسب ڳالهه آهي. هن ڳالهه جو خاص هن ڪري ذڪر ڪيو ويو آهي، جو مدراس ڪاتي وارن تاريخن ۾ لکيل غلط ڳالهين تان اعتراض ورتا آهن. جن يوروپي عالمن شروع ۾ اهڙيون غلط ڳالهيون ڦهلايون، تن تي بہ چوهہ چنبڊيا اٿن، جو هندن جي ڌرمي پستڪن ۾ لکيل ڳالهيون هنن ان وقت پوريءَ ريت سمجهيون ئي ڪين هيون.*

---

* Sir John Marshall: Mohen-Jo-Daro and the Indus Civilization, Vol. I, introduction, p.6.

# باب ڇهون

## رگ ويد وارو زمانو

سنڌو نديءَ جو ذڪر. سنڌ ۽ سنڌوءَ جون ساڪون. سنڌ جي تاريخ سنڌ جي سڀيتا جي ساکن سان شروع ٿئي ٿي. هندن جي رگ ويد کان آڳاٽو پستڪ سڄيءَ دنيا ۾ ٻيو ڪونهي، تنهن ۾ ئي ڏسو ته سنڌ بابت اجهو هنن لکيل آهي:

"سنڌ گهوڙن ۾ شاهوڪار، رٿن (گاڏين) ۾ شاهوڪار ڪپڙي گنديءَ ۾ شاهوڪار، عمدن گهڙيل ڳهڻن ۾ شاهوڪار کاڌي پيتي ۾ شاهوڪار ۽ سدا تازيءَ اُن ۾ شاهوڪار آهي. "سلما" ٻوٽا يعني مڃ وغيره، جن مان واڻ ۽ رسيون ٺهن ٿيون، سي ٻوٽا به سنڌ ۾ ڪوڙ آهن، ۽ سڀاڳي سنڌوءَ جا ڪنارا ماکي ڏيندڙ گلن سان سينگاريل آهن"! (رگ ويد منڊل ڏهون سُوڪت ۷۵).*

هنن ٿورڙن لفظن جي معنيٰ وڏي آهي، اهي ڄاڻائين ٿا ته گهوڙا، گاڏيون، عمدا جوڙيل ڳهڻا (زيور) ۽ ڪپڙا، جي سڀيتا جون شاهاڻيون شيون آهن، سي آڳاٽن سنڌي ماڻهن وٽ موجود هيون. رگ ويد واري زماني ۾ ئي سنڌ جي سڀيتا اهڙي اعليٰ درجي کي پهتل هئي، جو ان وقت جي آرين هينن ساراهه جا ڏڪ پريا آهن، ۽ سنڌ جون ههڙيون ساکون پنهنجي هن ڌرمي پستڪ ۾ ڪيون اٿن.

قديم سنڌ جي سڀيتا ههڙي اعليٰ درجي کي سَنڌونديءَ جي پرتاپ ڪري رسي هئي، تنهنڪري آڳاٽن آرين سنڌونديءَ جي اُستتي (ساراهه)

* "The Sindhu is rich in horses, rich in chariots, rich in clothes, rich in gold ornaments well made, rich in food, rich in wool ever fresh, abounding in Silama plants, and the auspicious river wears honey-growing flowers." Req. Veda X. 75. Prof. Wilson's Translation.

ڪئي آهي، جنهن ۾ متيان لفظ چيا اٿن انهيءَ اُستتيءَ جو مضمون وڏو ۽ وڻندڙ آهي، جنهن ۾ هڪ رشي چوي ٿو ته "اي سنڌو جڏهن تون ميدان مان وهين ٿي، تڏهن بي شمار ڪاڏو پاڻ سان آڻين ٿي، (يعني تنهنجي پاڻيءَ تي ججهي پوک ٿئي ٿي) تنهنجو پاڻي اُتم آهي. اي سنڌو جيڪڏهن تنهنجي خوبصورتيءَ جي پيٽ ڪجي ته تون نو ورني ڪنوار وانگر آهين. سنڌو سدائين جوان ۽ سدائين سهڻي آهين وغيره".

جنهن رشيءَ هيءَ اُستتي ڪئي آهي، تنهن جيڪي پنهنجا شاعراڻا خيال هن نموني ظاهر ڪيا آهن، سي جيتوڻيڪ پنهنجي جاءِ چڱا آهن، ته به سندس ڪيل اُستتيءَ جو وڏيڪ قدر جاگرافيءَ جي خيال وچان ڪرڻو پوي ٿو. سنڌونديءَ سان ان وقت ڪهڙيون ڪهڙيون نديون اچي گڏبيون هيون، جي پاڻيءَ جي پرتي ڪنديون هيس، تن جا جيڪي نالا ڄاڻايا اٿس، سي جيتوڻيڪ هن وقت سڀ سڃاڻڻ مشڪل آهن، جي ڪيترا هزار ورهيه پوءِ يوناني تاريخ نويسن به ڄاڻايا هئا. هن مان ثابت آهي ته هن رشيءَ کي ان وقت جي ندين جي سرشتي جي بلڪل پوريءَ طرح سڌ هئي، ۽ اهو ندين جو سرشتو ڄاڻايو ٿي اهڙي ئي طرح اٿس، جو جڻ ته ان وقت ٿي پاڻ ترگناميٽيڪل پڙتال (Tirgnometrical Survey) ڪئي هئائين ڏسو ته چوي ٿا ٿو؟

"اي سنڌو پهريائين تون ترشتما (Trishtama) سان گڏجي وهين ٿي، ۽ پوءِ سسرتو (Susartu) ۽ رسا ۽ سويتي (سوات Swat River) سان. تون ڪيا (ڪابل ندي)، گومتي (گومال Gomal). ميهتنو (Mehatnu) ۽ ڪرمو (Krumn) (kurum River) سان گڏجي وهين ٿي!"

هن مان ظاهر آهي ته ڪرمو، گومتي (گومال) ۽ ڪيا يا ڪابل ندي، جنهن کي يوناني تاريخ نويسن ڪوفن (Kophen) سڏيو آهي، سي ان وقت وهنديون هيون، ۽ اهي سنڌو نديءَ جون پرتي ڪندڙ شاخون هونديون هيون، ۽ جمون دويپ ۾ رهندڙ آرين اهي اکين سان ڏٺيون هيون.

سنڌو نديءَ سان هيتريون نديون اچي گڏبيون هيون، ته ان وقت سنڌو نديءَ ۾ پاڻي ڪيترو هوندو هو، تنهن جو به اکين ڏٺو احوال ڏنو اٿس. چوي ٿو ته "سنڌوءَ جي گجگاٽ ڌرتيءَ تان اُٿي ٿي، ته اُها آسمان پريو

ڇڏي! سنڌو نهايت زور سان وهي ٿي، ۽ منهن مٺيادار اٿس. (نهايت سهڻي لڳي،ٿي)".

"سندس پاڻيءَ جو آواز اهڙو ٿو ٿئي، جو دل ڪري ائين پيو پائنجي، ڄڻ ته مينهن جون اوڙڪون گجگوڙ ڪري پيون وسن. اجها سنڌو ڏڳي وانگر رنڀندي پيئي اچي!"

"اي سنڌو جيئن سوئا ڳانيون کير سان پريل اوهن سان پنهنجن ڦرن ڏي ڊوڙن ٿيون، تيئن ٻيون نديون جدا جدا هنڌن مان پاڻي کڻي، تو ڏي رنڀنديون اچن ٿيون!"

رگ ويد ۾ جنهن رشيءَ هي لفظ چيا آهن، تنهن، جنهن مهل سنڌوءَ جي پرتي ڪنڌڙ ندين کي سنڌوءَ طرف وهندو ڏٺو آهي، تنهن مهل تشبيهه ئي اوُر ڪم آندي اٿس. چوي ٿو ته "اي سنڌو جيئن ڪو راجا جنگ ڪرڻ لاءِ نڪرندو آهي ۽ پٺيان لشڪر هوندو اٿس، تيئن تون به (شاهاڻي شوڪت سان) ندين جي اڳيان مهندار ٿي هلين ٿي، ۽ ٻيون نديون به پلٽڻيون ڪري تنهنجي پٺيان ائين هلن ٿيون، جو ڄڻ ته ساڳئي رٿ ۾ سوار آهيو".

هن رشيءَ پوءِ گنگا، جمنا، سرسوتي ۽ درشدوتي ندين جو ناماچار ڳائي، پنجاب جي پنجن ندين جي ساراهه ڪئي آهي. مطلب ته اتر اولهه سرحد، آگري ۽ ائوڌ جي گڏيل پرڳڻن ۽ پنجاب جي ندين جي هڪڙي ئي سوُڪت (۷۵) ۾ پڙتال ڪئي اٿس؛ پر سنڌوءَ جي ساڪن ڪندي ڊائو ئي ڪينهي. وري به چيو اٿس ته "سنڌو جا اجيت آهي، (ڪنهنجي جيتڻ جي ڪانهي). سا سڌي وهي ٿي. سندس ورڻ يا رنگ اڇو ۽ روشن آهي (پاڻي لڙاتيل نه اٿس)، ۽ هوءَ وڏي ندي آهي. سندس پاڻيءَ ۾ تک گهڻي آهي ۽ چئني طرف ٻوڙ ٻوڙان ڪري ٿي. جيڪي به متحرڪ يا چرندڙ شيون آهن، سي اهڙيون تيز رفتار نه آهن، جهڙي هيءَ سنڌو آهي!" ڏسو ته ڪهڙو پورو پورو ۽ دلپذير بيان ڪيو اٿس!

هن وقت سنڌو ندي پنجاب جي ندين کان ڌار ٿيڻ کان پوءِ مٺڻ ڪوٽ وٽان هڪ يڪي ندي ٿي، سنڌ ڏي اچي ٿي؛ پر رگ ويد واري زماني ۾ گهڻيون شاخون ٿي ايندي هئي، جنهنڪري رگ ويد جي ساڳي منڊل ڏهين (سوُڪت ۷۵) ۾ هيئن به چيل آهي ته "اي سنڌو ورڻ ديوتا تنهنجي

وهڻ لاءِ گهٽيون واتون ناهيون آهن". اهي لفظ نہ رڳو سنڌونديءَ جي متئين (اتر اولهہ سرحد علائقي واري پاڳي)، پر هيٺئين پاڳي سان بہ لاڳو آهن، جنهن لاءِ پارسين جي ڌرمي پستڪن مان بلڪل پڪي پختي ثابتي ملي ٿي.

زنداوستا ۾ سنڌوءَ جو ذڪر. پارسين جي زنداوستا ۽ ٻين ڌرمي پستڪن ۾ هماليہ جبل وارين قطارن کي "البورز" (مٿاهون جبل) سڏيو اٿن، ۽ اتان جيڪي نديون وهن ٿيون، تن مان بہ مکيہ ڪري ڇاڻايون اٿن. هڪڙي "وهہ" (Veh) نديءَ ٻي "ارنگ". جنهن بابت ڊاڪٽر مارٽن هاگ ڄاڻايو آهي تہ اها "آمي" (Ami) بہ سڏبي هئي. انهيءَ پوئين نالي "آمي" مان سمجهجي ٿو تہ اها "آمو درياهہ" (Oxus) هئي، تنهنڪري ان جي ڳالهہ ڇڏي، باقي "وهہ" جو ذڪر ڪجي ٿو.

زنداوستا ۾ زردشت کي اهرمزد (ڀڳوان) ٻڌائي ٿو تہ ڀهريائين مون فلاڻا هنڌ، ۽ پوءِ فلاڻا هنڌ خلقيا. ائين جهان جي پيدائش جو ذڪر ڪندي، "وهہ" نديءَ جو نالو ڄاڻايو اٿس.* پارسين جي بندهش (Bun-dahish) نالي ڪتاب ۽ مسٽر ويسٽر گيئرڊ جي ڇاپيل زنداوستا مان حوالا ڏيئي، ڊاڪٽر مارٽن هاگ (١٨٢٧ - ١٨٧٦ع) ميونچ يونيورسٽيءَ جي اڳوڻي سنسڪرت جي پروفيسر "وهہ" نديءَ بابت جيڪو نوٽ هنيو سو هتي بجنسي ڏجي ٿو.**

انهيءَ نوٽ مان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ زنداوستا جو "وهہ" لفظ اهو ساڳيو آهي، جنهن جو اچار هاڻوڪي پارسي ٻوليءَ ۾ آهي "ٻهہ" معني

* The eleventh of places and Districts produced perfect by me, who am Ahurmazd, was Het-homand (Hetumand, in Sistan) the illustrious (and) glorious; busy and deligent is the spirit which is subdued, some say that of the Veh river. Pahlavi Vendidad 1, 14.

** "The Veh (or good) river is one of the two chief rivers of the world, according to Bundahish, which states (Page 49 Westergaard's edition of the Avesta text) that 'these two rivers flow forth from the north part of the eastern Alborz, one towards the West, that is the Arang, (and) one towards the east, that is the Veh river' The spirits of the two rivers are also mentioned Bundahish, Page 50), and further particulars are given, thus (Bundahish, Page 51) 'The Veh river passes by on the east, goes through the land of Sind (and) flows to the sea in Hindustan and they call it there the Mehra river,' and in page 53 it is stated that the Veh river is also called the Kasak in Sindh." Dr. Marton Haug: Essay on the Sacred Language, Writings and Religon of the Parsis, P. 361.

"چڱو" ("بهتر" معني تنهن کان چڱو يا ٻين کان چڱو)، جنهنڪري چئبو
تہ اهو سنڌونديءَ جو هڪ صفاتي نالو آهي، جو قديم ايران ۾ چالو هو.
انهيءَ ساڳئي نوٽ موجب "بندهش" ۾ سنڌوءَ جو ٻيو نالو "مهرا" ڄاڻايل
آهي، تنهن مان سمجهجي ٿو تہ اهو لفظ اصل آهي "مهراڻ" ـ اها
سنڌونديءَ جي هڪ ڏار شاخ هئي، جا ايرندي ناري، ڍوري ٻراڻ ۽ ڪوري
ڪاريءَ مان وهي ڪڇ جي نار ۾ چوڙ ڪندي هئي. "بندهش" ۾ جيڪڏهن
"مهراڻ" بدران "مهرا" لکيل آهي، تہ اها سهو ڪاتب (Clerical error)
چئبي. ائين هندن جي پراڻن ۾ بہ ڪتي ڪتي لکڻ ۾ توريون توريون
ڀلون چوڪون ڪيون اٿن، ۽ اها ڪا وڏي ڳالهہ ڪانهي. وقتي هيئن بہ
هجي تہ قديم ايراني لوڪ "مهراڻ" بدران چوندا ئي "مهرا" هئا يعني
پڇاڙيءَ وارو "ڻ" جو اچار ڪندا ئي ڪون هئا. بهرحال ايترو يقين ڄاڻڻ
گهرجي تہ " مهرا" اهو ساڳيو لفظ آهي، جنهن جو سنڌ ۾ هن وقت بہ
صحيح اُچار "مهراڻ" آهي. انهيءَ ساڳئي نوٽ موجب سنڌونديءَ جو ٽيون
نالو "ڪاسڪ" هو. هندن جي پراڻن مان ايترو معلوم ٿئي ٿو تہ ڪاشيءَ
(بنارس) جو شهر، جن ڪاشي آرين جي ٻنيان سڏجي ٿو، تن جو هڪ وڏو
ڏاڏو "ڪاسڪ" هو. جنهنڪري بنارس يا ڪاشيءَ کي "ڪاشڪا" بہ
چوندا هئا. پر انهن ڪاشي آرين جو نالو "سنڌوءَ" تي ڪهڙي حساب سان
پيو، سو پتو ڪتان بہ پنجي نتو سگهي. جيڪڏهن مهراڻ وانگر
"ڪاسڪ" بہ اڳي سنڌونديءَ جي هڪ ڏار شاخ هوندي هئي، تہ انهيءَ ۾
بہ عجب ڪونهي. جنهن صورت ۾ هن ڳالهہ جي کوجنا اڄ تائين ڪنهن
بہ عالم ڪانہ ڪئي آهي، تنهن صورت ۾ هن بابت ڪجهہ بہ وڌيڪ چئي
نتو سگهجي. ايترو هتي ٻڌائجي ٿو تہ مهراڻ يا هاڪڙو، جنهن کي ڪن
پارسي تاريخ نويسن "واهندهہ" بہ سڏيو آهي، سو انهيءَ قديم زماني کان
وٺي ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي وقت تائين، ايرندي ناري جي پيٽ
مان وهي: ڏسلي تعلقي جي ڏکڻ ڏي، ڪڇ جي رڻ جي نزديڪ، هاٿوڪي
ڍوري "ٻراڻ" ۾ وڃي چوڙ ڪندو هو. "ٻراڻ" لفظ جي معني ئي آهي "ٻراٿو
يا جهونو درياهہ". ٻراڻ ۾ ايرندو ناروُ اچي چوڙ ڪندو هو تہ اها ٿوڪجي
وهندي هئي، ۽ ڪڇ جي رڻ جو ڪجهہ ڀاڱو سرسبز ڪندي، ڪوري ڪاريءَ

ڪان وهي، لکپت جي پريان لنگهي، ڪڇ جي نار ۾ وڃي چوڙ ڪندي هئي. ميان غلام شاهه ڪلهوڙي پراڻ جي پريان بند ٻڌايو ته ان جو پاڻي سنڌ جو سنڌ ۾ رهي، ۽ لکپت ڏي نه وڃي. لکپت جي ساريال پوک جو مدار ان تي ئي هو. تنهنڪري ڪڇ جي راءِ کي لکن جو نقصان پهتو. سن ١٧٥٨ع کان اڳ سنڌو ندي نصرپور وٽان وهندي هئي. انهيءَ سال اتان رخ ڦيرايائين، ته هن پاسي پاڻي اچڻ گهٽيو. سن ١٨١٩ع ۾ خوفناڪ زلزلو ٿيو ته مهراڻ يا هاڪڙو هيڪاري سڪي ويو.

# باب ستون

## آرين جا خاندان ۽ بيٺڪون

رگ ويد وارو هندستان. رگ ويد مان معلوم ٿئي ٿو تہ آڳاٽا آريا لوڪ ستن ندين جا ڪنارا پاڻيءَ جي سهنج ڪري والاري ويٺا هئا، جنهنڪري سندن والاريل ملڪ "سپت سنڌو" يعني ست درياهو سڏبو هو.* ڪن عالمن کي رگ ويد مان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ انهن ستن ندين مان پنج نديون پنجاب واريون هيون، ڇهين سرسوتي ۽ ستين سنڌو، جنهن ۾ سنڌو نديءَ جون پرتي ڪنڌڙ نديون (Tributaries) يعني ڪابل ندي، گومتي (گومال)، سوات ۽ ڪرم بہ ليکيون وڃن ٿيون، جي تنهن وقت وهنديون هيون ۽ سنڌو نديءَ سان اچي گڏبيون هيون. ندين جا اهي سڀ نالا رگ ويد جي منڊل ڏهين ۾ ڏنل آهن. ان ۾ گنگا ۽ جمنا ندين جا نالا بہ ڄاڻايل آهن، پر اهي گهٽو پوءِ ناميارين ٿيون، ۽ پوتر ليکجڻ ۾ آيون- اول رڳو سرسوتي ندي پوتر ليکبي هئي ۽ سنڌو ندي وڏي ۽ مکيہ هئي، تنهنڪري رگ ويد ۾ گهڻي ساک رڳو انهن جي لکيل آهي. انهن ندين جي ڪنارن تي آرين جون جيڪي بيٺڪون هيون، تن ۾ سنڌ، پنجاب، ڪشمير ۽ گنڌار (قنڌار) يعني هاڻوڪو پشاور ۽ ان جي آسپاس وارو ملڪ (هاڻوڪو افغانستان ۽ بلوچستان جي حدن تائين) اچي ٿي ويا. آرين جي انهن بيٺڪن کان ٿي گهڻو اڳي، سور جونسي گهراڻي وارا ايوڌيا ۾، ۽ چندر ونسي گهراڻي وارا پرتيستان (الہ آباد) ۾ راڄ ڪندا هئا، پر

* عربي جاگرافي نويسن بہ انهيءَ سبب ان کي "سبع سين" يعني "ست درياهہ" ڪوٺيو آهي.

اهي ٻاسا رگ ويد واري هندستان ۾ نہ ليکيا اٿن، جو ان وقت شايد ايڏهين اڻ آريہ لوڪ گهٽا هئا. بنگال، بهار ۽ ٻين هنڌ بہ اڪثر اڻ آريہ قومون رهنديون هيون، جي پڻ پوءِ آرين جي دفعي ۾ ليکجڻ ۾ آيون. سپت سنڌوءِ ۾ رهڻ ڪري آرين جو ملڪ "سنڌو" نالي مشهور ٿيو. سنڌ جو پرڳڻو بہ "سنڌو" سڏبو هو، جنهن جو اچار پوءِ ڦري "هندو" ٿيو، ۽ رفتي رفتي سارو ملڪ هندستان سڏجڻ ۾ آيو. سرسوتي نديءَ ۽ سنڌو نديءَ جي وچ وارو ملڪ رگ ويد جي منڊل ٽئين (٣٣، ٣) ۾ ("ديو ڪرت يوني" (Devkrta yoni) سڏيو ويو آهي، جنهن جي اکري معنيٰ آهي "ديو يا ڀڳوان جو جوڙيل ملڪ" (God fashioned Country) . مطلب تہ اهو ملڪ اهڙو سرسبز ۽ پريو ڀاڳيو هو، جو ڄڻ تہ واليءَ خاص طرح ساڻس پنهنجو وڙ ڪيو هو، جنهنڪري آرين ڪيس اهو نالو ڏنو.

سنڌ ۾ سور جونسي. آرين ۾ هڪڙا سور جونسي ٻيا چندرونسي هئا. سور جونسي گهراڻي مان پهريون راجا اِڪشو اَڪو هو، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ ايوڌيا هو، جو نالو هاڻ "اَئوڌ" تي پيل آهي. اڪشو اڪو جي ڀيڻ جو نالو "اِلا" هو، جا ٻڌ سان پرڻيل هئي. ٻڌ جي پيءُ جو نالو "سوم" (چنڊ) هو، تنهنڪري انهيءَ خاندان وارا چندرونسي سڏبا هئا. چندرونسي گهراڻي مان پهريون راجا پرورس هو، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ "پرتسيٺان" (Pratisthana) هو، جو هاڻ الهہ آباد سڏجي ٿو. راجا پورس ۽ سندس اولاد "آئل" (Aila) يعني "اِلا" سڏيا ويا آهن. اهي ميرو پربت ڪان وچ هماليہ جبل واري واٽ وٺي اتر هندستان ۾ آيا هئا. جا ڳالهہ پراڻن ۾ ڄاڻايل آهي. اها هڪ وڏي سند آهي، جنهن جي آڌار تي اسان چيو آهي تہ آريہ اصل هندستان جا رهاڪو نہ هئا؛ پر ميرو پربت ڪان آيا هئا.*

• What does tradition say about the origin of the Ailas or Aryans? It makes the Aila power begin at allahabad, and yet distinctly suggests that they came from outside India. The legends and fables about the progenitor Pururavas Aila, all connect him with the middle Himalayan region. He was closely associated with the Gandharvas. His wife Urvasi was a Gandharvi, as welll as called an apsaras. The places he fequented were the river Manda Kini(منداڪني) Alaka "الڪا" the Caitraratha and Nandnna forests, the mountains Gandhamadana (گنڌمادنا) and Meru and the land of the Uttara-Kurus regions to which the Gandharvas were assigned. From the Gandharvas he obtained sacrificial fire, his sons were known in the Gandharva world, and he ultimately became united with the Gandharvas." F.E. Pargiter: Ancient Indian Historieai Tradition p. 297.

سنڌ جو واسطو ٻنهي گهراڻن وارن سان آهي. هتي اول ايترو ڄاڻائجي ٿو تہ سورجونسي گهراڻي وارا، جن مان راجا اڪشو اڪوءَ کان گهڻو پوءِ راجا دسرٿ ۽ سري رامچندر پيدا ٿيا، سي قديم زماني ۾ سنڌ ۾ بہ هئا. انهيءَ ڳالهہ جو پتو هن ريت پيو آهي:

نهايت قديم زماني ۾ سنڌ ۾ "پاتال" نالي هڪ ناميارو بندر هو، جنهن جو پراڻن ۾ ذڪر آهي. عيسوي سن کان سوا ٽي سو کن ورهيہ اڳي، سڪندراعظم جي وقت ۾ بہ اهو بندر مکيہ هو، تنهنڪري يوناني تاريخ نويسن بہ ان جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ نالو بہ ساڳيو "پاتال" بندر ڄاڻايو اٿن. ان بابت جيڪي ڏس پتا ڏنا اٿن، تن مان صفا ظاهر آهي تہ اهو بندر هاٿوڪي ڪراچي ضلعي واري لاڙ ۾ هو، جتان سنڌو نديءَ ٻہ وڏيون شاخون ٿي وهنديون هيون. اها ٻہ ـ درياهي اڄ تائين گهوڙا ٻاري تعلقي ۾ آهي، جتان درياهہ جي هڪ شاخ ڪيٽي بندر ۽ ٻي شاهہ بندر ڏي وڃي ٿي؛ پر اڳي سمنڊ گهڻو اوريرو يعني ٺٽي طرف يا اڃا بہ شاهہ ڪپور طرف سمجهبو، جتان اڳي درياهہ وهندو هو. ميجر جنرل هيگ پنهنجي ڪتاب "انڊس ڊيلٽا ڪنٽري" (Indus Delta Country) جي صفحي ۲۰ ۾ انهيءَ پاتال بندر جو ذڪر ڪندي ڄاڻايو آهي تہ ٿبيٽ مان هڪ ڏند ڪٿا ملي آهي، جنهن مان سمجهجي ٿو تہ اڪشو اڪو ڪل وارا (سورجونسي) انهيءَ پاتال بندر ۾ رهندا هئا، ۽ آريہ لوڪن جون سڀ کان آڳاٽيون بيٺڪون سمنڊ جي پر ۾ هيون. مطلب تہ سري رامچندر جا ابا ڏاڏا ڪنهن وقت سنڌ ۾ بہ هئا. ميجر جنرل هيگ اهو ڄاڻايو ٿي ڪونهي، تہ اهي ايوڌيا طرف جا آريہ لوڪ سنڌ ۾ ڪهڙي حساب سان آيا. پر پراڻ ۽ اتهاس انهيءَ ڳالهہ تي ڪجهہ روشني وجهن ٿا.

پراڻن پٽاندر راجا اڪشو اڪوءَ جي مربي پٽ وڪڪسي ششاد (Vik-uksi Sasada) ايوڌيا ۾ راڄ ڪيو. ٻيو پٽس نيمي (Nimi) نالي هو، جو "وديهہ" (Videh) بہ سڏبو هو. انهيءَ نيپال کان وٺي مگڌ (بهار جي ڏاکڻي پاسي) جي اتر ايرندي طرف تائين پنهنجو ڏيہ جمايو هو، ۽ اهو سمورو ملڪ سندس نالي پٺيان "وديهہ" سڏبو هو. اڪشو اڪوءَ جو هڪڙو ڀاءُ نابا نيدشت (Nabhanedishtha) هو، جنهن جي اولاد مان "وشال" نالي

هڪ راجا هاٿوڪي مظفرپور ضلعي وارو پاسو هٿ ڪيو ۽ اتي جيڪو سندس گادي ۽ جو هند هو، سو سندس نالي پٺيان "وئشالي" سڏجڻ ۾ آيو. اڪشو اڪو ۽ جو ٻيو پاءُ شرياتي هو، جنهن جي اولاد مان "آنرت" نالي هڪ راجا هاٿوڪي گجرات وارو پاسو پنهنجي قبضي ڪيو، تنهنڪري گجرات وارو پاسو سندس نالي پٺيان "آنرت" سڏبو هو. هن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ سورجونسي گهراڻي وارا رگهو پگهو ايوڌيا ۾ ڪين هئا، پر پنهنجي حڪومت جي حد گهڻي قدر وڌائي هئائون، پراڻن ۾ جيتوڻيڪ اهو چاٿايل ڪونهي تہ سنڌ جو پرڳڻو بہ سندن تابع هو يا نہ، تہ بہ رامائڻ مان ايترو ظاهر آهي تہ سري رامچندر جي پيءُ راجا دسرت جو سنڌ سان بلڪل گهڻو ناتو هو. وڏي ڳالهہ تہ راجا دسرت کان پوءِ سنڌ جو حاڪم ئي سري رامچندر جو پاءُ پرت هو. پڏڙمر واري زماني ۾ سنڌ جي گادي ۽ جو هنڌ "وئشالي" هو. اهي جيتوڻيڪ پوءِ جون ڳالهيون آهن، تہ بہ انهن مان ايتري پڪ ٿني ٿي تہ سنڌ جو ناتو ڪجهہ وقت سورجونسي گهراڻي وارن سان برابر هو.

راجا اڪشواڪو توڙي سندس پاٽيجو راجا پروروس ڪنهن نهايت قديم زماني ۾ ٿي گذريا آهن. رگ ويد ۾ راجا پروروس جي پٽ پوٽن ۽ تڙ پوٽن جو ذڪر آهي؛ پر رگ ويد منجهان ئي سيني آرين جي سيتا ۽ ٻين ڳالهين جو جهو پتو پوي ٿو. اتهاس ۽ پراڻن مان تاريخ لاءِ گهڻو ئي ذخيرو ملي ٿو، تنهنڪري هينئر خود يوروپي لوڪ انهن ڌرمي پستڪن جو جهو قدر ڪن ٿا،* ۽ پنهنجن جوڙيل تاريخن ۾ اول رگ ويد وارا احوال ڏين ٿا. ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا ۽ ٻيون تاريخون، جي سنڌ ڪري ليکجن ٿيون، سي سڀ ائين جڙيل آهن. انهن جي جڙڻ کان پوءِ بہ ڪي وڏيڪ کوجنائون ٿيون آهن، تنهنڪري سنڌو ماٿر جا احوال انهن بنهہ تازين کوجنائن پٽاندر هتي ڏجن ٿا.

رگ ويد ۾ گهڻو ذڪر چندرونسي گهراڻي جي راجائن جو آهي، پر انهن جو پيڙهي ۽ بہ پيڙهي ۽ احوال اتهاسن ۽ پراڻن ۾ ڏنل آهي، تنهنڪري

* "The Hindu statements have almost universally been regarded as vey different from the fictions of an improved and credulour people and entit'ed to a very serious and profound investigation." Historians History of the World. Vol. II, p.495.

اسين اهو به ڳڌي ڄاڻائينداسين ته سنڌين تاريخ سمجهڻ سولي ٿئي. پراڻن مان اهو به ظاهر آهي ته جن آرين سنڌو ماٿر ۾ پنهنجو ڏيرو ڄمايو، سي اصل هماليه جبل جي پريان، بنهه اتر طرف ٿڌي ملڪ ۾ ميرو پربت تي رهندا هئا، ۽ پوءِ جڏهن سنڌو ماٿر ۾ اچي ويٺڪون وڌائون، تڏهن هندستان سنڌن آستان يا ماڳ ليکجڻ ۾ آيو.+

چندر ونسي آرين جا ڪل يا خاندان. رگ ويد ۾ ڄاڻايل چندرونسي گهراڻي وارا آريه لوڪ جدا جدا ڪلن ۾ ورهايل هئا، جن مان پنجن ڪلن يا خاندانن وارا مکيه هئا، جنهنڪري "پنج جن" يعني پنج ڄڻا يا پنجن نياتن وارا (Five folks or five peoples) رگ ويد ۾ گهڻا گهمرا ڪم آيل آهي. مطلب ته چندرونسي گهراڻي وارن جون پنج مکيه شاخون هيون، ۽ هر شاخ وارا پنهنجي ڪنهن وڏي ڏاڏي جي نالي پٺيان سڏبا هئا. انهن پنجن شاخن يا نياتن مان هڪڙا سڏبا هئا يدو (يادوءَ يا جادوءَ ونسي)، ٻيا تروسو، ٽيا پروءُ چوٿان آنوءَ ۽ پنجان درهيو. اهي ڪير هئا، سا ڳالهه رگ ويد ۾ ڄاڻايل ڪانهي؛ پر اتهاسن ۽ پراڻن مان سنڌن سربستو احوال ملي ٿو.

راجا پروروس، جنهن بابت مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي ته چندرونسي گهراڻي جو بنياد وڌو هئائين، تنهن جو پڙ پوٽو راجا يياتي هو، جنهن کي به راڻيون هيون: هڪڙيءَ جو نالو "ديوياڻي" هو، جا آسرن جي گروءَ شڪر آچاريه جي نياڻي هئي، ۽ ٻيءَ جو نالو "سرمشٽا" هو، جا دئتن، دانون ۽ اسرن جي راجا "ورس پرون" (Varsparuan) جي نياڻي هئي.* راجا يياتيءَ

+ "At the first dawn of the traditional history we see that these Aryan tribes, migrating across the snow of Himalyas southwards towards the "Seven Rivers" (the Indus, the five rivers of the Punjab and the Sarasvati), and ever since India has been called their home. That before this time they had been living in more northern regions, within the same precincts, with the ancestors of the Greeks, the Italians, Slavonians and Celts, is a fact as firmly established as that of the Normans of William the Conqueror were the Northern Scandinavians". Prof. Max Muller: Chips from a German Workshop, Vol. I. p.63.

* دئت، دانو ۽ اسر اصل قومن جا نالا هئا، جيئن مها ڀارت ۾ ڄاڻايل آهي، انهن قومن لاءِ پوءِ آرين نفرت ظاهر ڪئي، جنهنڪري انهن لفظن کي پوءِ خراب معانائون مليون. ابو ڀهاڙ جي آسپاس "شالو" لوڪ رهندا هئا، انهن کي دانو ۽ دئت سڏيائون. اٿرو ويد ۾ تورڙي پارسين جي زندا وستا ۾ "دانو" لفظ انهن

ڪي راڻي ديويانيءَ مان ٻه پٽ، يدو ۽ تروسو، ۽ راڻي سرمشٽا مان ٽي پٽ، درهيو، انو ۽ پرو هئا. انهن پنجن پٽن جو اولاد سندن ني نالن پٺيان سڏبو هو. مطلب ته اهي "پنج جن" اصل هڪڙي ئي ڏاڏي جو اولاد هئا؛ پر پوءِ وچ ۾ گهڻيون پيڙهيون پنجي وڃڻ هيون. جنهنڪري رگ ويد ۾ اهي جدا جدا خاندانن جا سڏيا ويا آهن. انهن خاندانن جون به علحديون علحديون شاخون هيون. ڪي پنهنجي ويجهي ڏاڏي ته ڪي ڪنهن ڏورانهين ڏاڏي جي نالي پٺيان پاڻ کي سڏائيندا هئا. انين جملي چاليهن کن خاندانن جا نالا رگ ويد ۾ چاٿايل آهن؛ پر منجهانئن مکيه وري به "پنج جن" هئا. اهو "پنج جن" وارو خيال هن وقت "پنچات" لفظ ۾ سمايل آهي؛ جنهن جي اصل معني هئي "پنجن ڄڻن جو ميڙ".

سنڌ ۾ جادو ونسي. آڳاٽا آريه لوڪ جدا جدا وقتن تي ٽوليون ٽوليون ٿي هندستان ۾ آيا هئا. پولين جي ڪوجنائن مان عالمن کي ائين وسهڻ لاءِ سبب پيدا ٿيو آهي ته ڪي آريه لوڪ وچ ايشيا کان آرمينيا طرفان اول ايران ڏي ويا، ۽ پوءِ جبل جهاڳي ۽ لڪ لتاڙي هندستان ۾ آيا. پراڻن پٽاندر راجا پروروس جنهن چندر ونسي گهراڻي جو بنياد وڌو سو وچ هماليه جبل واريءَ وات کان آيو هو. سندس ني ڪل مان راجا يياتيءَ جي ٻن پٽن يدو ۽ تروسو، جي اولاد بابت رگ ويد ۾ چاٿايل آهي ته اهي سمنڊ جي رستي آيا هئا، ۽ اندر ديوتا پنهنجيءَ پاجهه سان کين سلامتيءَ سان آڻي پهچايو هو.* انهيءَ باري ۾ ڪوجنائن ڪرڻ سان يوروپي عالمن کي يقين ٿيو آهي ته اهي يدو ۽ تروسو آريه لوڪ بابل يا بئبلان (بئبلونيا) کان سمنڊ رستي

(آئندل صفحي ۱۴۸ تان)
دشمنن لاءِ ڪم ايل آهي، جن سان جنگ جوڻڻ گهرجي. "اَسر" (اهر) نالو ايرانين لاءِ ڪم آيل آهي، تنهنڪري شڪر آچاريه ايران وارن آرين جو گرو چئبو. هندستان ۽ ايران وارا آريه لوڪ اصل هڪ يڪي برادري هئا، ۽ پوءِ اهي ٻه ڌار قومون ٿيون ـ جينن مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي؛ ۽ ٻڻ ڏسو پارجيٽر صاحب وارو ڪتاب صفحو ۲۹۰ ۽ ڊاڪٽر مارٽن هاگ جا پارسي مذهب بابت مضمون صفحو ۲۷۹.

• Thou roaring Indra, bravest on the waters that make a roaring sound like rushing rivers. What time, O Hero, o'er the sea thou broughtest, in safety broughtest, Turvasu and Yadu." Reg Veda VI–20, 12. Griffith's Translation.

اول سنڌ ۾ اچي رهيا هئا. اڳي انهيءَ طرف کان ماڻهو ٻنگين ۽ جهازن ۾ چڙهي، ايراني نار وارو ڪنارو ني ڪنارو ڏيني، سنڌونديءَ جي چوڙ وٽ اچي لهندا هئا. انهن کوجنائن جا وڏا بيان رائل ايشياٽڪ سوسائٽين جي جنرل ۾ ڏنل آهن. جن مان ٿورو مضمون سن ١٩١٠ع ۾ ڪراچيءَ جي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج مسيلنيءَ ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.+ هن مان ائين سمجهجي ٿو ته يدو ۽ تروسو آريہ لوڪ وچ ايشيا کان اول الهندي ايشيا طرف ٽڙي پکڙي ويا هئا، ۽ پوءِ اتان سمنڊ جي رستي سنڌ ڏي آيا هئا، يا هينن بہ چنجي ته هندستان ۾ اچڻ کان پوءِ ايڏانهن ويا هئا ۽ سمنڊ جي رستي موٽيا هئا. بهرحال ايترو بہ ڪ سان چئبو ته رگ ويد واري زماني ۾ ني آريہ لوڪ سمنڊ جو سفر ڪندا هئا، ۽ پروفيسر منڪڊونيل جو چوڻ ته رگ ويدڪ آرين سمنڊ ڏٺو ني ڪونہ هو، سا بنهہ غلط ڳالهہ آهي.

يدو آريہ لوڪ راجا يدوءَ جو اولاد هئا، تنهنڪري يادوَ (جادوَ) ۽ يادوَ ونسي (جادوَنسي) يعني راجا يدوءَ جو اولاد سڏبا هئا. سري ڪرشڻ بہ جادوَ ونسي ڪل مان هو، جنهنڪري چئبو ته سندس ابا ڏاڏا اصل ڪجهہ وقت سنڌ ۾ هئا. جيسلمير جا ڀٽي راجپوت، ۽ سنڌ، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جا سما راجپوت بہ جادوَ ونسي ڪل مان آهن.*

رگ ويد موجب يدو آرين سان گڏ ٻيا تروسو آريہ لوڪ سمنڊ جي رستي آيا هئا. انهن بابت براٺن ۾ جاٺايل آهي تہ هنن پوءِ ڏکڻ هندستان ۾ وڃي پنهنجون بادشاهتون برپا ڪيون جي پانڊيہ، چول، ڪيرل وغيره

+ "We know from recent historical research that before the Aryan conquest, Sind was peopled by the tribes of Yadus and Turvasus." D.J. Sindh College Miscellency, monsoon term issue of 1910, p.82.

* گرنار ڪوٽ جو حاڪم راءِ ڏياچ سنڌ (ننگر ٺٽي) جي چوڙا سما راجپوتن مان هو. تنهنڪري شاهہ جي رسالي ۾ هو "جادم" (جادوَ) يا جادوَ ونسي سڏيو ويو آهي.

"پسي بات پر ٿيو، سندو جادم جود". (شاهہ)

سنڌ جي حاڪم جام تماچيءَ جو ياتيو (جام اوڍي جو ٻٽ) جکرو هو. تنهن کي بہ شاهہ صاحب "جادم جکرو" سڏيو آهي ـ هن مان ظاهر آهي ته شاهہ صاحب کي سڌ هئي تہ سما راجپوت جادوَ ونسي ڪل مان هئا. تنهنڪري کين "جادم" (جادوَ) سڏيو اٿس. (مصنف).

نالن سان مشهور ٿيون.* اتر هندستان جي ڪن آرين ۽ ڏکڻ هندستان جي چول لوڪن پوءِ بئبلونيا ۾ ٻين پاسي ٻيڻڪون وجهي، يورپ تائين وڻج واپار پئي ڪيو، جي ڳالهيون باب ٻارهين ۾ ڄاڻائبيون.

ٻين آرين جون ٻيڻڪون. يدو ۽ تروسو آرين کان سواءِ ٻيا "پرو" آريہ لوڪ هئا. نهايت قديم زماني ۾ انهن مان پرت نالي هڪ ناميارو راجا ٿي گذريو آهي، جو راجا دشينت ۽ شڪنتلا جو پٽ هو. جنهن جي نالي تيان سارو ڀارت کنڊ سڏجي ٿو. پرو آرين مان ڪي ٻنهنجي انهيءَ وڏي ڏاڏ ي جي نالي بنياد ڀاڻ کي "ڀرت" آريہ لوڪ سڏائيندا هئا. رگ ويد واري زماني ۾ منجهانئن ڪي شتدري (ستلج). تہ ڪي سرسوتي نديءَ جي ڪناري تي رهندا هئا.

"پنج جنن" مان چوٿان "آنو" آريہ لوڪ هئا، جي "انو" يعنی راجا انوءَ جو اولاد سڏبا هئا. رگ ويد واري زماني ۾ اهي پرشني نديءَ جي ڪناري تي رهندا هئا. جا پوءِ "اراوتي" يعني تازگي بخشيندڙ يا فرحت ڏيندڙ سڏبي هئي. ۽ هاڻ اچار ڦري "راوي" ٿيو اٿس.

پنج جنن مان پنجان "درهيو" آريہ لوڪ هئا، جي آنو آرين جا ويجها سوٽ هئا. انهن درهيو آرين مان هڪ جو نالو گندار هو، جو هاڻوڪي پشاور ۽ ان جي آسپاس وارن هنڌن ۾ راڄ ڪندو هو. سندس جيڪو گاديءَ جو هنڌ هو، سو سندس بنياد "گانڌار ـ گندار" سڏبو هو، جنهن جو اچار پوءِ ڦري "قندار" ٿيو. اهي درهيو آريہ لوڪ پشاور ۽ ان جي آسپاس سنڌو نديءَ جي پرتي ڪندڙ ندين (ڪابل ندي وغيره) جي ڪنارن تي رهندا هئا. مطلب تہ آڳاٽا آريہ لوڪ اول رڳو سنڌ، پنجاب ۽ اترـ اولهہ سرحد علائقو والاري ويٺا هئا. ۽ اهوئي رگ ويد واري زماني جو هندستان ليکيو ويو آهي. جيئن متي اڳيئي چيو ويو آهي. ان وقت سنڌ جون حدون کهڙيون هيون، سو پتو ڪونهي، پر سپيتا سيني هنڌ ساڳي هئي.

آرين جي ٻوليءَ ۾ ڦير. آڳاٽن سيني آرين جي مادري زبان سنسڪرت هئي؛ پر هندستان ۾ اچڻ کان اڳ گهڻن هنڌ پٽڪيا تا ڏسجن ۽ جدا جدا هنڌن جي قومن سان لهہ وچڙهہ ۾ آيا تا ڏسجن. هندستان ۾ اچڻ کان پوءِ

* F.E Pargiter: Ancient Indian Historical Tradition, p. 108.

۽ منجهانئن ڪي سنڌ ته ڪي پنجاب، ته ڪي اتر ـ اولهه سرحد علائقي ۾ ته ڪي ٻين هنڌ رهندا هئا. انهن ڳالهين جو پهريون ۽ مکيه اثر سنڌن ٻوليءَ تي ٿيو. هن وقت سڄو هندستان چندرو ونسي گهراڻي جي راجا پرت جي نالي پٺيان ڀارت ڪنڊ سڏجي ٿو. تنهنڪري جيڪر ائين سمجهجي ته اهي پرت آريه لوڪ، جي پرو آرين جي شاخ مان هئا. سي پنج جنن ۾ ورڪ هئا: ۽ سنڌين ئي ٻولي نيٺ هئي: پر رگ ويد ۾ ٻين آرين کين سڏيو آهي، "مرڌ رواچ" (Mrdhra – Vacha) يعني جن جي ٻولي پوريءَ ريت سمجهڻ ۾ نه اچي (رگ ويد، منڊل ستون ١٨، ١٣). اهو ساڳيو لفظ رگ ويد جي منڊل پهرئين (١٧۴، ١٢)، منڊل پنجين (٣٢، ١٨) ۽ منڊل ڏهين (٢٣، ۵) ۾ اڻ آريه قومن لاءِ به ڪم آيل آهي. هن مان ظاهر آهي ته ٻين آرين کان پرو (پرت) آريه لوڪ اڻ آريه قومن سان گهڻو لهه وچڙهه ۾ آيا هئا. جنهنڪري ٻيا آريه، جي جيتوڻيڪ سنڌن ڏورانهان سوٽ هئا، تن کان سنڌين ٻولي وڌيڪ ڦريل هئي، جنهنڪري اهي "مرڌ رواچ" سڏيا ويا آهن.

ڌرم ڪرم ۾ ڦير. آرين جي نه رڳو ٻوليءَ ۾ ڦير هو، پر ڌرم ڪرم ۾ به ڦير هو. مثلاً سري ڪرشڻ جا ابا ڏاڏا، جي يدو آريه (جادو ونسي) هئا، ۽ سنڌن ويجها سوٽ جي "تروسو" آريه سڏبا هئا، تن کي رگ ويد ۾ ٻين آرين ڌڪار وچان "داس" سڏيو آهي، جو اهي ڪجهه وقت ويدن کي ڪين مڃيندا هئا ـ (رگ ويد، منڊل ڏهون).* پوڄا ۾ به ڦير هئن. جيڪي آريه ويدڪ ڌرم جا هئا، سي اندر ديوتا جي پوڄا ڪندا هئا. جيڪي ويدڪ ڌرم جا نه هوندا هئا، سي اندر پوڄا جي برخلاف هوندا هئا. اهي وري لنگ جا پوڄاري هوندا هئا، ۽ "شيشنه" ۽ "شيشنه ديوا" سڏبا هئا يعني جن جو "اِشٽ ديو" (Chosen Deity) "شيشنه" (لنگ Phallus) هجي. ويدڪ ڌرم وارا لنگ جي پوڄا جي بنهه برخلاف هوندا هئا، جنهنڪري رگ ويد ۾ لنگ جي پوڄارين لاءِ ڌڪار ظاهر ڪئي اٿن، ۽ کين "اَڪرمن" (ڪريا ڪرم کان رهت) (Riteless)، "ابراهمڻ" (Without devotion)، "آديويه" (In-

* "The Yadus and the Turbases were designated as Dasas, because they had seceded from the Vedic faith for a time." (Reg. Veda X, 62, 10). Quoted by Dr. A.C. Das: Reg. Vedie Culture Page 128.

(Not sacrificing) ۽ "آيجنيہ" يعني يگيہ نہ ڪندڙ ، different to Gods) پين اُگرن نالن سان سڏيو اتن.* مطلب تہ لنگ جي پوڄارين جو ڌرم ڪرم اندر جي پوڄارين کان بنھہ علحدو ھو.

لنگ جي پوڄا. ڪيترن يوروپي عالمن کي کوجنائن ڪرڻ سان معلوم ٿيو آھي تہ دنيا جي سڀني پوڄائن مان لنگ جي پوڄا جو رواج نھايت قديم آھي.** قديم مصر ملڪ جا رھاڪو ۽ آڳاٽا يوناني ۽ رومن لوڪ "پريئپس" (Priapus) کي پوڄيندا ھئا. قديم بت پرست يھودي "بيئل پيور" (Baal peor) کي، ۽ ڪي قديم لوڪ "بچوس" (Bachhus) کي پوڄيندا ھئا. اھي سڀ ديوتائون ڪري ليکيا ھئا، پر اھي سڀ لنگ جون پوڄائون ھيون.

يوروپي عالمن جو اھو بہ چوڻ آھي تہ لنگ جي پوڄا انھيءَ قديم زماني جي آھي، جنھن ۾ ماڻھو بلڪل ابوجھ ھوندا ھئا، ۽ انئين وسھندا ھئا تہ قادر ۽ سنديس قدرت ھيءَ جھان انئين پيدا ڪيو آھي، جيئن مرد ۽ زال جي ميلاپ ٿيڻ ڪري ٻار پيدا ٿئي ٿو. انھيءَ سبب لنگ کي ديوتا ڪري پوڄڻ لڳا.

قديم دراوڙ لوڪ لنگ جا پوڄاري ھوندا ھئا، جيئن رگ ويد مان معلوم ٿئي ٿو. ويجھڙائيءَ ۾ مھن جي دڙي مان ڪيترا لنگ لڌا آھن، جا ڳالھہ سر جان مارشل ڄاڻائي آھي. مصنف کي انئين سمجھڻ ۾ اچي ٿو تہ اھي دراوڙ ھئا، جي سنڌو ماٿر مان اول ڏکڻ ھندستان ڏي ويا، ۽ پوءِ الھندي ايشيا ۽ يورپ ڏي وڃ واپار سانگي بيٺڪون وڌائون، ۽ انھيءَ پاسي لنگ جي پوڄا جو رواج بہ ڦھلايائون، جنھنڪري ناروي ۽ اسڪئنڊينيويا طرفان مھاديو جي مندرن جا نشان لڌا آھن، جا حقيقت پروفيسر نلسن ڄاڻائي آھي.

آرين ۾ جيڪي "انو" آريہ ھئا، تن بہ شايد قديم دراوڙ لوڪن سان لھہ وچڙھہ ۾ اچڻ سبب لنگ جي پوڄا جو رواج اختيار ڪيو ھو. حقيقت ڪيئن بہ ھجي، پر اھا پڪ آھي تہ جيڪي انو آريہ لوڪ ھئا، تن جي ھڪ شاخ وارا ٻاڻ کي "شوي" آريہ لوڪ سڏيندا ھئا، ۽ اھي لنگ جا پوڄاري

* "The Yadus and the Turbases were designated as Dasas, because they had seceded from the Vedic faith for a time." (Reg. Veda X, 62, 10). Quoted by Dr. A.C. Das: Reg. Vedie Culture Page 157 and 164

** Forlong: Rivers of Life, Vol. II, p. 38 et seq.

هوندا هئا، جيئن رگ ويد ۾ ڄاڻايل آهي. پوءِ جيئن ڊاڪٽر انباش چندرداس ڄاڻايو آهي، انهن شوي آرين جي نالي پنيان لنگ جي پوڄا تي نالو ني ييو "شو جي پوڄا".*

آرين جي ڌرم ڪرم ۾ پوڄائن ۾ ڦير هو، تہ اول هڪ ٻئي لاءِ نفرت هين، ۽ وقتي پاڻ ۾ وڙهندا هئا: پر سنڌو ماتر ۾ پوءِ ٻنهي ٺڪي ويئا ۽ صلح سانت ۾ پنهنجيءَ سپيتا جو ڦهلاءُ ڪيائون. مها ڀارت واري زماني ڌاري لنگ جي-پوڄا بلڪل عام ٿي ويئي، جنهنڪري لنگ جي پوڄارين ڏانهن پوءِ ڪوبہ نفرت جي نگاهہ سان ڪونہ نهاريندو هو. ** هاڻوڪن هندن مان بہ ڪيترا وشنو ڀڳوان جا تہ ڪيترا شو ڀڳوان جا پوڄاري آهن، ۽ لنگ جي پوڄا ڪن ٿا. انهيءَ ريت قديم زماني کان وٺي هندو جاتي جدا جدا قسمن جي سڀيتا جذب ڪندي آئي آهي.

●

* Dr. A.C. Das: Reg. Vedic Culture, p. 166.

** "Phallus worship was probably of prehistoric age in India, and by the time of the Mahabharat it had won its way into the orthadox Hindu culture." The Cambridge history of india Vol. I, p.85.

# باب اٺون

## آرين جي سڀيتا جو اوائلي احوال

سڀيتا جا ٽي زمانا. رگ ويد جا منڊل (Cycles) جدا جدا زمانن جا جڙيل آهن. خود رگ ويد ۾ ٽن زمانن جو ذڪر آهي: قديم، وچولو ۽ آخرين، (منڊل ٽيون، ٣٢، ١٣ ۽ منڊل ڇهون، ٢١، ٥).* انهن منڊلن ۾ جيتوڻيڪ ڌرمي ڳالهيون آهن، ته به انهن مان ٻنگتي ۽ ملڪي ڳالهين جو ڪيتري قدر پتو پوي ٿو. انهن مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته آرين جي سڀيتا جا به مکيہ زمانا ٽي هئا. پڙهندڙن کي سڃي ڳالھ سمجهڻ سولي ٿئي، تنهن لاءِ اسين ٽن زمانن کي هيٺين، ريت ورهايون ٿا:

(١) جنهن ۾ آريہ لوڪ ڌڻ ۽ شڪار تي گذران ڪندا هئا.

(٢) جنهن ۾ آريہ لوڪ ڌڻ ڌارڻ سکيا هئا.

(٣) جنهن ۾ آريہ لوڪ کيتي ڪرڻ سکيا هئا.

حقيقتاً سڀني سڌريل قومن ائين ترقي ڪئي آهي: ٻر چوپائي مال ۽ کيتي جي اوني آڳاٽن آرين ۾ ڪي اهڙا خيال پيدا ڪيا، جي ٻين قومن کي نہ آيا. قادر ۽ قدرت ۽ جيوت جي مسئلن بابت ويچار بہ پنهنجي نموني تي ڪيائون. انهن سڀني سببن ڪري هندو سڀيتا هڪ نموني تي بيٺي، ۽ هندو ڌرم ٽي علحدو ٿيو. مٿئين هرهڪ زماني جو هتي ڌار ڌار ذڪر ڪجي ٿو، تہ سڀيتا جو واڌارو سمجهڻ سولو ٿئي، ۽ اهو بہ سمجهڻ ۾ اچي تہ هندو جاتي ٻين جاتين کان ڪيئن نرالي ٿي.

ڌڻ ۽ شڪار. "قديم سڀيتا جي شروعات" جو ذڪر ڪندي، باب پهرئين

---

*"There were three distinet ages- the Ancient, the Mediaeval and the later'- during which the Reg. Vedic mantras were composed (Reg Veda III. 32.13.VI.21,5)". Dr. A.C. Das: Reg. vedic Culture, p.40.

۾ اڳي ئي ڄاڻايو ويو آهي ته قديم هجري زماني ۾ سڄيءَ دنيا ۾ برف گهڻي پوندي هئي، جنهنڪري کيتي ڪرڻ ناممڪن هوندي هئي، ۽ ماڻهو ڏت (جهنگلي اَن ۽ ميون وغيره) تي گذران ڪندا هئا. رگ ويد واري پڇاڙي اوائلي زماني ۾ به آڳاٽا آريہ لوڪ ڏت ڪائي پيٽ پريندا هئا. ۽ اهو دستور ٿر ڪوهستان ۽ ٻين هنڌن جا مسڪين ماڻهو اڄ تائين هلائيندا پيا اچن.

قديم زماني ۾ ججهيءَ برف پوڻ سبب وڻ ٽڻ سڙي ويندا هئا، جنهنڪري جهنگلي پيدائشون (ڏت) ڪو وقت ٿينديون ئي ڪين هيون. هن وقت پارو ڪنهن اتفاق سان پوي ٿو، ته به ٿر ۾ ڏسو ته ڪنهن سال برسات نه پوندي آهي، ته وڻ ٽڻ سڙي ويندا آهن، جنهنڪري چوپايو مال مڪين وانگر مري ويندو آهي، ماڻهو بک ۾ اهڙا پاهه پيا ٿيندا آهن، جو پيٽ وجهي پنيءَ سان لڳندو اٿن ۽ اهڙو سخت ڏڪار پوندو آهي، جو اُتان جنسي رت جي بانس پيني ايندي آهي. هاڻ پڙهندڙ پاڻيهي تصور ڪري سگهندا ته قديم زماني ۾ ججهيءَ برف پوڻ ڪري وڻ ٽڻ سڙي ويندا هئا، ۽ جهنگلي پيدائشون ڪو وقت ٿينديون ئي ڪين هيون. ته ماڻهن جي ڪهڙي حالت ٿيندي هئي. برف پوي ڪي ڏڪار پوي، ته به پيٽ ته ڪنهن کي نٿو ڇڏي. اهڙين حالتن ڪري آڳاٽن آرين ۾ مڇي ماس کائڻ جو رواج پيو. مها ڀارت ۾ ڄاڻايل آهي ته هاڻوڪا چار ورن پوءِ ٺهيا، نه ته اصل رڳو هڪڙو ورن هو، ۽ سڀ آريہ لوڪ براهمڻ هئا، پر "پيٽ بري بلا"! چوڻي به آهي ته "ستين لنگهڻي ڪتو به حلال". ٻين قديم قومن وانگر هي براهمڻ (قديم آريہ لوڪ) به شڪار ڪري پيٽ پالڻ لڳو.

قديم زماني ۾ شڪار ڪيئن جهليندا هئا؟ اها وات ماڻهن کي قدرت سيکاري. باز ۽ پيا وڏا پکي ننڍڙن پکين جو شڪار ڪن ٿا. اهو نمونو اکين سان ڏسي، پکين جي شڪار ڪرڻ لاءِ ماڻهو باز ڌارڻ لڳا. اهو قديم زماني جو دستور سنڌ ۾ توڙي ٻين ڪيترن هنڌ اڄ تائين هليو اچي.

"سو پي ڏار م شڪرو جنهن کي پک نه پر".

ـ شاهه

شڪرو، چپڪ، سيچاڻو، بحري، باشو، بشين ۽ ٻيا قسمين قسمين باز اڄ تائين ماڻهو پالين ٿا. هن وقت سنڌ ۾ اڪثر رڳو مسلمان شوق وچان (۽ نه ڪ سببان) باز ڏارين ٿا.

ڪتا به شڪار جهلين ٿا، تن ۾ تازي ڪتو شڪار جهلڻ جو اُستاد آهي. آڳاٽن ماڻهن ڪتن کي شڪار جهليندو ڏٺو، ته پاڻ به شڪار لاءِ ڪتا ڏارڻ لڳا. اڄ تائين ڪي شڪار ڪرڻ لاءِ ڪتن جون لوڌيون پاڻ سان وٺي ويندا آهن. پاليل ڪتا قديم لوڪن جي جان جو به بچاءُ ڪندا هئا. جهنگلي مرون متن ڪاهي ايندا هئا، ته انهن تي ڪتن جي ٻچ ڪرائيندا هئا. مطلب ته پکين مان اول باز ۽ پسن مان اول ڪتو انسان ذات کي ڪمائتو ٿيو. جن مان ڪتو اڄ تائين ماڻهن جي در جو دربان آهي. ڳوٺڙن ۾ ڏسو ته ماڻهو ڪچين پونگين ۾ بنا ڪڙن ۽ ڪلفن جي رهن ٿا، ۽ پوليس جو پهرو به وٽن ڪونهي، ته به رات جو بي اونا ٿي ننڊ ڪن ٿا. ڪتا در تي ٻيٺا اٿن. اُهي ڪو ڌاريو ماڻهو ڏسن، ته پريان ئي ڀوڙ لائين ۽ ويجهو اچي ته جنگهه ڦاڙي ڪڍنس. رگ ويد ۾ ڪتن جو گهڻو ئي ذڪر آهي. آڳاٽن ماڻهن کي شڪار هٿ ڪرڻ ۽ پنهنجي جان جي بچاءَ لاءِ هٿيارن پنوهارن جو به ضرور ٿيو. چارين به ٺاهيندا هئا، جن جي وسيلي شينهن به قاسائي سگهندا هئا. (رگ ويد منڊل پنجون).

<u>هٿيار پنوهار</u>. سيني ساهوارن کي پنهنجي جان بچائڻ لاءِ قدرت ڪي نه ڪي هٿيار پنهنجي اسلح خاني مان ڏيئي ڇڏيا آهن. شينهن، رڇ، باز وغيره کي ڪو نقصان پهچائڻ ويندو ته چنبو هڻندس، ڪتو ڏاڙهيندس ۽ ٻلو رهندا پائيندس. ماڻهو ماڻهوءَ کي ماريندو ته اڳلو مُڪون ۽ لَتون هڻندس، يا چڪ چهنبڙا پائيندس. چوٽي به آهي ته "چڪر کي لتر ٻچي!". اهي اوائلي هٿيار آهن. ماڻهن پوءِ هوش هلائي ٻيا هٿيار به ڪم آندا. جهنگلي مرن ۽ پکين کي هڪالي ڪڍڻ لاءِ ڪي سوليون سنهنجيون واتون به اختيار ڪيائون. وقتي انهن کي وات سان هڪل ڏيندا هئا. يا تاڙي وڄائي ڊچاريندا هئا، يا پٿر هٽي ڀڄائيندا هئا. جيڪڏهن انهن اُپائن مان پورت نه پوندي هئي ته ڪنهن وڻ مان ٽاري ڇني، يا لٺيءَ وغيره مان لٺ پچي، انهن سان جهنگلي جانورن کي ماري ڪٽي ڀڄائيندا هئا.

انهيءَ ريت سندن مکيه هٿيار اول هئا پٿر، ڇڏا ۽ لٺيون يا بانس جون لٺيون. پاڻنجي ٿو ته هٿ ۾ لڪڻ ۽ لٺ ڪٽڻ جو رواج انهن شروع ٿيو.*

جهنگلي مرن ۽ پکين کي هڪالي ڪڍڻ لاءِ وڻ جي ٽاري يا ڪا لٺ تڏهن ڪم آئي سگهي، جڏهن اهي بنهه ويجهو ايندا. تنهن ڪان پريان ٿي چو نه هڪالي ڪڍجين؟ اهڙيءَ حالت ۾ پريان ٿي پٿر هڻڻ جو رواج هو. پوءِ ماڻهن هوش هلائي ڪانياٽيون ٺاهيون، ته پٿر هيڪاري پري اڇلڻ سولو ٿئي. ۽ ڪنهن جهنگلي مرون، يا دشمن کي ياڻ تائين اچڻ ئي نه ڏجي. اج به جهار هڪلڻ لاءِ ڪانياٽيون ۽ گليلا يا گوڙها هاري ناري عام طرح ڪم آڻين ٿا. رگ ويد ۾ پٿرن، هڏن، سڱن ۽ ڪن ڌاتن مان ٺهيل هٿيارن جو به ذڪر آهي. مثلاً گهوڙي جي پاسريءَ جو هڏو ("آشو پرشو") ڪهاڙو يا ڏاٽو ڪري ڪم آڻيندا هئا. ماڻهن پوءِ وڌيڪ هوش هلائي ڪمانون ۽ تير ٺاهيا. جي پهريائين رڳو پکين جي شڪار ڪرڻ لاءِ ڪم آڻيندا هئا. سنڌو ماٿر ۾ رهندڙ آڳاٽا آريه لوڪ اهي هٿيار ڪيئن ٺاهيندا هئا، سا سڌ ڪن قديم لفظن جي بنيادن مان پوي ٿي، جي اج تائين سنڌي ٻوليءَ سانديا آهن، جنهنڪري انهن لفظن جو گهڻو قدر ڪرڻو پوي ٿو.

سر جو سندو سڄڻين، سينگ منجهان سيلو،
ٿينگر ٽڪيو ڪينڪي، ٻار لنگهيو پيلو،
هڻڻ سين حيلو، جانب جيڏو ئي ڪيو.
ـ شاهه

هتي پهريون ئي پهريون لفظ آهي "سر"، جو رگ ويد جي منڊل پهرين (١٠٠، ١٨)، منڊل ٻئي (١٢، ١٠)، منڊل چوٿين (٣، ٧) ۽ ٻين منڊلن ۾ ڪم آيل آهي، جنهنڪري چئبو ته شاهه صاحب بيت ۾ هيءُ نهايت قديم زماني جو لفظ ڪم آندو آهي. مٿئين بيت ۾ "سر" جي معنيٰ آهي "تير".

---

"The broken branch became the first weapon. It was the father of all clubs."
Prof. Henry Drummord: The Ascent of Man, Chapter VI.

قديم پارسي ٻوليءَ ۾ "تيگر" لفظ ڪم ايندو هو، تنهن مان پوءِ "گ" اکر حذف ٿي ويو، ته اچار ٿري ٿيس "تير"؛ پر سنڌيءَ ۾ ان جو اچار ٿري "تينگر" به ٿيو. هنوقت اهو لفظ سنڌيءَ ۾ عام ڪونهي.

پر اصل ۾ اهو سر جو ڪانو آهي، جنهن جي ڳاهه ڪي ستي ڪتي "مڃ" ڪري، ان مان نوڙيون ٺاهيندا آهن. رگ ويد واري اوائلي زماني ۾ سر جي ڪانن مان تير جوڙيندا هئا. تنهنڪري سنسڪرت توڙي سنڌيءَ ۾ "سر" لفظ جون اهي ٻئي معنائون آهن. نهايت قديم زماني ۾ ڪانن مان تير جوڙڻ جو رواج عام هو. تنهن ڳالهه جي ساک ٻيا به ڪي لفظ پرين ٿا.

تير لاءِ ٻيو سنڌي لفظ آهي "ڪان"، جو اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "ڪاند"، جنهن جي ٻي معنيٰ "ڪانو" به آهي. مطلب ته "ڪان" ۽ "ڪانو"، ساڳيئي بنياد وارا لفظ آهن ۽ ڄاڻائين ٿا ته اڳي ڪانن مان تير ٺاهيندا هئا. اهو رواج ايران ۾ به هو. پارسيءَ ۾ "ڪلڪ" معنيٰ قلم ۽ ٻي معنيٰ "تير"، سنڌيءَ ۾ "ڪلڪ" معنيٰ ڪاني مان ٺهيل قلم، جنهن سان لکجي؛ پر جڏهن چئون "ڪرڪ" تڏهن معنيٰ اٿس "تير": ائين لفظ ساڳيوئي؛ پر اچار ڦريل.

"هنيم هوت ڪرڪ، لوڏيان لوهه نه نڪري."
ـ شاهه

سر جو ڪانو يا ٻيو ڪهڙو به ڪانو تير وانگر اڇلائبو ته اهو پکيءَ کي ماري ڪين سگهندو تنهنڪري ڪانن سان شڪار ڪيئن ڪندا هئا؟ اها خبر "سيلو" لفظ مان پوي ٿي، جو پڻ شاهه صاحب مٿئين بيت ۾ ڪم آندو آهي. اهو اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "شليه"، جو رگ ويد جي منڊل ڇهين (٧٥، ١١) ۾ ڪم آيل آهي. سنسڪرت ۾ هڪڙي معني اٿس "تير" ۽ ٻي معنيٰ "ڪنڊو"، يا اهڙي شيءِ جا جسم ۾ گهڙي ايذاءُ ڏئي. هاڻ ظاهر آهي ته قلم يا ڪانو، جو تير ڪري ڪم آڻيندا هئا، تنهن ۾ سيلهه يعني ڪنڊو يا ڪا تکيءَ چهنب واري هڏي وغيره اٽڪائيندا هئا ۽ اها پکيءَ کي ايذاءُ رسائيندي هئي.

"تينگر تکيو ڪينڪي، پار لنگهيو پيلو."
ـ شاهه

"پيلو" اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "پيلوؤ" جنهن جي به معنيٰ آهي "تير". ان جو ڌاتو يا بنياد آهي "پيل" (Peel) معنيٰ روڪڻ، بيهارڻ، چڙڻ يا

بدحواس ڪرڻ. هاڻ چڱيءَ طرح سمجهڻ ۾ ايندو تہ ڪاني ۾ ڪنڊو يا ڪا ڇهنبدار شيءِ اٽڪائي، اها تير وانگر اڇلائيندا هئا تہ ان جي لڳڻ ڪري پڪي اُڏامڻ ڪان روڪجي پوندو هو يا بدحواس ٿي ويندو هو، جنهنڪري هن کي آسانيءَ سان جهلي سگهندا هئا.

تير لاءِ ڪمان ضروري آهي. "ڪمان" پارسي لفظ آهي. ان لاءِ نج سنڌي لفظ آهي "سينگ"، جنهن جي بنيادي معنيٰ آهي "سڱ مان نهيل".* هي لفظ ڄاڻائي ٿو تہ ڪنڌي مينهن، جنهن جو سڱ وريل ٿئي ٿو، يا هرڻ وغيره جو وريل سڱ، اڳي ڪمان ڪري ڪم آڻيندا هئا.

ڪمان لاءِ ٻيو لفظ اسان وٽ آهي "چاپ"، جو نج سنسڪرت لفظ آهي ۽ بنيادي معنيٰ اٿس "بانس جي وريل ڪاٺي". جيئن پروفيسر آپٽي واريءَ سنسڪرت ڊڪشنريءَ ۾ ڄاڻايل آهي. هن ريت اهي لفظ ڄاڻائين ٿا تہ آڳاٽا لوڪ ڪنهن جانور جو وريل سڱ يا بانس جي مڙيل ڪاٺي، ڪمان وانگر ڪتب آڻيندا هئا. آڳاٽن ماڻهن اهي سولا سهنجا رستا اختيار ڪري تير ڪمان جوڙيا تہ پڪين جو شڪار ڪرڻ سولو ٿئي. مطلب تہ ضرورت وقت اهو هنر سيکاريائون ۽ پوءِ ان ۾ ترقي ڪيائون. جيڪڏهن هٿ ڪيل شڪار کو ماڻهو يا جانور کسڻ ايندن، يا ڪو مرون خود کين کائڻ ايندو تہ ڪانن جا تير ڪهڙو بچاءُ ڪندا؟ اهڙيءَ حالت ۾ مضبوط تيرن جوڙڻ جي ضروت ٿي.

پنجاب ۽ سنڌ جا آڳاٽا آريہ لوڪ پوءِ لڙائين ۾ بہ اهي مضبوط تير ڪم آڻڻ لڳا: پر اول تيرن جي ڇهنبن کي ڪنهن زهر جو مک ڏيئي ڇڏيندا هئا. (اٿرو ويد منڊل چوٿون ٦-٧؛ منڊل پنجون ١٨، ٨ ۽ ڇهين رگ ويد منڊل ڇهون ٧٥، ١٥). انهيءَ تير لڳڻ ڪري ڪنهن کي رڳو رهڙ پئجي

---

* سنسڪرت لفظ "شرنگ" جو اچار سنڌيءَ ۾ آهي "سڱ" (Horn) ۽ ان مان "شارنگ" لفظ نهيو آهي، جنهن جو اچار سنڌيءَ ۾ آهي "سينگ": پر بنيادي معنيٰ اٿس "سڱ مان نهيل". سنڌيءَ مان "سڱ" جو اچار ڦري "هڱ" بہ ٿيو آهي، ۽ معني اٿس "سڪل ادرڪ". جا هرڻ جي سڱ وانگر وراڪن سان يا پيچدار ٿئي ٿي. سنسڪرت ۾ بہ "شارنگ" لفظ جي معني آهي "سڱ" توڙي "هڱ". (مصنف)

ويندي هئي، تہ بہ زهر جهت رت ۾ ملي، اڳلي کي ماري وجهندو هو. اِهو زهر ملائڻ جو رواج آفريڪا ۾ بلڪل گهڻو هو. جنهن جا ڪيترا مثال مسٽر هينري سٽئنلي ڏنا آهن*. ماڻهون پوءِ ٽامو. لوهہ وغيرهہ مارڻ سکيا، تہ عام طرح تيرن جون ڇهنبون رڪ مان جوڙيندا هئا. رگ ويد جي منڊل ڇهين (٧٥، ١١) ۾ "ايومکم"، (Ayo–Mukham) لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي لوهہ جي منهن (ڇهنبن) وارو. هن مان پڌرو آهي تہ رگ ويد واري زماني ۾ ئي رڪ جي راسين (نوڪرن) وارا تير ڪم ايندا هئا. اهو رواج پوءِ ڪلهوڙن جي صاحبيءَ تائين ساندهہ هلندو آيو، جنهنڪري شاهہ صاحب بہ چيو آهي تہ:

"پنهونءَ جي پيڪان جون راسيون منجهان رڪ".

- شاهہ

جيئن وقت ويو گذرندو تيئن سنڌو ماتر جي رهاڪن تير اندازيءَ ۾ حيرت جهڙي ترقي ڪئي. انهيءَ ڳالهہ جو ججهو ذڪر مها ڀارت ۽ ڪن پراڻن ۾ آهي، جي رگ ويد واري زماني کان گهڻو پوءِ لکيا، تنهنڪري انهن جو ذڪر پوءِ ڪبو، هتي رڳو ايترو ڄاڻائجي ٿو تہ رگ ويد واري زماني ۾ آڳاٽن آرين وٽ جيڪي رڪ جي راسين (نوڪن) سان تير هوندا هئا، تن سان پک بہ پڌندا هئا، تہ انهن جي رفتار تکي ٿئي، پکن پڌل تير چوهہ مان چمڪندو ڪڙڪڙ ڪندو ويندو هو. هيءَ ڳالهہ رگ ويد جي منڊل ڇهين جي سُوڪت ٧٥ ۾ ڄاڻايل آهي. مطلب تہ شڪار ڪرڻ لاءِ ماڻهن اول جهڙا تهڙا تير ڪمان جوڙيا ۽ پوءِ تير اندازيءَ ۾ حيرت جهڙي ترقي ڪيائون. ماڻهو پوءِ ڏڻ ڌارڻ سکيا. انهيءَ چوپائي مال سندن حوصلو ڪيتري قدر وڌايو، سو احوال نهايت مکيہ آهي.

ڏڻ ڌارڻ جو رواج. آڳاٽا لوڪ اول ڏت ۽ شڪار تي گذران ڪندا هئا، تہ اهو گويا آڪاسي ورت هو. ڪنهن وقت پاري پوڻ سبب وڻ ٽڻ سڙي ويندا، تہ ڏت ملي ڪين سگهندو. شڪار بہ ڪنهن وقت هٿ ايندو تہ ڪنهن وقت نہ بہ ايندو تہ بہ پيٽ ڪين ڇڏيندو. پوءِ تہ ماڻهو بک ۾ ڇتا ٿي هڪ ٻئي جو ڇڪين ماس ڇنندا ۽ آدمخور ٿي پوندا. آدمخوريءَ جو

* Henry Stanley: Through Darkest Africa

بنياد پيو ئي بک منجهان. انهيءَ سبب چئبو تہ چوپائي مال انسان ذات تي وڏو ئي احسان ڪيو آهي، جو انهيءَ ماڻهن کي آدمخور ٿيڻ کان بچايو ۽ ترقيءَ جي راهہ ۾ قدم وڌارايو.

ماڻهن اول کهڙا ۽ پوءِ کهڙا چوپايا ڌاريا، سا ڳالهہ ڪنهن بہ ڪتاب ۾ کليءَ ريت ڄاڻايل ڪانهي: پر يجر ويد جي تئسترييہ براهمڻ گرنت (١٧٧، ١، ٣-٦) مان اهڃاڻ ملي ٿو. ان ۾ ڄاڻايل آهي تہ "پرجا پتيءَ (برهما) ماڻهن ۾ پهريائين براهمڻ خلقيا ۽ جانورن ۾ ٻڪريون: پوءِ کتري ۽ رڍون، ۽ انهن کان پوءِ ونش ۽ ڳايون پيدا ڪيائين، ۽ پڇاڙيءَ ۾ شودر ۽ گهوڙا خلقيائين". هن منجهان ڪيترن عالمن کي ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ آڳاٽن آرين درجي وار ڄاڻايو آهي تہ ماڻهن اول ٻڪريون، پوءِ رڍون ۽ انهن کان پوءِ ڳايون ڌاريون، ۽ انهن کان پوءِ گهوڙا ڌاريائون. هن مان اها بہ سڌ پوي ٿي تہ چوپائي مال ڌارڻ ۾ ماڻهن اول ٿوري تڪليف ورتي ۽ پوءِ وڌيڪ تڪليف وٺڻ تي پاڻ-کي هيريائون.

ٻڪري سياءَ جي مائيٽي آهي. اُها جهلڻ بہ سولي تہ پالڻ بہ سولي. ان لاءِ نڪو آهر ٿاهڻو پوي، نڪا ڪونڊي جوڙڻي پوي.*جيڪو بہ ڳاهہ مليس سو کائي وڃي. چوڻي بہ آهي تہ "اُٺ واري اَڪڙ ٻڪري واري ڪاڪرو". يعني اُٺ اَڪ جو ٻوٽو ڪونہ کائي، (ٻيا سڀ وڻ ۽ ٻوٽا کائي) ۽ ٻڪري ڪڪرو ڪونہ کائي. باقي جيڪو بہ ڳاهہ مليس، سو رڙڪي وڃي. ٻڪريءَ مان سک بہ گهڻا. کير بہ ملي تہ گوشت بہ ملي. ٻڪريءَ جي کل مان سانداريون ۽ ٻيون شيون ٺاهيندا آهن، ۽ ان جي ڏاس وٽي نوڙيون ڪندا آهن. تہ ۽ ڪوهستان ۾ اڄ تائين ڪيترا رڳو ٻڪريون ڌارين. جبل جا ماڻهو ڏسو تہ مانيءَ کانڻ مهل هڪ ٻڪري اڳيان ٻيهاري ڇڏين. هڪ هڪ ڳرهہ ڇپاڙيندا. مٿان ٻڪريءَ مان گوهو پنهنجي وات ۾ هٽندا وڃن! ماني اجهو ائين کائين.

ٻڪرين کان پوءِ ماڻهو رڍون ڌارڻ لڳا: پر انهن جو اصلوڪو ماڳ روهہ ولايت يا جابلو ملڪ آهي. اهي سڀ ڪنهن کي سولائيءَ سان هٿ نہ بہ اچي سگهن، تنهنڪري انهن جي ڌارڻ جو رواج پوءِ عام ٿيو. قديم آريہ لوڪ دنبي جو گوشت دل ڪري کائيندا هئا. (رگ ويد منڊل ڏهون

۲۷، ۱۷). ردن ۽ گھيٽن جي اُن مان پوءِ ڪتا، لويون، ڪمريون وغيره جوڙيندا هئا. ۽ اهو رواج اڄ تائين هليو اچي. ٽري ماڻهو اڄ تائين ڪتا ۽ لويون ڏڪين ٿا. جنهنڪري سنڌي شاعرن ڪين "ڪتيرا" يعني ڪتو ڏڪيندڙ ۽ "لوئرياڙا" يعني لوئي پهريندڙ سڏيو آهي.

ٻڪرين ۽ ردن ڪان پوءِ گاين ڌارڻ جو رواج پيو. گايون جيستائين جهنگلي آهن، تيستائين شوخ آهن ۽ جهلڻ ڏکيون آهن. هڪ واريءَ پالجين تو تہ پوءِ سياءُ جيڪي سو ٿريو تڏو تئين تو. انهيءَ هوندي بہ ڪي گايون "ڪتر" تيندون آهن. انهن کي ڏهبو آهي تہ ڪيتو ڪنديون آهن. ويجهو وجبو تہ گانءِ جي لت جو نڪاءُ پيو پوندو. ڪي ارڳيون گايون خود پنهنجن ڦرن کي بہ ڪير ڌائڻ ڏکيو ڏين. گاين جي ٿهل بہ گهٽي ڪرٽي پوي ٿي، جهنگ چري ايندون. تنهن ڪان پوءِ ڪڙ ڪتر وغيره ڪپين. هڪڙو جهلڻ ڏکيون، ٻيو پالڻ ڏکيون. تنهنڪري گاين ڌارڻ جو رواج پوءِ پيو. پر ڪير ۽ مکڻ تہ ڳائوا ويلي ويلي تي گايون ڪير بہ جام ڏين. انهيءَ چوش وچان ماڻهن تڪليف جو خيال ڪونہ ڪيو ۽ ڳائو مال ويا ججهو هٿ ڪندا. انهيءَ مال سندن ايترو تہ ڌيان ڇڪيو، جو خود ماڻهن تي گوپال، گوند (گوبند)، گتم، گوپ، گوپي وغيره نالا رکيائون. "گسائين يا گوسائين" لفظ اصل ۾ آهي "گوسوامن" (گوسوامي) يعني گاين جو مالڪ، ۽ پوءِ مٽي ٿيو "سائين، ڌڻي، حاڪم". هڪ ساڌن جو فرقو انهيءَ نالي سان سڏجڻ ۾ آيو. جهڙوڪ: "گوسائين سواچگر".

گاين ڌارڻ جو رواج انهيءَ نهايت قديم زماني جو آهي، جنهن زماني ۾ هندستان، ايران ۽ يورپ وارا آريہ لوڪ ميرو پربت طرف گڏ رهندا هئا. هن لاءِ هيءَ ثابتي آهي تہ گئو، گانءِ يا ڳنءُ لاءِ هڪڙو ئي لفظ اٿن. سنسڪرت ۾ "گو" معني گانءِ ۽ ان جو انگريزيءَ ۾ اچار آهي "ڪو" (Cow) ۽ پارسيءَ ۾ "گاو" جيئن "گوسائين" لفظ جي اصل معني آهي "ڳاين جو مالڪ" ۽ پوءِ معني ٿيس "سائين، ڌڻي يا حاڪم" تيئن رشيا جي ٻوليءَ ۾ "گوسپوڊار" (Gospodar) ۽ "گوسپودين" (gospodin) لفظن

جي آهي، هنن لفظن ۾ سنسڪرت لفظ "گو" بجنسي ڪم آيل آهي.*

گاين ڪان گهوڙا جهلڻ وڌيڪ ڏکيا آهن، جو اهي ڊوڙ جا تمام تکا آهن. گهوڙي لاءِ سنسڪرت ۾ جيڪي لفظ آهن، تن مان عام لفظ آهي "آشو"، جنهن جو اچار پارسيءَ ۾ آهي "اسپ". هن مان ظاهر آهي ته قديم ايران ۽ هندستان جا آريه لوڪ جڏهن گڏ رهندا هئا، تڏهن گهوڙي جي سڃاڻ هين، جنهنڪري ان لاءِ لفظ ني ساڳيو اٿن. سنڌي لفظ "گهوڙو" جو اچار سنسڪرت ۾ آهي "گهوٽڪ" (گهوٽ + ڪ)؛ پر اهو اصل دراوڙي لفظ آهي، جو پوءِ سنسڪرت ۽ سنڌيءَ ۾ عام ٿيو. آرين ڪان اڳ سنڌو ماٿر جا اصلوڪا رهاڪو دراوڙ لوڪ هئا، ۽ سنڌو ماٿر گهوڙن جي ڪري مشهور هئي، تنهنڪري ئي "گهوڙو" لفظ سنڌيءَ ۾ عام ٿيو. جن ڏينهن ۾ ماڻهن جو گهڻو گذران شڪار تي هوندو هو، تن ڏينهن ۾ ئي گهوڙن ڏارڻ جو رواج هو، جو هرڻ، ڦاڙها، سرهه وغيره جن جي "چونگن واري چال" آهي، تن جو شڪار تڏهن ڪري سگهبو، جڏهن گهوڙي تي چڙهي انهن جي پٺيان پئبو. تئستريه سنهتا ۾ گهوڙن جو جنم شودرن سان گڏ ڄاڻايل آهي، تنهن مان سمجهجي ٿو ته ماڻهو اول شڪار جي سهنج لاءِ گهوڙا ڏارڻ لڳا هئا ۽ تئستريه سنهتا واري زماني ۾ يعني يجر ويد واري زماني ۾ شڪار ڪرڻ شودرن جو ڪم ليکبو هو، پر اهي ئي ساڳيا گهوڙا دشمنن جي پٺيان ڪاهي پوڻ ۽ ٻين اهڙن وقتن تي نهايت ڪارائتا ٿين ٿا، تنهنڪري انهن ڪمائتن جانورن جو پوءِ ايترو مان ٿيو، جو خود راجائون پنهنجي سواريءَ لاءِ گهوڙا ڪم آڻڻ لڳا. راجائن بلڪ ديوتائن تي به "آشو" (پارسي آسپ) يعني گهوڙي جا نالا رکڻ لڳا، جهڙوڪ اشوپتي ۽ اشوني ڪمار اُئن، گڏهن، مينهن، سانن ۽ هاٿين، وغيره ڏارڻ

* "The Sanskrit name of the cow is Go, plural Gavas, and this short radical we find running, with the modifications consequent on the character of each, through most of our languages; old German chuo, modern German kuh, English cow. The Slavic branch has preserved it, like a great many others, in the form most resembling the original. Thus Old Slavic has govyado, a herd; modern Servian gove-dar, a cow-herd; Russian govyadina, - beef, the flesh of cows and oxen, then gospodin master; gospod (i), the Lord; gospodar, the title given to South Slavic rulers all meaning originally "master of cows," and corresponding to the old Sanskrit gopy, which first means a herdsman, and later a chieftain, a king." Z.A. Ragozin: Vedic India, pp.63-64.

جو رواج گھٽو پوءِ پيو تو ڏسجي.

متي جيڪي چيو ويو آهي تنهن مان معلوم ٿيندو تہ آڳاٽا لوڪ ڍڳ ڍارڻ سکيا، تہ کير، ڏڌ، مکڻ ۽ گوشت ملڻ جو سهنج ٿين. جنهنڪري بک جو سوال گهڻي قدر حل ٿي ويو ۽ ماڻهو آدمخور ٿيڻ کان بچي پيا. چوپائي مال ڍارڻ کان پوءِ ماڻهن جو حوصلو ويو وڌندو. چوپائي مال جي کلن مان تنبو، سانداريون ۽ پيون شيون ٺاهڻ لڳا. جنهنڪري مينهن ۽ سيءَ ۾ بچاءَ ٿيين. اڄ تائين ڪيترا پوستين پهرين ٿا. هرڻن جو شڪار ڪندا هئا، تہ انهن جي سهڻي کل بہ پهريندا هئا. مرگ ڇالا يعني هرڻ جي کل ڪم آڻڻ جو رواج ڏينهون پوءِ وڌندو رهيو. اُن، ڏاس، ماس وغيره مان ڪتا، لويون، خرزينون، پورا ۽ ٻيا تپڙ ٺاهڻ لڳا ۽ انهن هنرن جو واڌارو ٿيو.

نهايت قديم زماني ۾ ماڻهو پٿر ۽ وڻن جا ڏار تار هٿيار ڪري ڪم آڻيندا هئا (صفحه ١٥٨)؛ پر پوءِ ڍڳ ڍارڻ سکيا، تہ جانورن جا هڏا بہ هٿيار ڪري ڪم آڻڻ لڳا. رگ ويد جي منڊل ستين (٨٣، ١) ۾ "پرشو" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي هاڻ معنيٰ آهي "ڪهاڙو".* پر اصل معنيٰ هيس "پاسريءَ جو ڪنڊو". ويدن جي براهمڻن ۾ "آشو پرشو" لفظ ڪم آيل آهي، جنهنجي معنيٰ آهي، "گهوڙي جي پاسريءَ جو ڪنڊو" ۽ اهو گاهہ وڍڻ لاءِ ڏاٽو ڪري ڪم آڻيندا هئا. رگ ويد جي منڊل ستين (٨٣، ١) ۾ "پرتو پر شوهہ" لفظ ڪم آيل آهي. اهو هڪ ويڪرو ڪهاڙو هو، جنهن سان جنگ مهل دشمن جي سسي لٿي وجهندا هئا. شينهن ڦاسائڻ لاءِ ڄار ڪم آڻيندا هئا. ۽ وقتي گهڻا ڄڻا گڏجي شينهن تي تيرن جو وسڪارو لائي، انهن کي ماري پورو ڪندا هئا.

قديم سنڌين جي دولت (چوپايو مال). آڳاٽا لوڪ ڍڳ ڍارڻ سکيا تہ انهيءَ چوپائي مال سندن حوصلو ٻيءَ طرح بہ وڌايو. "فلاڻو وهٽ منهنجو آهي". اهو مالڪيءَ جو خيال ماڻهن ۾ پيدا ٿيو. انهيءَ قديم زماني ۾ ماڻهن وٽ ٻي ڪا ملڪيت هئي ڪانہ؛ ويتر چوپائي مال جي کير، ڏڌ، مکڻ ۽ گوشت تي سندن گذران هو. تنهن ڪري چوپائي مال جهڙي ٻي قيمتي ملڪيت سندين نظر ۾ ڪانہ هئي. اڄ بہ ڪيترن جي مکيہ دولت آهي

* "پرسرام" (پرشورام) معنيٰ اهو رام جنهنجي هٿ جو هٿيار ڪهاڙو هجي.

چوپايو مال، جنهن ڪري چون ته "سون جي رتيءَ ڪان رت جي رتي چڱي" يعني ٿورڙي روڪڙ ناڻي ڪان ٿورو چوپايو مال وڌيڪ آهي.

"ڌن" لفظ جي هاڻ معنيٰ آهي "دولت"، پر اصل معني هيس "ڌڻ". پوءِ جڏهن ماڻهن کي پيءَ ملڪيت ميڙڻ جي چوش آئي ۽ سون چانديءَ وغيره جا سڪا ٺهيا، تڏهن "ڌن" ۽ "ڌڻ" لفظن جي معنائن ۾ ڦير پيو.

"ڌڻ ڌٽي: نه نه وڪڻ ڪٽي (پهاڪو)

"ڌٽي" لفظ جي به اصل معنيٰ هئي "ڌڻ وارو" ۽ پوءِ "ڌٽي" معنيٰ ٿي ڌن وارو يا شاهوڪار. ڌٽي معني مالڪ (ڪهڙي به ملڪيت جو) ۽ ڌنار (ڌٺار) معنيٰ ٿي ڌڻ وارو. مطلب ته جيئن جدا جدا قسمن جي ملڪيت ماڻهن جي ترقيءَ سان هنن لفظن جي معنائن ۾ به ڦير پيو. ماڻهن جي ترقيءَ سان ٻوليءَ جي ترقي انهيءَ ريت گڏوگڏ ٿئي ٿي.

هر ڪنهن ماڻهوءَ جي غريبيءَ توڙي شاهوڪاريءَ جي سڌ سندس چوپائي مال مان پوندي هئي. اڳي ماڻهو ڀاڳ وارن سمجهندا ٿي انهيءَ کي هئا، جنهن وٽ ڳاين، مينهن وغيره جا ڌڻ هوندا هئا. هن وقت به جڏهن چئون ته "فلاڻو ڀاڳيو آهي" ته ان جي معني ته "شاهوڪار آهي"، جيڪڏهن چئون ته "فلاڻي ڀاڳئي ڪان ڪير ونئي اچ" ته اتي "ڀاڳيو" معني "مالدار" جنهن وٽ ڳايون مينهون هجن.

رگ ويد واري زماني ۾ سنڌو ماٿر ۾ چوپايو مال نهايت پلو هوندو هو. اج به ڪوهستان، خاص ڪري ٿاڻي بولا خان ۽ ملير جون، توڙي سجي ٿر ڍويزن جون ڳايون اهڙيون ته پليون آهن، جو ڪيتريون ته ويلي تي ڏهه ڏهه سير کير ڏين ٿيون. جنهنڪري اتر ڏي جمون ۽ ڪشمير ۾، ڏکڻ ڏي مدراس ڪاٺي ۾، ۽ دور پورب ۾ فليپائين ٻيٽن ۾ سنڌ جي ڳاين جو وڪرو چڱي ناڻي تي ٿئي ٿو. سرحد سنڌ جا ڏڳا به ناميارا آهن ۽ ٻاهريان ماڻهو انهن لاءِ چڱيون رقمون ڏيندا آهن. ويجهڙائيءَ ۾ "پرتاپ" نالي هڪ ڏڳو سنڌ جي گورنر سر لانسيٽ گرهام پاڻ نيلام ڪيو، ته ماڻهن هڪ هزار رپين کان وڌا واڪ ڏنا. ههڙي قيمتي ماليءَ ۾ اج به اسانجن ماڻهن جو ساس پراڻ ايتري قدر آهي، جو پنهنجي سر تي ڪهڙي به سختي قبوليندا، پر پنهنجي چوپائي مال تي ڪک پيو به ڪونه سهندا. انهيءَ چوپائي مال

ماٺهن جي جيوت ۾ وڏو ڦيرو آندو. اڳي ڏت ڏورڻ ۽ شڪار هٿ ڪرڻ لاءِ پيا ڀٽڪندا هئا ۽ ڏکئي جيوت گذارڻي پوندي هين، پر پوءِ چوپائي مال جي چاري جو وڏو اونو ٿين تہ چراگاهن وٽ ڳوٺڙا ٻڌڻ لڳا.

ڳوٺ ۽ چراگاهہ. رگ ويد واري زماني ۾ آريہ لوڪ اڪثر ڳوٺڙن ۾ رهندا هئا. جيئن اڄ بہ هندستان جو گهڻ آدمر ڳوٺڙن ۾ گذاري ٿو. سچو پچو هندستان آهي ئي "ڳوٺائي جيوت وارو هندستان". ڳوٺ اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "گوشت" (گوستا) ۽ بنيادي معنيٰ اٿس "اهو هنڌ جتي ڳايون بيٺيون هجن". ڳايون اتي بيهاريون، جتي سندن لاءِ چارو موجود هوندو. تنهنڪري "ڳوٺ" لفظ ۾ چراگاهہ جي معنيٰ سمايل آهي. انهيءِ سبب رگ ويد ۾ ڪن هنڌ "گوشت" (ڳوٺ) بدران "ورج" (برج) (Varaji) لفظ بہ ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "اهو هنڌ جتي ڳايون چارجن".* اڄ بہ اڪين سان ڏسجي ٿو تہ ٺورا ڀاٿر يا سنگتي، جتي مال لاءِ چارو مُئو ڏسن، تتي پنگيون اڏي، مال سميت وڃيو رهن، ۽ اهو سندن ڳوٺ سڏجي ٿو. هن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ آڳاٽا لوڪ ڳوٺن ٻڌڻ مهل اول اونو مال جي چاري جو ڪندا هئا. چوپائي مال مان بہ مکيہ مال ڳايون سمجهيائون ٿي. تنهنڪري "ڳو" (ڳانءِ) لفظ مان "ڳوٺ" لفظ ٺاهيائون، جو اصل ۾ ڳاين جي چاري لاءِ هو، پوءِ پلي تہ ڳاين سان گڏ ٻيو مال بہ پيو چرڻ ڪري. ڳوٺن جي حدن نهرائڻ لاءِ هر هڪ ڳوٺ جي چوڌاري وڻ پوکيندا هئا. اڄ بہ ائين آهي، جنهنڪري هرڪو پنهنجي وطن جا وڻ پريان ئي سڃاڻي سگهي ٿو. مال جي چاري لاءِ چراگاهہ ڳوٺن جي اندر يا انهن جي پسگردائيءِ ۾ هوندا هئن. چراگاهن ۾ سڀني مالدارن جو مال گڏ پيو چرندو هو، تنهنڪري چوپائي مال جي ڪنن تي ڪو نشان ڪري ڇڏيندا هئا، جيئن سڃاڻڻ سولو ٿئي تہ ان جو مالڪ ڪير آهي. رگ ويد منڊل ڇهون (٢٨، ٣) ڏاندن جي سڱن جون ڇهنبون تکيون ڪري ڇڏيندا هئا (منڊل ٦، ١٦، ١٣٩)، ۽ انهن ۾ ڪي زيور (ڪنئيون وغيره) اٽڪائي

---

* مٿرا جي آسپاس وارو ملڪ "برج" سڏبو هو. جتي مالدار رهندا هئا. شري ڪرشن اتي رهندو هو، تنهنڪري "برجباسي" يعني برج جو رهاڪو سڏبو هو. ڏسو شريمد ڀاڳوت.

چڙَيندا هئا. (منڊل ٨، ٥٣، ١٠).

ڏڻ ڏارڻ ڪري ماڻهن جون جوابداريون وڌيون. صبح جو سويل اونو ڪري مال سان ٻهرجي ويندا هئا، ۽ مال جي هر طرح سنڀال ڪندا هئا. ائستريي براهمڻ ۾ ڄاڻايل آهي ته ماڻهو ڏينهن ۾ ٽي گهمرا مال سان ٻهرجي ويندا هئا: صبح، منجهند ۽ سانجهيءَ. ڏهائي به ٽي پيرا ڪندا هئا: ٻهرين ڏهائي ڪرڻ سان کير ججهو ملندو هون ۽ ٻين ٻن ڏهائين پيري ٿورو. مال سان ٻهرجي ويندا هئا. ته ڪتا ساڻ هوندا هئن، ۽ رات جو به ڪتا سندن درن جا دربان هوندا هئا. رگ ويد ۾ جن ڪتن جو ذڪر آهي، سي نهايت قداور هوندا هئا، ۽ ماڻهو وقتي مٿن بوجو لڏيندا هئا. (منڊل اٺون ٣٦، ٢٨). ڪتا به اهڙا زبردست هوندا هئا، جو شينهن سان به لڙندا هئا. سڪندر اعظم جي ڪاهه وقت يونانين اهڙا ڪتا هندستان ۾ ڏٺا هئا؛ تنهنڪري يوناني تاريخ نويسن به انهن جو ذڪر ڪيو آهي. آڳاٽا ماڻهو اهي جبرا ۽ قداور ڪتا داردستان (ڪشمير، گلگت، چترال وغيره) کان آڻيندا هئا. ايران ۽ ٻئبلان جا رهاڪو اهي ڪتا هندستان مان گهرائيندا هئا ۽ انهن لاءِ چڱي خاصي رقم ڏيندا هئا.*

مال جي بچاءَ لاءِ ڪتا ساڻ ڪئندا هئا، ته به آسماني واهر جي ضرورت سمجهندا هئا. ڏينهن جو ديوتا "سورج" آهي، تنهن کي "پُوشڻ" سڏيندا هئا. سج جي روشنائيءَ تي گاهه وغيره اُپرن ٿا ۽ جڳت جو پالن پُوشن ڪرڻ وارو اهوئي ديوتا آهي، تنهنڪري اهو نالو رکيائونس. سج جي روشنائيءَ تي سنئين راهه جي سڌ پوي ٿي. ڪو جهنگلي مرون يا چور مال تي ڪاهي ايندو ته سج جي روشنائيءَ تي پريان ئي ان جي اچڻ جي سڌ پوندي. اهڙن سببن ڪري هو پل پل سورج ديوتا کي آراڌنا ڪندا هئا ته "اي پُوشڻ ديوتا، تون اسان جي واٽ سولي ڪر. اسان جي راهه ۾ جيڪي اٽڪون هجن، سي تون دور ڪر. اي ڪڪرن مان پيدا ٿيل ديوتا! تون اسان جو اڳوان ٿي. جيڪي نياڳا بگهڙ اسان جي راهه وٺا تڪين، ۽ اسان کي نقصان رسائڻ ٿا چاهين، تن کي تون پاسي ڪر. جنهن رهزن کي مدي

Hist: History of the World, Vol.I ,p.488.

من ۾ آهي، تنهن کي تون دور ڪر. تون اسان جو راهه ۾ رهبر ٿي، اسان کي اُهي هنڌ ڏيکار جتي مال لاءِ چارو منو هجي. تون پنهنجي اهڙي شڪتي ڏار جو اسان جي مٿان سويل ئي ڏينهن نه تپي. تون اسان کي مالا مال ڪر اسان کي ڪاڏو رساءِ ۽ اسان جو ڀل وڌاءِ" وغيره. (رگ ويد منڊل ڇهون ۵۳). هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته مال جي اوني ماڻهن ۾ پرارٿنا ڪرڻ جو انگ پيدا ڪيو ۽ انين مالڪ مهربان ۾ ويساهه وڌندو وين.

مال جي چوري. اڳي ماڻهن جي دولت چوپايو مال هو، ته چوري به چوپائي مال جي ٿيندي هئي، (رگ ويد منڊل ڇهون ۲۸). اڄ به ٻهراڙين ۾ مال جي چوري عام آهي. چورن ۽ جهنگلي جانورن جي خوف کان آڳاٽا ماڻهو نه رڳو ڏٽيءَ کي آراڌنائون ڪندا هئا: پر پنهنجا به جوڳا جتن ڪندا هئا. هن باري ۾ آڳاٽن آرين جيڪي اُپاءَ ڪيا، تن مان ڪن مکيه اُپائن جو ٿورو ذڪر ڪجي ٿو، جو انهن سان هندن جي جيوت جو وڌو ئي واسطو آهي، ۽ انهن مان پنگتي حالت جو پتو پوي ٿو.

هڪ هندي يا گڏيل ڪٽنب جي رواج جو بنياد. رگ ويد واري اوائلي زماني ۾ نڪا هئي سرڪار نڪي هيون فوجون ۽ سپاهي: تنهنڪري ماڻهو پنهنجو ۽ پنهنجي چوپائي مال جو بچاءُ پاڻ ڪندا هئا. مال جي بچاءَ جي اوني منجهن جنگي ڀاءُ پيدا ڪيو. صبح کان وٺي رات تائين تير ڪمان ساڻ هوندا هئن. ڪو جهنگلي مرون يا رهزن ڏسندا هئا ته پريان ئي تيرن جي سٽ سٽ لائيندا هئا: جنهنڪري ڪوبه اوڏو ڪونه ايندو هون. پر وقتي هڪڙو ڄڻو پنهنجو توڙي مال جو بچاءَ نه به ڪري سگهي: انهيءَ سبب گڏيل ڪٽنب جو رواج وڌائون. هرڪو انين چاهيندو هو ته پٽ، پوٽا ۽ ڀيا ياتي گهر ۾ گهڻا هجن: ته وقت تي مدد ڪن ۽ آڪهه جو نالو به قائم رکندا اچن. اهڙين ضرورتن زالن ۾ به مردانگي پيدا ڪني، ۽ هو ويرتا جو ججهو قدر ڪرڻ لڳيون. جوان ڇوڪريون به انهن سان پرڻجڻ چاهينديون هيون، جي جنگي جوڌا هوندا هئا. مردن وانگر زالون به تيراندازي ۽ رٿ هلائڻ سگنديون هيون، ته چورن ۽ ڌاڙيلن جي پنيان نه پهه وڃي سگهجي. مثلاً نل ۽ دمينتيءَ جي ڏيءَ اندر سينا، مد گل نالي هڪ رشيءَ سان

پرٽيل هئي * تنهنڪري "مد گلاني" به سڏبي هئي. هڪ لڳا ڪي چور سندس مال ڪاهي ويا، تہ مد گل رشي توڙي سنديس استري پنيان پين. چورن رشيءَ کي سوڙهو جهليو، تہ مد گلانيءَ پنهنجي مڙس جا تير ڪٺي، تڪڙو تڪڙو رٿ ڪاهي، چورن کي ڪاري زخم رسايا ۽ کين شهہ ڏيئي پنهنجو سمورو مال موٽي هٿ ڪيائين. (رگ ويد منڊل ڏهون ۱۰۲). مطلب تہ مال جي بچاءَ جو هڪجهڙو اونو هون ۽ نڊڙي هوندي ئي تيراندازي ۽ رٿ ڪاهڻ سگهندا هئا.

وقتي ماءُ پيءُ جي جيئري خود پائر پاڻ ۾ وڙهي ڏانگا تي پوندا هئا، تہ پيءُ پنهنجيءَ ملڪيت مان پاڻ لاءِ ۽ پنهنجيءَ زال لاءِ حصو رکي، باقي ہي ملڪيت ورهائي ڏيندو هون. (رگ ويد منڊل ٽيون ۴۵، ۴) هيئن بہ ٿيندو هو تہ جڏهن ڪنهن جو پٽ پرٽبو هو، تڏهن کيس ۽ جوڙس کي ڏار گهر يا جدا ڪوئي، رهڻ لاءِ ڏيندا هئا: پر ڪائيندا پيئندا گڏ هئا. انهيءَ ريت هڪ هندي يا گڏيل ڪٽنب جو رواج ايتري قدر عام ٿيو، جو اڄ بہ جيڪڏهن ڪو هندو چوندو تہ مان ڪاٽي پيٽيءَ توڙي ملڪيت ۾ مائٽن کان ڏار آهيان تہ ان لاءِ ثابتيءَ جو بار مٿس آهي، نہ تہ هندن جي قائدي موجب ڪورٽ ائين فرض ڪندي تہ هو گڏيل ڪٽنب جو ڀاتي آهي ۽ ملڪيت بہ گڏيل اٿن. اهو رگ ويد واري زماني جو رواج اسان جي ڏسندي بہ زور هو. ڪنهن گهر ۾ چار پنج پائر هوندا هئا ۽ منجهائن ڪو بيروزگار هوندو هو، تہ گڏيل هنديءَ مان ڪائي چڙهندو هو. ۽ ٻيا پائر ائين ڪونہ سمجهندا هئا، تہ هيءَ ڪو اسان تي بوجو آهي بيروزگار ڀاءُ کي پالڻ پنهنجو فرض سمجهندا هئا. ويجهڙائيءَ ۾ نئون واءُ لڳو آهي. ڪيترين جوان جوڪرين هينئر ائين چاهين ٿيون تہ رڳو ونو ۽ ڪنو هجي. انهيءَ تان هاڻ چوٽي بہ آهي، تہ "يڳوان تنهنجو تورو مڙس ڏجانم چورو". مطلب تہ سس سهرو ڪونہ کپي. هينئر اڪثر هرڪو آپيخاني آهي، ۽ هر ڪنهن جو ڏيڌ چانور ڏور پيو رجهي، تہ بہ ڪورٽن ۾ قاعدو اهوئي اڳين زماني وارو چالو آهي.

---

• Dr. Sita Nath Pradhan: Chronology of Ancient India, pp. 4-6.

گوتر ۽ نکون. آڳاٽن ماڻهن پنهنجيءَ جان ۽ مال جي بچاءُ سانگي گڏيل ڪٽنب جو رواج وڌو تہ بہ پورت ڪانہ پين پوءِ تہ هڪڙي اهڙي اٽڪل ڪيائون، جا ٻيءَ ڪنهن بہ قوم کي خيال ۾ نہ آئي. پنهنجن گهرن ۽ مال جي وٿاڻن جي چوڌاري وڏيون پٽيون ڪنيائون، تہ ڪو جهنگلي جانور يا چور چڪار آسانيءَ سان اندر اچي نہ سگهي. اهو عالم پناهہ وارو هنڌ "گوتر" سڏبو هو. رشي اڪثر گهٽا گهر پرٽبا هئا، تنهنڪري آڪهہ وڏي هوندي هين. هرهڪ رشي وٽ چوپايو مال بہ اڪثر ججهو هوندو هو، تنهنڪري هرهڪ رشي پنهنجو گوتر ڌار جوڙيندو هو، جنهن ۾ سڀ ٻاتي مال سميت رهندا هئا. جن ماڻهن جي آڪهہ ننڍي هوندي هئي، ۽ چوپايو مال ٿورڙو هوندو هون، تن مان ڪي ڪدجيءَ پنهنجي لاءِ هڪ يڪو گوتر ٺاهيندا هئا. جو گوتر جوڙڻ وڏو ڪشالي جو ڪم سو.

جرمنيءَ جي نامور پروفيسر منڪس ملر جي خيال موجب "گوتر" لفظ ۾ "گو" معنيٰ ڳانءِ ۽ "تر" اُهو لفظ آهي، جنهن جو اچار انگلو سئڪسن ٻوليءَ ۾ "تن" (Tun)، ۽ انگريزيءَ ۾ "ٽائون" (Town) (شهر) آهي. هر هڪ گوتر جي اندر جڻ تہ شهر ٻڌل هوندو هو، جنهن ۾ ماڻهو مال سميت بافرحت گذاريندا هئا.

گوترن اندر جيڪي رهندا هئا، سي رڳو ٻڳو ساڳي آڪهہ وارا ڪين هوندا هئا. سيڪنهن جي آڪهہ پنهنجي پنهنجي هوندي هئي؛ پر گوتر ساڳيو هوندو هون، تنهنڪري اهي جڻ تہ هڪ وڏي ڪٽنب جا ٻاتي هوندا هئا، ۽ هڪٻئي کي پنهنجو سوٽ يا براداريءَ وارو ڪري سمجهندا هئا.* انهيءَ سبب "گوتر" لفظ جي معنيٰ ٿي "آڪهہ يا برادري". اڄ بہ سنڌيءَ ۾ "ڳوتي" گوتري معنيٰ "براديءَ وارو". برادرين جو بنياد ائين پيو. ڏسو تہ گوترن مان ڪيئن ٻانڀيءَ جو انگ وڌايائون.

هرهڪ گوتر جو جيڪو مکي يا پريو مڙس هوندو هو، سو "گوتر پتي" يعني گوتر جو ڌڻي سڏبو هو، ۽ سڄو گوتر سندس نالي پنيان ڪوٺبو هو. گوترن جو بنياد اول رشين وڌو هو، ۽ هرهڪ رشيءَ جو گوتر اڪثر ڌار هوندو هو. هاڻوڪا براهمڻ انهن رشين جو اولاد آهن. تنهنڪري براهمڻن جا

جيڪي ٻه گوتر (خاندان) آهن، تن سيني تي رشين جا نالا پيل آهن، جن مان خبر پوندي آهي ته هو ڪهڙي رشيءَ جو اولاد آهن. وسشٽ، ڪيشپ، آتري، جمدگني، گوتم، وشوامتر ۽ ڀردواج، اهي سپت (ست) رشي وشنو پراڻ پٽاندر مکيه آهن. پراڻن ۽ منوسمرتيءَ ۾ ٻين به ڪيترن رشين جا نالا ڄاڻايل آهن. گوترن ۾ جيئن آکهيون وڌيون ويون، تيئن انهن کي ننڍن دفعن ۾ ورهائڻ جي ضرورت ٿي، ائين گوترن کي "نکن" ۾ ورهايائون. مثلاً ڪيشپ رشيءَ جي گوتر وارن جون نکون ڪنيٺا، ڪانجا ۽ ڪاڪوٺا آهن. گوتم رشيءَ جي گوتر مان اُوي، اُديڇه ۽ آئن نکن وارا براهمڻ آهن. هرهڪ نک جون گهٽيون آکهيون هونديون هيون. ڪترين ۾ ٻين به پوءِ پنهنجا گوتر ٺاهيا ۽ انهن جون به ڏار ڏار نکون ٿيون. مثلاً حيدرآباد جي آڏواڻي آکهه وارن جي نک "مگهو ڪتري" آهي. تڏاڻي آکهه وارن جي نک "ڀاڳيا"، رامچنداڻين جي نک "دلڙي" ۽ سپاهيملاڻي آکهه وارا "ناگ ديو" نک جا آهن. آهوجا ۽ ماکيجا به نکن جا نالا آهن. گوترن جوڙڻ جو رواج پهريائين سنڌو ماٿر ۾ پيو ۽ هي رواج اصل اُتي جا آهن.

سگوتر ۽ سپنڊ. ڪن ڪن گوترن جي اندر جيتوڻيڪ جدا جدا آکهين وارا رهندا هئا؛ پر گوتر ساڳيو هوندو هون، تنهنڪري اهي "سگوتر" يعني ساڳي گوتر وارا سڏبا هئا. اُهي گوتر ڀٽيءَ کي پنهنجي ڀيءُ جي سمان ڪري سمجهندا هئاءِ ڪيس ججهي عزت ڏيندا هئا، اُهي هڪٻئي جي زالن ۽ نياڻين کي پنهنجي ماءُ ڀيڻ جهڙو ڪري سمجهندا هئا. جنهنڪري هندن جي قديم قاعدي پٽاندر اڄ تائين "سگوتر" يعني ساڳي گوتر وارا پاڻ ۾ شادي ڪري نٿا سگهن. هي ڀائپيءَ جي انگ وڌائڻ جون وانون آهن. ساڳيءَ ريت "سپنڊ" وهانءَ جي به منع ڪيائون. "پنڊ" معنيٰ سرير يا جسم ۽ "سپنڊ" معنيٰ اُهي جي ساڳي سرير مان پيدا ٿيا هجن، ۽ ساڳيو پنڊ پرائيندا هجن، اولاد پنهنجي ماءُ پيءُ جي انس آهي ۽ ماءُ پيءُ ۾ خود سندن مائٽن جو رت آهي. ساڳيو رت چڱي رت نه ڦهلندو تنهنڪري منو سمرتيءَ پٽاندر پيءُ جي طرف ستن پيڙهين ۽ ماءُ جي طرف پنجن پيڙهين ڪا ٻاهر پرڻجڻ گهرجي. انهن سببن ڪري براهمڻن لاءِ خاص طرح حڪم

جاري ٿيو تہ ڏھاڙي ھرڪو براھمڻ پنھنجي گوتر، نک ۽ پرور (ڪٽنب) جو نالو اُچاري تہ ياد رھيس، تہ سندس اصل نسل ڪھڙو آھي. انھن نالن اُچارڻ جي ھڪ مکيہ مراد ھيءَ ھئي تہ ساڳي گوتر مان ڪو ڪونہ پرڻجي. ھن مان ظاھر آھي تہ آڳاٽن لوڪن ۾ غيرت جو انگ ججھو ھو، جنھنڪري جيڪي ڇوڪريون سندين ويجھيون مائٽياڻيون ھونديون ھيون، تن کي پنھنجي ڌيءَ يا ڀيڻ جھڙو سمجھي، انھن سان شادي نہ ڪندا ھئا: پر اڄ ڪالھہ ڪي ھندو ڏاڏي پوٽي بہ پيا پرڻجن! مطلب تہ غيرت جو جيڪو انگ آڳاٽن ھندن ۾ ھو، سو ھاڻوڪن ھندن مان گھٽبو پيو وڃي.

رگ ويد جي اوائلي زماني ۾ سڀ ماڻھو گوترن اندر ڪونہ رھندا ھئا. ڪي خانہ بدوش بہ ھوندا ھئا. ڪين رڳو چوپايو مال ھوندو ھو، ھي نڪا ڪرت نڪا ڪار. انھيءَ سبب وسڪاري ۾ ھڪ ھنڌ ٽانئيڪا ٿي مال پيا چاريندا ھئا. جيڪڏھن برسات نہ پوندي ھئي، تہ پوءِ مال جي چاري سانگي ڪڏھن ڪٿي تہ ڪڏھن ڪٿي سانگ ڪري ويندا ھئا. اھا حالت اڄ بہ ڪوھستان ۽ ٿر ۾ اکين سان ڏسجي ٿي. اھي مالدار اڄ تائين "سانگيئڙا" سڏجن ٿا.

"جھڙ ڦڙ جت ٿيان، اُت اَڏيائون پکڙا".

شاھ

رگ ويد ۾ انھن گھرن جو ذڪر بہ آھي، جي ماڻھو ھڪ ھنڌان ڪٽي ٻين ھنڌ ويندا ھئا. اترو ويد جي منڊل نائين (٣، ٢٣) ۾ چيل آھي تہ "جاءِ کي بہ اسين جوءِ وانگر پاڻ سان وٺيو وڃون!" ھن مان سمجھجي ٿو تہ مال جي چاري سانگي جڏھن ڪنھن ٻئي ھنڌ وڃڻو ھوندو ھون، تڏھن گھر جا پکا، ٽوئا ۽ لڙھيون بہ پاڻ سان کڻي ويندا ھئا. ۽ جتي وڃي رھڻو ھوندو ھون، اُتي اھي ساڳيا پکا وڃي اڏيندا ھئا. اڄ بہ مالدار ائين ڪندا آھن. لڏپلاڻ ڪرڻ مھل ڳايون، مينھون وغيرہ ڪيڏي ڳس تي ڪن، تہ سنئين وات وٺي ھلن، ۽ پاڻ پکا، ٽوئا، جنڊ، رليون ۽ ٻيو سامان، ڪي وھٽن تي، تہ ڪي مٿي تي کڻي مال جي پٺيان وڃن. پڪيون جايون جوڙي ھڪ ھنڌ ٽانئيڪو ٿي رھڻ، ۽ گوترن جوڙڻ جو رواج ٿي تڏھن وڌيو، جڏھن ماڻھو

ڪيتي ۽ ٻيا ڌنڌا ڪرڻ لڳا. جن جو جتي روزگار هوندو هو، سي تتي پنهنجا پڪا ماڳ جوڙي وهندا هئا، جنهنڪري اڄ تائين چوڻي آهي ته "جتي هر تتي گهر ۽ جتي ماني تتي ماڳ".

ڪيتي. قديم زماني کان وٺي ڪيتي هڪ اُتم ڌنڌو ڪري ليکيو ويو آهي. اڄ به چوڻي آهي ته "نيچ نوڪري، اُتم ڪيتي، وڌنت واپار". پروفيسر منڪس ملر جي چوڻ موجب "آريه" لفظ جو ڌاتو يا بنياد آهي "آر" معنيٰ "هر ڏيڻ" جيڪي ماڻهو زمين کي هر ڏيئي ڪيتي ڪندا هئا، سي ڌوتين ۽ خانه بدوش مالدارن کان وڌيڪ سڌريل ليکبا هئا ۽ اهي ئي خانداني يا وڏا گهراڻا سمجهبا هئا. انهيءَ سبب "آريه" لفظ جي معنيٰ ئي هئي شريف يا وڏو گهراڻو.*

رگ ويد جي منڊل پهرين (١١٢، ٦) ۾ ڄاڻايل آهي ته "ٻج ڇٽڻ جو هنر اشوني ڪمار ديوتائن منو ٻگوان کي سيکاريو". هن منجهان ائين سمجهجي ٿو ته آڳاٽن رشين کي شايد الهام ٿيو ته ٻج ڇٽڻ ڪري پوک ٿي سگهندي. ساڳي منڊل پهرين (١١٢، ٥) ۾ ڄاڻايل آهي ته ٻنيءَ کي هر ڏيڻ جو طريقو جنهن رشيءَ سڌاريو تنهنجو نالو "پرٿوُا" هو، جو "پرٿي" به سڏبو هو. اهو پرٿو رشي "وننيه" Vainya يعني وين Vena رشيءَ جو اولاد به سڏيو ويو آهي، (منڊل ائون ٩، ١٠). هر جي چونڀَ کي "ڦال" چوندا هئا. (منڊل چوٿون ٥٧، ٨)، اڄ به اهو ئي ويدڪ لفظ ڪم پيا آڻيون: پر عام طرح چئون "ڦار" يعني "ل" کي مٽي "ر" ڪيو ائون ۽ اها اسان سنڌي ماڻهن جي اصل عادت آهي (جل ـ جر ۽ تل ـ تر).

اڳي سڄي سنڌو ماتر ۾ ڪيترن هنڌ "ٻن" يا گهاٽا جهنگ لڳا پيا هوندا هئا، ماڻهو وڻ وڍي، پوک لاءِ زمين صاف ڪندا هئا. اها جهنگل شگافي ڳچ اراضيءَ ۾ ڪندا هئا. اهي "اُروا" يعني ڪشادا پٽ ننڍن ننڍن ٽڪرن (نمبرن) ۾ ورهائي، هر هڪ "ڪيت" ڌار ڪندا هئا، (منڊل ڏهون ١٠١، ٣). هن مان ائين سمجهجي ٿو ته هرهڪ "اَناس" (اٺ جريب زمين) يا "سورهاس" (سورهن جريب زمين) کي "ڪيت" سڏيندا هئا، رگ وِيد ۾

* I have noticed instances, even in the Reg. Veda, in which the word "Arya" seems to be used in the sense of "high, or respectable." John Wilson: India Three Thousand Years Ago, p.17. foot note.

اهو بہ چاٿايل آهي تہ هر هڪ ڪيت نهايت خبرداريءَ سان مايي ڇڏيندا هئا. (منڊل ڀهريون ١١٠. ٥). هن مان ظاهر آهي تہ سڀ ڪنهن ڪي پنهنجي ٻني ڏار هوندي هئي.* اهي ٻنيون سندن ڳوٺن جي آسپاس هونديون هيون. اڄ بہ ڪيترا هاري ناري پنهنجي پنهنجي ٻني ٽڪر جي آسپاس گهرڙا اڏيو، ڳوٺڙا ٻڌيو وينا آهن. جيڪي وڏا زميندار آهن سي بہ پنهنجو بنگلو يا اوطاق ٻنيءَ جي نزديڪ جوڙين ٿا، ۽ سندن هاري ناري انهيءَ اوطاق جي آسپاس پنگين ۾ رهن ٿا، ۽ اهو انهيءَ زميندار جو ڳوٺ سڏجي ٿو. اڳي بہ هوند وارن وٽ نوڪر چاڪر ۽ ٻانها يا غلام پورهيو ڪندا هئا، ۽ پاڻ رڳو مٿان نظرداري ڪندا هئا.

هر ڪيڙٺ ۽ نار ڪاهڻ لاءِ هن وقت اُٺ ۽ ڏاند ڪم اچن ٿا، پر اڳي گهوڙا بہ ڪم اٿيندا هئا. جو سنڌو ماتر ۾ گهوڙا نهايت گهڻا هوندا هئا. زمين کي هر ڏيڻ مهل ڪو رشي گهرائيندا هئا. جو هر جوٽيندو هو، ۽ اوڏي مهل ويدن جا منتر اُچاريندو هو. ائين پوڄا ڪري پوءِ ڪم شروع ڪندا هئا. چوماسيءَ ۾ براهمڻ کي گهرائي، هڪ وڏو يگيہ ڪندا هئا. جو "ستر" (Satta) سڏبو هو اهو يگيہ ٻہ ٽي مهينا سانده بلڪہ وڌيڪ وقت تائين پيو هلندو هو. يگيہ جي مراد اها هئي تہ اندر ديوتا ۽ ٻيا ديوتائون پرسن ٿين، تہ مندائتا مينهن وسن ۽ فصل ڀلا ٿين، ۽ مال لاءِ چارو منو ٿئي. انهيءَ مراد سان رشي بہ سنڌو نديءَ ۽ ٻين ندين جي ڪنارن تي ويهي، منيءَ للڪار سان ويدن جا منتر اُچاريندا هئا. جولاءِ - آگسٽ وارو مهينو "سانوڻ" سڏجي ٿو. جو اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "شراوڻ"، ۽ ڌاتو اتس "شروڻ" معني سٽڻ يا ٻڌڻ. سانوڻ ۾ جتان ڪٿان ويدن جي منترن جا منا آلاپ ٻڌڻ ۾ پيا ايندا هئا. تنهنڪري اهو نالو رکيو اٿن. هن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ جيئن آريہ لوڪ ويا دنيوي ڳالهين ۾ ترقي ڪندا، تيئن دل جو لاڙو ڌٽيءَ جي پاسي وڌندو وين جو چاتائون ٿي تہ فصل ڀلا تڏهن ٿيندا، جڏهن ڌٽيءَ جو فصل ٿيندو، رشين کي بہ پنهنجيون ٻنيون ٻارا هوندا هئا، ۽ چوپايو مال بہ ججهو هوندو هون تنهنڪري ايشور کي آراڌنا ڪندا هئا تہ اهو مالڪ پنهنجي مهر ڪري! انهيءَ سبب "هٿ هوندو هون ڪم ڪار ۾، تہ

*It is a fair conclusion from the evidence that the system of separate holdings already existed in early Vedic times" Prof. Macdonell Keith: Vedic.

بہ چت هوندو هون ڪرتار ۾!"

اڳي ماڻهو پوک اڪثر درياھ جي پرسان (ڪڇي ۾) ڪندا هئا. جن ڳوٺن ڪي درياھ ويجهو نہ هوندو هو، تن ۾ کوھ کوٽيندا هئا. رگ ويد جي منڊل پهرئين (١٠٥، ١٧) ۾ "ڪوپ" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جو بگڙيل اُچار سنڌيءَ ۾ "کوھ" آهي. هن وقت بہ ڪا پوک "موڪي"، ڪا "چرخي"، تہ ڪا "چرخي مدد موڪي" ٿئي ٿي.

رگ ويد جي منڊل پهرئين (سُوڪت ١١٦، ٧) ۾ "ڪنپ" (ٽانءُ)، ۽ سُوڪت، ١١٧ (١٢) ۾ "ڪلس" (لوٽي ڪنگري) لفظ ڪم آيل آهي. وڏي ڳالھ تہ "گهتو چڪر" لفظ بہ ڪم آيل آهي، جنهن مان هيڪاري ظاهر آهي تہ کوهن مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ مالھ ۾ ڪنگريون يا لوٽيون ٻڌندا هئا. جنهنڪري چئبو تہ هاڻوڪو رواج رگ ويد واري زماني کان وٺي هلندو پيو اچي.

رگ ويد جي منڊل ڏهين (٢٥، ٣؛ ١٠١، ٥ـ ٧) ۾ "آشمچڪر" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي اکري معنيٰ آهي "پٿر جو چڪرو". هن مان سمجهجي ٿو تہ جتي نار نہ هوندو هو، تتي کوھ جي مٿان سرائيءَ ۾ پٿر جي نهيل "ڀوُڻ" يا گرڙي (Pulley) هوندي هئي، ٿر ۾ ۽ ٻين ڪيترن هنڌ اڄ تائين دستور آهي تہ چم جو ڪوس يا ٻوڪو رسيءَ ۾ ٻڌي، اها رسي ڪاٺ جي نهيل ڀوُڻ تي رکي، ڍر ڏيندا وڃن، تہ ڀوُڻ وڃي ڦرندي ۽ رسي ٻاڻمرادو وڃي هيٺ کوھ ۾ پوندي. جڏهن ڪوس پاڻيءَ سان ڀرجي ويندو آهي، تڏهن رسي ڇڪيندا آهن، تہ ڪوس ڇڪجي مٿي ايندو آهي. انهيءَ ريت پاڻيءَ ڪڍڻ لاءِ جيڪي رسا ڪم آڻيندا آهن، تن کي سنڌيءَ ۾ "ورت" چئبو آهي، جو اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "ورترا" ۽ اهو رگ ويد ۾ ڪم آيل آهي. مطلب تہ کوهن مان پاڻي ڪڍڻ جو هي ٻيو نمونو بہ رگ ويد واري زماني کان وٺي هلندو پيو اچي. تفاوت رڳو هي آهي تہ پٿر بدران اڪثر ڪاٺ جي ڀوُڻ هاڻ عام طرح ڪم اچي ٿي.

ڪن ڪن هنڌ کوھ تمام اونها هوندا هئا. اتفاق سان جيڪڏهن ڪو ماڻهو انهن ۾ ڪري پوندو هو، تہ ٻين جي مدد کان سواءِ نڪري ڪين

سگھندو هو. اهڙا اونها کوهہ اڄ بہ سنڌ ۾ ڪيترن هنڌ، خاص ڪري ٿر ڊويزن ۾ آهن. گدڙي تعلقي ڇاڇري ۾ "سانيڪا" يعني سٺ پرهہ اونها يا سٺ مڙسن جي ڊيگهہ جيڏا اونها کوهہ آهن. هرهڪ "پرهہ" ۾ جيڪڏهن پنج فوٽ ليکبا تہ "سانيڪو" ٽيندو ٽي سؤ فوٽ اُونهو کوهہ!

* "سنجن سانيڪن تي وڏيءَ ويدوهون".

شاهہ

هن وقت سنڌ ۾ گهڻو ڪري سيڪنهن کوهہ جي اڳيان "آهہ" يا "آنهن" (ڪڏ يا حوض) نهيل آهي. کوهہ جو پاڻي نيسر مان وهي، آهہ ۾ وڃي پوندو آهي، ۽ اهو وهٽ پيئندا آهن. انهيءَ تان پهاڪو بہ آهي تہ "جيڪي کوهہ ۾ هوندو سو آهہ ۾ پوندو". اهو آهہ ناهڻ جو رواج ويدڪ زماني جو آهي. خود "آهہ" لفظ رگ ويدڪ سنسڪرت جو آهي، ۽ اصل اچار اتس "آهاو". اڳوڻي آهہ ۽ هاڻوڪي آهہ جي وچ ۾ تفاوت آهي. رگ ويد واري زماني ۾ ڪاٺ جا پيپ کوهہ جي اڳيان رکندا هئا. يا کوهہ جي اڳيان ڪڏ کوٽي ان ۾ ڪاٺ جو پيپ وجهندا هئا، تہ قابو بيٺو رهي. انهيءَ پيپ کي "آهاو" ڪوٺيندا هئا. اهو اڳوڻو نمونو وڌيڪ پسنديءَ جهڙو هو. هاڻوڪن آهن ۾ پاڻي سدائين لڙاتيل هوندو آهي. چوپائي مال کي لڙاتيل پاڻي پيار بو تہ ممڪن آهي تہ طبيعت بگڙنديس. بگڙيل طبيعت واري مال جو کير صحت کي بگاڙيندو. اهي ڳالهيون ڳڻي چئبو تہ رگ ويد واري زماني جا ماڻهو اهو عقل جو ڪم ڪندا هئا، جو ڪاٺ جا پيپ "آهہ" ڪري ڪم آڻيندا هئا. انين وهٽن کي پيئڻ لاءِ پاڻي صاف ملندو هو. پيپ جي ڪنهن وقت خراب ٿيندو.تہ وري ڏوئي ڏمالي صاف ڪري سگهبو. اهو اڳيون رواج وري جاري ڪرڻ گهرجي، جو انهيءَ ۾ مال توڙي ماڻهن جو ڀلو آهي.

رگ ويد جي منڊل پهرئين (۴، ۸ ۽ ۱۰) ۾ "اَوٽ" (Avata) لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جو اُچار سنڌيءَ ۾ آهي "آڏ". کوهہ جو پاڻي آڏ مان وهي، ٻنيءَ جي ٻارن ۾ وڃي پوندو هو. مطلب تہ هزارها ورهيہ اڳي جيڪو رواج سنڌو ماتر ۾ جاري هو، سو ساڳيو اڄ تائين اسان جا ماڻهو هلائيندا پيا

---

* Vedic Index, I, p. 40– 177.

اچن، بلڪ لفظ بہ ساڳيو ئي ڪتب آڻين، جنھنڪري اھو محاورن ۾ بہ اچي ويو آھي. مثلاً "تري تہ درياھ، نہ تہ آڏ تي بيھي رھي".

ٻنيءَ جي متان قسمين قسمين آفتون اچيو ڪڙڪن. پارو پيو يا ماڪڙ پيئي تہ فصل ئي چٽ! ڪٽڪ وغير کي "رتي" لڳي يا پيو ڪو مرض وڪوڙي ويو تہ بہ فصل چٽو!

ڪن ڪيون پوکون، ٿيون پرپون پي پاڻي جڏھن،
پوءِ پڪي ھنيون ھتيُ، اي دل ڪيئن آيا ويا.
ديوان گل

"ھتيو" آھي اتر ـ اُپرندي جي ھوا، جا جيڪڏھن خزان جي موسم ۾ لڳندي آھي تہ ڪتيءَ جي فصلن (جوئر ٻاجھريءَ وغيرھ) کي پورو ڪري ڇڏيندي آھي. ۽ ويچارن زميندارن ۽ ھارين نارين جي ڪئي ڪمائي ڪٽ ٿي ويندي آھي. اھڙين آسماني آفتن کي پرميشر پاڻ پڄي، باقي بندي جي بات ڪانھي. انھيءَ ھوندي بہ سنڌو ماتر جي آڳاٽن رھاڪن مغز ماريو تہ ڪھڙا اُپاءُ ڪجن، جو فصلن کي نہ برسات لوڙھي، نہ پارو ھتيو يا ٻي ڪا سماوي (آسماني) آفت چٽ ڪري ھن باري ۾ ڪوجنائن ڪرڻ سان يقين ٿين تہ تارا، نکٽ (نکتر)، گرھ وغيرھ تتون مان نھيل آھن، تنھنڪري پوک تڏھن ڪجي، جڏھن ڌرتيءَ جي متان آڳني تت زور ھوندو تہ سلو بہ ڪونہ اُپرندو يا اپڻ کان سگھوئي پوءِ سلا ۽ ڪانا سڙي سڪي ويندا. نکتر جملي اناويھہ آھن. ھرھڪ نکتر جو اثر معلوم ڪري، پنھنجن پوين لاءِ ھيءَ ھدايت ڇڏي ويا تہ روھڻي، مول، اُترا شاڍا، ريوتي، پنروسو وغيرہ ڪيترين پوکن لاءِ چڱا آھن. جنھن زماني ۾ اھي تجربا پئي ڪيائون؛ تنھن زماني ۾ سڄيءَ دنيا ۾ ٻي اھڙي ڪابہ قوم ڪانہ ھئي، جنھن جوتش جي اھڙين ڳالھين تي ڌيان تي ڌنو. تنھنڪري ڪيترن يوروپي عالمن ھندستان جي قديم آرين جي عقل تان عجب ظاھر ڪيو آھي. ھي سڀ ڪيتيءَ جو پرتاب چئبو، جنھن جي اوني وچان سنڌو ماتر جي قديم رھاڪن ھن حيرت جھڙي نموني جرن ڪوجنائون ڪيون.

آڳاٽن لوڪن جيتوڻيڪ پنھنجن فصلن جي بچاءُ جا ھر طرح حيلا پئي ڪيا تہ بہ يقين ڄاتائون ٿي تہ فصل لاءِ ڪپي سائينءَ جو فضل. ھو ائين

وسهندا هئا تہ هر هڪ کيت يا ٻنيءَ جو راکو دعاگو ڪو ديوتا آهي، جنهن جي ٻاجهہ سان آسماني آفتون ٽري وڃن ٿيون. فصل پلا ٿين تا ۽ ڪائڻ لاءِ اڻ ميو اَن ملي ٿو. انهيءَ ديوتا کي "کيتر پتي" يعني کيت جو ڌڻي (Lord of the Field) سڏيندا هئا. جيئن هن وقت اسان جا هاري ناري ڳاڏيءَ تي ويهي نار ڪاهين تا ۽ ڪنهن وقت ڪن تي هٿ رکي ڪافي آلاپين تا، تہ جهنگ ۾ رنگ لڳي وڃي ٿو. تيئن سنڌو ماتر جا آڳاٽا آريہ لوڪ بہ نار ڪاهڻ مهل ڪي راڳ جا پڄن ڳائيندا هئا، ۽ ڌڻي کي هن ريت آراڌنا ڪندا هئا:

مالڪ جي ڇل مهر ٿئي! ججهو ڇل مينهن پئي!
پٽ سمورا پاهہ جهلين، مؤج سان ماڻهو هر ڪيڙين،
ججهو گاهہ ۽ اَن اپائين، گهوڙا، ڳايون گاهہ ڪائين!
عرض اسانجو اگهائج سائين! مٺا مٺا ڪي مينهن وسائين!

(رگ ويد منڊل چوٿون ۵۷، ۱ کان ٦ تائين).

رگ ويد واري زماني ۾ ماڻهو ڪڪڪ ۽ چانور پوکيندا هئا يا نہ، سا ڳالهہ چٽي ريت ڄاڻايل ڪانهي، باقي "ڌانيہ" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جو اچار سنڌيءَ ۾ آهي "ڌاڄ"، ۽ معنيٰ اٿس "اَن" (هر ڪنهن قسم جو)*
هن مان ايترو ظاهر آهي تہ اَن پوک ٿيندي هئي. اهو بہ ڄاڻايل آهي تہ جون ۽ ترن جا فصل پلا ٿيندا هئا. (منڊل ٻيون ۵، ٦ ۽ ٽيون ۸۵، ۳)، ماڻهو اهي ٻہ اَن نہ رڌو کائيندا هئا: پر پوڄائن پشتائن ۾ بہ ڪم آڻيندا هئا. انهيءَ قديم رواج پٽاندر اڄ بہ سڄي هندستان جا هندو سڀ ڪنهن پوڄا ۾ جو ۽ تر ڪم آڻيندا آهن. هن مان ظاهر آهي تہ انهن ٻن اَنن جو واهپو نهايت گهڻو هوندو هو.

"تر" اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "تل" ۽ بنيادي معنيٰ اٿس "جو سٽيو آهي". آڳاٽن لوڪن ڏٺو تہ تر هڏ جا سٽيا آهن، تہ ڪنهن وقت انهن مان تيل ٻيڙي ڪيڻ جو هنر ڳولي لڌائون "تيل" لفظ "تل" (تر) مان نهيو آهي ۽ بنيادي معنيٰ ئي اٿس "ترن جي پيدائش". ماڻهو پوءِ ٻين ٻڄن مان تيل

---

* سنسڪرت لفظ "ڌانيہ" جو اُچار پارسيءَ ۾ ڦري ٿيو "دانہ" ۽ جنهن جو اُچار سنڌيءَ ۾ آهي "داڻو" (اَن جو). مصنف.

پيڙهڻ سکيا تہ اهو بہ "تيل" سڏجڻ ۾ آيو. هن وقت ڳالهہ جي چٽائيءَ لاءِ چئون سرهہ جو تيل يا منو تيل، چانيي جو تيل يا ڪوڙو تيل وغيرهہ. هاڻ تہ بادامين، ڪوپرن بلڪ مڇيءَ مان بہ تيل ڪڍن ٿا ۽ اهو بہ "تيل" سڏجي ٿو، نہ تہ اصل رڳو ترن جي تيل کي "تيل" چوندا هئا.

هندو ماڻهو "تلڪ" ڏيندا آهن. سنڌو وغيرهہ ۾ سنهڙي ڪاني، ڪک يا تيلي ٻوڙي، نرڙ سان لڳائيبي، تہ تر جيڏو نشان ٿي پوندو. "تلڪ" اصل انهيءَ کي چوندا هئا ۽ اکري معنيٰ اٿس "ننڍڙو تر". (تل + ڪ، اسم تصغير - Diminutive جي نشاني). وڏا تلڪ ڏيڻ، هڪ پن بلڪ ٽن ليڪن (تر پنڊ) ڪڍڻ جو رواج پوءِ پيو. مطلب تہ آڳاٽن ماڻهن جو جيترو ڌيان ترن ڇڪيو، تيترو ٻيءَ ڪنهن بہ جنس ڪونہ ڇڪيو.

رگ ويد جي منڊل ائين (۷۸، ۱۰) ۾ "داتر" Datra (ڏاتو) لفظ ڪم آيل آهي، تنهن مان سمجهجي ٿو تہ اَن ڇڄي تيار ٿيندو هو، تہ ڏاتي سان لڻندا هئا. سپ سنگ لٿي، باقي ٽي سنگ گندرون (Good Goblins) لاءِ ڇڏي ڏيندا هئا. (اٿرو ويد، منڊل ٽيون ۲۴، ٦) جرمنيءَ جا هاري ناري اڄ تائين پڇاڙيءَ وارا بہ ٽي سنگ "ووڊن" (Woden) ديوتا جي منت ڇڏي ڏيندا آهن. اِهو ديوتا اُهو ساڳيو آهي، جنهن کي هندو "شو" مهراج سڏيندا آهن. (صفحو ۹ ). سنڌو ماٿر جا آبادگار اَن جي ڳاهہ ڪري، سپ (ڇڄ) ۾ اَن ڇاٽيندا هئا. ڪي ڳوٺ ٻنين ڪان پري تہ ڪي ٻنين جي ويجهو هوندا هئا. پر رستا نهيا پيا هوندا هئا.* اهي رستا ڪي رواجي پيچرا نہ هئا، پر اهڙا ڪشادا هئا، جو انهن تان گاڏيون هلنديون هيون. گاڏين ڪاهڻ لاءِ گهوڙا ٻڌندا هئا. ٻنين تان اَن ڍوئي پنهنجن ماڳن تي نيندا هئا ۽ اُتي اَن ماپي گندين ۽ پانڊن ۾ رکندا هئا. جن گاڏين ۾ اَن ڍوئيندا هئا، سي "سشڪٽ" (ڇڪڙا) سڏبيون هيون، ۽ هلڻ مهل چيچاٽ ڪنديون هيون. (منڊل ڏهون ۱۴٦، ۳). سواريءَ لاءِ رٿ ڏار هئن، جن جي مٿان ڍڪ ڍنل هوندا هئا. (رگ ويد منڊل ڏهون ۸۵، ۱).

جيڪي ماڻهو کيتي ڪندا هئا، سي چوپايو مال بہ ڏاريندا هئا، جو کيتي ۽ چوپايو مال لازم ملزوم آهن. کيتيءَ جو دارو مدار چوپائي مال

* Vedic Index, I, p. 211.

تي آهي. هر ۽ نار ڪاهڻ لاءِ، اَن ۽ گاهه ڍوئڻ لاءِ هن وقت ڪيترا اُٺ ۽ ڏاند ڪم آڻين ٿا، پر اڳي گهوڙا به ڪم آڻيندا هئا. انهيءَ هوندي به ڇا آڳاٽن آرين ڇا ٻين قومن جي آبادگارن ڏاند يا ڍڳي جو نهايت گهڻو قدر ڪيو ٿي. سنسڪرت ۾ بيل يا ڍڳي کي چئبو آهي "بليورد" ۽ "بلدا" يعني ٻل يا طاقت ڏيندڙ. اهي نار ڪاهي ٻنيءَ کي ريج رسائين ٿا ته ٻني پلي ٿئي ٿي، تنهنڪري ڍڳو ٻل ڏيندڙ آهي، ۽ پاڻ به ٻلوان جانور آهي. سنڌيءَ ۾ چئون ته "فلاڻو ڏندين ڏاند آهي"، ته ان جي معنيٰ ته اپي سمرٿ يا پاڙيهي ٻچڻ جوڳو آهي. شريمد ڀاڳوت گيتا ۾ پيشمر پتامهه کي "نر پنگوهه" يعني "نر ڍڳو" سڏيو اٿن. اڳي رڳو جيرن جوڌن کي "نر پنگوهه" سڏيندا هئا. ماءُ پنهنجي ننڍڙي پٽ کي لوڏيندي ڪوڏيندي چوندي آهي ته منهنجو "پٽگ پٽ". اهو "پٽگ" اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "پنگوهه" (ڏاند)، ۽ معنيٰ اٿس پهلوان ڀٽ، شير ڀٽ، اڳرو ڀٽ وغيره. عربي، پارسي، يوناني وغيره ٻولين جي آئيوپتا جو پهريون اکر آهي "الف"، جنهن جي عبراني يا يهودين جي ٻوليءَ ۾ معنيٰ آهي "ڍڳو". عبراني ٻوليءَ ۾ "الف" اکر اهڙيءَ طرح لکندا هئا، جو ڄڻ ته ڍڳي جي شڪل نڪتل هوندي هئي. هن مان ظاهر آهي ته قديم يهودي لوڪن به ڍڳي جو ججهو قدر ڪري ان کي اهڙو شرف ڏنو، جو پنهنجي آئيوپتا جي منڍ ۾ ئي ان جي شڪل ٻيهاريائون. سنڌيءَ ۾ ڍڳي يا ڏاند بابت ڪيترائي پهاڪا آهن، جهڙوڪ:

"پلي آيو، ڳانءِ جو ڄايو، جنهن سارو جڳ نپايو".

رگ ويد واري زماني ۾ هندو ڳانو گوشت کائيندا هئا، پر پوءِ ڍڳي يا ڳانءِ جي ڪوس جي برخلاف ڪن رشين آواز ڪڙو ڪيو، ۽ رفته رفته سڀ هندو ائين سمجهڻ لڳا ته ڳئو هتيا ڪرڻ هڪ وڏو پاپ جو ڪم آهي، جو ڄاتائون ٿي ته اهي ڪارائتا جانور نه ڪُهڻ گهرجن. ڳئون، مينهن وغيره جي کير مان ڏڌ ۽ مکڻ ٿئي ٿو، ۽ کير مان قسمين قسمين مٺايون ۽ لذيذ طعام ٺهن ٿا. ڀاراڙين ۾ ڏسو ته ڪيترن ماڻهن جي مکيه غذا اڄ به کير ۽ ڏڌ آهي. ڏينهن جو ڏڌ يا لسيءَ سان، ۽ رات جو کير سان ماني کائي اُٿن ته ڪنهن به ٽيوڻ جي تانگهه ڪانه ٿئين. کيتيءَ لاءِ چوپائي مال جو ڇيڻو ۽ ڦولهڻيون وغيره، جي نهايت غليظ شيون آهن، سي به ڪم اچن ٿيون.

چوٽي آهي ته "ياڻ سدا جواڻ". پيو چون ته "ياڻ نه ڪيتي، نه ته ڪوري ريتي". چوپايو مال نه هجي ته ياڻ جيڪر ڪٿان اچي؟ قديم زماني کان وني گاين جو ﭼيٺو عام طرح پوتي ﭘانڻ لاءِ ۽ ﭘاهه دڪائڻ لاءِ ڪم اچي ٿو. چوپايو مال مري وڃي، تنهن کان پوءِ به ڪمائتو. ان جو گوشت، کلون بلڪ هڏا به ڪم اچن ٿا. رگ ويد واري زماني ۾ هرڪو گهر ﭘاري ائين چاهيندو هو ته مون وٽ چوپايو مال ججهو هجي، ۽ اَن پوک لاءِ ﭘنيءَ ٽڪر به هجي. (منڊل ﭘهريون ١٢٧، ٦ ۽ منڊل چوٿون ٣١، ٦).

قديم سپيتا جي ٽن زمانن جو ذڪر ڪندي، مٿي جيڪي چيو ويو آهي، تنهن مان ائين سمجهڻ نه گهرجي ته سنڌو ماتر جي رهاڪن فقط ايتري قدر ترقي ڪئي. هنن پوءِ ﭘاڻ وڏي وڪ وڌائي، جنهن بابت جيڪر وڏو ئي ڪتاب لکي سگهجي، پر اهو احوال مختصر طرح ڏار ﭘاب ۾ کولي ﭘڌائبو. هتي رڳو ايترو ﭼاٽائجي ٿو ته رواجي سک ۽ دک جو خيال به آڳاٽن آرين کي اول ڪيتيءَ مان آيو. جيڪڏهن برسات پيئي هوندي، ته زمين هڏ جي اَلي هوندي، جنهنڪري ڪاتي ڪٽڻ ۽ کوهه کوٽڻ ۾ سولائي ٿيندي. انهيءَ کي سڏيندا هئا "سک"، جنهن ۾ "س" معنيٰ "چڱو" ۽ "ک - کن" معنيٰ "کوٽڻ". جيڪڏهن برسات نه پيئي هوندي، ته زمين ٺوٺ هوندي ۽ کوٽڻ ڏکي ٿيندي. انهيءَ کي چوندا هئا "دک"، جنهن ۾ "د - در، دش" معنيٰ "مشڪل يا ڏکيو"، ۽ "ک - کن" معنيٰ "کوٽڻ". برسات نه پوڻ سبب پيدائش نه ٿيندي، ته انهيءَ جهڙو بچڙو وقت ﭘيو ڪهڙو؟ انهيءَ کي چوندا هئا "ڏڪال" (ڏڪار) يعني خراب وقت، جنهن جو ضد آهي "سڪال" (سڪار) معنيٰ چڱو وقت.

●

# باب نائون

## راڄنيتي جوڙجڪ ۽ بادشاهتون

گوناٽيون پنچاتيون. قديم سنڌ ۽ پنجاب جي ماڻهن پنهنجيءَ جان ۽ مال جي بچاءَ لاءِ اول گڏيل ڪٽنب جو رواج وڌو ۽ پوءِ پنهنجن گهرن ۽ وٿاڻن جي چوڌاري اوچيون پٽيون ڪٽي گوتر ٺاهيائون. ته به چوراڪاري بند ڪانه ٿي ويئي. جهنگلي قومون وقت بوقت مٿن ڪاهي ايندي هيون، ۽ ڪين ڦري ماري ويندي هيون. اهڙين حالتن منجهن پاڙي جو ننگ ۽ ايڪتا جو انگ هيڪاري وڌايو. هڪڙن جي مٿان چور يا ڌاڙيل ڪاهي پوندا هئا، ته ٻيا پاڙيسري لڪي ڪونه وهندا هئا، پر تير ڪمان کڻي، مڙسان مڙسيءَ چورن سان لڙندا هئا، جو ڄاڻائون ٿي ته "اڄ همان سڀان تمان". انهن ايڪتا جو انگ منجهن وڌيو، ۽ اوکيءَ سوکيءَ ۾ هڪٻئي جي واهر ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهڻ لڳا. پر جيڪي عادتي چور هئا، ۽ جن جو پيشو ئي اهو هو، جو ٻين کي ڦري، پنهنجو پيٽ پاليندا هئا، تن ڪين سک سمهڻ نه ڏنو. بعضي گهڻا ڌاڙيل پاڻ ۾ گڏجي هڪڙي ئي ڳوٺ تي ڪاهي پوندا هئا. اهڙيءَ حالت ۾ هرهڪ ڳوٺ جي ماڻهن لاءِ پنهنجو بچاءُ پاڻيهي ڪرڻ مشڪل ٿي پيو. هنن پوءِ پر وارن ڳوناٽن کي به پاڻ سان پيڙو ڪيو. انهن گهڻن ڳوٺن جي هڪ يڪي پنچات ٺاهيائون، ۽ پنهنجي برادريءَ جو دائرو وڌائي وڏو ڪيائون. ايڪتا وڌائڻ لاءِ هيءَ نهايت عمدو قدم کنيائون.

گهڻن ڳوٺن جو ميڙ "گرام" سڏبو هو، جنهنجو اُچار هاڻ عام طرح آهي "گام" يا "گانءُ" ۽ معنيٰ اٿس "ڳوٺ" يا "بستي"؛ پر بنيادي معنيٰ اٿس "ميڙ"، "ڪٽڪ". رواجي طرح "گرام" يا "گام" معنيٰ اُهو ڳوٺ جنهن ۾ گهڻا ماڻهو رهندا هجن، پروفيسر زمر جي خيال موجب "گرام" جي اصل

معنيٰ آهي "هٿياربند لشڪر جو ٽولو، جو جنگ ۾ لڙي". * سچ پچ ته "گرام" جي اصل معنيٰ آهي ئي اها. چاڪاڻ ته انهيءَ (گرام) لفظ جي اڳيان جيڪڏهن "سم" اڳياڙي (Prefix) وجهبي ته لفظ ٺهندو "سنگرام". جنهن جي معنيٰ آهي "لڙائي". (جنهن ۾ جنگي جوڌن جا ڪٽڪ اچي ڪنا ٿين ٿا). انهيءَ سبب ڄڻبو ته رگ ويد واري زماني ۾ "گرام" (گام) هڪ وڏي بستي هوندي هئي، جنهن ۾ جنگي جوڌن جا ڪٽڪ رهندا هئا، جي دشمن سان لڙڻ لاءِ هردم تيار هوندا هئا. گرام جي مکيءَ يا وڏيري کي "گرام مني" يعني گام جو مکي سڏيندا هئا. (رگ ويد منڊل ستون ۱، ۵، ۽ منڊل ڏهون ۶۲، ۱۱). مطلب ته ڳوٺن ۾ گوتر هوندا هئا، ۽ هرهڪ گوتر جو مالڪ يا مکي "گوتر پتي" سڏبو هو، پر گهڻن ڳوٺن جي مٿان "گرام مني" هوندو هو، ۽ هرهڪ گوتر جا رهاڪو گويا سندس فوج جا سپاهي هوندا هئا.

هن وقت ڪيترن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ رواج آهي ته ساڳئي ڪل مان پيڙهيءَ به پيڙهيءَ ڪو مکي مقرر ٿيندو اچي ٿو. رگ ويد واري زماني ۾ موروثي مکپڻ هئو ئي ڪونه. اڪثر رڳو چونڊ جو سرشتو جاري هو. جيڪڏهن ڪنهن مکيءَ جو پٽ پنهنجي پيءُ جهڙو ئي برجستو هوندو هو، ۽ عام خلق ۾ عزت هوندي هيس، ته پوءِ ڪيس مکي ڪرڻ ۾ ڪنهن کي به اعتراض ڪونه هوندو هو، نه ته عام طرح جدا جدا برادرين يا گوترن وارا هڪبئي جي صلاح مصلحت سان پنهنجي لاءِ مکي پاڻ چونڊيندا هئا. گرام مني يا مکي اهو چونڊيندا هئا، جو برجستو ۽ حشمت وارو هوندو هو، ۽ جنهن کان لڄ لمپٽ ڪن هٽندا هئا. سيئي ڳوناٺا سندس ڇٽي ۾ رهڻ ۽ وقت سر ڪيس مدد ڏيڻ پنهنجو فرض سمجهندا هئا. هرڪو ڳوناٺو پنهنجي مکيءَ کي پنهنجي پيءُ جي سمان ڪري سمجهندو هو. جيئن ماءُ پيءُ کي ماٺهو ڀيرين پوندا آهن، تيئن مکيءَ کي به ڀيرين پوندا هئا. اهو دستور اڄ به عام آهي. هرهڪ ڇنڊ تي ۽ ٻين وڏن ڏينهن تي ڪيترن شهرن ۽ ڳوٺن جا ماڻهو پنهنجي مکيءَ کي ڀيرين پوڻ ويندا آهن. هيءَ نهايت

* "Zimmer has derived the word 'gram', village originally from the sense 'horde' as describing the armed force of the tribe which in war fought," Cambridge History of India, Vol. I. p. 90.

قديم زماني جو رواج آهي، جو اڄ تائين هلندو پيو اچي.

ڳوٺاڻن جي جان ۽ مال جي سلامتيءَ ۽ عزت جي بچاءَ لاءِ ڳرام مني جوابدار هوندو هو. انهيءَ سبب هرهڪ گهر جو ڀاتي ڪيس وقت سر هرڪنهن قسم جي مدد ڏيڻ لاءِ ٻڌل هوندو هو. مثلاً ڪنهن جو مال چور ڪاهي ويندا هئا ته ڳرام منيءَ جي هڪل ڪرڻ تي، سڀ ڳوٺاڻا مڙي ايندا هئا ۽ چورن سان وڙهڻ ۽ مال ڇڏائي اچڻ ۾ ڪيس مدد ڪندا هئا. اهڙن وقتن تي برجستيون زالون به مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي بيهنديون هيون. اهڙيءَ طرح ضرورت مهل سڀ ڳوٺاڻا، زالين مڙسين، گڏجي پنهنجيءَ جان ۽ مال ۽ زالن جي عزت جو بچاءُ ڪندا هئا.

سنڌ جي جن شهرن ۽ ڳوٺن ڪي درياهه ۽ واهه ويجها آهن، تن جا رهاڪو پنهنجن ٻارن کي ننڍڙي هوندي ئي ترڻ سيکاريندا آهن، ته متان ڪنهن مهل ٻار ٻڏي پون. مهاڻن جا ٻار ته لڏڻن وانگر پاڻيءَ ۾ پيا تڙڳندا آهن. آڳاٽا آريه لوڪ رهندا ئي سنڌو نديءَ ۽ ٻين ندين جي ڪنارن تي هئا، تنهنڪري ننڍڙي هوندي ئي ترڻ جو هنر سکڻ سندن لاءِ ضروري هو. بعضي چور چوريءَ جو مال ڪاهي درياهه اڪري پرينءَ پر هليا ويندا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ ڪنهن تارؤ کان سواءِ ٻيو ڪو چورن جي پنيان پئي ڪين سگهندو. اهو به هڪ وڏو سبب هو، جنهنڪري هرڪو ترڻ سکندو هو. پنهنجيءَ جان ۽ مال جي بچاءَ لاءِ، چورن ۽ جهنگلي جانورن کي پريان ئي پڇائي ڪيڻ لاءِ، تير اندازي سکڻ تي به هيڪاري گهڻو زور رکيائون، جنهن ۾ رفتي رفتي حيرت جهڙي ترقي ڪيائون. آڳاٽا رشي هتيارن پنوهارن هلائڻ ۾ پڙ هوندا هئا، ۽ ٻين کي به اهو هنر پاڻ سيکاريندا هئا. چوپائي مال جي چوري عام هئڻ سبب گهوڙي سواري سکڻ جي به ضرورت ٿين، ته چورن ۽ ڌاڙيلن جي پنيان جهٽ پٽ ڊوڙي سگهجي. اهي سڀ ڳالهيون پوءِ به سنڌ ۾ ايتري قدر عام هيون، جو چوڻي پيئي ته:

ٻڙهڻ، ترڻ، تير هڻڻ، چوٿين سواري،
ننڍي هوندي جو نه سکي، وڏي خواري.

<u>راجوٽي فيصلا.</u> ماڻهو اول چوپايو مال ڌاريندا هئا ۽ پوءِ کيتي ڪرڻ لڳا، ۽ ڪيترن هنرن ۽ ڪاريگرن کي زور وٺايائون، ته ڏنڌن ڌاڙين هلڻ ۽ ٻي

ڏيتي ليتي تيڻ ڪري وري ٻين قسمن جا معاملا پيدا ٿيڻ لڳا. انهن معاملن نبيرڻ لاءِ هڪ نهايت عمدي ۽ سولي سهنجي وات ڪڍيائون.

رگ ويد واري زماني ۾ ديواني دعوائون ۽ ٻيا معاملا اڪثر گرام مني يعني گام جو مکي نبيريندو هو. پنجن ڄڻن سان ٻهي، جيڪو فيصلو ڪندو هو، سو قطعي فيصلو ليکبو هو ٻئي تڪراري ڌريون انهيءَ فيصلي قبولڻ لاءِ ٻڌل هونديون هيون. انهن پنجن ڄڻن جي ميڙ تي نالو ٿي پيو "پنچات" (پنج + آت As for exteding as five ) جنهن جي بنيادي معنيٰ آهي "اهو ميڙ جنهن ۾ فيصلي ڪندڙن جو تعداد وڌ ۾ وڌ پنجن تائين ٿئي". پنجن وٽ ڪو معاملو ويو، ته ڄڻ حقدارن کي حق ملي چڪو! فيصلو اهڙوڪندا هئا، جهڙو منديءَ تي ٺڪ! ٻي ريا وري اهڙا هوندا هئا جو جيڪڏهن پنهنجي پٽ يا سڳي ڀاءُ بابت سمجهندا هئا ته ڏوهي آهي، ته سزا ڏيندي دير ڪين ڪندا هنس! مطلب ته ڪنهن به للي چپيءَ ۽ ريب رياءَ کان سواءِ راجوٽي فيصلا ڪندا هئا. اهو رگ ويد جي زماني وارو دستور پوءِ به هلندو آيو. جنهنڪري يوناني تاريخ نويسن، بلڪ پوءِ جي مسلمان تاريخ نويسن به مکين ۽ پنچن جي عدل ۽ انصاف جون ساکون ڪيون آهن. "آئينه اڪبريءَ" ۾ ڏسو ته ابوالفضل به پنهنجي وقت جي هندن جي تمام گهڻي ساک ڪئي آهي.* مکيءَ ۽ پنچن جي فيصلي ۾ ماڻهن جو ايتري قدر ويساهه هوندو هو، جو اڄ تائين چوٽي آهي ته "پنچن ۾ پرميشر". هي سڀ ڳالهيون ڄاڻائين ٿيون ته مکين ۽ پنچن ۾ سچائي هوندي هئي ۽ ڏٺيءَ جو خوف ڏاري راجوٽي فيصلا ڪندا هئا. جنهنڪري ماڻهو ڪين پرميشر جو روپ ڪري ڄاڻندا هئا. هن وقت جيڪي پنج پنچاتن ۾ وڃي، رڳو قڏا وجهن ٿا ۽ اونڌا اُچار ڪن ٿا، تن کي هن منجهان سبق سکڻ گهرجي.

آڳاٽن آرين جا ويجها سوٽ ايران وارا آريه لوڪ هئا، تن وٽ به اهوئي ساڳيو دستور هوندو هو. بلوچستان جا ڪيترا ماڻهو جيتوڻيڪ اڪثر اڻ پڙهيل آهن ته به اڄ تائين رگ ويد واري زماني جي هندن وانگر

* "The Hindus are religious, affable, cheerful, lovers of Justice, given to retirement, able in business, admirers of truth, grateful and of unbounded fidelity; and their soldiers know not what it is to fly from the field of battle." Samuel Johnson: India, p. 294.

راڄوٽي فيصلا ڪن ٿا. فيصلي لاءِ "جرڳو" يعني چئن چڱن جو ميڙ (Council of Elders) ڪٺو ٿيندو آهي. جو تڪراري ڌرين جون ڳالهيون ٻڌي، حق جو فيصلو ڪندو آهي. راڄوٽي فيصلا ٿيڻ ئي اهڙيءَ بي ريائيءَ سان گهرجن.

رگ ويد مان ائين به سمجهجي ٿو ته ڪي ماڻهو مکيءَ ۽ پنچن ثالثن به دانهين ڪونه ويندا هئا. معاملي کي منڊ ۾ ئي روڪڻ لاءِ ڪو چڱو مڙس وچ ۾ پئي معاملو نبيريندو هو. منڊل ڏهين ٩٧، ١٢ ۾ "مڌيماشي" (Madhyama-si) لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي اکري معنيٰ آهي "وچ ۾ پوندڙ" يعني امين، جو وچ ۾ پئي معاملو نبيري. اڄ به اسان جا ڪيترا ماڻهو انهيءَ خيال جا آهن ته ڪس پلي سهجي، پر ڪورٽن ۾ گهڙڻ نه گهرجي. اڳاٽن ماڻهن جا به اهڙا ئي خيال هوندا هئا. تنهنڪري پنچاتن ثالثن به وس پڄندي دانهين تي ڪونه ويندا هئا. پر رگ ويد واري اوائلي زماني ۾ رڳو ٻڳو ديواني معاملا ڪونه هوندا هئا. ٻنين ۽ چراگاهن جي حدن تان، ۽ واهن ۽ ڪڙين جي پاڻيءَ،* ۽ ٻين اهڙين ڳالهين تان وقتي هڪ گام وارن جو ٻئي گام وارن سان وڏو تڪرار ٿيندو هو. رگ ويد جي منڊل ڇهين (٢٥، ٣) ۾ مخالف ڌرين ۾ هڪ ڪونڌر جو ٻئي ڪونڌر کي ڪهڻ جو ذڪر آهي. پاڻئجي ٿو ته اهڙن فوجداري ڏوهن کي روڪڻ ۽ خونريزيءَ کي ٽارڻ لاءِ ۽ پروارن ڳوٺاڻن سان صلح سانت ۾ رهڻ ۽ ساٿن پاڻپي وڌائڻ لاءِ، پوءِ هڪ نئون نمونو اختيار ڪيائون، ۽ اهو ترقيءَ جي راهه ۾ هيڪاري عمدو قدم ڪنيائون.

__پرڳڻن جون پنچاتون.__ اڳاٽن لوڪن پوءِ پنهنجي پنچات جو دائرو هيڪاري وڌائي، پرڳڻن جون پنچاتون ٺاهيون. اهڙين پنچاتين جا مثال اڄ به پنجاب، سنڌ ۽ ٻين ڪيترن هنڌ آهن. پنجاب جي روهتڪ ضلعي ۾ چوراسي ڳوٺن جي هڪ يڪي پنچات آهي، جنهن کي "چوراسي ڪيرا" سڏين ٿا. سنڌ ۾ رڳو وچولي ڏي نظر ڪريو ته اتي ساهتي پرڳڻي جي پنچات اڄ

---

* انگريزي لفظ "رائيول" (Rival) اصل ۾ "رور" (River) يعني نديءَ لفظ مان نڪتو آهي. ندين جي پاڻيءَ جي تڪرار سبب هڪ ڌر ٻيءَ ڌر جي برخلاف ٿيندي هئي، ۽ ائين منجهن ڀاڃپٽو (Rivaly) پيدا ٿيندو هو. (مصنف)

تائين آهي، جنهن ۾ نوشهرو فيروز پڊعيدن، پريا، نارو شاهه، نٽ، منياٽي، چنيجا ۽ پرڻ (تعلقو مورو) ۾ پيا ڪيترا هنڌ اچي وڃن ٿا. انهن سيني هنڌن جي هڪڙي نئي پنچاتي بندي آهي، جنهن تي سڀ هلڻ لاءِ پڌل آهن. دَلَ پنچات جو ميڙ ڪڏهن ڪڏهن ڪتي ڪتو ٿيندو آهي، ۽ هرهڪ ڳوٺ مان ٿورا ٿورا عيوضي ان ۾ وڃي حاضر ٿيندا آهن. هيءَ ويدن واري زماني جو رواج آهي، جو اڄ تائين هلندو پيو اچي.

مڪاني سرڪاريون. (Local Governments) . قديم زماني جون پنچاتيون مڪاني سرڪاريون هونديون هيون، جن جو ويدن ۾ ٿورو پر مهاڀارت ۾ گهڻو ذڪر آهي. ڪن هنڌ ڏهن، ڪن هنڌ ويهن، ته ڪن هنڌ هڪ سوَ بلڪ هڪ هزار ڳوٺن جي گڏيل پنچات هوندي هئي! هن وقت جي پنچاتين کي ڪابه اختياري ڪانهي. ڪو پنچاتي بنديءَ تي نٿو هلي، يا ٻيءَ طرح ڪا پنچاتي ڳالهه نٿو مڃي، ته پنچ رڳو پنهنجو اخلاقي زور مٿس هلائين ٿا؛ پر اڳي مُکين کي وڏيون اختياريون هونديون هيون. مئترياڻي سنهتا (يجر ويد) ۾ "شتپتي" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "سؤ جو ڌڻي" يعني هڪ سؤ ڳوٺن جو مُکي يا حاڪم، ڪيس انهن سيني ڳوٺن جي فوجداري، ديواني ۽ ٻين عام ملڪي ڳالهين بنسبت اختياريون هونديون هيون.* هن وقت به جيڪڏهن گهٽين ۽ برادرين جون پنچاتيون، دل پنچات سان ۽ ڳوٺن جون پنچاتيون شهرن جي پنچاتين سان گڏي، ملي ڪم ڪجي ۽ هلچل هلائي پنچاتين کي ڪي اختياريون وٺي ڏجن، ته سڄي ديس جو تمام گهڻي قدر ڀلو ڪري سگهجي.

راڄنيتي جوڙجڪ (Political Organization) . ويدن ۽ اتهاسن ۾ جاڻايل هن قسم جي حقيقتن مان آڳاٽن آرين جي راڄنيتي جوڙ جڪ ڀليءَ پت سمجهي سگهجي ٿي. راڄنيتي جوڙ جڪ جو مرڪز گهر هو، جنهن ۾ هڪڙي ئي آڪهه جا ڀاتي گڏ رهندا هئا، ۽ آڪهه جو پريو مڙس سڄي گهر جو حاڪم هوندو هو. گهر ۾ گويا پيءُ هو راجا، ماءُ هئي راڻي ۽ ٻار ٻچا سندين رعيت هئا. گهڻن آڪهين جو ميڙ جو ساڳي ڏاڏي جو اولاد هوندو

* Maitrayani Sanhita IV. 14, 12. Macdonell and Kesth: Vedic Index II, p. 51.

هو، سو "ڪل" يا خاندان سڏبو هو. هرهڪ ڪل جو پريو مڙس "ڪلپا" يعني ڪل جو سنڀاليندڙ سڏبو هو. "ڪل" کي "ڪٽنب" به چئبو آهي، جنهن جو اُچار ڦري "ڪڙم" ٿيو آهي. سيني ڪڙمين کي به گڏي "ڪڙم" چئبو آهي. اڳي گهڻو ڪري سڀ ڪڙمي هئا. تنهنڪري "ڪڙم" لفظ انهن ٻنهي معنائن سان اڄ تائين ڪم پيو اچي.

ڪل يا ڪٽنب کي "پرور" به چئبو آهي. گهڻن پرورن جو ميڙ "نک" ۽ گهڻن نکن جو ميڙ "گوتر" ڪوٺبو هو. هرهڪ گوتر جو وڏو "گوتر پتي" سڏبو هو. اهو گويا سندن وڏو ڏاڏو هو ۽ سندن حاڪم به اهو هو. گهڻن گوترن جي ميڙ کي "ڳوٺ"، ۽ گهڻن ڳوٺن جي ميڙ کي "گرام" (گام - ڳانءُ) چوندا هئا. هر هڪ گرام جو مکي "گرام مني" سڏبو هو، جو ڳوٺاڻن جي جان، مال ۽ عزت جي بچاءَ لاءِ جوابدار هوندو هو، ۽ سندن ديواني توڙي فوجداري معاملا به نبيريندو هو. جيڪو گرام هڪ سؤ ڳوٺن جي مٿان هوندو هو، سو "شتپتي" يعني "سو جو ڌڻي" (هڪ سو ڳوٺن جو مالڪ) سڏبو هو. گهڻن گرامن جو ميڙ جنهن ۾ هڪ هزار بلڪ وڌيڪ ڳوٺ هوندا هئا، سو "وس" (Canton or District) سڏبو هو. خود اُتي جا رهاڪو به "وس Visah " (Commoners) ڪوٺبا هئا، جنهن جي بنيادي معنيٰ آهي "واسو يا ويٺڪ ڪندڙ ويٺڪي". "وس" ۾ سڀ آبادگار، ڪاسبي ۽ واپاري اچي ٿي ويا، جنهنڪريءَ "وس" جي معنيٰ ٿي "عام خلق". انهيءَ ساڳئي "وس" لفظ مان پوءِ "وئش" لفظ نڪتو؛ ۽ اڄ تائين آبادگار، ڪاسبي ۽ واپاري وئش جي دفعي ۾ ليکجن ٿا. گهڻن وسن جي ميڙ کي "جن" يعني نيات يا قوم (Tribe) چوندا هئا.* ۽ هرهڪ جن جو پنهنجو پنهنجو راجا هوندو هو ۽ اهي جن سندن رعيتي راڄ هوندا هئا. مطلب ته جيئن هن وقت سنڌ ۾ خيرپور رياست آهي، ۽ ان جو والي مير صاحب آهي، تيئن رگ ويد واري

* "جن" لفظ جي اصل معني آهي "ماڻهو"، ۽ انهيءَ مان سنڌي لفظ "ڄڻو" نڪتو آهي؛ جيئن چئون ته هڪڙو ڄڻو، ٻه ڄڻا. اهوئي ساڳيو "جن" لفظ جمع جي معنيٰ به ڏئي ٿو. مثلاً "هريجن" معنيٰ "هريءَ يا ڀڳوان جا جيو" (People of God). انهن "جن" لفظ نيات يا قوم جي معنيٰ به ڏيکاري ٿو. سنسڪرت لفظ "جن" (Jana) جو اُچار لئٽن ۾ Gens ۽ گريڪ يا يونانيءَ ۾ Geons آهي.

زماني ۾ ٻه ڏيهي رياستون هونديون هيون، ۽ هر هڪ رياست جو والي يا حاڪم پنهنجو پنهنجو هوندو هو. راڄنيتي جوڙ جڪ جو اهو ئي ساڳيو نمونو، ايران، اٽلي، گريس (يونان)، رشيا (روس) ۽ جرمنيءَ ۾ هوندو هو.*

راڄائيءَ جو بنياد. رگ ويد جي منڊل ڀرئين (سوڪت ٣٦، منتر ١٠) موجب منشن (ماڻهن) جو ڀريون راڄا منو ڀڳوان هو. پر راڄا مقرر ڪرڻ جو رواج ڪيئن پيو، سو احوال ان ۾ ڪونه ٿو ملي. مهاڀارت مان معلوم ٿئي ٿو ته پانڊون ۽ ڪورون جو وڏو ڏاڏو ڀيشم پتامه جڏهن جنگ جي ميدان ۾ تيرن جي سيجا تي سمهيو پيو هو، تڏهن پانڊون جي وڏي ڀاءُ راڄا يڌشٽر کي گهڻين ئي ڳالهين بابت اُپديش ڪيو هئائين. راڄ ڌرم بابت اپديش ڪندي ڪيس راڄائيءَ جو بنياد ٻه ٻڌايائين. اهو مختصر طرح هتي ڄاڻائجي ٿو، جو انهيءَ مان هاڻوڪن ٻين رواجن جو بنياد به سمجهي سگهجي ٿو.

پراچين سمي ۾ پرٿويءَ تي نڪا هئي سرڪار نڪو هو راڄا. ماڻهو پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪندا هئا. ڪجهه وقت کان پوءِ ڏٺائون ته پنهنجو بچاءُ پاڻيهي ڪرڻ ڏکيو آهي - ڪي پرائي مال جا تاڪائو هئا، ته ڪن جو پاڻ تي ضابطو ڪونه هو، جنهنڪري ماڻهو هڪٻئي جو چڪين ماس پيا چنندا هئا. ان وقت ڪن سياڻن ۽ سدا چارين پاڻ ۾ گڏجي اهو پرڻ ڪيو ته جيڪي ڪرڙيءَ زبان وارا، طبع جا شوخ، زناڪار ۽ عياشي آهن ۽ جن کي چوري ڪرڻ ۽ پرائي حق غضب ڪرڻ جي عادت آهي، تن کي پنهنجيءَ نيات مان ڪڍي ڇڏبو. هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته "تاڙهون لاهڻ" يا ڪوفي مان ڪڍي ڇڏڻ جو رواج نهايت قديم زماني جو آهي. اهڙي پرڻ ڪرڻ کان پوءِ ماڻهن جو هڪٻئي ۾ ويساهه ڄائو، ته ڪجهه وقت سک سانت ۾ گذاريائون. پر پوءِ يقين ڄاتائون ته ڪنهن راڄا مقرر ڪرڻ کان سواءِ پوري پوڻ جي واهه ڪانهي، جو ڌرم ۽ اڌرم جو سنڌو سيڙهو ماڻهو رکن ئي ڪونه ٿا، ۽ ايشور کان به وچن ٿا ٻي مک ٿيندا. هنن پوءِ دلگير

* "This scheme can be supported by apparent analogies not only from Greece, Italy Germany and Russia, but also from the Iranian State with the graduated heirarchy of family or house holds, viz, Zantu and Dahyu." Cambridge History of India, Vol. I, p.91.

تي سرشتيءَ جي اپائيندڙ (برهما) کي آرادنا ڪئي تہ "راجا کان سواءِ اسين ناس ٿي وينداسين. تنهنڪري اسان لاءِ ڪو راجا مقرر ڪريو. هو اسان جو بچاءُ ڪندو تہ اسين ڪيس پنهنجو پوڄ ڪري ليکينداسين". هنن جي اها آرادنا ٻڌي برهما پوءِ منو ڀڳوان کي چيو تہ جيون جي رکيا ڪرڻ لاءِ توهين سندن راجا ٿيو. هن چيو تہ "حڪومت ڪرڻ ۽ ماڻهن کي ست ۽ ڌرم جي راهہ تي هلائڻ سترو ڪم ڪونهي". انهيءَ تي ماڻهن منوءَ ڀڳوان کي چيو تہ "توهين ڪوبہ خيال نہ ڪريو. توهان کي ڪوبہ پاپ ڇهي ڪين سگهندو. شاهي خزاني کي ڀرپور ڪرڻ لاءِ اسين ان جي پيدائش جي ڏهين پتي ۽ پنهنجي سون جي پنجاهين پتي ڏينداسون. ۽ گايون، مينهون ۽ ٻيو چوپايو مال بہ ڏينداسون. اسان مان جيڪي هٿيار پنوهار هلائي ڄاڻن، ۽ سواري ڪري ڄاڻن، سي توهان جي پٺيان ائين هلندا، جيئن ٻيا ديوتائون راجا اندر جي پٺيان هلن ٿا. ائين اوهين ڪبير ديوتا (ڀڳوان جي خزانچيءَ) کان بہ وڌيڪ زور ٿيندا ۽ سولائيءَ سان اسان جو بچاءُ ڪري سگهندا. توهان جي اَڇهي هيٺ رهي، ڀڳوان جي ڀڳتي ڪنداسين ۽ انهيءَ مان جيڪو اسان کي آتمڪ لاڀ (روحاني فائدو) ٿيندو، تنهن جي بہ چوٿين پتيءَ تي توهان جو حق ٿيندو. اي سوامي، اندر ديوتا وانگر توهين اسان جو بچاءُ ڪريو، ۽ ڀڪندڙ سج وانگر ٻاهر نڪري، اسان جن شترن (دشمنن) کي جيتيو. توهين اسان جن شترن کي جيتي سندن ڪنڌ هيٺ ڪريو. تہ سدائين ڌرم اسان جي رکيا ڪندو رهي". منو ڀڳوان پوءِ جيون جي رکيا ڪرڻ لاءِ وڏي شان شوڪت ۽ دٻدٻي سان پنهنجي قلعي مان نڪتو ۽ بيشمار ماڻهو هٿيار پنوهار ٻڌي، سندس پٺيان هليا. (مهاڀارت شانتي پرو ٦٧).

مٿئين مضمون مان ظاهر آهي تہ نهايت قديم زماني ۾ ئي ماڻهن محسوس ڪيو تہ پنهنجيءَ جان ۽ مال جي بچاءَ لاءِ ۽ امن امان ۾ رهي، سڪي جيوت گهارڻ لاءِ، ڪنهن سوروير کي پنهنجو راجا مقرر ڪجي. ۽ پنهنجيءَ پيدائش مان ڪيس حصو ڏجي. تہ رعيت لاءِ سڪن سهنجن ڪرڻ ۾ سولائي ٿئيس. سرڪاري ڍلن ڏيڻ جو رواج ائين پيو. جي ماڻهن پنهنجي سک لاءِ پاڻ تي پاڻيهي ٻڌيون . جنگي ڪاتي جوڙڻ ۽ لشڪر ۾

پرتي ڪرڻ جو رواج بہ ماڻهن پنهنجيءَ خوشيءَ سان وڌو تہ ديس جو بچاءُ ڪرڻ سولو ٿئي. هن ريت رعيتي ماڻهو راجا سان هر طرح ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا ٿي، تنهن ۾ مڪيہ ڳالهہ هيءَ هئي تہ راجا سندين مجتا سان مقرر ٿي ٿيو. ماڻهن کي دل گهريو راجا ملندو تہ منجهن راج ڀڳتيءَ (Loyalty) جو انگ ٻاڻمرادو پيدا ٿيندو. اچ بہ چئون تہ "جنهن جي ويلا تنهن جي رکيا" يعني جنهن جي صاحبي هجي، تنهن جو سدائين خير گهرجي. ٻين قومن جي تاريخن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي بہ نهايت راج ڀڳت هونديون هيون، ۽ حاڪمن جي فيصلي موجب هلڻ تي پاڻ کي ٻڌل سمجهنديون هيون. حضرت عيسيٰ کي صليب تي چاڙهڻ جو حڪم ٿيو، تہ ڪا هوڏ يا تڪرار نہ ڪيائين؛ پر ايشور جو ڀاڱو منو سمجهي ماٿ ميٽ ۾ پنهنجو سر ڏنائين. منصور بہ مرڪندي سوريءَ تي سوار ٿيو. مسلمانن جي قرآن شريف ۾ بہ راجائي حڪم مڃڻ جي هدايت ۽ راج ڀڳتيءَ جو تاڪيد ٿيل آهي.

راجا جا فرض ۽ سنديس خود مختياريءَ ۾ اٽڪون. ويدن واري زماني ۾ ماڻهن ۾ لوڪشاهي (Democracy) جو انگ ججهو هوندو هو. پنهنجي لاءِ راجا پاڻ مقرر ڪندا هئا. هو ائين ڄاڻندا هئا تہ ملڪ اسان جو آهي، راجا کي اسان پنهنجي خوشيءَ سان پنهنجي بچاءَ لاءِ مقرر ڪيو آهي، تنهنڪري ڪيس پنهنجا فرض ادا ڪرڻا آهن. ۽ انهيءَ فرض ادائيءَ ۾ ڪيس پنهنجي ۽ ماڻهن جي مدد ڏيڻي آهي. انهيءَ سبب هو پاڻ کي اجا "رعيت" ڪري ڪونہ سمجهندا هئا. ڪين هٿيارن پنوهارن رکڻ کان ڪا بہ روڪ ڪانہ هوندي هئي، تنهنڪري جنهن وقت ڏسندا هئا تہ راجا ڳريون ڍلون وجهي، ماڻهن کي پيڙي ٿو، تنهن وقت ساڻس جنگ جوٽڻ لاءِ تيار ٿي بيهندا هئا. اهڙيءَ حالت ۾ ڪنهن بہ راجا کي جرئت ڪانہ ٿي ٿي، جو خودمختيار ٿي، جيئن وڻيس تيئن هلي. ٻي ڳالهہ تہ راجا جي ڪنهن ويجهي عزيز کي راج گاديءَ هٿ ڪرڻ جي نيت هوندي هئي، تہ رعيتي ماڻهن کي چٽون چوٽون ٻڌي ۽ ڪين وڏيڪ سگهي رکڻ جا دم دلاسا ڏيني، پنهنجي پاسي ڪري سگهندو هو؛ جنهنڪري راجا پنهنجن اهڙن دشمنن کي ڏک هٽندو هو. ٽين ڳالهہ تہ جيئن هن وقت سنڌ ۾ "ڪي چور"

آهن. تيئن رگ ويد واري زماني ۾ بہ ڪي هنن چورن جهڙا هوندا هئا. اڻ آريہ لوڪن مان ڪيترا جبلن ۽ سرحدن واري پاسن کان لڏي، آرين جي ڏيهي رياستن ۾ اچي رهيا هئا. اهي وجهہ وٺي آرين جو چوپايو مال ڪاهي ويندا هئا. جنهنڪري اهي "اسر" ۽ "دئت" سڏيا ويا آهن. اهي وقت بوقت وڏو آزار مچائيندا هئا. تنهنڪري ئي راجائن مقرر ڪرڻ جي ضرورت ٿي هئي. اهي جڏهن پاٹمرادو يا ڪنهن جي چيڙڻ تي صلح ۾ وگوڙ وجهندا هئا. تڏهن راجا جي دشمنن کي بہ ائين چوڻ جو وجهہ ملندو هو تہ راجا کي راجائي هلائڻ نٿي اچي. انهن سڀني سببن ڪري خود راجا جي راجائي جهوني وهيٽي هوندي هئي. ڪيس سڀني پارين خيال ڪرڻو پوندو هو، ۽ آپيشاهي نمونو (Autocracy) هلي ڪين سگهندو هو. اهي گويا سندس مطلق خود مختيار ٿي رهڻ ۾ رنڊڪون يا اٽڪون هيون، تنهنڪري هر طرح رعيت جي دل وٺڻي پوندي هيس. انهيءَ هوندي بہ ايترو ڏکو رکندو هو، جو هر ڪو پيو ڪنبندو هو، تہ متان راجا مون تي ڪوپ ٿئي، (اترو ويد منڊل ڇهون، ۴). راجا کي اهو ڏکو ضرور وهارڻو آهي تہ رعيتي ماڻهو سمجهن، تہ ڪوبہ لچ لمپٽ اسان جي وار جو بہ نالو وٺي ڪين سگهندو، ۽ جيڪڏهن ڪو بي قاعدي هلت ڪندو تہ جهٽ سزا ڏياري سگهيس. اهڙو آئت جڏهن ماڻهن جي دلين کي هوندو، تڏهن هو ڪنهن بہ ڏپ ڊاءُ بنا اويل سويل ٻاهر نڪري سگهندا، ۽ نرسني پنهنجن ڏنڌن ڌاڙين ڏي ڌيان ڏيندا جنهنڪري هنرن ۽ ڪاريگرن جو واڌارو ٿيندو ۽ ملڪ سائو ٿيندو.

<u>براهمڻن جو زور.</u> راجائون پنهنجو راج، ڌرم ۽ راجائي فرض پوريءَ ريت پالين، تنهن لاءِ ويدن واري زماني ۾ ئي ماڻهن ضروري سمجهيو تہ راجڪمارن کي ننڍڙي ئي راج، ڌرم ۽ راجنيتيءَ جون ڳالهيون سيکارجن، تہ وڏي هوندي حڪومت جو چرخو چڱيءَ ريت هلائي سگهن. ان وقت براهمڻ ۽ رشي، ڌرم ۽ نيتيءَ جي قاعدن جا پورا پورا ڄاڻو هئا، ۽ اهي ئي راجڪمارن جا وديا گرو ٿيا. خود راجائن کي براهمڻ ۽ رشين کان سواءِ ڪين سرندي هئي. هر ڪنهن هند راجا جي لاءِ ضروري هو تہ پهريائين پنهنجي لاءِ ڪو پروهت مقرر ڪري، ۽ پوءِ پنهنجي تاجپوشيءَ جو

بندوبست ڪري، (مهاڀارت، شانتي پرو ٣ ۽ ٢٩). راڄ جي سلامتي ۽ واڌاري جو مدار راجا تي آهي؛ پر خود راجا جي اُنتيءَ جو مدار سندس پروهت تي آهي، (شانتي پرو ٧٤، ١ـ ٢). عام طرح ماڻهو ائين وسهندا هئا تہ براهمڻ ۾ اهڙو ڪو ٻل آهي، جو اُهي جڏهن پوريءَ وڌيءَ سان ويدن جا منتر اُچارين ٿا، تڏهن هرڪو يڳيہ سڦلو ٿئي ٿو، ۽ ديوتائون ماڻهن جي من جون مرادون پڄائين ٿا. ائين بہ وسهندا هئا تہ يڳين ۽ پوڄائن ڪرڻ کان سواءِ گت ٿيڻي ڪانهي، تنهنڪري عام ماڻهن کي، توڙي راجائن کي ڪو وڏو يڳيہ ڪرڻو هوندو هو تہ سدائين براهمڻ ۽ رشين کان ڪرائيندا هئا. يڳين ۽ پوڄائن مهل براهمڻ ۽ رشين کي راجائون بہ پيرين پوندا هئا، ۽ سندن چرن ڌئندا هئا، جا تابعداريءَ جي نشاني آهي. عام خلق بہ براهمڻ ۽ رشين جي اڳيان سر جهڪائيندي هئي، ۽ راجا خود عام خلق جي مدد جو محتاج هوندو هو. اهڙيءَ حالت ۾ براهمڻ ۽ رشي راجائن کان بہ وڌيڪ زور هوندا هئا، سو بہ ايتري قدر جو هرهڪ ڏيهي رياست جو راجا "وسپتي" يعني "وس" يا عام خلق جو راجا سڏبو هو، ۽ نہ "برهمڻپتي"، براهمڻ گويا پنهنجا حاڪم پاڻ هوندا هئا. هيڏي مان مرتبي ۽ جڃهيءَ هلنديءَ هوندي بہ براهمڻ اڪثر راجا ٿيڻ جي ڪوشش نہ ڪئي، جو چاتائون ٿي تہ وزيري جي عهدي تي رهي؛ راجا کي ڌرم ۽ نيتيءَ جي پٽاندر هلائبو، تہ انهيءَ ريت ديس جي شيوا وڌيڪ چڱيءَ ريت ڪري سگهبي. براهمڻ پنهنجي ڪا ڌار ڪليسا يا چرچ (Church) بہ ڪانہ ناهي، جيئن قديم زماني ۾ يورپ ۾ رواج هو. يورپ ۾ اڳي هڪڙو ئي ڪئٿولڪ ڌرم هوندو هو، ۽ پاپا (Pope) "ڌرم رکپال" (Defender of Faith) سڏبو هو. ويدڪ زماني ۾ توڙي ان کان پوءِ ڪنهن بہ براهمڻ يا رشيءَ کي اهڙو لقب مليل ڪونہ هو، تہ بہ سڀ ماڻهو کين ڌرم جو رکپال سمجهندا هئا. خود راجائون بہ سندن ٺهرايل قاعدن پٽاندر هلڻ لاءِ ٻڌل هوندا هئا. اڄ بہ سندن ئي جوڙيل قاعدن ۽ سندن ئي وڌل رواجن پٽاندر ڪورٽن ۾ هندن جي معاملن جو نبيرو ٿئي ٿو. سڀ ڪورٽون انهيءَ قديم "هندو لا" (Hindu Law) تي هلڻ لاءِ ٻڌل آهن، ۽ جيڪو بہ فيصلو انهن قاعدن پٽاندر نہ ٿو ٿئي، سو رد ۽ باطل سمجهيو وڃي ٿو.

براهمڻ ۽ رشين جو مان مرتبو جيتوڻيڪ يورپ جي پوپن (Popes) جھڙو هوندو هو، تہ بہ پنهي جي هلت ۾ وڏو ڦير هوندو هو. يورپ جا پوپ شاهاڻو شان شوڪت رکندا هئا، ۽ وڏي تزڪ ۽ تومان سان ديول (چرچ) ۾ ايندا هئا. سنڌو ماتر جي براهمڻن جي هلت ئي نرالي هوندي هئي. هو نيڌڙي هوندي ئي مٿو ڪوڙائي، جڻيو پائي، پنهنجي گروءَ وٽ وديا پرائڻ ويندا هئا، ۽ اهو سڀ وقت ڏنڊو ڪري يا پِنَ ڪري پاڻ بہ کائيندا هئا، ۽ گروءَ کي بہ کارائيندا هئا. جڏهن هر طرح جي وديا پرائي پرپڪ ٿيندا هئا، تڏهن ٻين کي وديا سيکارڻ، يگين ۽ پوڄائن ڪرڻ جو ڪم پاڻ تي کڻندا هئا. يگين ۽ پوڄائن ڪرڻ مهل بہ ڪنهن مسند تي چڙهي ڪونہ وهندا هئا؛ پر چوڪڙو پائي پٽ ۾ وهندا هئا. مطلب تہ ٺاٺ يا آڊمبر وٽن ڪونہ هوندو هو. نهٺائي ۽ نماڻائيءَ سان ڌرم ڪرم تي پوريءَ ريت هلي، پاڻ کي ايتري قدر لائق ڪندا هئا؛ جو راجائون ڪين پيرين پئي سندين آسيس گھرندا هئا. خود رگ ويد ۾ چيل آهي تہ "جيڪو راجا براهمڻ سان پال پلائي ٿو، تنهن تي ديوتائون پرسن ٿي سندس رکيا ڪن ٿيون". (منڊل چوٿون، سوُڪت ۵، ۸ ـ ۹). انهيءَ هوندي بہ براهمڻ ۽ راجائن جي وچ ۾ وقتي تڪرار ٿيندا هئا، جيئن يورپ ۾ بادشاهن ۽ پوپن جي وچ ۾ ٿيندا هئا. مثلاً انگلنڊ جي بادشاهہ هينري ائين جي مرضي ٿي تہ پنهنجي راڻي ڪئٿرين کي ڪڍي، اِنَ بلين سان پرڻجان. ان لاءِ پوپ کان موڪل گھريائين تہ هن جينريءَ تي جينري پرڻجڻ جي موڪل نہ ڏنس. انهيءَ تان بادشاهہ کي اهڙي باهہ لڳي، جو پوپ کان ڪليسا (Church) جون سڀ اختياريون کسي ورتائين، ۽ آئيندي لاءِ ڌرم جو رکپال پاڻ ٿيو. سنڌو ماتر ۾ براهمڻ ۽ کترين (راجائن ۽ ٻين کترين) جي وچ ۾ تڪرار اڪثر ٽن ڳالهين تان ٿيندا هئا:

(۱) براهمڻ ۾ سوُمان (Self Respect) جو انگ بلڪل گھٽ هوندو هو، تنهنڪري جڏهن ڪو راجا ڪنهن براهمڻ جو اَپمان ڪندو هو، يا چڙ منجهان ڪيس ڪو ايذاءُ رسائيندو هو، يا ڪجهي وجهندو هو، تڏهن براهمڻ ڪيس سامهون ٿيندا هئا، ۽ وڏو تڪرار مچندو هو.

(۲) جڏهن ڪو راجا براهمڻن کي ريتي، يگين ۽ پوڄائن ڪرڻ جو پاڻ

کي حقدار سمجھندو هو. تڏھن براهمڻ اعتراض اُٿاريندا هئا. جو سمجھندا هئا تہ راجا اسان جن ڪمن ۽ حقن ۾ دست اندازي ڪري ٿو. پر اهڙا تڪرار گھڻو پوءِ ٿيڻ لڳا.

(٣) جيڪڏھن ڪوبہ ڪتري، راجائن ۽ ٻين کي يگيہ ڪرائيندو هو، تہ انهيءَ تان بہ براهمڻن جو انهيءَ ڪتريءَ سان تڪرار ٿيندو هو. مثلاً وشوامتر ڪتري ٿي راجا سوداس کي يگيہ ٿي ڪرايو، تہ وشت منيءَ سخت اعتراض اٿاريو هو.

راجائن ۽ براهمڻن جي وچ ۾ تڪرار ٿيڻ لاءِ ٻهريان بہ مکيہ سبب هوندا هئا. تن مان پهريون سبب وڏيڪ مکيہ هوندو هو. جو ڪوبہ براهمڻ پنهنجو ايمان سهي ڪين سگھندو هو. جنهنڪري هر ڪنهن راجا کي چيتي هلڻو پوندو هو.*

رگ ويد واري زماني ۾ براهمڻ رشي هيترو زور هوندا هئا، تہ بہ وس پڄندي انهيءَ ڳالهہ جو اڻ نهندو فائدو نہ وٺندا هئا. عام خلق اڪثر سندين ڏوريءَ ۾ ٻڌل هوندي هئي. جنهنڪري ڪنهن راجا کي راڄگديءَ تي وهارڻ توڙي راڄگديءَ تان لاهڻ سندن وس جي ڳالهہ هوندي هئي، تہ بہ وس پڄندي نہ ڪڏھن ٻاڻ راجا ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. نہ ڪنهن راجا کي تخت ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪندا هئا. هنن جاتو ٿي تہ روز روز راجا پيو بدلائبو تہ انهيءَ ۾ خود ديس لاءِ چڱائي ڪانہ ٿيندي. انهيءَ سبب ساز سلوڪ ۾ رهڻ جي ضرورت محسوس ڪيائون. جنهن ڳالهہ جو مهاڀارت جي شانتي پرو ۾ ججهو ذڪر ٿيل آهي. راجا کي متان ڪي دشمن تنڱ جي ڪوشش ڪن، ۽ ملڪ ۾ وڳوڙ پيدا ٿئي، تن ڳالهين کي بنجي ڏيڻ لاءِ بہ جوڳا قدم کنيائون. جنهن جو ذڪر ڪجي ٿو.

راجائن جي چونڊ. سنڌو ماٿر ۾ ڪنهن بہ هنڌ لاءِ ڪو راجا مقرر ڪرڻو هوندو هون، تہ ٻين هنڌن جي راجائن کي نيند ڏيئي گھرائيندا هئا. اهو پر وارن راجائن سان ياٻيءَ ڳنڍڻ جو رستو هو. ساڳئي وقت سندين قبوليت

---

* "The vast majority of contests mentioned were of the first kind. Very few of the second kind are recorded. These two kinds were the analogues of disputes and contests in Europe between the temposal and spiritual powers." F.E. Pargiter: Ancient Indian Historical Tradition, p.p.243-44.

سان راجا مقرر ٿيڻ ڪري، ڪنهن جنگ فساد جو امڪان نہ رهندو هو. جيڪو راجا مقرر ڪرڻو پوندو هون. تنهن جي عزيزن مان متان ڪو حسد ڪري ۽ راڄگدي هٿ ڪرڻ لاءِ ڪي ستون ستي وڳوڙ پيدا ڪرائي. تنهنڪري ضروري ڄاتائون تہ راجا جي چونڊ ڪرڻ ۾ خود سندس عزيزن جو بہ هٿ هئڻ گهرجي، ۽ اُهي پوءِ بہ سندس صلاحڪار ٿي رهن. راجا سندين صلاح سان ڪاروبار هلائيندو تہ پوءِ ڪنهن کي ويڪن ڪيڏڻ جو وجهہ ڪونہ ملندو. اهو دستور اختيار ڪري، وير ورو‌ڌ، حسد ۽ هوَس کي ڇڄڻ تہ پنجو ڏيئي ڇڏيائون. هيءَ حقيقتون اٿرو ويد ۾ ڄاڻايل آهن. اٿرو ويد جي منڊل ٽئين (سوُڪت ٣) ۾ راجا کي راڄگدي ملڻ جي پگيہ ٿيڻ مهل هڪ رشي چويس ٿو تہ: "جدا جدا نياتين جا ماڻهو اوهان کي راجا ڪري چونڊيندا. توهان جا سڄاتي (ذات وارا يا مٽ مائٽ) توهان کي ڪوٺ ڏيئي، توهان سان ملڻ لاءِ ايندا ۽ اوهان سان گڏ اگن ديوتا بہ اوهان جي اچڻ جي سڌ اڳواٽ ڏيڻ ايندو". هن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ راجا جي چونڊ ڪرڻ ۾ جدا جدا نياتين جي ماڻهن، رشين، براهمڻن ۽ راجا جي عزيزن جو هٿ هوندو هو. اِهي سڀيئي "راڄڪرتہ" (King Makers) سڏيا ويا آهن. راجا جي چونڊ ٿيڻ مهل جدا جدا ڳوٺن جا ماڻهو پنهنجي پنهنجي گرام مُنيءَ کي پنهنجو عيوضي ڪري موڪليندا هئا، ۽ اهو عام خلق جي پاران رايو ظاهر ڪندو هو. راجا جي مقرريءَ ۾ ٻيو هٿ هوندو هو "رٿڪارن" جو يعني رٿن يا گاڏين جوڙيندڙن جو. جيئن هن وقت جپاني توڙي يورپي لوڪ هوائي جهازن ۾ چڙهي جنگ ڪن ٿا، ۽ هوائي جهازن جوڙيندڙن کي جڳهو مان ڏين ٿا. تيئن اڳي راجائون ۽ ٻيا جنگي عملدار رٿن تي چڙهي جنگ جي ميدان ۾ ويندا هئا. جنهنڪري رٿڪارن جو مان هوندو هو. اُهي بہ راجائن جي چونڊ ڪرڻ ۾ ڀهرو وٺندا هئا. راجائن جي چونڊ ڪرڻ ۾ "سوُتن" جو بہ هٿ هوندو هو. "برهمڻي ماءُ" ۽ "ڪتري پيءُ" مان پيدا ٿيل پٽ "سوُت" سڏبو هو. سوُت اڪثر "سارٿي" يعني رٿ هلائيندڙ هوندا هئا. اِهي رواجي گاڏيءَ وارا ڪين هوندا هئا، پر وڏا جنگي جوڌا ۽ تير اندازيءَ ۾ پڙ هوندا هئا. جنگ مهل جيڪو راجا يا جنگي عملدار رٿ ۾ چڙهي، رڻ ڀوميءَ (جنگ جي ميدان) ۾ ويندو هو، سو

سارٿيءَ جي پنيان ويهي دشمنن کي ٻاڻ (تير) هڻندو هو. دشمنن جي طرفان جيڪي تير ايندا هئا، سي سڌو سارٿيءَ ڏي! پر هو اٽڪل ڪري تير کان ٻاڻ بچائي وٺندو هو، ۽ ساڳئي وقت ٻاڻ سان گڏ چڙهيل سوار جو بہ بچاءُ ڪندو هو. مطلب تہ جيڪو سُوت جبرو جنگي جوان ۽ لڙائيءَ جي فن ۾ ماهر هوندو هو، تنهن کي پنهنجو سارٿي ڪندا هئا. اِهو ئي سبب هو جو مهاڀارت واريءَ لڙائيءَ ۾ شري ڪرشن پنهنجي ڪرپا ڪري آرجن جو رٿ تي هڪليو، ۽ پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي آرجن جو بچاءُ ڪيائين ٿي. ويدن واري زماني ۾ راجا جي مقرريءَ مهل اِهي سُوت جنگي فوج جا عيوضي ٿي ايندا هئا. ائين نہ رڳو رشين ۽ براهمڻن؛ پر جنگي ڪاتي ۽ عام خلق جي عيوضين جي مجتا سان راجائون مقرر ٿيندا هئا، ۽ ماڻهو سچو پچو سو راڄ مائيندا هئا. هي ڳالهيون اٿرو ويد جي منڊل ٽئين، سُوڪت ۵ ۾ لکيل آهي.

راجا جي تاجپوشي. رعيتي ماڻهو جيڪو راجا پنهنجي لاءِ چونڊيندا هئا، تنهن جي تاجپوشيءَ جو ذڪر رگ ويد جي منڊل ڏهين (سُوڪت ۱۷۳)، ۽ اٿرو ويد جي منڊل ڇهين (۸۷، ۸۸) ۾ آهي. راجا کي راڄگديءَ تي ويهارڻ مهل هڪ رشي چوي ٿو تہ "اسان جي وچ ۾ اچو، ۽ پختا ٿي وهو. شل سڀني کي اوهين وڻو. توهين شل پنهنجي گاديءَ تان نہ ٿڙڪو. هتي استر ٿي وهو، ۽ شل اِتان لهي هيٺ نہ اچو. هتي اندر ديوتا وانگر پختا ٿي وهو ۽ راشٽر (رياست) جون واڳون جهليو. جيئن آڪاس استر آهي، پرٿوي استر آهي، جبل استر آهن، تيئن شل "وِس" يا عام خلق جو راجا استر هجي! شل ورڻ ديوتا، برهسپت ديوتا، اندر ۽ اگني ديوتا جي ڪرپا سان حڪومت جون واڳون توهان جي هٿ ۾ پختيون هجن! جيڪي توهان جا دشمن هجن، يا توهان سان دشمني جهڙي هلت ڪن، تن کي توهين پنهنجن پيرن هيٺ پورو ڪري ڇڏيو، پر توهان کي ڪا نوڪر نہ اچي. سڀ يڪراءِ ٿي اوهان جو مان ڪن ٿا، ۽ سمتي توهان کي مقرر ڪري ٿي تہ توهين محڪم هجو". هن مان ظاهر آهي تہ قديم زماني ۾ ئي رشين جاتو ٿي تہ حڪومت جو چرخو چڱيءَ ريت تڏهن هلي سگهندو جڏهن راجا جي راجائي پڪي پائي تي بيٺل هوندي. انهيءَ سبب ئي اهڙيون آراڌنائون

ڪيائون ٿي، تہ راجا جو راج قائم رهي!

سڀا ۽ سمتي. رگ ويد واري زماني ۾ راج دربار جا ميڙ ٻن نالن سان سڏبا هئا: "سڀا" ۽ "سمتي"، ٻنهين جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت هوندو هو. سو رگ ويد ۾ چاٽايل ڪونهي، پر جيڪي حقيقتون ويدن ۾ جدا جدا هنڌن تي چاٽايل آهن، تن مان اسان جي عالمن ڪي ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ "سمتيَ" هڪ وڏي ڪانگريس هوندي هئي، جنهن ۾ سڀني ڪلن جا ماڻهو اچي ڪٺا ٿيندا هئا. سمتيءَ ۾ راجائون بہ ويندا هئا (رگ ويد منڊل نائون ٩٢، ٦)، "راجنھ سمتوير" يعني امير امراءَ بہ اتي اچي ڪٺا ٿيندا هئا. (منڊل ڏهون، ٩٧، ٦). رگ ويد جي منڊل ڏهين (١٧٣، ١) ۾ چٽيءَ ريت چيل آهي تہ "سڀ يڪراءِ ٿي اوهان جو مان ڪن ٿا ۽ سمتي توهان کي مقرر ڪري ٿي". هيءَ ساڳي سٽ جا متي تاجپوشيءَ جي ذڪر ڪندي ڏني ويئي آهي، تنهن مان ۽ ٻين اهڙن احوالن مان عالمن ڪي ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿيو آهي تہ سمتين ۾ ماڻهن جو ميڙ راجا چونڊڻ، تاجپوشيءَ جي جلسن ۽ ٻين اهڙن خاص موقعن تي مڙندو هو، باقي ٻيو ملڪي ڪاروبار راج سڀائن ۾ هلندو هو.

"سمتي" لفظ جي بنيادي معنيٰ آهي "جتي ماڻهو وڃي ڪٺا ٿين".*
تنهنڪري اڄ تائين "سمتي" لفظ "سڀا منڊل يا ميڙ" جي معنيٰ سان ڪم اچي ٿو، پر شاين آچاريہ، جنهن ويدن جي ٽيڪا ڪئي آهي، تنهن "سمتي" لفظ جي معنيٰ ڪئي آهي "سنگرام يا لڙائي"، ياسڪ منيءَ بہ اها ئي معنيٰ ڪئي آهي. وڏي ڳالهہ تہ اٿرو ويد جي منڊل ٻارهين سُوڪت ٻهرئين ۾ "سمتي" ۽ "سنگرام" لفظ ائين گڏ ڪم آيل آهن، جو ڄڻ تہ ساڳي معنيٰ وارا لفظ آهن. "سمتي" لفظ جي اڳي اها معنيٰ ڪهڙي حساب سان هئي، سا ڳالهہ سمجهڻ تڏهن سولي ٿئي ٿي، جڏهن يورپ جي اڳاٽين سمتين جون ڳالهيون ڏيان ۾ رکجن ٿيون. يونان جي تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو تہ قديم زماني ۾ اتي ڪا وڏي ملڪي ڳالهہ ٿيندي

---

* سنسڪرت ۾ "اِ" يعني اچڻ يا وڃڻ، "اِت" معنيٰ آيو يا ويو ۽ "سم" معنيٰ گڏ. تنهنڪري "سمتي" (سم + اِت + اي) معنيٰ "جتي سڀ اچي يا سڀ وڃي گڏ ٿين".

هئي، تہ آزاد خيالن وارا ماڻهو پلٽڻ وانگر صفون ٻڌي راڄ درٻار ۾ وڃي ويهندا هئا. ٽيوٽانڪ قوم وارن ۾ دستور هوندو هو تہ جڏهن صلح يا جنگ ڪرڻ جو نهراءُ ٽيڻو هوندو هو، تڏهن بہ آزاد خيالن وارا ماڻهو صفون ٻڌي وڃي ويهندا هئا. تہ ڏسون تہ ڪهڙو فيصلو ٿو ٿئي. جيڪڏهن فيصلو سندن دل وٽان نہ ٿيندو هو، تہ پنهنجي ناراضپي ظاهر ڪرڻ لاءِ پُڻ پُڻ يا ڪنجهڪار ڪندا هئا؛ پر جيڪڏهن سندن دل وٽان فيصلو ٿيندو هو، تہ پوءِ پنهنجي راضپي ظاهر ڪرڻ لاءِ پنهنجا نيزا يا ڀالا ڪڙڪائيندا هئا! اِهي ڳالهيون ويچار ۾ رکجن ٿيون تہ انهن سمجهڻ ۾ ايو اچي تہ سنڌو ماٿر ۾ بہ جيڪي "سينا ناني" يا لشڪري مهندار (Leaders of the Army) گرام مني ۽ ٻيا جنگي جوڌا رعيت جا عيوضي ٿي سمتيءَ ۾ ايندا هئا، سي صفون ٻڌي اچي ويهندا هئا. تنهنڪري "سمتي" لفظ جي اصل معني هئي "جتي ڪٺ ڪ اچي مڙن". مطلب تہ سمتيءَ ۾ ماڻهو انهن اچي مڙندا هئا. جيئن جڏ يا لڙائيءَ ۾ ڪٺ ڪ اچي مڙن ٿا. تنهنڪري "سمتي" ۽ "سنگرام" اصل ساڳئي معني وارا لفظ هوندا هئا. اڳي سڀ ڳوٺاٽا جنگي جوڌا هوندا هئا، جا ڳالهہ اڳي ئي ڄاڻائي وئي آهي.

"سڀا" لفظ جي بہ معني آهي "منڊلي، ميڙ يا درٻار". مثلا "اندر سڀا" معني راڄا اندر جي درٻار. سڀا ۾ راڄا ڀڪندڙ ويس وڳو ڪري ۽ سنهري جبو پائي ايندو هو، تہ پَتَ پريان ئي سندس اچڻ جي سڏ ڏيندا هئا (رگ ويد منڊل ڏهون، ۴۰، ۳). درٻاري سندس وڏائي ۽ واکاڻ ڪندا هئا (منڊل پهريون ۱۷۳، ۱۰). ۽ راڄا جو حڪم احڪام دوُت (Messengers) پين تائين پهچائيندا هئا. (منڊل ڏهون ۱۲۳، ٦). راڄا جي گادي سون سان سينگاريل هوندي هئي (منڊل پنجون، ٦٢، ۷). ۽ هيٺان فرش وڇايو پيو هوندو هو. (رگ ويد منڊل پهريون، ۱۷۱). امير وزير بلڪ راڄا جا مقرر ڪيل جاسوس بہ سندس چوڌاري ميڙ ڪري وهندا هئا. (منڊل پهريون، ۲۵، ۱۰).

رگ ويد واري زماني ۾ "سڀا" هڪ ملڪي ڪائونسل (Political Council) هوندي هئي، جنهن ۾ راڄا حاضر ٿي، ملڪ جو ڪاروبار هلائيندو هو. وڏا وڏا معاملا بہ اُتي نبرندا هئا. تنهنڪري اِها جُبڊيشل

اسيمبلي (Judicial Assembly) بہ هئي، جنهن ۾ راجا جا صلاحڪار بہ اچي مڙندا هئا. راجا پاڻ سڀاپتر ٿيندو هو، ۽ درٻارين مان ڪي "اَسيسر (Assessor) يا "مشير" ٿي وهندا هئا. البت راجا جي راءِ کي گهڻو وزن ملندو هو. ۽ سڀ فيصلا سندس دل وٽان ٿيندا هئا (رگ ويد منڊل چوٿون، ٢١، ٢)، تہ بہ سڀني جي دلي مراد اها ئي هوندي هئي، تہ ڌرم تي هلجي. اهو ئي سبب آهي، جنهنڪري "شُرتين" ۽ "سُمرتين" ۾ ملڪي توڙي پنگتي ڳالهيون ڌرمي ڳالهين سان ڳنڍيون ڳتيون پيون آهن.* "جيڪو راجا ڌرم تي هلي ٿو، تنهن کي سرڳ جا سک نصيب ٿين ٿا، ۽ جو اڌرم ڪري ٿو، سو نرڪ گامي ٿئي ٿو. (مهاڀارت، شانتي پرو ١٥، ٣-٦ ۽ ١٧-٦ - ٩)". اِهي هئا آڳاٽن آرين جا عقيدا. تنهنڪري ڌرم تي هلڻ پهرين ۽ مکيہ ڳالهہ هوندي هئي. جيڪڏهن اتفاق سان ڪو معاملو پوريءَ ريت فيصل نہ ٿيندو هو، ۽ پوءِ پتو پوندو هو تہ بي انصافي ٿي آهي، تہ راجا سميت سڀ درٻاري پاڻ کي ڏوهہ ڏيندا هئا، ۽ پراڇت ڪندا هئا! مطلب تہ هرطرح اها ئي ڪوشش ڪندا هئا تہ ڪو ڪنياءُ نہ ٿئي، ۽ حقدارن کي حق پلءِ پوي. سڄيءَ دنيا جي تاريخ ڏسو تہ انهيءَ قديم زماني ۾ ٻئي ڪنهن بہ ملڪ جي ماڻهن ۾ ايتري جاڳرتا ڪانہ هئي، جيتري سنڌو ماٿر ۾ هئي. اُن وقت جي ٻي هڪ مکيہ ڳالهہ آهي، جا هن وقت بہ ڪانهي.

هن وقت پارليامينٽن، اسيمبلين، ميونسپالٽين، پنچاتين ۽ ٻين منڊلين ۽ سڀائن ۾ ڪيتريون ڳالهيون غلبي راءِ بحال ٿينديون آهن. يعني جيڪڏهن رڳو ڪي ٿورا ڪنهن رٿ جي برخلاف هوندا آهن، تہ انهن جي راءِ کي ڪونہ ليکيندا آهن. اڳي ائين ٿيڻ نہ ڏيندا هئا. جيڪي ساٿ شامل راءِ نہ ٿيندا هئا، تن سان بہ تڏي سيني بحث مباحثو ڪري، کين پنهنجي طرف آڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، تہ هرهڪ ڳالهہ بنهہ يڪراءِ فيصل ٿئي. هن بابت رگ ويد جي پڇاڙيءَ واري سوُڪت ۾ٿيڪي لکيل آهي، تنهن جو مطلب هي آهي:

"مڙي اچو، گڏجي ڳالهيون ڪريون، شل توهان جن دلين ۾ متفق راءِ

* "The intimate contact of religion with the rest of life explains, why Hindu social and political theory is often presented in the same books with law and domestic ritual." Dr. Beni Parsad. Theory of Government in Ancient India, p.3.

پيدا ٿئي! ... هيءَ ماڳ سيني لاءِ عام آهي. هيءَ سڀا سيني جي آهي، دليون بہ سيني جون عام لاءِ آهن. شل خيالن ۾ بہ ملي هڪ ٿيون! آئون اوهان جي اڳيان جيڪا ڳالهہ پيش ڪريان ٿو، سا عام لاءِ آهي، ٺهراءُ بہ ساڳيو هڪڙو ڪريون. شل اوهان جن دلين ۾ اتفاق پيدا ٿئي! سيني جا خيال بہ سامان (هڪجهڙا) ٿين، تہ سڀيئي هڪٻئي سان شامل راءِ ٿيون!"

ڏسو تہ رگ ويد واري قديم زماني ۾ ئي حق تي هلڻ، ۽ ديس جي ڀلي خاطر سيني کي يڪراءِ ڪرڻ لاءِ ملڪ جي مدبرن ڪيئن ٿي متاڪت ڪئي!

سڀا برخواست ٿيڻ کان پوءِ ڪيترا درباري اُتي ئي ويهي کائيندا پيئندا هئا، ۽ ڍاري راند ڪندا هئا. اوڏيءَ مهل سڀا کي ڦيري "ڪلب" (Club) ڪري ڇڏيندا هئا. راجائون بہ ڍاري راند ۾ شامل ٿيندا هئا. جو اِها راند اُن وقت جي ماڻهن لاءِ هڪ وڏي وندر هوندي هئي.

شهر ۽ عالم پناهون. ملڪ ۾ نياءَ ڪاري راجا هوندو ۽ ماڻهن جي جان، مال عزت جي بچاءَ لاءِ پورو بندوبست هوندو تہ ماڻهو اَڻ ڀڄو پنهنجو ڌيان علم ۽ هنرن تي ڏيندا ۽ ائين سڀيتا جو واڌارو ٿيندو. سڀيتا جو واڌارو سدائين صلح سانت جي وقت ۾ چڱيءَ ريت ٿيندو آهي. اِنهيءَ ترقيءَ جا اُهڃاڻ رگ ويد منجهان ئي ملن ٿا، جنهن ۾ "درگا" ۽ "پُر" لفظ ڪيترا گهمرا ڪم آيل آهن. "درگا" لفظ ۾ "دُر" معنيٰ "مشڪل" ۽ "گ" (گم) معنيٰ وڃڻ، تنهنڪري "درگا" معنيٰ "قلعو" (جنهن ۾ ڪو ڌاريو ماڻهو مشڪل وڃي سگهي). ديويءَ کي بہ "درگا" چئبو آهي، جو اِها پنهنجن پوڄارين لاءِ هڪ قلعو يا پناهہ آهي، يعني سندن اَجهو ۽ اوٽ آهي. هن مان ثابت آهي تہ قلعا نهايت مضبوط جوڙيندا هئا، جن ۾ ڪو ڌاريو ماڻهو سترو گهڙي ڪين سگهندو هو.

هن وقت "پُر" (پور) لفظ جي عام طرح معنيٰ آهي "شهر" جهڙوڪ: خيرپور، ميرپور ۽ نصرپور. رگ ويد جي منڊل پهرئين (۵۳، ۵۸۷، ۸)، منڊل ٽئين (۱۵، ۴)؛ ۽ ٻين منڊلن ۾ "پُر" لفظ ڪوٽ يا قلعي جي معنيٰ سان ڪم آيل آهي. هاڻوڪي سنسڪرت ۾ بہ "پُر" (پُوَر) لفظ جي معنيٰ "شهر" بہ آهي تہ "قلعو" بہ آهي. ساڳي لفظ جون اِهي بہ معنائون هن ڪري

ٿيون آهن، جو اڳي جيڪي شهر هوندا هئا، تن کي عالم پناهه ڏنل هوندي هئي. هن وقت به جيسلمير ۽ ٻيا ڪي شهر قلعن يا عالم پناهن جي اندر آهن. اِهو رواج سنڌ ۾ به عام هو. مثلاً شڪارپور جو شهر ويجهڙائيءَ جو ٻڌل آهي، سو سڄو ئي قلعي جي اندر هوندو هو. شهر ۾ آمدرفت لاءِ جدا جدا پاسن کان دروازا هوندا هئا. جي اڄ تائين لکي در، هاٿي در، هزاري در، سوي در ۽ ٻين نالن سان سڏجن ٿا. شڪارپور کان گهٽو پوءِ ڪراچيءَ جو شهر ٻڌو. اصلوڪو ڪراچيءَ جو شهر به قلعي اندر هوندو هو، جنهن کي ٻه دروازا هوندا هئا. هڪڙو دروازو سمنڊ جي طرف هوندو هو، تنهنڪري اُهو "کارو در" سڏبو هو، ۽ ٻيو دروازو لياري نديءَ جي مٺي پاڻي طرف هوندو هو، تنهنڪري اُهو "مٺو در" سڏبو هو. شڪارپور ۽ ڪراچيءَ وارا قلعا گهڻ وقت کان ڊهي ويا آهن، ته به دروازن جا اُهي نالا اڄ تائين هليا اچن. اِهي ٻئي شهر قلعن اندر ٻڌل هئا. جنهنڪري چئبو ته شهرن جي چوڌاري عالم پناهه يا قلعن ٻڌڻ جو رواج، جو رگ ويد واري زماني ۾ هو، سو پوءِ به سنڌ ۾ ساندهه هلندو پئي آيو. پروفيسر پٽي واري سنسڪرت ڊڪشنريءَ ۾ جاٽايل آهي ته "پُر" اُنهيءَ عالم پناهه ڏنل شهر کي چئبو آهي، "جنهن ۾ وڏيون عمارتون هجن، چوڌاري کاهي هجي ۽ جنهنجي اِراضي هڪ ڪوهه کان گهٽ نه هجي".

ڪو به شهر قلعي جي اندر ٻڌبو، ته ماڻهن جي جان ۽ مال ملڪيت جي بچاءَ لاءِ عالم پناهه ضرور وڏي جوڙٽي پوندي. رگ ويد ۾ هرهڪ عالم پناهه "پرٿوي" يعني ويڪري، ۽ "اُروي" يعني ڪشادي سڏي ويئي آهي، (منڊل پهريون ١٨٩، ٢). اِها عالم پناهه "شَتَ ڀجي" يعني "هڪ سؤ ٻانهن واري" به ڪوٺي ويئي آهي، (منڊل پهريون ١٦٦، ٨ ۽ منڊل ستون ١٥، ٣). رگ ويد جي منڊل ٻئي (٣٠، ٢٠) ۾ اِهي عالم پناهون يا قلعا "اشمُهيي" (Asmamayi) يعني پٿر جا ٺهيل ڄڻيا ويا آهن، ۽ منڊل ائين (٣، ٧، ٣،١٥) ۾ "اَيسيويهه پُروهه" (Ayasivih Purvih) يعني "لوهه جا قلعا" ڪوٺيا ويا آهن. هيءَ سڀ ڳالهيون تڏهن پوريءَ ريت سمجهي سگهجن ٿيون، جڏهن يوناني تاريخ نويسن ٻنبلان بابت ڏنل احوال ڏيان ۾ رکجن ٿا. "يدو" ۽ "تروسو" آرين بابت مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي ته اِهي ٻنبلان

ڪان سمنڊ رستي آيا هئا. ۽ آرين جون ٻينڪون پوءِ ٻه ڪي صديون ساندهه ٻنبلان ۾ هيون. اِهو شهر ٻه عالم پناهن اندر ٻڌل هو. ۽ اِهي عالم پناهون پوءِ ٻه ڪنيں ورهيه ساندهه سالم بيٺيون هيون. جي هيرو ڊوٽس ۽ ٻين يوناني تاريخ نويسن ڏٺيون هيون. اِنهن اکين ڏٺل احوالن موجب ٻنبلان جو شهر فرات (يوفريٽس) نديءَ جي ٻنهي ڪپن تي چورس نموني ٻڌل هو. سڄي شهر کي پٿين جون ٻه ٽي قطارون هيون. ٻاهرين پٽ ٣٦٠ کان ٣٨٠ "ستيڊ" (Stades) يعني ٻائيتاليهن کان وٺي چاونجاهه ميلن تائين هئي،۽ ان جي اوچائي ٽي سؤ يا ساڍا ٽي سؤ فوٽ ۽ ويڪر پنجاسي کن فوٽ هئي! سڄي شهر جي اِراضي ٻه سؤ کن چورس ميل هئي!!! ماڻهن جي آمدرفت لاءِ ٻاهرين پٽ کي هڪ سؤ دروازا هئا. جي سڀ "برانز" (Bronze) جا ٺهيل هئا. ٿنيا ۽ چاپڙا (Lintels) ٻه برانز جا هئن..شهر جي اندر کن پٿين کي پنجويهه دروازا هئا. جن مان لنگهي جدا جدا گهٽين ڏي ماڻهو ويندا هئا. مطلب ته گهٽيون ٻه پنجويهه هيون. ۽ هرهُڪ گهٽيءَ کي ٻاهريون دروازو هو. اِنسئڪلوپيڊيا برٽينيڪا ۾ ٻنبلان جي اُنهن احوالن ڏيندي چاٿايو اٿن. ته هيرو ڊوٽس ۽ ٻين يوناني تاريخ نويسن اُنا‌ءَ ۽ وڌاءُ ڪيو آهي: ٻر هتي اُناءَ جي ڳالهه ڏسڻ ۾ ني ڪانه ٿي اچي. رگ ويد ۾ عالم پناهه کي "شَت پڇي" يعني هڪ سؤ ٻانهن وارو سڏيو اٿن. ۽ يوناني تاريخ نويسن ٻه ائين ني چاٿايو آهي ته ٻنبلان جي ٻاهرينءَ پٽ کي هڪ سؤ دروازا هئا. پڌرو پيو آهي ته رگ ويد واري زماني ۾ ني سنڌو ماتر جي هرهڪ عالم پناهه کي هڪ سؤ دروازا هوندا هئا. ۽ اهي دروازن وارا هنڌ عالم پناهه جون ٻانهون سڏيا ويا آهن. ٻنبلان وانگر سنڌو ماتر جي شهرن جون عالم پناهون ٻه نهايت گهٽي اِراضي والاري بيٺيون هيون. جنهنڪري رگ ويد ۾ هرهڪ عالم پناهه "پرٿوي" (ويڪري) ۽ "اُروي" (ڪشادي) سڏي ويئي آهي. رگ ويد واري زماني کان هزارها ورهيه پوءِ هيرو ڊوٽس ۽ ٻيا يوناني تاريخ نويس پيدا ٿيا. انهن ٻه جڏهن ٻنبلان جا اهي ئي احوال ڏنا آهن. تڏهن يقين ڄاڻڻ گهرجي ته ٻنبلان جي سيپتا جا ٻانيڪار اِهي ئي آريہ لوڪ هئا. ۽ ٻنهين هنڌن جي تهذيب ۾ تفاوت هنو ني ڪونه. ائين وسهڻ لاءِ هيڪاري هن ڪري سبب ٿني ٿو. ته جنهن

اعليٰ درجي جي سڀيتا بابت حيرت جهڙيون حقيقتون مهن جي دڙي مان معلوم ٿيون آهن، سي ساڳيون ميسوپوٽيميا مان بہ معلوم ٿيون آهن. اِهي ڳالهيون سنڌو ماٿر ۽ ميسوپوٽيميا جي رهاڪن جي هڪ ٻئي سان جهجهي لهہ وچڙهہ جو اُهڃاڻ ڏين ٿيون. ٻنهي ملڪن جي تعلقات باري ۾ سنڌو ماٿر جي رهاڪن، جينن باب ٻارهين ۾ چاڻايو اٿئون.

رگ ويد جي منڊل چهين (٤٧، ٢)، ۽ منڊل ستين (٦، ٥) ۾ "ديهي" (Dehi) لفظ ڪم آيل آهي. يانئجي ٿو تہ جيئن حيدرآباد جي قلعي جي چوڌاري ڪاهي کوٽيل آهي - تيئن قلعن يا عالم پناهن جي چوڌاري "ديهيون" (ڪاهيون) هونديون هيون، ۽ جنگ مهل انهن ۾ لڪي، دشمنن کي پريان تير هڻندا هئا.

متي ذڪر ڪيل عالم پناهن ۽ ڪاهين کان سواءِ ٻيا ڪي قلعا هوندا هئا، جي رگ ويد ۾ "شَردي" يعني سرءُ جي موسم جا قلعا سڏيا ويا آهن. انهن قلعن بابت عالمن جا علحده علحده رايا آهن. ڪي چون تہ اهي ٻوڏ کان بچاءَ لاءِ هوندا هئا (ويدڪ انڊيڪس ١، ٣٨٥)، ڪي چون تہ رنگين زبانيءَ ۾ برسات جي ڪڪرن کي انهيءَ نالي سان سڏيو اٿن، جي سرءُ جي موسم ۾ ٽڙي پکڙي وڃن ٿا. جنهن صورت ۾ هنن قلعن بابت عالمن جي هڪ راءِ ڪانهي، تنهن صورت ۾ انهن بابت ڪجهہ بہ وڌيڪ چئي نہ ٿو سگهجي.

راجائن جا محلات. رگ ويد ۾ چاڻايل آهي تہ راجائن جا محلات قلعن جي اندر هوندا هئا، جن ۾ ڪاٺ جو سهڻو ڪم ٿيل هوندو هو. اهي محلات ايتري قدر لنبا ۽ چوڙا هوندا هئا، جو توريءَ توريءَ وٿيءَ تي ٿنڀو ڏنو پوندو هو. جنهنڪري اهي "سهسر ستوڻ" يعني هزار ٿنڀن وارا سڏيا ويا آهن. (منڊل ٻيو ٣١، ٥) ۽ (منڊل پنجون ٦٢، ٦). ٿنڀن تي اُگهاڙين چوڪرين جي شڪل اُڪريل هوندي هئي، جنهن مان سمجهجي ٿو تہ راجائون عيشي جيئرا هوندا هئا. هوا ۽ روشنائيءَ لاءِ هر هڪ محلات ۾ بيشمار دريون ۽ دروازا هوندا هئا. (منڊل ڏهون ٩٩، ٣). هن مان اها ساک ملي ٿي تہ سنڌو ماٿر (پنجاب ۽ سنڌ) ۾ ان وقت جهڙا قابل هنا واڍا ۽ رازا، ٺهڙائي قابل هئا سرويئر يا معمار جن ههڙيون وڏيون ۽ عاليشان عمارتون

بنايون ٿي.

رگ ويد ۾ اِهو بہ ڄاڻايل آهي تہ محلاتن ۾ اندر ڏن مال اکيچار هوندو هو، (منڊل ڇيو ٣١، ٥). راڄائون وڏيءَ دل سان دان ڪندا هئا. رشين سندن دان آستتيون ڳايون آهن، سا ڳالھہ بہ ڄاڻائي ٿي تہ راڄائن وٽ ڏن مال اکيچار هوندو هو. اهي محلات ڪاٺ جا ٺهيل هوندا هئا، تنهنڪري وقت ٿي انهن کي باهيون لڳنديون هيون (منڊل ستون ٥، ٣)، ۽ ملڪيت جلي ويندي هئي.

سلطنت شاهي Imperialism . آڳاٽا راڄائون، جن جا ابا ڏاڏا اصل ڳوٺاٺي جيوت گذاريندا هئا، سي هاڻ قلعن اندر عاليشان محلاتن ۾ رهڻ لڳا، ۽ رعيت وٽان ڍلن ملڻ ڪري مالا مال ٿيا، تہ پاڻ ترشنا وين وڌندي، اهو انساني سڀاءُ آهي. "اِنسان اُوندي کوپري آهي". ڪڏهن بہ سندس ڍءُ ٿيڻ جو نہ آهي. "گهٽي ۾ گهٽو گهرجي". "طمع سندو طس پريو پرجي ڪينڪي". هو پوءِ مهاراڄا ۽ چڪروتي راڄا ٿيڻ لاءِ پنهنجي حڪومت جي حد وڌائڻ لڳا. انهيءَ مان سندن هڪ ٻيو ڪارج بہ ٿي سِڌو. ننڍڙي ڏيهي رياست ۾ ڪو راڄا سدّيءَ طرح نہ هلندو هو، تہ اُتي جا رهاڪو آسانيءَ سان يڪشمت ٿي، خود راڄا کي سِڌو ڪري سگهندا هئا. حڪومت جي حد وڏي هوندي، تہ رڳو ملڪ جا مدبر ۽ ڊيس شيوڪ ملڪي ڳالهين ۾ بهرو وٺندا. باقي ٻيا تڏا نڪر ويٺا هوندا، جنهنڪري راڄا کي آپيشاهي نمونو اختيار ڪرڻ، بلڪ عام خلق جو رايو ريٽڻ سولو ٿيندو. اهڙين مرادن سان پنهنجي حڪومت جي حد وڌائڻ خاطر راڄائن کي بعضي پنهنجن پر وارن راڄائن سان جنگيون جوٽيون پونديون هيون.

قديم زماني کان وٺي هندستان جي راڄائن جا جنگ بنسبت بہ علحده متا هوندا هئا: هڪڙن جو متو اهو هوندو تہ پنهنجو ملڪ سنڀالي ويهجي، ۽ ڪنهن ڌاريي کي پنهنجي ملڪ ۾ پير پائڻ نہ ڏجي، تنهنڪري جنگ فقط تڏهن ڪجي، جڏهن غنيم ڪاهي اچي. ٻين جو متوَ هيءُ هو، تہ خواهہ مخواهہ بہ ٻين جي ملڪ تي ڪاهي، کين پنهنجو ڏن پرو ڪجي. انهيءَ سلطنت شاهيءَ جي خيال وچان، جيئن هينئر جرمني ۽ جپان ڪلور

ڪري رهيا آهن. ۽ انگلنڊ، آمريڪا، رشيا ۽ چائنا پاڻ ۾ ملي سندن ڪلورن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. تيئن رگ ويد واري زماني ۾ بہ راجائون اِئين ڪندا هئا.

رگ ويد جي پهرئين ئي پهرئين منڊل (۵۳، ۹) ۾ ڄاڻايل آهي تہ هڪ لڳ ويهن هندن جا راجائون پاڻ ۾ ٻڌي ڪري، ششروا (Sushrava) نالي هڪ جبري راجا تي ڪاهي ويا. سندن لشڪر ۾ سٺ هزار نوي ماڻهو هئا، تہ بہ اِندر ديوتا جي ٻاجھ سان اتلندو هو ڪائن ڪٽي ويو (۵۳، ۱). رگ ويد ۾ انهيءَ جنگ جو ذڪر رڳو ايترو آهي، تنهنڪري پتو ڪونہ ٿو پوي، تہ اها جنگ ڇا تان لڳي هئي ۽ ڪيئن هڪڙو حاڪم ويهن حاڪمن کان ڪٽي ويو هو.

دش راجن (War of Ten Kings) . رگ ويد ۾ بہ هڪ مهاڀاري لڙائيءَ جو ذڪر آهي، جا "دش راجن" يعني ڏهن راجائن جي لڙائي سڏي ويئي آهي. اُن جا احوال رگ ويد ۾ ٽڙيا پکڙيا پيا آهن، جي عالمن ڳنڍي، سلسلي وار بيهاريا آهن، جنهنڪري سڄي ڳالھ ڪجھ قدر سمجھي سگهجي ٿي.

نهايت قديم زماني ۾ وشوامتر نالي هڪ رشي ٿي گذريو آهي، هو اصل ڪتري هو: پر پنهنجيءَ تپسيا جي ڪري راج رشي بلڪ برهم رشي سڏجڻ ۾ آيو. اهڙي تہ تپسيا ڪيائين جو خود اِندر ديوتا کي ڏپ لڳو، تہ هيءُ ڪنهن وقت منهنجو اِندرآسن (راجا اِندر جو آسڻ) کسيندو. راجا اِندر پوءِ "ميٺيڪا" نالي هڪ اَپسرا (پريءَ) کي موڪليو، جنهنجي خوبصورتيءَ وشوامتر کي ايتري قدر موهيو، جو هن جوڳ آسڻ ويڙهي ڇڏيو ۽ سندس سنگ ۾ گذارڻ لڳو. ڪيس پوءِ انهيءَ اَپسرا مان هڪ نياڻي ڄائي، ميٺيڪا اِهو ٻار ڪنهن جهنگ ۾ ڦٽو ڪري، آڪاس ڏي اُڏامي ويئي. انهيءَ ٻار تي "شڪَنُت" يعني پکي اچي مڙيا. ڪڻو نالي هڪ رشيءَ اها ٻالڪي ڏٺي، تہ پکين کي هڪالي، اها پنهنجي نياڻي ڪري، وڃي پاليائين ۽ نالو رکيائينس "شڪُنتلا" (شڪنت + لا) يعني "پکين مان لاڀ ٿيل يا حاصل ٿيل". اها شڪنتلا پوءِ راجا دشينت سان پرڻي ۽ "پرت" نالي پٽ ڄائس، جنهنجي نالي پٺيان سڄو هندستان هاڻ "ڀارت ورش" ۽ "ڀارت کنڊ" سڏجي ٿو. انهيءَ پرت جو اولاد "پرت آريہ"

لوڪ سڏبا هئا، جي پُروُ آرين جي هڪ شاخ مان هئا. رگ ويد واري زماني ۾ انهن مان ڪي سرسوتي، ته ڪي شتدري (ستلج) ندي، جي ڪناري تي رهندا هئا.

وشوامتر جي گوتر وارا سندس ئي نالي پٺيان سڏبا هئا. انهن مان هڪڙو وشوامتر راجا سُداس جي ڪل جو پروهت هو. راجا سُداس جي پيءُ جو نالو راجا پجون (Pijavana) هو ۽ ڏاڏس جو نالو راجا ديوداس هو. اهي ترتسو آرين مان هئا. جي پرو ۽ پرت آرين جا ڏورانهان سوٽ هئا. ۽ پوءِ پنچالن جي دفعي ۾ ليکجڻ ۾ آيا. جن مان پنچالي (دروپدي) هئي. راجا سُداس جي ڏاڏي راجا ديوداس پنهنجي وقت ۾ يدو ۽ تروسو آرين سان جنگيون جوٽيون هيون (رگ ويد منڊل نائون ٦١، ٢). ۽ ٻين ڪيترن آرين کي به پنهنجو ڏن ڀرو ڪيو هئائين. جنهنڪري سندس پوٽي راجا سُداس سان گهڻن جو حسد هوندو هو. گهڻن ڏينهن کان ڪيترن پر وارن راجائن جي مرضي هئي ته راجا سُداس جو زور ڀڄجي. پر ڪنهن به ڪڏهن سر سائس جنگ جوٽڻ جي شمرتي نتي ساري. ڪين ٻاڻ کان هيٺ سمجهي، راجا سُداس ارادو ڪيو، ته انهن کي پنهنجي تابعي ڪجي، ۽ پنهنجي، حڪومت جي حد اڳيان وڌائجي. هن پوءِ "اشو ميڌيگيہ" يعني گهوڙي جي قرباني، جي يگيہ جو سانباهو ڪيو.

قديم زماني ۾ دستور هوندو هو، ته جنهن راجا کي ٻيا راجائون پنهنجي تابعي ڪرڻ هوندا هئا، سو پنهنجي سواري، جو گهوڙو ڇيڪ ڇوڙي ڇڏيندو هو، ته پلي ڪنهن به راجڌاني، ۾ گهڙي وڃي. گهوڙي جي پٺيان پنهنجو وڏو ڪٽڪ موڪليندو هو. اهو گهوڙو جنهن راجڌاني، ۾ بنا مرادو گهڙي ويندو هو، تنهن جو راجا يا ته گهوڙي جي مالڪ جي ماٺ ميٺ ۾ اچي مڃيندو هو، يا سندس موڪليل ڪٽڪ جي سامهون ٿيندو هو، پوءِ "جيڪو ڏاڍو سو گابو". جيڪڏهن گهوڙو گهڻين راجڌانين ۾ ويندو هو، ۽ انهن سڀني هنڌن جا راجائون گهوڙي جي مالڪ جي تابعي ٿيندا هئا، ته گهوڙي جي موٽي اچڻ تي، سوڀارو راجا يگيہ ڪندو هو. جنهن ۾ اهو گهوڙو ٻلي چاڙهيندا هئا. اهو هو "اشوميڌيگيہ" (Horse Sacrifice). سوڀارو راجا "راجسوءِ يگيہ" به ڪندو هو. اهو سندس تاجپوشي.

جو يگيہ هوندو هو. جنهن ۾ سندس ڊل پرينڊڙ راجائون بہ اچي شامل ٿيندا هئا. ۽ کيس پنهنجو شهنشاهہ ڪري مڃيندا هئا. اِهي يگيہ عام طرح ٿيندا هئا. تنهن مان ظاهر آهي تہ سلطنت شاهيءَ جو خيال عام هوندو هو.

راجا سُوداس جنهن وقت آشوميڌيگيہ ڪرڻ جو ارادو ڪيو، تنهن وقت وشوامتر رشيءَ کي انهيءَ يگيہ جي تياري ڪرڻ لاءِ چيائين. تن ڏينهن ۾ رشين جي مڃتا تمام گهڻي هوندي هئي، ۽ سندن رڳو هڪل ڪرڻ تي هزارين جنگي جوڌا اچي سندين حضوريءَ ۾ حاضر ٿيندا هئا. وشوامتر رشيءَ پنهنجي ڪُلَ وارن کي چيو تہ راجا سُوداس جو گهوڙو ڇيڪ ڇوڙي ڇڏيو. ۽ اوهين گهوڙي جي پٺيان اوڀر، اولهہ ۽ اُتر طرف وڃو. تہ راجا شترو (دشمن) ناس ٿين. (منڊل ٽيون ۵۳، ۱۱). اُن وقت ڏکڻ ڏي شايد (راجپوتانا ۽ تر ٻويزن وارو) سمنڊ هو. تنهنڪري لشڪر کي فقط ٽن طرفن ڏي وڃڻ جو حڪم مليو. هاڻ ڏسو تہ وچائين هڪ بيو معاملو ڪيئن ٿو مچي.

راجا سُوداس جي دربار ۾ اُن وقت هڪ وشٽ مني هو، جو نهايت قديم زماني واري وشٽ منيءَ جي گوتر مان هو. تنهنڪري سندس نالي پٺيان سڏبو هو. انهيءَ وشٽ منيءَ ۽ وشوامتر رشيءَ جي پاڻ ۾ اٽبٽت هئي. شتپٿ براهمڻ (ٻارهون ٦، ١، ٣١) مان معلوم ٿئي ٿو تہ وشٽ مني براهمڻن جي ڪُلَ مان هو. ۽ اوائل ۾ رڳو سندن ڪُلَ وارا براهمڻ راجائن جا پروهت ٿي کين يگيہ ڪرائيندا هئا. پر پوءِ ڪهڙو بہ رشي (براهمڻ خواهہ کتري) پروهت ٿي يگيہ ڪرائيندو هو. وشٽ مني ترتسو آرين مان هو. (رگ ويد منڊل ستون ۸۳، ۸). آڳاٽي زماني وارو وشوامتر اصل ڪتري هو، ۽ پوءِ پنهنجيءَ تپشيا جي ڪري برهم رشي ليکبو هو. سندس گوتر مان جيڪو وشوامتر راجا سُوداس جي دربار ۾ هو، سو اصل کتري هو، پر راج رشي ٿي يگيہ ڪرائيندو هو - پاڻنجي ٿو تہ وشٽ منيءَ اِهو اعتراض اٿاريو تہ وشوامتر ڪتري ٿي آشوميڌ جهڙو وڏو يگيہ نہ ڪرائي. انهيءَ تان وشوامتر کي اهڙي چڙ لڳي، جو هو راجا سُوداس جي دربار ئي ڇڏي هليو ويو، ۽ وڃي پرت آرين سان مليو، جو پاڻ بہ اُنهن مان هو. پرت آرين ۽ سندن ڏورانهن سوٽن ترتسو آرين جي پاڻ ۾ پوندي ڪانہ هئي، تنهنڪري

پنهنجي لشڪر جي سموري مدد ڪين ڏنائين. اِنهيءَ ريت لشڪر جي جيڪا مدد راجا سوُداس کي ملٽي هئي، سا اتلندو مخالف ڌر کي ملي. پر متان پرت آريہ لوڪ اِنهيءَ مدد ملڻ کان پوءِ بہ راجا سوُداس سان مڻ پنجي نہ سگهن، تنهنڪري وشوامتر جملي ڏهن هنڌن جي راجائن کي پڙڪائي، ڪين جنگ لاءِ ڪڙو ڪيو. اِنهن ڏهن ئي هنڌن جا راجائون پوءِ پاڻ ۾ ٻڌي ڪري راجا سوُداس جي زور ڀڃڻ لاءِ تياريون ڪرڻ لڳا، ۽ وشوامتر کي پنهنجو اڳواڻ ڪيائون. اِهي ڏهہ راجائون، جي هڪ ٻئي جا طرفدار ٿيا سي ڪير هئا؟ اِهو پتو رگ ويد مان پوريءَ طرح نٿو پوي، پر ڪيترن عالمن کي رگ ويد منجهان ئي ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو تہ انهن مان هڪڙا هئا "پنج جن" يعني يدو، تروسو، پرو، اَنو ۽ ڌاهيو. ۽ ٻيا پنج هئا اَجہ، يڪشُو، پيڙ، شگرو ۽ پرت آريہ لوڪ. سيني مان پرت آريہ لوڪ زور هئا، ۽ وشوامتر بہ سندن ئي ڪُلَ مان هو، تنهنڪري هاڻ ڏسڻو هوس تہ راجا سوُداس کي وسٽ مني ڪيئن ٿو سوپارو ڪري.

راجا سوُداس کي جنهن مهل سڌ پيئي، تہ وشوامتر رشيءَ ڏهن هنڌن جي راجائن کي سندس برخلاف ڪڙو ڪيو آهي ۽ وڏيءَ جڏ جون تياريون ٿي رهيون آهن، تنهن مهل هن بہ اُتر اولهہ سرحد علائقن وارن آرين کي ريڙهي پنهنجي طرف ڪيو، جن مان هڪڙا پڪٿ، ٻيا ڀلان ۽ ٻين نياتين وارا هئا. انهيءَ ريت اُن وقت وارو سڄو هندستان جنگ ۾ شامل ٿيو ۽ مهاڀاري لڙائيءَ جي تياري ٿي ويئي. ڏهن راجائن سان ڪيترا اَڻ آريہ لوڪ بہ شامل ٿيا، جنهنڪري سندن لشڪر هيڪاري وڏي جڃهو ٿيو.

راجا سوُداس پنهنجو لشڪر پرشني (راوي) نديءَ جي اُتر طرف واري ڪناري تي وڃي ڪٺو ڪيو. مخالف ڌرين جي مرضي هئي تہ شتدري (ستلج) ۽ وپاس (بياس) نديون اُڪري، راوي نديءَ ڏي وڃجي، اِها سرءَ جي موسم هئي ۽ آسرو هون، تہ ندين ۾ پاڻي گهٽ هوندو، تنهنڪري ارادو هون تہ پنهنجو لشڪر، رٿ ۽ گهوڙا وغيره سڀ ٻيڙين جي رستي روانا ڪجن؛ پر شايد تازو ڪا برسات پيئي هئي ۽ جبلن تان برسات جو پاڻي وهي اچي ندين ۾ پيو هو، جنهنڪري نديون ڦوڪجي پئي وهيون. اِنهيءَ تي وشوامتر رشيءَ ندين کي آراڌنا ڪئي، تہ توهين پنهجو پاڻي گهٽايو، تہ

اسان جو لشڪر آسانيءَ سان پار اُڪري سگهي، (رگ ويد منڊل ڇهون ۳۳، ۹). ندين سندس عرض اگهايو. (منڊل ڇهون ۳۳، ۱۰). پرت آريہ لوڪ ۽ سندس طرفدار ستلج ندي اُڪري، بياس ۽ راوي ندين جي وچ واري ملڪ ۾ وڃي پهتا. ۽ راوي نديءَ جي ڏکڻ واري ڪناري وٽ پنهنجي ڇانوڻي وجي وڌائون. اِتي هڪ سِٽَ سِٽيائون. راجا سُوداس جي ڪُلَ وارن (ترتسُو آرين) جي پنين، ڳوٺن ۽ شهرن جي بچاءَ لاءِ هڪ وڏو بند پرشني (راوي) نديءَ جي اُتر واري ڪناري تي ٻڌل هو. مخالف ڌرين جي مرضي ٿي تہ اِنهيءَ بند کي ڳهارو وجهجي، تہ ترتسُو آرين جون پنيون پارا ۽ شهر ٻڏن، تہ هو پلي مونجهاري ۾ پون. ۽ اِنهيءَ مونجهاري مهل متانئن وڃي ڪڙڪجي، تہ سوپ ڪٽڻ سولي ٿئي. "پر بندي جي من ۾ هڪڙي صاحب جي من ۾ ٻي". هنن بند کي ڳهارو وڌو پر انهيءَ وچ ۾ نديءَ جو پاڻي زور چڙي رهيو هو. تنهنڪري اُٿل تي ڪانہ. ندي پوءِ بہ پنهنجي واٽ هميشہ وانگر وٺي وهڻ لڳي. (منڊل ستون ۱۸، ۸ ـ ۹). اِتحادين جو لشڪر اڳي ئي جڳهو، ويتر ههڙيون ستون پٺي سٽيائون. تہ راجا سُوداس جي ماڻهن کي ڌپ ويڙهي ويو. ۽ سوپ ڪٽڻ جو ڪوبہ آسرو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آين ـ راجا سُوداس جي لشڪر جو اڳواڻ وشت مني هو. تنهن اِهي ئي آراڏنائون پٺي ڪيون تہ مخالف ڌرين کي ڪيئن بہ شهہ ڏيئي، وشوامتر جو ڪنڌ هيٺ ڪجي؛ پر وڙهڻ لاءِ ڪا واٽ ڪانہ ٿي مليس. راجا سُوداس پاڻ بہ سمجهيو تہ راويءَ جي ڏکڻ طرفان نديَ اُڪري، دشمنن کي سامهون ٿيڻ، سو ٿيندو هٿ وٺي پاڻ کي پوهي جي منهن ۾ ڏيڻ. اهڙي اونڌي قدم کڻڻ بدران هن هڪ ٻي اٽڪل ڪئي، جا اوچتو خيال ۾ اچي ويس. راوي نديءَ جي ڏکڻ ڏي اتحادين جو لشڪر ڪٺو ٿيو بيٺو هو. تنهنڪري هن اُهو پاسو ئي ڇڏي ڏنو. هو ماڳهين اُتر طرف ڪيترا جنگي جوڌا رات جي وڳڙي ۾ پاڻ سان وٺي ويو (منڊل ستون ۳۳، ۳)، ۽ اُتان ندي اُڪري، دشمن کي پٺيان ئي پٺيان وڃي گهيرو ڪيائين ـ سندس دشمنن کي اِها ڳالهہ من نڪا چت هئي. هاڻ هنن ڏٺو تہ ٻن باهين جي وچ ۾ آهيون ـ جيڪڏهن اڳيرو وڌنداسين تہ نديءَ ۾ ٻڏنداسين، ۽ جيڪڏهن پٺتي ورنداسين، تہ راجا سوُداس جي لشڪر جي هٿان مارجي

ويندا سين. انهيءَ مونجهاري سبب منجهن اچي ڦڙڦوٽ پئي. راجا سُوداس جو لشڪر تن پاسن کان ويڙهي وين، ۽ چوٽين پاسي ندي سامهون هين، جنهنڪري پڄڻ جي ڪابه واٽ ڪانه هين. پوءِ پنهنجي جند بچائڻ سانگي ڪي پاٺمرادو پاڻيءَ ۾ گهڙي پيا، تہ منجهانئن ڪيترا وهڪ ۾ گهلجي ويا ۽ ٻڏي مُئا (منڊل ستون ١٨، ١١). ڪي آسانيءَ سان گرفتار ٿيا. ڪي همت جهلي راجا سُوداس جي سامهون ٿيا، پر سگهو ئي سندس لشڪر جي هٿان مارجي ويا، جن مان هڪ سردار "پيڙ" بہ هو. انهيءَ لڙائيءَ ۾ رگهو اَنو ۽ درهيو آرين جا ڇاهٺ هزار ڇهہ سؤ سٺ ماڻهو ڇٽ ٿي ويا (منڊل ستون ١٨، ١۴). ڪيترا پڇي بہ ويا (منڊل ستون ١٨، ١٥، ١٦). انهيءَ ريت راجا سُوداس جي جئي ٿي. وشوامتر جنهن ڏهن راجائن کي پڙڪائي جنگ لاءِ ڪڙو ڪيو هو، تنهن جو ڪنڌ هيٺ ٿيو، تہ وشٽ مني گد گد ٿيو، ۽ اِندر ديوتا ۽ ورڻ ديوتا جي جڳهي آستتي ڪيائين، جن پنهنجيءَ ٻاجهہ سان کين سوپارو ڪيو هو. اِنهيءَ آستتي (واڪاڻ) ڪندي، هن مهاڀاري لڙائيءَ جو جيڪو ذڪر ڪيو آهي، تنهن مان ظاهر آهي تہ "پرتو پرشوهہ" يعني ويڪرن ڪهاڙن سان هڪ ٻئي تي هلان ڪيائون ٿي. ٻي هڪ ڳالهہ جا جڳهو ڏيان ڇڪي ٿي، سا هيءَ آهي تہ انهيءَ قديم زماني ۾ اصل پنهنجا قومي جهنڊا هئن، جي انهي جنگ مهل ڪڙا ڪيا هئائون.*

قومي جهنڊي ۾ وڏي ڪرامت آهي. جيستائين جهنڊو ڪڙو ٿيو بيٺو آهي، تيستائين اِهو جنگي جوانن ۾ جذبو جاڳائيندو رهي ٿو ۽ هو جڳهي اُتساهہ سان لڙن ٿا: پر جنهن مهل دشمن جي هٿان جهنڊو ڪري وڃي پٽ تي پوي ٿو، تنهن مهل سڀ دلگير ٿين ٿا ۽ سوڀ ڪٽڻ جو آسرو ڇلي وڃن ٿا. جهنڊي لاءِ سِرُ بہ ڏيندا، پر جهنڊو هٿان نہ ڇڏيندا.

* "Looking to you, ye strong Gods! They marched east-wards, armed with broad axes and thirsting for spoil. Ye helped Sudas, and smote his Dasa and Arya enemies, O Indra and Varuna!" "Where strong men came together with their banners raised, where in the encounter there was nought favourable to us, where all looked up to the sky in terror, there ye spoke to us, words of comfort, O Indra and Varuna! Both sides invoked you. O Indra and varuna! in the fight for victory and wealth. Yet protected Sndas and the Tritsus assailed by the ten kings," Reg. Veda VII, 83, 1,2 and 6 R.C. Dutt's Translation.

رگ ويد واري زماني جا سن ۽ سنبت ڄاڻائڻ ڪٺن ڪم آهي. اهڙيءَ حالت ۾ چٽي نٿو سگهجي، تہ هيءَ ڏهن راجائن واري جڏ ڪڏهن لڳي هئي. انهيءَ هوندي بہ ڊاڪٽر سيتانات پرڌان ڪيترا حوالا ڏيئي تخميني طور ڄاڻايو آهي تہ اِها ڏهن راجائن واري جڏ عيسوي سن کان ۱۴۷۰ ورهيہ اڳي لڳي هئي، ۽ ويهن ورهين کان پوءِ يعني عيسوي سنہ کان ۱۴۵۰ ورهيہ اڳي شري رامچندر ۽ راوڻ جي وچ ۾ لنڪا واري لڙائي لڳي هئي، ۽ انهيءَ کان تي سؤ کن ورهيہ پوءِ مهاڀارت واري لڙائي لڳي هئي.* حقيقتاً شري رامچندر ترتيا جڳ ۾ ٿي گذريو آهي ۽ مهاڀارت واري لڙائي دواپور جڳ جي پڇاڙيءَ ۾ لڳي هئي، تنهنڪري ڊاڪٽر پرڌان جي اِنهن انگن تي ڪيترا هندو عالم ڪوبہ اعتبار ڪونہ ٿا ڪن ۽ اسان جو بہ اعتبار ڪونهي.

سنڌ ۾ پنچالن جي حڪومت. رگ ويد ۾ گهڻن زمانن جي سپيتا جو ذڪر آهي. هرهڪ زماني ۾ ڪهڙا ڪهڙا راجائون سنڌ ۾ هئا، تن جو ڪو خاص ذڪر آهي ئي ڪونہ، پر جن راجائن گهڻا دان ڪيا هئا، تن جون "دان آستتيون" يعني سخا جون ساراهون ڪن رشين ڳايون آهن، جي رگ ويد ۾ ڏنل آهن. اُنهن دان آستتين مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪنهن قديم زماني ۾ سنڌ جو راجا سونيہ ڀاويہ (Svanya Bhavya) هو، جنهنجي راڻيءَ جو نالو روماسا هو. اِهو راجا "ڪروي" (Krivi) آرين مان هو، جي پوءِ پنچال سڏجڻ ۾ آيا. جيئن شتپٿ براهمڻ (۱۳، ۵، ۴،۷) ۾ ڄاڻايل آهي. اِنهن مان ڪي سنڌو نديءَ جي ڪناري تي، تہ ڪي "آسڪني" (Healing) نديءَ جي ڪناري تي رهندا هئا، جا سڪندراعظم جي وقت ۾ "چندر ڀاڳ" (Moon – Portion) سڏبي هئي، ۽ هاڻ "چناب" (The gathered Waters) ڪوٺجي ٿي. سندن ڏورانهان سوٽ پرو ۽ پرت آريہ لوڪ هئا، جن سان راجا سُوداس لڙيو هو. مسٽر پارجيٽر اٽڪل روءِ ڄاڻايو آهي تہ راجا سُوداس ۽ سندس ڏاڏي راجا دووداس جي وچ واري وقت ڌاري سنڌ جو راجا سونيہ ڀاويہ ٿي گذريو آهي.+ هن موجب چئبو تہ ڏهن راجائن واري لڙائي سنڌ جي هن راجا جي وقت کان پوءِ لڳي هئي. راجا سُوداس ترستو آرين مان

* Dr. Sita Nath Pradhan: Chronology of Ancient India, p. 175.
+ F.E. Pargiter: Ancient Indian Historical Tradition, p. 223.

هو، جي پراڻن پتاندر پوءِ پنچالن جي دفعي ۾ ليکجڻ ۾ آيا. ۽ سنڌ جو راجا سونيه ياويه به پنچالن مان هو. تنهنڪري ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو، ته سنڌ ۽ پنجاب جي ڪجهه ڀاڱي ۾ اُن وقت پنچالن جي گڏيل حڪومت هوندي هئي.

سنڌ جو راجا سونيه، راجا ياويه جو پٽ، وڏو ڌرماتما هو. سندس ساڪون ڪاڪشون نالي هڪ رشيءَ ڳايون آهن. اِهو رشي ڄائي ڄمر ڪان سورداس يا اکين کان سڄو هو؛ پر پوءِ اَگني ديوتا جي پوڄا ڪرڻ سان نور سهائو ٿيو هيس. اِنهيءَ ڪان پوءِ ڪيتريون رچنائون (Hymns) چيائين، جي رگ ويد ۾ ڏنل آهن. نيتي منجري ۾ لکيل آهي* ـ ته ڪاڪشون پنهنجي گروءَ وٽان هر طرح جي وديا پرائي، گهر ڏي ٿي موٽيو ته واٽ تي رات پنجي ويس، جنهنڪري واٽ تي ئي سمهي پيو. صبح جو سنڌ جو راجا، راجا سونيه ياويه پنهنجي اَتالي سان اُتان اچي لانگهائو ٿيو. هن ڪي رشيءَ جي شڪل شبيهه ۽ سونهن سوڀيا وڻي ويئي. سو ڪيس نند مان جاڳايائين ۽ پنهنجي محلات ڏي وٺي ويس. سندس حال احوال وٺندي ۽ هلت چلت جاچيندي، جڏهن خاطري ٿيس، ته هي هر طرح لائق انسان آهي، تڏهن پنهنجو نائي ڪيائينس. راجا کي ڏهه نياڻيون هيون، سي ڏهه ئي پرڻايائينس، ۽ ججهو ڏن مال ڏنائينس. هو پوءِ پنهنجي پيءُ وٽ ويو، جنهنجو نالو "درگهه تمس" ( ڊگهي اونده) هو. راجا وٽان ججهو دان مليو هيس، تنهنڪري سندس دان اَستتي ڳايائين، جا رگ ويد جي منڊل پهرئين (٢٦، ١ـ ٥) ۾ ڏنل آهي. اِنهيءَ دان اَستتيءَ ۾ راجا سونيه ياويه جي نالي جيڪي چيو اٿس، تنهن جو مختصر مطلب هيءُ آهي:

"سنڌ جي راجا مون کي هڪ سؤ نِشڪ (سونا سڪا)، هڪ سؤ گهوڙا، هڪ سؤ ڏاند، هڪ هزار ۽ سٺ ڳئون، ۽ يارهين رٿ ڏنا. (ڏهن زالن لاءِ ڏهه رٿ ۽ يارهون رٿ ڪاڪشون رشيءَ لاءِ) . هرهڪ رٿ ۾ چار چار سنڌي گهوڙا پڌل هئا، جن تي موتين سان جڙيل سنج هئا. سنڌ جي راجا سونيه ياويه هيترو سارو دان ڪري پاڻ کي اَمر ڪري ڇڏيو آهي".
ڪاڪشون رشيءَ جي هن ٿوري احوال مان گهڻيون ئي ڳالهيون ظاهر

---
* John Wilson: India Three Thousand Years Ago, p.50

تين ٿيون:

(١) پهرين ۽ مکيه ڳالهه هي، آهي ترگ ويد واري زماني ۾ ذات پات جو گهٽ پيد هئو ئي ڪونه. تنهنڪري جنهن ڪي جتان وٽندو هو، سو تتان پرٽبو هو. آڳاٽا رشي ڪترين مان به پرٽبا هئا. جيئن ڪاڪشون رشي سنڌ جي راجا جون نياڻيون پرڻيو. ڪاڪشون رشيء جي ماءُ جو نالو "اُشج" هو. جا راجا اَنگ جي هڪ داس يا ٻانهي (شودر) جي نياڻي هئي، جنهنڪري چئبو ته ڪي رشي شودرن مان به پرٽبا هئا.

(٢) هڪ مرد گهڻيون زالون پرڻبو هو. تنهنڪري ڪاڪشون رشي ڏهه راجڪماريون گڏ پرڻيو هو.

(٣) گهڻين زالن پرڻجڻ جي رواج ڪري، هرهڪ مان چاول ٻار پنهنجي ماءُ جي نالي پنيان سڏبو هو. ته سڏ پوي ته پيءُ جي ڪهڙيءَ زال مان پيدا ٿيل آهي، رگ ويد ۾ ڪاڪشون رشي "اَوُشِج" يعني اُشِج جو پٽ سڏيو ويو آهي.

(۴) نياڻين اُڪلائڻ ۾ مائٽن جو هٿ هوندو هو.

(۵) آڳاٽا لوڪ پنهنجي نياڻي ڪنهن سان پرڻائيندا هئا. ته اُهو "ڪنيادان" ليکيندا هئا. وهانءِ مهل نياڻيءَ ڪي ڏاجو ڏيندا هئا. ۽ اُهو به "دان" ليکبو هو. مطلب ته رگ ويد واري زماني ۾ نئي ڏيتي ليتيءَ جو رواج هو. رگ ويد جي منڊل ڏهين (سُوڪت ٨۵) ۾ ڄاڻايل آهي ته سورج ديوتا جي نياڻي "سُوريا"-جو وهانءُ سوم (چنڊ) سان ٿيو هو. ته ڪنناريتن ججهي ڏيتي ليتي هلائي هئي. ديوتائن بنسبت ڏيتي ليتيءَ ۽ ڏاجي جون ڳالهيون رشين ڪيون آهن. تنهن مان ظاهر آهي ته خود ماڻهن ۾ ڏيتي ليتيءَ جو رواج هو، جنهنڪري ديوتائن بابت به اِئين چيو اٿن. مطلب ته ڏيتي ليتيءَ جو رواج، جو هن وقت اسان وٽ آهي، سو رگ ويد واري زماني کان وٺي هلندو پيو اچي.

(٦) رگ ويد واري زماني ۾ ماڻهو سون مارڻ سکيا هئا۽ سونا سڪا به هئن، جي "نِشڪ" (Niska) سڏبا هئا.

(٧) سنڌ جو پرڳڻو پريو پاڳيو هو، جنهن ۾ چوپايو مال ججهو هو. سنڌ جا گهوڙا ناميارا هئا ۽ اُهي رٿن ۾ پڌندا هئا.

(٨) گهوڙن تي راجائون موتين سان جڙيل سنج وجهندا هئا. جنهنڪري چئبو تہ رگ ويد واري زماني ۾ ئي راجائون پنهنجو شاهاڻو شان رکندا هئا. اُن وقت ئي غواص هوندا هئا، جي مهراڻ مان سپون سوجهي، آبدار موتي آڻيندا هئا.

رگ ويد جي اِنهيءَ ساڳئي منڊل پهرئين ۾ سنڌ جي راجا سونيہ پاويہ جي ساراهہ ڪان پوءِ ڪي تڪون سندس راڻيءَ "روماسا" بابت آهن، جنهن جي پيءُ جو نالو "برهسپتي" هو. (رگ ويد، منڊل پهريون، ١٢٦، ٦ـ٧). اِنهيءَ راڻيءَ جو متي ذڪر ڪيل دان اُستتيءَ سان ڪوبہ لاڳاپو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. اِنهيءَ سبب مسٽر گرفت، جنهن رگ ويد جا ڪي منتر انگريزي نظم ۾ ترجمو ڪيا آهن، تنهن جو چوڻ آهي تہ سنڌ جي راڻي روماسا بابت شايد ڪو راڳ عام هو، جنهن جون تڪون رگ ويد ۾ اچي ويون آهن. اِنهن تڪن ۾ فقط ايترو چاٽايل آهي تہ هڪ لڳا راڻي روماسا هڪ نئين قسم جو ويس وڳو پهري چيو تہ" هن ويس ۾ مان جهڙي گنڌارڻ (قنڌار ديس جي اِستري) پيئي ڀانئجان." رگ ويد واري زماني ۾ درهيو آرين جو پرڳڻو سندن وڏي ڏاڏي "گانڌار" جي نالي پٺيان "گنڌار" (قنڌار) سڏبو هو. راڻي روماسا جي مٿين لفظن مان ظاهر آهي تہ اِنهيءَ قديم زماني ۾ ئي سنڌ جي ماڻهن جي قنڌار طرف جي رهاڪن سان گهڻي لهہ وچڙهہ هئي،۽ راڻي روماسا کي سڌ هئي تہ اِنهيءَ طرف جون زالون ڪهڙي قسم جي پوشاڪ پهرينديون آهن، جنهنڪري اِئين چيائين تہ "هن ويس ۾ مان جهڙي گنڌارڻ پيئي ڀانئجان". جيڪڏهن گنڌار جي زالن جي پوشاڪ جي سڌ نہ هجيس ها، تہ اِئين چوڻ جو خيال هرگز نہ اچيس ها. هن مان اِهو بہ پتو پوي ٿو تہ اُنهيءَ وقت سنڌ جي زالن جي پوشاڪ جو نمونو هڪڙو ۽ گنڌار طرف جي آرين زالن جي پوشاڪ جو نمونو ٻيو هو. اِهي نمونا ڪهڙا هئا، سو رگ ويد ۾ چاٽايل ڪونهي. اِنهيءَ هوندي بہ رگ ويد ۾ اُن وقت جي سيپتا جو ٻيو ججهو ئي ذڪر آهي.

ڪنهن بہ ملڪ ۾ جيڪڏهن ڪو حاڪم نہ هوندو ۽ اَنڌ ڌنڌ سرڪار

لڳي پيئي هوندي، تہ ڏاڏا ماڻهو هيٺن کي ڦري ماري ويندا، بلڪ سندين زالون ۽ سڀ ملڪيت بہ کٽي ويندا، ۽ وقتي ڪين ڪهي پورو ڪري ڇڏيندا. اِنهيءَ سبب مهاڀارت جي شانتي پروَ ۾ چيل آهي تہ "اول ڪو راڄا مقرر ڪريو، ۽ پوءِ شادي ڪريو ۽ ڌن مال ميڙيو". اسان بہ انهيءَ خيال تي اول راڄنيتي جوڙجڪ، ملڪي انتظام ۽ بادشاهتن جو ذڪر ڪيو آهي. هاڻ ماڻهن جي گهرو جيوت جو ذڪر ڪجي ٿو، تہ سمجهڻ سولو ٿئي تہ ڪيتيءَ جي هنر جاري ٿيڻ ڪري، جڏهن ماڻهو خانہ بدوش تي گذارڻ بدران هڪ هنڌ ٽانئيڪا ٿي رهڻ لڳا، ۽ پنهنجيءَ جان ۽ مال جي بچاءَ سانگي گوٺن جوڙڻ جو رواج وڌائون، تڏهن ڳوٺن ۽ گوٺن اندر پنهنجي جيوت ڪيئن ڪاٽيندا هئا. سچي پچي تاريخ آهي ئي اِها، تنهنڪري اِها ڄاڻائڻ بلڪل ضروري آهي.

# باب ڏهون

## آرين جي گهرو جيوت ۽ عقيدا

گهر جو بنياد. گهر اِنسان جو پهريون مڪتب آهي ۽ اِهوئي سپيتا جو اوائلي ماڳ ۽ پنگتي جوڙجڪ جو مول مرڪز آهي. جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي جيوت مِرن وانگر ڪاٽين ها، ته نڪي هجن ها گهر گهاٽ، نڪي مئيون ماڻتيون؛ خود ماءُ پيءُ سان به ناتو ڪونه هجي ها، جيئن وهٽن ۽ ڪتن پلن جو ڪونهي. گهر آهي ئي زال سان، جنهن تي گهر جهلڻ جو بار آهي، جنهنڪري اڄ تائين "گهر واري" معنيٰ زال يا جوءِ. خود "گهر" لفظ جي به اصطلاحي معنيٰ آهي "زال يا جوءِ". مثلاً "فلاڻو پهريون گهر يا پيو گهر پرڻيو". هتي "گهر" معنيٰ زال يا جوءِ. زال يا جوءِ به اُها جنهن سان لائون لڌل هجن. مطلب ته گهر جو بنياد پرڻي جي رسم تي بڌل آهي. گهر اُهو آهي، جنهن ۾ جوءِ ۽ مڙس پوڙ پلاءِ، يا جائي جواري روٽي کائي، گڏ گذارين ٿا، ۽ ڏک سُک ۾ هڪٻئي جا حال پائي ٿين ٿا. ائين هڪٻئي سان ايتري پريت ٿئين ٿي، جو هڪٻئي تان گهوريو قربان وڃن ٿا. تنهن ۾ به اِستري، جا پريم جي پُتلي آهي، سا پنهنجي پتيءُ کي ايترو پيار ڪري ٿي ، جنهن جو پورو ورنن ڪوبه ڪري ڪين سگهندو. تنهنڪري سيني سڌريل قومن پرڻي يا نڪاح جي ضرورت محسوس ڪئي. پنهنجي ڌرم پتنيءُ يا نڪاح پيل زال مان حق حلال جا ٻار ڄمن ٿا، ۽ اُنهن جي به پاڻ ۾ ججهي پريت ٿئي ٿي. ڪنهن وقت ڪٽي پائر پاڻ ۾ وڙهندا جهڙندا، يا هڪ ٻئي سان ڪهرو خستو ڳالهائيندا، ته به ڪنهن نه ڪنهن مهل هڪٻئي جو تاءُ ضرور اُيرندن، جنهنڪري چوڻي آهي ته "رت ونگو به وري". پيو چون ته "رت جي رتي، صحبت جو خرار". اولاد ۽ مائٽن جي هڪٻئي سان پريت هئڻ ڪري، خود گهر لاءِ سڪ جاڳي ٿي. ڪو ماڻهو

تنهن ڏيساور ڏي ويندو ۽ اتي ڪٿي سوين موجون ماڻيندو هوندو ته به جنهن مهل گهر جي چڪ تيندي، تنهن وقت سمنڊ جهاڳي به موٽي پنهنجي ماڳ ايندو. پريان رڳو پنهنجي وطن جا وڻ ڏسندو ته خوش پيو ٿيندو، ويتر اباڻا ڪک ڏسي هيڪاري گدگد پيو ٿيندو! مطلب ته گهر چڻ ته هڪ محبت جو مندر آهي، ۽ ان جو بنياد وواهه سنسڪار تي ٻڌل آهي.

سيني سڌريل قومن گهر جو بنياد جيتوڻيڪ نڪاح يا وهانءُ تي ٻڌو ته به آڳاٽن آرين هن باري ۾ ٻين کان هڪ قدم اڳتي وڌايو. دنيا ۾ کهڙا به ناتا ڇڱي سگهن ٿا، پر آڳاٽن هندن ائين ٺي مناسب ڄاتو، ته زال ۽ مڙس جو ناتو هڪٻئي سان هرگز ڇڄڻ نه گهرجي. اهڙا خيال نه رڳو مردن جا هئا، پر زالن جا به هئا. مثلاً "وشو وارا" (Visva – Vara) نالي هڪ اِستري ٿي گذري آهي، جا رشين جي دفعي ۾ ليکي ويئي آهي. رگ ويد جي منڊل پنجين (٢٨، ٣) ۾ اگني ديوتا کي آراڌنا ڪئي اٿس ته "وهانءُ جو ناتو ڪڏهن به نه ٽُٽي، ۽ سدائين پختي پائي تي هجي"! هن مان ظاهر آهي ته مردن وانگر خود زالن کي به پنهنجي گهرو جيوت کي پختي پائي تي بيهارڻ جو اونو هوندو هو. انهيءَ اوني سبب هندن ۾ وهانءُ هڪ ڌرمي سنسڪار ليکيو ويو آهي، ۽ زال پنهنجي مڙس جي "ارڌانگني" يا "اڌ سرير" سڏي ويئي آهي. مرد ۽ عورت اصل ۾ ٻه جدا سرير آهن؛ پر وواهه سنسڪار ڪري ٻئي ملي هڪ ٿين ٿا. هندن ۾ اڄ تائين دستور آهي ته ڪا پوڄا ڪرائين، ته زال مڙس گڏ پلئه ٻڌي وهن، جو پنهنجو توڙي سڄي ڪُل جو نيتارو به گڏجي ڪرڻو اٿن. وهانءُ جي رسم کي اهو ڌرم جو ڌاڳو آڳاٽن آرين اهڙو ٻڌو جو هڪ واريءَ جو پرڻيو سو پرڻيو، تنهنڪري هندن ۾ اڄ تائين طلاق جو رواج آهي ئي ڪونه. هندو ڄاتيءَ جي هيءَ هڪ نهايت مکيه ڳالهه آهي، جا ٻين ڪيترين قومن ۾ ڪانهي.

رواجي ماڻهن جا گهر. رگ ويد ۾ اهو ڄاڻايل ڪونهي ته ماڻهو پنهنجا گهر ڪيئن جوڙيندا هئا؛ پر اٿرو ويد جي منڊل نائين مان اهو پتو پوي ٿو. گهر لاءِ ڪو چڱو پٽ چونڊي اُن جي چئن ڪُنڊن تي چار ٿنيا ڪندا هئا، ۽ مٿان ڪامون رکندا هئا. اوڏيءَ مهل ڪي منتر اُچاريندا هئا (اٿرو ويد،

منڊل نائون، ٣). انهيءَ سبب اڄ تائين ڪامن چاڙهڻ مهل ٻوڇا ڪرائيندا آهن، ۽ مٿائي ورهائيندا آهن. ڇت لاءِ بانس جون لڙهيون ڪم آڻيندا هئا، ۽ انهن جي مٿان پکا وڇائيندا هئا، ته ڇت ۾ سنها سنها سوراخ جاريءَ وانگر ڌسڻ ۾ ايندا هئا، جي ٻوءِ لِنب چنب ۾ ڍڪيجي ويندا هئا. تيڪن ۾ به بانسن جون لڙهيون ۽ ٻُنڌ هڻندا هئا. لڙهين ۽ ٻُنڌن جي وچ ۾ جيڪي خال رهندا هئا، تن ۾ گاهه جا مڇا وجهي، ٻوءِ لنبي ڇڏيندا هئا. ڇت کي ٻنو رکندا هئا. اهو ٻنو اڄ تائين رکبو آهي، ته کُڏ تي بيٺل ماڻهو ڪري نه پوي. مطلب ته گهرن جوڙڻ جو نمونو اهو ساڳيو هو، جو هينئر به ٻهراڙين ۾ عام آهي. گهر گهر کي چار پتيون هونديون هيون (اٿرو ويد، منڊل ٽيون، ٣٧٧)، پر ڪي گول جهوپڙا به جوڙيندا هئا، جن کي "چوٽرا" چئبو آهي (اٿرو ويد. منڊل ٽيون، ١٢، ٥). گهر ۾ پٽ تي تڏا وڇائيندا هئا ۽ ڪي گاهه پکيڙي ڇڏيندا هئا، (رگ ويد، منڊل نائون، ٥٩، ٣).

هرهڪ گهر ۾ اڪثر چار ڪوٺيون هونديون هيون:

(١) هڪڙي "سَدَسَ" (Sadas) يعني وهڻ لاءِ ڪوٺي هوندي هئي. هيءَ هڪ عام صفو هوندو هو، جنهن ۾ سڀ گهر جا ڀاتي مڙي سڙي اچي وهندا هئا، ۽ ڳالهيون ٻولهيون ڪنداهئا.

(٢) ٻي ڪوٺي "پتني نام سدن" سڏبي هئي، جنهن جي معنيٰ آهي زالن جي وهڻ لاءِ ڪوٺي. هيءَ ڪوٺي انهيءَ لاءِ هئي ته زالون ان ۾ پوشيديون وينيون هجن.

(٣) ٽين "اگني شالا" يا باهه جي ڪوٺي هئي. اهو هو رنڌڻو، جنهن ۾ يگيه جي اگني به دکائيندا هئا. انهيءَ ٻوڇا واري ٽڪر کي ٻنو ڏنل هوندو هو. جنهن ڪري رنڌڻي کان الڳ هوندو هو پر ڪوٺي ساڳي هوندي هئي، جنهنڪري رنڌڻو ٻوتر استان ليکيو ويو آهي. هندو ماڻهو اڄ تائين رنڌڻي ۾ جُتي پائي ڪونه ويندا آهن.

(٤) چوٿين ڪوٺي هئي "هويرڌان" (Havirdhana) . اها سيڌي ٻاڌي رکڻ لاءِ ڪوٺي هوندي هئي. هون هومر جون شيون به ان ۾ رکندا هئا.

انهن صفن ۽ ڪوٺين کان سواءِ هڪ "آوست" يعني بيٺڪ يا اوطاق هئي، جنهن بابت عالمن جو چوڻ آهي ته اها مهمانن لاءِ جاءِ هئي، خاص

طرح براهمڻن لاءِ، جي ڪنهن ڪارج منگل تي اچي ڪٺا ٿيندا هئا (ويدڪ انڊيڪس، ١، ٦). هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته اوطاقن جو دستور ويدن واري زماني ڪان هلندو اچي. ڪي ڀائيندا آهن ته اوطاقن جو رواج مسلمانن جي صاحبيءَ ۾ پيو، سا غلط ڳالهه آهي.

جيڪڏهن ڪنهن گهر ۾ ٻه ٽي ڀائر سگهرا هوندا هئا، ته هنن لاءِ ضرور ڌار ڌار ڪوٺيون هونديون، پر اهڙو ذڪر اترو ويد ۾ ڪونهي.

هرهڪ گهر جا ٻه "ڀڪ" (Wings) هوندا هئا، جنهن مان سمجهجي ٿو ته گهر جي اڳيان ورانڊو يا دالان هوندو هو، اهو "پروشٿ" سڏيو ويو آهي. دالان جا ٿنيا ڪاٺ جا هوندا هئا، جن تي شڪليون اُڪريل هونديون هيون - ڪن ٿنين تي ٻن پورين جي شڪل اُڪريل هوندي هئي - اها ڳالهه رگ ويد جي منڊل چوٿين (٣٢، ٣٣) ۾ ڄاڻايل آهي: مطلب ته گهر جي مهڙ وارو يعني ورانڊي جو اڳيون پاسو سهڻو جوڙيندا هئا، ته جاءِ پريان ئي وڻڻ جهڙي ڏسڻ ۾ اچي.

هن وقت جاين جي اڳيان "اڱڻ" رکبو آهي. اهو اصل ۾ آهي ويدڪ لفظ "آنگن". جيڪو ٻاهران ايندو هو، سو اَڱڻ مان لنگهي، اول دالان ۾ ويندو هو ۽ پوءِ صفن ۾ گهڙندو هو. "اڱڻ" لفظ جو ڌاتو يا بنياد آهي سنسڪرت لفظ "گم" معنيٰ وڃڻ يا هلڻ. "اڱڻ" لفظ جي تنهنڪري بنيادي معنيٰ آهي "جنهن ۾ هلجي يا پنڌ ڪجي". هن مان سمجهجي ٿو ته صبح يا سانجهيءَ جو، يا رات جو ماني کائڻ کان پوءِ، اڱڻ ۾ پسار ڪندا هئا ۽ اڱڻ رکڻ جي اصل مراد ئي اها هئي. هرهڪ گهر جي ٻاهران لوڙهو ڏنل هوندو هو (رگ ويد، ٥٩، ٦). سڄيءَ جاءِ کي چوندا هئا "شالا" يا "گهر"، جو اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "گرهه" ۽ بنيادي معنيٰ اٿس "جو قبضي ۾ هجي". هن مان ظاهر آهي ته گهر جي سموري زمين مالڪن جي خلاصي ملڪيت هوندي هئي، ۽ پنجاهه سٺ يا نوانوي سالن جي پٽي تي زمين مليل ڪانه هوندي هين، جيئن هينئر آهي!

رگ ويد جي منڊل ڇهين (٣٦، ٩) ۾ ڀار دواج رشيءَ اندر ديوتا کي آراڌنا ڪئي آهي ته مون کي اهڙو گهر ڏي، جو "تر ڌاتو" (Tri – Dhatu) ۽

"ترو روُت (Trivarutha) هجي. هنن لفظن جي ڪن عالمن ڪهڙي، تہ ڪن ڪهڙي معنيٰ ڪئي آهي. ڪي چون تہ "تر ڏاتو" معنيٰ اها جاءِ جنهن ۾ ٽي شيون ڪم آيل هجن: ڪاٺ، سرون ۽ ڪچا (ناڪيل پٿر). شاين آچاريہ، جنهن ويدن جي ٽيڪا لکي آهي، تنهن جو چوڻ آهي تہ "تر ڏاتو" معنيٰ "تر پؤميڪ" يعني "ٽماڙ". ممڪن آهي تہ اڳي بہ جاين کي ماڙيون هونديون هيون.

قديم زماني کان وٺي هندن ۾ اهو رواج آهي تہ نئين جڙيل جاءِ ۾ وهڻ مهل هون هوم ڪندا آهن ۽ براهمڻن ۽ ساڌ فقير کارائيندا آهن. انهيءَ کي "ٿان شڌ" چئبو آهي، جنهن جي اکري معنيٰ آهي "ٿان يا استان شڌ (پوتر) ڪرائڻ". ان وقت ججهو ڏن لٽيندا آهن. تنهنڪري "ٿان سڌ ڪرڻ" هاڻ اصطلاح آهي ۽ معنيٰ اٿس پنهنجو ڏن وغيره ٻين کي ڏيئي ڇڏڻ يا خيرات ڪرڻ. انهيءَ قسم جو رواج يورپ ۾ بہ هو. انگريزيءَ ۾ ان کي House Warming - چئبو آهي ـ انهيءَ لفظ ۾ هيءُ خيال رکيل آهي تہ نئين جڙيل جاءِ ٿڌي ٿئي ٿي، تنهن ۾ محفل ڪندا هئا، تہ گهڻا مهمان اچي گڏ ٿين، تہ جاءِ ڪوسي ٿئي.

رگ ويد جي منڊل ستين ۾ بہ رچائون (۵۴ ۽ ۵۵) "وستو سپتي" (Vastos – Pati) يعني "واستوٓ" يا گهر جي ديوتا بنسبت چيل آهن، جن ۾ جاٿايل آهي تہ "اي گهر جا راکو دعاگو، تون ٻاجهہ ڪج، تہ هي گهر اسان کي سڀاڳو لڳي، ڪا بيماري گهر ۾ نہ ٿئي، اسان جون مرغيون، اسان جو چوپايو مال ۽ اسين سڀ سکيو سهنجو گذاريون، ۽ ڪو چور اسان کي نہ ڦري، وغيره".اهڙيءَ طرح نئين جاءِ ۾ وهڻ مهل ارداسون پاٿيندا هئا. هن منجهان هيءُ بہ ظاهر آهي تہ اڳي هندو بہ گهرن ۾ مرغيون ڏاريندا هئا. گهر جي صفائيءَ لاءِ گهڻا ڪک ڪانا هٿ ۾ جهلي، انهيءَ سان ٻُهر ميڙيندا هئا. انهن ڪکن ڪانن کي چوندا هئا "ٻهوَاري" يعني گهڻا ڪانا، ۽ ان جو اُچار هاڻ آهي "ٻُهاري"

<u>گهرو انتظام.</u> ٻنگتي جوڙجڪ جو مرڪز آهي گهر. رگ ويد واري زماني ۾ گڏيل ڪٽنب جو رواج عام هوندو هو (صفحو ۹۸)، جنهنڪري هر ڪو پيءُ يا ڪٽنب جو ٻريو مڙس گهر جو وڏو هوندو هو، ۽ گهر جي سيني ياتين

جي مٿان ڪيس ڪُلي اختياري هوندي هئي. "پتا" (پيءُ) لفظ جي بنيادي معنيٰ آهي "سنڀاليندڙ". اِهو لفظ خود ڄاڻائي ٿو ته گهر سنڀالڻ ۽ گهر جي ڀاتين جي سار سنڀال لهڻ جو بوجو پيءُ تي هوندو هو. چوڻي به آهي ته "ٻاري ڪٺن ٻار، ڪونهي ڪم ڪچن جو". گهر گهر ۾ اهي وڏڙا مائٽ هوندا هئا، جي سڄي گهر جو بوجو پاڻ تي کڻي وينا هوندا هئا، ۽ اَڏيءَ ڪٽيءَ کي پاٿيهي پيا منهن ڏيندا هئا، جنهنڪري ننڍڙا سڀ ڳڻتيءَ کان ڇٽا پيا هوندا هئا.

گهر جو پروهت به پيءُ هوندو هو. ڏهاڙي يگيه جي اگني دکائڻ، اگنيءَ ۾ ڇاهوتي وجهڻ، ويدن جا منتر اُچارڻ ۽ پيا اهڙا ڪم جي هينئر براهمڻ ڪن ٿا، سي سڀ گهر جو وڏو ڪندو هو. اُن وقت به براهمڻ هئا، جي اڪثر برهم وديا جا ڄاڻو هئا، تنهنڪري براهمڻ سڏبا هئا. اهي راجائن جي ڪُلَ جا پروهت هوندا هئا. ٻين گهر ٻارين کي به ڪا پوڄا ڪرائڻي هوندي هئي يا ڪو وڏو يگيه ڪرڻو هوندو هو، ته ڪنهن رشيءَ يا براهمڻ کي گهرائيندا هئا، نه ته رواجي روزمره جي پوڄا پاٿيهي ڪندا هئا.

هرهڪ آڪهه جو وڏو يگيه جي اَگني دکائي روزمره جي پوڄا ڪيتري صدق ۾ سچائيءَ سان ڪندو هو، تنهن بابت "شتپٿ براهمڻ" ۾ هڪ نهايت عمدي ڳالهه لکيل آهي. "اَرڻ اؤپويسيءَ" (Aruna Aupavesi) کي سندس ڪنهن مِتر (مائٽ) چيو ته "هاڻ وڏا ٿيا آهيو، هاڻ يگيه جون اَگنيون دکائيندا رهو". هن وراڻي ڏنيس ته "توهين گويا مون کي چئو ٿا ته ڳالهائڻ بند ڪر، ڇاڪاڻ ته يگيه جي اَگني دکائڻ معنيٰ ڪوڙ نه ڳالهائڻ، ۽ رڳو نه ڳالهائڻ ڪري ئي ڪوڙ نٿو ٻولجي". يگيه جي اگني دکائڻ لاءِ ايتري قدر سچائي گهرجي. * هيءَ هڪڙوئي منڊل اسان جا چڱيءَ پر ڪپاٽ کولي ٿو، جنهنڪري سمجهڻ سولو ٿئي ٿو ته گهر جا وڏا به وڏيءَ ڪَلا وارا هوندا هئا. انهن کي اڄ تائين "پُوڄ" چئجي ٿو، سو اِهي بيشڪ پوڄڻ جا لائق هئا، جو ٻين لڇڻن سان گڏ منجهن ايتري قدر صدق ۽ سچائي به هئي.

رگ ويد منجهان معلوم ٿئي ٿو ته پيءُ جيستائين جيئرو هوندو هو

---

* Satapatha Brahmans, Sacred Books of the East, Vol. XII, p. 313, 20.

تيستائين سڄي گهر جي انتظام جو بار مٿس هوندو هو. جيڪڏهن مري ويندو هو، يا ٻنهه جهوُر ٿي ويندو هو، تہ پوءِ سندس مربي پٽ سندس ٻاران گهر سنڀاليندو هو (رگ ويد. منڊل پهريون، ٧٠، ٥)، ۽ پنهنجن ڀيرسن مائٽن کي هر طرح سکي رکڻ جو اونو ڪندو هو (منڊل ستون، ١٨، ٢٣).

"پراتر" (ڀاءُ) لفظ جو ڌاتو آهي "پر" معنيٰ "جهلڻ"، ڀائر گهر جو جهلو آهن، ۽ مربي ڀاءُ اڄ تائين پيءُ جي سمان ليکبو آهي، تنهنڪري ننڍڙا ڀائر کيس پيرين پئي گڏبا آهن. ڀائرن جي پريت جا نهايت عمدا مثال رامائڻ ۽ مهاڀارت مان ملن ٿا. اهڙن آدرش ڀائرن جو پرتوو سڄي هندو جاتيءَ تي وقت بوقت پوندو پئي آيو آهي. گڏيل ڪٽنب جو رواج هيتريون صديون سانده سڄي هندستان ۾ هليو ٿي اِنهيءَ ڪري جو ڀائرن جي پريت پاڻ ۾ جڳهي هوندي هئي، ۽ گهر جي سيني ڀاتين جا هڪبئي ۾ ساس پراڻ هوندا هئا. انهيءَ سبب سنڌ ۾ هيءَ چوٽي بہ عام ٿي تہ:

"ڀائر ڪوٽ جا ڪنگرا، پٽ گهر جي سونهن،
وينا ڪن ورونهن، ڏڄڻ ڏوران ئي ڏري"

يعني ڀائرن جي ههڙي پريت پاڻ ۾ هئڻ ڪري ڏڄڻ (دشمن) ڊجي پريان ئي پڃي ٿو، ۽ هنن ۾ ڪوبہ ڦيناڙو وجهي نٿو سگهي.

گهر جي انتظام جو بوجو مربي پٽ تي جُهلي پوندو هو، تہ پنهنجي فرض ادائي ڪرڻ جي هر طرح ڪوشش ڪندو هو. سندس ڀينرون جيستائين ڪنواريون هونديون هيون، تيستائين کين پاليندو هو ۽ سندن پوريءَ ريت سنڀال لهندو هو. جڏهن وڏيون ٿينديون هيون، تڏهن ڏاجو ڏيئي، کين پرڻائي ڇڏيندو هو. جو ڏيتي ليتيءَ جو رواج انهيءَ قديم زماني ۾ ئي هو (منڊل پهريون، ١٠١، ٢).

مائٽ ۽ اولاد. ٻار گهر جي وندر آهن. جن گهرن ۾ ٻارن جو غوغاءُ ڪونہ هوندو هو، سو گهر ماڻهن کي ڀيو کائيندو هو. اِنهيءَ ڪري آڳاٽا ماڻهو ڏٿيءَ کي اها آراڌنا ڪندا هئا، تہ ٻار ٻچا ڏڄانم! (رگ ويد. منڊل ستون، ١، ١١، ۽ ١٢، منڊل ائون، ١، ١٣) اڪثر ائين چاهيندا هئا تہ پٽ ڄمن، جي وڏن جو نالو قائم رکن ۽ پترن کي پاٽي بہ ڏين (منڊل پهريون، ١٠٥، ٣).

آڳاٽا لوڪ ائين وسهندا هئا تہ جيڪو ماڻهو بنا اولاد مري ٿو ۽ پنڊ پرائڻ ۽ پترن کي پاڻي ڏيڻ لاءِ ڪوبہ پٽ ڪونهيس، سو "پوٽ" نالي نرڪ (دوزخ) ۾ پوي ٿو. انهي ئي سبب ڪري فرزند کي سڏيائون. "پوٽر" يعني "پوٽ" نرڪ کان تارڻ وارو. ماڻهن پٽ گهريائي انهيءَ ڪري ٿي تہ جيئري تہ ٻانهن ٻيلي ٿين پر مئي کان پوءِ بہ مائٽن جي ڪريا ڪرم ۽ سراڌ ڪري انهن جو نيتارو ڪن. جنهن کي پنهنجو آنديِ ڄاتو پٽ ڪونہ هوندو هو، سو لاچار ٻئي جو پٽ (خاص ڪري ڌيٽو) گود وٺندو هو. "گود ۾ وٺڻ" معنيٰ ڌرم جو پٽ ڪرڻ. اهو اصطلاح خود ڄاڻائي ٿو تہ پرائو ٻار اڃا ٻاروتڻ ۾ ئي هوندو هو ۽ گويا هنج ۾ وهارڻ جيڏو هوندو هو، تڏهن ڪيس پنهنجو ڌرم جو پٽ ڪندا هئا، ۽ نہ وڏي هوندي. ائين پرائو پٽ پنهنجو ڌرم جو پٽ ڪندا هئا، تہ بہ دل کي اهڙي فرحت نہ ايندي هين، جهڙي پنهنجي ڄٽيل پٽ مان اچي ٿي. وقت تي اهي ڌرم جا پٽ موٽي پنهنجن اصلوڪن مائٽن وٽ ويندا هئا. (منڊل ستون، ٣، ٧ ـ ٨).

آدرش پٽ اهو سمجهيو هو، جو شڪل جو سهڻو، قد جو قداور، همت ڀريو، برجستو ۽ گهر جهلڻ جهڙو، سمجهو، سياڻو، شاسترن جو ڄاڻو، ۽ ڀڳوان جي ڀڳتي ڪندڙ هوندو هو (منڊل ڏهون، ٤٧، ٣). رگ ويد ۾ هڪ رشيءَ آراڌنا ڪئي آهي تہ "اي ڀڳوان، اهو پٽ ڏجانءِ جو مها ٻلوان هجي، ٻلي گهوڙي تي چڙهي، جڏ ۾ دشمنن کان سوڀ کٽي، ۽ وڏا يڳيہ ۽ دان ڪري (منڊل ڇهون، ٣٣، ١). مطلب تہ مها ٻلوان ۽ ڌرماتما پٽ ماڻهن کي وڻندا هئا. جيڪڏهن قضا سان ڪنهن جو پٽ ناخلف ٿي سامائبو هو، تہ مائٽ ڪيس سيڪت ڏيئي، سوڌيءَ راهہ تي آڻيندا هئا. (منڊل ٻيو، ٢٩، ٥).
وقت تي ڪي مائٽ چڙ ۾ ڀرجي پنهنجي اولاد کي نهايت اجوڳ سزائون ڏيندا هئا. اهڙو هڪ مثال رگ ويد ۾ آهي، جنهن ۾ ڄاڻايل آهي تہ رَجراشوَ (Rjrasv) نالي ّهڪ جوان ڳوٺاڻن جون هڪ سؤ رڍون جهنگ ۾ چارينديِ، بگهڙن کان کارائي آيو. تہ پٽس "ورشاگري" (Vrasa - giri) مٿس ايترو ڪاوڙيو، جو ٻئي اکيون ڪڍي ورتائينس، ۽ پوءِ اَشوني ڪمار ديوتائن پنهنجي ڪريا سان انڌي مان سڄو ڪيس (منڊل ٻهريون، ١١٦، ١٦، ١١٧، ١٧). رواجي طرح ٻيءَ پنهنجي پٽ يا نياڻيءَ کي گهٽ ڪونہ

گھرندو ھو، ۽ سدائين اولاد جي ڀلائيءَ جو اونو ھوندو ھوس (منڊل انون، ٣٨، ٣). پٽ بہ سدائين پيءُ جي آگيا ۾ ھوندو ھو، ۽ سندس لاءِ جيجهي حب ۽ عزت ھوندي ھيس*. ماءُ پيءُ کي پيرين پوڻ جو رواج نهايت قديم آھي. رگ ويد جي منڊل ٻئي (٣٣، ١٢) ۾ لکيل آھي تہ پٽ پنھنجي پيءُ کي پيرين پوندو ھو تہ پٽس ھٿن کان جهلي کنڌ مٿي کندو ھوس. مريادا پرشوتم شري رامچندر بہ مائٽن کي پيرين پوندو ھو، ۽ اھو رواج اڄ تائين ھلندو اچي. اڄ بہ ڪو ماڻھو ڪنھن لائقيءَ کي رسندو آھي تہ انين وسھندو آھي تہ ماءُ پيءُ جي آسيس مون کي اَڏيو آھي. ھن مان ظاھر آھي تہ ماءُ پيءُ ديوتائن جو روپ ڪري ليکيا آھن.

نياڻيءَ کي قرب وچان "پُتري" (پُتري) چئبو آھي، نہ تہ عام طرح "پُٽ" جو مونث آھي "ڌي"، (پراڪرت "ڌيئا"). جو اصل ۾ آھي سنسڪرت لفظ "دُھتا" "دھتر" (پارسي "دختر"، ۽ انگريزي "ڊاٽر" (Daughter) . اِنھيءَ لفظ جو ڌاتو يا بنياد آھي "دُھ" (Duh) معنيٰ ڏھڻ. اڳي نياڻين تي ٻڪرين، ڳاين وغيره جي ڏھڻ جو ڪم رکيل ھو، تنھنڪري مٿن اِھو نالو پيو. مطلب تہ "پٽ" لفظ ۾ ھڪڙو خيال ۽ "ڌيءَ" لفظ ۾ ٻيو خيال سمايل آھي، تنھنڪري اِھي بہ علحده لفظ مليا اٿئون.

پٽ توڙي ڌيءَ ساڳي ئي مائٽ جو اولاد، تہ بہ ٻنھي جي وچ ۾ جيڪو ڦير ھن وقت ماڻھو سمجھن ٿا، سو آڳاٽا لوڪ بہ سمجھندا ھئا. پٽ سدائين مائٽن وٽ گذاري ٿو، ۽ ڪُلَ جو نالو قائم ڪندو رھي ٿو. مائٽ پيرسن ٿين ٿا، تہ پٽ سندن شيوا ڪري، ڪين ھر طرح سکي رکي ٿو. حقيقتاً ڌيئن کي پاڻ مائٽن جو تاءُ پٽن کان وڌيڪ اُپرندو آھي. جنھنڪري چوڻي آھي تہ "ٻيئيءَ ليئيءَ ڌيءَ ڪم اچي". يعني اَڳھائيءَ ۾ مائٽ جڏھن ڪٽ وٺي پوي ٿو، تڏھن ڌيءَ گھڻو ڪم اچي ٿي. اِنھيءَ ھوندي بہ نياڻيءَ جي حالت نرالي آھي. ڌيءَ آخر وڃي پرائو گھر وسائي ٿي. نياڻيءَ کي ڏيتي ليتي ڏيئي اُڪلائجي ٿو، تنھن کان پوءِ بہ سندس سکي جيوت جو مکيہ مدار سندس مڙس تي آھي، جو ڌاريو شخص آھي. خبر نہ آھي پس پيش

* "The relation of child and parent was clearly, as a rule, one of close affection; for a father is regarded as the type of all that is good and kind." Cambridge History of India, Vol. 1, p. 89.

لائق انسان ثابت ٿئي يا نه. ۽ ڇوڪري ساهري گهر سکي جيوت گذاري يا نه. جيڪڏهن نياڻي هر طرح سکي آهي ۽ ڪوبه ڪَنَ ڪُرو ڪونهي، ته مائٽ به خوش: پر جيڪڏهن نياڻي ڏکي، ته مائٽ جي دل به اٽڪي ڏکي. جن کي ساهري گهر ملن رت جون مانيون ۽ سُورن جا ساڳ. تن گهڻي ئي ڀهاڪا پنهنجي حال تان چيا آهن. جهڙوڪ:

"ساهرا آهرا ٻاٻرا ڪندا،
جو ٻاسو وراءِ، سو چپ چپ ڪندا".
زنانو ڀهاڪو.

نياڻين جي آئيندي جا ويچار آڳاٽن ماڻهن کي ايتري قدر ويڙهي ويندا هئا. جو رگ ويد جي پڻيان جيڪو ائتريه براهمڻ گرنٿ آهي، تنهن ۾ چاٽايل آهي ته "ڌيئون ڏک جو ڪارڻ آهن". (ستون، ٣١، ١)

نياڻين جو اونو ۽ اُڪلاءُ. قديم هندن ۾ لکيل وصيت (Will) ڪرڻ جو رواج هئو ئي ڪونه. سموري ملڪيت جو مالڪ پيءُ هوندو هو. پيءُ کان پوءِ سندس سڀ ملڪيت سندس پٽن جي ٿيندي هئي. ڪنهن کي پٽ نه هوندو هو، ته سندس سموري ملڪيت سندس ڏهٽن کي ملندي هئي، نه ڌيئن کي. اڄ به اهو ئي قائدو آهي. رواجي طرح پاءُ پنهنجي ملڪيت مان پنهنجيءَ ڀيڻ کي حصي ڏيڻ لاءِ ٻڌل ڪونه هوندو هو (رگ ويد. منڊل ٽيون. ٣١، ٢). انهيءَ هوندي به جيڪڏهن ڪنهن ڇوڪريءَ کي سندس دل وڻان گهوٽ نه ملندو هو. يا ڪنوارو رهڻ پسند ڪندي هئي، يا ڪنهن مرض ۾ مبتلا هئڻ سبب سڄي عمر ڪنواري رهندي هئي ۽ اهڙيءَ حالت ۾ پيءُ جي ملڪيت مان حصو گهرندي هئي، ته ملندو هوس (منڊل پيون، ١٧،٧) انهيءَ ريت پانر پنهنجا پال پلائيندا هئا. ته ڀيڻ عزت آبروءَ سان سکي سهنجي جيوت ڪاٽيندي هئي ۽ ڪنهن ٻئي جي محتاجي ڪڍٽي ڪانه پوندي هيس. جيڪڏهن اباڻي ملڪيت ماڳهين خير ڪا هوندي هئي، ته پوءِ ڇوڪري لاچار ٿي، ڪا ڪرت ڪار وڃي ڪندي هئي، ۽ وقتي لالچن ۾ وڃي ڦاسندي هئي. جنهن ڇوڪريءَ جو اوهي نڪو واهي هوندو هو. تنهن جي پڻيان لفنگا پوندا هئا. ۽ ڪي ته آخر ڪليو ڪلايو

بدپیشو اختیار ڪنديون هيون (رگ ويد، منڊل ڀهريون، ١٢۴، ٧، چوٿون، ۵، ۵).

ڪي ڇوڪريون ڪنواري ئي ٻار ڄڻي ڇڏيندي هيون (منڊل ٻيون، ٢٩، ١، منڊل پنجون، ۵، ۵ ۽ منڊل نائون ٣٢، ۵). يجر ويد جي تئترييه براهمڻ (ٽيون ۴، ٢، ١) ۾ "ڪماري پتر" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ڪنواريءَ جو پٽ". اهڙن سببن ڪري ڏينن جو جمڻ گهٽڻ ڪي وٽندو ئي ڪين هو. جنهن ڪنواري ڇوڪريءَ کي نڪو ڀيءُ نڪو پاءُ هوندو هو. سا نياڳي ليکبي هئي، ۽ ٻيا متس قياس ڪندا هئا. اهو به خطرو هوندو هو، ته هيءَ ڪنهن مهل اُبتا پير کڻندي (رگ ويد، منڊل پهريون، ١٢۴، ٧ - منڊل چوٿون، ۵، ۵). اٿرو ويد جي منڊل ڇهين (١١، ٣) ۾ ايشور کي آراڌنا ٿيل آهي ته "اي ڀڳوان، ڌيءَ ٻين کي ڏجانءِ، هتي اسان جي گهر ۾ پٽ ڏجانءِ!" مطلب ته ڌيءَ ڄائي ته مائٽن متان ڄڻ ته ڪا ڇپَ پيئي! سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته "پهرين ڌيءَ پٽ برابر"، پر ڌيءَ پرڻائجي ٿي، ته سيڻن جي اڳيان وار وڇائڻا پون ٿا: ۽ اُنهن جون گهڻي ئي ڳالهيون سهڻيون پون ٿيون. تنهنڪري سنڌيءَ ۾ هيءَ چوڻي به عام آهي ته "سؤ پُٽان، هڪ ڳيان، تنهن پَر به لڪان". جيڪڏهن ڪنهن مائيءَ کي به ٽي نياڻيون اڳي ئي هونديون آهن، ۽ متان ٻي به نياڻي ڄمندي اٿس ته اوڙي پاڙي جون زالون ساڻس اِئين اچي ڳالهائينديون آهن، جو ڄڻ ته اعزاپرسي ڪرڻ آيون آهن! رگ ويد واري زماني کان وٺي اِهو دستور اڄ تائين هلندو اچي.

اڳي جيتوڻيڪ سيني پٽ پٺي گهريا، ته به جڏهن ڌيئون ڄمنديون هيون، تڏهن ڪين ڪو گهٽ ڪين گهرندا هئا. جو آندو ڪتي ٻلي کي پيارو آهي. حقيقتاً عام طرح نياڻيءَ کي ديويءَ روپ ڪري ليکيندا هئا، ۽ اڄ به نياڻيون ديويون ڪري ليکجن ٿيون. ايترو هو ته وڏور نياڻي گهر ۾ وهارڻ واجب نه سمجهندا هئا: تنهنڪري اُنهن جي اُڪلائڻ جو جڳهو اونو ڪندا هئا. اهڙا ته آتا هوندا هئا، جو چوندا هئا ته ڪتي اسان جي نياڻي پرڻجي وڃي شينهن ڪلهي چڙهي، ته اسين چنتا کان ڇٽون! اڄ به ماڻهو اِئين پيا چون. نياڻيءَ لاءِ ڪڻُ سنو ملي، تنهن لاءِ ويدن جا منتر به اُچاريندا هئا

(اٿرو ويد، منڊل ڇهون، ٦).

مانيتي ۽ وهانءُ. رگ ويد ۾ اهڙي ڪا ٽڪ آهي ئي ڪانه، جنهن مان سمجهجي ته انهيءَ زماني ۾ ننڍپڻ ۾ شاديءَ ڪرڻ جو رواج هو. جيڪي حقيقتون ڄاڻايل آهن، تن مان ٻاڻ ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته ڇوڪريون جڏهن بالغ ٿينديون هيون، تڏهن پرڻبيون هيون. منڊل ڏهين جي سوُڪت ٨٥ ۾ چيل آهي ته "ٻيءَ ڪنهن ڪنواريءَ ڏي نه وڃ، جا اڃا پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ ويٺي آهي، ۽ پرڻجڻ جون سڀ علامتون منجهس آهن". جيڪڏهن ڪا ڇوڪري ڪنهن مرض ۾ مبتلا هوندي هئي، جنهنڪري پرڻجڻ کان خارج هوندي هئي، يا سڄي عمر ڪنوارو رهڻ چاهيندي هئي، ته ٻيڪي گهر گذاريندي پريا پنجي ويندا هئس.* ٻال ووِاهه جو رواج سوُترن واري زماني ۾، يعني ويدن کان پوءِ جي زماني ۾ عام ٿيڻ لڳو، ۽ ننڍپڻ جي وهانءَ مان جيڪي اُگرا نتيجا نڪرن ٿا، سي پوءِ ظاهر ٿيڻ لڳا+

رگ ويدَ جي منڊل ڏهين (٢٧، ١٢) مان معلوم ٿئي ٿو ته جيڪي ڇوڪريون پرڻبيون هيون، سي پنهنجي لاءِ گهوٽ پاڻ چونڊينديون هيون- "وَرَ" معني "گهوٽ"، پر بنيادي معنيٰ اٿس "چونڊيل". "سويمور" معنيٰ پنهنجي چونڊ پاڻ ڪرڻ. ڇوڪريون پنهنجي لاءِ عام طرح اُهو "ور" (گهوٽ) چونڊينديون هيون، جنهن تي دل ٿيندي هين، يعني اڪثر پريم وواهه ٿيندو هو (منڊل اٺون، ٦٢، ٣). جو ماڻهو ائين سمجهندا هئا ته پرڻي جي خوشيءَ جو بنياد ئي پريم تي ٻڌل آهي (منڊل ڏهون، ٢٧، ١٢).

رگ ويد واري زماني ۾ ذات پات جو پيد هئو ئي ڪونه، تنهنڪري جنهن جي جنهن سان دل لڳندي هئي، سو تنهن سان پرڻبو هو: رڳو سگوتر ۽ سپند وهانءَ جي منع هئي (صفحو ١٧٥). پاڻ کان گهٽ گهر ڪٽڻ ڪو ڪونه پسند ڪندو هو، ڪنهن وٽ ڏن مال ججهو هوندو هو، پر نه هوندا

---

* "Marriage in the early Vedic texts appears essentially as a union of two persons of full development. This is shown by the numerous references to unmarried girls who grow old in the house of their fathers." Prof. Macdonell and Keith: Vedic Index.

+ "Child-wives first occure regularly in the Sutra period, though it is still uncertain to what extent the rule of marriage before puberty there obtained." Dr. A.C. Das: Rig. Vedic Culture, page 251.

هنس لڇڻ ۽ نہ سهڻي شڪل شبيهہ. تہ اهڙي ڪي پانهن ڏيڻ ڪو ڪونہ چاهيندو هو. ڪي تہ ڏن ڪي ڏسي مائٽيون ڪندا هئا. عام رواج هيءُ هو تہ ڪنهن وٽ ڪٽي ڏن گهٽو نہ هوندو هو: پر علم ۽ لڇڻ هوندا هنس، تہ اهو پسند پوندو هو. ساڳيءَ طرح ڪا ڇوڪري غريب مائٽن جي ڌيءُ هوندي هئي، پر سهڻي ۽ سلڇڻي هوندي هئي تہ اها پسند پوندي هئي، جنهنڪري اچ تائين چوڻي آهي تہ "لڌي ڪان لڇڻ وڏيڪ". انڌيون، ڪاٺيون ۽ تيڏيون مشڪل اگهامنديون هيون، پر جيڪڏهن ڪو ساٿڻ پرٽبو هو، تہ انهيءَ ڳالهہ تان ڪوبہ اعتراض ڪونہ اتاريندو هو (رگ ويد، منڊل ٢٣، ١١).

ڪنهن جوان ۽ سهڻي ڇوڪريءَ هٿ ڪرڻ لاءِ گهڻا ئي نوجوان خواهان تيندا، پر ڇوڪريءَ کي بہ سوچڻو ويچارڻو آهي. هوءَ سياويڪ طرح پنهنجي لاءِ اهو مڙس چونبديندي، جو هر طرح لائق هوندو اوڪيءَ سوڪيءَ ۾ سنديس پوريءَ ريت سنڀال لهندو ۽ پارن پالڻ جي سمرتي هونديس. پر متان ڪا ڇوڪري پوريءَ ريت گڻ ڳوت نہ ڪري، ۽ پرٽجي پوءِ پڇتائي، تنهنڪري رڳو پڳو پنهنجي خيال تي هلڻ بدران پنهنجن مائٽن جي صلاح ۽ مجتا سان پرٽبيون هيون. مطلب تہ نياڻين اُڪلائڻ ۾ مائٽن جو بہ هٿ هوندو هو.⁽¹⁾

ميلن ۽ محفلن ۾، يا ٻين هنڌ، جوان ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا هڪٻئي سان لهہ وچڙهہ ۾ ايندا هئا. جيڪڏهن هڪٻئي سان دل لڳي ويندي هين، تہ اول پاڻ ۾ پڪون پچائيندا هئا، ۽ پوءِ ڳهوٽ جي سنگتين يا متن مائٽن مان ڪو ڪنواريتن سان وڃي مائٽي چوريندو هو. رگ ويد جي منڊل ڏهين، (سوڪت ٨٥) ۾ چاڻايل آهي تہ سورج ديوتا جي نياڻيءَ "سؤريا" جو وهانءُ سوم (چندرما) سان ٿي ٿيو، تہ سوم جي پاران اشوني ڪمار ديوتائن وڃي مائٽي چوري هئي. انهيءَ ڳالهہ مان عالمن اهو انومان ڪڍيو آهي تہ ڳهوٽيتن مان ڪا پهر ڪنواريتن سان مائٽي چوريندي هئي. پوءِ جي ساهت، خاص ڪري سمريتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڳهوٽيتيءَ پهر

(1) "There is another Verse which also goes to prove that the parents had some control in the selection of a bridegroom for their daughter." Dr. A.C. Das: Reg. Vedic Culture, p.252.

(2) "The father probably controlled, in some measure at least, both son and daughter as regards marriage." Cambridge History of India, Vol. I, p. 89.

مان بہ ودوان وچي ڪنوار ڏسي ايندا هئا. ٻنهي ڌرين کي جيڪڏهن مائٽي پسند ايندي هئي، ۽ ڪنواريتا جيڪڏهن رڳو اچا پنهنجي من ۾ ٺهراءُ ڪندا هئا تہ پنهنجي نياڻي فلاڻي سان پرڻائجي، تہ چئبو تہ پنهنجي من ڪري پنهنجي نياڻي ڏيئي چڪا. انهيءَ کي سڏيندا هئا "منسادت" (Mansadata) يعني من ڪري ڏنل (Mentally given) . اهڙي منشا من ۾ ڌارڻ ڪان پوءِ، مائٽيءَ جي پڪ ڪرڻ لاءِ ڪن براهمڻن جي روبرو اول سيڻ پاڻ ۾ گڏبا هئا. اُن وقت ڪنوار جو پيءُ پنهنجي من جي منشا ظاهر ڪرڻ لاءِ گهوٽ پيءُ کي چوندو هو تہ "پنهنجي پٽ لاءِ منهنجي ڪنواري ڪنيا وٺو، جا مَنَ ڪري ڪيس ڏني ويئي آهي: هينئر بہ ڏسو ۽ فيصلو ڪري پرسن ٿيو." گهوٽ پيءُ پوءِ چوڪري ڏسي، خاطري ڪري، ڪنوار پيءُ کي چوندو هو تہ "توهان جي ڪنواري ڪنيا مان پنهنجي پٽ لاءِ قبول ڪريان ٿو، جا مَنَ ڪري ڪيس اڳي ئي ڏني ويئي آهي: توهين منهجو پٽ ڏسو ۽ فيصلو ڪري پرسن ٿيو. ڪنوار پيءُ پوءِ چوڪرو ڏسي خاطري ڪندو هو. جيڪڏهن چوڪرو پسند ايندو هوس تہ پنهنجي ڪنيا دان ڪرڻ جي ڳالھہ پنهنجي زبان سان کولي چوندو هو. اِهو سڏبو هو "واڳدان" (واڪدان) يعني وچن دان. ڪنوار پيءُ براهمڻ جي روبرو پنهنجي ڪنيادان ڪرڻ جو وچن يا قول ڪندو هو، تہ انهيءَ کي سڏيندا هئا "واچادت" (Vachadatta) يعني وچن ڪري يا زباني ڏنل (Verbally given) مطلب تہ پهريائين من ڪري ڪنيادان ٿيل هو، ۽ هاڻ زبان سان وچن ڏيئي ڪنواريتا پنهنجي نياڻي ڏيئي چڪا. اوڏيءَ مهل حاضر براهمڻ ۾ پان ورهائيندا هئا.هن وقت مصري ڪائيندا آهن. ڪنيادان جي ٽين منزل سڏبي هئي "ڌارادت" (Stream – given i. e. actually given) Dharadatta يعني جڏهن تت وهندي نياڻي ڏيندا هئا. هي سڀ ڳالهيون سمرتي ڪارن ڄاڻايون آهن. سمرتيون جيتوڻيڪ گهڻو پوءِ جون لکيل آهن، تہ بہ منجهن ڳالهيون ويدڪ زماني جون آهن*.

وهانءَ جي پڪ ٿيندي هئي تہ وهانءَ لاءِ مهورت ڪڍائيندا هئا. وهانءَ جي ڏينهن گهوٽ اُڇا سٺا ڪپڙا ۽ جڙت جڙيل سونا زيورِ پائي (منڊل

* Brihaspati says: "The Samriti of Manu stands high as embodying the teachings of the Vedas." Quoted by R.Raghu Natha Rao The Aryan Marriage. p. 115.

پنجون، ٦، ٣) ۾ سرهاڻيون مکي، پنهنجن مٿن مائٽن ۾ سنگتين ساٿين جي ڄڃ وٺي، ڪنواريتي گهر ويندو هو. ڪنواريتا گهوٽيتن جو آءُ آدر ججهو ڪندا هئا. ڪين اُچا اُچا طعام ڪارائيندا هئا ۽ پوءِ وهانءَ جي رسم ادا ڪندا هئا.

وهانءَ جي رسم. قديم زماني ۾ وهانءَ جي رسم رسمات اها ساڳي هئي، جا هينئر آهي. وهانءَ مهل جيڪي منتر براهمڻ اُچارين ٿا، سي گريهه سوترن ۾ ڄاڻايل آهن، جن مان ڪي اکر به اکر رگ ويد مان ورتل آهن؛ تنهنڪري ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو تہ هاڻوڪي ويڌيءَ جو رواج رگ ويد واري زماني کان وٺي هليو اچي. انهيءَ قديم زماني کان وٺي سنڌ جا ماڻهو هندستان جي ٻين هنڌن جي هندن وانگر پرڻي جون رسمون بلڪل پوريءَ ريت بجا آڻيندا پيا اچن. هڪ مکيہ تفاوت هيءُ آهي تہ اڳاڻن ماڻهن جي مادري زبان سنسڪرت هوندي هئي، جنهن ۾ اڄ تائين ويڌي پڙهڻ ۾ اچي ٿي. اڳي وهانءَ مهل گهوٽ ۽ ڪنوار هڪ ٻئي سان ڪي پرتگيائون يا قول قرار ڪندا هئا. خود ڪنوار جو پيءُ پنهنجي نائيءَ کان ڪي انجام وٺندو هو، جهڙوڪ "ڌرم ۾ ارٿ (ڌن دولت) جي پراپتيءَ ۾ منهنجي ڪنيا کي ريتي نہ ڇڏج وغيره". اڄ ڪالهہ اسان جا ماڻهو اڪثر سنسڪرت ڄاڻن ئي ڪونہ، تنهنڪري وهانءَ ڪرائيندڙ براهمڻ گهوٽ ۽ ڪنوار جي پاران سوال جواب پاڻ ڪندو ويندو آهي ۽ سمجهندو بہ رڳو پاڻ آهي. گهوٽ ۽ ڪنوار ماٺ ڪيو وينا هوندا آهن. ڄاڃين مان ڪي اوڏيءَ مهل کاني پيني ۾ مشغول هوندا آهن، جنهنڪري ڪيترن هنڌ ڏسبو آهي تہ جنهن سانت سان هيءُ شڀ ڪارج ٿيڻ گهرجي، سا سانت هوندي ڪانهي، ۽ اٿلندو ڪيچل لڳي پيني هوندي آهي. انهيءَ هوندي بہ ايترو چئبو تہ سات سوڻ وغيره اهي ئي ساڳيا هليا اچن. اها ڳالهہ خود "وهانءَ" ۽ "پرڻو" لفظن مان ظاهر آهي، جي لفظ اڄ تائين عام طرح ڪم پيا اچن.

"وهانءُ" لفظ اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "وواهہ" جنهن ۾ "وِ" معني وشيش ريت يا چڱيءَ طرح ۽ "وهہ" معني ملائڻ يا وٺي وڃڻ. وهانءُ اهو آهي جنهن ۾ گهوٽ پنهنجيءَ ڪنوار کي چڱيءَ ريت يعني سائي سوڻن

سان وني وجي ٿو. انهن سائن سوٽن ۾ جيڪا مکيه ڳالهه آهي، سا "پرٽو" لفظ مان ظاهر آهي. "پرٽو" لفظ جي بنيادي معنيٰ آهي "ڦيراڏيڻ". سنسڪرت ۾ "پر" معنيٰ چوڌاري، ۽ "نيه" معنيٰ "نيڻ يا وٺي وڃڻ". وهانءُ مهل گهوٽ ۽ ڪنوار هڪ ٻئي سان پلئه ٻڌي، پوءِ هڪٻئي جو هٿ جهلي (هٿيالو ٻڌي)، ٻکيه جي اَگنيءَ جي چوڌاري ست ڦيرا ڏيندا هئا. جيستائين گهوٽ ۽ ڪنوار ڦيرا نٿا ڏين تيستائين وهانءُ جائز نٿو ليکجي. جنهن وقت گهوٽ ۽ ڪنوار پلئه ٻڌي، ۽ "پاڻي گرهن" ڪري يعني هٿ جهلي (هٿيالو ٻڌي) ست ڦيرا ڏنا، تنهن وقت ئي چئبو ته وهانءُ ٿي چڪو. اِنهيءَ "سپت پديءَ" يعني ستن ڦيرن جي نهايت مکيه رسم هئڻ سبب "پرٽو" معنيٰ ٿي "وهانءُ".

وهانءُ مهل گهوٽ ۽ ڪنوار جا مٿا ميڙيندا آهن. انهيءَ کي "لائون" چئبو آهي، جو اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "نمن" يعني نمائڻ (مٿا نمائڻ). انهيءَ سبب "لائون لهڻ" معنيٰ "پرڻجڻ". جڏهن چئون ته فلاڻن جون هڪٻئي سان لائون آهن، تڏهن ان جي معنيٰ ته پاڻ ۾ ججهي پريت اٿن (گهوٽ ۽ ڪنوار جهڙي). اهڙيءَ ريت لفظن جي بنيادن ۾ ڪيترائي اَڳاٽا احوال سمايل آهن، جنهنڪري ٻولين جو اونهو اڀياس نهايت ڪارائتو آهي.

وهانءُ جون رسمون سيڪا قوم پنهنجي پنهنجي نموني ادا ڪري ٿي؛ پر سنڌو ماتر جي رهاڪن جو نمونو ئي نرالو هو. هو وهانءُ کي هڪ "سنڪار" (Sacrament) ڪري ليکيندا هئا. هندن جي شاسترن پٽاندر هرهڪ سنڪار ڪرڻ مهل "سراڌ" ڪرڻ گهرجي. وهانءُ مهل "سراڌ" ۽ "ترڪرڻ سُڌي" (Trikarana Suddhi) اهي ٻه مکيه ڳالهيون هونديون هيون. "سراڌ" آهي "سرڌا" (سچي سرڌا) ۽ "ترڪرڻ سڌيءَ" ۾ من، وات ۽ هٿ اهي ٽيئي شڌ يا پوتر رکڻا آهن. مطلب ته من ۾ ڪو خراب خيال نه ڌارجي، وات مان ڪو اجوڳ اکر نه ٻولجي ۽ هٿ سان ڪو خراب ڪم نه ڪجي. انهيءَ لاءِ اول "سنگلف" وٺندا هئا. "سنگلف" اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "سنڪلپ"، ۽ اصل معنيٰ اٿس "دل جو ارادو" يا "پڪو نهرا". سنڪلپ وٺڻ مهل هٿ ۾ چانور پاڻي، گل ۽ ڏکڻا جهليندا هئا. ۽ اها ڏکڻا

پنهنجي ڪُل جي پروهت کي ڏيئي، پنهنجو پڪو پرڻ ظاهر ڪندا هئا تہ "اسين مَنين، وچنين ۽ ڪرمين شدّ (پوتر يا صاف) رهنداسين". انهيءَ سنڪلپ جي يادگيري ڏيارڻ لاءِ گهوٽ ۽ ڪنوار جي ٻانهن ۾ اج تائين ڪنگڻ (رکڙي) ٻڌندا آهن. رکڙي ٻڌڻ جو اهو مطلب آهي تہ ديوتائون سندن رکيا (سنڀال) ڪن تہ هو من، وچن ۽ ڪرم ۾ شدّ رهي، پنهنجي وچن جي پالنا ڪن. وهانءَ جي رسمن پوري ٿيڻ کان پوءِ اها رکڙي ڇوڙيندا آهن، جنهن جي معنيٰ تہ جيڪو سنڪلپ ڪيو ويو هو، سو پورو ٿيو. سنڪلپ وٺڻ مهل هٿ ۾ "اڪشت" (اڻ ڇڙيل چانور) جهليندا هئا. "اڪشت" جواُچار پوءِ ڦري "اَڇُت" ٿيو. تنهنڪري هينئر "اَڇُت" لفظ "سنڪلپ" (سنگلف) جي معنيٰ سان ڪم اچي ٿو.

وهانءَ جي سائن سوڻن شروع ٿيڻ کان وٺي سائن پوري ٿيڻ جي وقت تائين من، وچن ۽ ڪرم شدّ رکڻ جي ضرورت هن ڪري سمجهندا هئا، جو وهانءَ مهل ٽنهي لوڪن (ڀُوه Bhuh ڀُوهَ Bhuvah ۽ سُوه Suvah) جي ديوتائن کي آراڌنا ڪندا هئا تہ "هن شڀ ڪارج ۾ اچي شامل ٿيو، ۽ گهوٽ ۽ ڪنوار کي آسيس ڪريو تہ هو وڌن ويجهن ۽ سکي جيوت گذارين". وهانءَ مهل ٽنهي لوڪن جي ديوتائن، ۽ ترلو ڪينات (ٽنهي لوڪن جي ڌڻيءَ يا ايشور) کي حاضر ناظر ڄاڻندا هئا؛ تنهنڪري انهن جي حضوريءَ ۾ پنهنجي من، وچن ۽ ڪرم جي شدّي نهايت ضروري سمجهندا هئا. من کي پوريءَ ريت روڪڻ يا ضابطي ۾ رکڻ لاءِ "پراڻايام" (Regulated Respiration) بہ ڪندا هئا. پراڻايام ڪرڻ ڪري جلد جلد نڙي سڪي ويندي هين، تنهنڪري گهڙيءَ، گهڙيءَ "آچمان" وٺندا هئا يعني پاڻيءَ ڍڪ پيئندا هئا تہ نڙي پڇي. وهانءَ مهل "نندي ديوتائن" يعني پترن کي بہ پڪاريندا هئا تہ "اچي هن شڀ ڪارج ۾ شامل ٿيو، ۽ پنهنجي اولاد کي آسيس ڪريو تہ وڌن ويجهن ۽ توهان جو نالو بہ قائم رکندا اچن".

جوتش موجب گرهن جو اثر ٿئي ٿو، تنهنڪري گرهن جي شانتيءَ لاءِ "نَو گرهي" يعني نون گرهن (Planetary Spirits) جو پوڄن بہ ڪندا هئا.

وهانءَ ۽ ٻين شڀ ڪارجن مهل اج تائين گنپتي پوڄا ڪندا آهن.

"گنپتي" معنيٰ "گڻن جو ديوتا". هن کي "گڻيش" يعني گڻن جو ايش (حاڪم) بہ سڏيندا آهن. ڪيترن عالمن جي خيال موجب "گنپتي" يا "گڻيش" اصل ۾ فصلن جو ديوتا آهي، ۽ "گڻ" (Demigods) . جي فصلن جي رکيا ڪن ٿا، تن جي مٿان اهو ديوتا آهي. "گڻيش" کي "گنبودر" بہ چوندا آهن، يعني جنهن جو اُدر يا پيٽ لنبو (ڊگهو) هجي - هين لفظن ۾ چئبو تہ سيني جو ڏيءُ تي پيٽ پرڻ وارو اهو ديوتا آهي. گنيش مهراج جي سواري ڪُئي تي آهي. ڪُئو آهي فصل جو دشمن، پر هيءُ ديوتا ڪُئي تي سدائين سوار ٿيو ويٺو آهي، جنهنڪري سندس پوڄارين جو فصل ڪنا چٽ ڪري نٿا سگهن. "گڻيش" جو هيو نالو آهي "وگهنيشور" (Lord of Obstacles) يعني جو سڀ وِگهن (اٽڪون يا مشڪلاتون) دور ڪري - جن وٽ اَن جا پانڊا پريل هوندا، ۽ جن کي سڀ ڪاڏو پيٽو ڏيءُ تي پيو ملندو، تن جون سڀ مشڪلاتون دور! وهانءَ ۽ هين شڀ ڪارجن تي گنپتيءَ پوڄا جو رواج پيو ٿي انهيءَ سبب آهي تہ رزق جي تنگي نہ ٿئي. اهڙيءَ ريت هندڪي وهانءَ تي نہ رڳو ڄاڄي ماڄي اچن ٿا، پر ديوتائن ۽ پترن جو بہ ميڙ اچي مڙي ٿو، ۽ اهي گهوٽ ۽ ڪنوار کي آسيس ڪن ٿا تہ وڌن ويجهن، رزق جي تنگي نہ ڏسن ۽ آدرش جيوت ڪاٽين!

هندن جي وهانءَ جي ٻي هڪ مکيہ ڳالهہ هيءَ آهي تہ وهانءَ جا سات سوڻ هڪ واريءَ شروع ٿين تہ اهي سڀ ساندہ هلائي پورا ڪجن، ۽ وچ ۾ ناغو وجهڻ نہ گهرجي. ڪنگڻ (رڪڙي) ٻڌي، سنگلف وٺي، ست ڦيرا ڏبا، تہ وهانءَ تي چڪو، پر انهيءَ ڪان پوءِ بہ ڪي سات سوڻ ڪرڻا آهن. سنڌو ماٿر جي رهاڪن (آڳاٽن آرين) ۾ اهو دستور هوندو هو تہ جيڪڏهن سپت پديءَ (ستن ڦيرن) کان پوءِ گهوٽ ۽ ڪنوار مان اتفاق سان ڪو مري ويندو هو، تہ باقي رهيل سات سوڻ لاش يا مڙهہ سان ڪندا هئا.* آڳاٽا لوڪ ائين وسهندا هئا تہ ستن ڦيرن ڏيڻ کان پوءِ گهوٽ ڪنوار جون آتمائون بہ ملي هڪ ٿي وڃن ٿيون، تنهنڪري سپت پديءَ کان پوءِ جيڪڏهن ڪا ڏر مري ويندي تہ چئبو تہ جسم، جو "اَنميہ ڪوش" يعني

---

*"After the Saptapadi (the seven steps), even if either of the two die, the remaining ceremonies must be gone through with the corpse as one of the parties." R. Raghu Natha Rao: The Aryan Marriage, pp. 17-18

اَن جو پردو يا ڍڪ (food – Sheath) آهي، تنهن مان ساهه ويو، پر "پراڻ مي ڪوش" ۾ ٻين ڪوشن ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار جون آتمائون پوءِ بہ گڏيل رهن ٿيون: جنهنڪري مرڻ کان پوءِ بہ گهوٽ ۽ ڪنوار جو ناتو هڪٻئي سان ٽُٽي نٿو سگهي. انهيءَ ۽ ٻين سببن ڪري ڪن يوروپي عالمن جو چوڻ آهي تہ هندن جي وهانءَ جي آدرش جهڙو ٻيو آدرش آهي ئي ڪونہ!*

وهانءَ جا سات سوڻ پورا ٿي رهندا هئا، ۽ مائٽ ڏسندا هئا تہ هاڻ اسان جي نياڻي اسان جو گهر ڇڏي، ساهري وڃي ٿي تہ سندس وڇڙڻ ڪري من پرچي ايندو هون. اوڏيءَ مهل گهوٽ کين پرٻوڌ ڏيندو هو، ۽ چوندو هو تہ "رنڻ بدران پاڻ خوش ٿيو، جو وهانءَ ٿيڻ ڪري هڪ ٻئي سان ورهين جا ورهيہ محبت ۾ گذارڻو اٿئون. توهان اسان کي پرڻايو انهيءَ لاءِ آهي تہ هڪٻئي جي جيءَ سان جڙيل رهون!" اهو مائٽاڻو قرب اڄ تائين ڪيڏانهن ويو ڪونهي. وهانءَ ٿي رهڻ کان پوءِ جنهن مهل ڇوڪري پنهنجي ساهري گهر ويندي آهي، تنهن مهل مائٽن جو من اڄ تائين پرچي ايندو آهي. ٽر جا سوڍا راجپوت، ڪراڙ ڪڇ پيچ جا لهاڻا ۽ ٻيا هيڪاري حد ڪندا آهن. ڇوڪريءَ کان موڪلائڻ مهل گهر جي ٻاهرين دروازي وٽ ويهي ايترو تہ روڄن ڪندا آهن، جو ڪو اڻ واقف جيڪر ائين سمجهي تہ ڪو قضيو ٿيو آهي، جنهنڪري ايترو ماتم متو آهي.

وهانءَ جي سپت پدي (ستن قيرن) کان پوءِ، ڪنوار جو پير جنڊ جي پُڙ يا ڪنهن وڏي پٿر تي رکائيندا هئا. اهو پٿر "استرتا" يا "واتل پدوي" جو هڪ اُهڃاڻ هو تہ ڇوڪريءَ جا پير ساهري گهر ائين کُپن، جيئن پٿر تي پير کُپي ٿو. هوءِ پوءِ ڌرو تاري ڏي نهاري چوندي هئي تہ "اي ڌرو تارا تون جيئن هڪ هنڌ ترُ ڪري بيٺو آهين، تيئن شل مان پنهنجي ساهري گهر ترُ پايان ۽ اٽل پدوي ماڻيان!" هن قت گهوٽ ۽ ڪنوار جو پيرو ڪڇيندا آهن، تنهن جي معنيٰ بہ اها ئي آهي تہ گهوٽ پنهنجي ڪنوار سان سولا پير هلي ۽ ٻنهي جي هڪ ٻئي سان پريت هلندي اچي ۽ هڪ ٻئي جي آتمڪ اُنتيءَ (روحاني واڌاري) جو بہ اونو ڪندا رهن. پنهنجي ڪنيادان ڪرڻ مهل ڪنوار پيءُ اهڙو انجام گهوٽ کان وٺندو هو، ۽ تاڪيد ڪندو هوس تہ

* "There is no ideal of Marriage like the Indian ideal." Mrs. A. Besant.

"ڏرم، ارٿ ۽ ڪام جي پرايتيءَ ۾ منهنجي ڪنيا ڪي ريتي نہ ڇڏج".
انهيءَ تي گهوٽ نهايت گنڀيرتائيءَ سان انجام ڪندو هو تہ "ناتي چَرامي"
يعني "ڪين ريتي ڇڏيندوسانس". اهو انجام تي گهمرا ڪندو هو، سو
هن لاءِ تہ تنهي لوڪن جا ديوتائون ٻڌن تہ "ڪين حاضر ناظر جاٽي مان
هرهڪ لوڪ جي ديوتائن جي اڳيان اهڙو انجام ڪريان ٿو". انهيءَ ڪيل
قول جي اڄ بہ پيرويَ ٿني ٿي. اڄ بہ گهوٽ ۽ ڪنوار جيئري تہ هڪٻئي جا
ڏک سک ۾ سنگي ٿين ٿا، پر منجهانئن جيڪڏهن ڪا ڏر مري ويندي
آهي تہ جيڪا ڏر جيئري هوندي آهي، سا مئل ڏر جو پنڊ پرائيندي آهي، ۽
سراڌ ڪندي آهي. مطلب تہ مرڻ ڪان پوءِ بہ زال مڙس ڪي هڪٻئي جو اونو
ڪرڻو آهي تہ ٻنهي جو لوڪ سکي ۽ پر لوڪ سهيلو ٿئي.
ساهري گهر پرويش: ڪنوار پنهنجي گهوٽ سان لائون لهي، مائٽن ڪان
موڪلائي، ساهري گهر گهوڙي گاڏيءَ ۾ چڙهي ويندي هئي، جا ڏَڪ سان
هوندي هئي. اڄ تائين ڪيترن هنڌ گهوٽ ۽ ڪنوار چڪڙي يا ٻيل گاڏيءَ
۾ چڙهي ويندا آهن. گهڻو پوءِ اهو دستور پيو تہ گهوٽ گهوڙيءَ تي چڙهي
ويندو هو، ۽ ڪنوار ڏوليءَ ۾ چڙهندي هئي، جا ڪهار کڻي هلندا هئا. هن
وقت گهوٽ ۽ ڪنوار اڪثر موٽر ۾ چڙهي ويندا آهن" پر ويدڪ زماني ۾
ڏڪ سان چڪڙا هوندا هئا، جي گهوڙا يا ڏڳا ڪاهيندا هئا. ڪنوار کي
پيڪن وٽان جيڪي مليا، ڪپڙا وغيره ملندا هئا، سي پاڻ سان گڏ گاڏيءَ
۾ رکندي هئي. اوڏيءَ مهل گهوٽ چوندو هوس تہ "اي ڪنوار" مون سان
گڏ گاڏيءَ ۾ ويهہ! پنهنجو استري ڌن بہ گاڏيءَ ۾ رک. اسان جي گهر ۾
تون اسان جي مٽي جو موڙ ٿجانءِ! شل سهري وٽ تنهنجو ججهو قدر
ٿئي! شل سَسُ کي وڻين! شل ڏيرن ۽ ڏيراڻين کي تو لاءِ قرب ٿئي". وغيره.
رگ وِيد ۾ هيئن بہ لکيل آهي تہ گهوٽ پنهنجي ڪنوار کي چوندو هو
تہ "اي ڪنوار پنهنجي پتيءَ جي گهر ۾ (منهنجي گهر ۾) سڀاڳو پير پائج
تہ اسان جي گهر جي ڀاتين ۽ چوپائي مال تي ڏٺيءَ جي مهر ٿئي. ڪڏهن
بہ اک ۾ شور نہ پائج، ڪومل هنئون ڌارج. سوروير ۽ ڌرماتما پٽ ڄڻج،
جي ڀڳوان جي ڀڳتي ڪن. اي ڪنوار تون سَس سهري ۽ پنهنجن ڏيرن
نڙاڻن جي مٿان راڻي ٿي راڄ ڪج. شل ورڻ ديوتا ۽ ٻيا ديوتائون اسان جون

دليون ڳنڍين." وغيره (رگ ويد، منڊل ڏهون، ٨٥، ٤٣-٤٧). پانڇجي تو ته هي ٻه پيان لفظ اهو جوان چوندو هو، جنهن جا مانٽ وڏيءَ ڄمار وارا هوندا هئا، ۽ گهر هلائڻ جو بار مٿس هوندو هو. جنهنڪري سندس ڪنوار به گهر جي وڏي هوندي هئي، ۽ سيني پاتين جي مٿان گويا راڻي ٿي راڄ ڪندي هئي. بهرحال هن ٽورڙي ئي مضمون مان ايترو ظاهر آهي ته زالن جو مان مرتبو ڪو گهٽ ڪونه هوندو هو. ساهري گهر پير پائڻ سان ڪنوار گهر جي راڻي ليکبي هئي، ۽ مٿي جو موڙ ڪري سمجهندا هوس. هن مان ظاهر آهي ته چوڪري ساماڻل هوندي هئي، جنهنڪري ساهري گهر پير پائڻ سان سڄي گهر جي واڳ ملندي هيس.

پرڏان آهوتي يا وڏو هوم. ڪنوار ساهري گهر ويندي هئي ته گهوٽ سان پلئه ٻڌي هون هوم ڪندي هئي. انهن مان وڏو يا مکيه هوم "پرڏان آهوتي" سڏبو هو. هر ڪو گهوٽ ائين سمجهندو هو ته "جوءِ آهي ديوتائن جي ڏنل ڏات"، تنهنڪري انهن ديوتائن جي اُستتي ڪندو هو، جن وٽان اها ڏات ملندي هيس. پرڏان آهوتيءَ يا مکيه هوم ڪرڻ مهل گهوٽ پنهنجيءَ ڪنوار کي چوندو هو ته "پهريائين سوم ديوتا توکي ماڻيو ٿي، پوءِ گنڌرون ۽ انهن کان پوءِ اگن ديوتا توکي ماڻيو ٿي، ۽ هاڻ مان انسان ذات مان پيدا ٿيل تنهنجو پتي ٿيو آهيان، ته تو مان سنتان (اولاد) پيدا ڪريان". هرڪو گهوٽ فقط سوم ديوتا، گنڌرون ۽ اگن ديوتا جي هن ريت اُستتي چو ڪندو هو، ۽ هي مٿيان لفظ ڇو چوندو هو، ۽ اُنهن جي معنيٰ ڪهڙي آهي، سي ڳالهيون سيڪو ماڻهو پاڻ مرادو سمجهي ڪين سگهندو، تنهنڪري ٽيڪا ڪارن (تشريح ڪندڙن) جيڪي لکيو آهي، سو مختصر طرح ٻڌانجي ٿو ته هيءَ مکيه ڳالهه سمجهڻ سولي ٿئي.

سوم هڪ نشيدار ٻوٽيءَ جو نالو آهي، جنهن جي رس پيئڻ سان آڳاٽن آرين جو تن تازو ٿيندو هو - سوم رس ۾ اهو گڻ پيدا ڪندڙ به "سوم" ديوتا سڏبو هو. ان کي پوڄيندا هئا ۽ ائين وسهندا هئا ته ساري ونسپتي يا نباتات (Vegetable Kingdom) جي مٿان اهو ديوتا آهي. جيئن سلو وڏي وڻ ٿئي ٿو، تيئن سوم ديوتا جي ڪريا سان انسان جو جسم به وڏي ٿو ۽

بدن تي وار چمن ٿا. جيئن سج جي تَو تي وڻ ٽڻ وغيره اُسرن ٿا، تيئن سوم ديوتا جي ڪرپا سان ڪنواري ڪنيا جي بدن تي وار پيدا ٿين ٿا. انئين ڇڻ تہ سوم ديوتا اول اها ڪنيا ماڻي ٿو.*

ڪنيا جي جسم کي وڏيڪ سوڀيا، گنڌرون (Good Goblins) جي ڪرپا سان ٿئي ٿي. ڪيس ڏڪ چمن ٿا ۽ منجهس جوانيءَ جا آثار نظر اچن ٿا. انئين گنڌرو ڇڻ تہ اها ڪنيا ماڻي ڪيس اُسرائين ٿا، ۽ پوءِ ڪيس اگن ديوتا جي حوالي ڪن ٿا.

"اگن" لفظ جي معنيٰ آهي باهہ، ۽ انهيءَ عناصر يا تت جو ديوتا بہ "اگن" (اگني) سڏ جي ٿو. اهو ديوتا ڪنواريءَ ڪنيا ۾ اگني (آتش) پيدا ڪري ٿو، جنهنڪري ڪيس هر مهيني زناني اچي ٿي. جنهن ڇوڪريءَ کي اڃا زناني نتي اچي، سا "گؤري" سڏجي ٿي، پر جنهن وقت اچڻ شروع ٿئيس ٿي. تنهن وقت "روهڻي" سڏجي ٿي. انئين ڇڻ تہ اگن ديوتا گوري کي ماڻي ڪيس روهڻي ڪري ٿو. هوءَ پوءِ ٻڪي زال ٿئي ٿي، تہ گهوٽ سان پرڻجي ٻارن ڄڻڻ جي لائق ٿئي ٿي.** انهيءَ سبب جوءِ آهي انهن ديوتائن جي ڏنل ذات.

هاڻ چگّيءَ ريت سمجهڻ ۾ ايندو تہ جن ديوتائن جي ڪرپا سان ڪنواري ڪنيا اُسري ڦوهہ جوانيءَ ۾ اچي ٻار ڄڻڻ جي لائق ٿئي ٿي، تن ديوتائن جي اُستتي ڪرڻ گهوٽ پنهنجو فرض سمجهندو هو، ۽ اهو وڏو هوم انهيءَ لاءِ ئي ڪندو هو. ويدن ۾ اهو ڄاڻايل ڪونهي تہ ڪيڏيءَ ڄمار جي ڇوڪري پرڻائڻ گهرجي، پر ايترو چئيءَ ريت چيلُ آهي تہ جڏهن

---

* هن وقت جيڪي ڪنيا پالشالائون ۽ وديالیہ (ڇوڪرين جا اسڪول) آهن، تن ۾ کي ڇوڪريون ستن اٺن ورهين جي ڄمار جون تہ ڪي بالغ آهن. جنهنڪري هينئر عام طرح چنون "ڪنيا" معنيٰ ڇوڪري، پوءِ پلي تہ ڄمار ڪيتري بہ هجيس. حقيقت ۾ "ڪنيا" لفظ جي معنيٰ آهي "ننڍڙي ڇوڪري" (اٽڪل ڏهن ورهين جي ڄمار جي)، جنهن کي مٽي جي وارن کان سواءِ ٻيو ڪو وار بدن تي نہ هجي. ـ مصنف.

---

** "When hair has appeared (on the pubes) Soma enjoys (protects) a maiden; the Gandharva enjoys (protects) her when the breasts are developed, and Agni when she had the menstrual discharge".
Sjt. Sastri: Marriage after Pubertry, p.6.

اگن ديوتا کيس ماڻي ٿو، يعني جڏهن ڪيس زناني اچي ٿي، تنهن کان پوءِ هُوءِ پرڻجڻ جي لائق ٿئي ٿي. مطلب تہ ننڍپڻ ۾ شادي ڪرائڻ سو آهي گويا گُڏا ۽ گُڏيون پرڻائڻ. تنهنڪري ٻال وواهہ جي رسم، جنهن پوءِ زور ورتو، سا ويدن جي برخلاف سمجهڻ گهرجي. پرڏان هوم جا جيڪي منتر آهن، تن مان بہ انين ظاهر آهي تہ ڇوڪري تڏهن پرڻبي هئي جڏهن بالغ هوندي هئي.*

ٽي راتيون برهمچريہ. وهانءَ جي رسم رسمات ادا ڪرڻ کان پوءِ بہ گهوٽ پنهنجيءَ ڪنوار کي ڪجهہ وقت ويجهو نہ ويندو هو. سويل ۾ سويل تہ چوٿينءَ رات گهوٽ ۽ ڪنوار همبستر ٿيندا هئا.+ گهوٽ نوجوان ۽ ڪنوار بہ بالغ، پوءِ چو پهريون ٽي راتيون واري وهندا هئا. سا ڳالهہ ويدن ۾ ڄاڻايل ڪانهي؛ پر گريهہ سوترن ۾ کولي ٻڌائي اٿن. انهيءَ ڳالهہ جو تورن لفظن ۾ مطلب هيءُ آهي تہ پرڻجڻ جي اها مراد ڪانهي تہ پنهنجون نفساني خواهشون پوريون ڪجن؛ پر ڌرماتما سنتان (اولاد) پيدا ڪجي، جا مائٽن توڙي سڄي ڪُل جو آڌار ڪري. سنتان يا اولاد ٽن قسمن جو ٿئي ٿو: هڪڙو "تامسڪ" يعني تمي گڻ وارو جو جنسي ڪارو اگر ٽي سامانجي ٿو، ۽ پنهنجو توڙي سڄي ڪُل جو نقش پوڙي ٿو. ٻيو "راجسڪ" يعني رجي گڻ وارو جو محنتي ۽ سمجهو سياڻو ٿئي ٿو، پر ڌرم جو انگ منجهس گهٽ رهي ٿو. ٽيون "ساتوڪ" يعني ستي گڻ وارو جو وڏو ڌرماتما ٿئي ٿو، ۽ پنهنجون ست پيڙهيون تاري ٿو. اهڙو اُتم پٽ تڏهن ڄمندو جڏهن سندس ماءُ پيءُ منڍ ۾ ئي پنهنجي نفساني خواهشن تي پورو ظابطو رکندا. سندو ماتر جا رهاڪو انهيءَ سبب وهانءَ مهل اهو سنڪلپ ڪندا هئا تہ اسين ساتوڪ پد جا يعني ستي گڻ وارو اولاد پيدا ڪنداسين. انهيءَ من جي مراد حاصل ڪرڻ لاءِ وهانءَ جي پهرينءَ رات کان وٺي گهوٽ ۽ ڪنوار ڪوبہ سلوڻو ڪاڏو نہ کائيندا هئا، ۽ پٽ تي

* "Pre-pubescent marriage is a mock-marriage and is unquestionably unvedic." R. Raghu Natha Rao: The Aryan Marriage, p. 53.

+ "From a study of the Vedic marital rituals it appears that the marriage had to be consummated at the earliest on the fourth night after the ceremony, and this would not have been possible if the bride was not a youthful lady." Dr. A.C. Das: Reg Vedic Culture, p. 251.

سمهندا هئا. جيڪڏهن ساڳئي تڏي يا فرش تي سمهندا هئا، تہ بہ وچ ۾ وٿي ڇڏيندا هئا، ۽ انهن وسهندا هئا تہ وچ ۾ "وشواوسو گندرو" (Visvavasu Gandharva) ويٺو اٿنون. تنهنڪري هڪ ٻئي کي نہ چنبڙون. انهن ٽي راتيون ساندہ من ماري وهندا هئا، ۽ اهو "ترِ راتر برهمچريہ" (Tri Ratra Brahmacharya) يعني ٽن راتين جو برهمچريہ سڏيو ويو آهي. چوٿين رات گهوٽ هون هوم ڪري، گندرو ديوتا کي چوندو هو تہ "اي وشواوسو توکي وينتي ٿا ڪريون تہ هاڻ اسان جي وچ مان اٿي وڃ. هاڻ وڃي ڪا اهڙي ڪچڙي ڪنيا ڳول، جنهن کي تنهنجي واهر جي گهرج هجي، يعني جا اجا ڦوهہ جوانيءَ ۾ نہ آئي هجي، تنهن کي ڦوهہ جوانيءَ ۾ اچڻ جي مدد ڪر هيءَ ڪنوارِ جا هاڻ منهنجي استري آهي، تنهن کي مون وٽ ڇڏ تہ اسان جو ٻاڻ ۾ ميلاپ ٿئي". اهڙيءَ طرح ٽي راتيون من ماري، پوءِ چوٿينءَ رات ساتوڪ سنتان پيدا ڪرڻ جي ارادي سان سنجوڳ ڪندا هئا. اڳي ڪي جوان ٻارهن ڏينهن، تہ ڪي مهينو، ڇهہ مهينا، بلڪ ٻارهن مهينا بہ ورائيندا هئا، ۽ اهو سڀ عرصو پنهنجو من ماري وهندا هئا.

ٻڌاين جي گريهہ سوترن (پرشن پهريون، ادياءُ ستون، ڪانڊ ٻارهون) ۾ چيل آهي تہ پهريون ٽي راتيون برهمچريہ پالن ڪبو تہ "شروتريہ" (Srot-riya) پيدا ٿيندو يعني اهو براهمڻ ڄمندو جو ويدن جي هڪ شاکا جو اڀياس ڪندڙ ٿيندو. ٻارهن ڏينهن برهمچريہ پالن ڪبو تہ "اَنُوچن" (Anuchana) ڄمندو يعني اهو براهمڻ ڄمندو جو ويدانگن جو ڄاڻو ٿيندو. هڪ مهينو برهمچريہ پالن ڪبو تہ "رشي ڪلپ" (Rishikalpa) پيدا ٿيندو يعني اهو براهمڻ ڄمندو جو سوترن ۽ پَروچنن (Pravachanas) ۾ پڙ ٿيندو. ڇهہ مهينا برهمچريہ پالن ڪري رشي پيدا ٿيندو جو چئني ويدن جو ڄاڻو ٿيندو. جيڪڏهن گهوٽ ڪنوار وهاءِ ٿيڻ جي وقت کان وٺي ٻارهن مهينا ساندہ من ماري وهندا، تہ پوءِ ڪين جيڪو اولاد ڄمندو سو بجنسي ديوتا ٿيندو. مطلب تہ سنڌو ماتر جا قديم آريہ لوڪ وهاءِ ٿيڻ کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ تہ ٽي راتيون برهمچريہ پالن ڪندا هئا، ۽ ائين وسهندا هئا تہ ڪام وس ٿي پهرينءَ رات ئي پنهنجيءَ اِستريءَ سان همبستر ٿيو، تہ شهوت جي اثر ڪري تامسڪ ٻار پيدا ٿيندو جو گهڻو ٻوٿو ڪوڙ ٻاريندو ۽ وقتي

ڪارو اگر تي سامائبو.

ٻار ڄرڻ ۾ ڏهري ۽ سٽو ڳڻي پيدا ٿئي، تنهن لاءِ "شيش هوم" ڪندا هئا. جيڪڏهن ڇوٽيءَ رات گهوٽ ۽ ڪنوار مان ڪو بيمار ٿي پوندو هو، جنهنڪري هنن جو ميلاپ تي ڪين سگهندو هو، ته به جيڪي ضروري منتر هوندا هئا، سي اوس اُچاريندا هئا. جو انهيءَ ڳالهه ۾ دير وجهڻ واجب نه سمجهندا هئا. انين پنهنجي ڌرم ڪرم تي پوريءَ طرح هلي، گهوٽ ڪنوار گرهست آشرم واري جيوت گذاريندا هئا. هي سڀ ڳالهيون ڄاڻائين ٿيون ته آڳاٽن ماڻهن ڪي پنهنجي من تي ڄجهو ضابطو هوندو هو. زالن جو مرتبو نوَ ورنيءَ ڪنوار کي ساهري گهر پير پائڻ سان ڄجهو مانُ ملندو هو، ۽ سيڪنهن ڳالهه ۾ مردن جهڙي آزادي هوندي هيس ته به خود خيالي تي ڪين هلندي هئي. هوءَ سدائين پنهنجي مڙس جي اڳيان سر جهڪائيندي هئي (رگ ويد، منڊل پنجون، ٨٠، ٦)، ۽ سندس چئي ۾ هوندي هئي. جيڪو به ڪم مڙس چوندو هوس، سو ڪندي هئي (رگ ويد، منڊل پهريون، ١٢٢، ٢٥). انهيءَ ڪري زال جو مرتبو ڪوُ گهٽجي ڪونه ويندو هو. اِستري اج تائين اڌ سرير سڏجي ٿي. يڳين ۽ پوڄائن مهل زال مڙس هڪ ٻئي سان پلئه ٻڌي وهندا هئا، ۽ انين وسهندا هئا ته ٻنهي جي گت به گڏ ٿيڻي آهي. ٻئي زال مڙس ايشور کي جنهن وقت آراڌنا گڏجي ڪندا هئا، تنهن وقت چڙ ته ٻنهي جون آتمائون به ملي هڪ ٿي وينديون هيون! زال مڙس جي اهڙي ميلاپ ڪري ٻنهي جي جيوت سکي گذرندي هئي. رگ ويد ۾ زال گهر جو گهڻو يا سينگار سڏي ويئي آهي (منڊل پهريون، ٦٦، ٣). منو سمرتيءَ ۾ لکيل آهي ته "جن ڪُلن ۾ اِستريون سکي رهن ٿيون، تن تي ديوتا پرسن ٿين ٿا، ۽ جن ڪُلن ۾ اِسترين جو مان ڪونهي، تن ۾ سڀ يڄ نرڦل ٿين ٿا" (اڌياءُ ٽيون، شلوڪ ٥٦).*

---

* "The Reg Veda reveals a stage showing that Aryan women, at any rate of the higher and better classes, enjoyed equal freedom in all matters, social and religious. It was this feeling of equality and freedom that evoked the highest virtue of Aryan womanhood and lifted society to a high state of culture." Dr. A.C. Das: Reg. Vedic Culture, p. 106.

** "The standard of female morality appears to have been fairly high." Cambridge History of India, Vol. I, p. 88-97.

منو سمرتي ڪٿي عيسوي سن کان ٽوريون صديون اڳي يا پوءِ لکيل هجي، پر اُن ۾ جيڪي ڳالهيون لکيل آهن، سي ويدڪ زماني جون آهن، جي پوءِ قلمبند ڪيون‌هئائون. رگ ويد واري زماني ۾ ڪي ڪسبياڻيون بہ هونديون هيون، تہ بہ عام طرح زالن جي اخلاق جومعيار اعليٰ درجي جو هوندو هو. جنهنڪري نہ رڳو گهر جا ڀاتي، پر ڏاريا بہ زالن جو گهڻو مان رکندا هئا. انهيءَ آڳاٽي وقت جي ماڻهن جي گهرو جيوت جو هاڻ ذڪر ڪجي ٿو، جنهن مان هيڪاري سڀ ڳالهيون چٽيءَ ريت ظاهر ٿينديون.

گهرو جيوت. رگ ويد ۾ ماڻهن جي گهرو جيوت جو نقشو نهايت چڱيءَ ريت چٽيل آهي. ان ۾ چيل آهي تہ "آبرودار سچار ڪم جو چست، نيڪ گهر ڏياڻيون جن کي صبح جي (چڱيءَ) مهل جو قدر هوندو هو، سي اَسُرَ جو اُٿنديون هيون (منڊل پهريون، ٧٩، ١). هو ائين چاٽنديون هيون تہ سج اُڀرڻ کان پوءِ، جي ستل رهن ٿا، تن جي ڪلا هرت ٿي وڃي ٿي" (اٿرو ويد، منڊل ستون، ١٣، ٢). پراڻن مان معلوم ٿئي ٿو تہ آڳاٽا آريہ لوڪ جڏهن ميرو پربت ڏي برفاني ميدانن ۾ رهندا هئا، تڏهن بہ اَسر جو اُٿي، ڏنڊڻ پاڻي ڪندا هئا، ۽ سيءُ ۽ واءَ جي ڪابہ پرواهہ ڪانہ ڪري، ڏهاڙي سنان بہ اوڏيءَ مهل ڪندا هئا. اَسر جو ڪڪڙ جي ٻانگ ٻڌي، ڪي درياهہ تي سنان ڪرڻ ويندا هئا. انهيءَ قديم زماني کان وٺي هندن جو اهو نيم اج تائين هليو اچي.

سنڌيءَ ۾ ڏنڊڻ کي "پرياتي" بہ چئبو آهي. اهو لفظ خود ڄاڻائي ٿو تہ ڏنڊڻ پربات جي مهل ڪرڻو آهي، ۽ نہ سج اُڀرڻ کان پوءِ. مصنف جي ڏسندي ٻڌندي اڳوڻا پير مرد ائين چوندا هئا تہ "سج اُڀرڻ کان پوءِ جنهن ڏنڊڻ ڪيو، تنهن چڻ تہ ڪتي جو پُڇُ ڪيو". هن وقت ڪي سج اُڀرئي کان پوءِ تہ ڪي منجهند جو سنان ڪري پوءِ ماني کائيندا آهن، پر عام طرح سويل سنان ڪرڻ جي عادت هندن ۾ ايتري قدر آهي، جو اج تائين هنديءَ ۾ چوڻي آهي تہ:

"پراتهہ ڪال جو ڪري اسنانا،
دوک روگ تاڻڪو نهين آنا."

يعني پرهه ڦٽيءِ جو جيڪو سنان ڪري ٿو، تنهن کي دک ۽ روڳ (بيماري) ڇڏي ڏيندا. مطلب تہ سويل سنان ڪرڻ تندرستيءَ لاءِ فائدي وارو آهي. اڄ تائين ڪيترا هندو سنان ڪرڻ کان اڳ رسوئي کائڻ واجب نہ سمجهندا آهن. ڪبير ڀڳت بہ چيو آهي تہ: "ڏرڳ پوڄن اشنان بنا"، يعني سنان ڪرڻ کان سواءِ پوڄن کائڻ کي ڏڪار آهي.

ويدڪ زماني ۾ سويل سنان ڪرڻ جي هيڪاري وڏيڪ ضرورت پوڄا جي سبب ٿيندي هئي. گهر ڌياڻي پنيرڪي جو اُٿي، سنان ڪري اول يگيہ جي اگني دکائيندي هئي، ۽ مڙس سان گڏجي اگن ديوتا جي پوڄا ڪندي هئي (منڊل پهريون، ۳،١٧٢، ۽ منڊل ٽيون، پڻ ڏسو منڊل پنجون ۽ اٺون). اُسر جو اگني ديوتا کي سومہ رس جو ڀوڳ لڳائي، اگنيءَ کي ڦيرا ڏيئي، هٿ جوڙي ڪنڌ نمائيندا هئا (اٿرو ويد، منڊل ڇهون، ۴٧، ۴٣، ۽ منڊل ستون، ۵۰، ۳). اوڏيءَ مهل اها رس پاڻ بہ پيئندا هئا، ۽ گهر جي سيني ڀاتين کي بہ پياريندا هئا. هو اها رس "امرت" (Ambrosia) ڪري سمجهندا هئا. اهو پهريون ۽ مکيہ ڪم سج اُڀرڻ کان گهڻو اڳي ڪندا هئا، تنهنڪري پرهه ڦٽيءَ کي اڄ تائين "امرت ويلو" چئبو آهي، يعني اُها مهل جنهن مهل امرت ورهائجي ٿو. امرت ويلي کي "سِڌن جي مهل" بہ چئبو آهي، جو سِڌ پرشن ۾ بہ امرت اوڏيءَ مهل ورهائبو هو. هن وقت جيتوڻيڪ سومہ رس پيئڻ جو رواج ڪونهي، تہ بہ هندو صبح جو سويل اٿي، سنان پاڻي ڪري، پوڄي پنو ڪيدي ويهي پڙهندا آهن، ۽ ڀڳوان جي ڀڳتي ڪندا آهن. گرونانڪ بہ چيو آهي تہ "امرت ويلا سچ نانءَ وڏيائيان ويچار". اڄ تائين امرت ويلي، گروءَ جا سِک آسا جي وار ڪندا آهن، ۽ اوڏيءَ مهل هرهڪ گرمندر ۾ ڪيترا ماڻهو وڃي ڪٺا ٿيندا آهن. ديندار مسلمانن جو بہ اهو ئي دستور آهي تہ اُسَرَ جو اُٿي ڏٽيءَ جي عبادت ڪندا آهن ۽ فجر جي نماز پڙهندا آهن.

رگ ويد ۾ چاٽايل آهي تہ گهرڌياڻيون نہ رڳو اُسَرَ جو اُٿنديون هيون، پر گهر ۾ "جيڪي ويڙهيا سيڙهيا سمهيا پيا هوندا هئا" تن کي بہ اوڏيءَ مهل اٿين جاڳائينديون هيون، جئن "ننڊ ۾ ستل کي مکيون جاڳائين ٿيون" (منڊل پهريون، ۳،١٢۴، ۲). اوڏيءَ مهل داسين ۽ داسن (ٻانهين ۽

ٻانهن) ڪي اُتاري ڪم ۾ رنڀائيندا هئا. مطلب ته گهر جي ورتڻ ۽ ان وقت شروع ٿيندي هئي. گهڻو ڪري سڀني وٽ چوپايو مال هوندو هو. تنهنڪري ڀريون گهر جو ڪم هو چوپائي مال جي نگاهه ڪرڻ. ۽ ڪير ڏهڻ. سنسڪرت "دهتر" (ڌيءَ، پارسي "دختر" ۽ انگريزي) "ڊاٽر" (Daugh-ter) جو ڌاتو يا بنياد آهي "دهه" (Duh) معنيٰ "ڏهڻ" ـ آڳاٽن سڀني آرين جي گهرن ۾ ڳاين، مينهن ۽ ٻڪرين وغيره جي ڏهڻ جو ڪم نياڻين تي رکيل هوندو هو، جيئن مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي. داسيون ۽ داس (ٻانها) يا نوڪر چاڪر ٻه ڏهائي ڪندا هئا. اترو ويد جي منڊل ستين، (۷۳، ٦) ۾ "گودهُڪ" (Godhuk) لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ڳايون ڏهندڙ". هن مان سمجهجي ٿو ته ڪن جو ڌنڌو ئي هو ڳايون ڏهڻ. منڊل نائين، (۱۰. ۴) ۾ چيل آهي ته اهي "گودهڪ" ڳاين ڏهڻ جي ڪم ۾ پڙ هوندا هئا. ڪير پارين ۾ ڏيبي ايندو هو، ته گهر ڌياڻي اهو ٻاهه تي رکي ڪاڙهيندي هئي، ۽ پوءِ جيترو جمائڻو هوندو هوس، اوترو جمائيندي هئي. "مانڌاڻيون گهر جي ٿنڀن سان اٽين ٻڌل هونديون هيون، جيئن گهوڙو اڳيارين يا پڇاڙين سان ٻڌل رهي ٿو" (رگ ويد، منڊل ڀريون ۲۸، ۴). گهر ڌياڻيون سڀني ڪي رزومرد جي ڪم ۾ پرهه ڦٽيءَ جو رنڀائينديون هيون (رگ ويد، ۱۰۸، ۴۸، ٦)؛ ڪي ڪاٺ جي اڪري مهري ڪٺي چانور چڙينديون هيون (اترو ويد، منڊل ۱۲، ۳، ۱۳)، ته ڪي مانڌاڻيءَ سان ڏڌ ولوڙي مکڻ ڪڍنديون هيون". ڀهراڙين ۾ اڄ تائين دستور آهي ته گهر گهر ۾ سويل صبح جو ڏڌ پيو ولوڙبو آهي، ۽ اُن پيو پيسندو آهي.

"ويرون ولوڙڻ جون سارياڻ گهڻو صبوح"
ـ شاهه

جن وٽ ٻانهيون ۽ ٻانها، نوڪرياڻيون ۽ نوڪر هوندا هئا، تن ڪان گهر ڌياڻيون گهر جو ڪم چڱيءَ طرح وٺنديون هيون؛ پر ساڻن نرميءَ سان هلت ڪنديون هيون (منڊل ڏهون، ۸۵، ۴۳). وقتي ڳاين ۽ ٻين چوپائي مال جي پاڻ نظرداري ڪنديون هيون، ۽ نوڪرن چاڪرن جي مٿان ٻه نظر ڪنديون هيون، ته برابر ڪم ڪن ٿا يا نه (منڊل ڏهون، ۸۵، ۴۴). ڪن

گهرن ۾ نوڪر چاڪر ڪين هوندا هئا. رگ ويد ۾ ڄاڻايل آهي ته ڪي گهر ڏياٽيون پاڻ رڌينديون پچائينديون هيون، ۽ ٻاسڻ به پاڻ ملينديون هيون. سندين نياڻيون ڪوهن تان پاڻي ڀري ايندي‍ون هيون (رگ ويد، منڊل پهريون، ١٩١، ١٣). سندن مٿن تي دلا نهايت سوڌيءَ طرح رکيل هوندا هئا (اٿرو ويد، منڊل ڏهون، ٨، ١٣). گهر جي هني ڪم ڪار ۾ سندين نياڻيون ڪين مدد ڪنديون هيون. ماءُ جنهن مهل رنڌڻي ۾ هوندي هئي، تنهن مهل سنديس نياڻيون پنهنجن ننڍڙن ڀائرن ۽ ڀينرن جي سنڀال ڪنديون هيون، منجهند جي ماني کائڻ ۽ گهر جي تانگهه تونگهه لهڻ کان پوءِ گهر ڏياڻي ڦٽي ڦوڪارو ڪندي هئي. پاڻ به ڪپڙا مٿيندي هئي ۽ ٻارن کي به اَچو اُجرو ڪري نوان ڪپڙا ڍڪائيندي هئي (منڊل پهريون، ١٢٣، ١١، ١٢٤، ٧، ۽ منڊل چوٿون ۽ ڏهون) هوءَ ويس وڳو ڪري پاڻ کي چڱيءَ ريت ڍڪيندي هئي، ۽ زينت پري ڏسڻ ۾ ايندي هئي (منڊل چوٿون، ٣، ٢، ٥٨، ٢). سدائين مُرڪڻو منهن هوندو هوس (منڊل چوٿون، ٥٨، ٨). جنهنڪري پنهنجي پتيءَ کي وڻندي هئي. مڙس جي هرڪا شيوا ٽهل ڪندي هئي، ۽ سندس لاءِ بسترو وڇائيندي هئي (منڊل چوٿون، ٣، ٢). ٻارن کي گهڻو پيار ڪندي هئي ۽ ٻارن ۾ موهه هوندو هوس (منڊل ستون، ٨١، ٣).

ننڍڙا ٻار گهر ۾ رانديون رونديون ڪندا هئا، ۽ اُهي گهر جو سينگار هوندا هئا (منڊل ستون، ٥٦، ١٦). ننڍڙن ٻارن کي ڪا شي ڪبندي هئي، ته پنهنجي پيءُ جو ڏيان پاڻ ڏي ڇڪڻ لاءِ سندس پلئه کان ڇڪيندا هئا، ۽ چلولي نموني چوندا هئس ته ڪين چا گهرجي (منڊل نيون، ٥٣، ٢). ٻارن کي راند جو خفت ايترو هوندو هو، جو راند مهل ماني به وسري ويندي هين. سندين ماءُ ماني کائڻ لاءِ سڏيندي هين، ته هٽ هٺي چوندا هئس ته تون پاسي ٿيءُ (منڊل ڏهون، ٩٣، ١٣). ڪير ڏاڍڪ ٻار ريڙهيون پائي ماءُ جي اکين کان پري ٿيندو هو، ۽ ڪنهن وقت ماءُ ڏسندي هئي ته ٿيج پيئي وهي، ته ٻار آٿي ڏيندا هئس، جنهن کي پنهنجي پاسي ۾ سمهاري، ڇڳڙ ڏيندي هئي، ۽ لوڏيندي ڪوڏيندي هيس (منڊل نائون ٦١، ١٣). ماءُ جنهن مهل پنهنجو ننڍڙو ٻار هنج ۾ کڻي وهندي هئي، تنهن مهل ڏاڍو پيئي

وٽندي هئي (منڊل ستون، ٣،٣٣، ٣). ٻار جنهن وقت ٻيءَ ڏانهن وڌي، سانس چچلو ڳالهائيندا هئا. تنهن وقت سندن چچلو ڳالهائڻ ڏاڍو پيو وٽندو هو (منڊل ستون، ١٠٣، ٣). ڇوڪرين وانگر ڇوڪرا بہ ڪنن ۾ واليون يا ڪيونٽيون پائيندا هئا. ۽ ڳچيءَ ۾ بہ جڙت جڙيل ڪنٺي پائيندا هئا (منڊل ڀهريون، ١٢٢، ١٤).

گهر گهر ۾ رات جي ماني سويل تيار ٿيندي هئي، گويا سج ڪي پتر هٽي، ماني کائيندا هئا. ٻار ماني کائي اُٿندا هئا تہ ماءُ سندن بسترو وڇائي، ڪين سويل ئي سمهاري ڇڏيندي هئي. آڏيءَ مانجهيءَ چرخو بہ پيئي چوريندي هئي. جو سٽ ڪتڻ جو رواج ڪيترين قومن کان اڳ سنڌو ماتر جي ماڻهن شروع ڪيو هو. چرخي چوريندي ۽ گهر جي ٻئي ڪم ڪار ڪندي، ڪي زالون گيت پيون ڳائينديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن ڪي زالون گڏجي گهمڻ گهتڻ نڪرنديون هيون (منڊل ڀهريون، ٢، ٥٦). ڪي زالون پنهنجن مڙسن يا ڀين مٽن مائٽن سان گڏجي سيائن ۾ وينديون هيون، تہ ڪي محفلن ۽ ميلن تي وينديون هيون، پر جيڪڏهن ڪا زال پرائي گهر ۾ رات جو وڃي ٽڪندي هئي، تہ سندس شهرت ٿيندي هئي (منڊل ڀهريون، ١٢٣، ٨٧). جيڪڏهن ڪنهن مرد کي پنهنجيءَ زال جي چال ۾ شڪ پوندو هو، تہ پوءِ جيستائين هوءَ ٻرندي مَچَ مان سلامت لنگهي، پنهنجي ست جو ثبوت نہ ڏيندي هئي، تيستائين مرد جي پنهنجيءَ زال سان ڪانہ پوندي هئي. ڪن حالتن ۾ ڪي مٽ مائٽ يا سنگتي ساٿي وچ ۾ پئي، زال ۽ مڙس جو پاڻ ۾ پرچاءُ ڪرائيندا هئا (منڊل ڏهون، ٢، ٦٨).

رگ ويد واري زماني ۾ پردي جو رواج ڪونہ هوندو هو. اهو رواج اتهاسن واري زماني ۾ هوندو هو. تنهنڪري ان جو ذڪر اتهاسن واري زماني جي احوالن سان گڏي ڪبو.

گهر جو سامان ۽ ٻاسڻ ٻرتڻ. رگ ويد جي منڊل ستين (٨، ٥٥) ۾ "تلپ" (Talpa) لفظ ڪم آيل آهي. اهو هڪ ڪاٺ جو صندل هوندو هو، جنهن تي سمهندا هئا. "پروسٿ" (Prostha) هڪ ڪشادو بينچ يا صندل هوندو هو، جنهن تي زالون سمهنديون هيون. شايد پنهنجو ننڍڙو ٻار بہ پاڻ سان

سنڀاريندڙيون هيون، جنهنڪري اهو ڪشادو هوندو هو. "وهيه" (Vahya) هڪ قسم جو "ڪوچ" يا فرحتي بسترو هوندو هو. وهاڻي يا گدي، کي اُپبرهڻ" (Upa - barhana) چوندا هئا، جنهن ۾ اندر اُن يا پشم وجهندا هئا. صندليءَ کي "آسندي" چوندا هئا ۽ انهيءَ تي گدي پيل هوندي هئي. ماڻهن وٽ گهرن ۾ ڏاتن بلڪ ڪاٺ مان ٺهيل ٿانءَ (باٽوڙا وغيره) هوندا هئا. ۽ ٺڪر جا ٿانءَ به هوندا هئا. جي جهٽ جهٽ پيا ڀڄندا هئا (منڊل ڀهريون، ١٩١، ١٤). سونا پيالا ۽ چانديءَ جا باسڻ به هوندا هئا. سانداريون ۽ ٻٽيون به هونديون هيون. ڪيريون يا ڏويون، ڪرنڊيون (ٽپريون)، اُکريون، مهريون، چچ ۽ پرڻ به هوندا هئا. ڇت ۾ ڇڪا ٽنگيندا هئا، جن ۾ ڪاڏي پيتي جون شيون رکندا هئا، ته ڪُتا ٽُڪي نه وڃن (اترو ويد، منڊل ٽائون، ٣، ٦). قيمتي شيون پيتين ۾ رکندا هئا (منڊل ڏهون، ٣٢، ٦). باسڻ برتڻ ۽ ٻين شين رکڻ لاءِ ايڏيون وڏيون پيتيون هونديون هيون، جو پلي ته ماڻهو منجهن سمهي پوي (منڊل پنجون، ٧٨، ٥). اهڙيون وڏيون پيتيون مصنف جي سانير ۾ ڪيترن گهرن ۾ هونديون هيون. وقتي ڪن گهرن ۾ اڄ تائين به هجن ته عجب ڪونهي. اهي اٽڪل پنج فوٽ ڊگهيون، چار فوٽ ڪن ويڪريون ۽ ٿي چار فوٽ اونهيون هونديون هيون - ڪپڙن جا بچڪا (بقچا)، مصريءَ جا ڪنا، مٽين جون دبليون، وغيره منجهن رکندا هئا. رات جو انهيءَ پيتيءَ جي مٿان بسترو وڇائي سمهندا هئا، جا مصنف جي اکين ڏٺي ڳالهه آهي.

ڏرتيءَ ۾ ڏن پورڻ جو رواج. ماڻهن وٽ اڳي فقط چوپايو مال هوندو هو. پوءِ سونن سڪن جڙڻ جو رواج پيو، ته اهي سڪا ۽ مٽيا منڊيون ڪن ٿانون ۾ وجهي، ڌرتيءَ ۾ پوريندا هئا (منڊل ڀهريون، ١١٧، ١٢). ڌرتيءَ ۾ ڏن پورڻ جو رواج پوءِ هلندو آيو، ۽ اڄ به ٻهراڙين ۾ عام آهي. انهيءَ سبب سنڌيءَ ۾ ڪي پهاڪا به عام ٿيا. مثلاً: "ڏن هجي ڏوڙ ۾، ته چمڪو ڏئي نور ۾"، يعني جيڪڏهن ڪنهن جو ڏن ڌرتيءَ ۾ پوريل هوندو، ته به سندس شڪل منجهان ئي سهي ڪبو، ته شاهوڪار ماڻهو آهي. ٻيو پهاڪو آهي ته "ڪڏا چي، جيءَ سڏا!" يعني جيڪڏهن ڪڏ ۾ ناڻو پوريل هوندو ته گهرج مهل ڪڏ به سڏ ڏيندي. ڌرتيءَ ۾ پوريل ڏن جنهن وقت وڃي ڪيندا هئا،

تنهن وقت امانت باسلامت ملندو هون. تنهنڪري چوڻي آهي تہ "پرائي امانت ڏرتي بہ نہ ڏوهي" ـ مطلب تہ امانت ۾ خيانت نہ ڪجي.

•ڪاڌو پيتو. رگ ويد ۾ "گوڌرم" يعني گيهون (ڪڻڪ) ۽ "ورهي" (چانور) لفظ ڪم آيل ڪينهن، پر "ڌانيہ" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جو اُچار سنڌيءَ ۾ آهي "ڌاج". جنهن ۾ هر ڪنهن قسم جو اَن اچي وڃي ٿو. انهيءَ هوندي بہ مُگ، تِرَ ۽ جَوَ ڌار بہ ڄاڻايل آهن، ۽ اهو بہ ڄاڻايل آهي تہ ترن ۽ جَون جا فصل پلا ٿيندا هئا. رگ ويد ۾ جَون جا فصل پلا ٿيندا هئا. رگ ويد ۾ جَون جو ذڪر گهڻو آهي، تنهنڪري پائنجي ٿو تہ ماڻهو عام طرح جائي (جَون جي) ماني ۽ مگّن جي دال کائي پيٽ پريندا هئا. مگّن جي رڌل دال کي "مدگ اُدن" يعني مگّن جو کاڌو چوندا هئا. هن مان ظاهر آهي تہ دال سان روٽيءَ کائڻ جو رواج نهايت قديم زماني جو آهي. چڻن جي دال کائڻ جو رواج شايد پوءِ پيو. جَون مان مانيءَ کان سواءِ پيون شيون بہ ٺاهيندا هئا. جو پيجي انهن مان آش ٺاهيندا هئا، جنهن ۾ رڌڻ مهل گيهہ ذرو وجهندا هئا. انهيءَ آش ۾ ڏڌ گڏي کائيندا هئا. آش کي چوندا هئا "ڪرنڀ" (Karambha) (منڊل پهريون، ١٨٧، ١٦، منڊل ٽيون، ٥٢، ٧). جيڪڏهن آش ۾ ڏڌ گڏيندا هئا، تہ اُن کي "دوڌيہ اودَن" (Duhya – odana) يعني ڏڌ جو کاڌو چوندا هئا. جَون جي پُرَ پيئي (گيهہ گڏيل) لولي پچائيندا هئا، تنهن کي چوندا هئا "اَپوُپ" (Apupa) منڊل ٽيون، ٥٢، ٧). کير ۾ جَون جا داڻا وجهي کيرڻي ٺاهيندا هئا، جنهن کي "ڪشير اودن" يعني کير جو طعام سڏيندا هئا (منڊل اٺون، ٦٩، ١٤). جَون مان سَتوُن بہ ٺاهيندا هئا (منڊل ڏهون، ٧١، ١٠) اهي ستون کير ۾ ڪاڙهيندا هئا. مطلب تہ گهڻو واهپو جَون جو هوندو هو.

آڳاٽا لوڪن کي کير سان دل گهڻي هوندي هئي، تنهن ۾ بہ ڳائو کير وڌيڪ پسند ڪندا هئا. هرڪ آڪهہ کي پنهنجون ڳئون هونديون هيون. کير ڪاڙهي، جمائي، ڏڌ ڪندا هئا. "ڏهي" (ڏڌ) اصل ۾ آهي سنسڪرت "ددي"، جو لفظ رگ ويد جي منڊل اٺين، ٩، ۽ منڊل نائين، ٨٧، ١، ۾ ڪم آيل آهي. ڏڌ ولوڙڻ لاءِ "منٿا" يعني منڌي يا مانڌاڻي هوندي هين (منڊل پهريون، ٢٨، ٣)، "گيهہ" لفظ اصل ۾ سنسڪرت "گهرت" (Ghrta)

، جو رگ ويد ۾ گهڻي ئي گهمرا ڪم آيل آهي. مکڻ ڪڍڻ کان پوءِ جيڪا مهي يا لسي بچندي هئي، سا ڪاڙهي "ٻاکي" ٺاهيندا هئا. جا اڄ تائين ڪيترا دل ڪري پيئندا آهن. *

"ٻاهي ٻاکي پنڙي، پرين ساڻ پيان"

هن وقت ڪيترا هندو مڇي ماس رڳو ڏسن، ته بچان پيئي اچين، پر آڳاٽا لوڪ ويشنو ڪونه هوندا هئا. ان وقت جون حالتون به علحديون هونديون هيون. رگ ويد واري زماني ۾ سنڌو ماتر ۾ گهڻو ڪري سڄو سال سيءَ ڏاڍا پوندا هئا، جنهنڪري سال يا ورهيه کي "هِم" (برف) يعني سخت سيارو سڏيندا هئا (منڊل پهريون، ٦٣، ١٠، ٻيون، ١، ١١، ٣٢، ٢، پنجون، ٥٣، ١٥، ۽ ڇهون ١٠، ٧، ٣٨، ٨). ياناچي تو ته گهڻيءَ ٿڌ پوڻ سبب گوشت کائڻ جو ضرور سمجهيائون. هڪ واريءَ ذات هرين، ته پوءِ نه رڳو ٻڪرين، ڇيلن، رڍن ۽ گهيٽن، پر گهوڙن جو گوشت به کائيندا هئا. ڪيترا ڳائو توڙي ماهيو گوشت به حلال ڪري سمجهندا هئا. رگ ويد جي پنيان جيڪو انتريه براهمڻ آهي، تنهن ۾ جاٽايل آهي ته جڏهن راڄا يا ڪو وڏو ماڻهو مهمان ٿي اچي، تڏهن جيڪا ڳانءِ "وِهت" هجي يعني ڦر نه ڏيندي هجي، سا سندس مهمانيءَ لاءِ ڀارائڻ گهرجي (منڊل پهريون، ٣، ۴). يجر ويد جي پنيان جيڪو شتپت براهمڻ آهي، تنهن ۾ لکيل آهي ته ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي مهمانيءَ لاءِ "مهوڪش" (مها + اُڪش) يعني وڏيءَ ڄمار وارو ڏڳو ڀائڻ گهرجي (ٽيون، ۴). مهمان نوازيءَ جا اهي نمونا ڪن رشين جا ڏسيل آهن؛ پر ساڳئي وقت ڪي رشي انهيءَ خيال جا به هئا ته ڳئون ۽ ڏڳي جهڙا ڪارائتا جانور ڪهڻ نه گهرجن. تنهنڪري ڏاند يا ڏڳي کي سڏيائون "اَگهنيه" يعني جنهن کي ڪهڻ نه گهرجي. رگ ويد ۾ "اگهنيه" لفظ تي گهمرا ڪم آيل آهي؛ پر مونث لفظ "اگهنيا" (ڳانءِ يا ڳئون) سورهن گهمرا ڪم آيل آهي. ڳانءِ مان کير، ڏڌ ۽ مکڻ جو ته سهنج، پر کير مان قسمين قسمين مٺايون ۽ غذائون ٺهن ٿيون. ڏڳو يا ڏاند نار ۽ هر ڪاهڻ، بار ڍوئڻ بلڪ سواريءَ لاءِ ڪم اچي ٿو. هنڙن ڪارائتن جانورن جي ڪوس جي برخلاف ڪن رشين رگ ويد واري زماني ۾ ئي

آواز ڪڙو ڪيو، پر ان وقت گهٽ ۾ ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. اهو رواج اتهاسن واري زماني ۾ به هو. اشوميديگيه يعني گهوڙي جي قربانيءَ جو يگيه رگ ويد واري زماني کان وٺي اتهاسن واري زماني تائين ماڻهو سانده ڪندا پئي آيا. ۽ ماڻهو گهوڙي جو گوشت به کائيندا هئا. مڇي ماس کائڻ جو رواج گهٽ ٿيو بند ٿيو. جنهنڪري سڄي هندستان ۾ هن وقت ويشنو گهٽا آهن - جيڪي گوشت کائين ٿا، سي به پنهنجي لاءِ ڀَهرُو پاڻ پارائڻ اڪثر پاپ ڪري سمجهن ٿا. انهيءَ سبب هن وقت ڪاسائي گهڻو ڪري سڀ مسلمان آهن. رڳو ڪي سِک "جهاتڪو" ڪن ٿا. انهيءَ هوندي به هن وقت سڄي هندو جاتي ڳانءِ کي "ڳئو ماتا" ڪري سمجهي ٿي، ۽ ڳئو هتيا ڪرڻ اُگر پاپ ڪري ليکي ٿي.* قديم مصر جا ماڻهو به ڳئونءَ کي ديوتا ڪري پوڄيندا هئا.

رگ ويد جي منڊل ائين (٦٧) ۾ ڄاڻايل آهي ته ماڻهو ڄار ۾ مڇي ڦاسائيندا هئا. جنهنڪري چئبو ته مڇيءَ کائڻ جو رواج به هو. منڊل ٻهرين، ٻئي، چوٿين ۽ ائين ۾ شڪارين (شڪار ڪندڙن) جو ذڪر آهي. منڊل ڀهرين (٩٢، ١٠) ۾ ائين به ڄاڻايل آهي ته "شوگهني" (Sva – ghni) (يعني شڪاري) ٻڪين جا ٻَر يا ڪنپ ڪوهي ڇڏيندا هئا، ته اُڏامي نه وڃن. هرڻ مارڻ جو رواج به عام هو. ڪيترا ماڻهو "مرگ ڇالا" يعني هرڻ جي کل عام طرح اوڍيندا هئا. ماڻهو گهرن ۾ مرغيون به ڏاريندا هئا.

رگ ويد واري زماني ۾ ماڻهن جو زور رڳو ٻڳو مڇيءَ ماس تي ڪونه هو، پر ميوا به کائيندا هئا. منڊل ڏهين، (١٣٦، ٥-٦) ۾ ڄاڻايل آهي ته ماڻهو وڻن جا مٺا ميوا کائي، وڻن هيٺ آرام ڪندا هئا. ڪا انگڙي اتڪائي، ٻڪل ميوا ڏوٽي، ڪيرائيندا هئا (منڊل ٽيون، ٣٥، ٣). ميون جا نالا ڄاڻايل ڪينهن. باقي منڊل ٻهرين،١٦٣، ٢٠) ۾ مٺن ٻيرن جو ذڪر آهي، جن مان ٻکي به ڇُهنگ پريندا هئا. منڊل نائين (٨٦، ١٨) ۾ "اُڪشوَ" يعني "ڪمند" لفظ ڪم آيل آهي. انهيءَ مان سمجهجي ٿو ته ڪمند جي پوک ٿيندي هئي، ۽ ماڻهو ان جي رس پيئندا هئا. "مَڌوَ" يعني

* "The cow was gradually acquiring a special sanotity, as is shown by the name Aghnya (not to be slain) applied to it in several passages". Vedic Index II, 146.

"ماکي" لفظ رگ ويد ۾ گهڻن هنڌ ڪم آيل آهي (منڊل ٻهريون، ٻيون، ٽيون ۽ چوٿون، ٣٨، ١٠). مطلب ته آڳاٽا لوڪ مانيون، ڪيرٽي، ڏڌ، مکڻ، ماکي ۽ ميوا کائيندا هئا. ان کي ديوتا ڪري ليکيندا هئا (منڊل ٻهريون، ١٨٧).

ٻاهه ٻارڻ جو هنر. رڌڻ پچائڻ جو ڪم ٻاهه کان سواءِ ٿي نٿو سگهي، تنهنڪري ڪيتيءَ جي جاري ٿيڻ کان اڳي ئي ماڻهن ضرور ٻاهه ٻارڻ جو هنر ڳوليو لڌو هوندو. ٻرندڙ جبلن مان ٻاهه نڪري ٿي، پر ٻرندڙ جبل سيڪنهن هنڌ ڪينهن. باقي آسمان ۾ بجلي وانگر چمڪات ڪري ٿي، سا سيڪو ڏسي سگهي ٿو. سچ ٻه اگنيءَ جو روپ آهي، ۽ اهو ٻه ڏسي سگهجي ٿو. انين ٻاهه ڏسڻ سولي، پر پيدا ڪينئن ڪجي؟ اکين سان ڏسجي ٿو ته جڏهن هوا زور سان لڳي ٿي، ۽ ٻيلن ۾ بانس جون ڪائيون يا ڪن وڻن جون ٽاريون هڪ ٻئي سان زور سان لڳي، گسن ٿيون، تڏهن انهيءَ گهڪي وچان ٻاهه پاڻمرادو پيدا ٿئي ٿي، ۽ بعضي ٻيلن جا ٻيلا سڙي وڃن ٿا. آڳاٽا رشي، جي قدرت جي ڳالهين جاچڻ جا ڪوڏيا هئا، تن اها ڳالهه جاچي، اها ئي واٽ اختيار ڪئي ۽ ٻاهه ٻارڻ جو رواج وڌائون. آٿرون رشي، جنهن جي نالي پٺيان "آٿرو ويد" سڏجي ٿو، تنهن بابت رگ ويد جي منڊل ڇهين، (١٦، ٣) ۾ چيل آهي ته ٻاهه ٻارڻ جو رواج اول انهيءَ وڌو. ٻه ڪائيون هڪ ٻئي سان گهي، ٻاهه پيدا ڪيائين. انهيءَ ريت آڪاسن جي آنر بجلي جڻ ته هيٺ پرٿويءَ تي اچي، ماڻهن جي چلهين ۾ ترُ پاتو.

آڳاٽا لوڪ اشوت وڻ جي ڪاني "شامي" نالي ڪنديءَ جي ڪانيءَ سان گهي، ٻاهه پيدا ڪندا هئا. هڪ ڪانيءَ کي گيهه مکي جڏيندا هئا، ۽ ڳاهه مُجا ٻه انهن ڪائين جي وڃهو جهلي ٻيهندا هئا ته جيئن ٻاهه پيدا ٿئي تيئن ڳاهه ٻچري، ۽ گيهه جي زور تي ڪائيون ٻه پنيت ڪري ٻرن. اشوت وڻ ۽ شامي ڪنديءَ ۾ اهو وڏو گڻ ڏٺائون، ته اشوت جي گهٽي سازاهه ڪيائون. ڪنديءَ پوڄڻ جو ٻه رواج وڌائون. اڄ ٻه سڄي هندستان

جا هندو دسهڙي جي ڏينهن ڪنڊي پوڄيندا آهن. ڪنهن هنڌ ڪنڊيءَ جو وڻ نہ هوندو آهي، تہ ڪنهن ٻئي هنڌان ڪنڊي آڻي، ڌرتيءَ ۾ کوڙي، پوءِ ان جو پوڄن ڪندا آهن. اهو رواج انهيءَ آڳاٽي زماني جي يادگيري ڏياري ٿو، جنهن زماني ۾ قديم لوڪن باھ ٻارڻ جو هنر ڳولي لڌو هو. ان وقت هندستان وارن، ايرانين ۽ يورپي لوڪن جا ابا ڏاڏا هڪ ٻئي جي نزديڪ گذاريندا هئا، جنهنڪري سنسڪرت لفظ "آگني" جو اُچار لاتن ۾ "اِگنس" (Egnis) ٿيو. پارسين ۾ اگني پوڄا جو رواج بہ اُن وقت پيو.

باھ ٻارڻ لاءِ اشوت وڻ جي ڪاٺي مٿان جهليندا هئا، ۽ شامي ڪنڊيءَ جي هيٺان. مٿين ڪاٺيءَ کي "پرورس" (Pururavas) ۽ هيٺينءَ کي "اُروشي" (Urvasi) سڏيندا هئا. جيئن چندرونسي گهراڻي جي راجا "پرورس" کي "اُروشي" نالي اپڇرا مان پٽ ڄائو هو، تيئن هنن ٻن ڪاٺين کي هڪ ٻئي سان گهڻ ڪري "آگن ديوتا" (باھ) پيدا ٿئي ٿو. ※ پر هي وري بہ ٻہ ارڻيون (ڪاٺيون) آهن، تنهنڪري رگ ويد جي منڊل ٻهرئين، (٣٤، ٢- ٣) ۾ اگن ديوتا کي "دوي ماترڪ" يعني ٻن مائرن جو پٽ سڏيو اٿن، ۽ منڊل پنجين، (٩، ٣) ۾ ڪرلي ڄاڻايو اٿن تہ ٻن ڪاٺين مان اگن ديوتا ائين پيدا ٿئي ٿو، جيئن "تازو ڄاول ٻار".

رگ ويد جي منڊل ٻئي (١٢، ٣) ۾ هيئنئن بہ ڄاڻايل آهي تہ اندر ديوتا ٻن پٿرن جي وچان باھ پيدا ڪئي هئي. انهيءَ سبب منڊل ڏهين، (٢٠، ٧) ۾ اگنيءَ کي "ادريھ سُونھ" (Adreh Sunuh) يعني پٿر جو پٽ (پٿر مان پيدا ٿيل) بہ سڏيو اٿن. هيءَ باھ ٻارڻ جو ٻيو نمونو آهي. آسمان ۾ ڪڪر هڪ ٻئي سان لڳن ٿا، تہ گجگوڙ ٿئي ٿي، ۽ وڄ پيدا ٿئي ٿي. پاڻئجي ٿو تہ آڳاٽن لوڪن اهو نمونو ڏسي، هڪ پٿر ٻئي تي هڻي، باھ ٻارڻ جو هيءُ ٻيو نمونو بہ چالو ڪيو. اهو ٻيو نمونو بہ سنڌ ۾ ڪي صديون ساندھ هلندو پئي آيو. هن لاءِ ثابتي هيءَ آهي تہ اڄ تائين ڪوهستان جا ماڻهو اهو نمونو هلائيندا پيا اچن. ڪوهستان جي ماڻهن کي جڏهن باھ

---

※ سنسڪرت ۾ "اگني يا اگن ديوتا" جنس مذڪر آهي: پر سنڌيءَ ۾ "اگني" جي جنس مونث ليکجي ٿي. - مصنف

پارٽي هوندي آهي، تڏهن ڪاٺيون ۽ ڇيٽا گڏ ڪري، انهن جي مٿان ڇوڏا ڇينيا، سنهيون سڪل ٽاريون ۽ ڪک پن رکن. پوءِ ڳاريءَ (چقمق جي پٿر) جي پاسي کان پُرزُ (پَنِ جو شيرو گندرف ۾ ماريل) رکي، ڳاريءَ جي مٿان پٿر يا رُڪَ جي ٽڪر سان ڌڪ هڻن، ته باهه جون چڻنگون پيدا ٿين، جي پرز کي اچيو لڳن. جنهنڪري اول ڪک پن، سنهيون سڪل ٽاريون ۽ ڇوڏا ڇينيا ڇرڪڻ لڳن. انهن مان پوءِ ڇيٽا ۽ ڪاٺيون دکن، ته پنيٺ ٻريو پوي! هن وقت اسين سئيڊن ۽ ٻين هنڌن جا ماچيس عام طرح ڪم آڻيون ٿا. ماچيسن جوڙڻ جا ڪارخانا عيسوي اٺويهين صديءَ ۾ جاري ٿيا. انهيءَ کان اڳي باهه پيدا ڪرڻ جون اهي به واٽون هيون، جن مان پهريون رواج وڌيڪ عام هو.

ڪنهن به وقت رڌبو پچائبو يا پاڻي وغيره ڪوسو ڪبو، ته ضرور باهه دکائڻي پوندي. ٻيري ٻيري باهه دکائڻ جي تڪليف ڪجي، تنهن کان منجهس ڪاٺيون، ڇيٽا وغيره وجهندو رهجي، ته اهو بهتر آهي. ڪيترين مڙهين ۾ ڏسو ته اڄ تائين دونهين دکندي رهي ٿي. آڳاٽا لوڪ به ائين ڪندا هئا. اگني ٻارهوئي دکندي رهي، تنهن لاءِ اگن ۾ ٿي گهمرا آهوتي (ڪاٺيون، جَوَ، گيهه وغيره) وجهندا هئا: صبح، منجهند ۽ سانجهيءَ. اگنيءَ کي "گرهه پتي" يعني گهر جو ڌڻي يا گهر جو ديوتا ڪري سمجهندا هئا، تنهنڪري اَسُر جو باهه ٻجرائي، اول اگني پوڄا ڪندا هئا. يگين ۽ هون هوم جي شروعات ائين ٿي. پارسين ۾ به اگني پوڄا جو رواج اڄ تائين هليو اچي، خاص طرح يگيه لاءِ اَگني دکائڻ جو رواج انگيرس نالي هڪ رشيءَ وڌو (رگ ويد، منڊل پهريون، ۴۵، ۳، ۷۱، ۲-۳: ۸۳، ۴). گوتم رشي، يار دواج ۽ ٻيا ڪيترا رشي، انگيرس رشيءَ جي ڪُل مان هئا، ۽ اگني ديوتا جا پوڄاري هئا. سيني گهرن ۾ اگني ڏينهن رات دکيل رهندي هئي، ته اها پوءِ "اکنڊ جوت" سڏجڻ ۾ آئي. اڄ تائين ڪيترين مڙهين ۽ مندرن ۾ جوت سدائين ٻرندي رهي ٿي. درياهه پنٿي به درياهه ٿان جو ڏئو ڪڏهن به اُجهامڻ نه ڏيندا آهن. ڪيترا هندو صبح جو سنان پاڻي ڪري سورج کي هٿ جوڙيندا آهن. سنجها جو ڏيئو ٻاريندا آهن ته ان کي به هٿ جوڙيندا آهن. انهن ڳالهين ۾ هيءَ ڌرمي خيال سمايل آهي ته ايشور

جوتي سروپ آهي، ۽ سنديس جوت ڪڏهن به اجهامڻ يا وسامڻ جي نه آهي، تنهنڪري انهيءَ اکنڊ جوت جو نت ڏيان ڌارجي. اگني، ڏئو ۽ سورج سندس جوت جا سروپ آهن. ۽ انهيءَ سبب هندو انهن کي هٿ جوڙيندا آهن. ائين رڌڻ پچائڻ لاءِ جا اگني عام طرح دکائيندا هئا، تنهن مان آڳاٽن آرين جو ڌيان ڇڪجي، پرماتما ڏي ويو. جو سندن چِتَ جو لاڙو سدائين ڌرم جي پاسي هو. يجر ويد جي تئيتريه سنهتا، (ڪانڊ ٢، پرپاٺڪ ٥، انوا واڪ ٨، واگ ٦) ۾ ڄاڻايل آهي ته يگيه جي اگنيءَ ۾ آهوتي وجهڻ مهل چوندا هئا "سواها" (Svaha) ! ائين ديوتائن کي سڏيندا هئا، ته يگيه اچي قبول ڪن ۽ يگيه ڪندڙن تي پنهنجي مهر ڪن.

رگ ويد واري زماني ۾ ٺي ماٺهن چيٽي جو به قدر ڪيو هو. چيٽن جون ٿاڻيون ناهي، سڪائيندا هئا. ۽ اهي سڪل چيٽا ٻارڻ جي ڪم آڻيندا هئا. ڪيترن گهرن ۾ هاڻ لادين (Tiles) جا فرش ٻڌل آهن، پر اڳي گهر گهر ۾ پوتي پائڻ لاءِ چيٽو عام طرح ڪم ايندو هو. اهو رواج ٻهراڙين ۾ هندن توڙي مسلمانن جي گهرن ۾ اڄ تائين آهي. ڪو هندو مرندو آهي ته اول پوتو پائي، انهيءَ صاف هنڌ تي پراٽيءَ کي رکندا آهن. چيٽو نهايت ڳڻاڪاري شيءِ آهي. رگ ويد واري زماني ۾ ٻڪرين جون ڦولهڙيون به ٻاريندا هئا يا نه، سو ڪٿي به ڄاڻايل ڪونهي، پر اهي عام طرح ٻاڻ ڪري ڪم آڻيندا هئا.

نشيدار شيون. آڳاٽا لوڪ سڪٽي پاڻيءَ يا رڳو لسيءَ ۽ کير سان پياس کين مٽائيندا هئا، پر خنڪيءَ لاءِ ڌراڪ به وٺندا هئا. هن وقت ڪيترن کي شراب، ڀنگ ۽ ڪُسنبي (ڳاريل آفيم) جي علت آهي، جنهن مان ڪسنبي جو رواج تر ۾ نهايت گهٽو آهي. ڀنگ ۽ آفيم ورتائڻ جا رواج گهٽو پوءِ چالو ٿيا؛ باقي شراب پيئڻ جو رواج نهايت قديم آهي. اڳي ماڻهو به نشيدار شيون ورتائيندا هئا: هڪڙي سوم ۽ ٻي سُرا (شراب). "سوم" هڪ ٻوٽي هوندي هئي، جا سرسوتي ۽ سنڌو نديءَ جي ڪنارن تي، ۽ امبالغي ضلعي ۾ ڪر ڪيتر جي "شريناوت" (Saryanavat) ڍنڍ جي ڪناري تي پيدا ٿيندي هئي (رگ ويد، منڊل نائون، ٦١، ٧، ١١٣، ١)، پر اُچي ۽ سٺي سوم هماليه جبل جي "مجوت" (Mujavat) نالي چوٽيءَ تي پيدا

ٿيندي هئي، جنهنڪري "مؤجوت" (Manjavata) يعني مجوت جي پيدائش سڏبي هئي (رگ ويد، منڊل ڏهون، ٣٤، ١). ڪي عالم ائين سمجهن ٿا ته "ڪئلاس" پربت جو بيو نالو "مُجوت" هو. اها ٻوٽي ڪيترين صدين کان ناياب آهي، جو ملڪ جون طبعي حالتون ڦري ويون آهن. اڳي سنڌو ماتر جون طبعي حالتون ٻي ٻيون هيون. انهيءَ زماني ۾ اها ٻوٽي گرمي توڙي سرديءَ ۾ سڙي ويندي هئي، ۽ رڳو برساتي موسم ۾ اُسرندي هئي. آڳاٽا ايراني لوڪ به انهيءَ ٻوٽيءَ جي رس دل ڪري پيئندا هئا. اهي سوم بدران چوندا هئا "هئوم" (Haoma) . اهو لفظ پارسين جي زنداوستا ۾ ڪم آيل آهي.

آڳاٽا لوڪ سوم ٻوٽيءَ جا پَن اول "اَدري" (اڏيءَ)* تي رکي. سٽي ڪٽي سنهي ڪندا هئا. ٻوٽيءَ سنهي ڪرڻ ۽ گهوٽڻ جو ڪم اڪثر زالون ڪنديون هيون. ٻوٽي گهوٽجي رهندي هئي، ته اُن جي رس زالون آڱرين سان نپوڙي ڪڍنديون هيون (منڊل نائون، ٩٧، ٩ـ ١٢). رس نپوڙڻ مهل زالون سوم جي ساراهه جا گيت ڳائينديون هيون (منڊل نائون، ٦٦، ٨).اها رس شايد تمام گهاٽي هوندي هئي، تنهنڪري ان ۾ پاڻي گڏي، پوءِ زالون سموري رس ڇاڻينديون هيون. هن وقت جيڪي آفيم ڳاري "ڪَسنُبو" ڪري پيئندا آهن، سي ڪسنبي ڇاڻڻ لاءِ ڪپهه جون پوٽيون ڻاهيندا آهن. جن کي "منيئان" چئبو آهي. سوم رس ڇاڻڻ مهل به زالون اُنَ جو پوٽيون ڻاهي، اهي ڪلسيءَ (لوٽي) جي مٿان رکي، رس اوتينديون ويندديون هيون، ته ڪِن ڪچرو پوٽين کي چنبڙي پوندو هو، ۽ باقي نج رس ڇٽي، ڪلسيءَ ۾ وڃي پوندي هئي. رس ڇاڻڻ مهل ان ۾ آڱريون گهمائينديون هيون (منڊل نائون، ٦٧، ٩ـ ١٢). آڱرين گهمائڻ جي مراد اها هئي ته رڳو مٿيون پاڻي ڇٽي نه اچي؛ پر جنهن سوم تَرُ وڃي ورتو هجي، سا به پاڻيءَ سان

---

* هن وقت ڪنهن وڻ جو ٿڙ يا ڪاٺ جو ٿلهو ٽڪر "اڏي" تي ڪم اچي ٿو، جنهن تي گوشت ۽ مڇي پلو رکي وڍيندا آهن. اڳي اَڏيون پٿر جون ٺهيل هونديون هيون، جو ڪاٺ چيرڻ لاءِ ڪو هٿيار ڪونه هوندو هون. انگريزي لفظ "هئمر" (Ham-mer) يعني مترڪو (مطرقہ) جي اصل معنيٰ به آهي "پٿر جو ٽڪو". ـ مصنف.

گڏجي وجي. رس چٽي رهندي هئي ته ان ۾ کير يا ڏڌ، ۽ وقتي ماکي گڏينديون هيون (منڊل نائون، ۱۰۳، ۳). آڳاٽا لوڪ انهيءَ رس جو اول ديوتائن کي ڀوڳ لڳائي، پوءِ پاڻ پيئندا هئا. اوائل ۾ نجيءَ سوم رس جو اندر ديوتا ۽ وايو ديوتا کي ڀوڳ لڳائيندا هئا (منڊل پهريون ۱۳۷، ۱، ٽيون، ۳۲، ۲ ۽ ائون، ۲، ۹-۱۰). پوءِ اهو رواج بند ڪري ڏڌ کير يا ماکي گڏڻ لڳا (منڊل نائون، ۹). رگ ويد جو سڄو نائون منڊل، ۽ ٻئي منڊل جا ڇهه سُوڪت (Hymns) سوم رسَ جي ساک سان ڀريل آهن.

پنجاب ۽ سنڌ جا رهاڪو سوم رس پيئندا هئا، ته بت بود ۾ ايندو هون، گهٽو ڪم ڪندا هئا ته ٿڪ ڪونه ٿيندو هون، ائين وسهندا هئا ته انهيءَ رس پيئڻ ڪري ماڻهوءَ جي عمر وڌي ٿي (منڊل ائون، ۴۸، ۱۱)، جنگي جوڌا لڙائيءَ ۾ گهڙڻ کان اڳ سوم رس جو چڱو چاڙهي ڪندا هئا، ته برجستائي سان لڙي سگهجي (منڊل نائون، ۱۰٦، ۲). سوم رس ۾ اهي مڙيئي گڻ هئا، تنهنڪري امرت سڏبي هئي، ۽ ديوتائن کي ڀوڳ لڳائڻ جي لائق ليکبي هئي. آڳاٽن لوڪن ۾ اهو لچڻ هوندو هو ته جن شين ۾ ڪو گڻ ڏسندا هئا، تن کي ديوتا ڪري پوڄيندا هئا. سوم رس کي به ائين ديوتا ڪري پوڄڻ لڳا. ساڳيءَ طرح اُن ديوتا ڪري ليکجي ٿو. سوم رس اُسترڳي ڏيندڙ (Stimulant) هئي، تنهنڪري جيڪي ان جو پورو پنو انداز پيئندا هئا، سي پنهنجو ڪم ڪار ڦڙتائيءَ سان ڪندا هئا. باقي جيڪي هر هر پيا پيئندا هئا، يا گهٽي انداز ۾ پيئندا هئا، تن کي ننڊ جي گهر ٿيندي هئي (منڊل نائون، ٦٩، ٦). انهيءَ پوئينءَ حالت ۾ اها "مڌ" (شراب) سمان ليکبي هئي (منڊل نائون، ٦٨، ۳، ٦٩، ۳). نشي ٿيڻ ڪري ڪام جو خيال به ٿيندو هون (منڊل نائون، ٦٧، ۱۰-۱۲).

سوم ٻوٽيءَ جا پن پورا ۽ ڳاڙهسرا هوندا هئا، جنهنڪري منڊل نائين، (۳۳، ۲، ٦۳، ۴) ۾ سوم کي "ٻَڀرو" (پورو) ۽ "اروڻ" يعني ڳاڙهسرو سڏيو اٿن (منڊل نائون، ۴۰، ۲، ۴۵، ۳). ان جي رس رات جو چنڊ وانگر چمڪندي هئي (منڊل نائون، ۸۵، ۱۲). انهيءَ سبب سنسڪرت ۾ "سوم" جي هڪڙي معنيٰ چنڊ ۽ ٻي معنيٰ اها ٻولي يا انجي رس. سنسڪرت ۾

چنڊ کي "اِندوُ" بہ چئبو آهي. ان جي ٻي معنيٰ آهي "سومر" رس ڦڙو يا چمڪو".

"سُرا" هڪ شراب جو قسم هو. اهو ڪيئن ٺاهيندا هئا، سو رگ ويد ۾ ڄاڻايل ڪونهي. وِتني صاحب جي خيال موجب اهو هڪ قسم جو "بير" (Beer) هو. گيلڊنر صاحب جي خيال موجب اها "برانڊي" (Brandy) هئي. جنهن صورت ۾ رگ ويد واري زماني ۾ جَونَ جا فصل ڀلا ٿيندا هئا، ۽ وسڪي ۽ بير ٻئي جَوَن مان جوڙي سگهجن ٿا، تنهن صورت ۾ ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو تہ آڳاٽا لوڪ اهو شراب جون مان ٺاهيندا هئا. تن ڏينهن ۾ شيشي جون بوتلون يا ٻاٽليون ڪين هونديون هيون. تنهنڪري اهو شراب چمِ جي ٺهيل ساندارين ۾ رکندا هئا، جن کي "درتي" (Drti) سڏيندا هئا (منڊل پهريون، ١٩١، ١٠).سرگ ويد ۾ انهيءَ شراب جي ساک لکيل ڪانهي، پر هاڻ هيئن لکيل آهي تہ "سُرا" پيئڻ جي علت اهڙي آهي، جهڙي جوا جي علت". سرا پيئڻ کان پوءِ ماڻهو بڪ ۾ پوندا هئا، ۽ وقتي گناهہ جا ڪم ڪندا هئا (منڊل ستون، ٨٦، ٦). اها شراب پيئڻ جي علت اڄ تائين اسان جن ماڻهن ۾ عام آهي. سنڌ ۾ جيترو شراب جو ڪاہو هو، تيترو گجرات ۽ ٻين هنڌن ڪونهي. رگ ويد وارو "سُرا" لفظ بہ سنڌيءَ ٻولي ۾ ڪلهوڙن جي صاحبيءَ تائين عام هوندو هو، جنهنڪري شاهہ صاحب بہ پنهنجي رسالي ۾ ڪيترن هنڌ ڪم آندو آهي. سنڌيءَ ۾ اُچار اٿس "سَرو".

"سسي سي گهرن، جي واتيندڙ وچ ۾،
اُوءِ ڪي پيو پچن، سرو جن سنباهيو".
يمن ڪلياڻ

پوشاڪ.

ماءُ پيٽان ننگو آيس، ننگو ويندس آنءُ،
ڏٽيءَ ڏنا، ڏٽيءَ ورتا، سڳورو سندس نانءُ.
حضرت ايوب *

* :"Naked came I out of my mother's womb and naked shall I return thither; the Lord gave, and the Lord hath taken away: blessed be the name of the Lord" Job II, p. 21.

هرڪو انسان ماءُ پيٽان ننگو ڄمي ٿو، ۽ بدن جي کل يا چمڙي سندس اوائلي پوشاڪ آهي، جا ماس ۽ هڏن کي ڍڪي ٿي. انسان کي جنهن وقت ٻوجهه ٿيو ته مان اُگهاڙو آهيان، تنهن مهل هو پنهنجي بت ڍڪڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هر ڪنهن ملڪ جي آب هوا پنهنجي پنهنجي آهي، تنهنڪري پوشاڪ جا نمونا آب هوا ۽ ٻين ملڪي حالتن تي مدار رکن ٿا. انهيءَ هوندي به ايترو چئبو ته جيڪا قوم جهنگلي حالت مان نڪري سڌريل حالت ۾ اچي ٿي، تنهن جي ترقيءَ جي پروڙ اول سندس پوشاڪ مان پوي ٿي، پوءِ ڀلي ته اها پوشاڪ ڪهڙي به نموني جي هجي.

قديم ۾ قديم هندو زمانو، جنهن جي ڪا به تاريخ آهي ئي ڪانه، تنهن زماني جو احوال "وستر" لفظ ڏئي ٿو. "وستر" معنيٰ "جو ڀرجي ٿو" يعني پوشاڪ. پر بنيادي معنيٰ اٿس جو "وَسا" يعني وَهُه يا چربيءَ کي ڍڪي ٿو، يعني کل يا چمڙي. ڏٺيءَ پنهنجيءَ ٻاجهه سان هر ڪنهن ساهه واري جي بت تي اڳي ئي کل يا چمڙي چاڙهي ڇڏي آهي؛ پر ٻين ڪيترين قومن وانگر آڳاٽن آرين به پنهنجي بت ڍڪڻ لاءِ کل مٿان کل چاڙهي. ماڻهو ڌڻ ڌارڻ سکيا ته اول ٻڪريون پالڻ لڳا، ۽ ٻڪرين جي کلن سان اول پنهنجو بت ڍڪڻ لڳا. يجر ويد جي ٻنيان جيڪو شتپٿ براهمڻ گرنٿ آهي، تنهن ۾ "اَجين واسِن" لفظ ڪم آيل آهي (٣، ٩، ١، ١٢). سنسڪرت ۾ "اَج" معنيٰ "ٻڪر" (اَجا معنيٰ ٻڪري)، ۽ "اَجين واسِن" معنيٰ "ٻاڪري کل سان ڍڪيل" يا ٻڪريءَ جي کل ڀريل (ماڻهو). اها هئي سنڌو ماتر جي رهاڪن جي آڳاٽي ۾ آڳاٽي پوشاڪ. افغانستان، بلوچستان ۽ تبيت جا رهاڪو اڄ تائين "پوستين" ڍڪين ٿا. آڳاٽن آرين هرڻ جي کل سهڻي ڏٺي، ته جنهن وقت شڪار ڪرڻ جو ڍنگ آين ۽ هرڻ جهلڻ لڳا، تنهن وقت "مرگ ڇالا" يعني هرڻ جي کل به ڪم آڻڻ لڳا. اهو رواج پوءِ به ڪئين صديون سانده هلندو آيو. اڄ تائين هندو ماڻهو جڻئي پائڻ مهل ۽ ٻين وقتن تي سوڻ خاطر مرگ ڇالا ڪم آڻيندا آهن. اهو اُنهيءَ قديم زماني جي رواج جو هڪ نشان آهي.

رگ ويد ۾ ڄاڻايل آهي ته انهيءَ قديم زماني ۾ سنڌو ماتر ۾ سيءُ گهڻو پوندو هو. رگ ويد جي منڊل ڇهين، (٥، ٥) ۾ "هست گهن" لفظ

ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "چمڙي جو دستانو" (جو هٿ کي جهلي بيهي ٿو). انهيءَ آڳاٽي وقت ۾ سبڻ لاءِ سُيون ڪين هيون، تنهنڪري پانئجي ٿو تہ چمر ٽڪر ۾ ڪنڍي وغيره سان سوراخ ڪري، انهيءَ مان وٽيل گاهہ جي تند يا ٻي ڪا تند لنگهائي، ڳنڍ ٻڌي ڇڏيندا هئا، تہ دستانو هٿ سان قابو ٿيو پيو هوندو هو. هن وقت سوٽي ۽ اوني دستانا بہ نڪري پيا آهن، نہ تہ اسان جي ڏسندي بہ عام طرح چمر جا دستانا ماڻهو ڪم آڻيندا هئا: ۽ اهو آڳاٽو رواج آهي.

يجر ويد جي پنيان جيڪو تنترية براهمڻ گرنٿ آهي، تنهن ۾ "ولڪل" لفظ ڪم آيل آهي (١، ٣، ٧). "ولڪل" لفظ جي عام طرح معنيٰ ڪندا آهن "وڻن جي ڇوڏن مان ٺهيل پوشاڪ". ڇوڏن مان پوشاڪ ڪيئن ناهيندا هئا، سا ڳالهہ ڪتي بہ ڄاڻايل ڪانهي، ۽ پاڻيهي سمجهڻ بہ ڏکي آهي. آلن يا سڪن ڇوڏن مان پوشاڪ هرگز ٺهي ڪين سگهندي، پر جي ڪٽهن بہ ناهبي، تہ ڇوڏا بت بہ رهڙي ڇڏيندا. ۽ پوشاڪ مرڳو آزار ٿي پوندي. تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪکن ۽ ڪانن مان پوشاڪن ناهڻ جو رواج عام هو، جو پوءِ بہ ڪئين صديون سانده هلندو پئي آيو. هن ڳالهہ جو ذڪر يوناني تاريخ نويس هيرو ڊوٽس ڪيو آهي، جو عيسوي سن کان سادا چار سو ورهيہ اڳي ٿي گذريو آهي. ڪانا ڪُتي سَني، تڏن وانگر ڳُتي، پوءِ انهيءَ سان بت ڍڪيندا هئا. اها هئي سندن پوشاڪ.* شنپٿ براهمڻ مان بہ معلوم ٿئي ٿو تہ جڏهن ڪو ماڻهو يگيہ ڪندو هو، تڏهن سندس استري (زال) "ڪُش" نالي گاهہ جي ڊپن مان ٺهيل ويس پهريندي هئي. هي سڀ ڳالهيون جڏهن گڏي ويچارجن ٿيون، تڏهن ائين سمجهڻ ۾ پيو اچي تہ ڊين کي ڳتي، تڏن جهڙو پيشير يا پڙو ناهيندا هئا، ۽ جڏهن ڪانن کي سني ڪتي ڳُتيندا هئا، تڏهن انهيءَ مان ٺهيل پوشاڪ کي "ولڪل" سڏيندا هئا.

رگ ويد جون رچائون جدا جدا زمانن جون ٺهيل آهن، تنهنڪري پوشاڪ ۾ جيڪا وقت بوقت ترقي ٿي، تنهن جواحوال انهيءَ مان گهڻو ئي

* Herodotus records "These Indians wear a garment made of rushes which, when they have cut the reed from the river and beaten it, they plait like a mat and wear it like a corset." (Ancient India- Herodotus by Mac Crindle p.2.)

ملي ٿو. رگ ويد ۾ ڪورين جو ذڪر آهي، ۽ تاجيءَ پيٽو لفظ به ڪم آيل آهي (منڊل ڏهون، ٣٠). "پيٽ" جو رواج به ان وقت هو. اڄ تائين دستور آهي ته "پيٽ" يعني چانورن جي پيڇيءَ ۾ ڪوري تاجي پُسائيندا آهن، ته تندون مضبوط ٿين. "پيٽ" آهي ڪَلف، تنهنڪري پيٽ لڳڻ ڪري ڪپڙو سوٽ ٿي پوندو آهي. ڪتن ۽ لوين کي پيٽ هڻندا آهن، پر انهن کي ڪم آٽڻ ڪان اڳي هٿ جو مهتو ڏيئي پيٽ ڪڍي ڇڏبي آهي، ته نرم ٿين. پيٽ هن ڪري به ڪڍي ڇڏبي آهي ته متان اَن جي بانس تي ڪُنو اچي لوئيءَ کي لڳي، ۽ ٽُڪي ڇڏيس. رگ ويد ۾ ڄاڻايل آهي ته تاجيءَ جي تندن کي ڪنا اچي لڳندا هئا. رگ ويد منڊل ڏهين، (٥٧، ٨) مان معلوم ٿئي ٿو ته اُچيءَ سٺيءَ اُن لاءِ ٽي هنڌ مشهور هوندا هئا:

(١) پرشني (راوي) نديءَ جي ڪناري وارو ملڪ.

(٢) سنڌو ماٿر ۾

(٣) گنڌار (قنڌار) يعني پشاور ۽ ان جي آسپاس وارو ملڪ.

انهن ٽن هنڌن مان سنڌ جي ڪپڙي جو ناماچار ڪيترو هوندو هو، سا سڌ به رگ ويد جي ساڳئي منڊل ڏهين (سوڪت ٧٥) مان پوي ٿي، جنهن ۾ سنڌو نديءَ جي اُستتي (ساراهه) ڪندي، سنڌ کي "سُواسا" يعني "سُهڻا ڪپڙا پيدا ڪندڙ" ۽ "اُرڻاوتي" يعني "اُن پيدا ڪندڙ" سڏيو اٿن. ان ۾ ائين ڄاڻايل آهي ته سنڌ ۾ ڪپڙو جام هوندو هو (منڊل ١٠، ٧٥، ٨). اڄ به ٿر ۾ ڪتا، لوبون ۽ ڪمريون ججهي تعداد ۾ ۽ نهايت عمديون ٺهن ٿيون. ان وقت سنڌو ماٿر ۾ ٿڌ گهٽي پوندي هئي، تنهنڪري گهڻو واهپو اوني ڪپڙي جو هوندو هو. انهيءَ سبب رڍون ۽ گهيتا گهڻا ڌاريندا هئا.*

رگ ويد ۾ "ڪرپاس" (ڪپاهه يا ڪپهه) لفظ ڪم آيل ڪونهي، پر انهيءَ ڪري ائين ڪين چئبو ته سنڌو ماٿر جي رهاڪن کي ڪپهه ۽ سوٽي ڪپڙي جي سڌ ڪانه هئي. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن رگ ويد ۾ "هٽ" ۽ "پير" لفظ ڪم آيل نه هوندا، ته انهيءَ ڪري ائين ڪين چئبو ته ماڻهن کي هٽ ۽ پير هئا ئي ڪين. مهن جي دڙي مان ديسي ڪپهه مان ٺهيل ململ جو ٽڪر لڌو آهي. ان جو ذڪر ڪندي سرجان مارشل ڄاڻايو

* "Who bestowes easily obtained happiness on our steed, our rams, our ewes, our men, our cows." Wilson's Reg Veda, III, p.276.

آهي تہ سنڌوماتر ۾ سوٽي ڪپڙي جوڙڻ جو رواج عيسوي سن کان پنج هزار کن ورهيہ اڳي شروع ٿيو هو. سنڌ جي ململ قديم زماني ۾ مصر ملڪ ۽ يورپ ۾ بہ نيڪال ٿيڻ لاءِ ويندي هئي. سنڌوماتر جي آب هوا اهڙي آهي، جو سال جو گهڻو ڀاڱو سوٽي ڪپڙو پهرڻو پوي ٿو. تنهنڪري ڊاڪٽر ميوئر بہ اهائي راءِ ظاهر ڪئي آهي تہ رگ ويد واري زماني ۾ ئي ماڻهن کي سوٽي ڪپڙي جي سڌ هئي.*

رگ ويد ۾ ريشم لاءِ بہ ڪو لفظ هن وقت تائين ڪنهن سنسڪرت عالم کي نظر ڪونہ چڙهيو آهي، پر جنهن صورت ۾ رامائڻ ۽ مهاڀارت ۾ ڄاڻايل آهي تہ راڻيون، راجڪماريون ۽ هوند وارن جون زالون اڇا سنا ريشمي وڳا پهرينديون هيون، تنهن صورت ۾ انين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو تہ ريشمي ڪپڙن جوڙڻ جو هنر رگ ويد واري زماني ۾ ئي شروع ٿيو هو، جنهن ۾ اتهاسن واري زماني ۾، ماڻهن پوءِ گهڻو سڌارو ۽ واڌارو ڪيو هو. ايترو چئبو تہ رگ ويد واري اوائلي زماني ۾ گهٽي تڏ هئڻ سبب اول اوني ڪپڙي پهرڻ جي ضرورت ٿي هئي، ۽ پوءِ آب هوا ڦرڻ ڪري سوٽي ۽ ريشمي ڪپڙن پهرڻ جو رواج پيو هو.

سنڌ ۾ هن وقت ڇوڪريون ۽ ننڍيون نينگريون اُڇا سنا ويس وڳا پهرين ٿيون، ۽ پاڻ کي سينگارين ٿيون، تہ اڳي بہ گهٽ ڪانہ هئي.** رگ ويد جي منڊل ٽئين، (۳۹، ۲) ۽ پنجين، (۲۹، ۱۵) ۾ ڄاڻايل آهي تہ زالون ويس وڳو ٺاهوڪو ڪنديون هيون. منڊل چوٿين، (۳، ۲) ۾ انين بہ چيل آهي تہ زالون هن ڪري چڱو چوکو ڪپڙو ڪنديون هيون تہ پنهنجن مڙسن کي وڏيڪ سهڻيون لڳون! منڊل پنجين (۵۵، ٦) ۾ "هيرڻ ميان اَنڪان" (Hirann ayanatkan) لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "زريءَ جا پرت پريل ڪپڙا". هن مان انين سمجهجي ٿو تہ هوند وارا ماڻهو جيڪي ڪپڙا پهريندا هئا، تن جي ڪناريءَ تي زريءَ جي پٽي هڻندا هئا، جا وَقت تي لاهي رکندا هئا. منڊل ۲ (۳، ٦)، منڊل ۴ (۳٦، ۷) ۽ ۷ (۳۴،

*It is difficult to conceive that cotton (which, as we learn from professor J.H. Balfour, is supposed to have been indigenious in India), though not mentioned in the hymns, should have been unknown when they were composed, or not employed for wearing the light cloth which is necessary in so warm a climate. Dr. Muir: Original Sanskrit. Tests V. p. 462.

** Considerable attention was already paid to personal decoration Ibid p. 462.

۱۱) ۾ "پيش" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي بہ معنيٰ آهي "پرت پريل يا گلڪاريءِ وارو ڪپڙو". يجر ويد ۾ "پيشڪاري" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "پرت پرڻ واري". شايد ڪن زالن جو ڌنڌو اهو هوندو هو، جو پرت پرڻ جو ڪم ڪنديون هيون. اهو پرت جو ڪم ايتري قدر اُوچو ۽ سٺو هوندو هو، جو ماڻهو خلعتون نهرائي پين کي سوکڙي ڏيندا هئا، ۽ کين سروپائون ڍڪائيندا هئا. رگ ويد ۾ هنن ڳالهين جو جن هنڌ ذڪر آهي، تن جي ٽيڪا ڪندي، پروفيسر ولسن، جنهن رگ ويد جو ترجمون ڪيو آهي، تنهن چيو آهي تہ "جيڪڏهن منهنجو ڪيل ترجمون صحيح آهي، تہ چئبو تہ خلعت پهرائڻ جو رواج نئي هندستان ۾ پيدا ٿيو، ۽ اهو رواج نهايت قديم آهي".+ اڳاٽا راجائون رشين کي خلعتون ڍڪائيندا هئا، تنهن ڳالهہ جو رگ ويد ۾ ڪيترن هنڌ ذڪر آهي. مثلاً: سنڌ جي راجا سونيہ ڀاويہ پنهنجي نائيءِ ڪاڪشون رشيءِ کي خلعت ڍڪائي هئي. هتي اهو بہ ڄاڻائڻ ضروري آهي تہ جيڪو وقت رشي گهر ٻاري تي رهندا هئا، سو وقت چڱو چوکو کائيندا ۽ هنڊائيندا هئا، پر جنهن وقت رشي، راجائون ۽ ٻيا دنيا ترڪ ڪري، ٻن ۾ وڃي گذاريندا هئا، تنهن وقت مرگ ڇالا ۽ تنبي ساڻ ڪٽندا هئا، ۽ "ولڪل" پهريندا هئا. اها ٿي تياڳي پرشن جي پوشاڪ: باقي ٻيا ماڻهو اُڇا سٺا ويس وڳا ڪندا هئا. مطلب تہ جنهن زماني ۾ ڪيترين قومن کي اڃا پنهنجي بت ڍڪڻ جي بہ سڌ ڪانہ هئي، تنهن زماني ۾ نئي سنڌو ماتر جا رهاڪو ايتري قدر ترقي ڪري ويا هئا، جو شاهاڻيون پوشاڪون پهريندا هئا، ۽ ٻين کي بہ خلعتون ڍڪائيندا هئا!

مردن ۽ زالن جي پوشاڪ جي وچ ۾ ڪهڙو فرق هوندو هو، سو رگ ويد ۾ ڄاڻايل ڪونهي. انهيءَ هوندي بہ ايترو پتو پوي ٿو تہ مرد ٽي ڪپڙا پهريندا هئا: هڪڙو ڪپڙو "نيوي" (Nivi) سڏبو هو، جو چيلهہ سان جڙيو پيو هوندو هئن، جنهنڪري سمجهجي ٿو تہ "ڪوپين" يا "لنگوٽي" ٻڌندا هئا. ٻيو ڪپڙو هو ڌوتي، ۽ ٽين چادر جنهن کي "اَڌي واسَ" يعني

+ If the rendering be correct, this shows the custom of presenting honorary dresses to be of Indian. and of origin considerable antiquity. Wilson's Reg Veda, III, p. 277.

"متان وجهڻ جو ڪپڙو" چوندا هئا. * سنگالي اڄ تائين ڌوتي ۽ چادر پهرين ٿا ۽ اهو ويدڪ زماني جو دستور آهي. اسان جا پائيبند پاڻ به ڌوتي ڍڪين ٿا، پر جيڪو انگرکو ڍڪين ٿا، سو مهاڀارت واري زماني جي رواج پٽاندر. اسان جا جيڪي جوان سوٽ بوٽ پهرين ٿا، سي ڌوتي ٻڌڻ گهٽ ڳالهه سمجهن ٿا، پر ڌوتي ڪا گهٽ شي ڪانهي. ڪيترن يوروپي عالمن ان جون ساکون ڪيون آهن. مثلاً: ڪرنل ميڊوز ٽيلر ڌوتيءَ جو ذڪر ڪندي چيو آهي ته ڌوتيءَ کان وڌيڪ ڪا ٻي سولي سهنجي پوشاڪ، جنهن ۾ هلڻ، ويهڻ ۽ سمهڻ ۾ سولائي ٿئي، سا جوڙڻ ئي ناممڪن آهي.** هن ڳالهه ڪرڻ ۾ اسان جو مطلب هيءُ آهي ته آڳاٽا لوڪ سڪٽي سونهن کي ڪين ڪڙهندا هئا، پر پوشاڪ ۾ به سولائيءَ ۽ سهنجائيءَ جو گهڻو خيال ڪندا هئا. اٿرو ويد جي منڊل پندرهين، (۲، ۱) ۾ "اُشنيش" (Ushnisha) لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "پٽڪو" يا مٿي ڍڪڻ لاءِ ڪپڙو. هن مان سمجهجي ٿو ته پٽڪن ٻڌڻ جو رواج به ويدڪ زماني ۾ ئي هو.

زالون شايد اڳي چڍي ڪم ڪونه آڻينديون هيون. نل دمينتيءَ واري قصي مان معلوم ٿئي ٿو ته دمينتيءَ کي فقط ٻه ڪپڙا پيل هئا. رامائڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ وقت (تريتا جڳ ۾) به زالون فقط ٻه ڪپڙا پهرينديون هيون: ساڙهي هيٺان ۽ چادر مٿان. مهاڀارت ۾ لکيل آهي ته دريو ڌن جڏهن دروپديءَ کي پريءَ سڀا ۾ ٿي گهرايو، تڏهن هن هلڻ کان انڪار ڪيو، جو چيائين ته مان "ايڪ وستر" آهيان، يعني بت تي رڳو هڪ ڪپڙو اٿم. هن قسم جي حقيقتن مان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته زالون هڪ ڪپڙو هيٺان ۽ ٻيو مٿان (چادر) ڪنديون هيون، ۽ گهر ۾ چادر پائي ڪونه وهنديون هيون، جنهنڪري گهر ۾ "ايڪ وستر" هونديون هيون.

---

* پوباڪ صاحب ڄاڻايو آهي ته "قديم يوناني لوڪ هندن وانگر ڌوتي پائيندا هئا، ۽ ڪلهن تي بوڇڻ وجهندا هئا". اهو پاسو وسايو ئي هندن هو، تنهنڪري هندڪا رواج ايڏانهين عام ٿيا هئا. ـ مصنف

** "Anything more convenient to walk, to sit, or to lie in, it would be impossible to invent." Col. Meadows Taylor; Edinburg Review for July, 1867.

اج بہ ڪي پريون زالون رڳو هڪ ڪپڙو (چادر يا رئو) هينان ڪري، گهر ۾ پوتو ٻهاري ڪن ٿيون، ۽ چاتي اُگهاڙي هوندي اٿن. تہ انهيءَ ڳالهہ جو سانگو ڪونہ ڪنديون آهن. ٻاهر نڪرڻ مهل شايد زريءَ جي ڪناريءَ واري ساڙهي پائينديون هيون، ۽ مردن جي ڌوتيءَ جي ڪناري تي بہ زري هوندي هئي، جو ماڻهن ترقي ڪري زريءَ ۽ پرت جو رواج بہ وڌو هو. انگرکن پهرڻ جو رواج اتهاسن واري زماني ۾ پيو. تنهن کان پوءِ بہ مرد گهڻو ڪري ڌوتي ۽ چادر اوڍيندا هئا. ۽ ٻنهي ڪپڙن جي اڪثر مول وريل ڪانہ هوندي هئي.

زيور. مهن جي دڙي واري زماني، توڙي رگ ويد واري زماني ۾، زالون ۽ مرد عام طرح زيور پائيندا هئا. اج بہ ڪيترا ڪڇي، مارواڙي ۽ ٻيا مرد ڳچيءَ ۾ چانديءَ يا سون جي هسني، ڪنن ۾ واليون يا ڪيوٽيون ۽ ٻانهن تي پٽو پهرين ٿا. مندرين ۽ ڇلن پائڻ جو رواج تہ عاملن توڙي پائيبندن ۾ بہ عام آهي. اڳي بہ ائين هو.

هن وقت جيئن سونيون گينيون ۽ ڊالر آهن، تيئن رگ ويد واري زماني ۾ بہ سونا سڪا هوندا هئا، جي "نِشڪ" (Nishka) سڏبا هئا. اِنهن جو وزن هڪجيترو نہ هوندو هو، پر عام طرح منجهن سورهن ماسا يا سوا تولو کن سون هوندو هو. جيئن هن وقت ڪي زالون گينين جا هار پائين ٿيون، تيئن اڳي نِشڪن جو هار پائينديون هيون، جو چاتيءَ تي پيو لٽڪندو هئن، تنهنڪري اهو چاتيءَ توڙي ڳچيءَ جو گهڻو سڏيو ويو آهي. عام طرح اهو "نِشڪ گريو" (Nishka Griva) يعني گلي جو نِشڪ سڏبو هو (منڊل پنجون، ١٩، ٣). ٻيو هڪ زيور دريءَ يا لُڪريءَ وانگر هوندو هو، جو چاتيءَ تي پيو لٽڪندو هون. اهو "رُڪم" (Rukma) سڏبو هو (منڊل پهريون، ١٦٦، ١٠، منڊل چوٿون، ١٠، ٥ ۽ منڊل پنجون، ١، ٥٤، ٥). سنڌي لفظ "سونارو" اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "سُورن ڪار" معني سون جو ڪم ڪندڙ، پر سنسڪرت ۾ سوناري کي "رُڪم ڪارڪ" بہ چئبو آهي، جنهن جي اکري معني آهي "رڪم جوڙيندڙ". پانئجي ٿو تہ رڪمن جو رواج نهايت عام هوندو هو، جنهنڪري ڪي سونارا رڳو رڪمن جوڙڻ جو ڪم ڪندا هئا. زالون ڪنن ۾ سونا ڳن يا دُرَ پائينديون هيون، جي "ڪرن

شوين" يعني "ڪنن جي سونهن" سڏبا هئا. مرد پنهنجي پيشانيءَ تي سهرا يا هار ٻڌندا هئا. جي گلن يا زريءَ جا ٺهيل هوندا هئا. اهي "سرج" (Sraj) سڏبا هئا. اهي سهرا شايد وهانءُ مهل يا ٻين ڪن خاص موقعن تي ٻڌندا هئا. جو نشڪن ۾ سرجن جوڙيندڙن ڪي اونو ٿيندو هو. ته مالڪن ڪي وقت سر جوڙي ڏيون. ته سک سان رهجي اچي نه ته تيستائين ننبد ڦٽي پوندي هين (منبل ائون. ٤٧. ١٥).

رگ ويد ۾ ڪيترن هنڌ موتين ۽ قيمتي پٿرن جو ذڪر آهي (منبل پهريون. ٣٥. ٣. ۽ منبل ڏهون. ٦٨. ١). موتين جا هار ماڻهو پاڻ ته پائيندا هئا. پر گهوڙن کي به موتين جون ڪنٺيون پائيندا هئا (منبل ڏهون. ٦٨. ١). "مڻي" يا جواهرن جو ذڪر منبل پهرين. (٣٣. ٨) ۾ آهي. انهيءَ ساڳئي منبل (١٢٢. ١٤) ۾ "مڻي گريو" (Mani – Griva) لفظ ڪم آيل آهي، جنهن مان سمجهجي ٿو ته مڻين جو هار ڳاهي ڳچيءَ ۾ پائيندا هئا. گهوٽ پرڻجڻ ويندو هو. ته سونا ڳهڻا پائي ويندو هو. ۽ سرهو پاٽي ۾ تيل قليل ڪم آڻيندو هو (منبل پنجون. ٦٠. ٣).

وارن جي ناهه نوهه. رگ ويد واري زماني ۾ زالون پنهنجن وارن جي ناهه نوهه علحدي علحدي نموني ڪنديون هيون. ڪي وار ڳُتي، چار چوٽيون ڪنديون هيون. جي پٺيءَ تي پيون لٽڪنديون هين (رگ ويد. منبل ڏهون. ١١٤. ٣). ڪي "اوپش" ناهينديون هيون. يعني پيشانيءَ وٽ وارن جون گهنڊيون بيهارينديون هيون (منبل پهريون. ١٧٣. ٦. ائون. ١٣. ٥. نائون. ٧١. ١ ۽ ڏهون ٨٥. ٨). ڪي زالون پنهنجا وار پنهنجيءَ ٽِپڻ تي اهڙيءَ ريت ويڙهينديون هيون. جو چڻ ته ڪا پاٿ يا سينهوُڙي مٽي تي رکيل اٿن. ڪي وري وارن کي ويڙهي. ٽِپڻ وٽ اُبو ۽ سڱ وانگر ڇهنبدار ڪنديون هيون. وارن جي ناهه نوهه جا اهي نمونا اَترو ويد جي منبل ڇهين. (٢٣٨) م به ڄاڻايل آهن. منبل چوٿين ۾ ته ائين به چيل آهي ته زالون وارن ۾ گل اٽڪائينديون هيون. مرهٽن جون زالون اڄ تائين وارن ۾ گل اٽڪائينديون آهن ـ هنن کي ڏسي، سن ١٩٢٥ع کان وٺي ڪيتريون سنڌي ڇوڪريون به اِئين ڪرڻ لڳيون آهن. مطلب ته رگ ويد واري زماني جو رواج وري هينئر چالو ٿيو آهي. مصنف جي سانير ۾ عام

رواج هيءِ هوندو هو تہ زالون چوٽيءِ جون ٽي ويڙهيون ڪري، اُهي ڳتي، يڪي چوٽي ڪنديون هيون، ۽ سينڌ سنئين ڪڍنديون هيون. تورڙن ورهين کان ڏنگي سينڌ ڪڍڻ، ۽ وارن کي علحدي علحدي نموني بيهارڻ جو رواج عام ٿيو آهي، پر انهيءَ ڳالهہ ۾ اسان جون ڇوڪريون اڪثر پارسياڻين ۽ مڊمن سان ريس ڪن ٿيون.

مردن مان ڪي وڏا ڏگها وار رکندا هئا، تہ ڪي ڪترائيندا هئا. وشت منيءَ جي ڪُل وارن جا وار ڏگها هوندا هئا. (رگ ويد، منڊل ستون، ٣٣، ١)، ۽ اهي مٿي جي ساڄي پاسي ويڙهي، ڳنڍ ڏيئي ڇڏيندا هئا. جيئن هن وقت جوڳي ڪندا آهن. ڪي ڏاڙهي رکائيندا هئا، تہ ڪي ڪوڙائيندا هئا (رگ ويد، منڊل ڏهون، ١٣٢، ٣). اِندر ديوتا جي نالي چيل آهي تہ هو ڏاڙهيءَ سان هو. (منڊل ڏهون، ٢٣، ١-٣). اڳي سنڌ ۾ ڏاڙهيءَ رکڻ جو رواج عاملن ۾، ۽ ڏاڙهي ڪوڙائڻ جو رواج ڀائيبندن ۾ عام هو. تورن ورهين کان ڏاڙهيءَ ڪوڙائڻ جو رواج عاملن ۾ گهڻو زور ٿيو آهي. ڪي تہ مڇون بہ ڪوڙايو ڇڏين. اهو مڇن ڪوڙائڻ جو رواج ويجهڙائيءَ ۾ صاحب لوڪن کان سکيا آهن.

راڳ ۽ وڄائڻ جا ساز. انسان پنهنجي ذاتي سُپاءَ ڪري شاعر آهي، ۽ راڳ سندس روح ۾ اَدِ کان سمايل آهي. "راڳ" لفظ جي اصل معنيٰ ئي آهي "موج يا روح جو ريلو". راڳ نهايت دلپذير شيءِ آهي، ۽ منجهس جادوءَ جهڙو اثر آهي، جنهنڪري نہ رڳو ماڻهو، پر مِرون بہ موهيو ڇڏي. نانگ بہ مرليءَ تي ريجهي ٿو. اهڙيءَ طاقت ۽ اثر وارو هنر اول سنڌو ماٿر ۾، خاص ڪري پنجاب ۾ (!) شروع ٿيو. اڄ تائين چوٽي آهي تہ "راڳ پنجاب ۾ ڄائو ۽ تر ۾ مُئو". تري ماڻهن کي راڳ جي گهٽي سنڌ ڪانهي.

آڳاٽن آرين مان ڪيترا سنڌو نديءَ جي ڪناري تي وهندا هئا، ۽ منيءَ للڪار سان ويدن جا منتر اُچاريندا هئا - ويدن جون رچائون خود ڄاڻائين ٿيون تہ ونن راڳ جو قدر گهڻو هو.* آڳاٽن آرين جو ڪن سدائين قدرت ڏي مائل هو، ۽ خود قدرت مان ڪين اَنهد جو آلاپ ٻڌڻ ۾ ٿي آيو، جنهن جون پلٽون اُپنشدن ۾ پلٽيون اٿن.

---

* Cambridge History of India, I, 103.

اَٽ نئي پهر وڃي تي، مرلي من موهن جي،
ٻڌي ٻن ڪنن سان، سامي ڪين رهي،
توڙي پران تجي، تان پيي ڏن ڏيان ۾.

آڳاٽن هندن راڳ ۾ ڏينهون ڏينهن حيرت جهڙي ترقي ڪئي. هندو ماڻهو ورهيه ۾ ڇهه رُتيون ليکيندا آهن. هرهڪ رُت يا موسم لاءِ خاص راڳ رٿيائون. انهن ڇهن راڳن جا نالا ڀيروَ هندول، ميگهه، سريراڳ، ديپڪ ۽ مالڪوس آهن. راڳن کي تمثيلي طرح ديوتائون ڪري سڏيائون. هرهڪ ديوتا جي نالي جاٽايائون ته ان کي پنج ڀاريائون (زالون) ۽ اٺ پٽ آهن. انهن زالن کي راڳڻيون ڪري ڪوٺيائون. راڳن ۽ راڳڻين کي مجسم (Personify) ڪري هرهڪ جي دلڪش تصوير سندس مضمون موافق ڪڍيائون. مثلاً ڀيروَ کي شِو ڀڳوان وانگر تي اکيون آهن. پيشانيءَ تي چنڊ پيو چمڪيس، جٽائن مان گنگاندي پيئي وهيس، مٿي تي واسينگ نانگ ويڙهيل اٿس ۽ ڳچيءَ ۾ کوپرين جي ڪنٺي پيل اٿس. هندول سوني هندوري ۾ پيو لڏي. سندس چوگرد ڪيتريون اپڇرائون بيٺل آهن، جي هندورو پيئيون لوڏين ۽ راڳ پيون ڳائين.

ميگهه لفظ جي معنيٰ ئي آهي ڪڪر ۽ انهيءَ مان سنڌي لفظ "مينهن" (برسات) نڪتو آهي. ميگهه جو ورن ڪارو آهي، پيلي پوشاڪ اٿس، هٿ ۾ تکي ترار اٿس، ۽ ڪڪر تي سوار آهي. عام طرح ائين چوندا آهن، ته ميگهه راڳ کي پوريءَ وڏيءَ سان ڳائي، ته اُمالڪ اچي مينهن پوي (!)

سريراڳ هڪ سهڻو جوان آهي. اڇي پوشاڪ پيل اٿس، لعلن ۽ بلورن جي ڪنٺي گلي ۾ اٿس، ۽ هٿ ۾ ڪنول گل جهليو بيٺو آهي.

"ديپڪ" لفظ اهو آهي، جنهن مان سنڌي لفظ "ڏيئو" نڪتو آهي. ديپڪ کي باهه وانگر چمڪاٽ ڪندڙ ڪپڙا پهريل آهن. پيشانيءَ مان آگ جا اُلا پيا نڪرنس، ۽ هڪ مست هاٿيءَ تي سوار آهي. چوندا آهن ته ڏيئي ۾ تيل ۽ وٽ وجهي، ڪو پوريءَ وڏيءَ سان ديپڪ ڳائي، ته ڏيئو پاڻمرادو ٻري پوي (!) ڪي ته ائين به چون ته اهو راڳ ڪو پوريءَ وڏيءَ سان ڳائي، ته

آگ جون اُليلون سندس اندر مان نڪري خود ڪيس جلائي پورو ڪن (!)

مالڪوس هڪ ڏٺو متو جوان آهي. منهن مان رت پيو ڇٽيس، اکيون نشي ۾ مخمور اٿس، ۽ هٿ ۾ لٺ اٿس ـ لباس سندس نيلو آهي، ۽ ڳچيءَ ۾ موتين جي مالا پيل اٿس.

قديم يونانين ۾ ائين راڳن کي مجسم ڪيو آهي. ايترو آهي ته سيڪنهن ملڪ يا قوم جي ڳائڻ جو نمونو پنهنجو پنهنجو آهي. انگريزي راڳن مان ڪن کي مزو ايندو ته ڪن کيّ نه به ايندو. ساڳيءَ ريت هندستان جو راڳ به ڪن کي وڻندو ته ڪن کي نه وڻندو باقي هرهڪ قوم کي پنهنجو پنهنجو راڳ نهايت پسند پوي ٿو. هرهڪ قوم ۽ ملڪ ۾ راڳ جا وڏا وڏا استاد ٿي گذريا آهن. هندستان ۾ اهڙن وڏن استادن مان تانسين نهايت ناميارو گويو ٿي گذريو آهي.

پنجاب ۽ سنڌ جا آڳاٽا رهاڪو سازن وڄائڻ ۾ به پڙ هوندا هئا. ساز ڪٿي "سامَن" ڳائيندا هئا، جي الاهي محبت لڳا راڳ هوندا هَئا ـ ڪي "گاٿا" ڳائيندا هئا، جنهن جو اُچار سنڌيءَ ۾ آهي "ڳاهه". سنڌ ۾ جڏهن ڪٿي ڀڳت وجهندا آهن، تڏهن ڪنهن قصي يا ڪهاڻيءَ ڪٿندي، وچ ۾ ڪي بيت سُرَ سان چوندا آهن، جن کي "ڳاهون" چئبو آهي.

جنهن صورت ۾ اهو ويدڪ لفظ آهي، تنهن صورت ۾ ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو ته اهو ڳاهن ڏيڻ جو دستور نهايت قديم زماني جو آهي. ڳاهن ڏيندڙ کي "گاٿِن" چوندا هن. پانئجي ٿو ته گهڻا ڄڻا گڏجي ڳاهون ڏيندا هئا، يا هڪڙو ڳاهون ڏيئي بس ڪندو هو، ته پيو شروع ڪندو هو. جيڪو اول ڳاهون ڏيندو هو، سو "گاٿاني" يعني ڳاهه هلائيندڙ يا شروع ڪندڙ سڏبو هو (رگ ويد، منڊل پهريون، ١٩٠، ١، ۽ منڊل اٺون، ٩٢، ٢). ڳاهن ۾ جيتوڻيڪ ڌرمي ڳالهين بابت مضمون هوندو هو، ته به اهي ويدن جي رچائن ۾ شمار ٿيل نه آهن (انتريه براهمڻ ٧، ١٨). ڪن رشين کي راجائن وٽان دان ملندا هئا، ته اهي سندن سخائن بابت راڳ چوندا هئا. اهي "دان اُستتيون" يا سخا جون ساراهون سڏيون وييون آهن، جنهنڪري اهو "مديحي شعر" (Panegryic Poetry) چئبو. سوم رس آگرين سان نپوڙڻ

مهل ست زالون گڏجي سوم رس جي ساراهہ بابت گيت ڳائينديون هيون (منڊل نائون، ٦٦، ٨). اهي گيت بہ مديحي شعر جي دفعي ۾ ليکبا. رگ ويد جي ڪن رچائن ۾ جنگين جو ذڪر آهي. اهي رچائون "رزمي شعر" (Epic Poetry) جي دفعيَ ۾ ليکبيون. ڪن رچائن ۾ وهانءِ وڌاڻ ۽ بين ڳالهين جا بيان آهن. اهي بيانيٰ شعر (Descriptive Poetry) جي دفعي ۾ ليکبيون. اهڙيءَ ريت ويدن جي رچائن کي سندن مضمون پٽاندر جدا جدا دفعن يا طبقن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. انهيءَ قديم رواج پٽاندر سنڌيءَ جو هاٹوڪو شعر بہ جدا جدا مضمونن بابت آهي، ۽ ان جي ڳائڻ جو شوق سڄيءَ سنڌ ۾ آهي. سکر ضلعي ۾ اهو شوق گهٹو آهي، تنهن ۾ بہ شوقين شهر شڪارپور راڳ توڙي سازن وڄائڻ جي هنر ۾ برک آهي.

آڳاٽا لوڪ جنگ مهل، توڙي صلح سانت جي وقت ۾، هڪ قسم جو دُهل يا پيپر (نغارو) وڄائيندا هئا. جنهن کي "دُندُڀي" (Dundubhi) چوندا هئا (منڊل پهريون، ٢٨، ٥، ۽ ڇهون، ٤٧، ٢٩- ٣١). ٻيو هڪ وڄائڻ جو ساز مرليءَ وانگر هئن، جنهن کي "ڪرڪري" (Karkari) ڪوٺيندا هئا (منڊل ٻيو، ٣٥، ١٣). ويٹا بہ وڄائيندا هئا (منڊل پهريون ٨٥، ١٠). رگ ويد جي منڊل ڏهين، (١٣٦، ٢) ۾ "آگهاٽي" لفظ ڪم آيل آهي. پروفيسر مئڪڊونيل ۽ ڪيٿ ڄاڻايو آهي تہ ناچ مهل ڪنجهون وڄائيندا هئا، تن کي آگهاٽيون چوندا هئا، پر شاين آچاريہ، جنهن ويدن جي ٽيڪا لکي آهي، تنهن جي خيال موجب اهي ويٹا هئا، جن مان جدا جدا قسمن جا سُر ڪيندا هئا. هي سڀ ڳالهيون ڄاڻائين ٿيون تہ سنڌو ماتر جي قديم رهاڪن وٽ چڱي گمت لڳي پيئي هوندي هئي.

ناچ. سنسڪرت لفظ "نِرتيہ" جوَ اُچار سنڌيءَ ۾ ڦري ٿيو آهي "ناچ". رگ ويد واري زماني ۾ زالون توڙي مرد ناچ ڪندا هئا، پر اهڙي ڪا ثابتي ڪانهي، جنهن مان سمجهجي، تہ ٻئي گڏجي نچندا هئا. شري ڪرشڻ نديڙي هونديَ گوپين سان راس ليلا ڪئي هئي، تنهن مان سمجهجي ٿو تہ ڇوڪرين ۽ زالن جي ناچ ۾ فقط نديڙا ڇوڪرا شامل ٿي سگهندا هئا. رگ ويد جي منڊل پهرئين، (١٠، ١) ۾ ڄاڻايل آهي تہ بانس

جون ڪانيون اُپيون جهلي، ناچ ڪندا هئا. پانئجي تو تہ جيئن گجرات ۾ چوڪريون ۽ زالون ڏوُنڪا هٿ ۾ جهلي "گربو" ڪن ٿيون، تيئن اڳي بہ ڪندا هئا. ناچ ڪندڙ مرد کي "نرت" (nrta) (نٽُ)، ۽ ناچ ڪندڙ عورت کي "نرتو" (nrtu) سڏيندا هئا. منڊل پهرين (٩٢، ٤) ۾ شايد ڪنهن بازاري ناچ ڪندڙ عورت جو ذڪر آهي - جو چاٽايل آهي تہ "ڪيس پرت پريل وڳو پهريل هوندو هو، پر پين جي ڏيان ڇڪڻ لاءِ پنهنجي ڇاتي اُگهاڙي ڪندي هئي". ڇگن خاندانن جون زالون ائين بيشرميءَ سان ناچ نہ ڪنديون هيون - جو منڊل ائين، (١٧، ٧، ٢٦، ١٣) ۾ چاٽايل آهي تہ "زالون پاڻ کي چڱيءَ ريت ڍڪي، پوءِ پين جي اڳيان ايندڀون هيون." رگ ويد ۾ هيئن بہ لکيل آهي تہ "زالون ۽ ڪنواريون چوڪريون چگا خاصا ويس وڳا ڪري محفلن ۾ ويندڀون هيون، ۽ جڏهن پنيون ۽ پيلا ساوڪ سبزيءَ ڪري خوشنما نظر ايندا هئا، تڏهن چوڪريون ۽ چوڪرا اوڏهين وچي ناچ ڪندا هئا. چوڪرا ۽ چوڪريون هڪٻئي جو هٿ جهلي، راس وجهنديون هيون يا چڪلي يا چيڪلي پائينديون هيون، تہ پُونءِ پيئي پٽڪات ڪندي هئي. اوڏيءَ مهل جيڪا لٽ اُٿندي هئي، سا انهن ماڻهن کي ويڙهي ويندي هئي، جي موج مان اُتي اَچي مِڙندا هئا. اوڏيءَ مهل ڪنجهون يا جهانجهہ بہ پيا وڄندا هئا."*

پينگهہ. مرد، زالون ۽ پار دل ڪري پينگهن ۾ بہ لڏندا هئا، جو اها بہ سندين هڪ وڏي وندر هوندي هئي (منڊل ستون، ٨٧، ٥، ٨٨، ٣). اڄ بہ ٻهراڙين ۾ ڪيترا ٻار ٻلڪ وڏا ڪنهن وڻ ۾ نوڙيءَ ٽڪر پينگهہ وانگر ٻڌي، ان ۾ لڏندا آهن.

ميلا ۽ جلسا. آڳاٽا لوڪ کي ميلا، محفلون ۽ جلسا ڪندا هئا، جن ۾ زالون ۽ مرد دل وندرائڻ لاءِ وڃي ڪٺا ٿيندا هئا (رگ ويد، منڊل پهريون، ١٢٤، ٨، منڊل چوٿون، ٥٨، ٨، منڊل ڇهون، ٧٥، ٤، ۽ منڊل ستون، ٢، ٥). ڪي پنهنجي ڪنهن هنر ظاهر ڪرڻ لاءِ، تہ ڪي پنهنجيءَ ڪمائيءَ لاءِ، ايندا هئا. ڪوي يا شاعر پنهنجي نالي ڪڍڻ لاءِ اتي ويندا هئا (منڊل ٻيو، ١٦، ٧ ۽ منڊل نائون، ٣٩، ٤٧)، ڪي تير اندازيءَ ۾ انعام کٽڻ لاءِ تير

* Kaegi: The Reg Veda, p. 19.

ڪمان ڪٽي ايندا هئا. (منڊل ڇهون، ٧٥. ٣ـ ٥). ڪي ڪُشتي لڙندا هئا. (رگ ويد، منڊل ٽيون، ٢٠، ٢٠). گهوڙن جون شرطون بہ ٿينديون هيون، (منڊل نائون، ٩٦، ٩). اهڙن جلسن يا ميلن هلندي رات گذري ويندي هئي، ۽ ٽان صبح اچي ٿيندو هو. (منڊل ٻهريون، ٣٨، ٦). جوان ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا اُتي هڪ ٻئي سان لهہ وچڙ ۾ ايندا هئا. ۽ ڇوڪريون پنهنجي لاءِ اتي مڙس چونڊي هٿ ڪنديون هيون. (رگ ويد، منڊل ستون، ٢، ٥، ۽ اٿرو ويد. منڊل ٻيو، ٣٦، ١). اهڙن موقعن تي ڪسبياڻيون پنهنجيءَ ڪمائيءَ لاءِ ويديون هيونہ (رگ ويد، منڊل چوٿون، ٥٨، ٨). اهڙا جلسا اڄ تائين اتر هندستان ۾، خاص ڪري سولن ۽ سبيءَ ۾ ٿيندا آهن، جن ۾ زالون جججهي تعداد ۾ اچي ڪٺيون ٿينديون آهن. انهن ميلن مان ٻوءِ هڪ وڏي خرابي پيدا ٿي ـ ويجهڙائيءَ ۾ سبيءَ وارن ميلن ۾ زالن کي قطارون ڪري ٻيهاريندا هئا. ۽ جيڪو انهن لاءِ چڱو واڪ ڏيندو هو، تنهن کي اهي زالون "تين وار" ڪري ڏيندا هئا. ويدن واري زماني جي "سمن" (Samana) ۾ ڇوڪرين کي رڳو پنهنجي لاءِ گهوٽ ڳولڻ جو وجهہ ملندو هو، پر ٻوءِ هن ريت زالن جو وڪرو ٿيڻ لڳو، تہ ڏيهي حاڪمن مڙسي ڪري اها بدرسم بند ڪرائي.

<u>گهوڙي سواري ۽ گهوڙن جون شرطون.</u> رگ ويد واري زماني ۾ سنڌ جو ڀرڳٽو پنهنجن ڀل ڀلوڙ گهوڙن ڪري نهايت مشهور هوندو هو. (منڊل ڏهون، ٧٥، ٨). عام طرح ماڻهو گهوڙي تي سواري ڪندا هئا. جنگ مهل رٿن (گاڏين) ۾ گهوڙا ٻڌندا هئا. رٿن جي مٿان ڪلن جا ڍڪ هوندا هئا، جيئن هينئر ڏمڻ اڪثر چم جي نهيل ٿئي ٿي. جنگي جوڌن جي سواريءَ لاءِ گهوڙا ڏار هوندا هئا، جي واچوڙي وانگر اُڏامندا ويندا هئا. دل وندرائڻ لاءِ گهوڙن جون شرطون ۽ رٿن جون شرطون ٻجائيندا هئا. رگ ويد جي منڊل چوٿين، (٢٣، ٩) ۽ منڊل ڏهين، (١٥٦، ١) ۾ "آجہ" (Aji) لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي هڪڙي معنيٰ آهي "ڊوڙ ٻجائڻ جي شرط" ۽ ٻي معنيٰ آهي "شرط جو ميدان". اهي ميدان نهايت ڪشادا هوندا هئا. ۽ انهن جو مفاصلو ماپي ڇڏيندا هئا. (منڊل انون، ٨٠، ٨). شرط کٽيندڙ کي "ڌن" (انعام) ملندو هو. (منبل ٻهريون، ٨١، ٣)، منڊل ڇهون، ٣٥، ١، ۽ منڊل

ائون، ٨٠، ١). شرط جي ميدان ۾ جن گهوڙن کي ڊوڙائيندا هئا، تن کي ڏوئي ڏمالي چڱيءَ طرح سينگاريندا هئا. (منڊل ڇهون، ٣٤، ٣. منڊل نائون، ١٠٩، ١٠، ۽ منڊل ڏهون، ٦٨، ١). رٿن ۾ اڪثر گهوڙيون ٻڌندا هئا. ۽ اهي نهايت ڦليون هونديون هيون. جيڪب آباد ۽ تلهار ۾، جن گهوڙن جو نماءُ ڏنو هوندو، تن کي چڱيءَ ريت سڌ هوندي ته هن وقت به سنڌ ۾ ڦلن گهوڙن ۽ گهوڙين جي اٿاٽ ڪانهي. اڳي راجائون رشين کي گهوڙا ۽ گهوڙيون به دان ڪندا هئا، جنهنڪري رگ ويد ۾ رشين سندن ساکون ڪيون آهن.

ڏاري راند. آڳاٽن لوڪن جي عام طرح وندر هئي ڏاري راند. انهيءَ راند جو شوق اڄ تائين اسان جي ڪيترن ماڻهن ۾ هليو اچي. اڳي اوطاقون گهڻيون هونديون هيون، جن ۾ ڏاري راند ڪندا هئا. هينئر ڪي مڙهين ۽ تڪاڻن کي اوطاقون بنائي ويٺا آهن، جتي چلم جو ٻرڪو ۽ ڏاري جو ٽڙڪو ڏينهن رات ٻڌڻ ۾ پيو اچي، ۽ صافو به سُڪڻ ڪونه ڏين.

ويدڪ زماني ۾ جوا جون ٽِڪريون عام هونديون هيون، جن ۾ جوارين لاءِ شراب ۽ ڪباب جو بندوبست به رکيل هوندو هو (اٿرو ويد، منڊل ڇهون، ٧٠، ١).

سنسڪرت ۾ ڏاري کي چئبو آهي "اَڪش" جنهن جي ٻي معنيٰ "اک" به آهي. هن وقت جيڪي ڏارا عام طرح ڪم اچن ٿا، سي عاج جا ٺهيل آهن، ۽ انهن تي انگن جا نشان اک جي نموني نڪتل هوندا آهن. اتهاسن واري زماني ۾ عاج جا ڏارا هوندا هئا، جن ۾ دغابازي ڪري شيهو ڳاري وجهندا هئا، ته ڏارا اهڙيءَ طرح ليٽن جو داءُ ڪٽي سگهجي. رگ ويد جي منڊل ستين، (٨٦، ٦)، ۽ منڊل ڏهين، (٣٤، ١) ۾ ڏارن لاءِ "ويبيتڪ" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جو اُچار سنڌيءَ ۾ آهي "ٻهيڙو". آؤرا، ٻهيڙا ۽ هريڙون، انهن ٽنهي کي گڏي "ترڦلو" (اطريفل) چئبو آهي. هن مان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته اڳي ٻهيڙن جون ککڙيون ڏارن طور ڪم ايندڙيون هيون. اهي ککڙيون رنگ جون ڀوريون ٿين ٿيون، تنهنڪري رگ ويد ۾ ڏارن لاءِ "ٻڀُرو" (ڀورو) لفظ به ڪم آيل آهي.

هن وقت ڏاري راند ۾ ٽي ڏارا ڪم اچن ٿا، ۽ هرهڪ تي انگ نشان ٽيل هوندا آهن. پروفيسر مئڪڊونيل ۽ ڪيٿ ڇاٽايو آهي ته "ڏارن تي

انگ نشان ٽيل ڪين هوندا هئا. جنهنڪري ڪنڻ ۽ هارائڻ جي سڌ ڏارن (ڪڪڙين) جي تعداد مان پوندي هئي".* رگ ويد ۾ "ترپنچشھ" لفظ ٻه ڪم آيل آهي، جنهن جي اکري معنيٰ آهي "ٽڪو پنجو". ڪن يورپي عالمن ان جي معنيٰ ڪئي آهي "پندرهن" ته ڪن ڪئي آهي "ٽيونجاهه". رگ ويد جي منڊل ڏهين، (٣٤، ١٨) مان ٻه ايترو ظاهر آهي ته گهڻا ڏارا (گهڻيون ڪڪڙيون) گڏي اُڇليندا هئا. اها راند ڪيئن ڪندا هئا، تنهن جو پورو پتو رگ ويد مان ڪونه ٿو پوي. باقي "آڌيديون" (Adhidevana) لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي اکري معنيٰ آهي "جنهن تي راند ڪجي". هيو لفظ "ديوان ايرڻ" (Devana Irina) ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ "جوا جي ٽڪري" به ٿي سگهي ٿي. ڊاڪٽر اناباش چندر داس چاٽايو آهي ته زمين ۾ ٽوري کڏ کوٽيندا هئا، جنهن کي انهن نالن سان سڏيندا هئا.+ هن موجب چئبو ته اها هڪ گولين راند هئي، جنهن لاءِ زمين ۾ "سچ" کوٽيندا هئا. ڪي يورپي عالم انهن لفظن جي معنيٰ ڪن ٿا "ڏاري راند لاءِ تختو". هن مان وري ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته ڪپڙي جي ٿهيل چوپڙ تن ڏينهن ۾ ڪانه هئي، پر ڪا ميز هوندي هئي، ۽ انهيءَ ميز ۾ ڪا کڏ هوندي هئي، جنهن ۾ ڪڪڙيون ائين وجي پونديون هيون، جيئن "بليئرڊ" راند ۾ گولا وجيو ڪپڙي جي کوترين ۾ پون ٿا.

رگ ويد مان ايترو ظاهر آهي ته انهيءَ راند جو اُصول اِڪيءَ ٻڌيءَ تي ٻڌل هو، ۽ ٻڌيءَ وارو کٽندو هو. جيڪي ڪڪڙيون "سچ" ۾ وڃي پونديون هيون، تن مان جيڪڏهن "چونڪ" (چار چار داڻا) نهندا هئا، ته اهو "ڪرت" (Krta) سڏيندا هئا. جيڪڏهن ٽيڻ (ٽي داڻا گڏ) نهندي هئي، ته انهيءَ کي "تريتا" ۽ "ٻِڻ" (ٻه داڻا گڏ) کي "دواپور" سڏيندا هئا. جيڪڏهن "سچ" ۾ ڪنهن جو داڻو ئي هڪڙو پوندو هو ته اهو داڻو "ڪلي" (Kali) ڪوٺبو هو. راند اهو کٽندو هو، جنهن جا "ڪرت" (چوڪ) پوندا هئا، ۽ هڪ داڻي گهٽ پوڻ تي هارائيندا هئا (منڊل پهريون، ٣١، ٩). راند ۾ جيڪو هٽ اڇليندا هئا، تنهن کي "گرهه - گرڀ" ڪوئيندا هئا.

* Vedic Index, I, p.4.
+ Dr. A.C. Das: Reg Vedic Culture, p. 229.

(منبدل ائون. ٨١. ١. ۽ نائون. ١٠٦. ٣). راند پوري ٽيڻ کان پوءِ اهي ڏارا (ککڙيون) ڪنهن دٻلي ۾ ڍڪي رکندا هئا. ۽ اهو دٻلو "اَڪش وِپَنَ" (Aksa – Vapana) سڏبو هو. يعني جنهن ۾ ڏارا يا ککڙيون اڇلي وجهجن. راند ۾ جيڪو داءُ رکندا هئا، تنهن کي "وج" (Vij) چوندا هئا. انهيءَ جوا ۾ گهڻن جا خانا خراب ٿيندا هئا. جوا ۾ ڏن ۽ چوپايو مال تہ هارائيندا هئا، پر وقتي پنهنجون جويون بہ هارائيندا هئا! ماڻهن کي اها جوا جي چوس ڪيتري قدر هوندي هئي، ۽ انهيءَ چوس جي ڪري سندن ڪهڙا حال ٿيندا هئا، تنهن جا جگر ڏاريندڙ احوال اتهاسن مان ملن ٿا. نل دمينتيءَ جو دلسوز قصو پڙهو. مهاڀارت ۾ بہ ڏسو تہ راجا يڌشٽر جهڙي ڌرماتما پرش جوا ۾ پنهنجي راڄائي تہ وڃائي، پر دروپدي بہ هارايائين! پر اها بہ ٿي پوءِ جي ڳالهہ. خود ويدڪ زماني ۾ ئي جوارين جو ڪهڙو حال هوندو هو، سو هتي رگ ويد مان ڇاڻائجي ٿو، تہ هن وقت جيڪي جوا ڪن ٿا، انهيءَ مان سبق سکن.

جواريءَ جو ارمان. هڪ جواريءَ، جوا ۾ پنهنجو خانو خراب ڪري، بلڪ پنهنجي جوءِ کان جدا ٿي پوءِ جيڪو ارمان ظاهر ڪيو آهي، سو رگ ويد جي منبدل ڏهين، (٣٤) ۾ هن ريت ڇاڻايل آهي:

"ٻهيڙن مان پيدا ٿيل (ڏارا) جيئن ولٽندا وڃن، تيئن منهنجي دل کي خوشي پيني ٿئي، اهي ڏارا مون کي ائين ٿا هرڪائين، جيئن سوم رس تي ماڻهو هرکي وڃي".

"منهنجيءَ زال مون سان ڪڏهن جهيڙو جهٽو ڪونہ ڪيو، نڪي ڪڏهن مون کي ڌڪاريائين، پر ڏاري راند سان دل رکي، مون پنهنجيءَ وفادار زال کي هڪالي ڪڍيو آهي".

"پنهنجيءَ سس کي مان ڏنو نٿو وڻان، ۽ منهنجي زال هينئر مون کي پاڻ وٽ اچڻ نٿي ڏئي، تنگيءَ جي مهل جواريءَ جي دل کي ڪو دلاسي ڏيڻ وارو ڪونهي".

"جهڙيءَ ريت گهوڙي جي ٻُني ڳاٽ سبب ڦٽي پيني هوندي آهي، ۽ ڪيس ڪابہ فرحت ڪانہ هوندي آهي، تهڙيءَ ريت جواريءَ جي دل کي انهيءَ کان وڌيڪ فرحت ڪانهي".

"جنهن ماڻهوءَ پنهنجو ڌن ڏاري راند ۾ وڃايو آهي، تنهن جي زال وٽ ٻيا مرد ڪيس هرکائڻ لاءِ وڃن ٿا. هن جو (جواريءَ) جو پيءُ، ماءُ ۽ ڀائر رڙ ڪري پيا چون ته "اسين سڃاڻونس به ڪونه. ٻڌي وٺي وڃوس".

"منهنجا سنگتي ساٿي مون کان پاڻ ڪيائي، مون کي ڇڏي ويا آهن، تنهنڪري پڻ به ڪريان ته وري ڏاري راند ڪونه ڪندس، پر جڏهن جواري ڀوُرا ڏارا اُڇلين ٿا، ۽ ڏارن جو کڙڪو ٺڙڪو ٿئي ٿو، تڏهن جوا جي ٽڪريءَ ڏي مان ائين وڪ کڻي وڃان ٿو، جيئن ڪا عورت پنهنجي آشنا ڏي وڃي".

"ماڻهو ڪهڙو به شوخ ۾ شوخ هوندو ته به ڏارا سندس غضب کان ڏڄي، سندس اڳيان ڪنڌ نتا جهڪائين، پر خود راجائون اچيو ڏارن جو سلام پرين ٿا".

"ڏارا ولٽندا ۽ هيٺ مٿي ٿيندا وڃن. ڪين هٿ ڪينهن، پر جن کي هٿ آهن، تن تي غالب پون ٿا."

"اهي ڏارا ٽانڊن جهڙا آهن، جي پاڻ جيتوڻيڪ ٿڌا آهن، ته به دل کي لهس ڏيو ڇڏين؟

"جواريءَ جي ڏتڙيل زال پريشان آهي، ۽ اهو ئي حال آهي انهيءَ ماءُ جو، جنهن کي سڌ ئي ڪانهي، ته پُٽس ويندو ڪيڏانهن آهي؟"

"جواريءَ تي قرض چڙهيل، ۽ ڪيس پئسي جو ڪپ، سو رات جو ڏڄندو ڪنبندو ٻين جي گهرن ڏي (چوريءَ ڪرڻ لاءِ) پيو وڃي؟"

"جواري جڏهن ڏسي ٿو، ته ٻيون زالون پنهنجن پنهنجن گهرن ۾ سکيون سهنجون آهن، تڏهن پنهنجيءَ زال جا اَهالا حال ڏسي، سندس جان ٻيئي جلي، پر صبح جو وري به وڃي ڏارو جوٽي ٿو، ۽ رات جو جنهن وقت چلهہ جي باهہ اُجهامي وڃي ٿي، تنهن وقت تائين پاڻ به ڏتڙيل حالت کي وڃي پهچي ٿو."

"ڪڏهن به ڏاري راند نه ڪريو. کيتي ڪريو. جيڪا ملڪيت اٿو، تنهن تي راضي رهو، ۽ ائين سمجهو ته اها ڪافي آهي. پوڄڻ جوڳ سَوتر ديوتا (سورج ديوتا) مون کي ائين پيو چوي ته "اي جواري، اجهي هي تنهنجون ڳايون، ۽ اجها هيءَ آهي تنهنجي زال. انهن جي سنڀال ڪر".

هي مضمون نهايت نصيحت آميز آهي، ۽ ساڳئي وقت ڇاڻائي ٿو تہ جنهن رشيءَ جو اهو چيل آهي، تنهن انساني سياءَ جو پوريءَ ريت اڀياس ڪيو آهي.

جيئريءَ تي جيئري پرڻجڻ جو رواج. جوا جي علت ڪان سواءِ ٻي هڪ بڇڙي رسم جا اڄ تائين سڄي هندو جاتيءَ تي هڪ ڪوڙهہ جو ٽڪو آهي، سا آهي جيئريءَ تي جيئري پرڻجڻ جي رسم. هن بد رسم جو بنياد آهي ٻانهپ يا غلامي، جا خود هڪ بد رسم آهي. اڳي جنگ ۾ گرفتار ٿيل زالون ٻانهيون ڪندا هئا، ۽ اهي سندن ملڪيت هونديون هيون. گهڻين زالن پرڻجڻ جو رواج ائين پيو. رگ ويد واري زماني ۾ اڪثر ججهيءَ هوند وارا گهڻيون زالون پرڻبا هئا. (منڊل ستون ۱۸، ۷، ۽ منڊل ڏهون، ۹۵، ٦). ڪي گهڻ ذاتين وارا بہ ٻہ - ٻہ، ٽي - ٽي زالون پرڻبا هئا. جو گرفتار ٿيل زالون ڪامنديون بہ هيون. انهيءَ هوندي بہ وچولي درجي وارا ماڻهو گهڻو ڪري "ايڪ پتني وواهہ" يعني هڪ زال سان پرڻجڻ (Monogamy) پسند ڪندا هئا. جيئن ڪاڪشون رشي سنڌ جي راجا سونيہ ڀاويہ جون ڏهہ نياڻيون پرڻيو هو. گهڻين زالن پرڻجڻ ڪري گهر جنسي ڪرهن (جهيڙي) جو آکاڙو ٿيو پوي، تنهنڪري ڪيترن رشين جو عام طرح خيال هو تہ گهرو سک آهي ئي تڏهن، جڏهن مرد فقط هڪ زال پرڻجي ٿو. (رگ ويد منڊل ٽيون، ۵۳، ٦). ڪن اهو بہ اوچو آدرش اڳيان رکيو تہ فقط هڪڙي زال پرڻجي، ۽ رڳو انهيءَ سان ئي ناتو رکجي، ۽ ٻين کي ماءُ ڀيڻ جهڙو ڪري سمجهجي. انهيءَ سبب اڄ تائين چوڻي آهي تہ "ايڪ ناري سدا برهمچاري"، يعني جيڪو ماڻهو رڳو پنهنجيءَ هڪڙيءَ زال سان ورتي ٿو، سو گويا سدائين برهمچاري آهي. ماڻهن ۾ جيتوڻيڪ اهو نيڪ خيال عام بہ هو، تہ بہ "بهو پتني وواهہ"، يعني گهڻين زالن پرڻجڻ جي رسم (Polygamy) پوءِ بہ هلندي آئي. رامائڻ واري زماني ۾ راجا دسرٿ جي گهر ۾ ڀاڄيڻي اهڙي حالت پيدا ڪئي، جو خود پنهنجي مربي پٽ شري رامچندر کي چوڏهن ورهيہ بنواس پوڳايائين، ۽ سندس وڇوڙي ۾ پنهنجا پراڻ تياڳيائين! اهڙن مثالن هوندي بہ ماڻهن اها بد رسم نيٺ ڪانہ ڇڏي. هندن جي شاسترن ۾ گهڻين استرين پرڻجڻ کان روڪ ٿيل

ڪانهي. سرڪار هندن لاءِ جيڪو قاعدو جوڙيو آهي، سو سڄو هندن جي شاسترن ۽ روجن تي ٻڌل آهي، تنهنڪري جيئري ئي جيئري پرڻجڻ جي قاعدي موجب روڪ ڪانهي. انهيءَ هوندي به عام طرح گهڻا اها رسم ڏڪارڻ لڳا. جنهنڪري سنڌ ۾، توڙي ٻين ڪيترن هنڌ انهيءَ رسم تي ڪي بندشون وڌائون. ڪيترن ورهين کان عام رواج هيءُ آهي ته ڪو به ماڻهو هڪڙيءَ استريءَ هوندي ٻي اِستري تڏهن پرڻجي سگهي ٿو جڏهن:

(۱) اِستري ڇٽ ڇري هجي، ۽ سندس سنئين ٿيڻ جي اميد پتيءَ نه هجي،

(۲) ڪوڙهه يا ٻيو اهڙو ڪو نهايت خوفناڪ مرض هجيس. ۽ سندس ڇٽڻ جي اُميد ٻنهه ڪانه هجي،

(۳) استري سنڍ هجي. ۽ پتيءَ کي ٻي شادي ڪرڻ جي پاڻ موڪل ڏني، ۽

(۴) استري رڳو ڌيئون ٻيئي ڄڻيندي هجي، ۽ پتيءَ کي ٻي شادي ڪرڻ جي پاڻ موڪل ڏني، ته پلي ته ٻيءَ اِستري مان پٽر سنتان پيدا ڪري.

جنهن کي انهن چئن سببن مان ڪوبه سبب ڪونهي، سو هڪڙيءَ اِستريءَ هوندي ٻي اِستري پرڻجي نٿو سگهي.

پنچاتين اهڙيون بندشون وڌيون، تنهن کان پوءِ به ڪي ماڻهو نه رهيا. سنڌين پنچاتين مٿن مقدما داخل ڪيا، ته هنن هليءَ چليءَ جي برخلاف شادي ڪني آهي، تنهنڪري اها شادي رد ۽ باطل ٺهرائي وڃي. ڪي هڪ نه ٻيو سبب ڏيئي پاڻ ڇڏائي ويا، ته ڪن حالتن ۾ خود پنچاتين معافي ڏيڻ ضروري سمجهي. هاڻ ماڳهين اها ڪوشش هلندڙ آهي ته انهيءَ بد رسم کي قاعدي جي ڪاتيءَ سان رد ڪجي. هن لاءِ هڪ مسودو هند سرڪار جي قاعدي ساز ڪائونسل ۾ پيش ٿيو آهي. جيڪڏهن اهو بحال ٿيندو ته سڄي هندستان جي هندن جو انهيءَ ۾ پلو ٿيندو.

اولاد جو ماءُ جي نالي ٻنيان سڏجڻ. اڳي عام طرح راجائون، رشي ۽ ٻيا گهڻيون زالون پرڻبا هئا. ته انهيءَ رواج مان هڪ ٻيو رواج پيدا ٿيو، جو

هن وقت عجيب پيو لڳي. هن وقت هرڪو پنهنجي پيءُ جو اولاد سڏجي ٿو. پر اڳي هرڪو ماءُ جو اولاد سڏبو هو. جنهنڪري سمجهڻ سولو ٿيندو هو ته پيءُ جي ڪهڙي، ڙال مان پيدا ٿيل آهي. ڪاڪشون نالي هڪ رشي سنڌ جي راجا سوئيه پاويه جون ڏهه نيائيون پرڻيو هو. انهيءَ رشيءَ جي پيءُ جو نالو "دِرگهه تمس" (Drigha - Tamas) يعني "ڏِگهي اونده" هو. ۽ ماڻس جو نالو "اوشيج" هو. تنهنڪري رگ ويد ۾ ڪاڪشون رشي "اوشيج" يعني اشيج جو پٽ سڏيو ويو آهيَ. اهڙا مثال ٻيا به آهن. مثلاً: "انجنيه" معني "انجنا جا پٽ". اهو نمونو ديوتائن ۽ دنتن سان به لاڳو ڪيانون. مثلاً: "آدتيه" معني آدتيءَ جا پٽ (سورج ديوتا وغيره). ۽ "دنتيه" (دنت) معني دتيءَ جا پٽ. اهو رگ ويد واري زماني جو رواج پوءِ به هلندو آيو. راجا دسرت جو پٽ شري رامچندر راجا رگهو جي نسل مان هو. تنهنڪري پنهنجي انهيءَ وڏي ڏاڏي جي نالي پٺيان "رگهوپتي" يعني رگهو ڪل جو مالڪ هو. ۽ "راگهوَ" يعني راجا رگهوءَ جو اولاد سڏجڻ ۾ آيو.

"رگهوپتي، راگهوَ. راجا رام.
پنت پاون. سيتا رام".

شري رامچندر راجا دسرت کي راڻي ڪوشليا مان ڄائو هو. تنهنڪري "ڪوشليه" يعني ڪوشليا جو پُٽ به ڪوٺيو ويو آهي. سندس ڀاءُ لڇمڻ "سمترِيه" يعني راڻي سُمترا جو پٽ. ڪوٺيو ويو آهي. مطلب ته ٽنهي ڀائرن جو پيءُ ساڳيو ئي هو. پر مائون ڀيون ڀيون هيون. تنهنڪري مائرن جي نالن پٺيان به سڏجڻ ۾ ٿي آيا.

مهاڀارت مان معلوم ٿئي ٿو ته ارجن راجا پاندوءَ جو پُٽ هو. تنهنڪري "پانڊوَ" يعني راجا پاندوءَ جو پٽ سڏبو هو. پر ماڻس جو نالو "ڪُنتي" هو. تنهنڪري "ڪونتيه" ۽ "ڪنتي نندن" به ڪوٺبو هو. ڪنتيءَ جو ٻيو نالو "پرتا" هو. تنهنڪري شريمد ڀاڳوت گيتا ۾ ارجن جو ٻيو نالو "پارٿ" يعني پرتا جو پٽ ڄاڻايل آهي. انين اتهاسن واري زماني ۾ ٻئي نمونا چالو هئا. يعني هرڪو پيءُ توڙي ماءُ جي نالي پٺيان سڏبو هو. انهيءَ کان گهڻو پوءِ هرڪو رڳو پنهنجي پيءُ جو اولاد ليکجڻ ۾ آيو. پوءِ پل ته پيءُ جي ڪهڙي، به زال مان پيدا ٿيو هجي. ڪن عالمن جو چوڻ آهي ته اهو اصل

دراوڙن جو دستور هو، جوآڳاٽن آرين به اختيار ڪيو هو. ڪنهن به صورت ۾ اها پڪ آهي ته گهڻين زالن پرڻجڻ جي رواج هئڻ سبب اهو رواج پيو، ۽ پوءِ جينن هڪ اِستري پرڻجڻ جو رواج عام ٿيو. تيئن هيءُ رواج گهٽبو ويو، ۽ هاڻ اصل ڪونهي.

مردن جو وري پرڻجڻ. گهڻين زالن پرڻجڻ بدران فقط هڪ اِستري پرڻجڻ جو رواج عام ٿيندو ويو. ته ايترو ڪيائون، ته جنهن جي پهرين گهر واري گذاري ويندي هئي، سو ٻيو گهر پرڻبو هو. ٻي زال به مري ويندي هئي ته پوءِ ڪنهن کي ٽئين ۽ چوٿين گهر واري پرڻجڻ کان منع ڪانه هوندي هئي، ۽ اهو ئي رواج اڄ تائين چالو آهي. اڪثر ساليءَ سان پرڻجڻ روا ليکبو هو، جو سالي ساڳئي گوتر مان نه آهي. ڪنهن کي پهرئين گهر مان اولاد هوندو، ۽ سالي پرڻبو، ته ٻارن جي اها ماسي پنهنجن ڀاڻيجن ۽ ڀاڻيجين کي گهٽ ڪين گهرندي. البت ايترو آهي ته ماءُ وري به ماءُ آهي، ۽ ماسي نيٺ به ماسي آهي، ۽ اها قري ماءُ ٿيندي، ته به جيترو هڏ سڳيءَ ماءُ جو ڪرڪندو، تيترو ماٽي جي ماءُ يا ماسيءَ جو نه ڪرڪندو. انهيءَ سبب چوٽي آهي ته:

ماءُ سا ماءُ، ٻيو سڀ ـنيا جو واءُ،
ماسي نه ٿئي ماءُ، توڙي ڪڍي ڏئي ساهه.
ـ پهاڪو

انهيءَ هوندي به ڪنهن هنڌان پرڻجڻ بدران وري به ساليءَ سان پرڻجڻ بهتر سمجهندا هنا، جو ڏاريءَ کان وري به ماسيءَ کي ٻارن جو وڌيڪ ڌاءُ ايرندو. جيڪڏهن ڪنهن کي پهرينءَ زال مان اولاد نه هوندو هو، ته به اڳين ساهرن سان پريت توڙڻ واجب نه سمجهي، سالي پرڻبو هو ۽ ائين اڳيون رستو قائم رکندو ايندو هو. اهڙن سببن ڪري ساليءَ سان پرڻجڻ جو رواج اڄ به عام آهي. ڏير جو ڏنيل ڀاڄائيءَ سان پرڻجڻ به روا ليکبو هو، جو ڀاڄائي به ساڳئي گوتر مان نه آهي. اها "وڌوا وواهه" (Widow Marriage) جي ڳالهه آهي، تنهنڪري ان جو ذڪر ڏار ڪبو. هتي رڳو ايترو ڄاڻائجي ٿو ته ڏير جو ڀاڄائيءَ سان پرڻجڻ ڪسي ڳالهه ليکبي هئي، تنهنڪري ڀاڄائيءَ يا ٻيءَ ڪنهن به وڌوا سان پرڻجڻ جو رواج اڄ به گهڻو عام نه آهي.

وِڌوا ووِاهه. "وڌوا" لفظ ۾ "وِ" معنيٰ "سواءِ" ۽ "ڌوَ" معنيٰ "مڙس".
سنسڪرت لفظ وِڌوا جو اُچار انگريزيءَ ۾ آهي "وڊو" (Widow) ۽ بنيادي
معنيٰ اٿس "مڙس کان سواءِ". يعني "رن زال". جا "ڏنيل" ۽ "قلاونتي" به
سڏبي آهي. اڳي ڪنهن ڇوڪريءَ جو مڱڻي هوندي مڙس مري ويندو
هو. ته پوءِ هن جو وري مڱڻ ۽ پرڻجڻ اعتراض جهڙي ڳالهه نه ليکبي
هئي. اڄ به ائين آهي. جيڪڏهن پرڻجڻ کان پوءِ ڪنهن جو پتي گذاري
ويندو هو. ته نڪي اها ڏنيل زال وري پرڻجڻ پسند ڪندي هئي. نڪو
ماڻهو وڌوانن سان پرڻجڻ عام طرح پسند ڪندا هئا. انهيءَ هوندي به وڌوا
وواهه ٿيندا هئا. "ڌڌشو" (Didhishu) معنيٰ "اُهو مرد جو ڪنهن وڌوا سان
پرڻيو هجي". "پرپورو" (Parapurava) معنيٰ "اُها زال جنهن ٻيو مڙس ڪيو
هجي". پونرڀوَ" (Paunarbhava) معنيٰ "وڌوا زال جو ٻئي مڙس مان ڄاول
ٻچ". اهي لفظ خود ڄاڻائين ٿا ته وڌوائون پرڻبيون هيون.

منوسمرتيءَ ۾ ڄاڻايل آهي ته قديم زماني ۾ "وينن" نالي هڪ راڄا ٿي
گذريو آهي، جو وڌوائن کي زوريءَ پرڻائيندو هو. جنهنڪري ڪيترا
"دوجه" (Twice born) يعني براهمڻ، کتري ۽ ونش دل ۾ ڪندا هئا. (٩-
٦٥-٦٦ شلوڪ). اڄ به ڪيترن جا اهي خيال آهن ته جيڪا وڌوا رهي
سگهي، تنهن کي زوريءَ پرڻائڻ واجب نه آهي، پر جا نه رهي سگهي، تنهن
کي وري پرڻجڻ کان روڪڻ روا نه آهي.

رگ ويد ۾ "ديور" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جو اُچار سنڌيءَ ۾ آهي
"ڏير" ۽ معنيٰ اٿس "مڙس جو ڀاءُ". پروفيسر منڪس ملر جي خيال موجب
انهيءَ لفظ جو ڌاتو يا بنياد آهي "دِوَ" معنيٰ راند ڪرڻ. هن لفظ مان اها
سڌ پوي ٿي ته ڏير ۽ ڀاڄائي پاڻ ۾ ڀاءُ ڀيڻ وانگر رانديون ڪندا هئا.
تنهنڪري "ديور" (ڏير) جي اصل معنيٰ هئي "راند ڀائي" يا "راند ساٿي"
(A Play-mate). اڄ به ڪيترن هنڌ ڏير ۽ ڀاڄائي گڏجي پتي راند، ۽ ٻي
وندر وروُنهن ڪن ٿا.

ڪي ائين ڀائيندا آهن ته سنسڪرت لفظ "ديور" اصل ۾ آهي "دوي
ور" يعني ٻيو مڙس. اهو هن ڪري چون ٿا، جو ڏير پنهنجيءَ ڏنيل ڀاڄائيءَ
سان پرڻجي سگهي ٿو. حقيقتاً ڀاڄائيءَ سان پرڻجڻ جو رواج هندن ۾ نڪي

اڳي عام هو. نڪي هينئر عام آهي. اچ به ڏير جو ڀاڃائيءَ سان پرڻجڻ هڪ نهايت ڪسي ڳالهه ليکجي ٿي، تنهنڪري ائين سمجهڻ ته "ڏير" اصل ۾ ٻيو مڙس ڪري ليکبو هو، سا بنهه غلط ڳالهه آهي. ڏير ۽ ڀاڃائيءَ جي ميلاپ بنسبت اڳي هڪ نهايت عجيب رواج به ڪجهه وقت هلندڙ هو، جو "نيوڳ" سڏبو هو. جنهن جو ذڪر ڏار ڪجي ٿو.

نيوڳ. (Levirate) رگ ويد واري زماني ۾ عام دستور هيءُ هوندو هو ته جنهن زال جو مڙس مري ويندو هو، سا پنهنجي پتيءَ سان گڏ چڪيا تي چڙهي، پاڻ کي جلائي ڀسم ڪندي هئي. اهو ئي رواج ڪي صديون سانده هلندو آيو. ڪن حالتن ۾ وڏوا پنهنجي ڏير يا مڙس جي ڪنهن ويجهي عزيز سان پرڻبي هئي. وقتي هيئن به ٿيندو هو ته جنهن جوان زال کي پنهنجي پتيءَ مان ڪو اولاد نه هوندو هو، سا پنهنجي نسل قائم رکڻ لاءِ ڏير سان ڪجهه وقت گڏ رهي، ٻار ڄڻيندي هئي. (رگ ويد، منڊل ڏهون، ۴۰، ۲). ڏير سان گڏ رهڻ لاءِ وهانءُ جا سانٺ سوڻ ڪونه ٿيندا هئا، جو اهي سڄي عمر زال مڙس ٿي گڏ نه گذاريندا هئا. انهيءَ رواج جو مثال مهاڀارت مان به ملي ٿو. مهاڀارت واري زماني ۾ ويد وياس پنهنجيءَ وڏيءَ ڀاڃائيءَ انبڪا سان هڪواريءَ سنجوڳ ڪري "ڌر تراشٽر" (ڪورون جو پيءُ) ڄڻيو. ساڳئي ويد وياس پنهنجيءَ ننڍيءَ ڀاڃائيءَ انبالڪا مان "پانڊو" (پانڊون جو پيءُ) ڄڻيو. اهي ٻار ڄاوا ته پوءِ ويد وياس ڪڏهن به وري پنهنجين ڀاڃاين جي ويجهو ڪونه ويو. جو انهيءَ توري وقت سنجوڳ ڪرڻ جي مراد رڳي ايتري هئي ته پٽ پيدا ٿئي، جو ڪُل جو نالو قائم رکندو اچي. انهيءَ رسم کي "نيوڳ" سڏيندا هئا. انهيءَ رواج جو منو سمرتيءَ (۹، ۸۹- ۷۰) ۾ به ذڪر ڪيل آهي. شلوڪ ۷۰ ۾ چيل آهي ته ڀاڃائيءَ جو ناتو پنهنجي ڏير سان فقط تيستائين رهندو جيستائين پٽ ڄمندس. راجا ڌر تراشٽر ۽ راجا پانڊو توڙي جو وڏ گهراڻا آريا هئا، ته به هيءُ نيوڳ جو رواج سڀني آرين ۾ عام نه هو. اهو گهٽ ذات وارن جو رواج هو، جنهنڪري وڏ گهراڻن آرين انهيءَ رواج کي پوءِ زور وٺڻ ته نه ڏنو، پر پاڻ صفا بند ڪري ڇڏيائون. جنهنڪري رڳو گهٽ ذاتين وارا اهو رواج پوءِ هلائيندا آيا. اچ تائين اوڙيسا جا ڪي گهٽ ذات

وارا هندو پنهنجي نياڻي انهيءَ ماڻهوءَ سان پرڻائيندا آهن، جنهن کي کو پاءُ هوندو آهي، تہ مڙس مري وڃڻ جي حالت ۾ هوءَ ڏير سان پرڻجي سگهي، ۽ هميشه لاءِ وڌوا ٿي رهڻو نہ پويس. ساڳيءَ طرح آگري ۽ اَئوڌ جي گڏيل پرڳڻن، ۽ بهار جا ڪي گهٽ ذات وارا هندو ڏنيل زال کي پنهنجي ڏير مان اولاد پيدا ڪرڻ جي اجازت ڏيندا آهن. مطلب تہ وڏ گهراڻن هندن اِهو رواج بند بيهودو سمجهي ڇڏي ڦٽو ڪيو. جنهنڪري هن وقت رڳو ڪي گهٽ ذات وارا هندو اهو رواج هلائيندا پيا اچن، پر اهو بہ سيني هنڌ عام ڪونهي.

هيءَ نيوڳ جو رواج خود ائين پيو ڄاڻائي تہ اهو اصل آرين جو جاري ڪيل نہ هو. نہ تہ جيڪر نيوڳ جا گهڻي ئي مثال اتهاسن ۽ پراڻن مان ملن. تاريخ جي اپياس مان مصنف کي ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ اهو رواج اصل بني اسرائيل (يهودين) جاري ڪيو هو، ۽ هنن کي ڏسي ڪجهہ وقت آرين بہ لاچاري حالتن ۾ اهو روا ڪيو. پر ان کي ڪڏهن بہ زور وٺائڻ جي ڪوشش نہ ڪيائون. رگ ويد واري زماني ۾ ئي اُتر هندستان ۽ ڏکڻ هندستان جا واپاري وڻج واپار سانگي بئبلونيا، سيريا يا شام ملڪ ۽ الهندي ايشيا جي ٻين هنڌن ڏانهن ويندا هئا، ۽ پوءِ اتي پنهنجون بينڪون بہ وڌائون. بلڪ منجهائن ڪي يهودين ۽ ٻين سيميٽڪ قومن سان سنگ ڳنڍي ويٺا. انهيءَ گهڻي ۽ گهاٽيءَ لهہ وچڙ جو هڪ اثر هي ٿيو، جو بني اسرائيلن جو هيءُ رواج ڪن آرين بہ اختيار ڪيو، پر رڳو لاچاري حالتن ۾.

بني اسرائيلن ۾ نيوڳ جو رواج نهايت قديم زماني کان هو، ۽ پوءِ حضرت موسيٰ ان کي زور وٺايو. اها حقيقت عيسائين جي انجيل مان پڌيءَ پٽ معلوم ٿئي ٿي. انجيل ۾ چٽيءَ ريت لکيل آهي تہ حضرت موسيٰ جو چوڻ هو تہ "جيڪڏهن هڪڙو ڀاءُ ٻنا اولاد جي مري وڃي، تہ ٻيو ڀاءُ پنهنجيءَ ڏنيل ڀاڄائيءَ مان سندس نالي ٻار پيدا ڪري". حضرت موسيٰ جي فرمودي موجب قديم يهودي هيئن ڪندا هُئا، جو ڪنهن جو هڪڙو ڀاءُ مري ويندو هو، تہ سنديس ڏنيل زال ٻئي ڀاءُ سان گڏ

Moses said, "If a man die, having no children, his brother shall marry his wife, and raise up seed unto his brother: St. Matheus, XXII, 24 ff.

رهندي هئي ۽ ٻيو ياءُ بنا اولاد جي مري ويندو هو تہ پوءِ ٽئين، چوٿين، پنجين، ڇهين ۽ ستين ياءُ سان بہ گڏ رهي ٻار ڄڻيندي هئي"! انجيل جي جهوني عهدنامي (Old Testament) مان معلوم ٿئي ٿو تہ قديم يهودين ۾ اصل قاعدو ئي اهو هو تہ "جيڪڏهن ڀائر گڏ رهندا هجن، ۽ منجهائن ڪو هڪڙو بنا اولاد جي مري وڃي، تہ فوتيءَ جي زال ڪنهن ڌارئي سان نہ پرڻجي. سندس ڏير ڪيس پنهنجي زال ڪري سائس سنجوڳ ڪري، ۽ جيڪو پهريون ٻار ڄمي، سو فوتيءَ جو اولاد ليکجي، تہ بني اسرائيل ۾ فوتيءَ جو نالو قائم رهي". هن قائدي موجب پنهنجيءَ ڏنيل ياڄائيءَ مان ٻار پيدا ڪرڻ ڏير جو فرض هوندو هو. جيڪڏهن ڪو ڏير پنهنجيءَ انهيءَ فرض ادا ڪرڻ کان انڪار ڪندو هو تہ سنديس ڏنيل ياڄائي شهر جي بزرگن وٽ دانهيائي ٿي ويندي هئي، ۽ مکي ۽ پنچ سندس ڏير کي گهرائي سمجهائيندا هئا. انهن بزرگن جي چوڻ کان پوءِ بہ جيڪڏهن ڪو ڏير پنهنجيءَ ياڄائيءَ جي ويجهو نہ ويندو هو، تہ هوءَ انهن بزرگن جي روبرو ڏير کي منهن ۾ ٿڪ هڻندي هئي، تہ لوڪ ڏسي تہ هيءَ اهڙو نالائق آهي، جو پنهنجي ياءُ جي نالي ٻار پيدا ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو. ۽ ٻيا عبرت وٺن تہ جيڪو ڏير پنهنجو اهو فرض ادا نہ ڪندو، سو ٿڪ لعنت جوڳو ٿيندو! هيءَ رواج هن وقت گهڻن کي عجيب لڳندو، پر آڳاٽن يهودين جا قاعدا اجهي اهي هئا، جي سندن پاڪ ڪتاب (انجيل) ۾ لکيل آهن.*

آڳاٽن آرين بہ "نيوڳ" جو رواج ڪجهہ وقت قائم رکيو، ۽ انهيءَ ۾ ڪو اهم ڪونہ ايندو هئن. ايترو آهي تہ پيشمر پتامه پنهنجي پيءُ جي دل وٺڻ لاءِ سڄي عمر برهمچاري ٿي رهڻ جو پرڻ ڪيو هو، ۽ پوءِ چيائونس تہ پنهنجين ياڄاين سان ڪجهہ وقت گڏ رهي پتر سنتان پيدا ڪر ۽ ائين ڪرڻ کان صفا انڪار ڪيائين، تہ ڪنهن بہ ڏوراپو ڪونہ ڏنس. هن مان ظاهر آهي تہ يهودين وانگر آريہ لوڪ پنهنجين ياڄاين مان ٻار پيدا ڪرڻ لاءِ ٻڌل ڪونہ هوندا هئا. هن وقت جي ڪري اهو "نيوڳ" جو رواج "نہ يوڳ" (اجوڳ) يعني نامناسب يا غير واجبي آهي. ايترو آهي تہ ڏير جو وهانءُ هن وقت جيڪڏهن ڏنيل ياڄائيءَ سان ٿئي ٿو تہ وهانءُ جا ساٺ سوڻ

* Deuteronomy, xxv-5-9.

ڪن ٿا، ۽ هو جيستائين جيئرا آهن، تيستائين زال مڙس تي گڏ گذارين ٿا، پر اهڙا وهانءَ بہ بلڪل ٿورڙا ٿين ٿا.

ستي. ويدڪ زمانـي ۾ عام دستور هيءُ هوندو هو تہ وڏوائون مڙسن جي لاشن سان گڏ پاڻ کي بہ لڪڙا ڏيئي جلائي پورو ڪنديون هيون. اهي "ستيون" سڏبيون هيون. اهو رواج ڪيئن پيو، سا ڳالهہ ڪٿي بہ ڇاٽايل ڪانهي. ڊاڪٽر ابناش چندر داس جي خيال موجب انهيءَ رسم جي مراد هيءَ هئي تہ مرڻ کان پوءِ بہ مردن جي گهرو سک لاءِ زالون ساڻن گڏ هجن.* اهو سچ آهي تہ ڪن قديم لوڪن جا اهڙا خيال هوندا هئا. مثلاً قديم مصر ملڪ جا ماڻهو ائين وسهندا هئا تہ هر ڪنهن انسان کي مرڻ کان پوءِ ٻئي جهان ۾ بہ انهن شين جو ڪپ پوي ٿو، جي شيون هن جهان ۾ ڪم آئيندو هو. انهيءَ سبب پراڻيءَ کي دفن ڪرڻ'مهل مٽيا، ڪپڙا، بسترو ۽ ٻيو گهرو سامان بہ ڪ گاڏيون ۽ ٻيڙيون بہ ساڻس گڏ دفن ڪندا هئا! اڄ تائين هندن ۾ بہ دستور آهي تہ ڪو مرد مرندو آهي تہ کيس سوني منڊي پائيندا آهن، ۽ ڪا زال مرندي آهي تہ هن کي نڪ ۾ نٿڙي يا ڪنن ۾ ڪو زيور پائيندا آهن، تہ پلي تہ مٽيو منڊي ساڻ هجيس، پر مصنف جي راءِ موجب ستي لڪڙيءَ جو رواج اهڙي خيال کان ڪونہ پيو ٿو ڏسجي. "ستي" لفظ خود ڇاٽائي ٿو تہ جيڪي ستياڻيون پتورت ڌرم پالن ڪنديون هيون، ۽ پنهنجن مڙسن سان سچي پچي پريت هوندي هين، ۽ ڪانئن هڪڙو پل بہ پاسي ٿيڻ نہ چاهينديون هيون، سي پتيءَ کان پوءِ پنهنجو جيئڻ جاڙ (آڪيارٿو) سمجهي، ساڻس گڏ چڪيا تي چڙهنديون هيون، تہ مرڻ کان پوءِ بہ هڪٻئي سان گڏ هجون، ۽ اسان جي پريت هلندي اچي. مطلب تہ پتورت اِسترين جي پنهنجي پتيءَ سان ججهي پريت هئڻ سبب ستي لڪڙيءَ جو رواج وڌو. سندن اهڙن خيالن سبب اڄ تائين چوٽي آهي تہ:

پريت تو ائسي ڪيجئي، جئسي هندو ڪي جوءِ،
جيتي جي تـو سـنـگ رهي، مئي پي ستي هوءِ.

* "The idea probably was that the dead man must have his wives accompanying him to the next world for providing him with home comforts". Dr. A.C. Das: Reg Vedic Culture, p. 256.

يعني پريت تہ اهڙي ڪجي، جهڙي هندوءَ جي زال ڪري ٿي، جيئري تہ مڙس سان رهي ٿي، پر مڙس جي مرڻ کان پوءِ بہ ستي ٿئي ٿي. هيو هڪ سنڌي پهاڪو آهي تہ "ستي لڪڙن کان موٽي تہ ڪتن هاب ٿئي". هن مان ظاهر آهي تہ ستيءَ جو لڪڙن کان موٽڻ (پاڻ نہ جلائڻ) ڪسي ڳالهہ ليکبي هئي، ۽ پوءِ اهڙيءَ زال جو مان نہ رهندو هو. مطلب تہ مانُ ٿيندو ئي انهن زالن جو هو، جي پنهنجي پتيءَ سان گڏ پاڻ کي بہ لڪڙا ڏيئي پورو ڪنديون هيون. ستي لڪڙيءَ جي رواج جو ذڪر اٿرو ويد جي منڊل ارڙهين (٣، ١) ۾ آهي. اهو رواج رگ ويد واري زماني ۾ بہ هو، پر سيگها وڏوا پاڻ کي ڪانہ جلائينديون هئي. رگ ويد جي منڊل ڏهين، سُوڪت ائين (اَشٽڪ ستين جي ڇهين اڌ ياءُ جي ورگ ۾ي) ۾ جيڪي لکيل آهي، تنهن جو ترجمو ڪن عالمن ڪيئن تہ ڪن ڪيئن ڪيو آهي. گهڻن عالمن ان جو ترجمو هيئن ڪيو آهي:

"اي ناري، اُٿ! تون انهيءَ جي پرسان اچي ليٽي آهين، جنهن جا پساهہ پورا ٿي ويا آهن. جيئرن جي دنيا ۾ آءُ. پنهنجي پتيءَ کان پري ٿيءُ، ۽ انهيءَ جي استري ٿيءُ، جو تنهنجو هٿ جهلي بيٺو آهي، ۽ توسان پرڻجڻ جي مرضي اٿس".

جيڪڏهن هيءُ ترجمو صحيح آهي تہ چئبو تہ جنهن مهل ڪا ستي پنهنجي مئل پتيءَ جي چکيا وٽ پاڻ جلائڻ لاءِ وڃي ليٽندي هئي، تنهن مهل سندس ڪنوارو ڏير يا ٻيو ڪو، جو ساڻس پرڻجڻ چاهيندو هو، سو هٿ کان وٺي اُٿاري ايندو هئس. اهڙيءَ طرح هن ٿوري مضمون مان ستي لڪڙيءَ توڙي وڌوا وواهہ جي رواج جا اُهڃاڻ ملن ٿا. ايترو چئبو تہ ستي ٿيڻ جو رواج وڏيڪ عام هو. انگريزن جي صاحبيءَ جي اوائل واري وقت تائين بہ اهو رواج هلندو پئي آيو، پر پوءِ لارڊ وليم بينٽڪ جي ڏينهن ۾ برهمو سماج جي بنياد وجهندڙ راجا رام موهن راءُ جي سرجوشيءَ سان سرڪاري قاعدي پٽاندر بند ٿيو.

مردن جو نيڪال. قديم زماني ۾ جڏهن ماڻهو اجا باهہ ٻارڻ جو هنر نہ سکيا هئا، تڏهن مردن جي نيڪال لاءِ ٻہ طريقا اختيار ڪندا هئا: هڪڙو تہ مردي کي ڪنهن ڪليل هنڌ رکندا هئا، تہ پلي تہ جهنگلي مرون کائي

وجنس، يا ڳجهين جو ڳاھ ٿئي. پارسي اڄ تائين ائين ڪن ٿا. پاڻنجي ٿو ته اھو رواج ڪجھ وقت آڳاٽن هندن ۾ به ھو. جنھن بابت رگ ويد جي منڊل انين، (۵۱، ۲) ۽ اٿرو ويد جي منڊل ارڙھين، (۲، ۳۴) ۾ اشارو آھي.* انھيءَ ھوندي به رگ ويد ۾ ڪي اھڙا منتر آھن، جن مان عالمن کي ائين وسھڻ لاءِ سبب ٿيو آھي ته انھيءَ قديم زماني ۾ هندن ۾ مردن پورڻ جو رواج وڏيڪ عام ھو. منڊل ڏھين (۱۸، ۱۰-۱۳) ۾ چاٽايل آھي ته مردي پورڻ مھل پراٽيءَ کي رشي چوندو ھو ته "پنھنجيءَ ڌرتي ماتا ڏي وڃ، جا گھڻو پکڙيل ۽ فرحتي آھي، ۽ جا پشم جھڙي نرم آھي". اھو رشي پوءِ ڌرتيءَ کي چوندو ھو ته "اي ڌرتي، تون هن جي مٿان وري وڃ، پر کيس پيڙجانءِ نه. سکيو رکجانس! تون کيس ائين ڍڪج، جيئن ماءُ پنھنجي ڪپڙي جي پلئه سان پنھنجي ٻار کي ڍڪي ٿي! .... پراٽيءَ جي مٿان جيڪا مٽي وجھجي ٿي، سا شل مٿان اُفونگري ٿي بيھي (پراٽي تي بوجو نه ٿئي)! .... اي پراٽي، مان تنھنجي چوڌاري مٽيءَ جو ڍڳ وجھان ٿو، ۽ تنھنجي مٿان پتر رکان ٿو وغيره".

آڳاٽا هندو پوءِ ٻاھر ٻارڻ جو ھنر سکيا، ته مردن ساڙڻ جو رواج عام ٿيو، پر ساڳئي وقت ھيئن به ڪندا ھئا، جو مردو ساڙي، پوءِ سنديس رک ۽ تورا ھڏا ڪنھن ٿانءِ ۾ وجھي، ان جي مٿان ڍڪڻ ڏيئي، پوءِ اھو ٿانءِ ڌرتيءَ ۾ پوريندا ھئا. جيئن اشولاين گريھه سوترن ۾ چاٽايل آھي. سنک پوري ان جي مٿان سماڌ جوڙڻ جو رواج اڄ تائين آھي. اڄ تائين ھيءُ به دستور آھي ته ڪو منل چمندو آھي، يا چمڻ کان پوءِ سگھو ئي مري ويندو آھي ته هندو ان جو اگني سنسڪار ڪونه ڪندا آھن، پر کيس پوريندا آھن. انھن ڳالھين جو گريھه سوترن ۾ گھڻو ئي ذڪر آھي.

قديم زماني ۾ آڳاٽا آريه لوڪ پنھنجيءَ جان ۽ مال جي بچاءَ لاءِ تير ڪمان سدائين ساڻ کڻندا ھئا. منجھائنئن ڪو مرندو ھو ته اول ڪمان سندس ڪلھن تان لاھي، کيس سنان ڪرائي، ڪوري ڪپڙي ۾ ويڙھي، پوءِ ھن جي ڪاٺي ڪڻندا ھئا. ڪاٺيءَ تي کڻڻ جو رواج اڄ به آھي. اٿرو ويد جي منڊل ارڙھين، (۴، ۳۱) ۾ چاٽايل آھي ته پراٽيءَ کي زيور

* Dr. A.C. Das: Reg Vedic Culture, p. 242.

ڀھرائيندا ھئا، تہ پرلوڪ ۾ ڪم اچنس. اِج تائين مئل مرد جي آگر ۾ منڊي، ۽ مئل زال جي نڪ ۾ سوني نٿڙي، ۽ وقتي ڪنن ۾ ڳن پائيندا آھن، جيئن مٿي اڳي ئي چيو ويو آھي.

ڪيترا ھندو ائين چوندا آھن تہ مردن پورڻ بدران مردن ساڙڻ جو رواج آڳاٽن ھندن فقط حفظ صحت جي قاعدن جي مدِنظر جاري ڪيو. ھن موجب ائين چئبو تہ حفظ صحت جي قاعدن جي سڌ رڳو آڳاٽن ھندن کي ھئي، ۽ ٻيون قومون ڇڻ تہ انھن قاعدن ڪان غير واقف ھيون! حقيقتاً مردن ساڙڻ جو رواج آڳاٽن ھندن ھڪ ڌرمي خيال ڪان ورتو. اھو خيال يگيہ جي اَگنيءَ مان آين. اگنيءَ ۾ آھوتي وجھجي ٿي، تہ اھا سموري سڙي ڀسم ٿي وڃي ٿي، ۽ اھا رڪ ڌرتيءَ تي رھي ٿي، پر آھوتيءَ جو تت اگني مٿي آڪاس ۾ ديوتائن تائين پھچائي ٿي، جنھنڪري ديوتائون پرسن ٿين ٿا، ۽ يگيہ ڪندڙن تي سندين آسيس ٿئي ٿي! ويدڪ ڌرم وارن آرين جا اَگنيءَ بابت خيال اھي ھئا. اھو ئي ساڳيو ڌرمي خيال مُردن ساڙڻ جي رواج ۾ سمايل آھي. مئل ماڻھوءَ جو اگني سنسڪار ڪجي ٿو، تہ ماس ۽ ھڏا جلي وڃن ٿا، ۽ سڀ مدايون ۽ اوڻايون بہ ھتي ڌرتيءَ تي ئي رھن ٿيون، باقي سندس تت يعني آتما، ديوتائن جھڙو جلوو ڌاري، پترن واري وات وٺي، جم لوڪ ۾ وڃي وارد ٿئي ٿو، جتي سندس ابن ڏاڏن جون آتمائون بہ آھن (رگ ويد، منڊل ڏھون ۴، ۷). آڳاٽن ھندن جا اھي خيال ھئا، جي ٻين قومن جي ماڻھن جا نہ ھئا، تنھنڪري ٻيون قومون اج تائين مردن پورڻ جو رواج ھلائينديون اچن. پارسي بہ جيتوڻيڪ آڳاٽن آرين وانگر اگني پوڄا ڪن ٿا، تہ بہ ھو اھو واجب نٿا سمجھن تہ اگنيءَ جھڙي پوتر ديوتا ۾ مردو وجھي، اَپوتر ڪجي، تنھنڪري ھو مردن کي ڪليل ڇڏيو ڏين. سيڪنھن جا پنھنجا پنھنجا خيال آھن، ۽ اھڙن علحدن خيالن ئي جدا جدا رسمون جاري ڪرايون آھن.

جم ۽ جم پري. ھن وقت ھندو وسھن ٿا تہ جڏھن ماڻھو مري ٿو، تڏھن جم جا دوُت کيس جم پُريءَ ۾ وٺي وڃن ٿا، ۽ سندس ڪيل پاپن جي ڪري کيس ڪنيي نرڪ ۾ ھڻن ٿا، پر جيڪڏھن چڱا ڪم ڪيل اٿس، تہ کيس سرگ جا سک ملن ٿا. نرڪ ۽ ان جي عذابن جو ذڪر اول اٿرو ويد،

(منڊل پهرين، ۵،۱۵۴) ۾ ڪَٺ اُپنشد ۾ آهي. يجر ويد جي پنيان جيڪو شتپٿ براهمڻ آهي، تنهن ۾ به نرڪ ۽ جوڻين جو ذڪر آهي، پر رگ ويد انهن سڀني کان آڳاٽو آهي. انهيءَ آڳاٽي وقت جي هندن جا جمر ۽ جمر پريءَ بابت خيال ئي علحده هوندا هئا. هو يگيه کي مڪتيءَ جو هڪ ساڌن ڪري سمجهندا هئا. جنهنڪري سڄي عمر يگين پنيان يگيه ڪندا هئا. هو ائين وسهندا هئا ته جيئن يگيه جي اگنيءَ ۾ جيڪا آهوتي وجهجي ٿي، تنهن ۾ اتفاق سان ڪو ڪک پن اچي وڃي ٿو ته اهو اتي ئي سڙي وڃي ٿو، ۽ ديوتائن تائين رڳو آهوتيءَ جو تت پهچي ٿو. تيئن پرٿويءَ تي رهي، جيڪڏهن ماڻهو ڪي خطائون يا پاپ ڪري ٿو، ته اهي به ڇڻ ڪک پن وانگر اگنيءَ ۾ جلي وڃن ٿا، ۽ رڳو سندس پوتر آتما جمر پريءَ يا پتر لوڪ تائين پهچي ٿو. يگيه جي اگني دکانجي ٿي ته پنيت ڪري عرشين وڃي لڳي ٿي، جنهنڪري اگني ڄڻ ته ڌرتيءَ ۽ آسمان جي وچ ۾ هڪ پُل وانگر آهي، جنهن تان آتما لنگهي سرگ ڏي وڃي ٿو، جتي سدائين جوت يا اُجالو آهي (رگ ويد، منڊل نائون، ۱۱۳، ۷). هن کي يمر ديوتا جي ٻن پوري رنگ وارن ڪتن وٽان لنگهڻو پوي ٿو، جن کي چار چار اکيون آهن. نڪ ويڪرا اٿن ۽ بت تي پٽا اٿن. اهي "سرما" (Sarama) نالي ديوتائن جي هڪ ڪتيءَ جا ٻچا آهن، ۽ اهي ڪتا جمر پريءَ تي پهرو ڏين ٿا. انهن ڪتن وٽان لنگهي هو جمر پريءَ ۾ اندر گهڙي ٿو. آڳاٽن رشين جا اهڙا خيال رگ ويد ۾ چٽيءَ ريت ظاهر ٿيل آهن. انهن جون انگريزي نظم ۾ به ترجمو ٿيل آهي، جنهن مانَ ٿوريون سٽون هتي ڏجن ٿيون:

Thou, Agni, art our priest, divinely wise,
In holy science versed; they skill detects,
The faults that mar our rites, mistakes corrects,
And all our acts completes and snactifies.
Thou art the cord that stretches to the skies.
The bridge that spans the chasm, profound and vast,
Dividing Earth from Heaven, o'er which at last,
The good shall safely pass to Paradise.

135 (*Dr. J. Muir: Original Sanskrit Texts. Vol. I, p. 2217)*

رگ ويد ۾ يمر ديوتا کي نرڪ جو ديوتا نه، پر سرگ جو سوامي سڏيو اٿن، ۽ چٽيءَ ريت چيو اٿن ته اتي اونده آهي ئي ڪانه، پر سدائين اُجالو

آهي (رگ ويد، منڊل ڏهون، ١١٣، ٧ ـ ٩). انهن ۾ چيو اٿن ته اسان جا ابا ڏاڏا جي گذاري ويا آهن، سي اتي يم ديوتا وٽ رهن ٿا. (منڊل ڏهون، ١٥، ١٤). ۽ پرٿوي، تي رهي، جيڪي چڱا ڪم ڪيا اٿن، تن جو ڦل اتي آنند سان ماڻين ٿا (منڊل پهريون، ١٥٤، ٥). مطلب ته رگ ويد ۾ جم پري، جو نقشو نهايت عمدو چٽيل آهي، ۽ ان کي سرگ سڏيو اٿن. انهن ۾ چيو اٿن ته اُتي رهي، ماڻهو اَمر ٿئي ٿو، ۽ سنديس سيڪا ڪامنا پوري ٿئي ٿي (منڊل نائون، ١١٣، ٧ ـ ١٠). رگ ويد کان پوءِ جي ساهتيه ۾ جم پري، کي نرڪ ڪوٺيو اٿن، ۽ ان جا ڏهڪائيندڙ بيان ڪيا اٿن، جي گرڙ پراڻ ۾ به ڏنل آهن.

جوٽيون ۽ ڪرم. ڊاڪٽر سُنيتي ڪمار چٽرجي ۽ ٻين ڪن عالمن جو چوڻ آهي ته رگ ويد ۾ اهو ڪٿي به ڄاڻايل ڪونهي ته ماڻهو پنهنجن ڪيل ڪرمن پٽاندر وري وري جوٽيون وٺي ٿو. انهي، سبب اهو انومان ڪڍيو اٿن ته انهي، قديم زماني ۾ ماڻهن جو جوٽين ۾ اعتبار هئو ئي ڪونه، ۽ اهو عقيدو پوءِ دراوڙن وٽان پرايائون. ڊاڪٽر ابناش چندرداس ۽ ٻين ڪن عالمن جو چوڻ آهي ته رگ ويد ۾ مرڻ ۽ وري ڄمڻ جو ذڪر آهي، ۽ اهو خيال آڳاٽن لوڪن شايد سج ۽ چنڊ مان پرايو. سج ڏهاڙي صبح جو ڄمي ٿو، منجهند جو جواني، ۾ اچي ٿو ۽ سانجهي، جو گويا پويان پساھ کڻي مري وڃي ٿو، ۽ وري ٻئي ڏينهن نئون جنم وٺي ٿو. ساڳي، ريت چنڊ به ڄمي، وڌي ۽ مري ٿو، ۽ وري نئين مهيني نئون جنم وٺي ٿو. سج ۽ چنڊ بابت اهي ڳالهيون رگ ويد جي منڊل ڏهين (٨٥، ١٥) ۾ ڄاڻايل آهن. ساڳئي منڊل ڏهين (٧٢، ٨ ـ ٩) ۾ آدتي، جي پٽ مارتنڊ (سورج ديوتا) بابت چيل آهي ته هن کي وري ڄمڻو ۽ مرڻو پوي ٿو. منڊل پهرين، (٦٤، ٣٢) ۾ جيڪي چيل آهي، تنهن مان اهو مطلب نڪري ٿو ته ماڻهو جڏهن ماءُ جي پيٽ ۾ ئي آهي، تڏهن ئي جوٽين وهيٽو آهي. جيڪي واسنائون منجهس آهن، تن پٽاندر سنديس گت ٿئي ٿي، ۽ ڪرمن جو ڦل پوڳي ٿو. انهن جوٽين ۽ ڪرمن بابت اشارا رگ ويد ۾ ئي آهن، جنهنڪري چئبو ته هن وقت هندن جا جيڪي عقيدا انهن ڳالهين بابت آهن، سي رگ ويد واري زماني ۾ به هئا.

# باب يارهون

## مکيہ ڏنڏا، هنر ۽ ڪاريگريون

مکيہ ڏنڏا. سنڌو ماتر جا رهاڪو اول رڳو ڏڻ ڌاريندا هئا، ۽ پوءِ کيتي ڪرڻ سکيا. انهن ۾ مکيہ ڌنڌن کان پوءِ ٻيا هنر ۽ ڪاريگريون جاري ٿيون، تہ ڪنهن بہ ڪرت ڪار ڪرڻ کان ڪو بہ عار ڪونہ ڪندا هئا. هن ڳالهہ جو هڪ رشيءَ رگ ويد جي منڊل نائين (١١٢، ١-٣) ۾ نهايت وڻندڙ نموني ۾ ذڪر ڪيو آهي:

هرهڪ انسان جي آهي ڌرت پنهنجي،
هرهڪ انسان جي آهي ڪرت پنهنجي،
لهر ڪي ڪا شي ڪٽڻ لاءِ گهرجي،
ويج ڪي ڪو بيمار چٽڻ لاءِ گهرجي،
پروهت ڪي سدا ڪو ججمان گهرجي،
وٽانئس ڪيس ڪجهہ دان گهرجي،
هرڪو ڌل وٽان ڪري واپار،
سي جي سون ۾ تئي پائيوار.

پوءِ پنهنجي ڳالهہ ڪئي اٿس تہ:

آئون رشي، بابو ويج، امان پيهين اَن،
ڪرت خاطر هرڪو ڊوڙي جنهن جو جنهن ۾ لڳي مَن.
(منڊل نائون، ١١٢، ٣)

رگ ويد واري زماني ۾ ماڻهن جون گهرجون ٿوريون هونديون هيون، ۽ ڪنهن بہ ڪرت ڪار ڪرڻ ۾ اهم ڪونہ ايندو هنن، تنهنڪري ڳوٺن ۾ ئي مان گهرج جي هرڪا شي ملي سگهندي هئي. گهر گهر ۾ جنڊ ۽ ايٽ بہ

هوندا هئا، جي مصنف جي سانيہ ۾ وڏن خانداني گهرن ۾ بہ هوندا هئا. سنڌ جو پرڳڻو سٺي اُن جي ڪري مشهور هوندو هو (رگ ويد منڊل ڏهون، ٥٧، ٨). رڍن ۽ گهيٽن جي اُن ڪتري، اوني ڪپڙا ٺاهيندا هئا (منڊل ڏهون، ٢٦، ٦). گهر ۾ ڪتڻ جو ڪم زالون ڪنديون هيون.* (سبھ پيو، ٣، ٦، ٣٨، ٣، ۽ منڊل پنجون، ٤٧، ٦).

رگ ويد واري زماني ۾ ڪي ماڻر پنهنجن ٻارن لاءِ ڪپڙو ٻاڻ اُڻنديون هيون، پر بازار ۾ ڪوري بہ هوندا هئا، جي اُڻڻ جو ڪم ڪندا هئا. رگ ويد ۾ تاڃي پيٽيءَ ۽ پيٽ جي ڪلف جو ذڪر آهي. اهي ڪوري "وايہ" يعني اُڻندڙ سڏبا هئا (منڊل ڏهون، ٧١، ٩). زالون پرت بہ پريندديون هيون. ان وقت رنگريز بہ هوندا هئا، جي ڪپڙا رنگيندا هئا. رگ ويد ۾ "سوَچڪ" لفظ ڪم آيل آهي، جنهنجي اصل معنيٰ هئي "سوچي يا سئيءَ سان ڪم ڪندڙ". هاڻ اُن جو اُچار آهي "سوچي"، جي جتيون سبندا آهن، پر اهي جتين تي پرت بہ پريندا آهن. ٻوءِ عام طرح هيءَ رواج پيو تہ جيڪي وئش شودرياٽيون پرڻبا هئا، تن جو اولاد "سوچي" سڏجڻ ۾ آيو، ۽ جتيون سبڻ سندن پيشو ٿيو.

رگ ويد واري زماني ۾ پيا مکيہ ڪاسبي واڍا هوندا هئا، جي "توستر" (Tuastra) (منڊل ڏهون، ١١٩، ٥)، ۽ "تڪشت" (ڊڪڻ) سڏبا هئا (منڊل نائون، ١١٢، ١). اهي گهر تہ جوڙيندا هئا، پر گهرن لاءِ سامان (صندل وغيره)، ۽ گهر جي ورتڻ جا ٻاسڻ بہ ٺاهيندا هئا، جي "درون" (ڪاٺ جا ٺانءَ) سڏبا هئا (منڊل نائون ٦٥، ٦). اهي واڍا رٿ يا گاڏيون، ٻيڙيون ۽ ڏنگيون بہ جوڙيندا هئا. رٿن جي مٿان ڏمڻ چمڙي جي نهيل هوندي هئي،

* اهو رواج يورپ ۾ بہ هو. انگريزي لفظ "سپنسٽر" (Spinister) معنيٰ "ڪنواري"، پر بنيادي معنيٰ اٿس "ڪاپائتي يا ڪتڻ واري". هيءُ لفظ ڄاڻائي ٿو تہ يورپ ۾ ڪنواريون ڇوڪريون ڪتڻ جو ڪم ڪنديون هيون. انگريزي لفظ "بئچيلر" (Bachelor) معنيٰ ڪنوارو. ان جو ڌاتو يا بنياد ڪن ڪهڙو تہ ڪن ڪهڙو ڄاڻايو آهي؛ پر عام طرح چون تہ لئٽن ٻوليءَ ۾ "بئڪا" Bacca (Vacca) معنيٰ "ڳانءِ". اڳي ڪنوارن تي ڳاين چارڻ جو ڪم رکيل هو. تنهنڪري اهو لفظ عام ٿيو اهڙيءَ طرح ڪن لفظن جي بنيادن مان بہ ماڻهن جي اڳين ڏندن ڏاڙين جي سڌ سوي ٿي. ـ مصنف.

پر جنگ ۾ ڪم اچڻ لاءِ رٿن جي ڏمڻ ڪنهن ڏاتوءَ جي ٺهيل هوندي هئي، ته دشمن توڙي نه سگهي. رواجي گاڏين ۾ گهوڙا ۽ ڍڳا ٻڌندا هئا. گاڏين ۽ رٿن جوڙيندڙن جو ججهو مانُ هوندو هو، جو گاڏيون اَن وغيره ڍوئڻ لاءِ ۽ رٿ جنگين مهل، ۽ شرطن پچائڻ لاءِ گهڻو ڪم ايندا هئا. واڍن کان سواءِ لهار به هوندا هئا، جي "ڪرمار" سڏبا هئا (منڊل نائون، ۱۱۲، ۲، ۽ ڏهون، ۷۲، ۲). اُهي کوري تپائڻ مهل پکين جا پَرَ وچڻو ڪري ڪم آڻيندا هئا. اهي گهرن ۾ ڪم اچڻ جون شيون، کيتيءَ لاءِ ڏاتا ۽ ٻيا اوزار ٺاهيندا هئا. جنگ لاءِ ڀالا، ڪهاڙا ۽ ٻيا هٿيار به جوڙيندا هئا. ڪهاڙن سان وڻ به وڍيندا هئا. اشوٿ، کدير، شامي وغيره وڻن جا نالا رگ ويد ۾ آهن. سونارا به هوندا هئا، جي ڪنگڻ، ڪڙيون، ڪيوٽيون يا واليون وغيره ٺاهيندا هئا (منڊل اٺون، ۴۷، ۱۵، ۷۸، ۳). جڙونا به هوندا هئا، جي جڙت جڙيندا هئا. ڪي گلن جا هار ٺاهي وڪڻندا هئا، جي شوقين مرد ۽ زالون خريد ڪنديون هيون. کلن رڱائيندڙ به هوندا هئا. کلن مان دپيون، پاڻيءَ لاءِ اويون (سانداريون) ۽ شراب رکڻ لاءِ زکون (سانداريون) ٺاهيندا هئا* منڊل اٺون، ۳۵، ۳).

رگ ويد واري زماني ۾ ڪنڀار به هوندا هئا، جي نار لاءِ ڪنگريون، ۽ گهر ۾ ڪم اچڻ جا ٺڪر جا ٿانءَ (مٽ، دلا، کنا ۽ ٻاٽيون وغيره) ٺاهيندا هئا، جي جهٽ جهٽ ڀڄندا هئا (منڊل ڏهون، ۸۹، ۷). حجامت لاءِ نائي به هوندا هئا. سنسڪرت لفظ "نايتي" جو اُچار سنڌيءَ ۾ آهي "نائي"، پر

---

* سنڌ ۾ پکالون يا سانداريا اڄ تائين عام طرح ڪم اچن ٿا. ترِ ۾ مسافريءَ ڪرڻ مهل پاڻي، جون اويون پري پاڻ سان کڻن ٿا. انهن ۾ پاڻي چڱو ٺري ٿو. ڪوهستان ۾ پاڻيءَ پيڻ لاءِ اوني عام طرح ڪم اچي ٿي. اونيءَ رنگڻ لاءِ فقط ٻير جي چوڏي وجهن ٿا. بعضي ڪانهيري، جو چوڏو به ڪم آڻين ٿا. جيڪڏهن اونيءَ ۾ ڪير وجهڻو هوندو اٿن، ته ساڳي، کل ۾ ٻيرولي ۽ ڏاڙهونءَ جي کل وجهن ته رڇي نرم ٿيو پوي، ۽ رنگ به بدلجي هيڊو ٿيو پوس. جيڪڏهن انهيءَ ساڳيءَ کل کي گيهه وجهڻ لاءِ ڪم آڻڻو هوندو اٿن، ته منجهس مينديءَ جا پن ۽ کور وڻ جو چوڏو وجهندا آهن. وڏيڪ سٺي ۽ خوشبودار اوني بنائڻ لاءِ ڪجور ڪاڙهي، ان جي رس وجهي، ڳچ ڏينهن رکي ڇڏين، ۽ پوءِ اوني صاف ڪري، گيهه وجهڻ لاءِ ڪم آڻين. اها "زڪ" سڏجي ٿي. اڳي به شايد ائين ڪندا هئا. ـ مصنف

رگ ويد جي منڊل ڏهين (۱۴۲، ۴) ۾ "وپتا" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "وار ڪترينڌڙ". اهي مردن جون ڏاڙهيون ڪوسي پاڻي، سان پچائي پوءِ ڪوڙيندا هئا. (اٿرو ويد. منڊل ڇهون. ۶۸، ۶). سنس. پيلوان، رسيون ٺاهينڌڙ، رنگريز ۽ ٻيا ڪاسبي به هوندا هئا. ڪي ناچو به هوندا هئا.

طبابت ۽ جراحت. سنڌو ماٿر جي رهاڪن مان ڪو بيمار پوندو هو ته دوا ستيءَ ڪرڻ لاءِ ويج يعني طبيب يا حڪيم به هوندا هئا. جي "ڀشڪ" (ڀشج) (Bhishaj) سڏبا هئا (منڊل نائون، ۱۱۲، ۱، ۳). ويجن بابت، رگ ويد ۾ چرچي طور چيل آهي ته "ائين چاهيندا هئا ته ڳوٺن ۾ شل ڪا بيماري منهن ڪڍي، ته اسان جي ڪمائي وڌي!" منجهانئن ڪي حاذق حڪيم به هوندا هئا. اهڙي هڪ جراح حڪيم جو ذڪر ڪندي، هڪ رشيءَ چيو آهي ته "اي ويج، مان توکي گهوڙو، ڳانءِ ۽ ويس وڳا ته ڏيان، پر پنهنجي جند به توتان قربان ڪريان" (منڊل ڏهون، ۹۷). مطلب ته حاذق حڪيمن جو ماڻهو ججهو قدر ڪندا هئا.

رگ ويد واري زماني ۾ هاڻوڪي وانگر لئبارٽريون يا تجربي خانا (Laboratories) ڪين هئا، ته به انهيءَ قديم زماني جي ويجن کي قسمين قسمين ٻوٽين جي خاصيتن جي سڌ هوندي هئي، جن مان ڏيپ ۽ ڦڪيون ستيون جوڙيندا هئا. ان وقت ٻوٽي تي ۽ جبلن جي وٽ سان، جيڪي اڻ پڙهيل رهندا هئا، سي به ٻوٽيون سڃاڻي سگهندا هئا. هڪ آسوريءَ ڪو ڪارو ٻوٽو ڳولي لڌو جو چِٽيءَ ۽ ڪوڙهه لاءِ ڪم ايندو هو (اٿرو ويد، ۱، ۲۴، ۲). جن کي ٻوٽيون ڪپنديون هيون، سي "ڪرات" (Kirata) نالي هڪ جابلو قوم وارن جي نياڻين کان خريد ڪري ايندا هئا. اهي ڇوڪريون جبلن جي مٿاهين چوٽين تي چڙهي، اتان ٻوٽيون ڪوٽي ڪڍي ايندِيون هيون. ۽ انهن جي عيوض ڪپڙا، تڏا، ٻاڪريون کلون وغيره وٺنديون هيون (اٿرو ويد، منڊل چوٿون، ۷، ۶). رگ ويد جي منڊل ڏهين ۾ هڪ سوُڪت (Hymn) سڄو ئي ٻوٽين جي ساک بنسبت آهي. ان ۾ ڪن ٻوٽين جا نالا ڄاڻايل آهن - جهڙوڪ اَشووتي، سوموتي، اُرجينتي ۽ اَدُوجسَ . ڪن ٻوٽين جا نالا اهڙا آهن، جن جي معنيٰ هن وقت ڪوبه

سمجهي نئو سگهي: "پرشني پرني" (Prisni Parni) . (Hermionitis Cor- difolia) نالي هڪ ٻوٽي عام هوندي هئي. جنهن زال کي ڪچي ٻار پوڻ جو امڪان هوندو هو، تنهن لاءِ اها مفيد سمجهي ويندي هئي. ششرت (١، ٣٧٧، ٧) ۾ به ڪچي ٻار پوڻ کي روڪڻ لاءِ اهو ئي علاج ڏسيل آهي. ٻوٽين جي خاصيتن جون ڳالهيون ڳڻي، رگ ويد ۾ هڪ رشيءَ چيو آهي ته "جيئن ڪو راجڪمار جڌ جي ميدان ۾ بيهي، دشمن کي هٽائي ٿو، تيئن هي ٻوٽيون بيمارين تي غالب پئي، انهن کي پڇائي ڇڏين ٿيون .... اي ٻوٽيون! توهين جو پرٿويءَ تي ٽڙيون پکڙيون پييون آهيو، سي منهنجي هيٺي هڏ ۾ طاقت آڻيو. جيڪي توهان کي ڏرتيءَ مان کوٽي ڪڍن ٿا، سي شل توهان کي ڪو ضرر نه رسائين! شل منهنجا پاليل پکي ۽ چوپايا بيمارين مان ڇٽن!" هن منجهان ظاهر آهي ته ان وقت جا ويج نه رڳو ماڻهن، پر جانورن ۽ پکين جو به علاج ڪندا هئا. ٻوٽين مان ٺهيل دوائن کان سواءِ اڇين ماڪوڙين (اُپجهو ڪائن) جي مٽي (ٻرڻ جي مٽي) به ڪيترن مرضن لاءِ دوا طور ڪم آڻيندا هئا. اها مٽي زهر لاءِ ترياق ڪري سمجهندا هئا. ڪؤشڪ سوٽر (٣١، ٢٦) ۾ ڄاڻايل آهي ته ڪنهن ماڻهوءَ جي بدن مان زهر ڪڍڻو هوندو هئن ته اها مٽي زهر واري هنڌ ٻڌندا هئس، پاڻيءَ ۾ ملائي پياريندا هئس، ۽ انهيءَ مٽيءَ گڏيل پاڻيءَ سان گرڙيون به ڪرائيندا هئس. اها مٽي ڪوسي پاڻيءَ ۾ ملائي بت تي به ٽڪيندا هئس. اترو ويد ۾ ڄاڻايل آهي ته وهندڙ رت کي روڪڻ لاءِ به اها مٽي ڪم ايندي هئي. ڦاڙهي جو سڳ ڪيتري (Heriditary) بيمارين ڇٽائڻ لاءِ ڪم ايندو هو (اترو ويد، منڊل ٽيون، ٧، ١).

ڪنهن به مرض جي علاج ڪرڻ کان اڳي، مرض جي سڃاڻپ (Diag- nosis) ضروري آهي. ويدڪ زماني ۾ ئي سنڌو ماٿر جا ويج مرضن کي پوريءَ ريت سڃاڻي سگهندا هئا. اها ڳالهه هن مان ظاهر آهي ته رگ ويد ۽ اترو ويد ۾ ڪيترن مرضن جا نالا ڄاڻايل آهن: مثلاً، "هرت" (Harita) يعني "يرقان" (Jaundice) ، "ڪلاس" (Kilasa) يعني چٽي يا ڪوڙهه، "ڪاسڪا" (کنگهه)، "پاما" (Herpes) ، "هرديوت" (Hriddyota) يعني دل جي بيماري، "جايانيه" (Venereals) ۽ ٻيا. رگ ويد ۾ هڪ سُوڪت

"تڪما" (تپ) بابت آهي: انهيءَ ۾ تپ جا سڀ قسم ۽ سلھ جا سڀ ارڪان نهايت چٽيءَ ريت ڄاڻايل آهن. مرضن ڪي پوريءَ ريت سڃاڻڻ ۽ انهن لاءِ پورو پورو علاج ڪرڻ جنهن ڪي ايندو هو، سو ئي "ونديه" سڏبو هو. "ونديه" (ويج) لفظ جي بنيادي معنيٰ ئي آهي "ڄاڻو"، (ڌاتو: "ود" Vid معنيٰ "ڄاڻڻ"). انگريزي لفظ "ڊاڪٽر" ۽ عربي لفظ "حڪيم" جي به اصل معنيٰ آهي "ڏاهو". حڪمت معنيٰ ڏاهپ. عيسوي سن کان سوا ٽي سو ڪن ورهيه اڳي، سڪندراعظم جي وقت ۾ به سنڌ جا حڪيم هاڪارا هوندا هئا، جنهنڪري يوناني تاريخ نويسن سندين گهڻي ساک ڪئي آهي. مطلب ته قديم زماني کان وٺي سنڌي ماڻهو طبابت ۾ پڙ هوندا هئا. مصنف جي ڏسندي، سن ١٨٨٦ع تائين حيدرآباد جهڙي شهر ۾ هڪ به ڊاڪٽر مس هوندو هو. نه ته رڳو ويج ۽ طبيب هوندا هئا، جي اڄ به گهٽي ئي آهن. ٻهراڙين ۾ ماڻهو ڊاڪٽر جي دوا اڪثر ڪونه ڪن. ڪهڙي به بيماري ٿئين، ته ڪنهن ڏاهي يا ڏاهيءَ کان وڃي ڏس پڇن، ۽ انهيءَ ڏس پٽاندر علاج ڪن. ننڍڙن ٻارن ڪي ڪا بيماري ٿيندي هئي ته سندين مائر يا ڏاڏيون علاج ڪنديون هيون. اڄ به ڪيتريون ٻڍڙيون پنهنجن ٻارن جو علاج پاڻ ڪنديون آهن.

آڳاٽن لوڪن ڪي انگ وديا يا علم تشريح (Anatomy) جي به سڌ هئي. قديم زماني ۾ "پرش ميڌ" يعني ماڻهن جي قربانيءَ جو يگيه (Human Sacrifice) ۽ "اشو ميڌ" يعني گهوڙن جي قربانيءَ جو يگيه (Horse Sacrifice) عام طرح ٿيندو هو، ۽ ٻيا جانور به ٻل چاڙهيندا هئا. يگيه ڪرائيندڙ رشي هرهڪ ساهواري جي بت جا ڀاڱا باترتيب وڍي، هرهڪ ڀاڱو اگنيءَ (باهه) ۾ اُڇليندو ويندو هو. انهن يگين منجهان ئي انگ وديا جي پروڙ پين. انهيءَ زماني ۾ مڇي ماس کائڻ جو رواج به عام هو، تنهنڪري ڪاسائي به هوندا هئا. جيئن هن وقت ڪاساين ڪي پنهنجي ڏنڌي ڪندي ٻڪرين، رڍن وغيره جي بت جي بناوت جي سڌ پئجي وڃي آهي، جنهنڪري انهن جو هرهڪ ڀاڱو باترتيب وڍين ٿا، تيئن آڳاٽن لوڪن ڪي نه رڳو ٻڪرين، رڍن ۽ ٻين ساهوارن، بلڪ انسانن جي بت جي بناوت جي به پوري پروڙ پئجي ويئي، جنهنڪري انگ وديا ۾ پڙ

هوندا هئا، پر ساڳئي وقت منتر بہ ڪم آڻيندا هئا (اٿرو ويد، منڊل ڀهريون، ١٧).

رگ ويد ۾ اهڙا بہ اشارا آهن، جن مان ظاهر آهي تہ ڪنهن جو ڪو عضوو خراب ٿي پوندو هو تہ اهو پوريءَ ريت ڪپي، ان جي عيوض ڪو جڙتو عضوو وجهندا هئس. "وشپلا" نالي هڪ برجستي اِستريءَ جي جنگ لڙائيءَ ۾ وڃي وئي، تہ اشوني ڪمار ديوتائن لوهہ جي ٽنگ ٺاهي وڌيس (منڊل ڀهريون، ١١٢، ١٠). هن مان ائين سمجهجي ٿو تہ ان وقت جا ويج جيڪڏهن ڪنهن کي چٽائيندا هئا، تہ اها هام ڪانہ هڻندا هئا تہ اسين بيمارين کي چٽايون ٿا، پر چوندا هئا تہ اها ديوتائن جي ڪرپا آهي. اشوني ڪمار ديوتائن کي ٻين ديوتائن جو طبيب ڪوٺيو اٿن، تنهنڪري پنهنجي ساراهہ ڪرڻ بدران انهن کي ساراهيو اٿن. اهڙا مثال ٻيا بہ آهن. رجراشوَ نالي هڪ شخص رڍن چارينديءَ هڪ سؤ رڍون بگهڙن ۾ بگهاڙين ڪان ڪارائي آيو، تہ پٽس کي اهڙي ڇڙ وئي وئي، جو ٻئي اکيون ڪڍي ورتائينس. پر اشوني ڪمار ديوتائن وري اکيون وڌيس، ۽ ڏسڻ وائسڻ لڳو (منڊل ڀهريون، ١١٦، ١٦). پراواج (Paravaj) نالي هڪ شخص انڌو ۽ منڊو هو، تہ اشوني ڪمار ديوتائن کيس سڄو ڪيو (منڊل ڀهريون، ١١٢، ٨). گهوشا نالي هڪ استريءَ جو سڄو بت روڳ ۾ ورڳي ويو، ۽ سندس چمڙي جو ڪوبہ آسرو ڪونہ هو، تنهنڪري مڱڻ پرڻجڻ کان رهجي ٿي پيئي هئي، پر پوءِ ديوتائن جي ڪرپا سان مرض ڇٽي ويس ۽ پرڻي. هي ڳالهيون ڏيکارين ٿيون تہ سنڌو ماٿر ۾ حاذق حڪيم ئي قابل جراح هوندا هئا. قديم هندن جا اوزار بہ اهڙا تکا هوندا هئا، جو وار کي لنبائيءَ مان وڍي بہ اڌ ڪري سگهندا هئا.* ڪشتا بہ اهڙا ٺاهي سگهندا هئا، جو پوڙهي کي جوان ڪري ڇڏيندا هئا.

شيوَن (Cyavana) رشيءَ جي نالي جاٽايل آهي تہ هو ٻنهہ جهور ٿي ويو هو، پر پوءِ نئين جواني مليس، ۽ ڪيتريون ڪماريون پرڻيو (منڊل ڀهريون، ١١٦، ١٠). اڄ بہ اسان جا ويج ۽ حڪيم ڪشتن جوڙڻ ۾ پڙ

* "The surgical instruments of the Hindus were sufficiently sharp, indeed, as to be capable of dividing a hair longitudinally". Mrs. Manning: Ancient and Mediaeval India, Vol. II. p. 346.

آهن، پر ڪي نيم طبيب بہ آهن، جي بيمارين کي يا چاڙهين يا مارين، يا عمر لاءِ کارين.

جهاڙون جهپون ۽ تونٽا قيٽا. آڳاٽا لوڪ بيمارين لاءِ علاج تہ ڪندا هئا، پر وقتي ڪنهن کي ڪا بلا يا نانگ چڪ پائيندو هو، يا وڇون ڏنگيندو هو، تہ جهاڙون جهپون بہ وجهائيندا هئا (رگ ويد، منڊل پهريون ١٩١). ڪنهن کي ڪا اهڙي بيماري هوندي هئي، جا سندس مائٽن کي بہ هوندي هئي، تہ جون جو ڪک هن جي متان لوڏي منتر پڙهندا هئا تہ اها موروثي بيماري وڃي، ۽ سندس اولاد سنديس اڏ نہ چڪي (اٿرو ويد، منڊل ڇهون، ٨، ٣). جلندر جي بيماريءَ لاءِ بيمار ماڻهوءَ کي جل پڙهي پياريندا هئا، ۽ متان ڇنڪاريندا هئا تہ پيٽ وارو پاڻي نڪري وڃيس (اٿرو ويد منڊل ڇهون، ٢٣). تپ واري ماڻهوءَ جي کٽ جي پائي سان ڏيڏر ٻڌي منتر اُچاريندا هئا تہ تڏو ڏيڏر تپ جي گرمي چڪي وٺي (اٿرو ويد، منڊل ستون، ١١، ٦). رگ ويد واري زماني ۾ ٿي ماڻهو عام طرح انين وسهندا هئا تہ جن ڀوت آهن، جن جو جيڪڏهن پاڇو گرڀ واريءَ زال تي پوندو تہ کُهائي ڇڏينديس يعني ڪچو ٻار پوندس، يا مئل ٻار ڄمندس، جنهنڪري وقتي اهڙو زهر چڙهي ويندس، جو ٻاڻ بہ مري ويندي. جنن ڀوتن جي اهڙن بداثرن ٽارڻ لاءِ ويدن جا ڪي منتر اُچاريندا هئا، جي رگ ويد ۾ ڏنل آهن. اٿرو ويد ۾ تہ اهڙا منتر هيڪاري گهڻا آهن. ڪنهن زال کي گرڀ نہ بيهندو هو، تہ ان لاءِ بہ منتر اُچاريندا هئا. بدن مان هر قسم جي پيڙا نڪري وڃي، تنهن لاءِ بہ ڪي منتر اُچاريندا هئا (منڊل ڏهون، ٦٣). ڪي ٻليون چاڙهيندا هئا، ۽ تونٽا قيٽا ڪندا هئا (منڊل ڏهون، ١٦١). ڪا زال چاهيندي هئي تہ مڙس جو پيار مون تي وڌي، تہ انهيءَ لاءِ بہ منتر اُچاريندا هئا (منڊل ڏهون، ١٥٩). مطلب تہ ٻک ڪڍڻ، جهاڙن وجهائڻ، تونٽن قيٽن ڪرڻ ۽ تعويذن ٻڌڻ جو رواج، جو اڄ ڪالهہ عام آهي، تنهن جو ٻج رگ ويد واري زماني ۾ ئي ڇٽيل هو. هن وقت ڪنهن درد دفع ڪرڻ يا ڪنهن گرهہ چار جي اثر ٽارڻ لاءِ ٻاوا ۽ ٻانيڻ ماڻهن کي جل پڙهي پياريندا آهن، تنهن رواج جو ذڪر بہ منڊل ڏهين (١٣٧) ۾ آهي. ڪو منتر پڙهي جل ۾ ڦوڪ ڏيندا هئا، تہ جل ۾ گويا بجليءَ جهڙو اثر ٿيندو هو، ۽ اهو جل

بيمار کي پياريندا هئا، تہ پڙهيل پاڻي سنديس پيڙا ڪڍي ڇڏي. منتر پڙهي ٻوڇڻ ڇنڊيندا آهن، سو گويا پيڙا ڇنڊي پاسي ڪندا آهن. رگ ويد ۾ لڱ لڱ مان بلڪ روم روم مان پيڙا ڪڍڻ لاءِ منتر آهن. ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ يرم ۽ سنسا اصل دراوڙن ۾ هئا، جن جو پوءِ آرين تي بہ اثر ٿيو.

<u>جنگي سپاهہ</u>. رگ ويد واري زماني ۾ ڪن جوانن جو ڌنڌو ئي هو جنگين ۾ لڙڻ. رشين ۽ براهمڻن جو ڳهٽو ڏيان ڌرمي ڳالهين ڏي هوندو هو، تہ بہ هٿيارن هلائڻ ۾ پڙ هوندا هئا. ڪا وڏي جنگ لڳندي هئي تہ جنگي سپاهہ جي پنيان جڏ جي ميدان ۾ ويندا هئا، ۽ دشمنن سان مڙسيءَ سان لڙندا هئا (رگ ويد، منڊل ستون، ٣٣). رشي، براهمڻ توڙي ٻيا جنگي جوان جڏ جي ميدان ۾ سوم رس جو چڪو چاڙهيندا هئا، ۽ انهيءَ خنڪيءَ وچان سر جو ڪوبہ سانگو نہ ڪري، مڙسان مڙسيءَ لڙندا هئا، ۽ ٽپ ٽپ تي اندر ديوتا جو نالو اُچاريندا هئا. رگ ويد واري اوائلي زماني ۾ اندر مهراج نہ رڳو برسات جي ديوتا، پر جڏ جو ديوتا (War – god) بہ ليکبو هو. اندر جا پوڄاري ڪيس سوم رس جو ڀوڳ لڳائيندا هئا، ۽ اگنيءَ (باهہ) ۾ مينهن ۽ ڍڳن جي ڇربي وجهندا هئا، تہ اندر ديوتا پرسن ٿي پنهنجن پوڄارين کي جنگين ۾ سوڀارو ڪري (رگ ويد، منڊل ڇهون، ٣، ٥، ۽ منڊل ڏهون، ١٦٠، ٣). آسمان ۾ جڏهن ڪارا ڪڪر مڙي ايندا هئا، پر برسات نہ پوندي هئي، تڏهن ائين وسهندا هئا تہ آسمان ۾ ڪي دئت آهن، جي برسات جي پاڻيءَ کي پنهنجن قلعن ۾ قابو ڪري ويٺا آهن. انهن دئتن سان پڄڻ جوڳو هڪڙو ئي اندر ديوتا سمجهندا هئا، پر اندر ديوتا خنڪيءَ سان تڏهن دئتن سان لڙي سگهندو، جڏهن سوم رس جو چُڪو چاڙهيندو. اندر ديوتا کي سوم رس جي ڀوڳ لڳائڻ جي مکيہ مراد ئي اها هوندي هئي.* هو وسهندا هئا تہ سوم رس جي ڀوڳ لڳائڻ ڪري اندر ديوتا ايتري قدر ٻود ۾ اچي ٿو، جو ورتر ۽ ٻين دئتن جا قلعا بہ ٽوڙي ڇڏي ٿو، جنهنڪري دشمنن جي قلعن ۾ اندر قابو ٿيل برسات جو پاڻي ڇوڪ لاءِ ملي ٿو. انهيءَ

* "The main object of the Soma sacrifice was to strengthen Indra in his fight with Vrtra, and bring down timely rains from the reluctant clouds for helping agricultural work." Dr. A.C.Das: Reg Vedic Culture, p. 508.

سبب اندر ديوتا کي "پُريندر" يعني قلعا ناس ڪندڙ بہ سڏيو اٿن. اهڙن عقيدن ڪري پاڻ بہ جنگ تي چڙهڻ کان اڳ سومر رس جو چڪو چاڙهيندا هئا، تہ همت سان لڙي دشمن جا قلعا بہ ٽوڙي ڇڏجن.

جنگين لاءِ سبب ۽ سپاهين جا ساج (Accoutrements) . رگ ويد واري زماني ۾ ڪي جنگيون ۽ ڇتاپيٽيون خاص هن سبب لڳنديون هيون، تہ ڏاڙيل جيڪو مال ڪاهي ويا هجن، سو ڪانئن موٽي هٿ ڪجي، يا دشمن جو چوپايو مال بلڪ سندين زالون هٿ ڪجن (رگ ويد، منڊل نائون، ٦٧، ١٠-١٢). وقتي پوک جي پاڻيءَ تان تڪرار ٿيندا هئا (رگ ويد منڊل ڇهون، ٢٥، ٣). تہ جنگي جوڌا مخالف ڏر جي پنيان جوش منجهان ڪاهي پوندا هئا (رگ ويد، منڊل ستون، ٨٣، ٧). جڏ مهل سورهيہ سپاهي پنهنجا جهنڊا کڙا ڪندا هئا (رگ ويد، منڊل ڏهون، ١٠٣، ١). جنگ شروع ڪرڻ مهل پيريون يا نغارا وڃائيندا هئا تہ پريان ئي سڌ پوندي هئي تہ هاڻ جنگ لڳي تي. جنهن وقت ڏوهر مان ڏمالون وڃنديون هيون، تنهن وقت مانجهي مڙس شور مچائي، تڪا تير ڪٽي، جڏ جي ميدان ۾ ڪاهي پوندا هئا، ۽ سندن شور پرانهن پَٽن ۾ پڙاڏا پيو ڪندو هو (رگ ويد، منڊل پنجون، ٥٣، ١٣). اوڏيءَ مهل سارٿي (رٿ ڪاهيندڙ) پنهنجا رٿ تکڙا تکڙا ڪاهي، ناهموار پَٽن تان بہ انين تکا ويندا هئا، جيئن نڌين جو پاڻي ڪنهن وڏي لاهہ تان لهي، تکڙو تکڙو وهندو آهي، پنهنجن گهوڙن جون واڳون پنهي هٿن ۾ قابو جهلي، دشمن تي انين وڃي پوندا هئا، جيئن باز ڪنهن شڪار کي وڃي جهٽ هڻندو آهي (رگ ويد، منڊل ڇهون، ٣٦، ١٣-١٤). گهڻن سوارن جا گهوڙا هڪارون ڏيندا. هڪڙي ئي وقت تکڙا ڊوڙندا هئا تہ گهڻي لَٽ اُٿندي هئي. ڪن جنگي جوڌن کي ڪلهن تي پالا هوندا هئا، ۽ جيڪي زيور پيل هوندا هئن، تن جو چمڪو پريان پيو پسبو هو (رگ ويد، منڊل پهريون، ٦٤، ٦). ڪيترن جوانن کي پيرن ۾ ڪڙيون پيل هونديون هيون. ڪن جون سونيون زنجيرون ڇاتيءَ تي پيئيون لٽڪنديون هيون (رگ ويد، منڊل پنجون، ٥٣، ١٠). ٻانهن ۾ پٽا ٻڌل هوندا هئن (منڊل پهريون ٦٤، ١٠) ڪن کي زرهہ پيل هوندا هئا، ۽ ڪمانون ڪلهن تي پيل هونديون هين. سندن گهوڙن ۽ گهوڙين کي موتين

جون ڪنئيون پيل هونديون هيون (رگ ويد، منڊل ۷۷، ۱۸، ۲۲ـ ۲۳).
جنگي سپاهين مان ڪي هاٿين، گهوڙن ۽ رٿن تي سوار هوندا هئا، ته ڪي پيادا هوندا هئا. تيرن رکڻ لاءِ تيرڪش يا ٻٽيون هونديون هيون.

قديم يوناني لوڪ تير ڪمانن ۾ وجهي، ڇاتيءَ تائين ڇڪي، پوءِ ڇوڙيندا هئا. اسان جي سنڌو ماٿر جا جنگي جوڌا تير ڪمانن ۾ وجهي، ڪنن تائين ڇڪي، پوءِ ڇوڙيندا هئا.

ڏوبدو لڙڻ مهل کهاڙا، نيزا ۽ ترسولن جي نموني جڙيل هٿيار ڪم آڻيندا هئا. ڪنهن جڏ ۾ سوپارا ٽيندا هئا ته ڀيريون يا نغارا زور سان وڄائيندا هئا، ۽ بلند آواز سان جنئي جنيڪار منائيندا هئا.

# باب ٻارهون

## وڻج واپار ۽ ڏيساورن ۾ بينڪون

قديم سنڌ جا واپاري. رگ ويد ۾ ڪيترن هنڌ "پڻي" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "وڻجارو" (وڻج ڪندڙ يا "واپاري"). انهيءَ لفظ جو ڌاتو يا بنياد آهي "پڻ" معنيٰ "سودو ڪرڻ، ڳنهڻ" وغيره. هو بنهه ڪائيءَ سان جنسن جي خريد و فروخت ڪندا هئا، سودي ۾ للي چپي يا مروت ڪندا ئي ڪانہ هئا، ۽ رڳو پنهنجي سُود يا نفعي جي ڳالهہ ڳڻيندا هئا. انهيءَ سبب هو رگ ويد جي منڊل ڇهين، سُوڪت ۵۱، رچا ۱۴، ۾ "ٻگهڙن وانگر هٻڇي"، ۽ منڊل ڇهين جي سُوڪت ۱۶۱ جي رچا پهرينءَ ۾ "خود مطلبي" سڏيا ويا آهن.

اهي "پڻي" (واپاري) اصل آريہ هئا يا دراوڙ، يا ڪٿي فرض ڪجي تہ اصل دراوڙ هئا، ۽ پوءِ آرين سان متي مائٽي ڳنڍڻ ڪري "آريہ" سڏجڻ ۾ آيا، تہ بہ هنن ججهو ڏيان لهڻو، جو سنڌو ماٿر جا اوائلي واپاري اهي هئا. رگ ويد ۾ اهي "پڻي" لوڪ "وڻڪ" بہ سڏيا ويا آهن. ڊاڪٽر ابناش چندر داس ڄاڻايو آهي تہ پوءِ جي سنسڪرت ڪوشن (لغتن يا ڊڪشنرين) ۾ جهڙوڪ "راج نر گهنٽ" (Raja - Narghanta) ۾ "وڻڪ" ۽ "پڻڪ" ساڳيا ئي لفظ ڪري ڄاڻايل آهن. رگ ويد ۾ ڄاڻايل انهن پڻي لوڪن مان پوءِ ڪي ڏکڻ هندستان ڏي لڏي ويا، ۽ منجهائن جيڪي هميشه لاءِ سنڌو ماٿر ۾ رهيا، سي ويدڪ آرين جي پنگت ۾ داخل ٿي ويا، ۽ اهي پوءِ "ونشن" جي دفعي ۾ ليکجڻ ۾ آيا.* هن مان ظاهر آهي تہ رگ ويد واري

* "Those that remained in the country gradually became incorporated into the Vedic Arian society, and became the ancestors of Vanikas of later times, who formed the third twice-born caste, known as the Vaisya caste. Even in later Sanskrit lexicons, the Vanikas came to be identified with the Panikas who were no other than the Panis of the Reg Vedic times." Dr. A.C. Das: Reg Vedic India, page 188.

زماني جا پٽي يا "پٽڪ" ۽ "وٽڪ" اهي آهن، جي هن وقت "واٽيا" (وڻج ڪندڙ) ۽ پائيبند سڏجن ٿا، ۽ اڄ تائين "وڻشن" جي دفعي ۾ ليکجن ٿا.

سنڌ ۾ هن وقت هندن جا ٻه مکيه پڪا آهن: هڪڙا عامل، ۽ ٻيا پائيبند. سچ پچ ته هاڻوڪن عالمن مان ڪي اصل پائيبند هئا، ۽ پوءِ عاملن ۾ گڏجي ويا. هيئن به آهي ته ڪي عالم ۽ خدا آبادي پائيبند ساڳئي هڪڙي ڏاڏي جو اولاد آهن، پر منجهانئن جن ڪلهوڙن ۽ ميرن وٽ نوڪري ڪئي، سي "عامل" سڏجڻ ۾ آيا، ۽ جن پنهنجن ابن ڏاڏن واري وڻج واپار جي ڪرت سانده ڪئي، سي پائيبند ڪوٺجڻ ۾ آيا. چند عاملن مان رڳا ڪي ٿورا ڪتري آهن، نه ته گهڻا وڻش آهن، پر ٻنهي جون ڪراچيءَ جي سيٺين، ۽ حيدرآباد جي مکين ۽ ٻين خدا آبادي پائيبندن سان مٽيون مائٽيون آهن. انهيءَ ويجهيءَ عزازت ڪري، عامل ڪين "پائيبند" يعني "پائي" (پاءُ)، ۽ "ٻنڌو" (مائٽ) سڏڻ لڳا، ۽ اهو سنو ۽ منو نالو اڄ تائين هليو اچي. پائيبندن مان هاڻي ڪي نوڪريون ڪن ٿا، نه ته سندن مکيه ڌنڌو آهي وڻج واپار. انهن واپارين جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو احوال رگ ويد مان ملي ٿو، جو مختصر طرح هن ريت آهي:

سنڌو ماتر (پنجاب ۽ سنڌ) جي ڳوٺن ۾ ماڻهن جي ڪاپي ڪان وڏيڪ جيڪو اَن، ڪپڙو وغيره هوندو هو، سو اهي "پٽي" (واپاري) ٻين هنڌن وڪڻڻ ويندا هئا. ٻاهن جو واپار به ڪندا هئا. هماليه جبل ڏي سوم ٻوٽي ججهي انداز ۾ پيدا ٿيندي هئي، ۽ ان جو ڪاپو گهڻو هوندو هو، ۽ چڱي اگهه ۾ وڪامندي هئي، تنهنڪري انهيءَ ٻوٽيءَ جو به وڻج ڪندا هئا. سيني جنسن جو واپار ڪي خشڪيءَ ته ڪي درياهه يا سمنڊ جي رستي ٿيندو هو.

خشڪيءَ جي رستي واپار ڪرڻ لاءِ واپاري قافلا ٺاهي ويندا هئا. پنهنجو وکر گهوڙن، ڏاندن، اُٺن، ۽ گڏهن تي لڏي، پرانهن هنڌن ڏي ويندا هئا. انهيءَ زماني ۾ به چور ۽ رهزن هوندا هئا. واپاري پنهنجيءَ جان ۽ مال جي بچاءَ لاءِ ڪهڙا جتن ڪندا هئا، سا ڳالهه رگ ويد ۾ ڄاڻايل ڪانهي، باقي پوءِ جي ساهت مان پتو پوي ٿو ته پنهنجا "چينڪ" (وڏيرا يا مکي) هوندا هئن، جن تي سندين جان ۽ مال جي بچاءَ جو بار هوندو هو، ۽ اهي

پنهنجا بورائو ۽ سپاهي ساڻ ڪٺندا هئا. اهي ويدڪ زماني کان پوءِ جون ڳالهيون پوءِ جاٺائبيون. هتي رڳو ايترو جاٺائجي ٿو ته رڳ ويد واري زماني ۾ قداور ڪتا ساڻ هوندا هئن. جن جي ويجهو اچڻ جي ڪنهن چور يا رهزن کي جرئت ڪانه ٿيندي هئي. اهي واپاري ڪهڙن ملڪن ڏي ويندا هئا، سا ڳالهه رڳ ويد جي ڪنهن به منڊل ۾ کليءَ ريت جاٺايل ڪانهي.

سنڌ ۽ پنجاب ۾ ندين هئڻ سبب قديم زماني ۾ ئي اسانجن ماڻهن ٻيڙين ۽ دنگين جوڙڻ جي ضرورت محسوس ڪئي. پراڻن پتاندر سڄي جمون دويپ جي چوڌاري سمنڊ هو، ۽ رڳ ويد موجب "سپت سنڌو"ءَ جي چوڌاري چار سمنڊ هئا. جنهنڪري جهازن جوڙڻ جو هنر ۽ جهازرانيءَ جو فن به انهيءَ قديم زماني ۾ هون.* درياهه جي رستي مال آڻڻ ۽ ٻاهر موڪلڻ جو رواج انهيءَ اڳاٽي زماني کان وٺي ويندي انگريزن جي صاحبيءَ جي اوائل تائين عام هو. سن ١٨٥٨ع ۾ ڪراچيءَ کان وٺي ڪوٽڙيءَ تائين ريل جي رستي جڙڻ جو آرنڀ ٿيو، تنهن کان پوءِ اها آمدرفت گهٽي، پر صفا بند ڪين ٿي وئي. اڄ تائين روهڙي، سکر ۽ ٻين هنڌن جا واپاري پنهنجو مال درياهه جي رستي آڻيندا ۽ نيندا آهن.

قديم زماني ۾ خريد فروخت روڪڙن پئسن تي ڪانه ڪندا هئا. جنسن جي اڪثر مٽا سٽا ڪندا هئا. هڪڙي جنس جي عيوض ٻي ڪا جنس، يا ڳايون، مينهون ۽ ٻيو چوپايو مال، پر خاص ڪري ڳايون وٺندا هئا (رڳ ويد، منڊل چوٿون، ٢٣، ١٠).** اهو مٽا سٽا جو دستور مصنف جي ساڃهه ۾ به حيدرآباد جهڙي شهر ۾ عام هو. اَن داڻا ڏيئي پساريءَ کان مصالحا وٺندا هئا. ساڳيءَ طرح ڪي ڪوڏيون به ڏيندا هئا. اڄ به واهڻ ۽ وسين ۾ هاري ناري اَن ڏيئي دڪاندار کان ڪپڙو وغيره وٺيو

---

* "It would have been strange if the many wide and deep rivers had not encouraged boat-building, even ship building and navigation; so that, while the general formation of the land, divided by intersecting mountain spurs in countless valleys, favoured the establishment of separate and independent tribes. The many easy ways of communication fostered neighbourly intercourse, and laid the beginnings of commerce." Z.A, Regozin: Vedic India, page 112.

** "Movable property could change hands by gift or by sale, the latter taking the form of a barter..... The standard of value seems to have been the cow." Cambridge History of India Vol. I. Page 97.

اچن. هي قديم زماني جي رواج جون نشانيون آهن.

آڳاٽي وقت ئي ماڻهو نهايت پڪائيءَ سان سودو ڪندا هئا. رگ ويد ۾ جاٽايل آهي ته جنسن جي خريد و فروخت مهل ماڻهو ريڙهه پيڙهه ڪندا هئا. اگهه پار جي ٻول ڪري ڇڏيندا هئا، تنهن مان اهو انومان ڪڍڻو پوي ٿو ته نه رڳو حاضري مال وڪامندو هو، پر وڏاڻ سودو به ٿيندو هو. هڪواري جيڪا ٻول ٿيندي هئي، تنهن ڪان ڪنهن کي ڦرڻ ڪونه ڏيندا هئا. رگ ويد جي منڊل چوٿين (۲۴، ۹) ۾ جاٽايل آهي ته "ڪو ماڻهو گهري ملهه واري شي ٿوري ناٽي ۾ ڏئي ٿو، ۽ پوءِ ڦري اچي خريدار کي چوي ٿو ته "مون اهو وڪرو ڪيو ئي ڪونهي، مون کي پوري رقم ڏي"، پر ڪجهه به وڌيڪ نٿو مليس، جو ٻول تي قابو رهڻو اٿس". پائنجي ٿو ته ڪي تنگيءَ مهل گهري ملهه واري شيءِ ٿوري ناٽي ۾ ڏيئي ڪندا هئا، ۽ پوءِ اچي ڦرندا هئا، ته نڪي وڪڻيل شيءِ واپس ملندي هين، نڪي وڌيڪ ناڻو ملندو هون.

بحري يا ساموندي واپار Maritime Trade گذريل اُڻويهين صديءَ جي شروعات ۾ تاريخ جون کوجنائون پئي ٿيون، ته سنسڪرت ساهت مان ڪي يوروپي عالمن کي ائين سمجهڻ ۾ آيو ته قديم آرين کي جهاز رانيءَ جي ڪابه سڌ ڪانه هئي! اهڙو رايو پروفيسر هاپڪنس ظاهر ڪيو.* پروفيسر مئڪڊونيل، جنهن سنسڪرت ساهت جي تاريخ لکي آهي، تنهن ته ائين به چيو ته رگ ويد واري زماني ۾ آڳاٽن آرين ڪڏهن وڏو سمنڊ (Ocean) اکين سان ڪونه ڏٺو هو، ۽ شايد سمنڊ جو رڳو نالو ٻڌو هوائون.+ هيڙا غلط رايا ظاهر ٿيا ته اسان جن ڪن ڏيهي عالمن ظاهر ڪيو ته هنن يوروپي پنڊتن ويدڪ ساهت جو رڳو اُڇاترو اڀياس ڪيو آهي، تنهنڪري سندن راين تي سنيالي لڳڻ گهرجي. پروفيسر ولسن، جنهن رگ ويد جو ترجمو ڪيو آهي، تنهن خود رگ ويد مان حوالا ڏيئي، جاٽايو ته سنڌو ماتر جا آريه لوڪ وڏا ڪاري ڪيڙائو ۽ واپاري لوڪ هئا. رگ ويد جي سُوڪتن ۾ وڏي سمنڊ (هندي وڏي سمنڊ) جو ذڪر آهي.

* Professor E.W. Hopkins: The Religions of India, page 34.

+ Professor A.A. Macdonell: History of Sanskrit Literature.

جهازن تي واپاري پنهنجي سوُد خاطر ريڙهه پيڙهه ڪندا هئا. تنهن ڳالهه جو به ذڪر آهي، بلڪ هڪ لڳا ڪنهن ڏورانهين ٻيٽ تي سمنڊ جي رستي ڪاهي ويا هئا. پر جهاز ٻڏي پيا، جنهنڪري مراد پوري نه ٿين.* پروفيسر ولسن ڪان پوءِ ٻين ڪن يوروپي عالمن به کوجنائون ڪري ظاهر ڪيو ته قديم سنڌو ماتر جا رهاڪو جهڙا جهاز راني ۾ پڙ هئا، تهڙا ئي جهازن جوڙڻ ۾ قابل هئا. اهي سمنڊ جهاڳي وڻج واپار ڪرڻ ويندا هئا. اهي حقيقتون پوڪوڪ صاحب.+ جرمنيءَ جي نامور عالم پروفيسر بلهر ۽ ٻين کولي ظاهر ڪيون، جنهنڪري پروفيسر هاپڪنس ۽ پروفيسر مئڪڊونيل پارن جا رايا رد ٿي ويا، ۽ هاڻ انهن ڪي ڪوبه ڪونه ٿو ليکي. پروفيسر بلهر ته ائين به ڄاڻايو آهي ته آڳاٽا آريه هندي وڏو سمنڊ جهاڳي ويندا هئا، ۽ اهي واپاري هندو پوءِ ايراني نار طرف به وڻج واپار سانگي ويندا هئا.

"There are passage in ancient Indian works which prove the early existance of a navigation of the Indian Ocean, and the somewhat later occurrence of trading voyages undertaken by Hindu merchants to the shores of the Persian Gulf and its rivers."
*Professor Bulher.*

مطلب ته ڪن يوروپي عالمن شروعات ۾ ڪي غلطيون ڪيون، جي پوءِ ٻين ڪن يوروپي عالمن سڌاريون، پر سنڌين گهڻين غلطين جي اُگهڙ اسان جن ڪن ڏيهي عالمن ڪئي، جنهنڪري انهن اڳين راين ڄاڻائڻ بدران تازين کوجنائن جو ذڪر ڪجي ٿو.

ويجهڙائيءَ ۾ جيڪي حقيقتون يوروپي توڙي ڏيهي عالمن ويدڪ ساهت مان کولي ظاهر ڪيون آهن، تن پٽاندر ڄاڻائجي ٿو ته رگ ويد واري زماني ۾ ئي سنڌو ماتر جا "پڻي" (وڻجارا) جهازن ۾ مال ڪٽي، سمنڊ جهاڳي، ڏيساورن ڏي ڌن ڪمائڻ ويندا هئا (رگ ويد، منڊل پهريون، سوُڪت ٣٨ رچا ٣)...ڪيترا واپاري پاڻ ۾ گڏجي، جهازن جون ٻيڙيون

---

* Professor Wilson's Translation of the Reg Ved, Introduction page XII, Second Edition, 1860.

+ "That the people of the country of the Indus ranked as navigators, in the most venerable antiquity, is perfectly clear from the ancient institutes of Manu, where 'merchants who traffic beyond the seas, and bring presents to the King'. are expressly mentioned." Pococke: India in Greece.

ڏورانهن ڏيهن ولي ويندا هئا (منڊل پهريون، ٥٦، ٢٧). سندن جهازن کي هڪ سو اورا (Oars) هوندا هئا (منڊل پهريون، ١١٦، ٥)، ۽ "پک" يعني سڙهہ (Sails) بہ هوندا هئن (منڊل ڏهون، ١٤٣، ٥) سمنڊ جي وچ ۾ ٻيٽ هوندا هئا (منڊل پهريون، ١٦٩، ٣). جهازن هاڪارڻ کان اڳ ۾ اهي واپاري ورڻ ديوتا کي آراڌنا ڪندا هئا، ۽ چوندا هئا تہ انهيءَ سمنڊ جي ديوتا کي ئي سڏ آهي تہ جهاز ڪهڙيءَ واٽ کان هلائجن، ۽ هوا ڪهڙي (سٽائي يا اٽائي) لڳندي (منڊل پهريون، ٢٥، ٧). هن مان ظاهر آهي تہ اهي واپاري "آريہ" هئا، ۽ ورڻ ديوتا جا پوڄاري هئا.

سنڌو ماٿر جا وڻجارا پاڻ سفر تي نڪرندا هئا تہ پنيان اگن ديوتا سندن ٻارن ٻچن جو راکو (دعاگو) ٿيندو هو (اٿرو ويد، منڊل ٽيون، سوڪت ١٥، منتر ٧). هنن لفظن مان ائين سمجهڻ ۾ ٿيو اچي تہ جيئن هن وقت ڪي سنڌ ورڪي پاڻ ٻاهر هليا وڃن، ۽ پنيان پڳوان سندن ٻچن جي پيو سنڀال لهي، تينءَ آڳاٽا واپاري بہ اگن ديوتا ۽ ٻين ديوتائن جي آسري پنهنجا ٻار ٻچا ڇڏي ڏورانهن ڏيهن ڏي ڏن ڪمائڻ ويندا هئا.

ساموڊي سفر لاءِ اهڙا جُنگ جهاز گهرجن، جي لهرن جون لپاٽون سهي سگهن. قديم زماني ۾ ئي سنڌو ماٿر جا پٽي پنهنجي ڊول جا نهايت مضبوط ۽ ڪارگر جهاز جوڙيندا هئا، ۽ سندن اهو ڪاريگريءَ جو نمونو سندن پوين بہ اختيار ڪيو. يوروپي لوڪ هندستان جي ماڻهن سان لهہ وچڙ ۾ آيا، تنهن کان بہ صديون ڪن پوءِ بہ آڳاٽن جهازن ۽ ڏنگين ۾ هڪڙو بہ سڌارو ڏسي نہ سگهيا.* انهيءَ هوندي بہ رگ ويد مان معلوم ٿئي ٿو تہ قديم وڻجارن جا جهاز وقتي سنائي سمنڊ جي سَٽَ سهي ڪين سگهندا هئا، جنهنڪري سندن غوراب بعضي غرق ٿي ويندا هئا. "ڀجيو" (Bhujya) نالي هڪ شخص ڪنهن ڏورانهين دويپ (ٻيٽ) تي سمنڊ جي رستي ڪاهي ويو، پر غوراب غرق ٿيڻ ڪري ٿي ڏينهن ۽ ٽي راتيون لهرين ۾ پئي لڙهيو، ۽ پوءِ ناستيہ (اشوني ڪمار ديوتائن) تار منجهان

* "Indian vessels are so admirably adapted to the purpose for which they are required that, not withstanding their superior science, Europeans were unable, during an intercourse with India for two countries, to suggest or to bring into successful practice one improvement." Sir John Malcolm, Journal of Royal Asiatic Society, Vol. I.

تاري پار پهچايس. هيءُ جيڪو اتفاق ٿيو، تنهن جو ذڪر رگ ويد منڊل پهرين ۾ ستين ۾ گهڻن هنڌ آهي. هن حقيقت مان ظاهر آهي ته قديم سنڌو ماتر جا پٽي (وڻجارا) جي سِر جي ست ڏيئي ڏورانهن ڏيهن ڏي پنهنجا جهاز هاڪاري ويندا هئا. اها جرئت اسان جن هاٿوڪن سنڌ ورڪين ۾ به آهي، جي سر جو ڪوبه سانگو نه ڪري سمنڊ جي مسافري ڪندا آهن.

چئن سمنڊن جو ذڪر رگ ويد ۾ جيتوڻيڪ اهو جاٿايل ڪونهي ته انهيءُ قديم زماني ۾ سنڌو ماتر جا پٽي (وڻجارا) ڪهڙن سمنڊن ۾ پيٽن ڏي ويندا هئا، ته به رگ ويد جي منڊل نائين (٢٣، ٦)، ۽ منڊل ڏهين (٤٧، ٢) ۾ چئن سمنڊن جو ذڪر آهي، جن مان هڪ ڪي "پورو سمدر" يعني اُيرندي وارو سمنڊ سڏيو اٿن (رگ ويد، منڊل ڏهون، ١٣٦، ٥). ڊاڪٽر ابناش چندر جي خيال موجب بنگال جي اُپسمنڊ کي "پورو سمدر" سڏيو اٿن. ٻيو هندي وڏو سمنڊ هو، ۽ ٽيون هاٿوڪو عربي سمنڊ هو. چوٿين سمنڊ بابت پڪ سان چئي نٿو سگهجي ته ڪهڙو سمنڊ هو.* جيالاجيڪل ڪاتي وارن ڪي کوجنائن ڪرڻ سان ائين معلوم ٿيو آهي ته ڪنهن زماني ۾ عربي سمنڊ وڏي راجپوتانا تائين ٿي آيو، جنهنڪري سڄو راجپوتانا وارو پاسو، ۽ هاٿوڪو ٿر ملڪ اڳي پاڻيءَ جي هيٺ هئا.** ۽ پوءِ ڌرتيءَ ڌڙڻ سبب سمنڊ هٽي پري ٿيو. سمنڊ جي نشاني راجپوتانا ۽ ٿر جون هاٿوڪيون پٽون آهن. رگ ويد جي منڊل ستين، سُوڪت ٩٥، رچا ٢ ۾ جاٿايل آهي ته سرسوتي ندي جبلن مان وهي سمنڊ ۾ وڃي چوڙ ڪندي هئي. اهو اشارو اڻ پڇيو راجپوتانا واري سمنڊ ڏي آهي. پاڻئجي ٿو ته جنهن زلزلي وقت

* جيالاجيڪل ڪاتي وارن جو چوڻ آهي، ته اڳي هڪ سمنڊ هاٿوڪي ترڪستان کان وٺي سئبيريا تائين، ۽ منگوليا کان وٺي ڪاري سمنڊ تائين هو، جو پوءِ (شايد زلزلي سبب) گم ٿي ويو. رگ ويد ۾ (ساڳني) انهيءَ سمنڊ ڏي اشارو آهي يا نه، سو چئي نٿو سگهجي. ــ مصنف.

** "The existence of the Rajputana sea to the south of this region (Sapta Sindhu) down to the seventh or eighth millenium B.C, has already been referred to........ It is further certain that the Arabian sea also sent up an arm towards the Indus through and crossed a large part of the province of Sindh, which is now occupied by desert and the lower course of the Indus". Dr. A.C. Das: Regvedic India, p.p. 26-27

راجپوتانا کان سمنڊ هٽيو. تنهن وقت سرسوتي نديءَ جو وهڻ بہ بس ٿيو. اڳوڻي سرسوتي نديءَ جي پيٽ مان هن وقت جيڪو پاڻي برساتي موسم ۾ وهي ٿو، سو راجپوتانا جي واري ڇُهي وڃي ٿو. جنهن مان ظاهر آهي تہ سرسوتي هاڪڙي پٽياليہ راڄ مان لنگهي، انهيءَ راجپوتانا واري سمنڊ ۾ وڃي چوڙ ڪندي هئي. هاڻ اسان کي هيءَ ڳالهہ ڳولي لهڻي آهي تہ سنڌو ماٿر جا واپاري ڪهڙن ڪهڙن ملڪن ڏي ويندا هئا.

بنگال ۽ چين سان واپار. رگ ويد ۾ ذڪر ٿيل چئن سمنڊن مان هڪ "پورو سمدر" يعني اڀرندي وارو سمنڊ سڏيو ويو آهي (رگ ويد، منڊل ڏهون، سوُڪت ١٣٦، رچا ٥). ڊاڪٽر ابناش چندر جي خيال موجب بنگال جي اُپسمنڊ کي (پورو سمدر) سڏيو اٿن. اسان کي اها ڳالهہ دل سان لڳي ٿي. سنڌ ۽ پنجاب جا پٽي (وڻجارا) چين ولايت ڏي ويندا هئا. تن جي وڃڻ جي واٽ ئي بنگال جي اُپسمنڊ کان هئي. ويدڪ واري زماني کان پوءِ اتهاسن وارو زمانو آيو. تہ بہ چين ولايت سان لهہ وچڙ هلندي آئي، جنهن لاءِ هڪ ثابتي هيءَ آهي تہ رامائڻ ۾ چين ولايت جي ريشم ۽ ٻين پيدائشن جو ذڪر آهي. ويدڪ زماني ۾ سنڌو ماٿر جا پٽي بئبلونيا، ميسوپوٽيميا ۽ الهندي ايشيا جي ٻين هنڌن ڏي ويا، تہ بہ شايد چين ولايت سان واپار پوءِ بہ ڪندا رهيا. ياڻنجي ٿو تہ بني اسرائيلن (يهودين) ۽ ٻين سيميٽڪ قومن کي چين ولايت جي سڌ انهن پٽي لوڪن وٽان پئي، جنهنڪري عيساين جي انجيل ۾ بہ چين جو نالو ڄاڻايل آهي. انجيل يا بائيبل ۾ چين جو اُچار "سئنام" آهي. الهندي ايشيا ۽ مصر جا رهاڪو وڻج واپار سانگي هندستان ڏي ايندا هئا. سا ڳالهہ بہ عيساين جي انجيل جي پيدائش جي ڪتاب (باب ٣٨، آيت ٢٥) ۾ ڄاڻايل آهي، جو حضرت يوسف انهن واپارين کي وڪڻيو ويو هو، جي هندستان مان مصالحا، سرهاڻيون، مُڏ وغيره اُنن تي لڏي مصر ملڪ ڏي ٿي ويا. "پيريپلس" مان معلوم ٿئي ٿو تہ عيسوي پهرين صديءَ ۾ چين ولايت مان ريشم ايندو هو، ۽ اهو واپار هندستان جا ماڻهو ڪندا هئا. هيءَ بہ تاريخي حقيقت آهي تہ ڪلهوڙن بلڪ ميرن جي صاحبيءَ ۾ بہ سنڌ جا واپاري وڻج واپار لاءِ چين ڏي ويندا هئا. انهيءَ ڳالهہ جو ٿورو ذڪر شاهہ جي رسالي جي سر

سريراڳ ۾ بہ آهي، جنهن ۾ چيل آهي:

سودي ڪارڻ سنيري، ويهون وڻجارن،
ويا چين بنگال ڏي، رکي ماٽڪ من.
- شاهہ

هنن ٻن ٽڪن سان گڏ هيءَ حقيقت بہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ انگريزن سنڌ فتح ڪئي، تنهن کان رڳو پنج ورهيہ اڳي، يعني ۱۸۳۸ع ۾ جيڪو واپار ڪراچيءَ ۾ هليو هو، تنهن جو مفصل بيان ڪماندر ڪارليس ڏنو آهي، جو ٿوري قدر انتڪن صاحب واري "سنڌ گزيٽيئر" ۾ ڇاٽايل آهي. انهيءَ سال سنڌ ۾ اتڪل ساڍن ايڪيهن لکن جو واپار هليو هو. جيڪي مکيہ شيون ٻاهران آيون هيون، تن ۾ ريشم هو.* هنن حقيقتن مان معلوم ٿيندو تہ اسان جا هن وقت جا پائيبند، جو چين، جپان، برما، منيلا، سينگاپور ۽ دور پورب ڏي ٻين هنڌ وڃڻ لڳا، سو رواج ويدڪ زماني ۾ نئي جاري هو، جو پوءِ ڪلهوڙن ۽ ميرن جي صاحبيءَ تائين بہ هلندو پئي آيو، جنهنڪري شاهہ جي رسالي ۾ ان جو ذڪر آهي.

رامائڻ ۾ يون دويپ ۽ سُورن دويپ (جاوا ۽ سوماترا) ۽ لوهت ساگر (ڳاڙهي سمنڊ Red Sea ) جو ذڪر آهي، تنهن مان سمجهجي ٿو تہ انهن پاسن سان لهہ وچڙهہ ويدڪ زماني ۾ نئي شروع ٿي هئي، جا پوءِ اتهاسن واري زماني ۾ بہ هلندي آئي.

ڏکڻ هندستان ۽ سلون سان لهہ وچڙ. رگ ويد ۾ موتين جو ڪيترن هنڌ ذڪر آهي (منڊل پهريون، ۳۵، ۴، ۽ منڊل ڏهون، ٦٨، ۱). سنڌ جي راجا سونيہ ڀاويہ، ڪاڪشون رشيءَ کي موتي دان ڪيا هئا. ان وقت جا راجائون پنهنجن گهوڙن ۽ گهوڙين کي بہ موتين جون ڪنٺيون پائيندا هئا. ايترا موتي ڪٿان آڻيندا هئا؟

هن وقت سنڌ ۾ سمنڊ مان موتين ڪڍڻ جو مقاطعو ڪراچيءَ جي ڪسٽمز کاتي وارا ڏيندا آهن، پر ويجهيءَ چڪ مان جيڪي سپون هٿ

"A detailed report of the trade of Karachi 1838 by Commander Carless of the Indian Navy furnishes some particulars of much interest. The value of the whole trade for that year was estimated at Rs. 21,46,625, the most important items in the list of imports being China and Bengal silk". Gazetteer of the Province of Sindh, Vol. I, Chapter VIII, Page 368.

اچن ٿيون. تن مان اڪثر رڳو جهانءِ نڪرندي آهي، جا معجون جوڙڻ ۽ ڪن دوائن ناهڻ ۾ ڪم ايندي آهي. اُچا آبدار موتي اڄ بہ ايراني نار ڪان ايندا آهن. ويدڪ زماني جا پٽي لوڪ بئبلونيا ۽ ميسوپوٽيميا ڏي ايراني نار ڪان ايندا ويندا هئا. ۽ موتي بہ اتان آڻيندا هئا تہ عجب ڪونهي پر ٻي وات بہ هين.

رگ ويدڪ زماني ۾ قديم آرين هماليہ جبل طرفان اچي، اُتر هندستان ۾ پنهنجو ڏڳو ڄمايو. تہ ان وقت جيڪي دراوڙ ۽ پٽي (وڻجارا) سنڌو ماتر ۾ رهندا هئا. تن مان ڪيترا ڏکڻ هندستان ڏي ويا. جا ڳالھ پراڻن ۾ ڄاڻايل آهي. انهيءَ مان ائين سمجهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو تہ ملبار ڪارو منڊل ڪنارو ۽ سلون (لنڪا)، جي اڄ تائين موتين ڪان مشهور آهن. تتان بہ موتي آڻيندا هئا. ائين وسهڻ لاءِ سبب هيڪاري هن ڪري ٿئي ٿو تہ سنسڪرت لفظ "مڪت"، جنهن جو اُچار سنڌيءَ ۾ "موتي" آهي، سو اصل دراوڙي ٻولين جو لفظ آهي، جيئن پادري ڪالڊ ويل پنهنجي جوڙيل دراوڙي ٻولين جي گرامر ۽ ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چئٽرجيءَ پنهنجي جوڙيل بنگالي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ ڄاڻايو آهي.

اتر هندستان جا واپاري سلون يا لنڪا سان نهايت قديم زماني ڪان وئي وڻج واپار ڪندا هئا. انهيءَ آمدرفت جاري هئڻ سبب ئي لنڪا جو راجا راوڻ اتر هندستان ڏي آيو هو. جتان سيتا کي کڻي ويو. تہ پنهنجي انهيءَ ڪڪرم جو ڪيتو لوڙيائين. اها رامائڻ واري ڳالھ تريتا جُڳ جي آهي. راوڻ ڪان پوءِ لنڪا وارو پاسو سندس نالي پنيان سڏجڻ ۾ آيو. هڪ يوناني تاريخ نويس "تپ روبين" (Taprobane) نالو ڄاڻايو آهي، جنهن ۾ "تپ" معنيٰ "ٻيٽ" ۽ "روبين" (رهن) اصل ۾ "راوڻ" آهي، جنهنڪري انهيءَ نالي جي معنيٰ آهي "راوڻ وارو ٻيٽ". يوناني تاريخ نويس "ٽالمي" (Ptolmey) جي وقت ۾ لنڪا کي "سليس" (Salice) ۽ اتي جي رهاڪن کي "سلوني" (Saloe) سڏيندا هئا. جنهن مان "سيلان" (Ceylon) نالو نڪتو. هندو عام طرح لنڪا کي "سنگلديپ" سڏيندا هئا. عيسوي سن ڪان ٥٥٠ ورهيہ اڳي بنگال جي راڄي وڃيہ اهو ٻيٽ هٿ ڪيو، ۽ "سنهل دويپ" نالو ڏنائينس. جنهن جو اُچار پوءِ بگڙجي

"سنگهلديپ" ۽ "سنگلديپ" ٿيو. انهيءَ نالي پوڻ کان ئي اڳي اهو ٻيٽ واپار لاءِ نهايت مشهور هو، ۽ اها مشهوري پوءِ به هلندي آيس. جنهنڪري يوناني تاريخ نويسن ان جو ذڪر ڪيو آهي. "ڪامس" (Comas) به ائين به چيو آهي ته سڄي هندستان پرشيا. (ايران) ۽ انٿوپيا مان دنگيون ۽ جهاز سلون ڏي اچڻ وڃڻ تا. ۽ سلون کان ڪيترو مال سنڌ ڏي اچي ٿو.

سنڌ جا واپاري اُچا آبدار موتي ايراني نار. ڪاري منڊل ۽ سلون طرفان نه رڳو گهرائيندا هئا. پر موتين هٿ ڪرڻ لاءِ پنهنجا غواص يا ٽوٻير به موڪليندا هئا. اهو دستور ڪلهوڙن جي صاحبيءَ تائين هلندو پئي آيو. جنهنڪري شاهه جي رسالي ۾ موتين ۽ غواصن جو ذڪر آهي:

"ويا سي عميق ڏي، منهن ڪائو ڏيئي،
تن سپون سوجهي ڪڍيون، پاتاران پيهي."
ـ شاهه

هنن ٻن مصراعن منجهان ئي ظاهر آهي ته شاهه جي وقت (ڪلهوڙن جي صاحبيءَ) ۾ به اسان جا غواص يا ٽوٻير عميق (اونهي سمنڊ) ۾، منهن کي ڪائو (شيشو) ڏيئي ويندا هئا. ته اکين ۽ نڪ ۾ پاڻي نه پوي، ۽ پوءِ هيٺ پاتال ۾ وڃي سپون سوجهي ڪڍندا هئا. اهو دستور جو نهايت قديم زماني ۾ جاري ٿيو هو. سو پوءِ به هلندو پئي آيو. جنهن جو اکين ڏٺو احوال رسالي ۾ آهي.

شاهه جي رسالي مان اهو ظاهر آهي ته ڪلهوڙن جي صاحبي سنڌي ماڻهو لنڪا (سلون) تائين به ويندا هئا.

"لنڪا لنڪا ڪن، لءِ لنڪا جي اوهريا،
سڀئي سون لنڪا جو. سک نه ساموندين".
ـ شاهه

شاهه جي رسالي مان اهو به سولائي سان سمجهي سگهجي ٿو ته سنڌ جا وڻجارا هندو لهاڻا هئا. ۽ درياهه جا پوڄاري هئا. اهي مغليين تعلقي جاتيءَ جي ٻريان ڪوري ڪاريءَ مان لنگهي، ڪڇ جي نار ڏي ويندا هئا. جتان ڪناروني ڪنارو ڏيئي ملبار ۽ سلون ڏي ويندا هئا. سنڌين زالون

ڏنا پاري، اکا ۽ بحرانا درياھ ۾ وجھنديون ھيون تہ سندن مڙس ڀلي سک سان موٽن!

جا جر جاتون نہ ڏٺي، ڏٺا نہ موھي،
سڏون ڪوھ ڪري، سا پنھنجي ڪانڌ جون؟
- شاھ

سري رامچندر راوڻ سان لڙڻ لاءِ لنڪا ڏي ويو ھو، ۽ اتي سندس لشڪر ڪي گھڻو سون ھٿ آيو ھو. انھيءَ ڳالھ جي يادگيري قائم ڪرڻ لاءِ اڄ تائين سنڌ جا براھمڻ اسان جن مائٽن کي ڏياريندا آھن. دسھڙي ڏينھن ھندو ڪنھن ھنڌ گڏجي ڪنڊي پوڄيندا آھن. ان وقت براھمڻ کين ڳوھيل چيڪي مٽي ڏيندا آھن، ۽ چوندا آھن تہ اھا سانڍي رکو تہ ٻارھن مھينن کان پوءِ سون ٿي پوندي. ائين چئي تہ لنڪا لٽي سون کڻي ايندا آھن.

شاھ جي رسالي ۾ بہ ھڪ ڳالھ ڏيان ۾ رکڻ جوڳي آھي.

قرقل، قوتا، پارچا، ياٿيث پاتاٿون،
ڪوٺيون قيمت سنديون تر ۾ تاڪيائون.
- شاھ

قرقل يعني لونگ ۽ ايلاچي يا ننڍا قوتا سنڌ جي پيدائش نہ آھن. اھي ملبار يا فلپائين ٻيٽن مان آڻيندا ھئا، ۽ اھي پوءِ دنگين جي رستي نيني ٻين ھنڌ نيڪال ڪندا ھئا.

ويدڪ زماني ۾ ني دنگين ۽ جھازن لاءِ بڪو ساڳ تہ اڻ ٻيچو ملبار طرفان آڻڻو پوندو ھون. اڄ بہ انھيءَ پاسي کان اچي ٿو، جو اتر ھندستان ۾ بڪو ساڳ ٿئي ئي ڪونہ. اھڙيءَ طرح ٻيون بہ ڪي ڳالھيون ملبار سان لھ وچڙ بنسبت آھن، جن جو ذڪر ڏار ڪبو. ھتي رڳو ايترو ڄاڻائجي ٿو تہ ويدڪ زماني کان وٺي سنڌو ماتر جا رھاڪو سمنڊ جي سفر ڪرڻ تي ھريل ھئا، ۽ واپارن ۾ بحري واپار مکيہ ليکيندا ھئا.

چوماسي ۾ سمنڊ جو سفر ڪرڻ ڀوائتو آھي، تنھنڪري واپاري اھو وقت ساموندي سفر کان روڪجي پوندا ھئا. چوماسو پورو ٿيندو ھو تہ خوشي ملھائيندا ھئا، ۽ سمنڊ ۾ ناريل وجھندا ھئا. اھو ناريل پورڻما جو

ڏينهن اڄ تائين هندن جو هڪ وڏو ڏينهن آهي. انهيءَ ڏينهن کان وٺي سمنڊ مائٽو تيڻ لڳي ٿو. جنهنڪري سمنڊ جي رستي وڻج واپار ڪرڻ لاءِ رات ڪلي ٿي. ناريل پورڻما ملهائڻ جو رواج ئي انهيءَ سبب پيو. جنهنڪري چئبو تہ اهو وڏو ڏينهن نهايت قديم زماني جي ساموندي واپار جي يادگيري ڏياري ٿو. ناريل پورڻما ڏينهن هندو واپاري براهمڻن کي اهڙيءَ وڏيءَ دل سان دان ڏيندا هئا. جو اڄ تائين براهمڻ اهو نهايت مکيہ ڏينهن ڪري ليکيندا آهن. ۽ انهيءَ ڏينهن پرائو جٽيو لاهي، نئون جٽيو پائيندا آهن.

سنڌي ۽ گجراتي ماڻهن کان ڏکڻ هندستان جا ماڻهو اهڙو ناريل پورڻما جو ڏينهن هيڪاري وڏيڪ ڌام ڌوم سان ملهائيندا آهن. جو رگ ويد واري زماني کان وٺي ڪيترا دراوڙ لوڪ سمنڊ جا وڏا سفر ڪندا هئا. اهي جهازن جوڙڻ توڙي جهاز رانيءَ ۾ نهايت پڙ هوندا هئا. هن وقت بہ سنڌي ۾ "آرڪاٽي" معني "سکاني"، پر اصل معني اٿس "آرڪاٽ" (آرڪوٽ Arcot ، مدراس ڪاتي جي شهر) جو رهاڪو". آرڪوٽ جا سکاني نهايت نامياري هوندا هئا. تنهنڪري لفظ کي اِها خاص معني ملي آهي. ڪڇ ۽ گجرات جا سکاني عام طرح "معلم" سڏبا آهن. سنڌو ماتر جا وڻجارا ساموندي سفر ڪري موٽندا هئا تہ خوشي ملهائيندا هئا. جنهن ڳالهہ جو اثر رگ ويد منڊل ٽئين (٨، ١٥) ۾ نهايت وڻندڙ نموني ذڪر ٿيل آهي. ان وقت خوشيءَ وچان خيرات ڪندا هئا. "برڀو" (Birbu) نالي هڪ وڏي سيٺ رشين کي دان ڏنا هئا. تنهنڪري رگ ويد جي منڊل ڇهين (٣٥، ٣٢، ٣٣) ۾ سنديس گهڻي ساک لکيل آهي. اڄ بہ سنڌ ورڪي سڪ سان موٽندا آهن تہ خوشيون ملهائيندا آهن. ۽ ٻاون ۽ ٻانيئن کي وڏيءَ دل سان دان ڏيندا آهن.

ملبار سان واپار ۽ ان جو ٻوليءَ تي اثر قديم زماني کان وٺي سنڌ جا ماڻهو ملبار طرف جي رهاڪن سان وڻج واپار ڪندا آيا آهن. تہ انهيءَ ڳالهہ جو ٻوليءَ تي بہ اثر ٿيو آهي. مثلاً "ايلاچي" اصل ۾ دراوڙي (Dravidian) لفظ آهي، جو اول سنسڪرت ۾ چالو ٿيو. سنسڪرت ۾ رکيو ويو "ايلا". پر سنڌي ۾ ٿيون "ايلاچي". پڇاڙي (Suffix) ڪنئريز ٻوليءَ مان ورتي اٿنون. جيئن مسٽر دويتيا پنهنجيءَ ناهيل گجراتيءَ ٻوليءَ جي تاريخ ۾ ڄاڻايو

ھي. "ڪڙھي" اصل ۾ دراوڙي لفظ "ڪري" (Kari) آھي، جو مھارنش
راڪ ۾ بہ ڪم آيل آھي. ۽ اھو ڀراڻ ٣٧٧ع جو جڙيل چوڻ ۾ اچي ٿو
تنجي ٿو تہ چانورن سان ڪڙھي کائڻ جو رواج ٿي دراوڙن کان سکيو
ھيون. "ڪوتمير" (ڌاڻن جا پن)، "چاڏي"، "ڪاٻار" ۽ ٻيا ڪيترا دراوڙي
لفظ سنڌي ۾ چالو ٿي ويا آھن. ۽ اھي "ديشي" لفظن جي دفعي ۾ ليکجن
ناريل جا وڻ ملبار طرف جام آھن. ۽ اڄ تائين ڪوبري جي تيل ٻيڙن
ڏونگھيون اُتان اچن ٿيون. ناريل جي تاندورن مان ٺھيل رسيون بہ اصل
ملبار ۽ مدراس ڪاتي جي ٻين پاسن کان ايندڙيون ھيون. اھي ڪاٻار جون
سيون عيسوي سورھين صدي ۾ يورپ ڏي ويندڙيون ھيون. تنھنڪري
راوڙي لفظ "ڪاٻار" انگريزي ۾ بہ چالو ٿيو. انگريزي ۾ چون "ڪاير"
(Co... . گجرات ۽ سنڌ جا ميربحر "ڪانبار" چوندا ھئا. نامور عالم
البيروني * بہ سنہ ١٠٣٠ع ڌاري انھي وڻج واپار جو ذڪر ڪندي
ڪانبار" لفظ ڪم آندو آھي، پر ھاڻ اسين عام طرح چئون "ڪاٻار -
ڪاٻارو". ملبار طرف سان لھہ وچڙ ھئڻ سبب اُتي جي "اِتي ڏڪر راند
جھڙاني ۾ سنڌ ۽ گجرات ۾ چالو ٿي. اِتي ۽ ڏڪر" ٻئي سنسڪرت بنياد
جا لفظ آھن، پر انھي راند ۾ اسان جا ٻار "وڪٽ". لٺ، مُون، نار" وغيره
لفظ ڪم آڻين ٿا. سي دراوڙي يعني تيليگو ۽ ڪنڙيز ٻولين جا انگ
آھن، ۽ معني اٿن "ھڪ، ٻہ، ٽي، چار"، وغيره. ھي سڀ لھہ وچڙ جو اثر
ھي، جو اسان جي ٻولي ۾ اڄ تائين ظاھر بينو آھي.
اِاني نار الھندي ايشيا ۽ مصر سان واپار. ويدڪ زماني ۾ اتر ھندستان
آرين ٻنھنجو دڳو جمايو، تہ سنڌو ماٿر جي اصلوڪن رھاڪن مان ڪي
ٿن رلي ملي ويا، پر ڪيترا "ٿي" ۽ ٻيا ڏکڻ ھندستان ڏي ويا، جيئن
اُتن ۾ چاٿايل آھي. عالمن کي کوجنائن ڪرڻ سان معلوم ٿيو آھي
ڪڻ ھندستان ۾ ھنن ملبار ۽ ڪارو منڊل ڪنارو وڃي وسايو، جتي چول
پانڊيہ (دراوڙن) سان گھڻي لھہ وچڙ ٿين ۽ سندن سپيتا جو مٿن اثر ٿيو
ھو ڏيساورن سان وڻج واپار ڪرڻ تي ھريل ھئا، تنھنڪري ھڪ ھنڌ ...

* البيروني جو جنم ٩٧٠ع ۾، ۽ چالاڻو ١٠٣٨ع ۾ ٿيو ھو - مصنف

ڪري ڪين ويئا. ڏکڻ هندستان کان پهريائين ايراني نار ڏي ويا، جتي جي رهاڪن سان رس رهائيندا آيا، ۽ ساڳئي وقت ڏکڻ هندستان جي ماڻهن سان بہ رستو رکندا آيا. ٻڪو ساڳ، ڪاٺارو، مصالحا ۽ ٻيون اهڙيون شيون اُتان ئي ملن ٿيون. ڪنهن وقت سيميٽڪ قوم وارن سندن ٻنڪن تي ڪاهيو، تہ هو اُتان لڏي سريا (شام ملڪ) ڏي، سمنڊ جي ڪناري جي ويجهو پنهنجا ماڳ جوڙي ويئا، ۽ ساڳئي وقت شام ملڪ وارن سان بہ رس رهاڻ واجب سمجهيائون. انهن سان آخر ايتري قدر رلي ملي ويا، جو منجهانئن ڪن سان سنگ ڳنڍيائون، جنهنڪري اهي "پڻي" (وڻجارا) پوءِ "پيونڪ قوم" (Punic race) وارا ۽ "فنيشن" (Phoenicians) سڏجڻ ۾ آيا.[+] جيڪو ملڪ پاڻ والاري ويئا هئا، سو بہ سندن انهيءَ نالي پٺيان "فنيشيا" (Phoenicia) ڪوٺجڻ ۾ آيو.[*] هتان يوناني آرچيليگو وارن ٻيٽن، يورپ جي ڏاکڻي پاڱي ۽ آفريڪا جي اتر واري پاسي سان وڻج واپار ڪرڻ جي سهوليت گهڻي ٿين.

مٿيون احوال، جو گهڻو ڪري سمورو ڊاڪٽر ابناش چندرداس جي ڪتابن "رگ ويد انڊيا" ۽ "رگ ويدڪ ڪلچر" مان ڪڍيو ويو آهي. تن ۾ هن صاحب ائين بہ ڄاڻايو آهي تہ پڻي لوڪن مان ڪن ميسوپوٽيميا ۾ وڃي ٻيڪون وڌيون، ۽ پوءِ سريا جي سمنڊ جي ڪناري طرف ۽ پونٽ سمنڊ وارن ٻيٽن ۾ وڃي رهيا، ۽ آفريڪا جي اتر ڏي بہ ويا.

پڻي لوڪن سان گڏ ڪانئن پوءِ ڏکڻ هندستان مان چول (Cholas) لوڪ انهيءَ پاسي ويا. مٿن، آرين جي تهذيب جو اثر اڳي ئي ٿيو هو. اهي چول لوڪ الهندي ايشيا ۾، جنهن هنڌ پنهنجون ٻيڪون وجهي وڃي رهيا، سو سندن نالي پٺيان "چول ديش" سڏجڻ ۾ آيو. جنهن جو اچار ڦري "ڪلديا" (Chaldea) ٿيو، ۽ پاڻ بہ "ڪلدي" (Chaldees) ڪوٺجڻ ۾ آيا. مطلب تہ ڊاڪٽر ابناش چندرداس جي کوجنائن موجب ميسوپوٽيميا

---

[+] "The Phoenicians were the descendents of the Panis, and the product of an amalgamation of the Aryan and semetic races." Dr. A.C. Das: Reg Vedic Culture, page 88 and 152.

[*] "The Panis moved on towards the north of Syria, which they called Phoenicia or the land of the Panis or Panikas." Dr. A.C. Das: Reg Vedic India, page 204.

ھ سمرين لوڪ ۽ ڪلديا يا بئبلونيا (بابل) جا ڪلدي لوڪ اصل سنڌ
۾ جا ٿي، ۽ ڏکڻ هن جا جول لوڪ هئا، جي بوءِ سيمينٽڪ قومن
سان سگ ڳنڍي ساڻن گڏجي مسجي ويا * ٻين عالمن بہ ائين ڄاڻايو
آهي تہ سيمينٽڪ قومن ۾ بئبلونيا ۽ اسيريا جا ماڻهو هنرن ۾ برک هئا، ۽
انهن اهي هنر آڳاٽن ڪلدي لوڪن وٽان پرايا. ++

ميسوپوٽيميا طرف ٻيڙيون. الهندي ايشيا ڏي سنڌو ماٿر وارن آرين جون ٻيڙيون هيون، تنهن لاءِ گهٽي ئي ثابتيون هن وقت تائين ملي چڪيون آهن، پر اهو ڪنهن بہ ڏيهي توڙي يوروپي عالم ڄاڻايو ئي ڪونهي تہ ميسوپوٽيميا جي رهاڪن تي "سميرين" (Sumerians) نالو ڪيئن پيو. انسائيڪلوپيڊيا برٽنيڪا توڙي ڪن تاريخن مان ايترو معلوم ٿئي ٿو تہ ڪنهن قديم زماني ۾ ڪي لوڪ ميسوپوٽيميا ۾ اچي رهيا. سنڌن اصل نسل جو پتو ڪونهي، پر اهي "شمير" (Shumer) سڏجڻ ۾ آيا، ۽ انهيءَ مان "سميرين" نالو نهيو. انسائيڪلوپيڊيا ۾ "سميرين" لفظ جي سري هيٺ ائين بہ ڄاڻايل آهي تہ عيسائن جي انجيل ۾ "شمير" بدران "شنر" (Shinar) نالو ڪم آيل آهي، ۽ اهي ساڳيا ئي نالا آهن.°° انجيل ۾ ڪم آيل "شنر" لفظ بابت پوپوڪ صاحب پنهنجي ڪتاب "انڊيا ان گريس" (India in Greece, pp 45-47) ۾ ڄاڻايو آهي تہ اهو آهي "سنڌور" يعني "سنڌو نديءَ

✢ "There can be no question now as to who the Sumerians or the Chaldeans were, and whence they immigrated to Chaldea. They were, as I have already siad a mixed race sprung from the Panis, and the Dravidians (Cholas), and were immigrants from the Coromandal and the Malbar Coasts." Dr. A.C. Das: Reg Vedic India, page 225.

"Considered as artists, the Babylonians and Assyrians stand foremost among the semites, but they are indebted for this to the early Chaldeans." Hist. Hist. of the World, Vol. I pp. 546-47.

++ Babylon an ancient city on the left of the Euphrates about 70 miles south of Bagdad. "Babylon" is the Greek form of Babel or Baba-ili, "The gate of the God" Which again is the semitic translation of the orignal sumerian name Ka-di-mirra. Encycl Britt. article "Babylon."

°° "Shumer actually did mean all Babylonia appears evident from the biblical use of shinar i.e. Shumer to describe the district which contained the four chief Babylonian cities viz. Babel, Erech, Accad and Calnch (Genesis X. 10)..... The identity of Shinar and Shumer is also demonstrated by the Septuagint rendering of Shinar in Isiah XI. II by Babylonia." Encycl. Britt article. Sumer and Sumerians.

جا رهاڪو (The People of the Indus) * مصنف جي خيال موجب ميسوپو ٽيميا جا رهاڪو "شمير" (Shumer) ۽ سميرين (Sumerians) سڏجڻ ۾ آيا. سو نالو ائين پيو ڄاڻائي ته جيڪي آريه لوڪ اصل اتر قطب طرف سمير پربت (ميرو پربت) تي رهندا هئا، ۽ پوءِ سنڌو ماتر ڏي آيا، تن مان ڪي "پڻي" (وڻجارن) لوڪن سان گڏجي بئبلونيا ۽ ڪئلڊيا ڏي ويا، ۽ ميسوپوٽيميا ۾ پنهنجون بيٺڪون ڏار وڌائون. اهي تازا سمير پربت کان آيل هئا، تنهنڪري خود ميسوپو ٽيميا تي "شمير" (سمير) نالو پيو ۽ اتي جا اهي رهاڪو "سميرين" سڏجڻ ۾ آيا: ۽ "شمير" جو اُچار پوءِ سيميٽڪ قوم وارن ڦيرائي "شنر" ڪيو تو ڏسجي. پنهي حالتن ۾ ائين ئي چئبو ته اهي اسان جي سنڌو ماتر جا رهاڪو هئا، جن ميسوپوٽيميا وارو پاسو وسايو، ۽ سنڌو سڀيتا جو اوڏهين ڦهلاءُ ڪيو.

سنڌو ماتر جي سڀيتا جو ڦهلاءُ ميسوپوٽيميا ۾ ڪيتري قدر ٿيو، تنهن ڳالهه جو ذڪر ڪنهن به تاريخ نويس ڪونه ڪيو آهي، جو ان جو پتو اسان کي پيو ني ۱۹۲۲ع ۽ ۱۹۲۷ع جي وچ ڌاري آهي. انهن سالن ۾ آرڪيالاجيڪل کاتي وارن مهن جي دڙي جي کوٽائي ڪرائي، ته اتان ڪيتريون مهرون لڌيون، جن تي اڪثر جانورن جون شڪليون آهن، پر ڪن ڪن مهرن تي جانورن جي شڪلين سان گڏ هڪ ٻه سٽ به لکيل آهي. انهن اکرن جي وچ ۾ ڪٿي ديوناگريءَ جي نموني ماترائون يا لاڪنائون آهن. ميسوپوٽيميا منجهان به ڪي اهڙيون مهرون لڌيون آهن، جي هوبهو مهن جي دڙي مان لڌل مهرن جهڙيون آهن. ميسوپوٽيميا ۽ مهن جي دڙي جي سڀيتا جا پيا اُهڃاڻ به ايتري قدر هڪ ٻئي سان ملي ٿا اچن، جو خود آرڪيالاجيڪل کاتي جي ڊئريڪٽر جنرل، سرجان مارشل، مهن جي دڙي جي سڀيتا کي اول نالو ڏنو "انڊو - سميرين سڀيتا" (Indo Sumerian Civilization) ; پر پوءِ نالو ڦيرائي ڪيائين "سنڌو ماتر جي سڀيتا". پنهي هنڌن جي تهذيب بنهه ساڳي، تنهنڪري هيڪاري ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو ته اهي سنڌو ماتر جا آريه هئا، جي اصل (سمير) ميرو پربت کان آيا هئا، ۽ انهن پنهنجي سڀيتا ميسوپو ٽيميا ۾

* See also sjt. Chamanlal's "Hindu America," p.45.

وجي ڦهلائي، جتي هو "سمير" (سمير پربت ڪان آيل) سڏجڻ ۾ آيا. يورپي عالم توڙي ڀيا ايترو قبول ڪن ٿا تہ فنيشن لوڪ اصل سيميٽڪ قوم جا نہ آهن، پر اهي ڪٿان ٻاهران آيا هئا. انسائيڪلوپيڊيا برٽنيڪا مان معلوم ٿئي ٿو تہ فنيشن لوڪ پاڻ چوندا آهن، تہ اسان جن قديم شهرن جو بنياد ديوتائن وڌو هو، ۽ اسان جي اصلوڪي قوم کي ۳۰هزار ورهيہ ٿي ويا آهن.* اهو عرصو خود پيو ڄاڻائي تہ ميسوپوٽيميا جا اصلوڪا رهاڪو انهيءَ زماني جا هئا، جنهن وقت سمير پربت وارو پاسو وسيل هو، ۽ اهي سمير پربت وارا آريہ هئا، جن مان ڪي هيڏانهن ويا. هتان آرين جون بيٺڪون لڌيون آهن، جن جو ذڪر منڍ ۾ اڳي ئي ڪيو ويو آهي.

الهندي ايشيا طرفان جيڪي آرين جون بيٺڪون لڌيون آهن، سي ويدڪ زماني کان گهڻو پوءِ جون آهن. هتي ڪي ٻيون ثابتيون ڄاڻائجن ٿيون، جن مان چڱيءَ ريت سمجهڻ ۾ ايندو تہ ويدڪ زماني کان وٺي جيڪا لهہ وچڙهہ هن طرف جي رهاڪن سان سنڌو ماتر وارن جي ٿي، سا ويدڪ زماني کان پوءِ اتهاسن واري زماني، بلڪ ٻڌ ڌرم واري زماني تائين بہ سانده هلندي پئي آئي. هتي اول ويدڪ زماني جي هڪ ڳالهہ ڄاڻائجي ٿي.

رگ ويد جي منڊل اٺين، (۷۸، ۲) ۾ "منا" (Mona) لفظ ڪم آيل آهي. اهو هڪ سونو سڪو هو، جنهن جو وزن ۽ ملهہ ٺهرايل هو، جنهنڪري ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ "منا" لفظ جو ڌاتو آهي "م" معنيٰ "ماپڻ" يا "مَن" معنيٰ "ملهہ ڪرڻ" ٻهريون يورپي عالم فرنئڪوئس لينورمنٽ (Francois Lenorment) هو، جنهن ڄاڻايو تہ اهو رگ ويد ۾ ڪم آيل لفظ ساڳيءَ معنيٰ سان قديم ڪئلڊيا يا بئبلونيا جي ٻوليءَ ۾ بہ آهي. اهو سڪو ساڳي نالي ۽ ساڳيءَ معنيٰ سان پوءِ يونانين پاڻ وٽ چالو ڪيو، ۽ انهيءَ کان پوءِ لئٽن ٻولي ڳالهائيندڙن ان جو اُچار ڦيرائي "منا" (Mina) ڪيو. انهيءَ مان اٺين سمجهڻ ۾ آيس تہ هندستان ۽ بئبلونيا جي وچ ۾ لهہ وچڙ ڪنهن نهايت قديم زماني جي آهي. هن ڳالهہ جو منڊم

---

* "The Phoenicians claimed that their oldest cities had been founded by the gods themselves, and that their race could boast an antiquity of 30,000 years." Encycl: Britt. article "Phoenicians."

رئگوزن پنهنجي جوڙيل ڪتاب "ويدڪ انديا" ۾ ذڪر ڪيو آهي. *
جنهن صورت ۾ سڄي هندستان مان رڳو رگ ويد ۾ ڄاڻايل "پڻي" (وڻجارا) بئبلونيا ڏي ويا. ۽ سندن پٺيان ڏکڻ هندستان وارا چول لوڪ ويا ۽ بئبلونيا سندن نئين نالي پٺيان "ڪئلديا" (چول لوڪن جو ملڪ) سڏجڻ ۾ آيو، تنهن صورت ۾ اڻ پڇو چئبو تہ رگ ويد ۾ ڄاڻايل "منا" نالي سڪو انهن ئي ايڏهين وڃي چالو ڪيو هوندو.

سنڌ جي مغربي ملڪن ۾ مشهوري. رگ ويد واري زماني ۾ سنڌ جو پرڳٽو اوني ڪپڙي جي ڪري مشهور هوندو هو. جيئن خود رگ ويد ۾ ڄاڻايل آهي. انهيءَ زماني ۾ سنڌ ۾ سڄو سال سيءُ گهڻو پوندو هو، جنهنڪري ماڻهو اوني ڪپڙو پهريندا هئا. ڪهڙي زماني ۾ آب هوا ۾ ڦيرو پيو، جو ماڻهو سوٽي ڪپڙو پهرڻ لڳا، سو پتو ڪونهي، باقي ايترو معلوم ٿئي ٿو تہ ونڊ پوکڻ جو رواج پهريائين پهريائين هندستان ۾ پيو، ۽ ڪپهہ جو اصلوڪو ماڳ اهوآهي.** آرڪيالاجيڪل کاتي جي ڊئريڪٽر جنرل سر جان مارشل ڄاڻايو آهي تہ ڪپهہ مان ڪپڙي جوڙڻ جو هنر پهريائين پهريائين پنجاب ۽ سنڌ ۾ شروع ٿيو، ۽ ٻہ ٽي هزار ڪن ورهيہ پوءِ ايشيا ڪنڊ جي الهندي طرف ۽ مصر ملڪ ۾ جاري ٿيو. + هن موجب چئبو تہ مهاڀارت وارو زمانو، جنهن کي اڄ پنج هزار ڪن ورهيہ ٿيا آهن، تنهن ۾ ڪپهہ مان ڪپڙي جوڙڻ جو رواج سنڌو ماتر ۾ پيو، پر اهو رواج انهيءَ کان گهڻو اڳاتو ڏسجي ٿو. رگ ويد کان پوءِ جيڪو ساهت آهي، تنهن ۾ اها ڳالهہ ڪٿي بہ ڄاڻايل ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي تہ رگ ويد واري زماني کان وٺي سنڌ ۾ سڄو ورهيہ سانده سيءُ پوندا هئا. انهيءَ سبب ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو تہ سنڌ ۾ سوٽي ڪپڙي جوڙڻ جو رواج ويدڪ زماني ۾ ئي پيو هو. اهو هن ڪري چئجي ٿو، جو رامائڻ ۾ ريشمي ڪپڙن جو ذڪر آهي. هن مان ظاهر آهي تہ تريتا جڳ ۾ جڏهن ريشم جوڙڻ جو رواج هو، تڏهن سوٽي ڪپڙي پهرڻ جو رواج ضرور اڳ

* Ragozine: Vedic India, p. 304,

** "India is the original home of Cotton." Dr. James A.B. Scherer: "Cotton as World Power."

+ Sir John Marshall: Mohan Jo Daro and Indus Civilization.

۾ نَي جاري ٿيو هوندو جو سيڪو ماڻهو ريشم نتو پائي، پر سوٽي ڪپڙي ڪان سواءِ ڪنهن غريب ڪي بہ نتي سري. مطلب تہ سڄي هندستان ۾ پهريائين پهريائين ونئڻ پوکڻ ۽ ڪپهہ مان ڪپڙي جوڙڻ جو رواج سنڌو ماٿر ۾ پيو. باقي سنڌ جي ڪپهہ ۽ انهيءَ مان جڙيل ڪپڙي باهر رواني ڪرڻ جو رواج گهڻو پوءِ پيو. اِهي اسان جا سنڌي ماڻهو هئا، جي پنهنجيءَ گهرج ڪان وڌيڪ ڪپڙو جوڙي، ڏيساورن ڏي روانو ڪندا هئا. جنهنڪري سنڌ جو نالو ڪيترن هنڌ مشهور ٿي ويو. هن لاءِ گهڻيون ئي ثابتيون آهن. مثلاً، قديم زماني ۾ هندستان ۽ مغرب وارن ملڪن جي وچ ۾ جيڪو واپار هلندو هو، تنهن جو ذڪر ڪندي، رالنسن صاحب چاٿايو آهي تہ عيسوي سنہ ڪان ٦٦٨ ڪن ورهيہ اڳي جا ڪتاب سريا (شام) ملڪ جي حاڪم "اسر بني پال" جا هٿ آيا آهن، جن ۾ "سنڌ" لفظ هندستاني ڪپهہ جي معنيٰ سان ڪم آيل آهي. *

پروفيسر اي. ايچ. سئس چاٿايو آهي تہ عيسوي سن ڪان چار صديون ڪن اڳي سنڌ جوڙهيل ڪپڙو ايراني نار جي رستي بئبلونيا ۽ مصر ملڪ ڏي ويندو هو.+

پروفيسر لئسن چاٿايو آهي تہ مصر جا ماڻهو مردن جي ڪفن لاءِ سنڌ جي ململ ڪم آڻيندا هئا.

مئڊم زئگوزين ۽ ٻين ڪن عالمن چاٿايو آهي تہ بابل يا بئبلونيا جا قديم رهاڪو سنڌ جي ململ ڪي "سنڌو" سڏيندا هئا. چاڪاڻ تہ اهو ڪپڙو ايندو ئي سنڌ مان هو.**

سنڌ جي ململ ايراني نار ڪان بئبلونيا (بابل) ڏي ويندي هئي، تہ ايران ۽ بئبلونيا جي ماڻهن وٽان يهودين ڪي انهيءَ جي سڌ پيئي، تہ پوءِ اهي قديم يهودي لوڪ بہ سنڌ سان ململ ۽ ٻين جنسن جو وڻج واپار ڪرڻ لڳا. قديم زماني ۾ ڪراچي ضلعي جي لاڙ ۾ "پاتال" نالي هڪ ناميارو بندر هو، جتان سنڌوندي بہ شاخون ٿي وهندي هئي. عيسوي سنہ ڪان سوا ٽي

---

* Professor H.G. Rawlinson: Intercourse between India and Western World.

+ Professor A.H. Sayce. Hibbert Lectures (1887)

** "The Old Babylonian name for muslin was "Sindhu" i.e, that the stuff was simply called by the name of the country which exported it." Z. A. Ragozin. vedic india P. 306

سوَ کن ورهيہ اڳي سڪندر اعظم سنڌ تي ڪاهہ ڪئي، تنهن وقت بہ "پاتال" نهايت مشهور بندر هو، جنهنڪري يوناني تاريخ نويسن ان جو ذڪر ڪيو آهي. ميجر جنرل هيگ پنهنجي ڪتاب "انڊس ڊيلٽا ڪنٽري" (Indus Delta Country) ۾ ڄاڻايو آهي تہ حضرت سليمان جي وقت ۾ دنگيون ۽ جهاز سنڌو نديءَ جي چوڙ (پاتال بندر) وٽ اچي بيهندا هئا. ٻين عالمن بہ ڄاڻايو آهي تہ قديم يهودي لوڪ سنڌ سان وڻج واپار ڪندا هئا. اهو واپار ايتري قدر زور هو، جو سنڌ جو نالو الهندي ايشيا ۾ مشهور ٿي ويو، ۽ خود عيسائين جي انجيل ۾ بہ سنڌ جو نالو اچي ويو. "سنڌو" جو نالو ايرانين ڦيرائي ڪيو "هندو"، تہ يهودين ان جو اچار وڌيڪ بگيڙي ڪيو "هودو" (Hoddu) . عيسائين جو انجيل، جو اصل عبرانيءَ (Hebrew) يا يهودين جي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي، جا ڳالهہ، يول ۽ برنيل صاحبن پنهنجي جوڙيل ڪتاب "هابسن جابسن" ۾ ڄاڻائي آهي. *

ٻئبلونيا جي رهاڪن ۽ يهودين وٽان مصر ملڪ جي ماڻهن کي سنڌ جي ململ جي سڌ پيئي، تہ اهي بہ سنڌ ملڪ سان وڻج واپار ڪرڻ لڳا. ڊيوڊ منڪفرسن پنهنجي ڪتاب "ائنلس آف ڪامرس" (Annals of Com-merce) ۾ ڄاڻايو آهي تہ مصر ملڪ جا جهاز پاتال بندر (سنڌ) تائين ويندا هئا.

سنڌ جو نالو ايرانين ۽ يهودين وٽان يونانين بہ ٻڌو.

ٻئبلونيا وارو ٻاسو سنڌو ماتر جي قديم "پڻي" (وڻجارن) لوڪن ۽ ڪن دراوڙن وسايو هو، ۽ اهي پوءِ يورپ ڏي بہ وڻج واپار ڪرڻ ويندا هئا، جنهنڪري يونانين سنڌ جو نالو انهن کان بہ ٻڌو هجي تہ عجب ڪونهي. بهرحال اها پڪ آهي تہ قديم ايرانين ۽ يونانين کي سنڌ جي اعليٰ سڀيتا ۽ شاهوڪاريءَ جي سڌ اول ڪان هئي، ۽ اهو ئي سبب آهي، جنهنڪري ايرانين ۽ يونانين سنڌ تي ڪاهہ ڪري، اهو پريو ياڳيو پرڳٿو ڪجهہ وقت پنهنجي قبضي ۾ ڪيو هو. يورپ جي ماڻهن کي سنڌ جي سنهيءَ ۽ نفيس ململ جي سڌ ٻهريائين تڏهن پيئي، جڏهن سڪندر اعظم جو لشڪر اها ململ سوڪڙي ڪري ساڻ کڻي ويو. ان وقت سنڌ ۽ پنجاب جا

* Yule – Burnell: Hobson Jobson or Glossary of Anglo – Indian Words and phrases, article "India"

رهاڪو توڙي ٻيا هندستاني سوٽي ڪپڙو پهريندا هئا. سوٽي ڪپڙي جو تَر لهردار هوندو هو، جنهن يورپي لوڪن جو گهڻو ڌيان ڇڪيو. *

قديم يوناني لوڪ سنڌ جي ململ کي "سنڊن" (Sindon) سڏيندا هئا. ان وقت شايد اها چوٽي عام هئي تہ "ململ تہ سنڌڻ" (سنڌ جي). اهو ئي سبب ٻانئجي ٿو، جنهنڪري سنڌي لفظ "سنڌڻ" "ململ" جي معنيٰ سان ڪم ايندو هو، ۽ يونانين ان جو اُچار ڦيرائي "سنڊن" ڪيو. ويجهڙائيءَ ۾ ملٽن بہ اهو لفظ ڪم آندو آهي، پر ملٽن واري مضمون ۾ معنيٰ اٿس "سنگين اوڇڻ يا ويڙهڻ لاءِ ڪپڙو منهن ڍڪڻ لاءِ جاري".+ انگريزيءَ ۾ ٻيو لفظ "سينڊل" (Sendal) بہ عام ٿيو، جو اصل ۾ آهي سنڌي لفظ "سينڌڙ" ۽ معنيٰ اٿس "سنڌ جو سنگين ڌاڳو". نامور شاعر لانگ فيلو جي شعر مان سمجهجي ٿو تہ سنڌ جي سنگين وٽيل ڌاڳي مان ولايت ۾ اڳي ٻيڙين لاءِ پڳهہ (رسا) ٺاهيندا هئا. اهي قيمتي رسا انهن شاهاڻين ٻيڙين ۾ ڪم آڻيندا هئا، جن جا سڙهہ ريشمي هوندا هئا. مطلب تہ سنڌ جو سنگين وٽيل ڌاڳو بہ يورپي لوڪ هڪ شاهاڻي شي ڪري ليکيندا هئا.** انهيءَ ريت سنڌ جي صوبي پنهنجو ڄڄهو ناماچار ڪيو، جنهنڪري مغربي ملڪن ۾ مشهوري مليس.

اتر هندستان ۾ پنجاب ۽ سنڌ سنگين ململ جوڙڻ ۾ نالو ڪڍيو تہ پوءِ ڏکڻ هندستان بہ پٺتي ڪين پيو. ڍاڪا جُون ململون اهڙيون تہ سنگين هيون، جو چون ٿا تہ ململ جو سڄو ٿاڪيو منڊيءَ مان لنگهائي سگهبو هو. اها سنگين ململ بہ يورپ ڏي وڃڻ لڳي، ۽ يورپي لوڪ انهي لاءِ چڱي رقم ڏيندا هئا. ڪئين ورهيہ سانده هندستان جو مال ائين يورپ ڏي وڃڻ لڳو. هندستان جا ماڻهو ساڃا ٿيڻ لڳا، تہ ڪي يورپي پوسرڻ لڳا. يورپ ۾ اوني ڪپڙو جوڙيندا هئا، پر اسان جي سوٽي ڪپڙي لنڪشائر جي اوني ڪپڙي جي ڪارخانن کي ڌڪ هڻي ڇڏيو، تہ لنڪشائر ۾ وڏو

---

* "Cotton Cloth was first seen in Europe when the soldiers of Alexander The Great brought some of it back, as a curiosity, in the fourth century before Christ. All India was clothed with it then, as today; some of the ancient textiles being so delicate and beautiful as to give rise to the poetic description, 'Webs of the woven wind'." Dr. James A.B. Scherer: Cotton as World Power.

+ "Wore she not a veil of Sindon!" Milton.

** "Sails of silk, and ropes of sendal, such as gleam in ancient lore." Longfellow.

غلغلو مچي ويو. اُهي ايتري قدر ويا، جو سن ١٦٦٦ع ۾ قاعدو پاس ڪرايائون، تہ ڪنهن فوتيءَ جو ڪفن جيڪو سندس مائٽ اوني ڪپڙي مان نہ جوڙائيندو، سو ڏنڊ جي سزا جوڳو ٿيندو! انهيءَ عجيب قاعدي جاري ٿيڻ کان پوءِ بہ جڏهن ڏٺائون تہ ڪيترا يوروپي هندستان جي سهٽي سوٽي ڪپڙي پهرڻ کان نٽا رهن، تڏهن لنڪشائر جي ڪارخانن وارا پاڻ بہ سوٽي ڪپڙو جوڙڻ لڳا. انهيءَ ريت هندستان جي سوٽي ڪپڙي يورپ ۾ هنري انقلاب آندو. هي حقيقتون ڪيترين ئي تاريخن ۾ لکيل آهن،* پر اهي ٿيون هاٺوڪيون ڳالهيون. تنهنڪري اسين موٽي آڳاٽين ڳالهين تي اچون ٿا.

متي اڳي ئي ڄاڻايو ويو آهي تہ قديم سنڌو ماٿر جا "پڻي" (وڻجارا) بئبلونيا ۽ ميسوپوٽيميا ڏي ويا، تہ ڏکڻ هندستان جا چول لوڪ بہ اوڏهين ويا، ۽ اتي پنهنجون بينڪون وڌائون. جنهنڪري اهو ملڪ چول لوڪن جي نالي پٺيان "چول ديش" سڏجڻ ۾ آيو، جنهن جو اُچار پوءِ ڦري چئلڊيا (ڪئلڊيا) ٿيو، ۽ اهو "بئبلونيا" بہ سڏجي ٿو. بئبلونيا ۾ جن قديم حاڪمن حڪومت ڪئي، تن جي گاديءَ جو هنڌ "اُر" (Ur) نالي شهر هو، جو فرات (يوفريٽس) نديءَ جي هاڻوڪي پيٽ کان ڇهہ ميل پري، ڏکڻ ڏي هو. اهو آڳاٽو شهر ڪيترن ورهين کان ڦٽي ويو آهي. ويجهڙائيءَ ۾ اُتي جي کنڊرن جي کوٽائي ڪندي ڊاڪٽر ارنيسٽ مئڪي اتان هڪ مهر لڌي، جا عيسوي سن کان ايڪيهہ سو ورهيہ اڳ جي آهي، ۽ اها هوبهو انهن مهرن جهڙي آهي، جي سنڌ ۾ مهن جي دڙي مان لڌيون آهن. هيءَ حقيقت سرجان مارشل پنهنجي ڪتاب "موهن جو دڙو ۽ سنڌو سڀيتا" ۾ ڄاڻائي آهي. انهيءَ کان پوءِ ١٩٣١ - ١٩٣٠ع ۾ ميسوپوٽيميا طرف کوٽائي ڪرائيندي، ڊاڪٽر ايچ. فرنڪفورٽ کي مهن جي دڙي مان لڌل مهرن جهڙي هڪ مهر هٿ آئي، جا عيسوي سن کان ٽي هزار کن ورهيہ اڳ جي آهي.

قديم شهر "اُر" جي ويراني مان ٻڪو ساڳ بہ لڌو آهي. ٻڪو ساڳ ڏکڻ هندستان جي پيدائش آهي، ۽ الهندي ايشيا ڏي ٽڻي ئي ڪونہ،

* Dr. James A. B Scherer: Cotton as World Power.

تنهنڪري اها به هڪ پڪي پختي ثابتي آهي ته بئبلونيا جي رهاڪن جي ڏکڻ هندستان وارن سان قديم زماني ۾ ئي لهه وچڙ هئي، ۽ جهازن توڙي عمارتن جوڙڻ لاءِ پڪو ساڳ ملبار طرفان گهرائيندا هئا. هيءَ حقيقت پروفيسر سئس پنهنجين تقريرن (هبرٽ ليڪچرس، ١٨٨٧ع) ۾ ڄاڻائي آهي. مطلب ته مهن جي دڙي ۽ رگ ويد واري زماني کان وٺي سنڌ جي سنڌ ورڪين الهندي ايشيا، مصر ملڪ ۽ يورپ سان وڻج واپار ڪري پنهنجي پرکڻي کي ملڪان ملڪ مشهور ڪري ڇڏيو هو، ۽ دراوڙ به وڻج واپار ۽ جهاز راني‌ءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. ويجهڙائي‌ءَ ۾ به اسان جا ڪيترا سنڌ ورڪي پائر هيڏانهن مالٽا، جبرالٽر، ڪئرو (قاهره) ۽ ٻين مغربي هنڌن ۾، ته هوڏانهن وري دور پورب يعني رنگون، برما، سينگاپور، منيلا، چين ۽ جپان ۾ پنهنجون ڪوٺيون ڪيو ويٺا هئا، جي پوءِ جرمني‌ءَ ۽ جپان جي جنگين ڪري بند ڪرڻيون پيون.

گوتم ٻڌ جي جنم جون ڪٿائون جن ڪتابن ۾ ڄاڻايل آهن، سي "جاتڪ" يعني جنم جون ڪٿائون سڏجن ٿيون، جن جو انگريزي‌ءَ ۾ ترجمو ٿيل آهي. ٭ جاتڪ ڪٿائن مان هڪ جو نالو آهي "بيبروُ جاتڪ". اهو بيبروُ لفظ اُهو ساڳيو آهي، جنهن جو اُچار هن وقت "بئبلونيا" آهي. پروفيسر رالنسن به انهي‌ءَ بيبروُ جاتڪ مان هندستان ۽ بئبلونيا جي وڻج واپار جون ڳالهيون ڪڍي پنهنجي ڪتاب ۾ ڄاڻايون آهن. ٻين عالمن به ائين ڪيو آهي، ۽ ڄاڻايو اٿن ته هندستان ۽ بئبلونيا جي وچ ۾ وڻج واپار گهٽي قدر عيسوي سن کان ٤٨٠ کن ورهيه اڳي بند ٿي ويو.+

اسان جا هي سرويچ واپاري، جن مان ڪي اصل سنڌو ماٿر جا پٽي ته ڪي ڏکڻ هندستان جا دراوڙ هئا، سي پوءِ يورپ ڏي وڌي، بنهه اُتر ڏي اسڪئنڊينيويا تائين به ويا، ۽ پنهنجي‌ءَ سيبتا جو اوڏهين به ڦهلاءُ ڪيائون.٭٭ پروفيسر نلسن (Professor Nilson) جو "جهوني وٿ وگيان" (Archaeology) ۾ هڪ وڏي سند ڪري ليکيو آهي، تنهن کوجنائون

---

٭ Jataka stories, translated by Cowell and Rause (Cambridge 1907) III p. 83

+ Radha Kumud Mookerji: Indian Shipping, p. 88.

٭٭ "These Panis or Phoenicians are known in history as the Punic race, who established colonies in Mesopatamia, Egypt, Pheonicia and North Africa, and even Norway, and played an important part in the early history of Europe" Dr. A.C. Das: Reg Vedic India, p. 587

ڪري ڄاڻايو آهي تہ انهن پڻي يا فنيشن لوڪن ناروي جي اتر تائين بہ وڃي بيٺڪون وڏيون هيون، ۽ اوڏهين "بئل ديوتا" (God Baal) جي پوڄا جو رواج بہ وڌائون. پڙهندڙن کي معلوم هجي تہ بئل ديوتا جي پوڄا سا مهاديو جي لنگ جي پوڄا جو هڪ نمونو آهي، ۽ سنڌو ماتر جا شوي آريہ لوڪ، ۽ ڏکڻ هندستان جا دراوڙ لوڪ لنگ جا پوڄاري هئا. اهي ئي اسان جا سنڌو ماتر جا پڻي هئا، جن يونان ۾ بہ پنهنجون بيٺڪون وڌيون، ۽ يونانين کي پنهنجيءَ سڀيتا جي رنگ ۾ رڱي ڇڏيائون. ڪهڙي زماني ۾ اسان جا وڻجارا اوڏهين ويا، سي سنبت ۽ سن ملڻ مشڪل آهن، پر اها پڪ آهي تہ انهن وڻجارن مان ڪي اسان جا سنڌي ماڻهو هئا. جيئن هن وقت سنڌ جا ڪي ملاح مغليين، تعلقي جاتيءَ جي پريان ڪوري ڪاريءَ مان لنگهي، ڪڇ جي نار ڪان ملبار وڃن پيا، تيئن اڳي بہ اها واٽ وٺي ويندا هئا، ۽ هڪ پاسي ايراني نار ڏي دنگيون ۽ جهاز هاڪاري مغربي ملڪن سان وڻج واپار ڪندا هئا. پوڪوڪ صاحب انهيءَ باري ۾ هيئن لکيو آهي:

"At the mouth of the Indus, dwell a sea-faring people, active, ingenious and enterprising, as when, ages subsequent to this great movement, they themselves, with the warlike denizens of the Punjab, were driven from their native land, to seek the far distant climes of Greece. The commercial people dwelling along the coast that stretches from the mouth of the Indus to the Coree, are embarking on that emigration whose magnificent results to civilization, and whose gigantic movements of art, fill the mind with mingled emotions of admiration and awe. These people coast along the shores of Mekran, traverse the mouth of the Persian Gulf and again adhering to the sea-board of Oman, Hadramant and Yemen (Eastern Arabia), and sail up the Red sea; and again, ascending the mightly stream that fertilises a land of wonders, found the kingdoms of Egypt, Nubia and Abyssinia. These are the same stock that, centuries subsequently to this colonisation, spread the blessings of civilization over Hellas and her islands. The connection, therefore, which is so constantly represented by Greek historians as subsisting between Egypt and Athens, as well as Benotia, and other parts of Greece, is

perfectly natural, and in fact is just what we should anticipate from a people, who so highly honoured and deeply venerated their parent state as to receive from its hands their sacred fire, and their ministers of religion.

"Of the triple connection that links Egypt, Greece and the lands of the Indus, there will remain no longer the shadow of a doubt, as the reader accompanies me in the geographical development of the colonisations of Africa founded by the mercantile and thriving community of Corinthus. This is past controversy; for the Abusin, a classical name for the Indus is reproduced in Greece as the Coi-Indus (Corinthus), that is the people of the Coi Indus."-- Pocoke: *India in Greece.*

قرض ۽ وياج. رگ ويد واري زماني ۾ واپاري نهايت شاهوڪار هوندا هئا (منڊل چوٿون، ٢٥، ٧). اهي اڪثر ڳرن اگهن ۾ پنهنجو مال نيڪال ڪندا هئا، جنهنڪري ڪيترن واپارين جو نالو بد هوندو هو. منڊل ٽهرئين (٣٣، ٣) ۾ اندر ديوتا کي آرڏنا ڪندي، هڪ رشي چوي ٿو ته "تو وٽ گهڻي ئي نڌيون يا خزانا آهن. پر پڻين (وڻجارن) وانگر اسان سان هلت نه ڪج. وڏيءَ دل سُتان اسان کي دان ڏج، ۽ ان جي عيوض اسان کان گهڻو نه گهرج" — مطلب ته اسان جي ٿوريءَ پوڄا تي گهڻو راضي ٿي، اسان سان پنهنجو وڏو ورڻ ڪج.

قديم زماني جا سيئيون گهرجائو ماڻهن کي ڳري وياج تي پئسا اُڌارا ڏيندا هئا. وقت تي تنگ طلبي ڪندا هئا، جنهنڪري قرض هڪ وڏو مرض ڪري ليکبو هو. ماڻهو ڏٿيءَ کان اها دعا پيا گهرندا هئا ته "قرض کان آجو ڪجانم". ڪي ماڻهو جوا مهل به قرض کڻندا هئا. جيڪي لهڻي رقم نه ڏيندا هئا، تن کي لهڻيدار ٿنين سان ٻڌندا هئا (رگ ويد، منڊل ڏهون، ٣٤، ١٤). شايد اهو مطلب هوندو هون ته جڏهن ساٿن سختي ڪبي، تڏهن هو پاڻ يا سندن مٽ مائٽ يا سنگتي قرض واري رقم ڏيندا. جيڪي لهڻي رقم ڏيئي ڪين سگهندا هئا، تن کي لهڻيدارن وٽ قرض ۾ وهٽو پوندو هو. اڄ به ڪي قرض ۾ وهن ٿا. ابن ڏاڏن جو ڪنيل قرض لاهڻ ماڻهو پنهنجو فرض سمجهندا هئا. قرضدار پاڻ کي اهڙو دکي سمجهندا هئا، جو چوندا هئا ته "اسان لاءِ سج اُبري ئي ڪونه ٿو" (منڊل ٻيو، ٢٨، ٩). اڄ به چوڻي آهي

تہ "قرض جھڙو مرض ڪونهي"، ۽ "قرض ڪوڙهہ جو ٽڪو".

سڪا. قديم زماني ۾ جنسن جي اڪثر مٽا سٽا ٿيندي هئي، پر وقتي روڪڙو ناڻو بہ ڏيندا هئا. رگ ويد واري زماني ۾ "نِستڪ" نالي سونا سڪا هوندا هئا. ٻيو هڪ سونو سڪو "منا" نالي هوندو هو (رگ ويد، منڊل اٺون، ٨، ٧٨). انهن سونن سڪن تي شايد ڳانءِ يا ڍڳي جي شڪل هوندي هئي، ۽ ان جو ملهہ ڳانءِ جي ملهہ جيترو هوندو هو. جنهنڪري جيڪڏهن ڪو ڳانءِ نہ ڏيندو هو، تہ ان جي عيوض سونو سڪو ڏيندو هو. رگ ويد جي منڊل پنجين (٣٣، ٦) ۾ چانديءَ جي سڪن جو بہ ذڪر آهي. ان وقت جا راجائون سون ۽ چانديءَ جا سڪا عام طرح ڏان ڪندا هئا. منڊل ٻئين (٢، ٤١) ۾ راجا ٻڀندو (Bibhindu) بنسبت هڪ رشيءَ چيو آهي تہ "انهيءَ راجا هڪ گهمري مون کي چاليهہ هزار سڪا ۽ ٻئي گهمري اَٺ هزار سڪا دان ڪيا هئا". سنڌ جي راجا سونيہ ڀاويہ بہ ڪاڪشون رشيءَ کي ججهو ڏن ڏنو هو. هن مان ظاهر آهي تہ انهيءَ وقت ٿي ملڪ ڀريو ڀاڳو هو، ۽ دان پڇ ڪرڻ جو انگ بہ ماڻهن ۾ ججهو هو. جن وٽ اَن جا انبار ۽ سون چانديءَ جا سڪا ججها هوندا هئا،سي وڏا ماڻهو ليکبا هئا، جنهنڪري اڄ تائين چوڻي آهي تہ "سونيتي، روپيتي، اَنيتي سلام"! يعني جيڪي سون وارا، روپ يا چانديءَ وارا ۽ اَن وارا آهن، تن کي سڀڪو سلام ڪري ٿو ـــ "مايا کي نمسڪار".

# باب تيرهون

## ٻولي، آئيويتا ۽ ساهت

تهذيب جو وسيلو ٻولي. سيني ملڪن جي قومن جيڪا به ترقي ڪئي آهي، سا ميل ميلاپ ۽ گڏيل ڪوشش جو ڦل يا نتيجو آهي. دنيا ۾ ڪروڙين ڪارخانا، گوديون، آفيسون، اسڪول، ڪاليج ۽ ٻيون سنستائون آهن، جي سڀ ميل ميلاپ تي مدار رکن ٿيون. ڪارخانن کولڻ لاءِ سيٺيون وڏيون وڏيون رقمون سيڙائين ٿا، پر جيڪڏهن ڪاريگر ۽ مزور وٽن ڪم ڪرڻ ڪان نابري واري وهن، ته جيڪر ڪارخانا ڪيئن هلن؟ ساڳيءَ ريت جيڪڏهن هاري ناري نه هجن، ته زميندار يڪي سر کهڙي کوڙ هٽي سگهن؟ جڏهن ماڻهو ماڻهوءَ سان ملي ڪم ڪري ٿو، تڏهن چرخو چڱيءَ ريت هلي ٿو، ۽ هنرن ۽ واپارن وغيره ۾ ترقي ڪري سگهجي ٿي، نه ته جيڪر دنيا جو چرخو بيهي وڃي.

ماڻهن جي ميل ميلاپ لاءِ، ۽ چڱيءَ ريت چرخي هلائڻ لاءِ ٻولي نهايت ضروري آهي. جيڪڏهن ٻولي نه هجي ته ڪيئن جيڪر سيٺيون ۽ گماشتا، زميندار ۽ هاري ناري ۽ ٻيا ماڻهو هڪ ٻئي جي ڳالهه سمجهي سگهن؟ جيڪڏهن سڄي دنيا ۾ ماڻهو ٻوليءَ ڪم آڻڻ بدران گونگن وانگر اشارا ڏين، ته پوءِ جيڪر گهڻي ترقي ڪري ڪين سگهجي. انهيءَ مان سيڪو سمجهي سگهندو ته سڀ ڪنهن ملڪ جي سڀيتا يا تهذيب ٻوليءَ سان شروع ٿئي ٿي، ۽ اهائي تهذيب جي ترقيءَ جو هڪ وڏو وسيلو آهي. نوان نوان هنر جاري ٿيندا ته انهن سان لاڳاپو رکندڙ ڳالهين لاءِ ماڻهو ضرور ٻورا ٻورا لفظ ڪم آڻيندا، ته جيڪي سندن ڏنڌي وارا آهن، يا جن جي ساڻن ڏيتي ليتي آهي، سي سندين ڳالهه ٻوريءَ ريت سمجهن.

اهڙيءَ ريت اخلاقي اطوار وگياني ويچار روحاني راز ۽ ٻيون ڪئين ڳالهيون ٻوليءَ جي وسيلي ظاهر ڪجن ٿيون، جن لاءِ ٿورا پورا لفظ ڪم آڻنا پون ٿا. تنهنڪري ماڻهن جي ترقيءَ سان گڏو گڏ ٻولي بہ ترقي ڪري ٿي، ۽ پلٽو کائي ٿي. اهي ئي ڳالهيون اسان کي هن باب ۾ کولڻيون آهن، تہ قديم سنڌو ماٿر جي تهذيب جي تاريخ سمجهڻ سولي ٿئي.

سنسڪرت ۽ ان جا قسم يا درجا. سيڪنهن پرڳڻي جي ٻولي پنهنجي پنهنجي ٿئي ٿي. قديم سنڌو ماٿر جا آريہ لوڪ ڳالهائڻ ٻولهائڻ توڙي لکپڙهہ ۾ جيڪا ٻولي ڪم آڻيندا هئا، سا اها آهي، جا هاڻ عام طرح "سنسڪرت" سڏجي ٿي. هندن جا ويد انهيءَ ٻوليءَ ۾ لکيل آهن، جن بابت هندو عام طرح ائين چون تہ اهي "انادي" آهن، يعني انهن جي آد يا شروعات آهي ئي ڪانہ. جنهنڪري چئبو تہ سنسڪرت ٻولي نهايت قديم آهي. انهيءَ ٻوليءَ ڳالهائڻ جو رواج ڪڏهن پيو، سو ڪوبہ چئي ڪونہ سگهندو.

هندن جا جملي چار ويد آهن: رگ، يجر، سام ۽ اٿر. انهن چئني مان رگ ويد نهايت اڳاٽو آهي، ۽ انهيءَ جهڙو جهونو پستڪ ٻيو آهي ئي ڪونہ. سڄو رگ ويد منڊلن يا بابن ۾ ورهايل آهي، ۽ اهي منڊل جدا جدا زمانن جا آهن. چالو ٻوليءَ ۾ وقت بوقت ٿورو گهڻو ڦير ڦير ٿيو، ۽ اها پلٽو کائي ٿي. خود رگ ويد جي ٻوليءَ ۾ ڦير آهي. رگ ويد جون ڪي ڪي رچائون اهڙيءَ ڪنهن قديم سنسڪرت ۾ لکيل آهن، جو جيڪي رشي ويدن واري زماني کان سگهو ئي پوءِ ٿي گذريا، سي بہ انهن جو مطلب سمجهي نٿي سگهيا، ۽ اڄ تائين ڪوبہ يوروپي توڙي ڏيهي عالم اهي سمجهي نہ سگهيو آهي. ٻين ٽن ويدن جي ٻوليءَ ۾ ٿورو ٿورو ڦير آهي، پر تڏهن ليکي انهن چئني ويدن ۾ ڪم آيل ٻوليءَ کي "ويدڪ سنسڪرت" سڏجي ٿو. سر گريئرسن ۽ ٻين ڪيترن يوروپي ۽ ڏيهي عالمن جو چوڻ آهي تہ اڳاٽا آريہ لوڪ ڳالهائڻ ٻولهائڻ توڙي لکپڙهہ ۾ جيڪا ٻولي ڪم آڻيندا هئا، تنهن جو مثال رگ ويد واري ٻولي سمجهڻ گهرجي.

اهو قدرت جو قاعدو آهي تہ جيڪا ٻولي روزمرهہ ڳالهائڻ ۾ پيئي ايندي، تنهن ۾ ٿوري گهڻي ڦيرڦار سياويڪ طرح پاڻمرادو پيئي ٿيندي.

سنسڪرت ۾ به ائين وقت بوقت ڦيرڦار ٿي، پر عام طرح ان جا ٽي مکيه قسم يا درجا ليکجن ٿا: قديم، وچولو ۽ آخرين. قديم سنسڪرت، جنهن کي "ويدڪ سنسڪرت" يعني ويدن واري سنسڪرت (ويدن جي زماني واري سنسڪرت) سڏجي ٿو، تنهن کان پوءِ "وچولي سنسڪرت" (Middle Sanskrit) آهي. اها ويدن واري زماني کان پوءِ جي سنسڪرت (Post - Vedic) سنسڪرت انهيءَ زماني جي آهي، جنهن ۾ "سوترن" لکڻ جو رواج هو. "سوتر" آهن ڌرمي ۽ ٻين ڳالهين بابت ننڍڙا قاعدا، جي ٿورڙن پر نهايت مائيدار لفظن ۾ ائين لکيل آهن، جو ڄڻ ته "سوتر" (سٽ يا ڌاڳي) ۾ موتي پوتل آهن. تنهنڪري انهيءَ وچولي سنسڪرت کي عام طرح "سوترن جي زماني واري سنسڪرت" (Sanskirt of the Sutra Period) به چئبو آهي. ويدن جي پٺيان "براهمڻ" گرنٿ آهن، ۽ اهي سوترن ۾ لکيل آهن. ساڳيءَ طرح پاڻني منيءَ جي جوڙيل "اشٽا ڌيائي" (سنسڪرت گرامر) ۽ ٻيا ڪي پستڪ سوترن ۾ لکيل آهن. قديم آريه لوڪ جيئن جيئن ٻين قومن (اڻ آرين) سان لهه وچڙ ۾ آيا، تيئن تيئن سندن ٻوليءَ ۾ وڌيڪ ڦير پوندو ويو. جنهنڪري وچولي سنسڪرت ڦري آخرين درجي واري سنسڪرت تي آئي. هندن جا اهي اتهاس (رامائڻ ۽ مهاڀارت)، سمرتيون، ڪوي ڪاليداس جا ناٽڪ ۽ ٻيا جيڪي به پستڪ اڄ تائين سنسڪرت ۾ نڪتا آهن، سي انهيءَ ۾ لکيل آهن. هندن جا "پراڻ" به ان ۾ لکيل آهن، تنهنڪري اها عام طرح "پراڪ سنسڪرت" سڏجي ٿي. "حقيقتاً اڄ ڪلهه سنسڪرت سڏبو ٿي انهيءَ آخرين درجي واري سنسڪرت" (Clas- sical Sanskrit) کي آهي، ۽ هن وقت اها ٿي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پاڙهڻ ۾ اچي ٿي. *

ٻوليءَ ۾ وقت بوقت ڦير پوندو ڏسي، اڳاٽن آرين هيءُ حڪم جاري ڪيو ته شودرن کي ويدن پڙهڻ جو ڪو به اڌڪار (حق) ڪونهي. پڙهڻ ۽ پاڙهڻ جو ڪم رڳو براهمڻ ڪن، ته ويدن جا منتر اهي پوريءَ ريت اُچارين، پر چالو ٻولي ڪنهن جي ٻڌڻ ۾ پڌجڻ جي ڪانهي. سنسڪرت

* "The Mantras were not all composed at onetime. The Samihtas contain, to quote the words of one of the Mantras, 'ancient, intermediate and modern hymns" (RV. vi. 21. 5; v. 42, 6 etc) Quoted by P.T. Srinivas Lyengar: Life in Ancient India in the Age of the Mantras, page 4.

۾ پوءِ بہ تبديليءَ ٿيندي ويئي. رفتي رفتي اهڙي حالت ٿي، جو جيڪا سنسڪرت عام طرح ڳالهائڻ ۾ ايندي هئي، سا سموري ڦري هڪ بنهہ نئين قسم جي ٻولي ٿي پيئي، ۽ اها "پراڪرت" سڏجڻ ۾ آئي. عام طرح ماڻهو پراڪرت ڳالهائڻ لڳا تہ سنسڪرت ڳالهائڻ جو رواج ئي بند ٿي ويو. هندن جا ويد ۽ ٻيا ڌرمي ستڪ سنسڪرت ۾ لکيل آهن، تنهنڪري براهمڻن، رشين ۽ منين سنسڪرت جو درجو پراڪرت کان مٿي رکيو، ۽ اڄ اها سڄي هندستان جي پوتر ڀاشا يا پاڪ ٻولي ليکجي ٿي.

مهاڀارت وارو زمانو دور پور جڳ جي پڇاڙيءَ ڪلجڳ شروع ٿيڻ کان ٿورو اڳ تائين هلندو پئي آيو، ۽ اهو سڀ وقت سنسڪرت چالو هئي، جنهن ڪري چئبو تہ ڪلجڳ شروع ٿيڻ سان سنسڪرت جو واهپو بند ٿي ويو. انهيءَ هوندي بہ پوءِ جي رشين ۽ منين سنسڪرت تي گهڻو ڌيان پئي ڏنو. ياسڪ نالي هڪ مني، جو عيسوي سنہ کان ڇهہ صديون کن اڳ ٿي گذريو آهي، تنهن "نرڪت" نالي هڪ لغت يا ڊڪشنري (Vedic Glossary) جوڙي، جنهن ۾ ويدڪ لفظن جون معنائون ۽ انهن جو بنياد ڄاڻايائين. ڪانئس پوءِ، عيسوي سنہ کان پنج صديون کن اڳي، پاڻني مني ٿي گذريو آهي، تنهن ويدڪ سنسڪرت جو گرامر لکيو، جو "اُشٽاڌيائي" نالي سان مشهور آهي. پوءِ ڪاتياينہ ۽ پتنجلي رشيءَ سنسڪرت گرامر جوڙيا. ائين سنسڪرت کي وڌيڪ بگڙجڻ کان روڪڻ لاءِ ان کي قاعدي جي بندشن ۾ ٻڌي ڇڏيائون. انهيءَ سبب جيڪا سنسڪرت پاڻني منيءَ، ڪاتياينہ ۽ پتنجلي رشيءَ جي جوڙيل گرامر پٽاندر نہ هوندي، سا غلط ليکبي. اهو ئي سبب آهي، جنهنڪري هيننر سنسڪرت ۾ وڌيڪ ڦيرو نٿو پوي.

<u>"سنسڪرت" لفظ جي معنيٰ</u>. قديم آريہ لوڪ پنهنجيءَ ٻوليءَ کي "ڀاشا" چوندا هئا، جنهن جو ڌاتو يا بنياد آهي "ڀاش" معنيٰ ڳالهائڻ. "ڀاشا" معنيٰ "جا ڳالهائجي ٿي" يعني ٻولي. خود "ٻولي" معنيٰ بہ جا ٻولجي جا ڳالهائجي ٿي. آرين جي ٻوليءَ تي ڪو خاص نالو رکيل ڪونہ هو، ۽ "سنسڪرت" نالو ڪو گهڻو قديم ڪونهي، جو اهو ويدڪ ساهت ۾ ڄاڻايل ئي ڪونهي. انهيءَ قديم ڀاشا ڳالهائڻ جو پوءِ رواج ئي بند ٿي

ويو. ياسڪ ۽ پاڻني منين انهيءَ جو اونهو اڀياس ڪيو، تہ يقين ٿين تہ اها ٻولي نهايت وگيانڪ (Scientific) ريت جڙيل آهي، تنهن ڪري ان کي سنسڪرت نالو ڏنائون، جنهن جي معنيٰ آهي "چڱي يا صاف ٿيل يعني اُجاريل يا سڌريل ٻولي". * هيءُ نالو خود ڄاڻائي ٿو تہ اهو ٻوليءَ جي صفت ظاهر ڪري ٿو، ۽ ياسڪ ۽ پاڻني منين هن ڀاشا (ٻوليءَ) جي عمدي بناوت ڏسي، مٿس اهو نالو رکيو. اهو لفظ ئي سندن وقت جو جڙيل آهي، ۽ جوڙيو ئي شايد پاڻ هئائون، جو ڪانئن اڳي اهو نالو ڪٿي بہ ڪم آيل ڪونهي.

"سنسڪرت" ۽ "ديوناگري" نالن تي ويچار. سنسڪرت ٻولي عام طرح "ديو واڻي" يعني ديوتائن جي ٻولي سڏبي آهي. آخرين درجي واري سنسڪرت (Classical Sanskrit) ۾ بہ اها "سُر ڀارتي" يعني ديوتائن جي ٻولي سڏي ويئي آهي. "سُر" معنيٰ "ديوتا" ۽ "ڀارتي" معنيٰ "واڻي يا ٻولي". سنسڪرت ٻولي جنهن آئيوِتا ۾ لکبي آهي، سا اڳي "براهمڻي" لپي ڪوٺبي هئي، ۽ هاڻ اها "ديوناگري" يعني ديوتائن جي ننگر (شهر) جي آئيوِتا ڪوٺجي ٿي. سنسڪرت آئيوِتا تي اهي نالا ڪيئن پيا، سا ڳالهہ اڳي ڪنهن بہ کولي نہ ٻڌائي آهي، تنهنڪري ان بابت مان پنهنجا شخصي ويچار ظاهر ڪريان ٿو.

سڀ هندستان جا هندو عام طرح ائين چوندا آهن تہ اسان جا ديوتائون اُتر ڏي آهن. هندستان جي اُتر ڏي هماليہ جبل آهي، ۽ ان جي ٻريان ميرو

---

* "سنسڪرت" لفظ جو ڌاتو يا بنياد آهي "ڪر" (Kri) معنيٰ "ڪرڻ" (To do) . ان جو اسم مفعول آهي "ڪرت" معنيٰ ڪيو يا ڪيل (Done) . "سم" هڪ اڳياڙي (Prefix) آهي، جنهن جي معني آهي "چڱو". جنهنڪري "سمڪرت" (سنسڪرت) معنيٰ چڱي يا صاف ٿيل يعني اُجاريل ٻولي (Polished or refined Language) . سنسڪرت ۾ سنڌيءَ جا قاعدا (Rules of Euphony) آهن، جن مان هڪڙو قاعدو هيءُ آهي تہ "ڪر" ڌاتوءَ جي اڳيان جيڪڏهن "سم" اچي، تہ "س" جو اُچار بالائي گُنڻ گهرجي. اهو ئي سبب آهي جنهن ڪري "سمڪرت" بدران "سمسڪرت" (سنسڪرت) چئبو آهي. ساڳيءَ ريت "سمڪار" بدران "سنسڪار" (Sacrament) چئبو آهي. ـ مصنف.

پربت هو. جو سمير پربت به سڏبو هو. آڳاٽن آرين مان گهڻا انهيءَ پاسي رهندا هئا. منجهانئن ڪيترا رشي هئا، جن مان ست رشي مکيه هئا، جنهن ڪري "سپت رشي" لفظ مهاڀارت، پراڻن وغيره ۾ گهڻن هنڌ ڪم آيل آهي. شڪل يجر ويد جي پنپان جيڪو شتپٿ براهمڻ گرنٿ آهي، تنهن ۾ انهن ستن رشين جا نالا گوتم، ڀردواج، وشوامتر، جمدگني، وشسٽ، ڪشيپ ۽ اَتري ڄاڻايل آهن. اهي ئي آڳاٽا رشي هئا، جن جي واتان ويدن جا منتر ظاهر ٿيا. ويدن جا منتر جهڙي تهڙي ماڻهوءَ جي واتان ظاهر ٿيڻ جا نه آهن، پر ڀهتل شخصن جي واتان. اهي رشي ڀهتل شخص هئا، ۽ هاڻوڪا سڀ براهمڻ آڳاٽن رشين جو اولاد آهن. تنهنڪري براهمڻ پنهنجن انهن ابن ڏاڏن (رشين) کي "ديوتائون" ڪري ڪوٺيو ته اها ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي. قديم يوناني لوڪ به پنهنجن ابن ڏاڏن کي "ديوتائون" ڪري ڪوٺيندا هئا. اهي اڄ به ائين چون ته اسين ديوتائن جو اولاد آهيون.

سپت رشي امر آهن. اڄ به اڪيون ڪٽي آسمان ڏي نهاريو ته هڪ تارن جو ميڙ ڏسڻ ۾ ايندو جنهن ۾ ست تارا آهن. اهي اهڙيءَ طرح بيٺل آهن، جو ڄڻ ته اُڀ ۾ هڪ وڏو رڇ بيٺو آهي، تنهنڪري انگريزيءَ ۾ لکيل ڪگول وديا ۾ اهو (Ursa Major or Great Bear) يعني "وڏو رڇ" سڏيو ويو آهي. انهن ستن تارن جي ميڙ کي هندو "سپت رشي" سڏيندا آهن، ۽ انهن کي ديوتائون ڪري ڪوٺيندا آهن. مطلب ته انهن ستن رشين کي نه رڳو براهمڻ، پر ڪتري ۽ وئش به ديوتائون ڪري سمجهن ٿا. منو سمرتيءَ ۾ انهن ستن رشين جي نالن سان گڏ ٻيا ٽي نالا دڪش، ڀرگو ۽ نارد ڄاڻايل آهن، ۽ اهي ڏهه ئي "پرجاپتي" (برهما) سڏيا ويا آهن، يعني ته انهن بابت چيل آهي ته سڄي انسان ذات انهن مان پيدا ٿي هئي. اهڙيءَ حالت ۾ جيڪڏهن سڄي هندو جاتيءَ آڳاٽن رشين کي ديوتائون ڪري ليکيو، ته اها ڪا عجب جي ڳالهه ڪانهي. خود آڳاٽا رشي پنهنجي نالي ائين چوندا هئا ته اسين ديوتائن جو اولاد آهيون. رگ ويد جي منڊل ٣، (سُوڪت ٥٣، رچا ٩) ۾ چيل آهي ته وڏو رشي وشوامتر ديوتائن مان پيدا ٿيو هو.* آڳاٽا

* "The great rishi (Visvamitra), director of men, sprung from the gods." (R.v. iii, 53,9) Quoted by J. Muir: Original Sanskrit Texts, part iii, p. 145.

رشي ۽ سندن وڏا ڳالهائڻ ۽ ٻولهائڻ توڙي لکڻ پڙهڻ ۾ سنسڪرت ٻولي ڪم آڻيندا هئا. جا اڄ تائين هندن جي پوتر ڀاشا يا پاڪ ٻولي آهي، ۽ انهيءَ سبب ان کي "ديو واڻي" يعني ديوتائن جي ٻولي سڏين ٿا. آخرين درجي واري سنسڪرت ۾ به اها "سُر ڀارتي" يعني ديوتائن جي ٻولي سڏي ويئي آهي، تنهن مان ظاهر آهي ته سنسڪرت کي ديوتائن جي ٻولي ڪوٺڻ جو رواج به ڪن ڪسابن کان جاري ٿيو هو.

آسمان ۾ جيڪو ستن تارن جو ميڙ "سپت رشي" (Great Bear) سڏجي ٿو، تنهن ۾ به تارا "ڏس ڏيکاريندڙ" (Pointers) آهن. انهن وٽان سڌيءَ ليڪ ۾ "ڌرو تارو" (Pole Star) ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جو سدائين اُتر ڏي هوندو آهي. اهو ڌرو تارو اڄ تائين جڻ ته اتين پيو ڏيکاري ته انهن آڳاٽن رشين جو ماڳ اتر طرف (ميرو پربت) تي هو. وشنو پراڻ ۾ لکيل آهي ته جمون دويپ جي وچ ۾ ميرو پربت هو، ۽ انهيءَ پربت جي چوٽيءَ تي هڪ شهر ٻڌل هو، جو پرٿويءَ تي سرڳ يا بهشت هو، ۽ اهو "برهما جو لوڪ" هو. آڳاٽا سپت رشي، جي "پرجا پتي" (برهما) سڏيا ويا آهن، تن جو اصلوڪو ماڳ اهو "برهما جو لوڪ" هو. انهيءَ مان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته اهو ئي ڀريون ماڳ هو، جتي سنسڪرت لپي (آئيوٽا) نهي، ۽ "برهما جي لوڪ" ۾ ٺهڻ ڪري اها "براهمي" سڏجڻ ۾ آئي. اها پوءِ "ديوناگري" يعني "ديوتائن جي ننگر يا شهر" جي آئيوٽا سڏجڻ ۾ آئي، سو به انهيءَ ڪري جو آڳاٽن رشين جو ننگر يا شهر اهو "برهما جو لوڪ" هو، جو ميرو پربت جي چوٽيءَ تي هو، ۽ اها آئيوٽا اصل انهيءَ شهر ۾ جڙي هئي.

لکڻ جو هنر. گذريل اڻويهين صديءَ ۾ تاريخ جي کوجنائن ڪندي، ڪن يورپي عالمن هيءُ رايو ظاهر ڪيو ته ويدن واري زماني ۾، بلڪ ان کان ڪيترين صديون پوءِ به، آڳاٽن آرين کي لکڻ جو هنر ڪونه هو، ۽ ويدن جي واڻيءَ، ۽ اتهاسن ۽ پراڻن جي ڳالهين جو ڦهلاءُ پيڙهيءَ به پيڙهيءَ حافظي جي وسيلي ٿيندو هو. ڪيترن يورپي عالمن ڊاڪٽر بلهر (Dr. Bulher) جو رايو قبول ڪيو ته "فنيشن" آئيوٽا، جا عيسوي سن کان

نَوَ (۹) صديون اڳيَ چالو هئي، تنهن تان براهمي لپي (ديوناگري) ٺهي، *
۽ ان کان پوءِ آرين وٽ لکڻ جو هنر عام ٿيو! يوروپي عالمن جو چوڻ هو
ته قديم زماني ۾ هندستان ۽ ميسوپوٽيميا جي وچ ۾ گهڻي لهه وچڙ هئڻ
سبب ميسوپوٽيميا جي فنيشن آئيوڊيا هندستان ۾ چالو ٿي!

يوروپي عالمن جي ههڙن راين اسان جن ماڻهن ۾ غيرت پيدا ڪئي، ۽ گهڻو اُتساهه جاڳايو. هو پنهنجي سر کوجنائون ڪرڻ لڳا، جو ڪنهن کي به اها ڳالهه اعتبار ۾ نٿي آئي ته قديم آرين فنيشن آئيوڊيا تان ديوناگري اکر جوڙيا هئا. اسان جن ڏيهي عالمن مان، جن يوروپي لوڪن جي انهيءَ رايي کي اول رد ڏنو، تن مان مکيه پروفيسر ڊي. آر. ڀنڊارڪر هو. هن صاحب کوجنائون ڪري چيو ته لکڻ پڙهڻ جو هنر رگ ويد واري زمانيَ ۾ ئي هندستان جي ماڻهن کي هو. تاريخ کان اڳ جي زماني جي آئيوڊيا جا نشان جهڙا حيدرآباد دکن مان لڌل ٺانون ٺپن تي آهن، تهڙن اکرن تان براهمي لپي (ديوناگري) وَرتل آهي.+

هن باري ۾ جيڪي وڏيڪ کوجنائون هن وقت تائين ٿيون آهن، سي هتي مختصر طرح ڄاڻائجن ٿيون، ته سڀ ڳالهه سمجهڻ سولي ٿئي.

ڪلڪتي يونيورسٽيءَ جي تاريخ جي پروفيسر ڊاڪٽر ابناش چندرداس خود رگ ويد مان حوالو ڏيئي ڄاڻايو آهي ته رگ ويد جي منڊل ڏهين (سُوڪت ۷۱، رچا ۴) ۾ لکيل آهي ته "اهڙا به ماڻهو آهن، جي واڻيءَ جي معنيٰ ۽ مطلب سمجهڻ کان سواءِ اُها ٻڌن ۽ ڏسن ٿا".

اهو حوالو ڏيئي چيو اٿس ته "واڻي تڏهن ڏسيَ سگهبي، جڏهن لکيل هوندي، تنهنڪري هنن لفظن مان اهُ پچو اهو مطلب ڪڍبو ته رگ ويد

* "Brahmi has been traced back to the Phoenician type of writing represented by the inscription in which Mesha, King of Meab (c. 850 B.C.) records his successful revolt against the Kingdom of Israel." Cambridge History of India, Vol. I.

+ "The European views on this subject have recently been cahallenged by some Indian Scholars, notably by professor D.R. Bhandarkar. He maintains that the art of writing was known to the Indians as early as the time of Regveda, and derives the Brahmi alphabet from prehistoric alphabetic signs such as have been recently found on pre-historic potteries dug out of the Hyderabad Cairns."

Dr. Ramesh Chandra Mojumdar: Outline of Ancient Indian History and Civilization, Page 42

واري زماني ۾ ئي ماڻهن کي نہ رڳو لکڻ ۽ پڙهڻ جوهنر هو، پر کي پستڪ بہ هئن." *

ڊاڪٽر ابناش چندرداس جي هن ڳالھ کي ڪوبہ يوروپي توڙي ڏيهي عالم اڄ تائين ڪو بہ رد ڏيئي ڪونہ سگهيو آهي، ۽ نڪو ڪو ڏيئي سگهندو. اسين پنهنجي سر يوروپي عالمن جي اڳين راءِ کي سراسر غلط سمجهون ٿا، ۽ ڊاڪٽر ابناش چندرداس جو رايو سورهن آنا صحيح سمجهون ٿا. تنهن لاءِ هيءُ بہ هڪ سنئون سبب آهي، جو خود اترو ويد جي منڊل اٺويهين (سُوڪت ٦٨، منتر ٤٢) ۾ چٽيءَ ريت چيل آهي تہ "پستڪ (ويد) جي ڀاڃ ڪرڻ مهل اهو ييتيءَ مان ڪيندا هئا، ۽ ڀاڃ پوري ڪرڻ کان پوءِ اهو موٽائي پيتيءَ ۾ رکندا هئا." هن کان وڌيڪ پڪي پختي ۽ نهايت چٽي ثابتي ٻي ٿي ڪين سگهندي، تنهنڪري اڻ پڇو قبول ڪرڻو پوندو تہ ويدڪ زماني ۾ ئي آڳاٽا آريہ لوڪ نہ رڳو لکي پڙهي ڄاڻندا هئا، پر لکيل پستڪ بہ هئن، جن جي ججهي سنڀال ڪندا هئا، ۽ اهي پيتيءَ ۾ سانڍي رکندا هئا.

لوڪمانيہ بال گنگا ڌر تلڪ پنهنجي جوڙيل ڪتاب "آرڪٽڪ هوم" ۾ مهاڀارت جي شانتي پَرو مان احوال ڏيئي ڄاڻايو آهي تہ آڳاٽا آريہ لوڪ جڏهن اُتر قطب طرف ميرو پربت تي رهندا هئا، تڏهن بہ ويد ۽ پراڻ هئن، جي عيسوي سنہ کان اَٽ ڏھ هزار ورهيہ اڳي مها پرلئي ٿيڻ وقت گم ٿي ويا، ۽ پوءِ رشين کي تپسيا جي ٻل تي جيتري قدر ياد پيا تيتري قدر وري نئين سر لکيائون. هن حقيقت موجب چئبو تہ آڳاٽا آريہ لوڪ جڏهن ميرو پربت طرف هئا، ۽ هندستان ۾ اچا آيا ئي ڪين هئا، تڏهن بہ ويد ۽ پراڻ هئن، ۽ لکڻ پڙهڻ جو هنر بہ هون.

لکڻ جا آڳاٽا دستور يا نمونا. آرڪيالاجيڪل کاتي وارن کي کوجنائن

* "The question is whether the art of writing and books existed in Reg-vedic times. I have discussed this question elswhere, and have come to the conclusion that the Reg-vedic Aryans were most likely acquainted with the art of writing, and probably there were books or granthas in which the mantras were recorded. The statement in the Reg-vedic verse (X.714) that "there are men who hear and see speech without understanding its meaning" unmistakeably points to the existence of books and the art of writing."
Dr. A.C. Das: Regvedic Cutlure, pp. 387-388.

ڪري ان جو طريقو تيو آهي تہ سڄيءَ دنيا ۾ اڳي هيءُ دستور هو تہ ماڻهن کي جيڪو من ۾ ڪو خيال ظاهر ڪرڻو هوندو هو، تڏهن ان جي شڪل ڪڍندا هئا. مثلاً گهرڙي، ڍڳي يا ٻني ڪنهن جانور جو نالو لکڻو هوندو هون تہ انهيءَ جي شڪل ڪڍندا هئا. اهي شڪليون پوءِ پنهنجي صورت مٽائي، هاڻوڪيون آئيوينائون تيون آهن. "لپي" يا آئيوينا کي "ورڻ مالا" چئبو آهي. "ورڻ" لفظ جي معنيٰ آهي "رنگ". مثلاً "سون ورنو" معنيٰ سون جي رنگ وارو يعني "سهڻو". اهو "ورڻ مالا" لفظ ڄاڻائي ٿو تہ اڳي آئيوينا جا اکر چٽيندا هئا. ۽ اها چٽيلن اکرن جي قطار اوائلي آئيوينا هئي. اسان جو اهو قياس سچو آهي، تنهن جي تصديق "لپي" لفظ ڪري ٿو. "لپي" معنيٰ "آئيوينا"، پر ان جو ڌاتو يا بنياد آهي "لپ" (Lip) معنيٰ "چٽڻ". اهو "لپي" لفظ بہ ڄاڻائي ٿو تہ اڳي آئيوينا جا اکر چٽيل هوندا هئا، ۽ پوءِ هرهڪ اُچار لاءِ ڪي اکر مقرر ٿيا. خود اکرن لکڻ جو نمونو بہ وقت بوقت ڦريو آهي. نموني لاءِ ٽرمپ صاحب وارو ۽ بمبئي ڇاپي وارو شاهہ جو رسالو ڏسو، جن ۾ اکر اوڙر نموني لکيل آهن. مطلب تہ جيئن ٻولي ترقي ڪري، نوان نوان روپ وٺي ٿي، تيئن آئيوينائن بہ روپ بدلايا آهن. اڳاٽي ديوناگري آئيوينا "براهمڻي لپي" سڏبي هئي، ۽ اها جدا جدا زمانن ۾ روپ بدلائي هاڻوڪي ديوناگري ٿي آهي. هن وقت سنسڪرت ۾ لکيل ڪيترائي جهونا پستڪ آهن، جن ۾ ڪم آيل آئيوينا هاڻوڪن ديوناگري اکرن کان گهڻو ڦريل آهي.

هندستان ۽ يورپ جا قديم آريہ لوڪ ڪيئن لکندا هئا. سا سڌ سنڌي لفظ "لکڻ" ۽ انگريزي لفظ "رائيٽ" (Write) مان پوي ٿي. انهن ٻنهي لفظن جي بنيادي معنيٰ آهي "ڪرڙڻ، رهڙڻ" يعني اُڪرڻ. انهيءَ بنيادي معنيٰ مان پتو پوي ٿو تہ اڳي پٿرن يا ڪنهن ڌاتوءَ تي اکر اُڪريندا هئا. خود "اکر" (سنسڪرت "اڪشر") لفظ جي معنيٰ آهي "جو ڪرجي نہ، يا ڍهي نہ" مس قلم سان لکيل اکر ڍهي ويندا، پر اُڪريل اکر نہ ڍهندا. مطلب تہ "لکڻ" ۽ "اکر" لفظ انهيءَ قديم زماني جا جڙيل آهن، جنهن زماني ۾ اکرن اُڪرڻ جو رواج هو.

ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجيءَ پنهنجيءَ ناهيل بنگالي ٻوليءَ جي

تاريخ ۾ سنسڪرت لفظ "پستڪ" جو لاڳاپو پارسي لفظ "پوست" (کَل) سان ڄاڻايو آهي. هيءَ تاريخي ڳالهه آهي تہ قديم ايراني لوڪ ڳاين جون کلون ڪاغذ يا پني جهڙيون سنهيون ڪري، انهن تي لکندا هئا. اها حقيقت ڊاڪٽر مارٽن هاگ پنهنجي ڪتاب ۾ پارسين جي مذهب ۽ ٻوليءَ جو ذڪر ڪندي صفحه ١٣٦ ۾ ڄاڻائي آهي. "پستڪ" لفظ بہ ڄاڻائي ٿو تہ قديم هندو لوڪ بہ ڪجهہ وقت کلن تي لکندا هئا. جو ڳاين ۽ ڏڳن کهڻ ۽ ڳائي گوشت کائڻ جو رواج مهاڀارت واري زماني تائين بہ عام هو.

ڪاغذ يا پني جي ڀيٽ ۾ کَل بلڪل مهانگي شي آهي. کل کي ڇلي پني جهڙو سنهو ۽ لسو ڪرڻ بہ ڀورهيو تو پڇي، تنهنڪري ڀانئجي ٿو تہ اهو رواج گهٽي وقت تائين ۽ عام طرح چالو تي نہ سگهيو هوندو.

عام رواج هيءُ هو تہ ڪيترن ملڪن ۾ ماڻهو وڻن جي پنن تي لکندا هئا، ۽ اها ساک ڪي لفظ بہ ڀرين ٿا. مثلاً سنڌي "پن" (Leaf) ۽ "پنو" (ڪاغذ) ساڳئي سنسڪرت لفظ "پرڻ" مان نهيا آهن. انگريزي لفظ "ليف" (Leaf) جي بہ هڪڙي معنيٰ آهي "وڻ جو پن" ۽ ٻي معنيٰ "ورق" (ڪتاب جو). خود عربي لفظ "ورق" جون بہ اهي ٻئي معنائون آهن. هن مان ظاهر آهي تہ يورپ، عربستان ۽ هندستان ۾ وڻن جي پنن تي لکڻ جو رواج عام هو، ۽ اهو رواج ڪئين صديون سانده هلندو پئي آيو.

هوان شيانگ نالي هڪ چيني مسافر عيسوي ستين صديءَ ۾ هندستان ۾ سير ڪرڻ آيو هو، ۽ سنڌ بہ گهمي ويو هو. هن صاحب پنهنجي سفرنامي ۾ ڄاڻايو آهي تہ هندستان ۾ ڪيترن هنڌ مون ماڻهن کي وڻن جي پنن تي لکندو ڏٺو. سنسڪرت ساهت مان بہ معلوم ٿئي ٿو تہ اڳي "ڀوج وڻ" (Birch Tree) جا پن عام طرح لکڻ لاءِ ڪم آڻيندا هئا. اڄ تائين شريمد ڀاڳوت، گرڙ پراڻ ۽ ٻيا ڪيترا ڌرمي پستڪ براهمڻ وٽ ٿها ٿيا رکيا آهن، ۽ جلد ٻڌل ڪين اٿن. هندو ماڻهو جڏهن گهرن ۾ شريمد ڀاڳوت وغيره جو پارائڻ رکائيندا آهن، تڏهن براهمڻ هڪ هڪ پرت پڙهندا، ٿهي جي هيٺان رکندا ويندا آهن. اڳي بہ ائين ڪندا هئا، پر متان ڪنهن وقت

پنن جو ٺهو ڪري پوي، ۽ پن پن کان ڌار ٿي وڃي، تنهن ڪري پوڄ وڻ جو ڇوڏو انهن پنن جي ٿهي مٿان رکي، پوءِ ڇوڏي ۽ پنن جي آرپار ٽنگ ڪندا هئا، ۽ انهيءَ ٽنگ مان ڌاڳو لنگهائي، ڳنڍ ٻڌي ڇڏيندا هئا، ته سنئون سولو ڪتاب ٿي پوندو هو. انهيءَ کي سڏيندا هئا گرنٿ، جنهن جي هڪڙي معنيٰ آهي "پستڪ يا ڪتاب"، ۽ ٻي معنيٰ آهي "ڳنڍ". سکن جي گرن جي ٻاڻي جنهن ڪتاب ۾ لکيل آهي، تنهن کي ادب ۽ عزت وچان "گرنٿ صاحب" چوندا آهن، نه ته اصل معنيٰ اٿس "ڪتاب"، ۽ پوءِ خاص طرح معنيٰ ٿيس "گرن جي ٻاڻيءَ جو ڪتاب". ساڳيءَ طرح مسلمانن جو پاڪ ڪتاب "قرآن" يا"القران" سڏجي ٿو، جنهن جي به اکري معنيٰ آهي "ڪتاب" (The Book) ـ (قرء معنيٰ پڙهڻ). ان کي "مصحف" يا "المصحف" به چوندا آهن. انهيءَ لفظ جي بنيادي معنيٰ آهي "ڪتاب" (صحف معنيٰ لکيل پرت)، ۽ اهو"الڪتاب" به سڏبو آهي. انين لفظن کي ڪي خاص معنائون ملن ٿيون.

متي جيڪي چيو ويو آهي، تنهن مان معلوم ٿيندو ته ويدڪ زماني ۾ بلڪ تنهن کان ڪئين صديون پوءِ به هاٿوڪي وانگر ڪتاب ڪين هئا. ڪاغذن يا پنن جوڙڻ جو هنر اسان جا ماڻهو گهڻو پوءِ سکيا، ۽ اها ڄڻ ته ڪالهه ڪلهوڻي ڳالهه آهي. انسئڪلوپيڊيا برٽنيڪا مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪاغذن يا پنن جوڙڻ جو رواج چين ولايت ۾ عيسوي سنه شروع ٿيڻ کان به اڳي هو. سنه ٧٥١ع ۾ عربن سمرقند تي ڪاهيو، ته چين جو لشڪر سامهون ٿين. ان وقت عربن ڪي چينائي گرفتار ڪيا، ۽ ڪين ٻاڻ وٽ نظربند رکيائون. انهن گرفتار ٿيل چينائين عربن کي چيو ته "جيڪڏهن توهين اسان کي آزاد ڪندا، ته انهيءَ مهربانيءَ جي عيوض اسين اوهان کي هڪ عمدو هنر سيکاريندا سين." عربن اها ڳالهه قبول ڪئي. انهيءَ تي چينائين ڪين ڪاغذ جوڙڻ جو هنر سيکاريو. عربن به پنهنجو ٻول پاڙي انهن قيدين کي آزاد ڪيو. اهو هنر پوءِ هندستان بلڪ يورپ جي ماڻهن کي ٻاڻ سيکاريائون. انهيءَ کان اڳي حسابي علم ۽ ٻيا ڪي علم عربن کي هندستان جي ماڻهن سيکاريا هئا. عربيءَ ۾ حسابي علم کي چون ٿي "علم هندسه"، ڇاڪاڻ ته اهو علم هندستان مان

پرايو هئائون. پوءِ پنن جوڙڻ جو هنر هندستان جي ماڻهن کي پاڻ سيکاريائون. ائين هڪ ٻئي جو تورو لاهي ڇڏيائون.

ديوناگريءَ جو ڦهلاءُ. سڀ قديم آريہ لوڪ يا منجهانئن گهڻا ڀ ُهن اتر قطب طرف ميرو پربت تي رهندا هئا، تڏهن سنسڪرت ٻولي ڳالهائيندا هئا. انهيءَ ٻوليءَ لکڻ لاءِ براهمڻي لپي ڪم آڻيندا هئا، جا پوءِ "ديوناگري" سڏجڻ ۾ آئي. اهي آڳاٽا لوڪ پوءِ اتر هندستان ۾ آيا، تہ ديوناگري اکرن جو سنڌو ماتر ۾ ڦهلاءُ ٿيو. رگ ويد واري زماني ۾ سنڌو ماتر ۾ "پٽي" (وڻجارا) هئا، ۽ واپاري لوڪن کي پنهنجي حساب ڪتاب رکڻ لاءِ ڪانہ ڪا آئيويٽا ضرور کپي. اهي پٽي آڳاٽي برهمڻي لپي ڪم آڻيندا هئا، جا ڳالهہ هن مان ظاهر آهي تہ اهي پوءِ ڏکڻ هندستان ڏي ويا، جيئن پراڻن ۾ ڄاڻايل آهي، ۽ ويجهڙائيءَ ۾ ڏکڻ هندستان مان لڌل ڪن ٽانون ٽپن تي جيڪي اکر لکيل آهن، تن بابت ظاهر ٿيو آهي تہ اهي قديم براهمڻي لپيءَ جهڙا آهن. اهي سنڌو ماتر جا پٽي، ۽ ڏکڻ هندستان جا چول لوڪ پوءِ بئبلونيا، ميسوپوٽيميا ۽ الهندي ايشيا ۾ ٻين هنڌ ٻيڙن وجهي وڃي وينا، ۽ سيميٽڪ قوم وارن سان سڱ ڳنڍي ساڻن گڏجي مسجي ويا، جنهن ڪري اهي "پيونڪ" (پڻڪ) قوم (Punic Race) وارا ۽ "فنيشن" (Phoenicians) سڏجڻ ۾ آيا. ان وقت الهندي ايشيا ۾ جيڪي اصلوڪا سيميٽڪ قوم وارا هئا، تن کي پنهنجي ڪابہ آئيويٽا ڪانہ هئي، تنهن ڪري انهن، هنن هندستان مان آيل پٽي لوڪن واري (براهمڻي ديوناگري) آئيويٽا اختيار ڪئي، تنهن ڪري سيميٽڪ قوم وارن جي آئيويٽائن جو بنياد "فنيشن" (پٽي لوڪن) جي آئيويٽا سڏجي ٿي، جيئن انسئڪلوپيڊيا برٽنيڪا ۽ ٻين ڪتابن ۾ ڄاڻايل آهي.*

هن وقت سنسڪرت ۾ ٽيٽيهہ حرف صحيح (ونيجن)، سورهن حرف علت (سُر) آهن. مصنف کي ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ قديم براهمڻي لپيءَ ۾ اصل فقط ٻاويهہ حرف صحيح هئا، ۽ ماترائون هيون ئي ڪين. اهو ئي سبب ڏسجي ٿو، جنهن ڪري جيڪي "پٽي" پوءِ "فنيشن" سڏجڻ ۾ آيا، تن جي آئيويٽا ۾ فقط ٻاويهہ حرف صحيح هئا، ۽ حرف علت هئو ئي

* "Devinagri is the original source hence, the alphabets of Western Asia were derived." Sir William Jones: Asiatic researches. Vol. I Page 423

ڪونہ، جنھن ڪري سيميٽڪ ٻولين ڪيپ ۾ فقط اوترا آئيويٽا جا حرف صحيح مليا ۽ ھڪڙو بہ حرف علت ڪونہ ملين. مثلاً عربن پنھنجي آئيويٽا آرم ملڪ سيميٽڪ قوم وارن کان ورتي، تہ اچ بہ ڏسو تہ عربيءَ ۾ سڀ حرف صحيح آھن ۽ حرف علت آھي ئي ڪونہ. عربن کي جيڪي حرف صحيح آرم ملڪ وارن وٽان مليا، تن مان ڪن جا منھن بنديل ھئا، جي عربن ڪوليا. عربيءَ ۾ ڪي اُچار آھن، جي آرم مان مليل آئيويٽا ۾ ڪين ھئا، تہ پنھنجي گھرج آھر ان ۾ اکر گڏيائون. مثلاً ب ۽ ت؛ ج، ح ۽ خ ساڳيءَ صورت وارا لفظ آھن، تہ انھن ۾ نقطا ھيٺ مٿي گڏي، پنھنجي آئيويٽا جا اکر وڌائي اناويھ ڪيائون. سنہ ٦٣٣ - ٦٣٥ع ڌاري عربن ايران فتح ڪيو، تہ اتي عربي ٻولي ۽ عربي آئيويٽا چالو ٿي. ايراني ٻوليءَ ۾ ڪي اھڙا اُچار آھن، جي عربيءَ ۾ ڪينھن، تہ ايرانين عربي آئيويٽا ۾ پنھنجا ٻيا چار اکر ئاھي وڌا، جنھن ڪري ھينئر پارسي آئيويٽا ۾ ٻتيھہ اکر آھن.

ڪابہ ٻولي حرف علت يا اعرابن کان سواءِ ھلي ڪين سگھندي. سيميٽڪ قومن کي پٺي يا فنيشن لوڪن جي آئيويٽا مان اعرابون يا حرف علت نہ مليا، تہ ھنن پنھنجو ھوش ھلائي، پنھنجي لاءِ ھڪ سولي سھنجي وات گھڙي. مثلاً عربيءَ ۽ پارسيءَ ۾ "ا، و ۽ ي" اھي ٽي اکر جيتوڻيڪ حرف صحيح آھن، تہ بہ پنھنجا اُچار اٿن، تنھن ڪري اھي ساڳيا اکر حرف علت ڪري بہ ڪم آڻڻ لڳا. "الف" مان "اَ"، "و" مان "اُ" ۽ "ي" مان "اِ". اھي ٽي اعرابون ئاھيائون. اھي ٽيئي ننڍي اُچار واريون اعرابون آھن، پر ٻوليءَ ۾ ڊگھا اُچار بہ ڪپن. انھيءَ اوڻائيءَ جي پورائي ڪرڻ لاءِ عرب لوڪ اھي ساڳيا ٽي ننڍا اچار ٻتا ڪري ڪم آڻڻ لڳا. مثلاً عربيءَ ۾ لکن "اادم"، جنھن جو اُچار آھي "آدم". ائين اَ + اَ = آ، اِ + اِ = اِي ۽ اُ + اُ = اُو. جن قاعدن پٽاندر بہ ننڍا اُچار پاڻ ۾ ملي، ھڪ يڪو ڊگھو اچار پيدا ڪن ٿا، تن کي چئبو آھي "سنڌيءَ جا قاعدا" (Rules of Euphoney). سنڌيءَ جا قاعدا قدرت جا قاعدا آھن، تنھن ڪري اھي سنسڪرت، سنڌي، عربي ۽ دنيا جي ٻين سڀني ٻولين سان ھڪجھڙا لاڳو آھن. مثلاً سنڌيءَ ۾ "پنج + اَسي" جو اچار ڪريون "پنجاسي". "پنجَ" لفظ ۾ "ج"

جي متان زبر (َ) يعني "اَ" جو اچار آهي، ۽ "اَسي" لفظ جي اڳيان بہ "اَ" جو اچار آهي. اهي ٻئي "اَ" جا اچار پاڻ ۾ ملي "آ" ٿين ٿا، تنهن ڪري "پنج + اسي" بدران چئون "پنجاسي"، "ڇهہ + اَسي" بدران چئون "ڇهاسي" ۽ "ست + اَسي" بدران "ستاسي" چئون ٿا.

اهي پٽي يا فنيشن لوڪ پوءِ وڻج واپار سانگي الهندي ايشيا کان يورپ ڏي انهيءَ وقت ويا، جنهن وقت يوروپي لوڪن کي پنهنجي ڪابہ آئيويٽا ڪانہ هئي. پهريائين پهريائين گريڪ يا يوناني لوڪن فنيشن آئيويٽا اختيار ڪئي، ۽ پوءِ اها يورپ ۾ ڦهلي. فنيشن آئيويٽا ۾ ڀ، ٿ، ق، ڇ وغيرهہ "وسرگ اکر" يعني "ھ" جي اچار وارا اکر (Aspriates) آهن، پر يوروپي ٻولين ۾ اهي اچار ڪينهن، تہ هنن اهڙا اچار ڇڏي، ۽ فنيشن آئيويٽا ۾ ٻيون بہ گهربل ڦير ڦاريون ڪري، پوءِ اها ڪم آندي. مطلب تہ براهمي لپي يا ديوناگري آئيويٽا فنيشن لوڪن يورپ ۾ ڦهلائي، جي اصل سنڌو ماتر جا "پٽي" هئا.* سر مونيئر وليمس پنهنجي جوڙيل سنسڪرت - انگريزي ڊڪشنري جي ديباچي ۾ کليءَ ريت لکيو آهي تہ جيڪا آئيويٽا يونانين، رومن ۽ يورپ جي هاڻوڪين قومن اختيار ڪئي، سا بنياد ڪري يورپ جي آئيويٽا ڪانهي، پر ايشيا جي آهي، ۽ ديوناگريءَ سان مشابهت رکي ٿي. سر مونيئر وليمس پنهنجيءَ ڊڪشنريءَ جي ديباچي ۾ اکرن جون تصويرون بہ ڏنيون آهن، ۽ چٽيءَ ريت ڄاڻايو اٿس تہ ڪيئن فنيشن آئيويٽا (قديم ديوناگريءَ) جي اکرن پنهنجي صورت بدلائي هاڻوڪن انگريزي اکرن جي صورت ورتي آهي. پڻ ڏسو انسئڪلوپيڊيا برٽينيڪا جو تازو ڇاپو چوڏهون.

عربيءَ ۾ فقط ا، و ي - اهي ٽي اکر حرف علت ٿي ڪم اچن ٿا؛ پر انگريزيءَ ۾ ڇهہ حرف علت A, E, L, O, U & Y آهن. هن مان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ اتر هندستان وارن آرين پوءِ قديم ديوناگري اکرن ۾ ڪجهہ

* "Let me then in the first place point out that our so-called European alphabet, as adopted by the Greeks, Romans and modern nations of Europe, is really Asiatic, and not European in its origin. And secondly, let me try to show that it has certain features which connect it with the so-called divine Nagri alphabet of the Brahmans." Sir Monier Williams: Sanskrit English Dictionary. Introduction, page XXII.

وڏيڪ سڌارو ڪيو، ۽ جن هندن يونان، جرمني ۽ اسڪينڊينيويا وغيره وڃي وسايا، تن اهو ديوناگريءَ جو وڏيڪ سڌريل نمونو اوڏهين چالو ڪيو. يا اهي ساڳيا پٽي (فنيشن) جي پوءِ به هندستان توڙي يورپ سان لهه وچڙ ۾ هئا، تن اهو سڌريل نمونو يورپ ۾ ڦهلايو. انهيءَ هوندي به انهيءَ سڌريل آئيوَيتا مان يوروپي لوڪن کي پورت نه پيئي، تنهن ڪري عربيءَ جي نموني ۾ حرف علت گڏ ڪم آئي، هڪ يڪو ڊگهو اُچار (سنڌيءَ جي قاعدن موجب) ڪرڻ لڳا. مثلاً Fool, Tool, Wool; Keep, Sheep, Weep, لفظن ۾ "اُو" (O) ۽ "اي" (E) اکر ٻه دفعا ڪم آڻي "اُو" ۽ "اِي" جا ڊگها اچار پيدا ڪن ٿا.

انگريزي ٻوليءَ هن وقت سڄي دنيا ۾ ڦهلجي ويئي آهي، پر ان جي آئيوَيتا ڪا عمدي ڪانهي. مثلاً انگريزي لفظ "سيل" (Cell) ۽ ڪئچ (Catch) ۾ ساڳي طرح "سي" (C) اکر جو اچار هڪ هنڌ "س" ته ٻئي هنڌ "ڪ"! انگريزيءَ جي حرف علت جي ترتيب (Vowell System) ته هيڪاري منجهائيندڙ آهي، جوڪٽي چار چار اکر ساڳيا، پر اچار ٻيا ٻيا. مثلاً "ڪاف" Cough (Cauf) , "رف" Rough (Ruff) , "بوُ" Bough (Bow) , "ڊو" Dough (Do) , "هاڪ" Hough (Hock) ۽ "ترو" Through (Throo) .

انگريزيءَ ۾ به عربيءَ وانگر ٻه ٻه ننڍي اچار وارا حرف علت گڏي، هڪ يڪو ڊگهو اچار پيدا ڪن ٿا، جيئن مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي. اهي سيئي ڳالهيون ڳٽي چئبو ته سيميٽڪ قومن ۽ يوروپي لوڪن جون آئيوَيتائون آدرش آئيوَيتائون نه آهن.

آدرش آئيوَيتا (Ideal Alphabet) انهيءَ کي چئبو آهي، جنهن ۾ هرهڪ اُچار لاءِ فقط هڪ نشان (اکر يا اعراب) مقرر ٿيل هجي. رڳو سنسڪرت لپيءَ ۾ ائين آهي جنهن ۾ هرهڪ ماترا کي رڳو هڪڙو اچار آهي، جنهن ڪري عربيءَ ۽ انگريزيءَ وانگر ٻه ٻه حرف علت گڏ ڪم آڻٿا نٿا پون. ديوناگري آئيوَيتا جي ٻي وڏي خوبي هيءَ آهي ته ان جا سڀ اکر بنهه باترتيب بيٺل آهن.

سڀ اُچار وات جي پنجن جاين يعني ڪنٺ يا نڙي (ڪ، ک، گ وغيره)، تارون (چ، ڇ، ج وغيره)، چپ (ت، ٿ، ڊ وغيره)، ڏندن (ت، ٿ، د

وغيره) ۽ چپن (پ، ق، ب وغيره) مان ڪجن تا. ڪي اُچار نڪ مان (ڱ، ڃ، م وغيره) بہ ڪجن تا، ۽ اها ئي قدرت جي جوڙيل واٽ آهي. ديوناگريءَ آئيويتا جا سڀ اکر انهيءَ قدرت جي قاعدي پٽاندر بنھ باترتيب بيٺل آهن، جنهن ڪري انهيءَ جهڙي وگيانڪ (Scientific) ريت جڙيل ٻي ڪابہ آئيويتا ڪانهي. هن منجهان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ قديم براهمي لپي (ديوناگريءَ) جو ڦهلاءُ الهندي ايشيا ۽ يورپ ڏي ٿيو، تنهن کان پوءِ هندستان وارن آرين ان ۾ وڌيڪ سڌارو ۽ واڌارو ڪري ان کي آدرش آئيويتا ڪيو. سندن ٻولي بہ نهايت وگياني ريت جڙيل آهي، تنهن ڪري اها پوءِ "سنسڪرت" (صاف ٿيل يا ڪامل ٻولي) سڏجڻ ۾ آئي، نہ تہ اڳي رڳو "ڀاشا" سڏبي هئي. ٿورن لفظن ۾ چئبو تہ جيئن هرڪا ٻولي ترقي ڪري ڪماليت کي رسي ٿي، تيئن ديوناگري اکرن بہ ترقي ڪري، ۽ پنهنجي اڳوڻي صورت بدلائي هاٽوڪي صورت ورتي آهي.

هاٽوڪيون ڏيهي آئيويتائون. ويدڪ زماني کان وٺي سنڌو ماتر ۾ ديوناگري آئيويتا ڪم اچڻ لڳي، ۽ اڄ تائين ان جو واهپو سنڌ بلڪ سڄي هندستان ۾ آهي. مرهٽي ۽ هندي اڄ تائين ديوناگري اکرن ۾ لکڻ ۾ ايندڙيون آهن، ۽ انهن لاءِ ڪا ڌار آئيويتا آهي ئي ڪانہ. بنگالي، گجراتي، هندو سنڌي ۽ ٻيون آئيويتائون جي هن وقت چالو آهن، سي گهڻو ڪري سڀ ديوناگريءَ جون بگڙيل صورتون آهن. جدا جدا پرڳڻن جي ماڻهن ديوناگريءَ ۾ پنهنجي پنهنجي نموني ڦيرقار ڪري اهي آئيويتائون ناهيون آهن. گجراتيءَ ۽ ديوناگريءَ واريون ساڳيون ماترائون آهن، پر راجستان جي "مهاجنيءَ" ۾ ٻُتا اکر آهن يعني منجهن لاڪنائون يا ماترائون ڪينهن. پنجاب جا هندو واپاري پنهنجو حساب ڪتاب جن اکرن ۾ رکندا آهن، سي "لُنڊا" يعني ٻُتا اکر سڏبا آهن. سنڌ جا پائيبند هندو سنڌي يا واڻڪا اکر ڪم آڻين ٿا، ۽ انهن ۾ بہ ماترائون ڪينهن. سنڌ ۾ مسلمانن جي صاحبي گهڻي تائين هلي، تہ بہ خواجا ۽ ميمڻ واپاري بہ هندو سنڌي آئيويتا ڪم آڻيندا هئا، ۽ اڄ تائين بہ ڪيترا پنهنجو حساب ڪتاب انهن اکرن ۾ رکندا آهن. هندن کان خواجن جي لکڻ جو نمونو وڌيڪ پسنديءَ جهڙو آهي، جو هو چار لاڪنائون يا ماترائون ڪم آڻين

تا. سنڌ ۾ جيڪي هن وقت پائيبند آهن، تن مان ڪي پنجاب، ته ڪي گجرات ۽ راجپوتانا کان آيل آهن، تنهن ڪري خود هندو سنڌي اکرن ۾ ڪي تفاوت آهن يعني سڄيءَ سنڌ ۾ سڀ پائيبند هڪجهڙا اکر نٿا لکن. هن وقت هندو سنڌي اکرن جا ڪل تيرهن نمونا آهن، جي ڪئپٽن جارج سٽئڪ جي جوڙيل سنڌي گرامر ۾ ڇاپايل آهن. اکرن ۾ ڦير ڦار ڪرڻ ۽ لاڪنائن يا ماترائن ڪڍي ڇڏڻ جو رواج واپارين جو جاري ڪيل ڏسجي ٿو. واپارين ڪي پنهنجيون گهٽيون ئي ڳالهيون گپت رکڻيون پون ٿيون، تنهن ڪري جدا جدا هنڌن جي واپارين پنهنجي پنهنجي نموني اکرن ۾ ڦيرڦار ڪئي ته سندن ڇنيون ڇپاٽيون سيڪو سولائيءَ سان سمجهي نه سگهي. راجستان جي مهاجني، سنڌ جي هندو سنڌي ۽ پنجاب جي لنڊن اکرن ۾ ماترائن نه هئڻ سبب هن وقت هيءَ حالت آهي، جو وقتي ڪي ماڻهو پنهنجي لکيت پاڻ سمجهي ڪين سگهن! مثلاً: گ ۽ ل اکر گڏي لکن ته انهن ٻن اکرن جو اُچار گُلُ، گِلِ، گول، گولو، گولي وغيره ٿي سگهي ٿو، جنهن ڪري رڳو مضمون جي مد نظر لفظ جو صحيح اُچار سمجهي سگهجي ٿو. سکن جي گرن جي واٽي "گرمکي" اکرن ۾ لکيل آهي. اهي اکر گرو انگد صاحب ١٥٣٨ ۽ ١٥٥٢ع جي وچ ڌاري جوڙيا هئا. گرمکي اکرن ۾ ديوناگريءَ واريون ماترائون آهن، تنهن ڪري هندو سنڌي اکرن کان اهي وڌيڪ پسنديءَ جهڙا آهن.

ويدڪ ساهت (Vedic Literature) سڀڪنهن ملڪ جو ساهت يا علم و ادب شعر سان شروع ٿئي ٿو يعني جتي ڪٿي اول نظم ۽ پوءِ نثر ڇوڙ ۾ اچي ٿو. ويدڪ ساهت ۾ به اول نظم ۽ پوءِ نثر آهي. انهيءَ سموري ساهت جو درجو ۽ مان مرتبو ٻئي ساهت کان مٿي آهي، تنهنڪري سنڌ سميت سڄي هندستان جا هندو ان ڏي عزت جي نگاهه سان ڏسن ٿا. انهيءَ سبب هتي ڄاڻائڻ ضروري آهي ته "ويدڪ ساهت" ڇا کي چئجي ٿو.

ويدڪ ساهت جا به پاڳا آهن: هڪڙو شريتون يا ويد، ۽ ٻيو سمريتون يا ڌرم شاستر. ويد لفظ جو ڌاتو يا بنياد آهي "وِد" (Vid) معني "ڄاڻڻ". انهيءَ مان "وديا" (وڇا) لفظ نهيو آهي، جنهن جي معني آهي

"علم يا ڄاڻ". "ويد" لفظ جي بہ بنيادي معني "گيان يا ڄاڻ"، پر خاص طرح معنيٰ اٿس "ايشوري گيان" يا "روحاني علم". مطلب تہ ويدن ۾ ايشوري گيان يا روحاني علم سمايل آهي، تنهنڪري اهو نالو پيو اٿن.

هندو ائين وسهندا آهن تہ ويد "اَپوُرشيہ" آهن يعني ڪنهن بہ پرش يا ماڻهوءَ جا جوڙيل ڪينهن. آڳاٽن رشين کي جيئن جيئن الهام ٿيو، يا سرسوتيءَ ٻولايو، تيئن تيئن ويدن جا منتر اُچاريندا ويا، انهيءَ سبب آڳاٽا رشي "منتر ڪرتا" يعني منترن جا جوڙيندڙ سڏبا آهن، پر "منتر درشٽا" يعني منترن جا ڏسندڙ، ڇو تہ جيئن ايشور جي مک مان وچن نڪتا تيئن رشين ڏٺا ۽ ٻڌا، ۽ پاڻ بہ ائين اُچارڻ لڳا. ٻين لفظن ۾ چئبو تہ ويدن جا منتر ايشور جا وچن آهن، جي رشين جي واتان ظاهر ٿيا. اهڙيءَ ريت ويدن ۾ ڄاڻايل ڳالهيون آڳاٽن رشين آڪاس واڻيءَ جي وسيلي ٻڌيون، تنهنڪري ويد "شريتون" (Books of Revelation) سڏجن ٿا. "شرتي" لفظ جو ڌاتو آهي "شروُ" معني ٻڌڻ.

آڳاٽن رشين کي ڪيترين ڌرمي ڳالهيون بر زبان ياد هونديون هيون، جي پنهنجن ٻارن ٻچن ۽ شاگردن کي بہ برزبان ياد ڪرائيندا هئا. اهي گهڻو پوءِ قلمبند ٿيون. جن ڌرمي پستڪن ۾ اهي ياد ڪيل ڳالهيون لکيل آهن، تن کي "سمرتيون" (Books of Tradition) چئبو آهي. ويدن ۾ آتمڪ گيان يا روحاني علم منترن ۾ لکيل آهي. پر سمرتين ۾ ٻنگتي، نيتي، راڄنيتي ۽ ٻين دنيوي ڳالهين بابت "سوُتر" يا ننڍڙا قاعدا آهن، انهن مان سڌ پوي ٿي تہ ڄمڻ کان وٺي مرڻ تائين ڪيئن پوريءَ ريت ڌرم تي هلجي. اهي ٻنگتي، راڄنيتي وغيره بابت قاعدا ويدڪ ساهت جي گريهہ سوترن ۽ ڌرم سوترن تي ٻڌل آهن، تنهنڪري "ڌرم شاستر" ۾ شرتيون ۽ سمرتيون ٻئي اچي وڃن ٿيون، پر عام طرح سمرتين کي "ڌرم شاستر" يعني ڌرم تي هلڻ جا قاعدا چئبو آهي. اهي ويدڪ ساهت جو مکيہ ڀاڱو آهن. سمرتيون گهڻي ئي آهن، جهڙوڪ: ياجنولڪيہ سمرتي، پاراشر نارد سمرتي وغيره. سيني ۾ مکيہ منو سمرتي آهي. اهي سمرتيون گهڻو پوءِ قلمبند ٿيون. جيئن جيئن رواج ڦرندا ويا، تيئن تيئن منجهن ڪي ڦيرڦاريون بہ ٿيون؛ پر انهن ۾ ڄاڻايل قاعدا ويدن تي ٻڌل آهن. تنهنڪري اهي ويدڪ

ساهت جو ڀاڱو آهن. هاٺوڪي وانگر اڳي لکڻ جون سهوليتون ڪين هيون. انهيءَ سبب سمرتين جي قاعدن ۾ بيءِ ڀاٽيءَ ڪنٺ ڪرڻ جو رواج نهايت عام هوندو هو. اج بہ ڏسو تہ ڪيترن سکن کي گروءَ جي ڀاٽي برزبان ياد آهي. ڪنهن پوتيءَ تان ڏسي پڙهڻ بدران برزبان ڀاٽي اچارڻ اسان جا ماڻهو وڌيڪ پسند ڪن ٿا. تنهنڪري چوٽي آهي تہ "ناٺو اهو جو ڳنٺين ۾ ڀاٽي اها جا ڪنٺين" يعني ناٺو اهو جو ڳنڍ ۾ ٻڌل هجي، ۽ ڀاٽي اها جا ڪنٺ يا برزبان ياد هجي. اڳي گرو ڪلن ۾ ويدن جي رچائن ياد ڪرائڻ جي ترتيب ئي اهڙي هوندي هئي، جو ڪنهن کي بہ اهي رچائون وسري ڪين وينديون هيون. جهڙيءَ ريت عربي بحر ۾ وزن تي ٺهيل شعر جي تقطيع (Scansion) ڪرڻ سان جهٽ سهي ڪري سگهبو آهي تہ وزن پورو آهي يا نہ. تهڙيءَ ريت آڳاٽا هندو "پديت" (Pada-patha or Word text) جي وسيلي هڪ هڪ پد چڪاسي سگهندا هئا، ۽ "سمهتا پت" (Samhita - Patha or Continuous Text) جي ترتيب هيٺ سبب هرهڪ چوڪ سڌاري سگهندا هئا. پروفيسر رئيسن، جنهن قديم هندستان جي ننڍي تاريخ جوڙي آهي، ۽ "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا" تاليف ڪئي آهي، تنهن آڳاٽن ماڻهن جي حيرت جهڙي حافظي جو ذڪر ڪندي چيو آهي تہ اج بہ جيڪڏهن سڀ دستخط ۽ ڇپيل ويد ڪم ٿي وڃن، تہ بہ اهڙا پنڊت پيا آهن، جي سڀ رچائون جيڪر بلڪل پوريءَ ريت برزبان چئي وڃن. *

<u>ويدن جي منترن جي ورڇ.</u> مهاڀارت ۾ ڄاڻايل آهي تہ اوائل ۾ ويد فقط هڪڙو هو، پر پوءِ ماڻهن جي عمر ۾ ٻل جي مد نظر تي چار ويد ٿيا:

---

* "If all themanuscripts and all the printed copies were destroyed its text could now be recovered from the mouths of living men with absolute fidelity as to the form and accent of every single word. Such a tradition has only been possible through the wonderfully perfect organization of a system of schools of vedic study in which untold generation of students have spent their lives from boyhood to old age in learning the sacred texts and in teaching them to their pupils. This is, beyond all question, the most marvelous instance of unbroken inarvel increases when we consider that this extra ordinary continuity to be found in the history of mankind; and the marvel increases when we consider that this extra ordinary fact of the human memory has been concerned rather with the minutely accurate preservation of the forms of words than with the transmission of their meaning."

رگ ويد، يجر ويد، سام ويد ۽ اترو ويد. مهاڀارت ۾ رگ ويد مان ائين
ٻه معلوم ٿئي ٿو تہ رگ ويد جي هاڻوڪن جهونن منترن کان به ڪي آڳاٽا
منتر هئا جي "نِوِدَ"، "نِگَدَ" ۽ "آهاب" سڏبا هئا. ۽ اهي جهونا منتر مها پرليءَ
ٽيڻ وقت گم ٿي ويا، ۽ پوءِ جيتري قدر رشين کي ويدن جا منتر ياد پيا،
تيتري قدر قلمبند ڪيائون. تہ به ڪيترا جهونا منتر اڄ تائين عدم موجود
آهن. ويدن جي منترن کي باترتيب بيهارڻ جو ڪم جدا جدا زمانن ۾
جداجدا ماڻهن ڪيو، ۽ اهي سڀ "وياس" يعني مؤلف (Compilers) سڏيا
ويا آهن. وشنو پراڻ (۳، ۳) موجب جملي ۲۸ وياس ٿي گذريا آهن، جن
مان پويون "ڪرشن دويپاين" هو.

مهاڀارت ۾ لکيل آهي تہ پاراشر رشيءَ کي ستيہ وتي نالي هڪ
ميربحرن جي نياڻيءَ مان هڪ پٽ ڪنهن ٻيٽ تي ڄائو هو. تنهنڪري
اهو "دويپاين" يعني "دويپ يا ٻيٽ تي ڄاول" سڏبو هو. اهو ٻار شڪل
جو "ڪرشڻ" يعني سانورو هو. تنهنڪري "ڪرشڻ دويپاين" ڪوٺبو هو.
مهاڀارت واري زماني ۾ هاڻوڪي امبالي ضلعي ۾ "ڪر کيتر" نالي هڪ
وڏو کيتر (کيٽ) هو. جنهن جي نزديڪ "ڪاندو پرست" نالي هڪ وڏو ۽
گهاٽو ٻن هو. پانڊون جي وچين ڀاءُ ارجن سري ڪرشڻ جي مدد سان انهيءَ
ٻن کي باهہ ڏياري صفا پٽ ڪري ڇڏيو. تنهن کان پوءِ انهيءَ ڪرشڻ
دويپاين ويدن جا منتر با ترتيب بيهاريا هئا. تنهنڪري "ويد وياس" يعني
ويدن جو مؤلف نالو پيس. مطلب تہ ويد اصل هڪڙو هو، ۽ پوءِ ان جي
منترن جي ونڊ ورڇ ڪري، ۽ اهي با ترتيب بيهاري چار ويد ڪيائون. پر
سيني ۾ اهو ئي آتمڪ گيان يا روحاني علم آهي، جو آڳاٽن رشين ايشور
کان ٻڌو. تنهنڪري قديم زماني کان وٺي سڀ هندستان جا هندو ائين
ئي چون تہ ويد "اپورشيہ" آهن يعني ڪنهن به پرش يا ماڻهوءَ جا جوڙيل
نہ آهن (پرايشور جا وچن آهن)، ۽ اهي "آنادي" آهن، يعني جن جي آد يا
شروعات آهي ئي ڪانہ، ۽ "نيتہ" (نت يا سدائين) آهن (Existing in all
eternity) جيئن متي اڳي ئي چيو ويو آهي.

<u>ويدن جا ڀاڱا - سنهتا ۽ براهمڻ.</u> هرهڪ ويد جا ٻہ ڀاڱا آهن: هڪڙو
"سنهتا" ۽ ٻيو براهمڻ. ويدن جي سنهتا واري ڀاڱي ۾ منتر ڪٺا ڪيل آهن،

تنهن ڪري ويدڪ زماني کي عام طرح "منترن وارو زمانو" (The Age of Mantras) چئبو آهي. هرهڪ ويد جي منترن اچارڻ جو نمونو نرالو آهي، ۽ انهن جي بناوت بہ هڪ ٻئي کان ڦريل آهي، تنهنڪري هرهڪ ويد لاءِ "منتر" لفظ ڌار ڌار معنائن سان ڪم آڻبو آهي.

"منتر" کي "رچا" تڏهن ڪوٺبو آهي، جڏهن اهو وزن تي جڙيل هوندو آهي، ۽ بلند آواز سان اُچارڻو پوندو آهي. اهڙيون رچائون رگ ويد ۾ آهن.

"منتر" کي "يجس" (Sacrificial hymn) تڏهن چئبو آهي، جڏهن اهو نثر ۾ هوندو آهي، ۽ ان جو رڳو جاپ ڪبو آهي يعني فقط چپن ۾ اُچاربو آهي. اهڙا منتر يجر ويد ۾ آهن. "يجر" ۽ "يجس" ٻنهي جي معنيٰ آهي "يگيہ".

منتر کي "سامن" (Psalms) تڏهن سڏبو آهي، جڏهن اهو وزن تي جڙيل هوندو آهي، پر سُر سان آلاپبو آهي، يا جهاڙن جهڙن پڙهڻ مهل چوُڪاربو آهي. اهڙا منتر سام ويد ۾ آهن. اوائل ۾ مڪيہ منتر رڳو انهن ٽن ويدن جا ليکبا هئا.

هرهڪ ويد جي پهرئين ڀاڱي ۾ اهي جدا جدا قسمن جا منتر ڪٺا ٿيل آهن، تنهن ڪري ئي اهو ڀاڱو "سنهتا" (Collection) سڏجي ٿو. انهن منترن مان رڳو ڪي ڪي نثر ۾ پرارٿنائن جيَ نموني آهن، نہ تہ هرهڪ ويد جو پهريون ڀاڱو اڪثر نظم ۾ آهي. انهيءَ نظم جا ڇند يا وزن (Measures) آهن. جن مان ست ڇند اگن ديوتا جا "ست مُک" سڏيا ويا آهن: گايتري، ترشنتپ (Trishtap) ، جڳتي وغيره ڇندن جا نالا آهن. هن مان ثابت آهي تہ قديم سنڌو ماتر جا رهاڪو جڏهن اجا اُتر قطب طرف ميرو پربت تي رهندا هئا، تڏهن ئي علم عروض ۽ موسيقي (گاين وديا) ۾ چڱي ترقي ڪئي هئائون، ۽ ڪانئن اڳي ٻيءَ ڪنهن بہ قوم کي انهن علمن جي سڌ بہ ڪانہ هئي.

هرهڪ ويد جي منترن اُچارڻ ۾ مکيہ تفاوت "سُور" (سُرَ) (Suara or Musical accent) جو آهي. جنهن صورت ۾ ويدن جي منترن اُچارڻ جي ريت سر آلاپي چوڻ سان آهي، تنهن صورت ۾ مصنف ڪنهن پنڊت کي چيو تہ چئني ويدن جا ٿورا ٿورا منتر اُچاري ڏيکاريو. تہ سُور (سُرَ) جي سڌ پوي. رگ ويد جو سر ڪنٺ يا نڙيءَ مان اهڙي پريل ساهہ سان

ڪيائين، ۽ هڪ ساهيءَ آواز کي ائين متي ڪڍندو ويو، جو يقين ٿيو ته جنهن جي ڇاتي ڪمزور هوندي، سو اهڙي پريل ساهه سان ۽ پوريءَ ريت اُچار ڪري ڪين سگهندو، ۽ جي ڪندو ته به جهٽ سهڪيءَ ۾ پرجي ويندو. رگ ويد جي منترن اُچارڻ مهل ساهه کي ڪيتري قدر گُهٽڻو به پوي ٿو، جنهن ڪري اهو سُر نهايت ڏکيو ڇنبو. پنڊت پاڻ به چيو ته اڳي ماڻهو برهمچاري ٿي رهندا هئا، ۽ ٻت جا سگهارا هوندا هئا. تنهن ڪري اهو ڪٺن سُر آسانيءَ سان ڳائي سگهندا هئا. ٻين ويدن جي منترن اُچارڻ مهل به ڇاتيءَ جو ٻل گهٽو گهرجي ٿو.

جدا جدا ويدن جي منترن اُچارڻ مهل پنڊت تال به ٻيءَ ٻيءَ طرح وٺڻ لڳو. رگ ويد جي منترن اُچارڻ مهل اول هٿ اهڙيءَ ريت متي تي ڪيائين جو ڄڻ ته ملٽري سلام ٿي ڪيائين، ۽ سگهو ئي وري هٿ لاڙي هيٺ ٿي ڪيائين. يجر ويد جي منترن اچارڻ مهل اهو پنڊت پنهنجو هٿ نانگ جي ڦڻ وانگر لوڏڻ لڳو. سام ويد جي سُر ٻڌائڻ مهل پنهنجي هٿن جون آڱريون هلائڻ لڳو. اَٿرو ويد جو سُر ٻڌائڻ مهل مک مان اُچاريائين پئي تنهن وقت سندس ڪنڌ جي لوڏ پئي ٿيئي. مطلب ته ويدڪ زماني ۾ ئي آڳاٽا آريه لوڪ ڳاين وديا ۾ پڙ هئا، جنهن ڪري سُر ۽ تال جي سڌ پوندي هين. ڇاتي به بلڪل مضبوط هوندي هين، جنهن ڪري پريل ساهه سان سُر چاڙهڻ ۽ اتي ئي وري ساهه گهٽڻ سولو لڳندو هون.

هرهڪ ويد جي منترن اُچارڻ جو ڪم ڪن خاص پروهتن تي رکيل هوندو هو. يگيه مهل رگ ويد جا منتر جيڪو پروهت اُچاريندو هو، سو "هوتري" (Invoking Priest) سڏبو هو. يجر ويد جا منتر جيڪو پروهت اُچاريندو هو، سو "اڌوريو" (Adhvaryu) ڪوٺبو هو. اهو اڌوريو پوڄا لاءِ زمين تڪر ماپي ويڏي (Altar) ناهيندا هئا. يگيه لاءِ برتن پنهنجن هٿن سان ناهي رکندا هئا. پوڄا لاءِ پاڻي، ۽ يگيه جي اگنيءَ لاءِ ڪاٺيون پاڻ آڻيندا هئا. يگيه مهل جيڪو جانور ٻل چاڙهڻو هوندو هو، سو به پاڻ آڻيندا هئا، ۽ اهو پنهنجن هٿن سان پائيندا به پاڻ هئا. مطلب ته يگين لاءِ جيڪو به پورهيو هٿن سان ڪرڻو پوندو هو، سو سڀ اڌوريو پروهت پاڻ ڪندا هئا.

سام ويد ۾ جيڪي "سامن" آهن، سي ديوتائن کي سوم رس جي پوڄ

لڳائڻ مهل جيڪي پروهت ڳائيندا هئا، سي "اُدگات"- (Singing Priests) سڏبا هئا.

جيڪو يگيه ڪرائيندڙ تنهي ويدن جي منترن ۾ ڄاڻو هوندو هو، سو "براهمڻ" سڏبو هو (ستپٿ براهمڻ، ٩، ٥، ٨، ١). ياسڪ منيءَ جي جوڙيل "نرڪت" (٧، ٥) موجب هوتري، اڌوريو، براهمڻ ۽ اُدگات ساڳئي ئي هڪ ماڻهوءَ جا نالا هوندا هئا، ۽ جنهن مهل جيڪو يگيه ڪرائيندو هو، تنهن مهل انهيءَ نالي سان سڏبو هو.

ويدن جو مضمون. هرهڪ ويد جو مختصر ذڪر هتي ڏار ڏار ڪجي ٿو، ته سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته هرهڪ ۾ ڪهڙو ڪهڙو مضمون سمايل آهي:

رگ ويد - رگ ويد ۾ "رگ" (رڪ يا رچ) يعني "رچائون" (Hymns) آهن، تنهن ڪري اهو نالو پيو اٿس. سڄو ئي رگ ويد ڏهن منڊلن (ڀاڱن) يا اٺن اشٽڪن ۾ ورهايل آهي. هرهڪ منڊل ۾ "سوڪت" (سو + اُڪت) (Laudations) آهن؛ ۽ هرهڪ سوڪت ۾ "رچائون" (Hymns) آهن، جن کي "منتر" به چئبو آهي. انهن رچائن ۾ ديوتائن جي اُستتي (ساراهه)، يگين جي وڌي (Formula)، ايشور جي اپاسنا ۽ سندس پراپتيءَ جا ساڌن آهن، ۽ ايشور جي سوکيم سروپ ۽ منشپٽي (انسانيت) جي آتم ۽ ٻوتر ويچارن جو ذڪر آهي. رگ ويد ۾ ڪي "دان اُستتيون" (سخا جون ساراهيون) "ندي اُستتي" (ندين جي ساراهه) ۽ هڪ "جواريءَ جي ارمان" جو به ذڪر آهي. ديوتائن جي اُستتي ڪندي آڳاٽن رشين ڪهڙي نموني شاعراڻي پلٽ پلٽي آهي، سو نمونو اگن ديوتا ۽ اُشا ديوي (Dawn) جي ذڪر ڪندي ڄاڻايو ويو آهي.

سڄو ئي ويد هڪ ڌرمي پستڪ آهي، پر ان ۾ ڪيترئون ملڪي، پنگتي ۽ سيپتا جون ڳالهيون تشبيهه طور يا ٻئي نموني ڄاڻايل آهن، جنهن ڪري منجهانئس تاريخ جوڙڻ لاءِ گهڻو ئي مصالحو ملي ٿو. رگ ويد جون جهوني ۾ جهونيون رچائون منڊل ٻئي کان وٺي ستين تائين آهن، ۽ اهي وشوامتر، وامديو، اتري، ڀردواج ۽ وسشٽ منيءَ جي مکان ظاهر ٿيون هيون.

يجرويد - يجرويد ۾ يگين جي وڌين جو رگ ويد کان به وڌيڪ وستار آهي. "يجر"

يا "يجس" (Yajas) جي معني ئي آهي "يگيہ جي پرارٿنا يا وڏي" -Sacrifli) (cial Prayer or Formula يجر ويد جا اڌ جيترا منتر نظم ۾ تہ اڌ جيترا نثر ۾ آهن. اهي شايد اڳي گڏيا مسيا پيا هئا، جي پوءِ ڌار ڪيائون. هن وقت يجر ويد جا بہ وياڱ آهن، جن مان هڪڙو مشڪل (White) يجر ويد يا "واجسنيني سنهتا" سڏجي ٿو. ياجنولڪيہ (ياڳيولڪ) رشيءَ جو بيو نالو "واجسنيئن" (Vajasneyin) هو، ۽ سشڪل يجر ويد جا منتر سندس مڳان ظاهر ٿيا هئا. تنهن ڪري اهو سندس نالي پٺيان سڏجي ٿو. ٻيو "ڪرشڻ" (Black) يجر ويد آهي، ان ۾ چاٿايل يگيہ تي وڏين بابت آڳاٽن آرين جا ڌار ڌار متا هئا. جن جو پتنجلي رشيءَ پنهنجي جوڙيل سنسڪرت گرامر ۾ ذڪر ڪيو آهي. انهن علحدن علحدن متن وارن جي نالن پٺيان ڪرشڻ يجر ويد جي سنهتا" (Collection) تي علحده علحده نالا رکيل آهن. جن مان مکيہ "ڪاٺڪ سنهتا"، منترياڻي سنهتا" ۽ "تنتريہ سنهتا" آهن. اتر هندستان ۾ سشڪل يجر ويد ۽ ڏکڻ هندستان ۾ ڪرشڻ يجر ويد جا ايپاسي گهڻا آهن.

سشڪل يجر ويد ۽ ڪرشڻ يجر ويد ۾ مکيہ تفاوت هيءُ آهي تہ پهرئين ۾ فقط "يجس"يعني يگين جون وڌيون آهن، ۽ ٻئي ۾ منترن سان گڏ انهن جي ٽيڪا يا تشريح بہ آهي، جا نثر ۾لکيل آهي، ۽ اها درحقيقت براهمڻ واري ڀاڱي ۾ وجھڻ کپندي هئي، انهيءَ سبب مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي تہ يجر ويد جا اڌ جيترا منتر نظم ۾ تہ اڌ جيترا نثر ۾ آهن. سشڪل يجر ويد ۾ ڪي ڪي منتر اکر بہ اکر رگ ويد ۽ اترو ويد وارا آهن، پر قادر ۽ قدرت بابت ان ۾ سوکم ويچار نهايت عمديءَ ۽ باريڪ ريت ظاهر ٿيل آهن، تنهنڪري رگ ويد کان پوءِ اهو ٻئي نمبر تي ليکجي ٿو.

سام ويد ـ سام ويد ۾ ايشور جي اُستتي ۽ سوم يگيہ بابت "سام" (Psalms) آهن، جي گهڻو ڪري سمورا رگ ويد مان ورتل آهن، تنهن ڪري رگ ويد کان وڌيڪ تاريخي احوال منجهانئس ڪونہ ٿو ملي، باقي هندي راڳ جي تاريخ انهيءَ مان ملي ٿي.

"سام" لفظ جي اکري معني ئي آهي "سامت ۾ آڻيندڙ"، "سانت

ڏيندڙ، دل ٺاريندڙ". سام ويد جا منتر من کي شانتي يا روح کي راحت ڏين ٿا. تنهن ڪري اهو نالو رکيو اٿن. اهي منتر جيڪي پروهت اچاريندا هئا، سي "اُدَ گهات" سڏبا هئا، ۽ سندين مٺي للڪار ٻڌندڙن جو لنوَ لنوَ ٺاريندي هئي. پاڻنجي ٿو ته پڇنن ڳائڻ جو شوق اسان جي ماڻهن ۾ سام ويد جي وقت کان وٺي وڌيو.

اَٿرو ويد - هيءُ ويد اٿرون نالي هڪ رشيءَ جي نالي پٺيان سڏجي ٿو. انهيءَ رشيءَ "اٿرون" يعني باهه ٻارڻ جو هنر جاري ڪيو هو. تنهن ڪري اهو نالو پيس. اٿرو ويد ۾ تورا سُوڪت نثر ۾ آهن، پر ڪي رچائون ساڳيون رگ ويد واريون آهن، جنهن ڪري منجهس برهم گيان جون ڳالهيون آهن. جمڻ کان وٺي مرڻ تائين جيڪي سنسار ڪرڻا آهن، تن جو توڙي راجائن جي تاجپوشيءَ جي رسمن جو احوال به ان ۾ آهي. منجهس ٽوڻن ڦيڻن ۽ جهاڙن جهپن جو ذڪر آهي. ڪيترا منتر جنن ڀوتن ۽ ڏائڻين جي اثرن ٽارڻ، دشمن دفع ڪرڻ ۽ ٻين دنيوي مرادن حاصل ڪرڻ بنسبت به آهن، تنهن ڪري ڪوٽليه جي ارٿ شاستر (Political Economy) جوڙڻ جي وقت يعني ٣٢٠ سال ق. م. تائين ويد فقط ٽي ليکبا هئا، ۽ اهي "تريئي" (Trayee) ۽ "ترئيوديا" (The threefold Veda or Knowledge Traividya) سڏبا هئا، ۽ اٿرو ويد پوءِ ويدن جي دفعي ۾ ليکجڻ ۾ آيو.

ڪيترن عالمن جو چوڻ آهي ته جنن ڀوتن جي اثرن، ٽوڻن ڦيڻن، جهاڙن جهپن، سنسن ۽ ڀرمن جون ڳالهيون آڳاٽن دراوڙن ۾ زور هيون، جن جو پوءِ آرين تي اثر ٿيو، جنهن ڪري اٿرو ويد ۾ اهڙين ڳالهين کي جاءِ ملي. بهرحال آڳاٽن ماڻهن جي اوائلي حالت ۽ منورتيءَ جي سمجهڻ لاءِ اٿرو ويد بلڪل ڪارائتو آهي.

منترن اچارڻ جي مراد. انساني سڀاءُ جهڙو هاڻ آهي، تهڙو اڳي به هو. هن وقت ڪيترا ماڻهو پاٺ پوڄائون، ڀڳتي ۽ شيوا اڪثر انهيءَ لاءِ ڪندا آهن ته اسان جون من جون مرادون پوريون ٿين. ڪو ڏٿيءَ کي سوال ڪري ٿو ته "پٽ ڏجانءِ، ڪشت ڪٽجانءِ، قرض ڪوڏيون ڪري لاهجانءِ، فلاڻي فلاڻي چنتا کان ڇڏائجانءِ وغيره". آڳاٽا آريه لوڪ به ائين ڪندا هئا. اهي ڳالهيون ويدڪ ساهت ۾ ڪليءَ ريت لکيل آهن. مثلاً ويدن جا منتر هن

لاءِ اچاريندا هئا تہ:

١. سؤ ورهين تائين جيئرا رهون، ۽ پٽن جو اولاد اکين سان ڏسون (رگ ويد، منڊل پنجون، ١، ٨٩).
٢. هر قسم جي خوف خطري ۽ مصيبت کان بچون (اترو ويد، ١٩، ٧).
٣. اوسر يا ڏکار نہ پوي (رگ ويد، منڊل ٥، ٦٨).
٤. فصل پلا ٿين (اترو ويد، منڊل ٦، ١٣٢).
٥. جيڪا جنگ جوٽيون، تنهن ۾ سوڀارا ٿيون (رگ ويد، منڊل پهريون، ١٠٠، ۽ ٻيو، ٣٠).
٦. من جون سڀ مرادون پوريون ٿين (اترو ويد، ١٥، ٩).

ڪنهن کي آسيب يا ڳجهي جو حساب ٿيندو هو، يا ڪا ٻي بيماري ٿيندي هئي، تہ انهيءَ لاءِ بہ منتر اُچاريندا هئا (اترو ويد، منڊل ٽيون، ٣١، ۽ منڊل پنجون، ٥، ٢٢). زال مڙس جو پاڻ ۾ ناهہ ٿئي، رنل يار پرچن، دل گهري ٻانهن ملي، جنهن ڪم ۾ هٿ وجهون، تنهن ۾ پئون ٻارهن ٿئي وغيره. تنهن لاءِ بہ منتر اُچاريندا هئا (رگ ويد، منڊل نائون، ٦٧، ٩- ١١، ۽ اترو ويد، منڊل ٣، ٤، ٥، ۽ ٦).

آڳاٽن لوڪن پوءِ محسوس ڪيو، تہ اهو آهي گويا ڏٽيءَ سان سودو ڪرڻ، يعني اي ڏٽي اسين تنهنجي عبادت ڪريون ٿا، ۽ ان جي عيوض اسان کي فلاڻا فلاڻا ڏاڻ ڏج. اهو سوداگريءَ جو خيال ڇڏي، پوءِ نشڪام ڀڳتي ڪرڻ لڳا، جو ڄاتائون تہ پريم ڀڳتيءَ جهڙي ٻي ڀڳتي آهي ئي ڪانہ.

ويدن جا براهمڻ. ويدن جو ٻيو ڀاڱو "براهمڻ" سڏجي ٿو. ويدن جا منتر نهايت آڳاٽا آهن، ۽ براهمڻ گرنٿ پوءِ جا آهن. انهن ۾ منترن جي سمجهاڻي، ڀڳين جي وڌين جو بنياد، ۽ ڀڳين جو اندروني مطلب نثر ۾ سمجهايل آهي. تنهن ڪري ويدن جي منترن واري ڀاڱي (سنهتا) کان اهي علحدا آهن، پر اهي بہ شرتين جي دفعي ۾ ليکيا ويا آهن. هرهڪ ويد جي پنهنجا پنهنجا براهمڻ گرنٿ آهن، ۽ اهي ويدڪ ساهت جو ڀاڱو ليکجن ٿا. ٻين لفظن ۾ چئبو تہ براهمڻ گرنٿ "فقه جا ڪتاب" (Theological Works) آهن، جن ۾ برهم گيان ۽ آڳاٽن براهمڻن جي

فيلسوفي سمايل آهي، جنهن ڪري ئي اهي "براهمڻ گرنٿ" سڏجن ٿا.
براهمڻ گرنٿن مان ڪو به تاريخي احوال سڏيءَ ريت ڪونه ٿو ملي، يگين جي وڌين جي بنياد بابت جيڪي ڪٿائون منجهن آهن، تن مان ان وقت جي ماڻهن جي ڪيترين ريتن رسمن جي سڌ پوي ٿي، تن ڪري تاريخ جوڙڻ ۾ براهمڻ گرنٿ به ڪجهه مدد ڪن ٿا.

آرڻيڪ ۽ اُپنشد. ويدن جي براهمڻ واري ڀاڱي جا ٻه به حصا آهن: هڪڙو "آرڻيڪ" ۽ ٻيو "اُپنشد". "آرڻيڪ" لفظ جي معنيٰ ئي آهي "ارڻ يا ٻن جا پستڪ" (Forest books) . آڳاٽا رشي ۽ ڪيترا راجائون توڙي ٻيا، پنجويهه ورهيه سانده ٻن ۾ رهي، ايشور جو ڌيان ڌاريندا هئا، ۽ ساري سنسار،جيو آتما ۽ پرماتما بابت ويچار ڪندا هئا. سندن اهي ڳوڙها ويچار جن ۾ اعليٰ درجي جي فيلسوفي سمايل آهي، سي آرڻيڪن ۾ ڏنل آهن.
آرڻيڪن کان سواءِ اُپنشد به آهن، جن مان ڪي براهمڻ گرنٿن جي پڇاڙيءَ ۾ ڏنل آهن، ته ڪي ڌار پستڪ آهن. پر اهي به براهمڻن جو ڀاڱو آهن، تنهن ڪري ويدڪ ساهت ۾ ليکيا ويا آهن. اُپنشدن ۾ اڪثر گروءَ ۽ چيلي جي وچ ۾ برهم گيان ۽ آتم گيان جي ڳوڙهي فيلسوفي بابت گفتگو آهي. انهيءَ سبب ڪيترن يورپي عالمن جو چوڻ آهي ته "اپنشد" لفظ ۾ "اُپ" معنيٰ "ويجهو" "نِي" معنيٰ "نيچي يا هيٺ" ۽ "شد" معنيٰ "وهڻ": مطلب ته گروءَ جي ويجهو وڃي، سندس هيٺ (چرنن اڳيان) ويهي، جيڪا سکيا پرائجي، تنهن کي "اُپنشد" چئجي ٿو.
"اپنشدن" کي "ويدانت" به چئبو آهي. ڪي چون ته اهي ويدن جي انت يا پڇاڙيءَ ۾ ڏنل آهن، تنهن ڪري اهو نالو پيو اٿن. عام طرح جنهن کي "ويدانت" (مت) چئجي ٿو، تنهن جي معنيٰ ڪندا آهن "ويد يا ڄاڻ جي پڇاڙي يا آخرين حد" يعني ته ويدانت کان مٿي ٻيو علم آهي ئي ڪونه، ۽ اهو ئي برهم گيان جي آخرين حد آهي.

مکيه براهمڻ گرنٿ ۽ مکيه اُپنشد. مٿي،اڳي ئي چيو ويو آهي ته هرهڪ ويد جي پٺيان پنهنجا پنهنجا براهمڻ گرنٿ آهن، ۽ انهن گرنٿن جي پٺيان

آرڻيڪ ۽ اپنشد آهن. انهن مان جيڪي مکيہ آهن، سي هيءَ آهن:

(۱) رگ وید جي پٺيان ٻہ براهمڻ گرنت آهن: هڪڙو "ائتريہ براهمڻ" (مهيداس ائتريہ جو جوڙيل)، ٻيو، "ڪوشيتڪي يا شانکاين براهمڻ". انهن ۾ ڳوڙهي فيلسوفي سان گڏ سوم ٻوٽي ۽ يگيہ، ۽ ٻيا وڏا يگيہ، جي راجائون ڪندا هئا، تن جو ذڪر آهي. ائتريہ براهمڻ جي پٺيان جيڪي آرڻيڪ ۽ اُپنشد آهن، سي بہ انهن ساڳين نالن پٺيان "ائتريہ آرڻيڪ" ۽ "ائتريہ اُپنشد" سڏجن ٿا. ڪوشيتڪي براهمڻ جي پٺيان ڪوشيتڪي آرڻيڪ آهي، جنهن جو هڪ ڀاڱو ڪوشيتڪي اُپنشد سڏجي ٿو.

(۲) يجر وید جا ٻہ ويڀاڳ آهن.شڪل يجر وید "واجنيئي سنهتا" جي پٺيان شتپٿ براهمڻ ڏنل آهي، جو سڀني براهمڻ گرنتن ۾ مکيہ آهي. آڳاٽن رشين جي فقه ۽ فيلسوفي، ۽ ٻين ڳوڙهن ويچارن توڙي رسمن ۽ رواجن جي انهيءَ مان گهڻي سڌ پوي ٿي. شتپٿ براهمڻ جي چوڏهين باب جو پهريون ڀاڱو آرڻيڪ آهي، ۽ ان جي پوئين ڀاڱي ۾ ناميارو برهدارڻيڪ اپنشد آهي. واجنيئي سنهتا پٺيان "اِيش" اپنشد آهي.

(الف) ڪرشڻ يجر وید جي سنهتا ۾ ڪاٺڪ سنهتا، ڪپشٺل ڪٺ (Kapishthala - Katha) سنهتا، مئترياڻي سنهتا ۽ تئتريہ سنهتا آهن، ۽ پٺيان ڏنل تئتريہ براهمڻ تئتريہ سنهتا جو ڀاڱو آهي. تئتريہ براهمڻ جي پٺيان تئتريہ آرڻيڪ ۽ ان جي پٺيان تئتريہ اپنشد آهي.

(۳) سام وید جي پٺيان تانديہ مها براهمڻ آهي، جنهن ۾ "وراتيہ ستوم" (Vratyastoma) جو ذڪر آهي. اهو جڳ تہ شڌيءَ ڪرڻ لاءِ هڪ يگيہ هوندو هو، جنهن جو وڌيڪ ذڪر پوءِ ڪبو. ان جي پٺيان چاندوگيہ اپنشد، ڪين اپنشد ۽ ٻيا اپنشد آهن. چاند وگيہ جو پهريون ڀاڱو آرڻيڪ آهي.

(۴) اٿرو وید سان ڪو آڳاٽو براهمڻ گرنت ڪونهي، پر "گوپٿ براهمڻ" ان جو ڀاڱو ليکيو وڃي ٿو. مُنڊڪ اپنشد، پرشن (Prasna) اپنشد ۽

ماڊوڪيہ اپنشد اترو ويد ۾ آهن.

اُپويد (Subsidiary Vedas) چئن ويدن کان سواءِ چار اُپويد آهن. اهي ويدن سان لاڳو آهن. تنهن ڪري ويدڪ ساهت جي دفعي ۾ ليکجن ٿا. پر شريتون ڪري نٿا ليکجن. جو اهي ماڻهن جا جوڙيل آهن. ازان سواءِ انهن جو لاڳاپو دنيوي ڳالهين سان آهي، تنهن ڪري ويدن کان انهن جو درجو گهٽ ليکيو ويو آهي."اُپويد" لفظ جي اکري معنيٰ ٿي آهي "گهٽ درجي وارو علم" (Inferior Know-ledge) ايترو چئبو تہ انهن اُپويدن مان چٽيءَ ريت سڌ پوي ٿي تہ قديم ويدڪ زماني ۾ ئي آڳاٽن هندن ڪيترن دنيوي علمن ۾ چڱي ترقي ڪئي هئي. اُهي عدم هي آهن.

(۱) رگ ويد جو اُپويد "ايوُر ويد" (Medical Science) آهي، جنهن ۾ چرڪ، ششرت، واڪيت وغيره گرنٿ آهن. انهن ۾ بدن جي طاقت وڌائڻ، بيمارين کي روڪڻ ۽ مرضن کان ڇٽڻ جا اُپاءَ ڏسيل آهن. اهڙيءَ ريت طب جي ڪتابن لکڻ جو رواج اول آرين وڌو. مٿي اڳي ئي ڄاڻايو ويو آهي تہ رگ ويد واري زماني ۾ ئي سنڌو ماٿر ۾ جراح، طبيب ۽ حاذق حڪيم هوندا هئا. اڄ ڪالھ سنڌ ۾ جيتوڻيڪ يوناني حڪيم بہ آهن، تہ بہ اسان جا سنڌي وئديہ (ويج) پنهنجن ابن ڏاڏن واري حڪمت اڄ تائين پليءَ پٽ هلائيندا پيا اچن. ائين بہ اکين سان ڏٺو ويو آهي تہ اسان جا ڪيترا ماڻهو انگريزي دوائن بدران يوناني ۽ آيوُر ويدڪ علاج وڌيڪ پسند ڪن ٿا. جنهن ڪري ويڄن جو قدر سنڌ ۾ اڄ تائين آهي.

(۲) يجر ويد جو اپويد "ڌنر ويد" (Military Science) آهي. قديم سنڌو ماٿر جا رهاڪو جنگي پاؤ وارا هئا. تن انهيءَ سائنس (وگيان) کي زور وٺايو. پر پوڙي زماني ۾ اهو پاؤ اسان جن ماڻهن مان نڪري ويو. جنهن جو نتيجو اڄ بہ اکين سان پسجي پيو.

(۳) سام ويد جو اپويد "گنڌرو ويد" (Music) آهي. جنهن جا بہ پاڳا هئا: هڪڙو لوڪن جي دل وندرائڻ لاءِ. جنهن ۾ راڳ ۽ راڳڻيون هيون، ۽ ٻئي ۾ ويدڪ راڳ ۽ ويدن جا سُر ڏنل هئا. ائين گاين وديا قديم

زماني ۾ ئي سڌو ماتر ۾، خاص ڪري پنجاب ۾ زور ورتو، جنهن ڪري اڄ تائين چوٽي آهي ته "راڳ پنجاب ۾ ڄائو، ۽ ٽر ۾ مئو". هن وقت گائڻ وديا جو گهڻو چاهه سرحد سنڌ ۾، خاص ڪري شوقين شهر شڪارپور ۾ آهي.

(۴) اٿرو ويد جو اپويد "استاپيه ويد" (Mechanics) آهي، جنهن ۾ شِلپ (ڪاريگري) ۽ ڪلا (هنر) جي وديا هئي. جنڊيءَ جو ڪم، ڪاشيءَ جو ڪم، جڙت جڙڻ، پرت پرڻ، لونگيون، ڪيس وغيره جوڙڻ ۽ ٻيا هنر سنڌ ۾ زور هئا. حيدرآباد ۾ خاتو ٻندن جو پاڙو اڄ تائين آهي. آيور ويد کان سواءِ ٻيون سڀ وديائون گهڻو ڪري گم ٿي ويون آهن. هن باري ۾ هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته دنيا ۾ ماڻهو گهڻي ئي ڪتاب لکن ٿا، جن مان ڪي گهڻي وقت تائين جٽاءُ ڪن ٿا، ته ڪن جو ٿوري عرصي گذرڻ بعد نانءُ نشان به متجيو وڃي. ڪتاب جي ٿوري يا گهڻي جٽاءُ جو مدار ان جي مضمون ۽ ماڻهن جي قدر شناسيءَ تي آهي. ڪن اپويدن جو ماڻهن پوءِ گهڻو قدر نه ڪيو، ته اهي گم ٿي ويا، پر ٻيو آڳاٽو ساهت اڃا سلامت آهي. هندن جي ويدن، اتهاسن ۽ پراڻن ۾ اهڙو ته مصالحو پيل آهي، جو جڳن کان اهي جيئندا اچن، ۽ جيستائين هندو جاتي حيات آهي، تيستائين اهي ڪڏهن وڃڻ جا نه آهن. سڄي هندو جاتيءَ کي پنهنجن انهن ڌرمي پستڪن لاءِ جڳهي عزت ۽ گهڻو فخر آهي، ۽ ڪيتريون ڌاريون قومون به انهن ڏي عزت جي نگاهه سان نهاري رهيون آهن. اُپنشدن جو ترجمو پارسيءَ ۾ ٿيو، ۽ انهيءَ تان لئٽن ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيو، ته سڪوپن هور (Schopenhaver) نالي هڪ فيلسوف اپنشدن جي فيلسوفيءَ جو اڀياس ڪري، بي اختيار هيٺيان لفظ چيا:

"In the whole world there is no study, except that of the originals, so beneficial and so elevating as that of the Oupnakht (Upnishad). It has been the solace of my life, it will be the solace of my death:" sacred Books of the East Vol. I, P. LXI.

اپنشدن بابت پروفيسر منڪس ملر به هيءَ رايو ظاهر ڪيو آهي:

"The earliest of these Philosophical.. will always maintain a place in the literature of the world, among the most astounding productions of the human mind in any age and in any Country" (Sacred Books of the East, Vol. I, P. L X VII)

پنجون ويد ـ اتهاس ۽ پراڻ. اڳي اتهاسن ۽ پراڻن کي گڏي "پنجون ويد" سڏيندا هئا. پوءِ مهاڀارت تي اهو نالو پيو. سچ پچ تہ اهو اتهاس آهي، پر انهيءَ مان ڌرم، نيتي ۽ ٻين ڪيترين ڳالهين جي سڌ پوي ٿي. چوڻي آهي تہ "جيڪي مهاڀارت ۾ نہ آهي، سو ڀارت ۾ ڪينهي" يعني ڀارت کنڊ جون سڀ مکيہ ڳالهيون مهاڀارت ۾ آهن. اهو هڪ وڏو وديا جو ڀنڊار آهي، تنهن ڪري پنجون ويد ڪري ليکيو ويو آهي. منجهس تاريخي احوال بہ گهڻي ئي آهن، تنهن ڪري قديم هندستان جي تاريخ جوڙڻ لاءِ عالمن منجهانئس گهڻو ئي ذخيرو ڪڍيو آهي.

اتهاس: "اتهاس" لفظ جي اکري معنيٰ آهي "ائين ٿيو آهي" (So it has been).* هندن جا بہ مکيہ اتهاس رامائڻ ۽ مهاڀارت آهن، پر اڳي "اتهاس" لفظ جي وڌي معنيٰ هئي. ڪوٽليہ جي ارٿ شاسترن مان معلوم ٿئي ٿو تہ پراڻ، اِتيورت (Itivritta)، تاريخ (History)، اُدهرڻ (Illustrative Udharana Stories) ڌرم شاستر ۽ ارٿ شاستر (Science of Wealth i.e Political Economy) انهن سڀني کي گڏي "اتهاس" چوندا هئا، ۽ اتر هندستان جو هرڪو راجڪمار (شهزادو) اتهاسن جو اڀياس ڪندو هو.

پراڻ: "پراڻ" لفظ جي معنيٰ ئي آهي پراڻي ڪٿا يا جهوني ڪهاڻي (Ancient lore). انهيءَ سبب دنيا جي ڪهڙي بہ ڪهني قصي کي جيڪر "پراڻ" ڪونجي، پر هندو پنهنجن انهن جهونن ڌرمي پستڪن کي پراڻ سڏين ٿا، جن ۾ (١) "سرگ" يعني سرشٽيءَ جي اُتپتي يا جهان جي پيدائش، (٢) "پرتيسرگ" (Pratisarga) يعني مها پرلئہ ۽ سرشٽيءَ جي وري نئين سر اُتپتي، ۽ (٣) مهنو نترن يا جڳن جا احوال آهن. انهن کان سواءِ منجهن (٤ ۽ ٥) ديوتائن جو ذڪر ۽ رشين ۽ راجائن جا چرتر ۽ سنڌين

* سنسڪرت ۾ "اتي" معنيٰ "آئين"، "هہ" معنيٰ "تحقيق يا سچ پچ" ۽ "آس" معنيٰ "ٿيو آهي" (اس معنيٰ ٿيڻ) ـ يعني "ائين سچ پچ ٿيو آهي"، يا "ٿي گذريو آهي": جنهنڪري "اتهاس" معنيٰ "تاريخ يا روايت". (ڏند ڪٿا)

ونساوليون يا شجرا آهن. هرهڪ پراڻ جا اهي پنج مکيہ لڇڻ يا خاصيتون (خاص ڳالهيون) آهن، تنهنڪري پراڻن کي "پنج لڪشڻ" (پنج لڇڻ) بہ سڏيو اٿن.

مکيہ پراڻ ارڙهن آهن.

برهم، پدم، وشنو، شو ۽ ڀاڳوت،
نارد، مارڪنڊيہ اگني، ڀوش، برهم وئيورت،
لنگ، واراهہ، سڪند، وامن، ڪوُرم پراڻ،
متيہ، گرڙ، برهماند سان جملي ارڙهن ڄاڻ.
(غريب)

هن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ پراڻن تي گهڻو ڪري اوتارن ۽ ديوتائن جا نالا رکيل آهن. جيڪو پراڻ جنهن ديوتا جي نالي آهي، تنهن ۾ مکيہ مهما انهيءَ جي آهي، ۽ ٻين جي واجبي. تاريخ جي خيال وچان انهن پراڻن جو جيتر بہ قدر ڪجي تيترو ٿورو آهي. انهن ۾ آڳاٽن رشين ۽ راجائن جون ونساوليون يا شجرا ۽ سندن چرتر يا ڪارناما آهن. تنهنڪري قديم هندستان جي تاريخ جوڙڻ لاءِ انهن مان نهايت گهڻو مصالحو مليو آهي. اهو جيڪڏهن نہ ملي ها، تہ قديم هندستان جي تاريخ جوڙڻ نِي مشڪل ٿي پوي ها. جن يوروپي عالمن پهريائين قديم هندستان جي تاريخ جوڙڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، تن جي اها ئي دانهن هئي تہ آڳاٽن آرين کي ٻيو هوش گهڻو ئي هو، پر تاريخ جوڙڻ جو عقل ڪونہ هون. پوءِ ٻين ملڪن جا ڌرمي پستڪ ڏٺائون، تہ معلوم ٿين تہ اڳي تاريخ جوڙڻ جو نمونو ئي اهو هو. جو ڌرمي ڳالهين سان تاريخي ڳالهيون بہ ڳنڍي ڳتي ڇڏيندا هئا، ۽ ڪي تاريخي ۽ سائنس جون ڳالهيون ڪتائن يا آکاڻين جي نموني لکندا هئا، تہ پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن کي ياد ڪرڻ سوليون ٿين. هاڻ يوروپي عالم پراڻن جو گهڻو قدر ڪرڻ لڳا آهن، ۽ سمجهن ٿا تہ انهن ۾ سچا پچا تاريخي احوال آهن، ۽ جيڪي ڏند ڪتائون آهن، سي بہ ڪن حقيقتن تي ٻڌل آهن.

# باب چوڏهون

## علم ۽ تعليم جو انتظام

چار پرشارت. قديم سنڌو ماتر جا رهاڪو پنهنجن ٻارن کي ڪهڙي قسم جي سکيا ڏيندا هئا، تنهن بابت اول هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته انهيءَ قديم زماني ۾ ئي رشين ۽ منين پنهنجن ماڻهن جي دلين تي اهو اثر ڄماريو، ته جيوت جو اهو مطلب نه آهي، ته رڳو کائجي ۽ پيئجي، ۽ موجون ماڻجن. هنن آتمڪ اُنتيءَ يا روحاني ترقيءَ جي ضرورت تي زور ڏنو، ۽ پنهنجن ماڻهن کي ائين ئي ذهن نشين ڪرايائون، ته سڪيءَ جيوت ڪاٽيندي به ڌٽيءَ جو ڌيان ڌارڻ، ۽ رفتي رفتي دنيوي سک تياڳي موڪش يا نجات حاصل ڪرڻ، اها ئي ست پرشن جي مرجاتا آهي، ۽ اهو ئي آهي حياتيءَ جو مول مقصد. تنهنڪري ٻارن کي ننڍڙي هوندي سکيا به اهڙي ڏيڻ گهرجي.

حياتيءَ جي انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هرهڪ انسان کي چار مکيه مرادون دل ۾ ڌاريون آهن، جن لاءِ ڪيس پرشارت (پرڪارت) يعني اُدم يا ڪشالو ڪرڻو آهي. "پرشارت" لفظ ۾ "پرش" معنيٰ ماڻهو ۽ "ارت" معنيٰ مطلب، جنهن ڪري چئبو ته اهي پرشارت گويا پدارت آهن، جن سان هر ڪنهن ماڻهوءَ جو مطلب آهي. اهي چار پرشارت آهن: ڌرم، ارت، ڪام ۽ موڪش.

(۱) پهرئين پهرئين درجي ۾ ڌرم ليکيائون. انسان جا جيڪي به فرض آهن، سي سڀ ڌرم ۾ اچي وڃن ٿا. اخلاقي يا نيتيءَ جون ڳالهيون به ڌرم ۾ اچي وڃن ٿيون. اهو به ٺهرايائون ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڌرم ۽ نيتيءَ تي نه هلي، ته خود راجا جو ڌرم (فرض) آهي ته سانس

قاعدي جي ڪارروائي ڪري، تہ آئينديءَ ڌرم جي راھ تي هلي، ۽ ڪوبہ اونڌو قدم نہ کڻي، تنهن ڪري ڏنڊ نيتي (Science of Coer-cion) بہ ڌرم جي رکيا لاءِ آهي. آڳاٽن رشين، منين ۽ ٻين براهمڻن ڌرم کي گهڻي اهميت ڏني، جنهن ڪري هندن جا فوجداري توڙي ديواني ڳالهين بابت سڀ قاعدا ڌرم تي ٻڌل آهن. اڄ تائين اهي قاعدا هندن جي شاسترن ۾ ڌرمي ڳالهين سان ڳتيا پيا آهن ۽ اهي ڌرم کان ڌار ڪرڻ جا نہ آهن.

(٢) "ارٿ" لفظ جي معنيٰ آهي "ڌن دولت يا ناڻو"، هر ڪنهن غريب توڙي شاهوڪار کي ناڻو گهرجي، جو ناڻي کان سواءِ ڪوبہ ڪم تي ڪونہ سگهندو. انهيءَ سبب چوڻي بہ آهي تہ:

"اُت بہ ناڻو، ويھ بہ ناڻو،
ناڻي بنا نر ويڳاڻو"

ڌن دولت حاصل ڪرڻ لاءِ "ورت" (Varta) يعني گذران جون واٽون ٺهرايائون. جهڙوڪ کيتي، واپار، هنر ۽ ڪاريگريون ۽ ٻيو ڪهڙو بہ پورهيو. مطلب تہ سيڪنهن کي حق حلال جي ڪمائي ڪري پيٽ پالڻو آهي، ۽ ناڻي پيدا ڪرڻ ۾ بہ ڌرم تي هلڻو آهي. مثلاً: تور ۾ ٺڳي نہ ڪجي. انهيءَ سبب چوڻي بہ آهي تہ "اڳهہ ڪتيو ڪائجي، پر وَٽَ ڪتيو نہ ڪائجي". يعني ڪوتا وٽ ڪم آٽي يا گهٽ وزن ڏيڻي فائدو ڪائڻ نہ گهرجي.

(٣) "ڪام" جي معنيٰ آهي "سک ڀوڳڻ". پنهنجي حق حلال جي ڪمائي ڪري، پنهنجن ٻچن سان گڏجي سک ڀوڳڻ، تنهن لاءِ بہ پرشارت يا اُدم ڪرڻ ضروري آهي، ۽ اها بہ انسان جي مکيہ مراد آهي.

(۴) "موڪش" (موک) معنيٰ نجات يا ڇوٽڪارو. پنهنجي ڌرم ڪرم تي پورو رهي، حق حلال جي ڪمائي ڪري، سکي جيوت ڀوڳڻ ۽ پوءِ رفتي رفتي دنيوي سک تياڳي، ڏٽيءَ جو ڌيان ڌارڻ، ۽ آخر ڏٽيءَ ۾ لين (فنا في الله) ٿيڻ کي "موڪش" چنجي ٿو. اهڙو ماڻهو پوءِ جنم مرڻ جي قيدي کان ڇٽل رهي ٿو: اهڙيءَ آدرش جيوت گذارڻ لاءِ

آڳاٽن لوڪن تعليم جو سرشتو ئي اهڙو رکيو، ۽ پنهنجو سمورو ڌيان ڌرمي سکيا تي ڏيڻ لڳا.

تعليم جو سرشتو. رگ ويد ۾ ڪي اهڙا اشارا آهن، جن مان چٽيءَ ريت سمجهي سگهجي ٿو ته انهيءَ قديم زماني ۾ ئي آچاريہ (استاد) ۽ وديار ٿي (شاگرد) هئا. مثال لاءِ ڏسو رگ ويد جو منڊل پهريون (سوُڪت ١٢، ٢)، جنهن ۾ چيل آهي تہ "اي اشوني ڪمار ديوتائون، جيڪي اُستاهي پوڄاري خاص رکو توهان جي پوڄا ڪن ٿا، سي توهان جي رَٿَ (گاڏيءَ) جي چوڏاري بيهي، توهان جيءَ ذات مان ائين لاڀ پرائين ٿا، جيئن سِکيا وٺڻ لاءِ وديار ٿي پنهنجي گروءَ جا وچن ڌيان ڏيئي ٻڌن ٿا". وري منڊل ستين (٨٧، ٤٧) ۾ چيل آهي تہ "ورڻ ديوتا مون پاترشش (لائق شاگرد) کي سکيا ڏيئي برهم لوڪ جون ڳجهارتون ٻڌايون آهن." هنن ٻن مثالن منجهان ئي ظاهر آهي تہ رگ ويد واري زماني ۾ ئي رشي ۽ براهمڻ عام ماڻهن جا وديا گرو هئا، ۽ اهي ڪين آتمڪ سکيا يا روحاني تعليم ڏيندا هئا. ان وقت سنڌو ماتر ۾ براهمڻ، پروهت، رشي ۽ راج رشي گهڻائي هوندا هئا (رگ ويد، منڊل ڏهون، ١٠٣، ٧).

سنڌو ماتر جا رهاڪو ننڍپڻ کان وٺي وديا پرائيندا هئا، سا ڳالهہ هن منجهان سمجهي سگهجي ٿي، جو رگ ويد جي منڊل ستين، (١٠٣، ٥) ۾ چيل آهي تہ "برسات ۾ هڪڙو ڏيڏر ٻئي ڏيڏر جي ٽان ٽان ٻڌي، پاڻ بہ ائين ٽان ٽان ڪري ٿو، جيئن ڪو سيکڙاٽ پنهنجي گروءَ جي واتان لفظ ٻڌي، پاڻ بہ ان موجب اُچار ڪري ٿو." هن مان پڌرو آهي تہ ننڍڙن ٻارن جي چچلي ڳالهائڻ کي ڏيڏرن جي "ٽان ٽان" سان ڀيٽيو اٿن. اِج بہ ڏسو تہ سنڌي اسڪولن جي ٻاراڻن ڪلاسن ۾ اول استاد ڪو لفظ اُچاري ٿو، تہ سندس پٺيان ننڍڙا ٻار بہ ڪوشش ڪري اهڙا اُچار چچلي نموني ڪن ٿا. ائين اها "ڏيڏرن واري ٽان ٽان" اج تائين هلي اچي.

ٻاراڻي ڪلاس جا شاگرد جڏهن ڪجهہ وديا سکي مٿئين درجي ۾ ويندا هئا، تڏهن انهن کي آچاريہ ويدن جا منتر برزبان ياد ڪرائيندا هئا (رگ ويد، منڊل ڏهون، ١٠٣، ٥).

پروفيسر مئڪس ملر چوي ٿو تہ جن ڏينهن ۾ ماڻهن وٽ لکپڙهہ جي

سامگري (مس، ڪلڪ ۽ ڪاغذ) ڪانہ هئي، تن ڏينهن ۾ وديارٿين کي آچاريہ ڪهڙي نموني ۽ يدن جا منتر سيکاريندا هئا. سو پتو "پراتيشاکيا" (Pratisakhya) مان پوي ٿو. چيلا پنهنجي گروءَ کي پاڪر پائي چوندا هئا تہ "سوامي، پڙهو". آچاريہ گنڀيرائيءَ سان چوندو هو: "اوم" (هائو). هو پوءِ هڪ پرشن (سوال) چوندو هو، جنهن ۾ ٻہ ٽي ٽڪون هونديون هيون، پر متان ڪنهن لفظ تي شاگردن جو ڌيان پوريءَ ريت نہ ڇڪجي، تنهنڪري سيني لفظن تي گهڻو زور ڏيئي اُچاريندو هو. ۽ ڪي لفظ ٻہ ٻہ ڀيرا چوندو هو. انين گرو ڪي لفظ چئي رهندو هو تہ پهريون شاگرد انهن ٽڪن جا پهريان لفظ چوندو هو. جيڪڏهن ڪا ڳالهہ ڪولٽي هوندي هئي، تہ گرو چوندو هوس تہ "انهن لفظن جو مطلب ٻڌاءِ". شاگرد جڏهن مطلب ٻڌائي رهندو هو، تڏهن ٻيو شاگرد اهي ساڳيا گروءَ وارا چيل لفظ اُچاريندو هو. پوءِ سڀ شاگرد سبق وري وري پڪو ڪندا هئا. ٻالڪن کي وات ويٺيءَ سيکارڻ جو طريقو اجهو اهو هو. اهڙيءَ ريت شاگرد ڪئين ڳالهيون ڪنٺ ڪندا هئا، جن جو پوءِ پيڙهيءَ بہ پيڙهيءَ حافظي جي وسيلي ڦهلاءُ ٿيندو هو. ابتدائي تعليم انهيءَ نموني ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي ڏيئي، پوءِ ڪين اعليٰ درجي جي تعليم ڏيندا هئا.

زناني تعليم. رگ ويد واري زماني ۾ ٿي آڳاٽن هندن کي زناني تعليم جو گهڻو قدر هوندو هو. نياڻين کي بہ پٽن وانگر تعليم ملندي هئي. جيئن هن وقت ڪيتريون ڇوڪريون اسڪولن ۽ ڪاليجن جي امتحانن ۾ ڪيترن ڇوڪرن کي شهہ ڏيئي وڃن ٿيون، تيئن اڳي بہ ڪيتريون استريون ڪن مردن کان گوءِ ڪڍي وينديون هيون. زالن کي نہ رڳو رواجي سکيا ملندي هئي، پر ڌرمي سکيا بہ ملندي هين. هن لاءِ هيءَ ثابتي آهي تہ گهوشا (راجڪماري)، آپالا، لوپ، مُدرا ۽ وِشو وارا نالي استريون رشين جي درجي کي پهتل هيون. اهي ويدن جي منترن جو پورو پورو ارٿ ٻين کي ٻڌائينديون هيون، ۽ گيان ڏينديون هيون. وِشو وارا تہ پوڄائون بہ ڪرائيندي هئي، جيئن اڄ بہ ڪي گرياٽيون يا پانيٽياٽيون ڪن ٿيون. قديم زماني جا گروڪا[1] براهمڻ جون ڇٽ تہ يونيورسٽيون هيون، جن ۾ پٽن سان گڏ نياڻين سي بہ اعليٰ درجي جي تعليم ملندي هئي.

گروڪل ۽ آشرم. اٿروويد جي منڊل نائين، (سوڪت ۵) ۾ صفائيءَ صفا لکيل آهي ته وديارٿي جڻيوپائي، برهمچاري ٿي رهندا هئا، ۽ گروڪل ۾ رهي، وديا پرائيندا، هنن آچاريہ ڪل واسن" يعني "آچاريہ (استاد) جي ڪل ۾ رهندڙ" لفظ بہ ڪم آيل آهن. خود رگ ويد جي منڊل ڏهين، (۱۰۹، ۵) ۾ "برهمچاري" لفظ ڪم آيل آهي. منڊل ستين (۱۰۳، ۱) ۾ چيل آهي تہ "براهمڻ سدائين پنهنجي وچن جي پالنا ڪندا هئا." هن مان ظاهر آهي تہ براهمڻ ڪي نيدڙي هوندي ڪان ئي اها اخلاقي سکيا ملندي هئي تہ "پنهنجو ڪيل وچن ڪڏهن بہ ڀنگ نہ ڪجي". برهمچاريءَ جو اهو بہ هڪ مکيہ لڇڻ آهي.* هن قسم جي ثابتين مان خود ڪي يوروپي عالم سمجهن ٿا تہ رگ ويد واري زماني ۾ ئي گروڪل هئا. جنهنڪري چئبو تہ ڏهين قومن ڪان اڳي سنڌو ماتر جي آرين ڪي وديا جو قدر هو.

پڙهڻ، ترڻ، تير ڇٽڻ، چوٽين سواري،
نندي هوندي جو نہ سکي، وڏي خواري.
(پهاڪو)

هتي بہ ڏسو تہ پهريائين آهي پڙهڻ، ۽ پوءِ ٻيون ڳالهيون. "اڻ پڙهيا پڙهين اڳيان پريون ڍوئيندا." هن قسم جا پهاڪا ڄاڻائين ٿا تہ سنڌي ماڻهن وديا جو ججهو قدر ڪيو ٿي.

آڳاٽا لوڪ انسان جي عمر سراسري هڪ سؤ ورهيہ ليکيندا هئا، ۽ اها چئن آشرمن يعني منزلن يا درجن ۾ ورهايل هوندي هئي. انهن چئن آشرمن جا نالا برهمچريہ، گرهست، وانپرست ۽ سنياس آهن. "برهمچريہ" لفظ خود

* ڪترين ڪي اها بہ سکيا ملندي هئي. راجا هرشچندر ڪئين تڪليفون سٺيون: پر پنهنجو وچن ڀنگ نہ ڪيائين. راجا دسرٿ پنهنجي راڻي ڪيڪئيءَ ڪي وچن ڏيئي، پوءِ جيتوڻيڪ گهڻو ئي پڇتايو، بلڪ پڇتائيندي پڇتائيندي ڏک وچان پنهنجا پراڻ تياڳيائين، تہ بہ قول تي قابو رهيو. ڀشم پتامھ سڄي عمر ڪنوارو رهڻ قبوليو، ۽ راڄگدي، تان هٿ ڪنيائين: پر پنهنجو وچن نہ ٽوڙيائين. و ٻجهڙائيءَ ۾ گرنار ڪوٽ جي راجا راءِ ڏياچ ٻيجل چارڻ ڪي چيو تہ "گهر جيڪي گهرڻو هجيئي" هن چيس تہ "مون کي پنهنجي سسي لاهي ڏيو". هن وڏي، دل داتا اتي ئي ڪرت ڪٽي ڪاهار ۾ وڌو ۽ پنهنجي سسي لٽي لاهي وڌائين: پر ٻول ۾ رول نہ ڪيائين. ـ مصنف.

ڇاٽائي ٿو تہ انهيءَ پهرينءَ منزل ۾ "برهم" (ايشور) ڏي هلڻ جي وات وٺڻ سکندا هئا، ۽ اهي "برهمچاري" سڏبا هئا. هرڪو ماڻهو پنهنجي ماءُ پيءُ مان ڄمي ٿو، پر ڏٽيءَ سان ملڻ جي وات وٺڻ لاءِ ڪيس ننڍڙي هوندي ئي ٻيو جنم وٺڻو آهي. انهيءَ ٻئي جنم وٺڻ جي نشاني "جٽيو" آهي. جٽيو پائيندڙ "دوجہ" يعني ٻيو ڄيرو ڄاول سڏيو ويو آهي. جٽئي پائڻ جي وقت ڪان وني "گايتري" سنديس ماتا آهي، ۽ آچاريہ (استاد) سندس پتا آهي. آڳاٽا لوڪ ننڍڙي هوندي ئي جٽيو پائي، پنجويهن ورهين جي ڄمار تائين برهمچاري ٿي رهندا هئا، ۽ گروڪل ۾ رهي وديا پرائيندا هئا. برهمچريہ آشرم ۾ پهرين ۽ مکيہ ڳالهہ هئي پنهنجين نفساني خواهشن کي روڪڻ. انهيءَ سبب هو پنجويهن ورهين جي ڄمار تائين پرائي ڪنيا يا استريءَ ڏي اک کڻي بہ ڪين نهاريندا هئا. پنهنجي نفس تي ضابطو هون، تنهنڪري ئي سدائين رشت پشت هوندا هئا، ۽ وڏا سوُر وير ٿي سامائبا هئا. اهو سڀ وقت ويد وديا ۽ ٻيون وديائون سکي، پنهنجو ٻل ۽ ٻڌي وڌائي موٽندا هئا. انهن گريجوئيٽن جو ايڏو مان هوندو هو، جو خود ديس جو راجا سندن استقبال لاءِ وڌي اڳيان ويندو هو. برهمچاري گهر ڏي موٽندا هئا، تہ پوءِ سگهو ئي ڪنهن لائق ڇوڪريءَ سان پرڻبا هئا. هيءَ ٻي منزل "گرهست آشرم" سڏبي هئي. جنهن ۾ نوجوان گهرٻاري ٿي رهندا هئا، ۽ حق حلال جي ڪمائيءَ مان گذران ڪندا هئا. گهرٻاري ٿي بہ پنهنجي واندڪائيءَ جو وقت ايشور جي ڀڳتي، ست پرشن جي شيوا ۽ ساڌ سنگت ۾ سڦلو ڪندا هئا. ديسن ۾ بيروزگاري هئي ڪانہ، ۽ ماڻهن جي ڪمائي بہ ججهي هوندي هئي. اتهاسن مان معلوم ٿئي ٿو تہ جهڙي تهڙي پورهيت کي بہ هڪ سوني مهر روز ملندي هئي. ڪن کي پگهار بلي اڌ جيترو اناج، ۽ اڌ جيترا روڪ پئسا ملندا هئا. پر ويدن واري زماني ۾ ئي گرهستي ماڻهن وٽ اَن توڙي پئسو ايترو هوندو هو، جو ٻين آشرمن وارن کي پئسي توڙي سيڌي پاڌي جي مدد ڪندا هئا، جنهنڪري گرهستين يا گهرٻارين جو مان متي ليکبو هو. اج بہ برهمڻ، باوا ۽ ٻيا ڪيترا گرهستين جي ڪمائيءَ تي پيا پلجن.

گرهستين جو اولاد سامانبو هو، تہ پاڻ آهستي آهستي دنيوي ڳالهين

تان چٽ هٽائي، پنجاهه ورهين جي ڄمار ۾ وانپرست آشرم ۾ گهڙندا هئا يعني گهر تياڳي بن ڏي ويندا هئا. گهر ڇڏڻ مهل پنهنجي اولاد، ننڍن ڀائرن ۽ ڀين مٽن مائٽن کي گرهست آشرم جي فرض پالڻ جو گهڻو تاڪيد ڪندا هئا. "چڱا سي، جن جا پويان چڱا". پاڻ بن ڏي وڃن، ۽ پنيان اولاد مٿان ڪُل جو نقش ڀوڙي، تنهنکري ڪين تاڪيد ڪري پوءِ نرسني بن ڏي ويندا هئا: پنهنجون فرحتي جايون ڇڏي ڪکاين ڀنگين ۾ رهندا هئا، ۽ ڪنهن به سواد جي سَڌ ڪانه ڪندا هئا. رواجي ڪپڙا به ڪونه پهريندا هئا، پر وڻن جي ڇوڏن ۽ ڪن گاهن جي تاندورن مان نهيل ڪپڙا ڍڪيندا هئا. اهڙا ڪپڙا اتر هندستان ۾ اج به ڪتي ڪتي آهن. بن ۾ به يگيه ڪندا هئا، پر پنهنجي نفساني خواهشن کي روڪڻ هڪ وڏو يگيه سمجهندا هئا. پنهنجي استري اڪثر ساڻ هوندي هين، ته به هن جي ويجهو نه ويندا هئا. پنهنجي سرير کي تپسيا ۾، من کي ادياتم ويچار ۽ ايشور جي آراڌنا ۾، ايڪانت نواس دواران لڳائيندا هئا، ته هي لوڪ ۽ سڪي، ۽ پر لوڪ سهبلو ٿئي.

اهو ون پرست آشرم ويراڳ پچائڻ واسطي هو. ويدن جي براهمڻن ۾ چاٿايل آهي ته جنهن ڏينهن پورو پورو ويراڳ پراپت ٿئي، انهيءَ ڏينهن چاٿڻ گهرجي ته ون پرست آشرم جو سمو پورو ٿيو. ۽ پوءِ سنياس آشرم ۾ گهڙجي. "سنياس" لفظ ۾ "سم" معنيٰ "سڀ"، "ني" معني "ويجهو" ۽ "آس" معنيٰ "اُڇلڻ". سڀ جيڪي ويجهو هجي سو اُڇلي ڇڏڻ يعني سيڪجهه تياڳڻ کي "سنياس" چئجي ٿو. مطلب ته پويان پنجويهه ورهيه بنهه تارڪ ٿي يا سيڪجهه تياڳ ڪري، يوگ دواران موڪش پد (نجات يا مڪتي) حاصل ڪندا هئا. انهيءَ ريت پنهنجي سڄي حياتي سڦلي ڪندا هئا. رگ ويد واري زماني ۾ ئي شايد ائين جيوت گذاريندا هئا، جو اهڙا اشارا رگ ويد ۾ آهن.

منی ۽ وراتيه. سنڌو ماتر جا جيڪي سنياسي دنيا ترڪ ڪري بن ۾ گذاريندا هئا، ۽ ويدن جا منتر پيا اُچاريندا هئا، سي رگ ويد ۾ "مني" (Sages) سڏيا ويا آهن. "وٽن جي ڏڏڻ جا آواز اهڙا پيا اچن جهڙا مُنين جي منترن اُچارڻ جا آلاپ" (رگ ويد، منڊل ستون، ٥٦، ٨). "منين جو

سَکو يا ساتي اندر ديوتا آهي، (منڊل ستون، ٧، ١٣). انهن متين بابت هيئن بہ چاٽايل آهي تہ منجهانئن ڪي ننگا هوندا هئا، تہ ڪن کي گيڙو رتا ڪپڙا پيل هوندا هئا (رگ ويد، منڊل ڏهون، ١٣٦، ٢). اهي "ڪيشي" يعني ڊگهن وارن وارا هوندا هئا، ۽ هوا وانگر آزاد پيا ڦرندا هئا. اهي ديوتائون ڪري ليکبا هئا.

پيا هڪڙا سنياسي جي منين کان علحده هوندا هئا، سي (Varatya) سڏبا هئا. اهي رمتا ساڌو هوندا هئا. انهن کي سواريءَ لاءِ ساديون گاڏيون هونديون هيون، جن ۾ بہ ڊگها ٻڌل هوندا هئا، ۽ بہ پيادا اڳيان ۽ بہ پٺيان هوندا هئن. انهن جا وار رکيل هوندا هئا، بت تي ساڏن جهڙو ويس هوندو هو، ۽ متي تي ٻڳڙي هوندي هين. اهي بہ ديوتا پرش ڪريليکبا هئا. اهي وراتيہ شايد مهاديو (شو مهراج) جا پوڄاري هئا. خود راجائون ڪين مان ڏيندا هئا (اترو ويد، منڊل ١٥، ١٠)، ۽ براهمڻ ڪين آڏرياءُ ڏيئي پاڻ وٽ مهمان ڪري رهائيندا هئا (اترو ويد، منڊل ١٥، ١٢).

جيڪي رشي ۽ مني دنيا ترڪ ڪري بن ۾ رهندا هئا، تن جون جهوپڙيون جيتوڻيڪ پنهنجون پنهنجون هونديون هيون، تہ بہ ڪيترن وقتن تي ڪنهن ميدان ۾ گڏ تي، ڪتا ڪيرتن ۽ گيان گوشٽ ڪندا هئا. مهاڀارت، سريمد ڀاڳوت ۽ ٻين ڪيترن پراڻن جي منڊ ۾ چاٽايل آهي تہ اهي ڪتائون ننمشارڻ بن جي وچ ۾ ويهي، ويد وياس جي شش سوُتي اٺاسي هزار رکيشرن کي ٻڌايون هيون. هن مان معلوم ٿيندو تہ بن ۾ بہ وتن وڏي گمت لڳي پيئي هوندي هئي، ۽ گيان ۽ ويراڳ جي وارتائن ٻڌڻ مهل هزارن جي تعداد ۾ هڪ هنڌ وجي ڪٺا ٿيندا هئا.

<u>ڪگول وديا ۽ جوتش جو اپياس ـ وقت جي ماپ:</u> آڳاٽا رشي ۽ مني جي ڳوٺن ۾ گهر ٻاري تي رهندا هئا، يا ويراڳ ورتي ڌاري، بن ۾ وجي گذاريندا هئا، تن جو نہ رڳو ڌرمي ڳالهين تي ڌيان هوندو هو، پر قدرت سان رهاڻ ڪرڻ جا بہ ڪوڏيا هوندا هئا. سندين مشاهدي جي قوت بہ سگهاري هوندي هئي. سندين هڪ مکيہ ڳالهہ جنهن ججهو ڌيان لهٹو، سا هيءَ آهي تہ رگ ويد واري زماني ۾ ئي گرهن، تارن ۽ نکترن ڏي نظر پئي ڪئي، ۽ انئين ڪگول وديا ۽ جوتش جو بنياد وڌائون.

آڳاٽن آرين جو گهڻو زور يگين ڪرڻ تي هوندو هو. ڪي وڏا يگيہ ڪندا هئا، جي "سَتر" سڏبا هئا. انهن سترن لاءِ اڪثر اهي ڏينهن مقرر ڪندا هئا، جن ڏينهن تي سج جو پاڇو ڦرندو هو. ۽ ڏينهن وڏا ۽ راتيون ننڍيون، يا ڏينهن ننڍا ۽ راتيون وڏيون ٿيڻ لڳنديون هيون. لوڪمانيہ بال گنگا ڌر تلڪ پنهنجي ڪتاب "اورئي" ۾ ڄاڻايو آهي تہ انهيءَ ريت يگيہ چڻ تہ وقت جي ماپ ڏيکاريندڙ (Chronometers) هوندا هئا.

وقت جي ماپ چنڊ پٽاندر بہ ڪندا هئا. چنڊ کي سڏيندا هئا "ماس"، جنهن جو اُچار پارسيءَ ۾ آهي "ماهہ". ماس يا ماهہ جي هڪڙي معنيٰ آهي "چنڊ" ۽ ٻي معنيٰ "مهنو"، ۽ ان جو ڌاتو يا بنياد آهي "ما" معنيٰ "ماپڻ". جنهنڪري "ماس" (ماهہ) جي بنيادي معنيٰ آهي "ماپيندڙ" هيءُ لفظ خود ڄاڻائي ٿو تہ وقت جي ماپ چنڊ پٽاندر ڪندا هئا. چنڊ پورو ٿيو تہ مهنو پورو ٿيو، تنهنڪري ٻيو مهنو وري نئين چنڊ کان وٺي ليکيندا هئا. مَهني ۾ ٽيهہ ڏينهن ليکيندا هئا، جنهنڪري ورهيہ ۾ ٣٦٠ ڏينهن ليکيندا هئا، پر وقتي تيرهون مهينو بہ گڏيندا هئا، جو عام طرح "اڌڪ" يا "لنڊ" يا "پرشوتم" جو مهينو سڏجي ٿو. هرهڪ ڏينهن کي سورج ديوتا جو "ڌام" سڏيندا هئا (اٿرو ويد، منڊل پهريون، ٦٣، ١١). ڏينهن ۾ چار پهر ليکيندا هئا. پنهنجو سال سياري کان وٺي ليکيندا هئا، جنهن ۾ ٻي مندون (هرهڪ ڇنن مهينن جي) شمار ڪندا هئا. پوءِ ورهيہ ۾ ڇهن رتين ليکڻ جو رواج پيو. اهي ڇهہ رتيون هي هيون: (١) گريشم (گرميءَ جي موسم يا انهارو)، (٢) هيمنت (خزان)، (٣) ششر (سيارو)، (٣) وسنت (بسنت بهار)، (٥) شرد (سرءُ) ۽ (٦) ورشا (برساتي موسم) (اٿرو ويد، منڊل ڇهون، ٥٥، ٢، ۽ منڊل ٻارهون، ١، ٣٦). اٿرو ويد جي منڊل اٺويهين (٧) ۾ اناويهہ نڪتر ڄاڻايل آهن، جي ڪرتڪا (ڪتين) کان وٺي ليکيندا هئا. هن قديم زماني ۾ ئي وگيان (سائينس) جي ڳالهين تي هيترو ڌيان ڏنائون ٿي، تنهن تان ڪيترن يوروپي عالمن عجب ظاهر ڪيوآهي.

# باب پندرهون

## نيتي يا اخلاق

دان پج. قديم زماني کان وٺي هندو ماڻهو دان پج ڪرڻ هڪ ڌرمي فرض ڪري سمجهندا آهن. ويدن جي رچائن ۾ انهن ماڻهن لاءِ ڏڪار ظاهر ٿيل آهي، جن وٽ اَن جا ڀانڊار ڀريل آهن، پر دل اهڙي ڪٺور اٿن، جو ڪنهن گهرجائوءَ کي جيڪر اَن جو ڪٽو بہ نہ ڏين. هڪ رشيءَ ديوتائن کي آراڌنا ڪئي آهي تہ "اَن اُدارتا" (Illiierality) شل دنيا ۾ هجي ئي نہ (رگ ويد، منڊل ڏهون، ٢٣، ١٢)! ويدن جي رچائن ۾ انهن ماڻهن جي ساک لکيل آهي، جي غريبن ۽ اناٿن جون گهرجون پوريون ڪن ٿا، ۽ هيڻن جا همراه ٿين ٿا. هيڻن بہ چيل آهي تہ جيڪي "پوڄ" آهن يعني ٻين کي ڪاڏ ڪارائين ٿا، ۽ ٻين جي دل وٺن ٿا، تن جو هيءُ لوڪ سڪي ۽ پر لوڪ سهيلو ٿئي ٿو (رگ ويد، منڊل پهريون، ١٢٦، ١، منڊل پنجون، ٣٠، ١٢، ١٥، منڊل ستون، ١٨، ٢١، ٢٣). جيڪي راجائون وڏيءَ دل سان دان ڪندا هئا، تن جون "دان اُستتيون" (سخا جون ساراهون) رگ ويد ۾ جاٽايل آهن، جن مان منڊل پهرئين ۾ سنڌ جي راجا سونيہ ڀاويہ جي دان اُستتي ڪاڪشون رشيءَ ڳائي آهي. ديا، ڌرم جو مول چيو اٿن ۽ ائين بہ چيو اٿن تہ "ديا بنا سڌ بہ ڪاسائي"، تنهنڪري قديم زماني کان وٺي هندو نہ رڳو ماڻهن پر ٻين ساهہ وارن تي بہ ديا ڪندا اچن، ڳاين کي گاهہ ۽ اَٽي جا پيڙا ڏيڻ، ماڪوڙين کي ڏارو ڏيڻ. درياهہ ۾ مڇين ۽ ٻين ساهہ وارن لاءِ آڪا وجهڻ، پنهنجي روزمرهہ جي ڪاڌي مان ڪنهن فقير کي ماني ڏيڻ، ڪتي ۽ ڪانءُ کي گرهہ ڏيڻ ۽ ٻيا اهڙا رواج اڄ تائين عام آهن. اهي سڀ جيو ديا جا ڪم آهن، جن جو ماڻهن نيم ٻڌي ڇڏيو آهي. اهي روزمرهہ

جا نيم ياد ڏيارين ٿا تہ جيڪي ڪتجي ڪمائجي ٿو، سو رڳو پنهنجي تن پروري ۽ سرخروئي لاءِ نہ آهي، پر سدائين ٻين سان ونڊي کائجي. "ونڊ کاءُ، سک پاءِ، چپ کاءُ، چائي پاءِ" - اهو پهاڪو اڄ تائين عام آهي.

رگ ويد ۾ "پڻي" لوڪن (وڻجارن يا واپارين) لاءِ ذڪار ظاهر ٿيل آهي، جو انهن کي لوڀ گهڻو هوندو هو، ۽ ديا جو انگ منجهن خير ڪو هوندو هو، ۽ ماڻهن کان ڳرا وياج وٺندا هئا (منڊل ائون. ٧٧، ١٠). سنڌن هڪ مکي "بربو" (Brbu) نالي هو. سؤ دان ڪندو هو، ۽ هن جي ساراهہ لکيل آهي (منڊل ڇهون، ٣٥، ٣٣).

رگ ويد واري زماني جي واپارين جي هاڻوڪي زماني جي واپارين سان ڀيٽ ڪجي ٿي تہ زمين آسمان جيترو ڦير ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اسان جا سنڌ ورڪي پائر توڙي ٻيا واپاري پنهنجي ڪمائيءَ مان سدائين ڪجهہ حصو ڌرمائو ڪيندا ويندا آهن. ائين وڏيون رقمون ڪئيون ڪري چڱي ڪم آڻيندا آهن. حيدرآباد شهر ۾ ڪيترا مندر، ٺاڪر دوارا، ڌرمشالائون وغيره جوڙايل ٿي اسان جي ڀائيبند پائرن جون آهن. ٺاڪر دوارن ۽ تڪاڻن وغيره تي گهڻي خرچ ڪرڻ بدران هاڻ حيدرآباد، شڪارپور ۽ ٻين هنڌن جا سيٺيون گئوشالا، ناري شالا، ڪنيا پاٺشالا، خيراتي اسپتالن، ويم گهرن ۽ ٻين اهڙن ڌرم جي ڪمن بلي ججهو ڌن خرچين ٿا. عاملن جون جاري ڪيل ناري شالائون، ڪنيا پاٺشالائون، ڌرمائو اسپتالون وغيره بہ آهن، پر جيترو پنسو سنڌ جي ڀائيبندن اهڙن ڪمن بلي خرچ ڪيو آهي، اوترو عاملن ڪونہ خرچيو آهي.

<u>مهمان نوازي.</u> رگ ويد واري زماني ۾ ٿي مهمان نوازيءَ جو انگ اسان جن ماڻهن ۾ هو، ۽ اهو هڪ فرض ڪري ليکبو هو. ماڻهن جي گهرن جا دروازا مهمانن لاءِ سدائين کليل هوندا هئا (رگ ويد، منڊل ٻهريون، ١٢٨، ٦). مهمان گهر ۾ گهڙندو هو تہ ان جو آدرستڪار ڪندا هئا، هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ پاڻي آڻي ڏيندا هئس، ۽ تڏي تي وهاريندا هئس. هو پوءِ سنان پاڻي ڪري رسوئي کائيندو هو، تنهن کان پوءِ پاڻ کائيندا هئا. رهڻ لاءِ خلاصي ڪوٺي ڏيندا هئس. (رگ ويد، منڊل ٻهريون، ٤٧، ١)، جنهن ۾ وهاڻا، گديون وغيره هوندا هئا. صبح سانجهيءَ مهمان کي سکي رکڻ جو

اونو ڪندا هئا. مهمان کي ائين پوڄيندا هئا, جيئن ماڻهو اگن ديوتا کي پوڄي ٿو (منڊل ستون, ٣, ٥). جن وٽ آءُ آدر نہ هوندو هو, تن بابت رشين چيو آهي تہ اهڙا ماڻهو تہ شل هجن ئي نہ! (منڊل نائون, ٦٣, ٥). اج تائين چوڻي آهي تہ "مهمان اڄن وڏ ڀاڳين جي گهر". هندن جي شاسترن ۾ مهمان نوازيءَ کي هڪ وڏو يگيہ ڪري ليکيو اٿن.

اخلاق جو انگ. آڳاٽن ماڻهن ۾ اخلاق جي انگ کي زور ونائڻ لاءِ ۽ ڪين ڌرم جي راهہ تي هلائڻ لاءِ رشين ڪين هيءَ ڳالهہ ذهن نشين ڪرائي, تہ دنيا ۾ جيڪي چڱا ٿورڙي بچڙا ڪم, لڪائي تورڙي پڌري پٽ ڪجن تا, سي ڏٺي سڀ ڄاڻي ٿو. سيني ڳالهين جو ساکي سورج ديوتا آهي. اهو شاهد مٿان بيٺو آهي, تنهنڪري سوچي ويچاري هلت ڪجي. سوچي ويچاري هلت ڪرڻ لاءِ هڪڙو ئي "اهنسا" جو منتر سيکاريائون. "اهنسا پرمو ڌرم" چيو اٿن يعني اهنسا وڏو ڌرم آهي. اهنسا جو پرچار پوءِ گوتم ٻڌ ۽ مهابير سواميءَ ڪيو, هن وقت مهاتما گانڌي انهيءَ جو پليءَ پٽ پرچار ڪري رهيو آهي.

"هنسا" لفظ جي اکري معنيٰ آهي "هٽڻ يا ايذاءُ رسائڻ", پر رڳو ڪنهن کي ڌڪ هڻڻ هنسا نہ آهي. ڪنهن سان ڪو ڊوهہ ڪرڻ بہ هنسا آهي. مطلب تہ منين, وچنين ۽ ڪرمين يعني من يا دل سان, وائيءَ يا زبان سان ۽ ڪنهن ڪرم (فعل يا هلت) ڪري, ڪنهن کي ڪو ايذاءُ يا نقصان رسائڻ ـ تنهن کي "هنسا" چئبو آهي. مهاڀارت جي انوشاسن پرو جي اڌياءِ تيرهين ۾ ڏهن قسمن جا دوش يا پاپ ڄاڻايل آهن, جن کان پاسو ڪرڻ گهرجي.*

---

* ٽي دوش ڪايا يا سرير جا ـــ ٻئي کي خون ڪرڻ يا ڪوبہ ايذاءُ رسائڻ, ڪوڙي رستي ڌن حاصل ڪرڻ يا وڃائڻ, ۽ پراڻي زال سان سنجوڳ ڪرڻ (شلوڪ ٣).
چار دوش وائيءَ جا ـ گندي گفتگو ڪرڻ, شوخ ٻوڻ, گلا ڪرڻ ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ (شلوڪ ٣).
ٽي دوش من جا ـ پرائو مال يا پرائي زال تڪڻ, ٻئي کي نقصان پهچائڻ جا گهاٽ گهڙڻ ۽ ٻيا اجوڳ ويچار ڪرڻ, ۽ ويدن ۾ نسچو نہ ڌارڻ وغيره.
اهي دوش (ڊوهہ) ڪرڻ آهي "هنسا", ۽ انهن کان پاسو ڪرڻ آهي "آهنسا"

انسان خطا جو گهر چيو اٿن. بندو سدائين ڀُلو ڀيٺو آهي، پوءِ انهن ڏهن قسمن جي پاپن کان ڪيس بچائي ڪير؟

"قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهه قديم".

- شاهه

قادر جي قدرت يعني شڪتي يا طاقت اپار آهي، ۽ اها ئي هر ويلي همراهه ٿئي ٿي. انهيءَ شڪتيءَ يا طاقت کي مجسم (Personify) ڪري، ان کي نالو ڏنائون "درگا". "درگا" لفظ ۾ "دُر" معنيٰ مشڪل ۽ "گ - گم" معنيٰ وڃڻ. "درگا" جي اکري معنيٰ آهي "جنهن مشڪل ۾ وڃي سگهجي؟" انهيءَ سبب سنسڪرت ۾ "درگا" معنيٰ قلعو يا ڪوٽ. ٻي معنيٰ ديوي (شڪتي). ديوي پنهنجن پوڄارين لاءِ هڪ قلعو يا بچاءُ آهي. ۽ سندس ڀاڄهه سان ڪوبه ڏک يا پاپ پُڄي نٿو سگهي. قادر يا سرب شڪتيوان (ايشور) پتا آهي، سنديس قدرت يا شڪتي ماتا آهي، ۽ انهن هي سارو جهان پيدا ڪيو آهي، ۽ ساري جهان کي قدرت ائين سنڀالي ٿي، جيئن ماءُ پنهنجن ٻچن کي سنڀالي. ديويءَ جي پوڄا جو رواج اهڙن خيالن سبب وڌائون. پوءِ گنگا نديءَ کي ديوي جو روپ ڄاڻي انهيءَ تي نالو رکيائون "دشهرا" يعني دش (ڏهن) پاپن کي هرڻ ڪرڻ (ڪٽي وڃڻ يا لاهڻ) واري شڪتي. ڪيترا هندو اڄ تائين گنگا دسهڙو ملهائيندا آهن ۽ ائين وسهندا آهن ته گنگا نديءَ ۾ ٽٻيءَ ڏيڻ ڪري ڏهن ئي قسمن جا پاپ ميٽجي وڃن ٿا. پراڻن پٽاندر ديويءَ انهيءَ ڏينهن دئتن تي سوڀ پاتي هئي، تنهنڪري دسهڙي کي "وجيه دشمي" يعني سوڀ جي ڏسنهنءَ (ڏهين تِٿِ) به چوندا آهن. انهيءَ ڏينهن سري رامچندر به راوڻ تي سوڀ پاتي هئي، تنهنڪري هينئر عام طرح دسهڙو سري رامچندر جي سوڀ ملهائڻ جو ڏينهن ڪري ليکيو وڃي ٿو. نه ته حقيقتاً دسهڙي ملهائڻ جو رواج سري رامچندر کان گهڻو اڳاٽو آهي، ۽ دسهڙو (دشهن) اصل ۾ درگا ديويءَ توڙي گنگا نديءَ جو نالو يا لقب آهي.

ڏوهه ۽ سزائون. اڳاٽن رشين جيتوڻيڪ هر قسم جي پاپ کي ننديو آهي، ته به ائين سمجهڻ نه گهرجي ته رگ ويد واري زماني ۾ ماڻهو گناهه جا

ڪمرڪندا ني ڪونہ هئا. انساني سياءَ جهڙو اڄ آهي تهڙو اڳي بہ هو، تنهنڪري ماڻهو قسمين قسمين ڏوهہ ۽ گناهہ ڪندا هئا. ڪي لفنگا پرايون ڄايون تڪيندا هئا، ۽ ڪي جوان ڇوڪريون ۽ زالون سندن ڇنبي ۾ اچي وينديون هيون (رگ ويد، منڊل پهريون، ٣٣، ٣)، منڊل چوٿون، ٥، ٥، منڊل نائون، ٣٢، ٥ وغيره). انهيءَ هوندي بہ استريون عام ريت پتورت هونديون هيون، ۽ سندن اخلاق جو معيار اوچو ۽ اعليٰ هوندو هو.* پرائي استريءَ سان سنجوڳ ڪرڻ ڳرو گناهہ ليکبو هو. جيئن اڄ ڪالهہ "ڪارو" ۽ "ڪاريءَ" کي بروقت قتل ڪرڻ واجب سمجهن ٿا، تيئن اڳي بہ هو، ۽ اهڙي خون ڪرڻ لاءِ ڪابہ سزا ڪانہ ملندي هئي.** بين حالتن ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن جو خون ڪندو هو تہ خون ٿيل ماڻهوءَ جا مائٽ خونيءَ جي پنيان ڊوڙندا هئا، ۽ اُتي ئي پڪڙي اُفٽ ماري وجهندا هئس. وقتي هيئن بہ ٿيندو هو تہ ڪو خون ڪري ڀڄي ويندو هو، ۽ پوءِ هٿ ايندو هو، تہ راجائون رضانامو ڪرائي، فوتي جي مائٽن کي خون جي عيوض ڳايون ۽ ڏاند ڏياريندا هئا. ماڻهو پنهنجي جان جي بچاءَ ڪندي، ٻئي جو خون ڪري وجهندو هو، تہ ائين ڪرڻ جو کيس حق هوندو هو، ۽ انهيءَ لاءِ کيس ڪابہ سزا ڪانہ ملندي هئي، پوءِ پلي تہ اڳلو ڪو براهمڻ يا راجڪمار هوندو هو.***

رگ ويد واري زماني ۾ چور ۽ رهزن بہ هوندا هئا. "چور" لاءِ "تسڪر" لفظ گهڻا گهمرا ڪم آيل آهي. ٻيو لفظ "ستين" (Stena) آهي، جنهن جي معنيٰ ڦورو يا لوٽو بہ آهي. ٻيا هڪڙا چور هوندا هئا. جي "تايو" سڏيا ويا آهي. انهن کي نڪي رواجي تسڪرن (چورن) جهڙي همت ٿيندي هئي، نڪي چوري سندن پيشو هوندو هو. پاڻنجي تو تہ جڏهن روزگار جي تنگي

---

* "The Standard of female morality appears to have been fairly high" Cambridge History of India Vol. I, p. 88 and 97;

** "Adultery was generally regarded among Aryan peoples as the serious offence against the husband of the woman affected. We accordingly find in the legal literature of India traces of the rule that an adulterer can be slain with impunity, if taken in the act." Dr. A.C. Das. Reg Vedic Culture, p. 257

*** "The right of self defence was also vested in the individual and as such the murder of an assailant, even if he were a prince or a Brahmin was not punishable.,, Narayan Chandra Bandye Padhaya: Development of Hindu Polity and Political Theories. p. 327.

هوندي هين، يا قرض ۾ ٻڌل هوندا هئا. تڏهن ٽاٽجي يا ڇڪجي چوريون ڪندا هئا. اهي رات جي وگڙي ۾ ڳايون ۽ ڪپڙا چورائڻ ويندا هئا (منڊل ڇهون، ۱۲، ۵). چوپائي مال جي چوري عام هوندي هئي. چور ڳايون چورائي، ڳاين سميت اونداهين غارن ۾ وڃي لڪندا هئا (رگ ويد، منڊل پهريون، ٦۵، ۱). ڪي پروان ڳهرن ڪي ڪاٽ هڻي ويندا هئا، پر ڪتا پڇائي ڪيندا هئن (منڊل ستون، ۵۳، ۳). ڪي رهزن بہ هوندا هئا، جي جهنگلن ۾ لڪي ويهندا هئا، ۽ رهگذرن کي رسن سان ٻڌي کين ڦريندا هئا (منڊل ڏهون، ۴، ٦). وقتي ڳهٽا ڏاڙيل ٻاڻ ۾ گڏجي ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪاهي پوندا هئا، ۽ چوپايو مال ڪاهي ويندا هئا. اوڏيءَ مهل ڳوٺ ۾ رڙ پئجي ويندي هئي (رگ ويد، منڊل چوٿون، ۳۸، ۵). سڀ ڳوٺاڻا مڙسي ڪري ڏاڙيلن جي پنيان پوندا هئا. ڪي "پڳي" يا پيري بہ هوندا هئا، جي چورن ۽ چوري ٿيل مال جو پيرو کڻي چورن کي پڪڙي ايندا هئا.*

اڪثر جهڙو ڏوهه تهڙي سزا. ڪو چور جهلبو هو تہ کيس رسن ۽ زنجيرن سان ٻڌندا هئا ويدڪ انڊيڪس، ۱، ۳۰۴، پڻ ڏسو رگ ويد، منڊل پهريون، ۲۴، ۱۳، ستون ۸٦، ۵). اٿرو ويد جي منڊل ستين (۷۰، ۵) ۾ ڄاڻايل آهي تہ چور جون ٻئي ٻانهون پٺيءَ ڏانهن ڪري ٻڌندا هئا، ۽ پوءِ کي بہ پٺي ٻڌندا هئس، ۽ پوءِ اهڙي مار ڪيندا هئس جو زناخون بہ ڪڍي ڇڏيندا هئس (اٿرو ويد، منڊل چوٿون، ۳). شروع ۾ دستور هيءُ هوندو هو تہ جنهن ماڻهوءَ جي چوري ٿيندي هئي، سو جيڪا جٽ چوندو سا چور سان ڪندا هئا. شايد مراد هيءَ هوندي هئي تہ جنهن جي چوري ٿي هجي، سو ڀلي تہ پنهنجي دل وٺان چور کي سيکت ڏياري پنهنجي دل ٺاري، تہ پوءِ دل ۾ ڪو ساڙ وير نہ رهيس. پوءِ جڏهن راجائون مقرر ٿيا، تڏهن چور کي راجا جي اڳيان ڪڙو ڪندا هئا. راجائون اڪثر چورن جي پٺيءَ تي ڏنڀ ڏياريندا هئا (منڊل پنجون، ۷۹، ۹، ۽ ڇاندوگيہ اُپنشد، ٦، ۱٦). چوري ٿيل مال جيڪڏهن هٿ ايندو هو تہ مالڪ کي ڏياريندا هئا. ماڻهن جي جان ۽ مال جي بچاءَ لاءِ راجا جوابدار هوندو هو، تنهنڪري جيڪڏهن

* "In one passage of the Reg Veda there is a probable reference to the employment of trained men to recover stolen cattle." Cambridge History of India, Vol. I, page 97.

چوري ٿيل مال نہ ليندو هو تہ ائين سمجهيو ويندو هو تہ راجا پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ ڪوتاهي ڪئي. اهڙيءَ حالت ۾ راجا پنهنجي شاهي خزاني مان مالڪ کي مجرائي ڏياريندو هو (اگني پراڻ، ٣٢٣). انهيءَ ريت راجائون ثابت ڪري ڏيکاريندا هئا تہ ڪين پنهنجيءَ پرجا جي سنڀال ۽ بچاءُ جو سچو پچو اونو آهي. "پرجا" لفظ جي عام طرح معنيٰ آهي "رعيت"، پر بنيادي معنيٰ اٿس "اولاد". اهو لفظ خود ڄاڻائي ٿو تہ راجائون پنهنجي رعيت کي آنديءَ ڄائو اولاد ڪري سمجهندا هئا. جيئن ڪريل اولاد کي سنوارڻ لاءِ مائٽ ڪيس سيکت ڏين ٿا، تيئن راجائون بہ ڏوهين کي سيکت ڏيندا هئا. سيکت ڏيڻ ڪري اڳلي کي سڌارڻ ۽ ڏوهہ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي، پر ان جي مول مراد هيءَ آهي تہ رعيت جو بچاءُ ڪجي، ۽ اهو ئي سرڪار جو فرض آهي.* پنگت جي برخلاف جيڪو ڏوهہ ڪندو، تنهن جو ڪيتو پنگت ڪيس ضرور لوڙائيندو. انهيءَ سبب جيڪڏهن ڪو ڏوهاري اهڙو ڳرو گناهہ ڪندو هو، جو راجائون سمجهندا هئا تہ ههڙو ماڻهو مئو ڀلو، تہ اهڙي ڏوهاريءَ کي جيل جي اُتاهين چوٽيءَ تان ڪيرائيندا هئا. جنهنڪري اُقت مري ويندو هو، يا تہ هميشہ لاءِ جڏو ٿي پوندو هو (رگ ويد، منڊل پهريون، ١٢٩) ڪنهن کي موت جي سزا ڏيڻي هوندي هين، تہ بروقت سندس سسي لهرائيندا هئا.

جيڪڏهن ڪنهن ڏوهہ لاءِ پوري ثابتي نہ ملندي هئي، تہ ڏوهيءَ کي شڪ جو فائدو ڏيندا هئا، پر متان فرياديءَ جي دل ۾ ڪو ڏک رهجي وڃي، ۽ ائينُ سمجهي تہ مون سان نياءُ نہ ٿيو آهي، تنهنڪري تهمتيءَ جي هڪ نہ ٻيءَ طرح پريکيا لهندا هئا. تهمتيءَ کي اڪثر باهہ جي ٻرندڙ مچ مان لنگهڻ لاءِ چوندا هئا: جيڪڏهن باهہ مان لنگهندي، جلي ويندو هو تہ سمجهندا هئا تہ پنهنجو ڪيتو لوڙيائين، پر جيڪڏهن سلامتيءَ سان مچ مان لنگهي پار پوندو هو، تہ پوءِ بي ڏوهي سمجهبو هو. جنهن زال جي ست ۾ شڪ پوندو هون، تنهن جي بہ پريکيا ائين لهندا هئا.

---

"Danda or punishment is represented as a part of protection. Viewed in this light, punishment is, in its essence, neither retributive, nor deterrent or reformatory, but a reaction of the Social order against an unsocial tendency. This is the idea under lying the doctrine of'coercion" Dr. Beni Prasad: Theory of Government of Ancient India, p. 344.

ست جي مهما. شريتن (ويدن) ۾ ستيہ (سچ) جي مهما گهڻي لکيل آهي. چيل آهي تہ ست جهڙو ٻيو ڌرم ڪونهي. ستہ ئي سناتن ڌرمہ آهي. پرمہ يگتي پراپت ڪرڻ جو وسيلو بہ ست آهي. ست آهي ڌرم، ست آهي تپ ۽ ست آهي يوگ. ست جهڙو ٻيو يگيہ بہ ڪونهي، جو ست جي آڌار تي ئي سنسار جو ٻيڙو هلي ٿو. اهڙيون ڳالهيون اڳاتن ماڻهن جي دلين تي ايتري قدر اُڪريل هيون، جو ڪوڙ تان ٻاهہ ويندي هين. اج تہ اسان جن ماڻهن جو اهو ئي وشواس آهي تہ "ڌرم جي جئہ، پاپ جي ڪئہ"!

●

# باب سورهون

## سناتن ڌرم

"ڌرم" لفظ جي معنيٰ. "ڌرم" لفظ جو ڌاتو يا بنياد آهي "ڌر" معنيٰ ڌارڻ ڪرڻ يا جهلڻ. ڌرم هڪ جهلو يا ٽيڪ آهي، جنهن جي آڌار تي هيءُ سارو سنسار هلي ٿو. رگ ويد ۾ "ڌرم" لفظ جي معنيٰ آهي "قائدو".* جيئن راجا جي نهرايل قاعدي پٽاندر حڪومت جو چرخو هلي ٿو، تيئن ايشور جي اِڇا موجب سنسار جو پيڙو ڌرم تي هلي ٿو. جيڪي ست آهي، سو ڌرم آهي. جيڪا نيتي آهي، سا ڌرم آهي. انين ڌرم لفظ ڪي نهايت ڪشادي معنيٰ ملي آهي. انسان جا جيڪي به فرض آهن، سي سڀ ڌرم ۾ اچي وڃن ٿا. دان پڃ ڪرڻ ۽ ٻيا نيڪ اخلاق توڙي اهي ڪم جي آتما کي سنتوش ڏيندڙ آهن، سي سڀ ڌرم جي ڏاڳي ۾ پوتل آهن. انهيءَ ريت ڌرم جو نالو هن لوڪ توڙي پر لوڪ سان آهي. جيڪو ڌرم سنسار جي ڳالهين سان سبنڌ رکي ٿو، سو "پرورتي ڌرم" سڏ جي ٿو، ۽ جو موڪش (مڪتي يا نجات) سان لاڳاپو رکي ٿو، سو "نِورتي ڌرم" ڪوٺجي ٿو. ڌرم جي انهن ٻنهي پرڪارن جو وستار ويدن جي براهمڻن، اُپنشدن ۽ ٻي ڌرمي شاسترن ۾ آهي. سيني شاسترن جو مول ويد آهن. تنهنڪري هندو ڌرم عام طرح "ويدڪ ڌرم" سڏجي ٿو.

ويد انادي آهن يعني انهن جي آد يا شروعات آهي ئي ڪانه. انهيءَ سبب هندو ڌرم "سنائن ڌرم" سڏبو آهي. سناتن معنيٰ "آڳاٽو، اوائلي، دائمي يا هميشگي وارو" تنهنڪري "سناتن ڌرم" معنيٰ اهو آڳاٽو ڌرم جو آد ڪان هليو اچي ۽ نت آهي (Exisiting in all eternity) .

ڌرم جو خيال ڪيئن پيدا ٿيو؟ ڪيترن عالمن جو چوڻ آهي ته هندن توڙي

* Macdonell and Keith: Vedic Index, I, 390.

ٻين قومن کي ڌرم جو خيال موت بابت ويچار ڪندي آيو. جيڪو جيئرو ٿو، سو اوس مري ٿو. دنيا ۾ رهي ماڻهو پاڻ پتوڙي، ڌن مال ڪٺا ڪري ٿو، پر آخر سڀ اتي ئي ڇڏي ٿو. مٿن مائٽن مان ڪوبه سنگتي ساٿي ڪونه ٿو ٿئي. مرڻ ڪان پوءِ ماڻهو اڪيلو ئي اڪيلو ڪيڏانهن وڃي ٿو؟ اهڙن خيالن ماڻهن ۾ قيامت ۽ پرلوڪ جا خيال پيدا ڪيا. وقتي مئل مائٽ سُپني ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ۽ انهن کي دکي يا سکي ڏسجي ٿو. اهڙين ڳالهين پوءِ جي دک سک جا خيال جاڳايا. ائين ڌرم جي خيال جو بنياد پيدا ٿيو، ۽ پوءِ هر هڪ قوم پنهنجي پنهنجي نموني ڌرم تي هلڻ جون واٽون ٺهرايون.

<u>هندو ڌرم ۽ ان جو اوائلي ماڳ.</u> هندو ڌرم ڪنهن جاري ڪيو، ۽ ان جي شروعات ڪڏهن ٿي، تنهن جي ڪنهن کي به ڪل ڪانهي. جيئن عيسائين جي مذهب جو بنياد وجهندڙ حضرت عيسيٰ، اسلام جو بنياد وجهندڙ حضرت محمّد صلعم، پارسين جي مذهب جو بنياد وجهندڙ زردشت (زورنسٽر) ليکيا وڃن ٿا. تيئن هندو ڌرم ڪنهن به بني بشر جي نالي پنيان ڪونه سڏجي ٿو. "هندو ڌرم جو مول "ست" آهي، ۽ ستيه سروپ ايشور پاڻ ليکجي ٿو. هندو ائين وسهن ٿا ته "جڏهن جڏهن ڌرم جي هاڃي ٿئي ٿي، ۽ اڌرم زور وٺي ٿو، تڏهن تڏهن ڌرم جي رکيا ڪرڻ لاءِ ايشور پاڻ اوتار ڌاري اچي ٿو". هندن ۾ سري رامچندر سري ڪرشن ۽ ٻيا ڪيترا اوتار ٿيا آهن، جن کي هندو اڄ تائين پوڄين ٿا، ته به اهي هندو ڌرم جا باني نٿا ليکجن، ۽ نڪا انهن پاڻ ڪڏهن ڪا اهڙي دعويٰ ڪئي. هندو ڌرم ڪانئن گهڻو گهڻو اڳي هو، ۽ عام طرح "سناتن" (آڳاٽو) ڌرم سڏيو وڃي ٿو، جيئن مٿي اڳي چيو ويو آهي.

هندو ڌرم جو بنياد جن اصولن تي ٻڌل آهي، سي به ڪنهن هڪ ڄڻي جا جاري ڪيل ۽ ڦهلايل ڪينهن اهو ويدڪ ڌرم آهي ۽ ويدن جون رچائون گهڻن رشين جون چيل آهن. جيئن جيئن ڪين الهام ٿي ٿيو، يا سرسوتيءَ ٿي ٻولايو، تيئن تيئن ٿي ٻوليائون. آڳاٽن رشين مان ڪي اول سنڌونديءَ جي ڪنڌي تي، ته ڪي سرسوتيءَ ۽ پنجاب جي ندين جي ڪنڌن تي رهندا هئا. تنهنڪري هندو ڌرم ۽ هندو سڀيتا جا اوائلي ماڳ

سنڌ ۽ پنجاب آهن، جن مان بہ سنڌو نالو اهڙو برک هو. جو هندو ڌرم، هندو جاتي ۽ سڄو هندستان اڄ تائين "سنڌو" (هندو) نالي پنيان سڏجن تا.

سنڌو ندي جهڙي پاڻ ڪشادي آهي، تهڙي ئي ڪشاده خيالي آڳاٽن رشين ۾ پيدا ڪيائين. ڪهڙو بہ هندو ڪهڙي بہ عقيدي تي هلي، ۽ ڪهڙي بہ نموني جي پوڄا ڪري، تہ ان لاءِ کيس ڪلي آزادي آهي. علحده عقيدن ۽ متن تي هلڻ ڪري پلي تہ ڪو هندو ڪهڙي بہ پنٿ جو پاڻ کي سڏائي، تہ بہ هو هندو آهي. "پنٿ" لفظ اهو ساڳيو آهي، جنهن جو اُچار "سنڌيءَ ۾ "پنڌ" بہ آهي. جيڪي بہ "پنٿ" آهن، سي سڀ سچي سائينءَ سان ملڻ لاءِ "پنڌ" يا واٽون آهن. جنهن کي جيڪا بہ وات وڻي سا پلي وٺي، جو سڀ واٽون آخر انهيءَ تائين پهچائين ٿيون، جو سڀني جو سرجڻهار آهي، ۽ جنهن سان آخر سڀني جو ڪم آهي. شريمد ڀاڳوت گيتا ۾ سري ڪرشڻ بہ ارجن کي ائين ئي چيو آهي.

هندو اها دعوي بہ ڪانہ ٿا ڪن، تہ رڳو سندن ڌرم منجهان ئي موک ملندو يا نجات حاصل ٿيندي. هن باري ۾ اُپنشدن ۾ چيل آهي تہ "جيئن ڳاين جا رنگ نرالا نرالا آهن، پر سڀ ڳايون ساڳيو ئي اڇو کير ڏين ٿيون، تيئن ڌرم (مذهب) جيتوڻيڪ نرالا نرالا آهن، تہ بہ مقصد هڪڙو ئي اٿن." هن مان ظاهر آهي تہ هندو ماڻهو سڀني ڌرمن يا مذهبن کي عزت جي نگاهن سا ڏسن تا، ۽ سندن مقصد هڪڙوئي ۽ نهايت امول ڪري ليکجن تا.

هندن جا ديوتائون. آڳاٽا آريہ لوڪ قدرت سان رهاڻ ڪرڻ جا ڪوڏيا هئا، ۽ قدرت جي هر هڪ ڳالهہ تي ويچار ڪندي، قدرت مان قادر ساڻ ملڻ جي وات لوچي لڌائون. سندن اندرين اک کليل هني. قدرت جي هرهڪ ڳالهہ ڏي جيئن شاعراڻي نظر سان نهاريائون تي، تيئن سندن اندر ۾ اُمنگ تي اُتيا، ۽ واحد جي وڏائيءَ ۽ واکاڻ ۾ تي چتڪيا. سندن خيال جي سموري رفتار رگ ويد مان بنهہ چٽيءَ ريت پرجهي پروڙي سگهجي ٿي، ۽ پوءِ سمجهڻ سولو ٿئي ٿو تہ هندن جي ديوتائن جو تعداد ڪيئن وڌيو، ۽ ڪيئن آڳاٽن آرين ڪثرت مان وحدت لوچي لڌي.

اُڪاس ۽ پرٿوي ـ اَبو اَمان. آڳاٽن لوڪن پنهنجي متان هيڏو سارو آسمان

ڏنو، جو قدرت جو هڪ عجيب ڪارخانو آهي: ان ۾ ڏينهن جو سج ۽ رات جو چنڊ تارا چمڪن ٿا، جي حيرت جهڙي جهڳ سڳ لائين ٿا. ان جو نالو رکيائون "آڪاش"، جنهن جي معنيٰ آهي آسمان يا اُڀ. پر بنيادي معنيٰ اٿس "جو چوڌاري چمڪي ٿو."※ انهيءَ چمڪندڙ يا ڀڪندڙ آسمان جي ديوتا کي سڏيائون. "ديوُس پِتر" يعنيٰ "ابو آڪاس." (The Sky Father) "ديوتا" لفظ جي معنيٰ ئي آهي چمڪندڙ يا جوت وارو (Shining being) ، ۽ ڌاتو اٿس "دو" معنيٰ چمڪڻ يا روشنائي ڪرڻ. پوءِ "ديوتا" لفظ کي وڌيڪ ڪشادي معنيٰ ملي، جنهنڪري پرٿوي (زمين)، پون (هوا) وغيره به ديوتائون سڏجڻ ۾ آيا.

آڳاٽن لوڪن پنهنجن پيرن هيٺان هيڏي ساري زمين ڏٺي، ته ان جو نالو رکيائون "پرٿوي"، جنهن جي بنيادي معنيٰ آهي "جا ويڪري آهي" ان کي "ڌرتي" به سڏيائون، جنهن جي اکري معنيٰ آهي "جا جهلي بيٺي آهي." "ڌر" معنيٰ "جهلڻ". اها پرٿوي يا ڌرتي، مرن ۽ بين جاندار توڙي بي جان شين کي ماءُ وانگر پنهنجي گود ۾ جهلي بيٺي آهي، ۽ سيني ساهه وارن کي ائين کاڌو پهچائي ٿي، جيئن ماءُ پنهنجن ٻچن کي پهچائي. اهڙن خيالن وچان پرٿويءَ کي سڏيائون "ڌرتي ماتا". ڌرتيءَ جي مٿان جنهن وقت سج اُڀريو بيٺو آهي، وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا عمدو لقاءُ لڳائي بيٺا آهن، ۽ هرهڪ چمن ۾ ڇهڇٽو لڳو پيو آهي، تنهن مهل ڌرتي جڻ ته ٻهڪي پيئي. چانڊوڪيءَ رات ۾ ڌرتيءَ جڻ ته رپو پلٽجي ويندو آهي، ۽ ندين ۽ تلائن جو پاڻي چانديءَ وانگر چمڪندو آهي، تنهنڪري ڌرتيءَ کي به ديوتا ڪوٺيائون.

ڌرتيءَ جي ڪنهن به هنڌ بيهي، پري پري نهارجي ٿو ته ائين سمجهڻ ۾ پيو اچي ته ڌرتي ۽ آسمان هڪ هنڌ اچي گڏ ٿيا آهن. گويا سندن ئي ميلاپ سان هيءُ سارو جهان پيدا ٿيو آهي. آسمان مان برسات جون بوندون وسن ٿيون، ته ڌرتي جهٽي ٿي ۽ انهيءَ ريت اُتپتي ٿئي ٿي

※ سنسڪرت ۾ "آ" معنيٰ "چوڌاري" ۽ "ڪاش" معنيٰ "چمڪڻ" (ڪاشيءَ جي سر معنيٰ چمڪندڙ سر." "آ" جي معنيٰ "بلڪل" يا "بنهه" به آهي. انهيءَ سبب آڪاش جي معنيٰ "جو بنهه چمڪي پيو" يا "جو بلڪل روشن آهي".

(اٿروويد، منڊل ٻارهون، ١، ١٢، ٣٢). اٿريبه براهمڻ، (٣، ٢٧) ۾ آڪاس ۽ پرٿوي، جي وهانء جو ذڪر آهي. اهي سڀ شاعرانا خيال آهن. اهڙن خيالن وچان آڪاس ۽ پرٿوي، کي ساري جهان جو اَبو اَمان ڪري ڪوٺيائون (رگ ويد، منڊل ڇهريون، ١٥٥، ٣، منڊل ٽيون، ٣، ١١، منڊل ستون، ٥٣، ٢). اڳاٽن يوناني لوڪن به ائين شاعراڻي نموني آڪاس ۽ پرٿوي، کي ساري جهان جو ابو امان ڪوٺيو آهي.

اَدتيه ۽ دئت: رگ ويد ۾ آڪاس ۽ پرٿوي، کي ديوتائن جو به ابو امان ڪوٺيو اٿن. هن ڳالهه ۾ وري هڪ ٻيو خيال سمايل آهي، جو ڪولي ٻڌائجي ٿو. ڌرتيء کان وٺي آڪاس تائين، ۽ آڪاس کان مٿي جيڪي به آهي، تنهن جي ڪا به حد ڪانهي. انهيء سموريء وٿيء کي به ديويء جو روپ ڪري ڄاتائون، ۽ ان جو نالو رکيائون "آدتي" (Aditi) جنهن جي اکري معنيٰ آهي "نه ٻڌل يا حد نه ٿيل يعني آزاد يا ڇوٽ (وٿي) يا "اننتا" يعني جنهن جي انت يا حد ڪانهي (لاحد Infinity )". "اَدتيءَ" جي ٻي معنيٰ آهي "جا وڃڻ يا ناس ٿيڻ جي نه آهي". تنهنڪري پروفيسر راٿ (Professor Roth) جي خيال موجب اها هميشگيء (Eternity) جو روپ آهي: آسمان جا ديوتائون (سج وغيره) انهيء هميشگيء جو اولاد آهن، ۽ سدائين بيٺا آهن. تنهنڪري اهي "آدتيه" يعني اَدتيء جا پٽ سڏيا ويا آهن. اَدتيء کي ديو ماتا يعني ديوتائن جي ماءُ ڪوٺيو اٿن. اوائل ۾ رڳو ست اَدتيه ليکبا هئا، جن مان مکيه ورڻ ديوتا هو، جنهن جو ذڪر ڏار ڪبو. ديوتائون سدائين امر آهن يعني مرڻ جا نه آهن، پر رگ ويد جي منڊل ڏهين (٧٢، ٨ - ٩)۾ ڄاڻايل آهي ته اَدتيء پنهنجو هڪ پٽ مارتنڊ (سورج: امر ديوتائن جي دفعي مان ڪيڍي ڇڏيو، جنهنڪري ڄمڻ ۽ مرڻ جو قاعدو هن سال لاڳو ٿيو. هيء رنگين زباني آهيٰ. سج ڏهاڙي صبح جو ڄمي ٿو، ۽ رات جو مري وڃي ٿو، ٻئي ڏينهن صبح جو وري جنم وٺي ٿو، تنهنڪري امر نه چئبو.

ويدن کان پوء براهمڻ واري زماني ۾ اَدتين جو تعداد وڌي ٻارهن ٿيو، اهي ورهيه جي ٻارهن مهينن جي سورج جا سروپ آهن. سنڌيء ۾ آدتيه جو اُچار آهي "آڏت" ۽ معنيٰ اٿس "سج". ادتيه وار (آڏتوار يا آرتوار) معنيٰ

اتس سورج ديوتا جو ڏينهن (Sunday) . "آدتي" ۽ جو ضد آهي "دتي" معنيٰ حد تيل. ان ۾ پاتال لوڪ ليکيو اٿن. دتيءَ جي اولاد کي "دئتيہ" يعني دتيءَ جا پٽ ڪوٺيو اٿن. دئتيہ جو اُچار سنڌيءَ ۾ آهي "دئت" ۽ معنيٰ اتس ڀوت يا راڪاس. ادتيءَ ۽ دتيءَ کي ڀوءَ مجسم (Personify) ڪري، انهن بابت ڪي ڪٿائون ٺاهيون اٿن، جي اتهاسن ۽ پراڻن ۾ ڇاٽايل آهن.

ورڻ ديوتا: آسمان ۾ جيڪي آدتيہ آهن، تن جي مٿان ورڻ ديوتا آهي. "ورڻ" لفظ جو ڌاتو بنياد آهي "ور" (Vri) معنيٰ مٿان وري وجڻ يا ڍڪڻ. ڌرتيءَ کي مٿان آسمان ڍڪي بيٺو آهي، تنهنڪري آسمان "ورڻ" آهي. آسمان ۽ سمنڊ اُفق وٽ هڪ ٻئي سان گڏيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ۽ سڀ ندين سمنڊن ۾ وڃي پون ٿيون، تنهنڪري "ورڻ" سمنڊ توڙي ندين جو بہ ديوتا آهي، ۽ اهو پاڻيءَ کي مٿان ڍڪيو بيٺو آهي. انهيءَ ريت زمين توڙي آسمان سڀ ورڻ ديوتا جي حڪومت جي حد اندر اچي وڃن ٿا. رگ ويد ۾ ورڻ ديوتا بابت هيٺين لکيل آهي:

"هو آڪاس توڙي ڌرتيءَ جو جهلو آهي، ۽ سڀني لوڪن (دنيائن) ۾ حاڪم ٿي رهي ٿو (منڊل ائون، ٣٢، ١). سون جهڙي سج کي آسمان ۾ هو هلائي ۽ چمڪائي ٿو (منڊل ڇهون، ٧٠، ١ ۽ ستون، ٨٦، ١، ٨٧، ٦). هوا جا گوگهٽ پيئي ڪري، سا هن جو سواس (ساهہ) آهي (منڊل ستون، ٨٧، ٢). ندين جا پيٽ هن ٺاهيا آهن، ۽ سڀ نديون سندس حڪم پٽاندر وهن ٿيون "منڊل پهريون، ٢٤، ٨، منڊل ٻيو، ٢٨، ٣ ۽ منڊل ستون، ٨٧، ١). اهڙي عجيب اٽڪل رکي اٿس، جو سڀ نديون سمنڊ ۾ وڃي پون ٿيون، پر هن کي ڪڏهن بہ ڀري نٿيون سگهن (منڊل پنجون، ٨٥، ٦). هن جا ڪم مقرر ٿيل آهن، ۽ اهي آمر ڪو اورانگهي نٿو سگهي (منڊل ٽيون، ٥٤، ١٨). سندس حڪم پٽاندر چنڊ پنهنجي چانڊوڻ ڪري ٿو، ڏينهن جو تارا غيبي طرح گم ٿي وڃن ٿا (منڊل پهريون، ٢٣، ١٠). آڪاس ۾ پکي جيڪي واٽون وٺي اُڏامن ٿا، سمنڊ تي جهاز جن واٽن کان وڃن ٿا، ۽ هوا پراڻهن پنڌن تي ڪهڙي واٽ وٺي لڳي ٿي، سي سڀ سڌيون ڪيس آهن. جيڪي ڳجها ڪم ٿين پيا، يا ٿيڻا آهن، سي سڀ هو ڏسي ٿو (منڊل پهريون، ٢٥، ٧). ڪوبہ پراڻي يا ساهہ وارو هن کان سواءِ اک بہ نٿو چنيي

سگهي، ۽ ماڻهن جي سچ توڙي ڪوڙ جو هو ساکي آهي (منڊل ستون، ٢٨ ، ٦ ) مطلب تہ ورڻ ديوتا ساري جهان جي مٿان آهي، ۽ هر جا حاضر ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻڻهار آهي، ۽ قدرت جي سمورين ڳالهين جي مٿان سندس ضابطو آهي. اها خدائي طاقت جهان جو چرخو ريت سان هلائي ٿي، ۽ هرڪا ڳالهہ سندس ڏوريءَ ۾ ٻڌل آهي، تنهنڪري سج، چنڊ وغيره بہ بلڪل باقاعدي ڪم ڪن ٿا. انهيءَ "ريت" (Cosmic order) کي "ورڻ ديوتا" سڏيو اٿن، ۽ چيو اٿن تہ اخلاقي ڳالهين ۾ بہ ريت تي هلڻ گهرجي نہ تہ خطا کائبي".

اندر ديوتا ۽ ورتر دئت. رگ ويد واري زماني ۾ ئي ڪنهن وقت ورڻ ديوتا جي اختياري گهٽجي ويئي، ۽ ان لاءِ سبب اچ تائين قدرت ۾ ظاهر آهن. گرمي جي موسم ۾ جڏهن گهٽ ۽ رچهڻ ٿئي ٿي، تڏهن ماڻهو ٿريءَ تڏيءَ هوا لاءِ واجهائين ٿا، ويتر جڏهن ڏسن ٿا تہ آسمان ۾ ڪارا ڪڪر مڙيو اچن، پر مينهن جو ڦڙو بہ ڪونہ ٿو وسي، تڏهن سياويڪ طرح جَڪ پيا کائين. سج، چنڊ، تارا وغيره جي آسمان ۾ آهن، سي سدائين سپني جو پلو ڪن ٿا، تنهنڪري آڳاٽن آرين رنگين زبانيءَ ۾ ڄاڻايو تہ آڪاس جا ديوتائون سپني جي سڄيءَ ۾ آهن، ۽ ڪنهن جا بہ منگهرا ڪونہ ٿا ٿين، پر آڪاس ۾ ڪي دئت بہ آهن، جن جي بد اثر ڪري مهامريون پون ٿيون، خوفناڪ طوفان لڳن ٿا، ۽ ٻوڏون ٿين ٿيون. اهي دئت برسات کي وسڻ کان بہ روڪين ٿا، جنهنڪري ٻنيون سڪن ٿيون، مال لاءِ ٻورو چارو پيدا ڪونہ ٿو ٿئي، ۽ آڙنگ (گهٽ) سبب ماڻهو ماندا ٿين ٿا. انهن دئتن جو سردار "ورتر" (ڍڪيندڙ) سڏيو ويو آهي، جنهن بابت چيو اٿن تہ هو گهٽا ئي روپ ڌاري ٿو. ان جو هڪ روپ ڪارا ڪڪر آهن، جي سورج ديوتا، چندرما ديوتا (چنڊ) ۽ گرهن ۽ تارن کي ڍڪين ٿا، جڻ تہ اهڙي ڪنهن بندي خاني ۾ کين بند ڪن ٿا، جو ڪي ڏينهن ساندهہ اهي ڏسڻ ۾ بہ ڪونہ ٿا اچن، جنهنڪري اهي ديوتائن جا دشمن ڪوٺيا ويا آهن. اهي سپني ساهوارن جا بہ جاني دشمن آهن، جو اهي برسات کي وسڻ کان روڪين ٿا، جنهنڪري ماڻهو توڙي مرون بلڪ پکي پکڻ ۽ ٻيا ساهوارا سارنگ

ڪي سنڀاريندي، ماندا ٿين ٿا.*

رگ ويد ۾ ورتردئت جو ٻيو نالو "آهي" يعني "نانگ" بہ ڄاڻايل آهي. انهيءَ مان عالمن اهو انومان ڪڍيو آهي تہ اهو اشارو وڄ ڏي آهي، جنهنجا ور وڪڙ نانگ وانگر آهن. وڄ ڪِنوين تنهن ڪان پوءِ بہ مينهن نہ وسي، تہ اها ڪوڙي وڄ چئبي ۽ اها بہ ورتردئت جو هڪ روپ ليکبي. اهڙن وقتن تي آڳاٽن لوڪن شايد ائين ڀانيو تہ ورڻ ديوتا ڪي ايتري طاقت ڪانهي، جو ورتر دئت سان ٻڇي سگهي. انهيءَ سبب ورتر ۽ سندس دئتن سان جڏ ڪرڻ ۽ کين ماري ميڄائڻ لاءِ ڪنهن وڌيڪ جبري ديوتا جي ضرورت سمجهيائون. ڀانئجي ٿو تہ ڪنهن وقت آسمان ۾ گجگوڙ تي وڄ ڪِنوڻ لڳي، ۽ مينهن ٺهہ ٺهہ ٺمڻ لڳو تہ سمجهيائون تہ هيءُ وڏو ديوتا آهي ۽ ورتر کان وڌيڪ جبرو آهي، جو پنهنجيءَ وڄر (Thunder – bolt) سان دئتن جا آسمان ۾ اڏيل قلعا (ڪارن ڪڪرن جا ڪوٽ) ٽوڙي ٿو تہ منا منا مينهن وسن ٿا. جنهنڪري ٻَٽ پاهہ جهلين ٿا، گسن متي گاهہ ٿين ٿا، تہ نہ رڳو ماڻهو پر چرند پرند ۽ جيت جنتر بہ خوش ٿين ٿا. مينهن وسي رهي ٿو ۽ آسمان ۾ صاف صفائي ٿئي تي تہ سج، چنڊ تارا نڪري ظاهر ٿين ٿا، ڇڻ تہ قيد کان کين رهائي ملي تي. اهو ٻلوان ديوتا، جو ورتر توڙي سندس دئتن کي ماري ميڄائي ٿو، تنهن جو نالو اول رکيائون "ترتہ" (Trita) يعني چوماسي جي ٽئين مهيني ۾ برسات وسائيندڙ، پوءِ "پرجنيہ" يعني ڪڪر (وسندڙ ڪڪر) ۽ پوءِ "اندر" جنهن جي معنيٰ آهي "طاقت وارو" اِند معنيٰ طاقت وارو ٿيڻ).

ورتر توڙي سندس دئت بہ کي ستريون ڏريون ڪينهن. هڪواريءَ اهيءِ اندر ديوتا جي هٿان قتل ٿيو وڃن، تہ وري وري جنم وٺي، حرڪت بازي ڪري، برسات کي اڇيو روڪين. ائين اندر ديوتا سان هو جڳا جڳ جنگ جوٽيندا اچن ٿا. پر اندر ديوتا ڀيري ڀيري سان کين ماري پورو ڪري ٿو. اندر ۽ ورتر جي لڙائيءَ جو ذڪر رگ ويد ۾ نهايت وڻندڙ نموني

* "سارنگ کي سارين، ماڻهو، مرگ، مينهون،
آڙيون ابر آسري، تاڙا تنوارين".
ــ شاهہ

تيل آهي. ان جو انگريزي نظم ۾ ترجمو بہ عمدو تيل آهي، جنهن مان ٽوريون مصرعون هتي نموني لاءِ ڏجن ٿيون:-

Who is that, without alrm,
Defies the might of Indra's arms;
That stands and sees without dismay,
The approaching Maruts' dread array;
That does not shun, in wild affright,
The terrors of the deadly fight?
Tis Vrittra, he whose magic powers,
From earth with held the genial showers;
Of mortal men the foe malign,
And rival of the race-divine;
Whose demon hosts from age to age,
With Indra war unceasing wage;
Who times unnumbered, crushed and slain.
Is ever newly born again;
And evermore renews the and strife,
In which again he forfeits life.
(J.Muir: Original Sanskrit Texts; Vol: V)

اِندر وڏو يا ورڻ؟ ورڻ ديوتا يا چمڪندڙ آسمان جو ديوتا، جو ساري جهان جي مٿان آهي، سو گهٽو ئي چڱو، پر گجگوڙ ڪندڙ آسمان جو ديوتا (اندر ديوتا) جو برسات وسائي ٿو، سو وڌيڪ آهي. آڳاٽن آرين جي گذران جو مدار هڪڙو کيتيءَ تي ٻيو چوپائي مال تي هو، تنهنڪري برسات جي ديوتا (اندر) جي پوڄا جو رواج جاري ڪيائون. اڳي ورڻ ديوتا سان گڏ "مِتر" (سورج) جو نالو گڏ اُچاريندا هئا، پر پوءِ ورڻ ديوتا جي نالي سان گڏ اندر ديوتا (Jupiter Plurius) جو نالو گڏيائون (رگ ويد، منڊل پهريون، ١٧، ۽ منڊل ٽيون، ٣٨).

اندر ديوتا جي پوڄا جو رواج جاري ٿيو، تہ جيڪي اصل ورڻ ديوتا کي مڃيندا هئا، تن مان ڪن اعتراض اُٿاريو- مثلاً نيمر (Nema) نالي هڪ رشيءَ چيو تہ "اندر ديوتا آهي ئي ڪونہ. ڪنهن ڏٺو بہ آهي؟ چو اسين سندس اُستتي ڪريون؟" (منڊل اٺون، ١٠٠، ٣). انهيءَ تي اندر ديوتا درشن ڏيئي چيس تہ "اجهو، مان تو وٽ آيو آهيان، مون ڏي نهار". پانڇي

تو تہ برسات وسائي پنھنجو مشاھدو ماٺاياٺينس. انھيءَ ھوندي بہ اندر ديوتا جي برخلاف گھڻا ھئا، ۽ انھيءَ مان وڏا تڪرار ٿيا ھئا.

رگ ويد جي منڊل چوٿين (۴۲) ۾ اندر ديوتا ۽ ورڻ ديوتا جي وچ ۾ ھليل گفتگو ڄاڻايل آھي. اندر چوي تہ آءُ وڏو تہ ورڻ چوي تہ آءُ وڏو. رفتي رفتي ورڻ رڳو پاڻيءَ جو ديوتا ليکجڻ ۾ آيو، ۽ عام طرح ماڻھو اندر کي برسات جو ديوتا ڪري پوڄڻ لڳا. اھو رواج مھاڀارت جي زماني تائين سانده ھلندو پئي آيو. انھيءَ زماني ۾ اندر پوڄا جي برخلاف سري ڪرشڻ پرچار ڪيو. جنھن ڳالھ جو شريمد ڀاڳوت جي ڏھين اِسڪنڌ ۾ ذڪر آھي. انھيءَ کان پوءِ بہ اندر جي پوڄا جو رواج ھلندو آيو. عيسوي سن کان ڇھ صديون ڪن اڳي گوتم ٻڌ اندر جي پوڄا جي برخلاف آواز ڪڍو ڪيو. اندر ديوتا لاءِ ماڻھو ٻَليون چاڙھيندا ھئا. سو رواج بند ڪرايائين. ھن وقت انھن ۾ ٻَلين چاڙھڻ جو رواج ڪونھي، تہ بہ سڀي ھندستان جا ھندو اندر کي برسات جو ديوتا ڪوٺين ٿا، ۽ ورڻ ديوتا کي پاڻيءَ جو ديوتا ڪري پوڄين ٿا. جيڪي ھندو درياھ پنٿي آھن، سي سري اڏيري لعل صاحب کي ورڻ ديوتا جو اوتار ڪري مڃين ٿا. اھي اُتي جو وڏو پرڙو ٺاھي، انھيءَ تي سيندُر، گل ڦل وغيره ھڻي، ۽ چومکو ڏئو ٻاري "بحرانو" يعني بحر جو نذرانو ڪيندا آھن. ائين ورڻ ديوتا جي پوڄا اڄ تائين ھلي اچي.

وايو، مروت ۽ ردر. ڏرتي ۽ آڪاس يا پولار (Ether) کان سواءِ ٻيا عناصر (تتو) ھوا، باھ ۽ پاڻي آھن، جن کي ايتري طاقت آھي، جا ڪنھن بہ بني بشر کي ڪانھي، تنھنڪري آڳاٽا لوڪ انھن کي بہ ديوتائون ڪري پوڄيندا ھئا. ھوا کي "وايوُ" سڏيندا ھئا. جنھن جو اُچار سنڌيءَ ۾ آھي "واءُ"، ۽ ڌاتو يابنياد اتس "وا" معنيٰ لڳڻ. وايو يا واءُ اھو آھي، جو لڳي ٿو. ھوا يا واءُ کان سواءِ ڪوبہ ساھوارو جيڪر جيئرو رھي ڪين سگھي، تنھنڪري ان جو ججھو قدر ڪري، ان کي ديوتائن جي دفعي ۾ ليکيائون.

برساتي موسم ۾ جيڪي چوھا يا طوفان لڳن ٿا، تن کي آڳاٽن لوڪن نالو ڏنو "مَروُت". اھي مينھن کي چوھ سان آڻين ٿا، تنھنڪري اھي اندر

ديوتا جا مددگار سڏيا ويا آهن. انهن جي مدد سان اندر ديوتا "ورتردنت" کي ماري مجائي ٿو. تہ مينهن اوهيرا ڪري وسي ٿو. آسمان ۾ جيڪي لڳهہ (ڪڪر) پاڻ ۾ لڳي، پوائتي گجگوڙ ڪن ٿا، تن کي آڳاٽن لوڪن نالو ڏنو "رُدر" (خوفناڪ)، جو سندين گجگوڙ ڪري ڪليون بہ ڪنبيو وجن. اهي شو ڀڳوان جا روپ ليکيا ويا آهن. "شو" ۽ "شنڪر" لفظن جي معنيٰ آهي "ڪلياڻ ڪندڙ". هيبتناڪ گجگوڙ تيڻ ڪري شو ڀڳوان "ردر" (خوفناڪ) روپ وارو ليکجي ٿو، اهوئي ساڳيو برسات وسائي جيون جا ڪلياڻ ڪري ٿو، تنهنڪري "شو" ۽ "شنڪر" سڏجي ٿو. "شميو" لفظ جي بہ معنيٰ اهي، جنهن مان ڪلياڻ ٿين.

اگني ديوتا. باهہ ٻارڻ جو هنر آڳاٽا آريہ لوڪ انهيءَ قديم زماني ۾ سکيا، جنهن زماني ۾ يوروپي لوڪن جا ابا ڏاڏا بہ ميرو پربت طرف ساڻن گڏ رهندا هئا. اهو هن ڪري چئجي ٿو جو سنسڪرت ۾ باهہ کي "اَگني" چئبو آهي، ۽ اهو ئي ساڳيو لفظ لاتن ٻوليءَ ۾ آهي ۽ اُچار اٿس "اِگنس" (Ignis) . رگ ويد ۾ اندر ديوتا کان پوءِ اگن ديوتا جي جيتري اُستتي آهي، تيتري ڪنهن بہ ٻئي ديوتا جي ڪانهي. انهن اُستتين مان آڳاٽن آرين جون شاعرانيون خوبيون پليءَ پت ظاهر ٿين ٿيون. رگ ويد جي منڊل پهرئين (۱۰۳، ۱) ۾ چيل آهي تہ "اي اگني، تنهنجو تت جيتوڻيڪ ڪٿي هڪڙو ئي هوندو، تہ بہ تنهنجا روپ ٽي آهن. هن پرٿويءَ تي تون باهہ تي پڙڪا ڏين ٿي، وچ آڪاس ۾ تون بجلي تي چمڪاٽ ڪرين ٿي ۽ مٿاهين آڪاس ۾ تون سونو سج ٿي ڀڪين ٿي. تنهنجو جنم اصل آڪاس ۾ ٿيو هو، پر ويدن جا جيڪي جاتو هئا، تن هنر هلائي، توکي پرٿويءَ تي آندو، ڇڻ تہ آڪاس جي اَثر بجليءَ ماڻهن جي چلهين اِچي ترِ پاتو. آڳاٽن رشين ڪاٺي ڪاٺيءَ سان گهي باهہ پيدا ڪئي، گويا ٻن ڪاٺين جو پنهنجن هٿن سان هٿيالو ٻڌائي کين پرٽايائون، جن مان ڀڪندڙ اگني پيدا ٿي، پر آڪاس ۽ پرٿوي، مان سج تو چوان تہ اهو ٻار جو اڻ سياويڪ طرح پيدا ٿئي ٿو، سو پنهنجي ماءُ پيءُ (ٻن ڪاٺين) کي جلائي ڇڏي ٿو. ائين ماءُ جا ڀنگهو ئي ڀساهہ پورا ٿيو وڃن، ۽ جيئن ٻچي کي نپائڻ گهرجي، تيئن نپائي نٿي سگهي، پر هيءَ عجيب ٻالڪ (اگن ديوتا) پوءِ بہ پيو تکي ... دونهين

جي جهنڊن واري اگني، تون ٽڙڪاٽ ڪرين ٿي، تنهنجا وار شعاع ڪن ٿا ... گهر گهر ۾ تون مهمان ٿي اچين ٿي ته هرڪو تنهنجو آدرسڪار ڪري ٿو ... پر اي ديوتا، جڏهن تون ڪوپ ٿي، پيانڪ شعاع ڪرين ٿي، ۽ سيڪجهه ناس ڪرڻ جي طاقت جا تو ۾ آهي سا ظاهر ڪرين ٿي، تڏهن سڀ ساهوارا توکان ائين پڇن ٿا، جيئن غالب پوندڙ غنيم جي پنيان پوڻ سبب (ڪمزور ڏر جو) لشڪر ڀڄي وڃي ٿو. تون جنهن کي لڳين تنهن کي ڀسم ڪري متيء سان ملايو ڇڏين. وڏن وڏن ٻيلن جي ته ائين صفائي ڪيو ڇڏين، جيئن حجام پاڪيء سان ڏاڙهين جي صفائي ڪيو ڇڏي. باهه جي مچ کي هوا ڏئنين ٿي ته سمنڊ جي لهرين وانگر آواز ڪري ٿي، پکي ڊڄي ڀڄي وڃن ٿا، ۽ جڏهن مچ پورو ٿي وڃي ٿو، تڏهن سڄي واٽ تي رڳي ڪارهن نظر اچي ٿي. پر اي مها اگني، تون سدائين اهو پيانڪ روپ نٿي ڌارين. تون جهيڻي ٿي اسان جي چلهين ۾ تمڪين ٿي، ۽ اسين سنپال سان توکي تاتيون ٿا ته اسان جا گهر ٻهڪن پيا. جيڪي ماڻهو اَتڪ ٿي پورهيو ڪن ٿا، تن کي تون پڪل طعام پهچائين ٿي، ته هو خوش ٿين ٿا. تنهنجو ڪاڏو سُڪل ٻُنڊَ ۽ مکڻ آهن، جي توکي وڻن ٿا. مون وٽ نڪا آهي ڳانء نڪو ڪنو ڪيل مکڻ، نڪو ڪو ڪاٺين ڪرڻ لاءِ ڪهاڙو اتم: پر اي ديالو ديوتا، مون تو لاءِ هي ٽوريون سڪل ڪاٺيون آنديون آهن. ٻيون ڪاٺيون مون وٽ ڪينهن، تنهنڪري منهنجي هيء غريباڻي ڀيٽا قبول ڪر". هن سموري مضمون جو انگريزي نظم ۾ ترجمو ٿيل آهي، جنهن مان ٽوريون مصراعون نموني لاءِ هتي ڏجن ٿيون.

Great Agni, though thine essence be but one,
They forms are three: as fire thou blazest here,
As lightning flashest in the atmoshere,
In heaven thou flamest as the golden sun.
It was in heaven thou hadst they primal birth,
By art of sages skilled in sacred lore
Thou was drawn down to human hearths of yore,
And thou abid'st a denizen of earth.
Sprung from the mystic fair* by priestly hands

* The two pieces of fuel by the attrition of which fire is produced, and which are represented as husband and wife.

In wedlock joined, forth flashes, Agni bright,
But, O ye Heavens and Earth, I tell you right,
The unnatural child devours the parent brands,
And yet this orphaned god himself survives
Although his hapless mother soon expires,
And cannot nurse the babe, as babe requires,
Great Agni, wondrous infant, grows and thrives,
Dr. J. Muir: Original Sanskrit Taxts Vol. V.p. 221.

جيڪو ٻيرو رڌبو ٻچائبو، سو ٻيرو باهه ضرور ڪپندي - ٻيري ٻيري ڪاٺي ڪاٺيءَ سان گهٽي باهه پيدا ڪرڻ بدران سولي سهنجي وات هيءَ آهي ته باهه ۾ ٻنڌي وجهي ڇڏجي ته باهه د ڪندي رهي. آڳاٽا لوڪ گيهه ۽ مکڻ به باهه ۾ وجهندا هئا ته چگو ٻنيٺ ٻري يگيه ۽ هون هوم جي شروعات ائين ٿي. اگنيءَ ۾ آهوتي (گيهه وغيره) وجهجي ٿي، ته باهه ڀڙڪا ڏيئي عرشين وڃي لڳي ٿي. هن تان به آڳاٽن رشين کي ڪو شاعراڻو خيال آيو، جو ويدن ۾ اگن ديوتا بابت جاٽايل آهي ته اهو هڪ تڪو قاصد آهي، جو جهٽ عرش تائين پهچي ٿو. يگيه جي اگنيءَ ۾ جيڪي وجهجي ٿو، تنهن جو تت آڪاس ۾ رهندڙ ديوتائن کي پهچائي ٿو، ۽ ڪين پاڻ سان وٺي، پرٿويءَ تي انهن پوڄارين وٽ آڻي ٿو، جي يگيه جي اگني د ڪائين ٿا. انهن ديوتائن جي آسيس ۽ ڪرپا سان پوڄاري وڌن ويجهن ٿا ۽ ٻريا ٻاڦيا ٿين ٿا.

ڪنهن پراڻيءَ جو اگنيءَ سنسڪار ڪجي ٿو، ۽ لڪڙا ڏجن ٿا ته به باهه عرشين وڃي لڳي ٿي. اوڏيءَ مهل جڻ ته ڌرتيءَ ۽ آسمان جي وچ ۾ اگني هڪ پُل مثل ٿي بيهي ٿي، جنهن تان پراڻيءَ جي آتما لنگهي سرڳ ۾ وڃي واسو ڪري ٿي. اهي هئا اگنيءَ بابت آڳاٽن آرين جا خيال.

سورج ديوتا. رگ ويد ۾ سورج ديوتا جي به ججهي ساراهه ٿيل آهي، ۽ ان جا گهڻي ئي نالا جاٽايل آهن. "سورج" يا "سج" اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "سُوريه"، ۽ ڌاتو اٿس "سو" معنيٰ پيدا ٿيڻ. سڀ پيدائش سج جي روشنائي تي ٽڻي ٿي، تنهنڪري هو سيني جو "مِتر" (مٽ يا مائٽ) آهي. ورڻ ديوتا جو وڏو لاڳاپو تارن ڀريءَ رات سان آهي، پر ڏينهن جو ديوتا سورج آهي، تنهنڪري رگ ويد ۾ ورڻ ديوتا جي نالي سان گڏ "متر" نالو گهڻا گهمرا ڪم آيل آهي. جنهن جي ڪتي معنيٰ آهي "سج" ته ڪتي

معنيٰ اتس اها ْطاقت جا سج کي پورن وقتن تي اُيرائي جهان جي مٿان روشنائي ڪرائي ٿي.*

سج جي روشنائيءَ تي ساوڪ سبزي ٿئي ٿي، تنهنڪري سج کي "پُوشڻ" به چوندا هئا. جنهن جي اکري معنيٰ آهي "اُيرائيندڙ". آڳاٽا آريہ لوڪ جڏهن مال چارڻ ويندا هئا، تڏهن پوشڻ ديوتا (سورج ديوتا) کي پنهنجو هڪ عمدو رهبر ڪري سمجهندا هئا. سج جي روشنائيءَ تي چڱا چراگاهہ ڳولي لهجن ٿا، جتي مال گاهہ کائي متارو ٿئي ٿو. تنهنڪري پوشڻ ديوتا کي "پشوپا" يعني پسن يا وهتن جو پاليندڙ به ڪوٺيو اٿن. جهنگ جا مرون چوپائي مال يا خود مالدار تي ڪاهي ايندا تہ سج جي روشنائيءَ تي پريان ئي سڌ پنجي ويندي. انهن سيني سببن ڪري آڳاٽا لوڪ چوندا هئا تہ "واٽن تي جيڪي بگهڙ ۽ ٻيا خوف خطرا آهن، تن کي اهو ديوتا ٽاري ٿو. (منڊل ٻهريون، ۴۲، ۱ـ ۳). "اي پوشڻ ديوتا، تون اسان لاءِ واٽ سٺائي ڪج، ۽ مال جي چاري لاءِ اسان کي چڱيءَ جُوءِ ڏي وٺي هلج" (منڊل ٻهريون ۴۲، ۷ ـ ۸). هن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ سج جي ڳڻن جون ڳالهيون ڳٽي ائين چيو اٿن.

سورج ديوتا اخلاق يا نيتيءَ جي راهہ ۾ پنهنجو چڱو رهبر سمجهيائون ٿي. رگ ويد ۾ چيل آهي تہ آڪاس ۾ جيڪي ديوتائون آهن، تن جي اڪ سورج ديوتا آهي. دنيا ۾ جيڪي وهي واپري ٿو، تنهن سڀ جو هو ساکي آهي، ڪهڙا به ڪم لڪائي ڪنداسين، تہ به هو ڏسي ٿو، تنهنڪري سدائين چيتي هلجي، جو اهو شاهد مٿان بيٺو آهي. ائين سورج جي روشنائيءَ آڳاٽن آرين ۾ روحاني خيال پيدا ڪيا. رگ ويد جي منڊل چوٿين (۱۴، ۲)، منڊل ستين (۶۳، ۱)ءِ منڊل ڏهين (۱۵۸، ۱ـ۳) ۾ سورج جو ٻيو نالو "سوتر" (Savitr) ڄاڻايل آهي. ڏينهن جو سج روشنائي ڪري ٿو، ۽ سانجهيءَ جو لهي وڃي ٿو، پر رات پوڻ کان پوءِ به هو مٿي آڪاس ۾ هليو اچي (منڊل ٻهريون، ۳۵، ۲، ۽ منڊل چوٿون، ۳۸، ۳ـ ۴). رات جو سيني ساهہ وارن کي هو ننڊ بخشي ٿو، ۽ صبح جو کين سجاڳ ڪري ٿو (منڊل چوٿون، ۵۳، ۳، ۽ منڊل ستون، ۴۵، ۱). انهيءَ سورج جي تيزي "ساوتري" آهي، ۽ ان جو ٻيو نالو "گاتيري" آهي. مطلب تہ گاتيري منتر

* Z.A. Ragozin, Vedic India, p. 149.

اُچارجي ٿو، تہ اگيان جي اونده ٽري، ۽ اسان جي ھڏي ڪلي تہ جوتي سروپ پرماتما سان انين ملي ھڪ ٿي وڃون، جيئن جوت سان ملي ھڪ ٿي وڃي ٿي. قدرت مان قادر سان ملڻ جي واٽ اجها ائين پئي لوچي لڏائون.

هندو ماٺهو وشنو ڀڳوان کي جوتي سروپ پرماتما جو اوتار سڏين ٿا. سري رامچندر ۽ سري ڪرشڻ وشنو ڀڳوان جو اوتار ليکيا وڃن ٿا. اهي اتهاسن واري زماني ۾ ٿي گذريا آهن. پر ڪانئن گھڻو اڳي رگ ويد ۾ وشنوءَ بابت جيڪي چيل آهي، تنهن مان ظاهر آهي تہ اصل ۾ سورج جي هڪ روپ جو نالو وشنو هو. اڄ تائين هندو ماٺهو سورج ديوتا کي هٿ جوڙي نمسڪار ڪندا آهن، تہ اهو جوتي سروپ پرماتما جو روپ اسان جي اندر ۾ جوت جاڳائي ۽ اگيان جي اونده ٽاري.

رگ ويد ۾ وشنو بابت چيل آهي تہ هو ٽي قدم يا وکون کڻي ٿو. هڪڙيءَ وک سان سڄي ڌرتي، ٻي وک سان وچ آڪاس ۽ ٽينءَ وک سان مٿاهون آڪاس (وشنو لوڪ) والاري ٿو. انهيءَ مٿاهين آڪاس ۾ هو ماڻهن کي ڏسڻ ۾ نٿو اچي، پر ديوتائن کي ائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جو ڄڻ تہ آڪاس ۾ اک کتل آهي (رگ ويد، منڊل پهريون، ١٥٤، ٥). اتي (وشنو لوڪ ۾) ديوتائون آنند ۾ رهن ٿا (منڊل ائون، ٢٩، ٧). ياسڪ مني جي جوڙيل "نرڪت" (١٢، ١٩) ۾ ڄاڻايل آهي تہ انهن ٽن وکن جو مطلب آهي - سورج جو اُيرڻ، مٿي چڙهڻ ۽ لهڻ. ڪن يورپي عالمن جو بہ اهو ئي چوڻ آهي تہ سورج ديوتا جو هڪ روپ وشنو ڀڳوان آهي، جو وڏيون وکون کڻي سڄو جهان والاري ٿو.

اُشا ديوي. آڳاٽن لوڪن قدرت جي هڪ نظاري جو نهايت عمدو ذڪر ڪيو آهي. سج اُيرڻ ڪري اونده ٽري ٿي، پر سج اُيرڻ کان ئي اڳ جيڪا ديوي پنهنجو درسن ڪرائي ٿي، سا "اُشا" يعني پرڀات (Dawn) آهي. رات ڪَٽ چڏي، پلئہ کڻي ٿي تہ هن ديويءَ جي جلوه ۽ جمال ڪري صاف صفائي ٿئي ٿي، ۽ سڄو آسمان نهايت نزاڪت ڀريو لڳي ٿو. آڳاٽن رشين اهو نرمل نظارو ڏٺو تہ اندر ۾ اُمنگ اُٿين. پرڀات بابت جيڪا شاعراڻي پلٽ پلٽي اٿن، تنهن جي پڙهندي روح کي راحت پيئي اچي. اُشا ديويءَ

بابت جيڪي چيو اٿن، تنهن مان توري مضمون جو سنڌيءِ ۾ ترجمو ڏجي ٿو:

"هيءَ آڪاس جي نياڻي، ڏورانهين عالم مان پنهنجي ڀڪندڙ رٿ (گاڏيءَ) تي چڙهي اچي ٿي - سندس رٿ ۾ ڳاڙهي رنگ جا گهوڙا ٻڌل آهن (جن جي لعلاڻ آسمان کي رڱيو ڇڏي)، ۽ جيئن ويجهو اچي ٿي تيئن سدائين ڀڪي ٿي. هن ديويءَ جي شڪل سهڻي ۽ مرڪ مٺي آهي، ۽ پنهنجي جوڀن جي سموري نزاڪت ڏيکاري ٿي. اي ديوي، تنهنجي ڇاتي روشن آهي، تنهنجو منهن ڀڪندڙ آهي ۽ تنهنجا سون ورنا وار تجلي وارا آهن جيئن ڪا سندري پنهنجي پتيءَ کي پاڻ تي موهت ڪرڻ لاءِ پنهنجي بدن تي ڀڪندڙ ويس وڳا ڪري ٿي، ۽ سندس اکين اڳيان پنهنجي حُسن جو اظهار ڪري ٿي، تيئن هيءَ ديوي ڀڪندي اچي ٿي. سورج ديوتا عاشقن وانگر سندس پٺيان ڊوڙي ٿو، ۽ ڊوڙ ۾ ڪانئس شرط کٽي وڃي ٿو، ۽ ٻئي هڪ ٻئي جي ٻڪ ۾ اچي هڪ ٿيو وڃن. سڀاڳي اُشا، اڄ اسان تي هن هنڌ پنهنجو پرڪاش ڪر!

"جيڪي صبح گذري ويا آهن، ۽ بيشمار صبح جي هن کان پوءِ ٿيڻا آهن، تن جي واٽ وٺي، هيءَ روشن اُشا اچي ٿي، ته اونده ٽاري ٿي، ۽ جيڪي ماڻهو ننڊ ۾ مئلن مثل پيل آهن، تن ۾ سجاڳي پيدا ڪري ٿي.

"سهڻي اُشا، تون جيتوڻيڪ بيشمار ورهين کان جيئري رهندي آئي آهين، ته به هر ڪنهن صبح جو تون نئون جنم وٺين ٿي، تنهنڪري تون پڪي به آهين، ته جوان به آهين.

"اڄوڪو صبح اها واٽ وٺي ويندو جا ڪانئس اڳي هر ڪنهن صبح ورتي. هن کان پوءِ جيڪو صبح ٿيندو سو به اُشا جي پٺ وٺي ويندو. قديم زماني ۾ جن ماڻهن اُشا جي واٽ نهاري ٿي، سي گذاري ويا. اڄ سندس اچڻ تي اها اسين پيا ڏسون، ۽ اسان کان پوءِ جيڪي پيا پيدا ٿيندا، سي آئيندي انهيءَ ديوي جا ترورا پسندا." (رگ ويد، منڊل پهريون، ١١٣، ٧- ١١).

'Fair Ushas, though through years untold
Thou hast lived on, Yet thou art born
Anew on each succeeding morn.'

And so thou art both young and old."
"All those who watched for thee of old
Are gone, and now, tis we who gaze
On they approach; in future days
Shall other men they beams behold,"
(Muir, Original Sanskrit Text, Vol. V p. 196)

هيءَ نسوري شاعراڻي پلٽ آهي. انهيءَ جو جيڪو مزو اصلوڪي مضمون مان ايندو سو ترجمي مان اچي ڪين سگهندو. انهيءَ هوندي به ايترو چئبو ته رگ ويد جي هن مضمون کي جيتوڻيڪ هزارها ورهيه گذري ويا آهن، ته به اڄ به اهڙو ئي تازو پيو لڳي، جهڙو انهيءَ زماني ۾ آڳاٽن ماڻهن کي لڳو ٿي.

پيا مکيه ديوتائون. رگ ويد ۾ جن ديوتائن جو ذڪر آهي، تن مان هرهڪ جو مٿين، ريت وستار ڪجي، ته هڪ چڱو خاصو ڪتاب ٺهي پوي. انهيءَ سبب هتي رڳو ايترو ڄاڻائجي ٿو ته رگ ويد ۾ پيا مکيه ديوتائون پرجا پتي (برهما)، اشوني ڪمار (شايد شفق ۽ صبح جا تارا)، يم ديوتا ۽ منو پڳوان آهن. جيئن عيسائي، يهودي ۽ مسلمان وغيره مڃين ٿا ته پهريون انسان آدم هو، جنهن مان انسان ذات پيدا ٿي، تيئن هندو وسهن ٿا ته اول منو پڳوان هو، جنهن مان پيا ماڻهو پيدا ٿيا. "ماڻهو" لفظ اصل ۾ آهي "منشيه" يعني "منوءَ جو اولاد". ساڳيءَ ريت "آدمي" معنيٰ "آدم جو اولاد".

آڳاٽا آريه لوڪ سوم نالي هڪ ٻوٽي جي رس پيئندا هئا، جا چنڊ جهڙي اڇي ۽ روشن هوندي هئي. اها نهايت ڳڻاڪاري هئي، تنهنڪري انهيءَ ٻوٽيءَ جي اُپرائيندڙ ديوتا کي به "سوم" سڏيندا هئا. رگ ويد، جو سڄو نائون منڊل سوم جي ساراهه سان ڀريل آهي. جيئن سج جو روپ اگني آهي، تيئن سوم جو روپ چندرما (چنڊ) آهي، ۽ اهو به "سوم" سڏجي ٿو. "سومر - سومار" معنيٰ "سوم يا چندرما (چنڊ) جو ڏينهن" (Monday: Moon-day) ويدن جي براهمڻن ۾ سوم (چنڊ) کي امرت جو نياڻ سڏيو اٿن. چنڊ جي سهائي پکر ۾ ديوتائون اهو امرت پيئن ٿا ته چنڊ جي ڪلا ڏينهون ڏينهن وڌندي وڃي ٿي، ۽ اونداهي پک ۾ پتر اهو امرت پيئن ٿا ته

چنڊ جي ڪلا وجي گهٽبي. هي ڳالهيون پراڻن ۾ به لکيل آهن.

آڳاٽا لوڪ سنڌونديءَ کي هڪ مکيه ندي ڪري سمجهندا هئا، تنهنڪري ان جي گهڻي اُستتي ڪئي اٿن. پر سرسوتي نديءَ کي هڪ پوتر ندي ڪري ليکيندا هئا. تنهنڪري ان کي ديوي ڪوٺيو اٿن. سرسوتي ندي جي ڪناري تي گهڻا يگيه ڪندا هئا ۽ ويدن جا منتر اُچاريندا هئا. انهيءَ سبب سرسوتي نديءَ کي ڪٿي پوتر ندي ته ڪٿي وديا جي ديوي سڏيو اٿن، ۽ ان کي گهڻو واکاڻيو اٿن. انهيءَ قديم رواج پٽاندر اڄ ڏينهن سرسوتي وديا جي ديوي ليکي وڃي ٿي.

آڳاٽا لوڪ وسهندا هئا ته حورون يا پريون به آهن ـ انهن کي "اَپسرائون" (اپڇرائون) سڏيندا هئا. اپسرائن بابت وسهندا هئا ته انهن کي پاڻيءَ ۾ ترڻ وڻندو آهي، تنهنڪري متن اهو نالو رکيائون. "اپ" معنيٰ پاڻي ۽ "سر" معنيٰ سرڻ يا چرڻ، جنهنڪري اپسرا معنيٰ پاڻيءَ ۾ سرندڙ يا ترندڙ.

ديوتائن جو تعداد: رگ ويد جي منڊل پهرين (١٣٩، ١١) موجب، توڙي اٿرو ويد ۽ براهمڻن موجب مکيه ديوتائون ٽيٽيهه آهن: يارهن ڌرتيءَ جا جهڙوڪ پرٿوي، اگني، برهسپتي ۽ سوم وغيره. يارهن ديوتائون "مڌيم استاني" (Intermediate or aerial) يعني آڪاس يا پولار جا جهڙوڪ اندر، رُدر (گجگوڙ ڪندڙ وڄ)، مروت وايُو وغيره. يارهن "دِيُو استاني (Celes-tial) جهڙوڪ ديوس پتر (ابو آڪاس، ورڻ ديوتا، اشا (پريات)، اشوني ڪمار ديوتائن ۽ سورج. جنهن کي جدا جدا ڪري متر، پُوشڻ، سوتر ۽ وشنو سڏيو اٿن. (ڏسو ياسڪ منيءَ جو "نرڪت" ٧، ٥).

شتيت براهمڻ ۾ ديوتائن جا نالا ٻيءَ ترتيب سان بيهاري ڄاڻايو اٿن ته ٽيٽيهه ديوتائون جي مکيه آهن، تن مان يارهن رُدر، يارهن آدتيه. اٺ وسو. هڪ اندر ديوتا ۽ هڪ پرجا پتي (برهما) آهن. رُدرن ۾ مکيه آهي شنڪر، آدتين ۾ سورج (وشنو) ۽ وسن ۾ اگني. شريمد ڀاڳوت گيتا ۾ به انهن ڄاڻايل آهي. اهي ٽيٽيهه ديوتائون پوءِ ويوتين جو وستار ڪري، ڪوڙ ٽيٽيهه ڪروڙ ٿيا آهن. انهيءَ سبب هندن تان کي ڪلندا آهن. حقيقت هن ريت آهي ته ڏٺي هڪڙو ئي آهي، پر سندس صفاتي نالا بيشمار آهن ۽

آڳاٽن آرين هرهڪ کي مجسم (Personify) ڪيو آهي. انهيءَ ريت ٽيٽيهن ڪروڙن کي اچا به وڌانجي ته وڌاني سگهجي ٿو. اڳاٽن لوڪن اها ڳالهہ ناڻ ڪئي آهي، جيئن هيٺ ڄاڻائجي ٿو.

<u>ڪثرت ۾ وحدت.</u> رگ ويد جي منڊل ڏهين (٨٢، ١ـ ٣) ۾ ڄاڻايل آهي ته "سڀڪجهہ خلقڻهار وڏو آهي. اهو ئي سڀني کي خلقي ٿو، اهو ئي سڀني کي سنڀالي ٿو ۽ اهو ئي سڀني جي مٿان آهي ... جنهن پتا (پيءُ) اسان کي پيدا ڪيو آهي، جنهن کي سڀني قومن ۽ سڀني شين جي ڄاڻ آهي، سو هڪڙو ئي آهي، پر مٿس نالا گهڻا رکيل آهن." هن مان چٽيءَ ريت ظاهر آهي ته رگ ويد واري قديم زماني ۾ جيتوڻيڪ عناصرن يا تتون کي ملائيندڙ طاقتن کي ديوتائون ڪري پوڄيائون ٿي، ته به ائين ڄاتائون ٿي ته ساري جهان جو خلقيندڙ هڪڙو ئي قادر مطلق ڏٺي آهي. رگ ويد جي منڊل پهرين (١٦٣، ٣٦) ۾ به ائين ئي چيل آهي ته جيڪي سياڻا آهن، سي جدا جدا ديوتائن ۾ هڪڙو ئي ڏٺي پرجن پروڙين ٿا.

<u>ويدڪ ڌرم ڪهڙي دفعي ۾ ليکجي؟</u> ويدڪ ڌرم بابت جيڪي مٿيون حقيقتون رگ ويد ۾ ڄاڻايل اهن، تن تي ويچار ڪرڻ سان سياويڪ طرح هيءُ سوال اُٿي ٿو ته ويدڪ ڌرم جو لڇڻ (Character) ڪهڙو آهي؟ ان کي ڪهڙي دفعي ۾ ليکڻ گهرجي؟ رگ ويد ۾ جملي ١٠٢٨ سُوڪت آهن. جيڪو به سُوڪت پڙهجي ٿو، تنهن ۾ هڪ نہ ٻئي ديوتا جي اُستتي آهي. ائين گهڻن ئي ديوتائن جا نالا ڄاڻايل اهن، ۽ انهن جي پوڄا جو به ذڪر آهي، تنهنڪري هرڪو جيڪر ائين چوي، ته آڳاٽن آرين جو ڌرم "گهڻن ديوتائن جو مت" (Polytheism) هو. انهن ساڳين ديوتائن جي شڪل شبيهہ وغيره جو ائين ورنن ڪيو اٿن جو چڻ ته انهن ديوتائن جي صورت وغيره ماڻهن جهڙي هئي، تنهنڪري اهو "منڪ روپ ديومت" (An-thropomorphism) به چئبو. رگ ويد ۾ پترن جي پوڄا جو ذڪر به اهي، تنهنڪري چئبو ته "هرهڪ ماڻهوءَ جي روحاني هستي علحدي ليکڻ جو مت" (Animism) به روتن عام هو. ساڳئي وقت رگ ويد ۾ ڪيترن هنڌ ائين به ڄاڻايل آهي ته ڏٺي سڀ شي (جاندار توڙي بي جان) ۾ محيط يا وياپڪ آهي. "سمنڊ جنهن جا لڪ (Loins) آهن، سو پاڻيءَ جي قڙي ۾ به

سمايل آهي" - اهڙا جملا چٽيءَ ريت ظاهر ڪن ٿا ته [redacted] (Pantheism) تن ڏينهن ۾ ئي ڦهليل هو. هيئن به چيل آهي ته "ڏٽي هڪڙو ئي آهي، ۽ مٽس نالا گهڻا رکيل آهن. ۽ جيڪي سياڻا آهن، سي جدا جدا ديوتائن ۾ هڪڙو ئي ڏٽي پرجهن پروڙين ٿا". هيءَ چٽو اشارو "ايڪ [redacted] (Monotheism) [redacted]. اهڙيءَ طرح باريڪ ريت جاچڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته رگ ويد واري زماني ۾ ئي گهڻن مٽن جو ٻج چٽيل هو. ساڳئي وقت هيءَ ڳالهه به ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته رگ ويد جا منڊل جدا جدا زمانن جا جڙيل آهن. پر رگ ويد واري آڳاٽي، وچولي توڙي پوئين زماني ۾ نڪي هيون مڙهيون نڪي مندر نڪي ٺاڪر دوارا يا شوالا نڪي تڪاڻا. جهوني ۾ جهونا منڊل ائين ٿي ڄاڻائين ٿا ته هي قدرت جو ڪارخانو آڳاٽن آرين جو مندر هو. ۽ آڪاس، پرٿوي، سج، پون (هوا)، ۽ ٻيا عناصر جي آد کان هليا اچن، سي سندن ٺاڪر هئا. ٻين لفظن ۾ چئبو ته سندن اوائلي ڌرم هو "پرڪرتي پوڄا" يعني الاهي طاقتن جي پوڄا (Nature Worship or Naturalism) انهن جدا جدا طاقتن کي پوءِ ديوتائون ڪري ليکيائون ته سندن ڌرم "ٻهون ديومت" (Polythesim) ٿيو پاسي. انهيءَ ڪثرت منجهان ئي وحدت لوچي لڌائون. تنهنڪري اهو "ايڪ ايشوارواد" (Monotheism) چئجي ٿو. انهيءَ هڪڙي ڏٽيءَ جي ڌيان ڌاريندي کين هرهڪ ڳل مان سندس ئي واس آيو. ۽ سڀ ۾ اهو هڪڙو پسڻ لڳا. جيڏانهن ڪريان پرک تيڏانهن صاحب سامهون". حاصل مطلب قدرت منجهان ئي قادر سان ملڻ جي وات ملي ٿي، ۽ اهو ئي آڳاٽن آرين جو اوائلي ڌرم هو.

<u>ٺاڪرن جي مورتي.</u> پروفيسر منڪس ملر رگ ويد جو اڀياس ڪري ڄاڻايو آهي ته ويدڪ ڌرم ۾ ٺاڪرن جي مورتن يا پتلن پوڄڻ جي ڳالهه آهي ئي ڪانه.* ٻين به ڪيترن يورپي توڙي ڏيهي عالمن جوڄوڻ آهي ته ويدن واري زماني ۾ بت پرستي هئي ڪانه. انهيءَ هوندي به رگ ويد منجهان ڪيترن عالمن کي ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته ٺاڪرن جي مورتن يا پتلن ٺاهڻ جو رواج رگ ويد واري ڪنهن عرصي ۾ ئي جاري ٿيو هو.

* Prof. Max Muller: Chips from a German Workshop, 1-38

مندل چوٿين ۾ هڪ رشي چوي ٿو ته "ڏهه ڳايون ڏيئي، منهنجو هيءُ اِندر ڪو وٺندو؟ جڏهن اِندر ديوتا سندس دشمن دفع ڪري، تڏهن منهنجو اِندر مون کي موٽائي ڏئي!"

رگ ويد جي منڊل ائين (١، ٥) ۾ چيل آهي ته "اي وجر هلائيندڙ (اندر ديوتا) مان توکي ڪيتري به ناڻي تي ڏيئي نه ڇڏيندس. يلي ته ڪو مون کي هزار، ڏهه هزار بلڪ وڌيڪ ناڻو ڏئي". رگ ويد جي منڊل ٿئي (٣٣، ٩) ۾ رُدر (شو مهراج) جي مورتيءَ جو ذڪر آهي. هن منجهان ائين سمجهجي ٿو ته ناڪرن جي مورتن ٺاهڻ ۽ انهن جي وڪري ڪرڻ جو رواج به هو. عام طرح ماڻهو جيڪڏهن ناڪرن جي پتلن کي نه پوڄيندا هئا، ته به انهن ڏي عزت جي نگاهه سان نهاريندا هئا، ۽ جڳهو ڏن ڏيئي اهي پتلا پنهنجي گهرن ۾ رکندا هئا.

يگيه، پوڄا ۽ ڏکڻا. دنيا جا ڪيترا قديم لوڪ ائين وسهندا هئا ته جڏهن ديوتائون اسان تي راضي ٿيندا، تڏهن اهي اسان جي من جون سڀ مرادون پڄائيندا. ديوتائن جي راضپي هٿ ڪرڻ لاءِ قديم مصر ملڪ جي ماڻهن نهايت عمدا منارا ٺاهيا، جي دنيا جي عجائبات ۾ شمار ٿيل آهن. قديم هندن پنهنجن ديوتائن ٰدي پرسن ڪرڻ لاءِ يگين ڪرڻ تي زور رکيو.

يگين ڪرڻ جو رواج اڳاٽن آرين ۽ پارسين کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به قوم ۾ نه هو، تنهنڪري "يگيه" لاءِ ٻيءَ ڪنهن به ٻوليءَ ۾ پورو لفظ آهي ئي ڪونه. يگين ڪرڻ جو خيال اڳاٽن آرين کي قدرت منجهان مليو. قدرت جي ڳالهين بنسبت هنن جنهن نموني خيال ڊوڙايا ٿي، سو نمونو ئي نرالو هو، ۽ اهو اڄ به سمجهڻ سولو آهي.

آڪاس ڏي نظر ڦيرائيندي، اڳاٽن آرين کي ائين سمجهڻ آيو ته سورج ۽ بجلي (وڄ) يگيه جي اگنيءَ جو روپ آهن. برساتي موسم ۾ آسمان ۾ گجگوڙ ٿئي ٿي، ۽ مينهن وسڻ مهل اهڙا آواز ٿين ٿا، جو ڄڻ ته آسمان ۾ ساز سارنگيون، سُرندا پيا وڄن، ۽ گويا ويدن جي منترن جو ڳاين پيو ٿئي! برسات ۾ وهندڙ ندين ۽ نين جو پاڻي ڄڻ جل انجلي آهي، ۽ ديوتائون ڄڻ ته اهو يگيه پاڻ ڪرائين ٿا.* خود ديوتائن بابت ائين وسهندا هئا ته وڏا يگيه

* Barth: The Religion of India, page 37.

ڪيا اٿن، جنهنڪري اهري پدوي ملي اٿن. نہ فقط ديوتائون، پر سارو جهان يگيہ مان پيدا ٿيل ڄاڻائون ٿي. هن ڪي پلي تہ ڪو گهوڙهي فيلسوفي ڪري ليکي، يا فقط شاعراڻي خيال جي ڊوڙ ڪوٺي، تہ بہ ايترو چئبو تہ ڌرم شاسترن جي سکيا آهي "قرباني". سڀ کان وڏي شڪتي آهي ئي قرباني. عاشق پنهنجي معشوق لاءِ پنهنجو سر قربان ڪيو ڇڏي، ۽ اهو هڪ وڏو يگيہ آهي. وطن دوست پنهنجي ديس لاءِ سوين سختيون سر تي سهي ٿو، بلڪ پنهنجو پاڻ قربان ڪيو ڇڏي، ۽ اهو بہ هڪ وڏو يگيہ آهي. اسان ڀارو رواجي ماڻهو جيڪڏهن ڪنهن ٻئي جي ڀلي لاءِ پاڻ کي ٿوروئي ڪٺي پتوڙيندو يا ڪجهہ خرچ ڪندو تہ چئبو تہ اهو بہ يگيہ ڪيائين. انين يگيہ ۾ قربانيءَ جو خيال سمايل آهي. يگيہ جي اگني ڊ ڪائي، پوريءَ وڌيءَ سان ويدن جا منتر اُچارڻ، ۽ ايشور جي پوڄا ۾ مگن ٿي، پنهنجو پاڻ وساري ڇڏڻ، اهو ئي ديوتائن جي راضپي هٿ ڪرڻ جو رستو آڳاٽن هندن کي سجهي آيو، تنهنڪري يگيہ جو دستور هندن کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن بہ قوم ۾ ڪونهي. پارسي بہ اصل ۾ هندو هئا.

آڳاٽا آريہ لوڪ باهہ ٻارڻ جو هنر سکيا، ۽ آڪاس جي اِتر بجليءَ ڇڻ تہ سندن گهرن جي چلهين ۾ اچي ٽِرُ پاتو. تنهن کان پوءِ اهو يگين جو دستور جاري ٿيو، ۽ اگني پوڄا عام ٿي. اگني پوڄا ۽ يگين جو رواج ڀرگو رشيءَ جي ڪُل وارن ۾ عام هو. پرت آريہ لوڪ بہ اگنيءَ جي اوائلي پوڄارين مان هئا، جنهنڪري خود اگني "پارت" سڏي وئي آهي (رگ ويد، منڊل ڇهون، ٧، ١، ۽ منڊل چوٿون ٢٥، ٣) اترو ويد تي اترون رشيءَ جو نالو پيل آهي. انهيءَ رشيءَ "اترون" يعني باهہ ٻارڻ جو هنر جاري ڪيو هو، تنهنڪري انهيءَ نالي سڏجڻ ۾ آيو. پارسي بہ اصل هندو آريہ هئا، ۽ اهي پنهنجي پروهتن کي "اترون" سڏيندا هئا، ۽ اِهي اترون کين اگني پوڄا ڪرائيندا هئا.

رگ ويد مان ظاهر آهي تہ آڳاٽن آرين انين ٿي سمجهيو تہ يگيہ جي اگني ڊ ڪائي، ان ۾ آهوتي وجهجي ٿي، تہ اگني جيئي ڪيڏي عرشين وڃي لڳي ٿي، ۽ آهوتيءَ جو واس اگن ديوتا آڪاس ۽ ٻين ديوتائن تائين پهچائي

ٿو، تہ ديوتائون پرسن ٿي اسان جن چلھين وٽ اچي مِڙن ٿا، ۽ جيڪو پوڄن وغيره اگنيءَ ۾ وجهجي ٿو، تنھن جو واس وٺن ٿا. ڪين حاضر ناظر ڄاڻي، اسين جيڪي ويدن جا منتر اُچاريون ٿا، سي ٻڌي ھو پرسن ٿين ٿا، ۽ اسان جي من جون مرادون پوريون ڪن ٿا. ھيءُ اگنيءَ بابت مضمون انگريزي شعر ۾ ميوئر صاحب آندو آھي، جنھن مان ٿورو ٽڪر نموني لاءِ ھتي ڏجي ٿو.

A swift winged messenger, thou callest down
From heaven, to crowd our hearths, the race divine
To taste our food, our hymns to hear, benign
And all our fondest aspirations crown.
(J. Muir, Original Sanskrit Texts, Vol. V. Page 221)

اڳاٽن آرين ائين ڄاتو تہ يگيہ ڪرڻ ڪري ئي منداٽتا مينھن وسن ٿا، فصل ڀلا ٿين ٿا، جنھنڪري سيني ساھوارن جي جيوت سکي نبري ٿي، نہ تہ ساري سنسار جو چرخو جيڪر اُلٽ پلٽ ٿي وڃي. ان وقت جا راجائون تہ ائين بہ وسھندا ھئا تہ جنگين ۾ سوڀ بہ يگين ڪرڻ ڪري ٿئي ٿي، ۽ من جون ھيون سڀ مرادون پڄن ٿيون. ھو پراوا ملڪ جيتي اشو ميڌ يگيہ ۽ راجسو يگيہ ڪندا ھئا، ۽ ڪٿان ڪٿان جا راجائون انھن يگين ۾ اچي شامل ٿيندا ھا، ۽ يگيہ ڪندڙ راجا کي پنھنجي پنھنجي ملڪ جون قيمتي سوغاتون آڻي ڏيندا ھئا، جنھنڪري راجائن کي يگين ڪرائيندي ھيڪاري گھڻي خوشي ٿيندي ھئي. اھي يگيہ براھمڻ ڪرائيندا ھئا، جنھنڪري براھمڻن جو نھايت گھڻو مان ھوندو ھو.

"يگيہ" بدران "يجنيہ" بہ چئبو آھي، جنھن جو اُچار سنڌي ۾ آھي "جُڳُ". "جُڳ" لفظ ۾ ئي خوشيءَ جو خيال سمايل آھي تہ بجنسي جُڳ ڪندڙن کي ڪيتري خوشي ٿيندي ھئي، تنھن جو تصور ھرڪو پاڻيھي ڪري سگھي ٿو.

رگ ويد مان معلوم ٿئي ٿو تہ ديوتائن کي پرسن ڪرڻ لاءِ قديم آريہ لوڪ قسمين قسمين يگيہ ڪندا ھئا. اٿرو ويد مان معلوم ٿئي ٿو تہ اُماس، چنڊ ۽ پورڻماسي تي ٻَليون چاڙھيندا ھئا (اٿرو ويد، منڊل ستون، ٧٩، ٨٠، ٨١). بہ ساليانہ يگيہ ڪندا ھئا، جن جو واسطو چيٽ ۽ ڪتيءَ جي فصلن

سان هو (اٿرو ويد، منڊل ٽيون).

رگ ويد واري زماني ۾ "ستر" (Sattra) ڪندا هئا، ۽ اهو هڪ وڏو يگيہ هو. اهو ٽيرهن ڏينهن کان وٺي هڪ سؤ ڏينهن تائين سانده هلندو هو. اهو يگيہ اڪثر سانوڻيءَ ۾ ڪندا هئا تہ منداٽتا مينهن پون، چوماسو چڱو ٿئي تہ فصل ڀلا ٿين. اٿرو ويد مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪي يگيہ نو ڏهہ مهينا تہ ڪي ٻارهن مهينا سانده ڪندا هئا (اٿرو ويد، منڊل پهريون، ٣، ۴).

يگيہ ودوان پنڊت ڪرائيندا هئا، جي ويدن جا منتر نهايت پوريءَ وڏي سان اُچاريندا هئا

پوڄا مهل هڪ ويڏي (Attar) ٺاهيندا هئا، جنهن ۾ يگيہ جي اگني دکائيندا هئا. جيڪو پروهت پوڄا ڪرائيندو هو، تنهن کي اهو پوڄن ڪارائيندا هئا، جو "دڪشٽاگني" (دڪشڻ + اگني) يعني ويڏيءَ جي ڏکڻ * طرف واري اگنيءَ (باهہ) تي تيار ٿيل هوندو هو. انهيءَ "دڪشٽاگنيءَ لفظ مان "ڏڪٽا" لفظ نهيو آهي. مطلب تہ اصل "ڏڪٽا" (پيٽا يا ارداس: اها هئي، جو پروهتن کي "دڪشٽاگنيءَ" تي تيار ٿيل پوڄن ڪارائيندا هئا. اهڙن وقتن تي پروهتن کي گئودان ڪندا هئا، جا پوڄا مهل ڏکڻ طرف بيهاريندا هئا. تنهنڪري "ڏڪٽا" لفظ جي ٻوءِ معنيٰ تي "اها ڪير ڏيندڙ ڳانءِ جا پروهت کي پوڄا ڪرائڻ مهل پيٽا طور ڏجي". ڪي ڳانءُ بجنسي ڏيندا هئا. تنهنڪري ٻوءِ ڏڪٽا لفظ جي معنيٰ تي اهو روڪ ناڻو جو پروهت کي پوڄا ڪرائڻ مهل پيٽا طور ڏجي". ڪي ڳانءِ بجنسي ڏيندا هئا، تہ ڏڪٽا لفظ جي معنيٰ تي اهو روڪ ناڻو جو پروهت کي پوڄا ڪرڻ لاءِ ڏجي. ائين "ڏڪٽا" لفظ جي معنيٰ تي پيٽا يا ارداس. اهڙن وقتن تي راجائون وڏيءَ دل سان پروهتن کي موتي بہ دان ڪندا هئا. سنسڪرت ساهت ۾ ڪيترا اهڙا مثال آهن، جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ساهميءَ جي هڪ پُٽ ۾ راجا پاڻ وهندو هو، ۽ ٻئي ٻڙ ۾ پنهنجي تور جيترو سون وجهائيندو هو، ۽ اهو سڀ سون پروهت کي ملندو هو. هيءَ ڳالهہ جاٽائي

---

* "ڏکڻ" لفظ جي اصل معنيٰ هئي "اُپرندو" يا "ساڄي هٿ وارو پاسو" ٻوءِ معنيٰ ۾ ڦير ٿيو. ائين گهڻن لفظن جون معنائون ڦريون آهن. مثلاً "اُشٽري" لفظ جي معنيٰ هئي "مينهن" (Buffalo) ۽ هاڻ معنيٰ اٺس" اُٺُ" (She – Camel).

تي تہ ملڪ نهايت پريو پاڳيو هوندو هو. راجائن وٽ چوپايو مال بہ اهار هوندو هو، ۽ هو وڏيءَ دل سان رشين کي چوپايو مال ۽ سون دان ڪندا هئا. جنهنڪري رشي بہ نهايت پريا پاڳيا هوندا هئا.

<u>پرش ميڌ يا نر بلي</u> Human Sacrifice . قديم زماني ۾ جيئري تي جيئري پرڻجڻ جي بد رسم کان سواءِ بيو هڪ وڏيڪ هيبتناڪ رواج عام هو، جنهن جو يڳين سان واسطو آهي. قديم هندو جڏهن ڪنهن جنگ ۾ سوڀارا ٿيندا هئا، تڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي بل چاڙهيندا هئا. اها پُرش ميڌ" يعني ماڻهوءَ جي قرباني ڪوٺبي هئي. پراڻن ۾ انهيءَ کي "نَر بلي" يعني "نر يا مرد جي بل" بہ سڏيو اٿن. جنگ ۾ مخالف ڌر جا جيڪي ماڻهو گرفتار ڪندا هئا، تن کي پنهنجو داس يا ٻانهو بنائيندا هئا، ۽ انهن مان هڪڙو جٽو بَک ڪيندا هئا.* انهيءَ رواج پوءِ هڪ عجيب ڦيرو کاڌو. يڳيہ ۾ قرباني اها ڪيجي، جا پاڻ کي پياري لڳندي هجي. انهيءَ سبب شايد انين سمجهڻ لڳا تہ ڪو ڏاريو ماڻهو قربان ڪجي، تنهن کان پنهنجو ڪو ويجهو عزيز بل چاڙهجي، تہ ديوتائون وڌيڪ پرسن ٿين، ۽ اُن جو ڪو چڱو ڦل ڏين. هو پوءِ پنهنجي گهر جو ڪو پاتي قربان ڪرڻ لڳا!

قديم زماني ۾ پيءُ کي پنهنجي اولاد ۽ ڪٽنب جي سيني پاتين جي مٿان ڪلي اختيار هوندو هو. پيءُ پنهنجي پٽ کي بل چاڙهي ڇڏيندو هو، يا ڪو اولاد ناٺي تي نيڪال ڪري ڇڏيندو هو تہ ساڻس ڇان چون ڪرڻ جي ڪنهن کي بہ اختياري ڪانہ هوندي هئي. هن بابت انتريہ براهمڻ ۾ ڄاڻايل آهي تہ ستوادي راجا هرشچندر سڪا ڪئي هئي تہ "مون کي جيڪو پهريون پٽ ڄمندو سو ورڻ ديوتا تي بل چاڙهيندس". ڪيس پوءِ روهت نالي پٽ ڄائو، پر پنهنجي سڪيلڌي پٽ کي بل چاڙهڻ تي دل نہ وريس، تنهنڪري پرش ميڌ ڪرڻ کان ٽٽائڻ لڳو. روهت پوءِ وڏو ٿيو تہ پڻس پنهنجي ڪيل سڪا بابت ٻڌايس. روهت کي پنهنجيءَ جان جو خوف لڳو،

---

* آسٽريليا جا قديم رهاڪو بہ ائين ڪندا هئا. ڪولن ۽ سنٿالن بابت عالمن جو چوڻ آهي تہ اهي آسٽريليا طرفان آيا هئا. تنهنڪري پانئجي ٿو تہ هندستان ۾ ڪولن ۽ سنٿالن اهو "پرش ميڌ" جو رواج هلايو هو، جو پوءِ آرين بہ اختيار ڪيو هو. ـ مصنف

سو جهنگ منهن ڏيئي پڄي ويو. ۽ ڇهه ورهيه سانده ڪنهن بن ۾ لڪي پئي گذاريائين. ائين ٻاويهه ورهيه لنگهي ويا. ڪنهن وقت راجا هرشچندر کي ڪوڙهه ٿيو. ڪيس وهم اچي دل تي ويٺو ته ورڻ ديوتا سان سڪا نه ٻاڙي اٿم. تنهنڪري هيءُ پوڄنا تو پوڄيان. روهت کي ڪنهن طرح انهيءَ ڳالهه جي سڌ پئجي ويئي. هيءُ صالح پٽ چوڻ لڳو ته "منهنجو پيءُ نوبنو ٿئي، پوءِ منهنجو سر ويو ته صدقي ٿيو!" انهيءَ اعليٰ خيال اچڻ سان هو جهنگ ڇڏي شهر ويو. ۽ پنهنجي سر قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. وات تي آجيگرت نالي هڪ براهمڻ گڏيس، جو ڀارگو رشيءَ جي ڪُل مان هو. هو بک ۾ ٻاهه ٿي ٿيو. روهت چيس ته "اي برهمڻ جيڪڏهن پنهنجن پٽن مان هڪڙو منهنجي بدران ٻلِ چاڙهڻ لاءِ ڏيندين ته مان توکيَ هڪ سؤ ڳئون ڏيندس". انهيءَ آچ تي براهمڻ هرڪجي ويو. انهيءَ براهمڻ کي ٽي پٽ هئا، جن مان وڏي پٽ ڏيڻ تي سندس دل نه وري. ۽ ننڍي پٽ ڏيڻ تي جوٽس جي دل نه وري انهيءَ سبب وچون پٽ شنهه شيپ نالي روهت کي ڏنائين، جنهن پنهنجي پيءُ راجا هرشچندر ڪان هڪ سؤ ڳايون وٺي ڏنيس. تن ڏينهن ۾ دستور هوندو هو ته جنهن ماڻهوءَ کي ٻلِ چاڙهيندا هئا، تنهن کي اول "يُوپ" يعني ٻلِ واري ٿنڀي سان قابو ڪري ٻڌندا هئا. ۽ پوءِ سندس سنڌ سنڌ ڪپي، يگيه جي اگنيءَ ۾ وجهندا هئا. راجا هرشچندر جي ماڻهن مان ڪنهن جي به دل نه وري ته ڪو براهمڻ جي پٽ کي يوپ سان ٻڌي. انهيءَ تي ڇوڪري جي لوڀي پيءُ چيو ته "مون کي جيڪڏهن ٻيون هڪ سؤ ڳايون ملنديون ته مان پنهنجي پٽ کي يوپ سان ٻڌندس". راجا هرشچندر اها ڳالهه قبولي، ته هن پنهنجي پٽ کي يوپ سان ٻڌو پر ٻالڪ کي کهڻ ڪنهن به نه قبوليو. انهيءَ تي هن نردئي براهمڻ اجيگرت چيو ته "مون کي جيڪڏهن ٽيون هڪ سؤ ڳايون ملنديون، ته مان پنهنجن هٿن سان پنهنجو پٽ ڪهندس" راجا هيءَ ڳالهه به قبولي ۽ هو پوءِ پنهنجي پٽ کي کهڻ لاءِ ڪاتي تکي ڪرڻ لڳو. شنهه شيپ ڏٺو ته هاڻ اجهو ٿو ڳتِرا ڳتِرا ٿيان. پنهنجو ڪوبه اوهي واهي نه ڏسي، هن سچيءَ دل سان ديوتائن کي پڪاريو. سندس هيءَ جگر ڏاريندڙ حالت ڏسي، شايد ديوتائن کي به ڏک ٿيو، جو ڏسو ڪرتار جي قدرت، جو جن زنجيرن سان هو جڪڙيو پيو

هو. سي ٻاڻ مرادو لهي پيس، ۽ هيءُ آزاد ٿيو. پوءِ ته راجا جو مرض به ڇٽي ويو. جنهنڪري پرش ميڌ جي ڪابه ضرورت ڪانه ٿي. شنهه شيپ ڪي پٽس ڪتري راجا (هرشچندر) ڪان وڪٽي ڇڏيو هو، تنهنڪري هو براهمڻ جي دفعي مان نڪري ويو. هن ڪان پوءِ وشوامتر پنهنجو ڌرم جو پٽ ڪيو، ۽ ديورات نالو رکيائينس. هيءَ ڪٿا شريمد ڀاڳوت (اسڪند نائين) ۽ وشنو پراڻ چوٿين ۾ به ڇاٿايل آهي. هن ڪٿا مان به مکيه ڳالهيون ظاهر آهن:

(١) پرش ميڌ جو رواج ٿوري ڪي گهٽي قدر هو.

(٢) پيءُ کي ايڏي اختياري هوندي هئي، جو ڪهڙو به پٽ ٻل چاڙهي سگهندو هو. پيءُ کي پنهنجن پٽن تي ايڏي اختياري قديم رومن لوڪن ۾ به هوندي هئي، جنهن کي (Patria Potestas) چوندا هئا. اج تائين مائٽ پنهنجي اولاد تي ڪي اختياريون هلائين ٿا، پر اهي ٻين قسمن جون آهن. مثلاً ڪي ماڻهو پنهنجون نياڻيون جن سان پرڻائين ٿا، تن کان اول چڱي خاصي رقم وٺن ٿا. ائين ڪي نياڻين جو وڪرو ڪن ٿا. اهو رواج رگ ويد واري زماني ۾ به ڪن ڪن ماڻهن ۾ هوندو هو (منڊل پهريون، ١٠٩، ٢)، نه ته عام طرح ڪنياداڻ ڪندا هئا. سڄي هندستان جا ماڻهو هن وقت ٻي اختياري هيءَ هلائين ٿا، جو پنهنجو ٻار ٻئي کي گود ۾ ڏيئي سگهن ٿا. ائين ڪرڻ ۾ ٻار کي ڪوبه نقصان ڪونه ٿو پهچي، هو ته ٻاڻ وڃي ٻئي جي ملڪيت جو وارث بڻجي ٿو، ته به ايترو ڇنبو ته مائٽ اها اختياري هلائين ٿا. انهيءَ اختياريءَ هلائڻ تي به هڪ بندش آهي. سڄي هندو جاتيءَ لاءِ هيءُ عام قاعدو آهي ته ڪوبه هندو پنهنجو هڪڙو ئي سڪيلڌو پٽ ٻئي ڪنهن کي گود ۾ ڏيئي نٿو سگهي. جيڪڏهن ڪو گود ۾ وٺندو ته به اهو ڌرم جو پٽ ڪانئس پوءِ سنديس ملڪيت جو وارث ٿي ڪين سگهندو ڇاڪاڻ ته پٽ وري پنهنجن اصلوڪن مائٽن جو ليکبو. اج ڪالهه اهو ئي قاعدو ڪورٽن ۾ جاري آهي..

آڳاٽا لوڪ پوءِ ڪنهن ماڻهوءَ کي ٻل چاڙهڻ بدران ڪو جانور ٻل چاڙهيندا هئا. پوءِ اها رسم به بند ڪري چانورن جي لولي بَڪ_طور ڪيندا هئا.*

* Upendra Nath Ball, Ancient India, p. 50.

پرش ميڌ جو رواج ڪن صدين کان بند ٿي ويو آهي، ته به ڪي ڪي قومون اج تائين ڪو ماڻهو بک ڪڍن ٿيون. اهڙا مثال بعضي بعضي اخبارن ۾ ڇپجي پڌرا ٿيندا آهن. اهڙو هڪ مثال سنڌ ۾ به ٿيو هو، جو سنڌ گزيٽيئر ۾ ڄاڻايل آهي. اها حقيقت هن ريت آهي:

ننگرپارڪر شهر کان ٻه ڪوهه کن پري اتر الهندي طرف ڪارونجهر ٽڪريءَ جي هنج ۾ هڪ مڪان "پوڌيسر" نالي آهي. پوڌو نالي هڪ پرمار راجپوت عيسوي ڇهين صديءَ ۾ ٿي گذريو آهي. سندس پيءُ جو نالو جيسو پرمار هو. هن هتي هڪ تلاءُ تيار ڪرايو هو، جو ويڪرائي ۾ ٻه سو فوٽ ۽ ڊيگهه ۾ انهيءَ کان ٻيڻو آهي: انهيءَ تلاءُ سبب اج تائين اهو هنڌ "پوڌيسر" يعني پوڌي جو تلاءُ سڏجي ٿو. اتي جو حاڪم به پاڻ هو.

پوڌي پرمار وڏا خرچ ڪري تڪليفون ولي، پنهنجي رعيت جي سک لاءِ هيءُ هيڏو سارو تلاءُ تيار ڪرايو، پر ڏٺيءَ جي اهڙي قدرت جو جيئن هيءُ تلاءُ جڙيو، تيئن برسات جي بوند به ڪانه پيئي، جنهنڪري ڪڏهن به پاڻيءَ سان نه پريو. هو پوءِ پنهنجي چڱي ڪٽي ڪنهن پنڊت وٽ ويو ۽ چيائينس ته "مون کي ڇتي ڏسي ڏيو ته ڪهڙو گرهه اچي ويٺو اٿم، جو تلاءُ پرجي ئي نٿو". پنڊت چيس ته "پنهنجو پٽ ديويءَ تي ٻل چاڙهيو ته اٽيچو اوهان جو ڪاريه سڌ". پنڊت جي اها ڳالهه ڳنڍ ٻڌي، پوڌي پرمار پنهنجو پٽ وجي ٻل چاڙهيو! ڏٺيءَ جي قدرت جو انهيءَ پرش ميڌ کان پوءِ برسات پيئي، ۽ تلاءُ پريو! هيءَ ڳالهه سنڌ گزيٽيئر جي جلد (ب) پاڳي ڇهين ۾ ٿرپارڪر ضلعي جي احوال ڏيندي ڄاڻائي اٿن. ڪئپٽن ريڪس پنهنجي ڪتاب ٿر جي احوال ۾ به ان جو ذڪر ڪيو آهي. جيڪڏهن هيءَ ڳالهه سچي آهي ته پوءِ چئبو ته سنه ٥٢٣ع ڌاري جڏهن پوڌو پرمار جيئرو هو، تڏهن به پرش ميڌ جو رواج هو، جنهنڪري پنڊت اهڙي صلاح ڏني، ۽ پوڌي ان جي پيروي ڪئي.

ٻليون چاڙهڻ. سنڌو ماٿري جي رهاڪن وٽ ڪو ڪارج منگل ٿيندو هو ته ويهه ڏاند يا ٽي سو مينهون اندر ديوتا تي ٻل چاڙهيندا هئا (رگ ويد، منڊل پنجون، ۲۹، ۷، ۽ منڊل ڏهون، (۸٦، ۱۴). اشوميڌ يعني گهوڙن جي قربانيءَ جون يگيه راجائون ڪندا هئا (منڊل پهريون، ۱٦۲، ۱۲). سمي

پئي ڪيترن مڇي ماس کائڻ صفا بند ڪري ڇڏيو، ۽ ڪوس بہ بند ڪيائون. ڪي گوشت کائڻ ۽ ٻلين چاڙهڻ جو رواج ٻوءِ بہ قائم رکندا آيا. ڪاليءِ يا ديويءِ جا پوڄاري ڪاليءِ جي مندرن ۾ وڄي ٻل چاڙهيندا هئا. ١٨٩٤ع تائين سنڌ جي عاملن توڙي ڀائيبندن ۾ عام رواج هو تہ وهانءَ مهل گهوٽ ۽ ڪنوار جي مٿان ٻڪرو گهوري اهو وڃي ٻل چاڙهيندا هئا. سن ١٨٩٥ ـ ١٨٩٦ع ڌاري حيدرآباد جي شهر ۾ ڀائي ڪلاچند صوفيءَ اهو رواج بند ڪرايو، پر ٻهراڙين ۾ ڪي ڀائيبند اهو قديم رواج اڄ تائين هلائيندا اچن ڪيترين قديم قومن ۾ رواج هو تہ جيڪو جانور ٻل چاڙهيندا هئا، تنهن جي سسي هڪڙي ئي ڌڪ سان ڌار ڪندا هئا. ڪيترا سک "جهاٽڪو" ڪن ٿا، سو قديم رواج جو نشان آهي.

هندو سڀيتا جا بانيڪار. هندو سڀيتا جا بانيڪار "رشي" آهن. "رشي" انهن کي چئبو آهي، جن ويدن جون رچائون (Hymns) چيون آهن. مطلب تہ رشي "ڪوي" يعني شاعر هئا. اڄ جيڪو علم عروض جي قاعدن پٽاندر شعر جوڙي ٿو، سو شاعر سڏجي ٿو. ائين ڪيترن کي شوق ڪٿي شاعر ڪيو آهي، نہ تہ سچ پچ تہ اهي فقط "سگهڙ" (Poetasters) آهن. شاعري ٻي شي آهي. شاعر يا ڪويءِ جي اصل معنيٰ هئي "ڄاڻو". دنيا ۾ جيڪي وهي واپري ٿو، تنهن جي سڌ جيتري شاعر کي آهي، تيتري ٻئي ڪنهن کي ٿي ڪين سگهندي. ڀلي تہ ڪو ڪيترو بہ علم پرائي عالم ۽ فاضل ٿئي، ۽ ويد پڙهي وڏو پنڊت ٿئي. پر ڪويءِ يا شاعر کي ئي اندرين سوجهيءِ جو ورثو عطا ٿيل آهي. اها اندرين سوجهي هڪ الاهي ڏات آهي، جنهن جو ذات پات سان ڪوبہ لاڳاپو ڪونهي. رشين مان ڪي براهمڻ، تہ ڪي کتري تہ ڪي داسين يا ٻانهين جا ٻار (شودر) هئا. مثلاً وسشٽ مني براهمڻ هو، وشوامتر اصل کتري هو، ۽ ڪاڪشون رشي اُشيج نالي هڪ داسي يا ٻانهيءِ جو ٻار هو.

"ڏات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي".

شاهه

رشين جو ڪو ڌار فرقو ڪونہ هو. رواجي ماڻهن وانگر اهي بہ مڱبا پرڻبا هئا، ۽ ٻارن ٻچن وارا هوندا هئا؛ اِهي چوپايو مال ڌاريندا هئا، کيتي ڪندا

ھئا. ھٿيارن ۽ ھنرن ھلائڻ ۾ پڙ ھوندا ھئا. يگيہ ڪندا ھئا. ٻليون چاڙھيندا ھئا. ۽ ديوتائن جو پوڄن ۽ ايشور جي اُستتي ڪندا ھئا. رواجي ماڻھن ۽ رشين ۾ مکيہ تفاوت ھيءُ ھو تہ انھن رشين کي جيئڻ جينن الھام ٿيندو ھو، يا سرسوتي ٻولائيندي ھئي، تيئن ويدن جون رچائون چوندا ھئا. اھي وڏي دماغ وارا ھوندا ھئا، ۽ انيو ڪُليل ھون. ھو ڌرتيءَ کان وٺي آسمان تائين پنھنجي شاعراڻي نظر سان نھاري، پوءِ پنھنجي اندر ۾ جھاتي پائي، قسمين قسمين ڪاميابيون پائيندا ھئا. اھي رشي ھئا، جن اول ڏڻ ڏارڻ ۽ کيتي ڪرڻ جا رواج وڌا، ۽ پاھ ٻارڻ جو ھنر ۽ ٻيا ھنر ۽ ڪاريگريون ڳولي لڌائون. ماڻھن جي جان ۽ مال جي بچاءَ خاطر ڳوٺر بہ اول انھن ٺاھيا. ڳوٺرن ۾ پاڻيءَ جي انگ پيدا ڪرڻ لاءِ ساڳئي ڳوٺر مان ٻرڻجڻ جي منع ڪيائون، تہ سڀ ڳوٺري ھڪ ٻئي جي زالن ۽ نياڻين کي پنھنجن مائن ۽ ڀينرن جھڙو ڪري سمجھن. انھيءَ رستي اختيار ڪرڻ سان ماڻھن ۾ غيرت جو انگ جاڳايائون.

چراگاھن ۽ ٻنين جي حدن ۽ ٻين اھڙين ڳالھين تان ڳوٺائن جو ھڪ ٻئي سان تڪرار نہ ٿئي ۽ صلح سانت ۾ گذارين، تنھن لاءِ گھڻن ڳوٺن جون گڏيل پنچاتيون ٺاھيائون. انئين راڄنيتي جوڙجڪ اھڙي ڪيائون جو رعيتي راڄ برپا ٿيا، ۽ آخر جدا جدا ھنڌن لاءِ راجائون مقرر ٿيا، جن تي ماڻھن جي جان ۽ مال ملڪيت جي سلامتيءَ جو بار وڌائون. راجائن کي ڪيئن راڄ ڪرڻ کپي، ۽ رعيت کي پنھنجي راجا سان ڪيئن ورتڻ گھرجي، سي قاعدا بہ جوڙيائون، تہ ھرڪو نيڪ ديسواسي ٿي رھي، ۽ بچڙن بدڪارن کي بہ جرئت نہ ٿئي، جو پاڻ کان ھيڻن کي ھيسائين يا ھنن جو ڌن مال ڦرين.

ماڻھن کي ڌرم ۽ نيتيءَ جون واٽون بہ سيکاريائون. سيني ماڻھن جي جيوت سکي نبري، ۽ مندائتا مينھن وسن، تہ ڏيھ ۾ ڏڪار نہ پوي، تنھن لاءِ اندر ديوتا، ورڻ ديوتا، ۽ ٻين ديوتائن جي پوڄائن، يگين ۽ ھون ھوم ۽ ٻين ڪريائن ڪرمن جا رواج وڌائون. انئين شروع کان وٺي سپيتا جو ڳاڏو سوڌيءَ راھ تي ھلائي، سڄي ھندو جاتيءَ کي وڏي اوج تي

رسايائون. ان وقت جي سيني هندو ماڻهن، راءِ توڙي رنڪ ائين ئي جاتو. ته اهي رشي ۽ براهمڻ ئي آهن، جي ويدن جا منتر پوري، وڏي، سان اُچارين ٿا، ته ديوتائون پرسن ٿين ٿا. جنهنڪري ماڻهن جي من جون سڀ مرادون پوريون ٿين ٿيون، ۽ جنگين ۾ سوڀ، ۽ ٻين سيني ڳالهين ۾ فتح ٿئي ٿي. انهي، سبب سڀ ماڻهو رشين ۽ براهمڻن کي پوڄڻ لڳا. ۽ ڪين پنهنجي ڪل جو پروهت ڪيائون. خود راجائون سندن اڳيان سر جهڪائيندا هئا. ۽ سندن چرن ڏنندا هئا. اشوميڌ يڳيه، راجسويه يڳيه ۽ ٻيا يڳيه ڪائن ڪرائيندا هئا. ۽ ڪين موتي، سون، وستر، رٿ ۽ چوپايو مال وڏي، دل سان دان ڪندا هئا. جنهنڪري رشي، وڏي، هوند وارا هوندا هئا هلندي به ايتري هين، جو راجائن کي راج گدي، تي وهارڻ توڙي گادي، تان لاهڻ سندن وس جي ڳالهه هوندي هئي. راجائون ٻڌل هوندا هئا عام خلق جي رائي سان، ۽ عام خلق ٻڌل هوندي هئي رشين ۽ براهمڻن سان تنهنڪري حڪومت جو سارو ڪاروبار رشين ۽ براهمڻ جي صلاح سان هلندو هو. ائين ڪئين صديون سانده هو راجائن جا وزير ٿي رهيا ته حڪومت جو چرخو چڱي، طرح هلندو رهي. وقتي ڪن رشين جي پاڻ ۾ اٽبٽت ٿيندي هئي، جيئن وسشٽ مني ۽ وشوامتر جي ٿي هئي، پر عام طرح اهي ساڙ وير کان آجا هوندا هئا. ڪي ته ميلو متو ئي ڇڏڻ واجب سمجهي، دنيا ترڪ ڪري، بن ۾ وڃي گذاريندا هئا. اهي ايڪانت ۾ ويهي، جيڪي فيلسوفي ۽ ايشوري گيان جون ڳالهيون سوچيائون، سي آرٽيڪن ۽ اُپنشدن ۾ ڇاٽايل آهن، جن جون ساکون يورپ، آمريڪا ۽ ٻين ڏورانهن ڏيهن جا رهاڪو اڄ تائين پيا ڪن. اهي رشي فصاحت ۽ بلاغت جا صاحب هئا. بلاغت جو مکيه اصول هي، آهي ته ڳالهائجي ٿورو پر انهي، ۾ معنيٰ وڏي هجي. هن ڳالهه جي ثابتي سوٽرن مان ملي ٿي، جن ۾ لفظ ٿورا. پر نهايت مائيدار آهن. گهڻي ڳالهائڻ مان هو ڇاٽندا ئي ڪين هئا. تنهنڪري سندن بليغ نڪتا نهايت گهڻا آهن. هن باري ۾ هڪ ڳالهه مثال طور هتي ڇاٽائجي ٿي.

هڪ لڳا باهوَ رشي، کي راجا واشڪلي، وينتي ڪئي ته "ڀلائي ڪري مون کي ٻڌايو ته آتما ڇا آهي؟" رشي، ڪڇي سانت ڪئي. انهي،

تي راجا وري وينتي ڪيس تہ "پلائي ڪري مون کي سمجھايو". رشي چيس تہ "ٻچا مان توکي سمجھايان وينو، پر تون نٿو سمجھين". "شانتو يم آتما" يعني هيءُ آتما سانت آهي (شانتي سروپ آهي). ڏسو سندس گفتگو! سهڻي لعل لطيف بہ اهڙو فيلسوفانو گفتو ٻوليو آهي تہ:

"جني ڏٺي سٽ، تني ڪڇيو ڪينڪي."

شاھ

اُپنشدن ۾ جيڪو گيان آهي، سو رڳو ٻڳو رشين جو ڪونهي. آڳاٽن رشين جي وقت ۾ جيڪي راجائون هئا، تن مان بہ ڪي وڏا فيلسوف هئا جن جي فيلسوفي اُپنشدن مان معلوم ٿئي ٿي: مثلاً ڪيڪيہ پرڳڻي جو راجا آشوپتي جو ساوتريءَ جو پيءُ هو، سو هڪ وڏو فيلسوف هو، جيئن ڇاندوگيہ اُپنشد ۾ ڄاڻايل آهي. انهن فيلسوفيءَ جون پلتون راجائن بہ پلٽيون، تہ بہ ايترو چئبو تہ هندو سڀيتا جا مکيہ بانيڪار آڳاٽا رشي هئا. جي پوءِ سڀ براهمڻ جي دفعي ۾ ليکجڻ ۾ آيا. هاڻوڪا سڀ براهمڻ سندن ڪلن مان پيدا ٿيل آهن. پنهنجن ابن ڏاڏن وانگر هو اڄ تائين پوڄائون ڪرائين ٿا، ۽ سندن ججمان سندن چرن ڌوئن ٿا، ۽ کين ڏکڻائون ڏين ٿا. ايترو چئبو تہ جيڪا شرڌا اڳوڻن ججمانن ۾ هئي، سا هاڻ گهٽو گهٽ آهي، ۽ اها بہ گهڻي قدر وڏيءَ ڄمار وارين هندو زالن ۾ آهي. رشين ۽ براهمڻن جو مان مرتبو ڪيتري قدر هو، ۽ هو ڪيتري قدر زور هئا، سي ڳالهيون مٿي اڳي ئي ڄاڻايون ويون آهن.

آڳاٽي ۽ هاڻوڪي سڀيتا جي ڀيٽ. رگ ويد واري زماني جي سڀيتا جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، سا سنڌو ماٿر جي سڀيتا آهي، ۽ اها اڄ بہ ساڳي آهي. پرش ميڌ، اشو ميڌ ۽ ٻين اهڙين ڪن جزوي ڳالهين کان سواءِ ريتون رسمون ساڳيون تہ ڪائڻ پيئڻ، چوڙڻ ماٽڻ جا نمونا بہ ساڳيا مطلب تہ نار ۽ ڪنگريون اهي ئي اڄ تائين هليون اچن.

●



سنڌ جو سچو مورخ، سنڌي ٻوليءَ ساڻس تعلق رکندڙ ٻولين سنسڪرت ۽ هنديءَ جو ماهر، انگريزيءَ جو قابل ۽ فارسي، عربيءَ جو ڄاڻو، سرڳواسي ڀيرومل 1886ع ۾ ڄائو، ويهين ورهين جي عمر ۾ ايڪسائيز انسپيڪٽر ٿي رٽائر ڪيائين.

نومبر 1924ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي جو ليڪچرر مقرر ٿيو. پر سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ته هن شروع ڪان پئي ڪئي، 1905ع ڪان وٺي سنڌي درسي ڪتابن ۾ سندس شعر ڇپبا رهيا، هو فارسيءَ ۾ تخلص "غريب" ڪم آڻيندو هو. هن لاتعداد مضمونن ۽ شعرن ڪان سواءِ پنجيتاليهه مستقل ڪتاب تصنيف ڪيا، جن مان "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، "گلقند"، لطيفي سير"، "سنڌ جو سيلاني"، "غريب اللغات"، "قديم سنڌ"، وغيره مشهور آهن.

قديم سنڌ انهن ڪتابن ۾ وڏيڪ مشهور آهي ڇو ته منجهس، سنڌ جي قديم ترين دور بابت، ايتري ته معلومات پيش ڪئي ويئي آهي جو هي ڪتاب سنڌ جي اوائلي دؤر تي "سَنَد" تي پيو آهي.

ڪاڪو ڀيرومل 1953ع ۾ اسان ڪان جدا ٿي عالم بقا ڏي راهي ٿيو، مگر سندس يادگار علمي ذخيرو اسان وٽ دائمي رهندو.

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاڻو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَــنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿـو تـہ پَڪَ ڄاڻو تـہ اُهو ڪُـوڙو آهـي. نـہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيـڪـڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرنـدڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نـہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتـي بنيـادن تـي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَنَـن پـاران ڪتـابن کـي ڊِجيِٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليڪَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جٺن جٺن جاڙ وڏي تي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)